
ABC
CERTIFIED
سَرتيون
شهيد راڻي
خاص نمبر
سنڌي ادبي بورڊ

ماهوار

**A B C**
CEERTIFIED

# سرتيون

ڄامشورو

# يادگيريون نمبر

| جلد (27) | جنوري 2016 — نومبر 2016ع خاص نمبر | نمبر (11-1/2016ع) |
|---|---|---|


**ايڊيٽر**

**گلبدن جاويد**

**مواد موڪلڻ لاءِ ايڊريس:**
ايڊيٽر، ماهوار"سرتيون"، سنڌي ادبي بورڊ،
ڄام شورو، سنڌ پوسٽ ڪوڊ نمبر: 76070
فون: 022-9213425، فيڪس: 022-9213422

**رسالي گهرائڻ لاءِ ايڊريس:**
مئنيجر، سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ، پوسٽ ڪوڊ نمبر: 71000
فون: 022-2633679

**Website:** www.sindhiadabiboard.org
**Email:**sindhiab@yahoo.com


**هيءُ خاص شمارو قيمت: 250.00 رپيا**
قيمت: 40.00 رپيا    ساليانو چندو: 400.00 رپيا
(ٽپال خرچ سميت)

**خاص نمائندا:**
عاجز منگي (سانگهڙ)
مير اسد چاچڙ (گهوٽڪي)
محمد اڪرم (ڄام شورو)
محمد صابر سولنگي (دادو)

هيءُ رسالو سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شوري ۾ انچارج مئنيجر محمد رحيم نوحاڻي ڇپيو ۽ الهڏتو وگهيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.


پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# سٽاءُ


| | | | |
|---|---|---|---|
| | منهنجي زندگيءَ جا سونا روپا ورق | پوپٽي هيرا ننداڻي | 6 |
| • | يادگيريون | ماهتاب محبوب | 13 |
| • | يادگيريون | پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز خواجه | 17 |
| • | ترڪ تي جرڪندڙ وقت جي وڃايل پوپٽ جا رنگ | شبنم گل | 24 |
| • | ڇڙوڇڙ يادگيريون | انيتا شاهه | 41 |
| • | اکيون پسي آئيون | شگفته شاهه | 48 |
| • | خود ڪلامي | روبينه ابڙو | 61 |
| • | يادگيرين جا سيلاب | ساجده جبين | 67 |
| • | ڪي يادون قيد ۾ سونهن ٿيون | زاهده تاج ابڙو | 78 |
| • | منهنجي جيون ڪٿا | نسرين وفائي | 83 |
| • | مفتي منجهه وبهار | ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ | 93 |
| • | مون کي لکڻ لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي | سنڌيا شاهه | 97 |
| • | هيءَ زندگي يادن جو هڪ وڏو سمنڊ آهي | رفعت مشرف ابڙو | 102 |
| • | روشن تارا جون روشن يادگيريون | گلشن "سنڌو" | 108 |
| • | يادگيريون | حسين مسرت شاهه | 112 |
| • | هاسٽل جون يادگيريون | پارس ميمڻ | 115 |
| • | يادگيريون | ثمينه ميمڻ | 118 |
| • | يادگيريون | امينه اڪرم انصاري | 128 |
| • | يادگيريون | ڪوثل گل | 131 |
| • | المنظر | پارس راڻي | 132 |
| • | منهنجو جنم | ارشاد سومرو | 133 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| • | هڪ انقلابي قيديءَ ڏانهن ڏيءَ جي لکيل خط جي يادگيري | ڊاڪٽر بختاور جام | 149 |
| • | ڊاڪٽر افغان جي ڪهاڻي: سندس ڏيءَ جي زباني | ڊاڪٽر ثمينہ افغان | 162 |
| • | روهڙي سيمينٽ فيڪٽري کان رني ڪوٽ تائين جو سفر | پروفيسر رشيده ڀٽي | 173 |
| • | خواب ۽ خوشبو | ڊاڪٽر ريحانہ نظير | 187 |
| • | يادگيريون | انيس هارون/ روزينہ جوڻيجو | 192 |
| • | مارگريٽ ٿيچر جون يادگيريون | ڊاڪٽر شجاع احمد مهيسر | 199 |
| • | يادگيريون | ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو | 202 |
| • | يادگيريون | زوار ڪلثوم قاضي | 210 |
| • | اسان جي ياد تي اُڪريل انوکا ڪي فسانا هن | گلبدن جاويد | 215 |




# سرتيون يادگيريون نمبر

سرتيون جو اجراءُ 1990ع ۾ ٿيو. اهو دور محترمہ شهيد بينظير ڀٽو جي وزارت عظميٰ جو پهريون دؤر هو. ان وقت ادبي بورڊ جو چيئرمن سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ هو. سرتيون جي ايڊيٽر شپ جو اعزاز مون کي مليو. هن وقت تائين سرتيون جا سوين ماهوار، ٻہ ماهي ۽ ٽماهي پرچا شايع ٿي چڪا آهن. ان کان علاوه سرتيون وقتاً فوقتاً اهم موضوعن تي خاص نمبر شايع ڪندو رهيو آهي جيڪي سنڌي ادب ۾ تاريخي حيثيت رکن ٿا جيئن (1) ڪهاڻي نمبر، (2) شاعري نمبر، (3) انٽرويو نمبر، (4) شهيد راڻي نمبر، (5) خيرالنساءِ جعفري نمبر، (6) نصرت ڀٽو نمبر، (7) امڙ نمبر، (8) يادگيريون نمبر واضح رهي تہ سرتيون "هنن نمبرز" ڪڍڻ جو پڻ ارادو رکي ٿو جيئن (1) هڪ شخصيت 100 سوال نمبر، (2) البم نمبر، (3) عورت ۽ سياست نمبر، (4) پورهيت نمبر، (5) عورت ۽ صحت نمبر، (6) شخصيت نمبر)

هي عورتن جو اهڙو پليٽ فارم آهي، جتي هڪ ئي وقت پڙهندڙن کي زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ عورتن جو مڪمل تعارف ملي ٿو. توڙي جو اسان ڪڏهن بہ سرتيون کي ادبي دنيا جو الڳ ڪمپارٽمينٽ نہ بڻايو آهي. هميشہ مرد ليکڪن کي بہ هن پرچي ۾ اعزاز سان ڇاپيو ويو آهي. پر جيئن تہ سرتيون پنهنجي نالي ۽ هيئت ۾ عورتن جي اڳواڻي ڪري ٿو انڪري وڌيڪ حق عورت ليکڪائن جو آهي. سرتيون ٻولي، مذهب ۽ هر طبقاتي فرق کان بالاتر ٿي ليکڪائن/ ليکڪن کي هم‌ٿايو ۽ ميدان فراهم ڪيو آهي. سرتيون ڇاڪاڻ تہ نرسري وارو ڪم ڪيو آهي جن ليکڪائن ۽ ليکڪن کي پهريون دفعو سرتيون ڇپيو انهيءَ مان گهڻا ئي صاحب ڪتاب بڻجي چڪيون/ چڪا آهن. پوءِ اها هر ليکڪ جي پنهنجي سوچ جي تقاضا آهي تہ کي سرتيون جو حوالو تمام سهڻي نموني ڏيندا آهن تہ ڪي وري سرتيون جو نالو وٺڻ کان ڪيٻائيندا آهن. سنڌ جي سيني ليکڪن سرتيون لاءِ لکيو آهي ۽ ساراهيو آهي.

جيئن هوا، پاڻي، پکي ۽ ٻين ڪائناتي آزاد شين کي سرحدن جي قيد ۾ بند ڪري نٿو سگهجي تيئن انساني سوچن کي بہ ملڪي حدن ۽ سرحدن تائين محدود نٿو ڪري سگهجي. ڇو تہ تهڪن سڏڪن ۽ لڙڪن جي زبان ساڳي هوندي آهي. موسمون سرد گرم ٿي سگهن ٿيون پر انساني احساس ۽ اڌما پوري ڌرتي تي هڪجهڙا هجن ٿا جيئن ساهن جو سرشتو ساڳيو آهي ۽ انساني لڳ لاڳاپا وابستگي همدردي، نفرت، پيار، عشق سڀ هر هنڌ هڪجهڙا هجن ٿا.

مون کان انٽرويوز وٺڻ وقت اڪثر صحافي پڇندا آهن تہ هي سفر ڪيترو ڪٺن رهيو آهي؟

جڏهن "ڪٺن" لفظ تي سوچجي ٿو تہ ڏرتي پيرن هيٺان سرڪندي محسوس ٿيندي آهي. پر ٻئي لمحي همت، جرئت ۽ بهادري مون سان هم ڪلام ٿي چوندي تہ آهي هي ڇويهن سالن جو سفر منهنجي لاءِ سونهن سچ ۽ ذات جو سفر رهيو آهي. شايد ان جو مضبوط دليل اهو بہ آهي تہ منهنجي لاءِ ادبي ميدان ۾ اچڻ ڪا نئين يا انوکي ڳالهہ نہ هئي. ظاهر آ مان سنڌ جي هاڪاري عالم استاد پنهنجي دؤر تي ڇانيل شخصيت ۽ قادرالڪلام شاعر احمد خان آصف مصراڻي جي ڌيءَ جي حيثيت ۾ پنهنجي سمورين علمي ادبي صلاحيتن ۽ سچائين سان سرتيون جو فرض نڀايو آهي.

ٻي ڳالهہ تہ مان سنڌ جي عظيم ثقافت ۽ تهذيب جي وارثياڻي آهيان. مون اُها سنڌ نہ صرف ڪتابن ۾ پڙهي آهي، پر اها سنڌ اکين سان اُن وقت ڏٺي جڏهن (جولاءِ 1989ع) ۾ گهر تي ڌاڙي لڳڻ دوران بابا ۽ ٻن ڀينرن سڪينہ ۽ گلبانو جي شهادت ٿي وئي تہ مون سموري سنڌ کي پنهنجي درد ۾ ڀاڱي ڀائيوار ڏٺو. سڀ کان سر فهرست شخصيت قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ مون کي آٿت ڏيندا هئا ايتري تائين جو ڪجهہ ڏينهن لنڊن ها تہ اُتان بہ فون ڪري مون کي آٿت ۽ پنهنجي موجود هجڻ جو احساس ڏياريندا هئا.

استاد بخاري هر هفتي منهنجو انتظار ڪندو هو تہ ڪڏهن ٿي يونيورسٽي مان اچي. سر ظفر حسن شاهہ هميشہ همٿايو ۽ چاچا ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ پنهنجي اولاد جيترا حق ۽ سهولتون ڏنيون. سحر امداد جو جوڙو تہ سدائين گهاٽي وڻ جي ڇانو رهيو. مئڊم خيرالنساءِ جعفري، مئڊم تنوير جوڻيجو سنڌ يونيورسٽي، مهراڻ يونيورسٽي سموريون پروفيسرياڻيون، لمس جا ڊاڪٽر، ڊاڪٽرياڻيون هي ٺنهي يونيورسٽين جا شاگرد، شاگردياڻيون سرتيون لاءِ لکندا هئا، ترجما ڪندا هئا. رپورٽون، انٽرويوز مطلب تقريباً سڀ ڇوڪريون سرتيون لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ مواد ڏينديون هيون جيئن ڪهاڻيون تہ ڪي ترجما انگريزي، اردو ادب مان ڪري ڏينديون هيون، ڪي رڌ پچاءَ جو حصو سنڀاليندريون هيون تہ ڪا پرت پرڻ ۽ ڊزائن جا صفحا پڻ ڏيندي هئي. مطلب تہ سڄي سنڌ جي ڇوڪرين رسالي کي ڪٽي ورتو. هيئنر مان شڪر گذار آهيان لعل خاتون جي جيڪا گذريل ٽن سالن کان اعزازي طور سرتيون جي پروف ريڊنگ ڪندي رهي ٿي. ائين سرتيون جو سفر جاري آهي.

_ گلبدن جاويد

پوپٽي هيرانندڻي



# منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق

ورق پهريون

مان ۽ پنا

ٻوندن جون قطارون

هوا جي طوفاني تيزي

جڻ نانگڙيون لهرائيندڙيون هليون،

پوءِ بہ ٽڏاڻ آ سڪون پري

زندگيءَ جون آدائون

تن من جي انتها پيڙا

جڻ چوگرد سؤ بلائون سرڪنديون رهيون،

پوءِ بہ جيون آ رنگ پري.

– پوپٽي

منهنجي زندگي ڪڏهن ڪان پنن ۾ ويڙهجي ويئي آهي ياد نہ اٿم. فائيل اندر پنا، فائيل کان ٻاهر پنا، ڪٻٽ اندر پنا، ڪٻٽ جي مٿان پنا، ميز تي پنا ۽ پرس ۾ پنا، ساڙهين جي وچ ۾ پنا ۽ بلائوزن جي پرسان پنا، ائين ئي پنا مون کي گهيري ويٺا آهن ۽ مان هر هميشہ پنن جي ئي صحبت ۾ ويٺي آهيان.

ان ڳالهہ تي منهنجي امي ڏاڍي ڪاوڙبي هئي پر اسان ٻن مان ڪنهن بہ هڪ، ٻئي جو ساٿ ڪين ڇڏيو آهي. اميءَ جي ڪاوڙجڻ تي ڪڏهين ڪڏهين ڪي پنا چونڊي ڦاڙي ڇڏيندي هيس پر وقت گذرڻ تي انهنجو تعداد گهٽجڻ بدران وڌڻ ئي لڳو آهي.

پڙهڻ جي عادت مون ۾ پروفيسر ڪئي. اين. واسواڻيءَ وڌي ۽ لکڻ جي، شري هاسي مل ماکيجاڻيءَ. جڏهين پهريون دفعو ميران ڪاليج ڪليو تڏهين واسواڻي مون کي انگريزي پاڙهيندو هو ۽ هاسومل ايڪانامڪس. واسواڻي مونکي انگريزي ناول پڙهڻ جو شونق ڏياريو ۽ هاسي مل لکڻ لاءِ آماده ڪندي چيو "خيال جو وستار ڪرڻ ۽ وستار واريءَ ڳالهہ کي ننڍو ڪري لکڻ جو ڏانءُ تو ۾ آهي. تون ليکڪا بڻجي سگهين ٿي."

اُهو دفعو ڪاليج ڪلي بند ٿي ويو ۽ ٻئي پروفيسر هليا ويا پر مون گهڻيئي ڪتاب پڙهيا ۽ گهڻائي رنڊا روڙيم. ٻيو دفعو ڪاليج لکڻ تي مون سنسڪرت وشيہ ڪنئي. سنسڪرت ساهتيہ منهنجو من اصل موهي وڌو. انيڪ پستڪ اُٿلايم. حيدرآباد جي بامبي بيڪريءَ وارو شامداس ٽڏاڻي منهنجي هڪ شاگردياڻيءَ جو ڏاڏو هو. هن وٽ سنسڪرت ڪتابن جو اصل خزانو رکيل هو. اُنهن ڪتابن ۾ گهڻيئي راز سمجهايل هئا. مثلا: کير ساگر ۾ ليٽيل وشڻو ڀڳوان ۽ شيش ناگ جي مورت ۾ جاگرافيءَ جا تت تہ سنسار ۾ پاڻي ڪيترو آهي ۽ زمين يڪتري، تہ دنيا جي شڪل ائين بيضوي آهي جيئن وشڻوءَ جو ناگوي بسترو... وغيره.

بنارس مان گهڻيئي ڪتاب گهرائي پڙهيم. ائين منهنجي گهر جي ڏيتي جتي هونئن آن سان پريل ڳوٽيون رکيل هونديون هيون، منهنجن ڪتابن سان پرجي ويئي! نموني نموني جون ڊڪشنريون، فلاسافي سمجهائيندڙ چارٽ ۽ دلفريب مورتيون گڏ

ڪرڻ جو شوق هئم.

ورهاڱي ڪري سڀ جو سڀ ڪتاب ائين ئي ڇڏي اڇڻا پيا. پنيان پائرن کي تاڪيد ڪري آئي هيس ته فلاڻي طرف وارا ڪتاب ضرور کڻي اچجو. پر اُنهن مان چار ئي هڪ بئي کان جدا ٿي ويا هئا ۽ ڇئن ئي کي صرف بدن تي به ڪپڙا کڻي اچڻ جي اجازت ملي هئي. ان ڪري منهنجا ڪتاب مون کان هميشه لاءِ جدا ٿي ويا!

حيدرآباد وارو هاسومل ماکيجاڻي جڏهن حيدرآباد ڇڏي ڪراچيءَ ويو هو تڏهن اُتان مون کي آکاڻي لکي موڪلڻ لاءِ لکيو هئائين. اها آکاڻي سچي پريم ڪهاڻي هئي. بعد ۾ مون ليک موڪليومانس جنهنجو سرو هو "اُتم ڪير؟ استري يا پرش؟" ان ۾ مون لکيو هو "چنڊ رات کي سندر بڻائي ٿو ۽ رات چنڊ کي. جيڪڏهن چندرما ڪري رات رو پهلي بڻجي ٿي ته چنڊ به رات بنا بلڪل ڦڪو ۽ ڪسجو ٿو لڳي. اها رات ئي آهي جا چنڊ کي سونهن بخشي ٿي." اِهو منهنجو پهريون ليک هو جنهن مون کي "واهه واهه" سڏائي. هونئن منهنجي لکڻ جي ساراهه صرف منهنجون شاگردياڻيون ڪنديون هيون جڏهين مان اسڪول جي نوٽيس بورڊ ۾ سنهي ٿلهي ڪتيل سٽ جيان کي لينگها رهڙي وجهندي هيس.

ورهاڱي بعد بڙودي مان "سنسار سماچار" اخبار لاءِ هڪ ليک لکي موڪليم "پپيهي جي پڪار" بعد ۾ "هندستان" اخبار ۾ پڻ منهنجي ليک ڇپجڻ لڳا. سنڌ مان انعام جي صورت ۾ ڪئين ڪتاب اچڻ لڳا. اُن وقت تاريخ معصومي يا چچ نامو وغيره وغيره ڪتابن جي ملهه جي ڄاڻ ئي ڪين هئم. ان ڪري جڏهين به اَمي غصي ٿي چوندي هئي ته "جتي ڪٿي تنهنجا ڪتاب پريا پيا آهن. اسان کي ته ويهڻ جي جاءِ به ڪانه ٿي ملي." تڏهن گهبرائجي سَون جا سؤ ڪتاب ڏيئي ڇڏيندي هيس!

"هندستان" اخبار جي هفتيوار اخبار "هندواسي" نالي سان مشهور ٿي ۽ ان ۾ هر هفتي منهنجا ليک، ناٽڪ ۽ آکاڻيون ڇپجڻ لڳيون. پهرين هندستان ۽ پوءِ هندواسيءَ ۾ 1949ع کان وٺي 1965ع تائين لڳاتار منهنجون لکڻيون ڇپجنديون رهيون. بعد ۾ لپيءَ جي سوال تي متڀيد ٿيو. 1969ع ۾ ساڳيءَ اخبار مون مٿان عجيب "گلن" جي ورکا ڪئي ۽ پوءِ منهنجي لکڻي ته ڇا، منهنجو نالو به سڏيءَ اڻ سڏيءَ طرح هنن ڇپڻ بند ڪري ڇڏيو. ائين ئي هندواسيءَ جو ساٿ ته مون کان ڇڏائجي ويو پر پنا منهنجا هميشه جا ساٿي بڻجي ويا.

لکڻ مهل جي ڪچا ڦڪا خيال نوٽ ڪندي آهيان ته پنا ڇڻ ضايع ڪندي آهيان وڏا وڏا اکر رهڙيندي ويندي آهيان. پر جڏهن سچ پچ مضمون يا آکاڻي لکڻ ويهندي آهيان تڏهن صاف سترو اَڇو ۽ لسو پنو ڪڍندي آهيان. ليڪن واري يا ميري گهنجيل پني تي منهنجو خيال ڊوڙي نه سگهندو آهي. لکڻ مهل ويهڻ جي پڻ هڪ مقرر ٽيل جڳهه اٿم. جڳهه بدلجي ته من لکڻ ۾ ٽڪندو ئي نه اٿم. هونئن لکڻ مهل سانت ۽انت جي بلڪل پرواهه نه ڪندي آهيان. پل پيو گوڙ ٿئي، مان پنهنجو چت يڪ ٽڪ لکڻ ۾ لڳائي سگهندي آهيان. بشرطيڪ مون سان ڪو اُن وقت دويدو نه ڳالهائي يا سوال پڇي.

منهنجو نانو پاونداس واسواڻي ماستر هو. منهنجو پتا ڊائري رکندو هو جنهن ۾ پنهنجن پائرن مان هڪ

هڪ جو وهنوار ۽ چرتر تہ لکندو ويندو هو پر دوستن يا عزيزن خويشن جو احوال بہ لکي رکندو هو. شايد پنهنجي جو گڏيل ورثو مليل اٿم جو پاڙهڻ ۽ سمجهاڻڻ جي عادت بہ منهنجي شخصيت ۾ سمايل آهي ۽ مان گڏوگڏ ماسترياڻي ۽ ليکڪا بڻجي پيئي رهي آهيان.

ڪتاب ۽ پنا اٿلائيندي اٿلائيندي ڪڏهن زندگيءَ جا پنا پڻ اُٿلائجن ٿا. ان وقت گذريل زماني ۾ وري جيئڻ شروع ڪجي ٿو. جيئن مان هينئر هنن پنن ۾ جيئي اُٿي آهيان.

جڏهين منهنجو پيتا گذاري ويو. مان پورن ڏهن سالن جي بہ ڪين هيس. چٽيءَ طرح ياد اٿم.

هوليءَ جو ڏينهن هو. اسان جو گهر هيٺ گرائونڊ فلور تي هو. امي ڏول مان رنگين پاڻيءَجون پچڪاريون پري مٿي پهرئين ۽ ٻئي ماڙي تي بيٺل ساهيڙين ڏانهن اڇلائي رهي هئي ۽ سندس ساهڙيون گلال سان ڀريل ڏول مٿان اڇلائي رهيون هيون. اوچتو زور زور سان دروازو کڙڪيو. کل کل ۾ اميءَ پهريان کڙڪا ڌيان ۾ ئي ڪين آندا. نيٺ دروازي تي زوردار بوٽ لڳو ۽ اميءَ در ڏانهن ڊوڙي. بابا چاچيءَ تي هٿ رکي اندر گهڙيو. بس. سڄو ڏينهن پئي ڊاڪٽر آيا ۽ ويا. ٻئي ڏينهن صبوح جو سويل مان ۽ منهنجو وڏو ڀاءُ ڏمو اندر ڪمري ۾ وياسين. بابا جي سڄي بدن تي هئڊ ۽ جاڻ مکيل هئي. نرس کيس منع ڪئي پر بابا اُٿي وينو. ٻارهين ورهين جي عمر واري ڏمي جي مٿي تي هٿ رکي چيائين، ”پٽ، مان وڃان ٿو. سيپيئي ڀائر ۽ ڀينر توکان ننڍا آهن. تون انهن کي ائين سنڀالج جڻ تون ئي انهنجو پيءُ آهين.“

منهنجي مٿي تي هٿ رکي پوءِ مون کي ڀاڪر پاتائين ۽ چيائين، ”ڏمو ماءُ تي ويو آهي. سندس دل ڪومل ۽ ڪمزور آهي. تون بهادر ٿج. ڀاءُ کي هر هڪ ڳالهہ ۾ مدد ڪج. ننڍن ڀائرن ڀينرن کي پاڙهڻ جو ذمو توتي آهي. هاڻي توهين ٻاهر وڃو نہ تہ منهنجا پراڻ ويندا ئي ڪين.“

ائين چئي هو اکيون پوري ليٽي پيو. اسين ٻئي اهڙا هراسجي وياسين جو ڏمي جون اکيون ڦاٽي ويئون هيون ۽ مان ائين سمجهي رهي هيس جڻ هلي نہ پيئي سگهان. اسين ڪمري کان ٻاهر آياسين ۽ پنيان اميءَ جي درديلي اوچنگار ٻڌيسين. ورانڊي ۾ روئندڙ چهن مهنن جي ننڍي ڀاءُ نارائڻ کي هنج ۾ کڻي مان اگڻ ۾ هلي آيس پر رودن نہ رڳو منهنجن ڪنن ۾ هو پر اُو منهنجي سيني ۾ پڻ هلي آيو هو.

مؤت جي دهڪائيندڙ روپ سان اها منهنجي پهرئين ملاقات هئي. اُن کان پوءِ 1943ع ۾ منهنجي پيڻ گذاري ويئي. هوءَ تنهن وقت منهنجيءَ گود ۾ ئي هئي. مؤت روپي پکيءَ جا پر سندس چهري تي ڦڙ ڦڙائيندا مون ڏٺا هئا. 1971ع ۾ جڏهين منهنجي امي گذاري ويئي تڏهن بہ سندس جيون جي چراغ جي ٻجهندڙ لؤ پنهنجين اکين سان ڏٺي هئم ۽ جڏهين منهنجو ڀاءُ حشو هلي رهيو تڏهين مرتيؤ جي اونداهي ڀاڇي اڳيان کيس سسڪندو ڏٺو هوم. (ڏمو لنڊن ۾ ئي گذاري ويو هو.)

خبر ناهي ٻين جي مرتيوءَ سان ڪهڙي ڪيفيت آهي پر مان ائين ئي سمجهان تہ پنهنجن ويجهن ۽ پيارن جي هميشہ لاءِ وڇڙڻ بعد اسان جي دل جي حالت ساڳي نہ ٿي رهي. آتما امر آهي ۽ ديهہ فاني، اهي گفتا ٻڌاءِ ٻڌايا اٿم، سمجهيا ۽ سمجهايا اٿم پر جڏهين پنهنجي محل ۾ رهندڙ شهزادا آبدي نند

سمهي ٿا پون. جڏهين پنهنجي هار جا آبدار موتي ڇڇي گم ٿي ٿا وڃن. جڏهين پنهنجي باغ جا سڳنڌي گل اچانڪ مرجهائجي ٿا وڃن يا جڏهين پنهنجي ئي آڪيري مان ٻہ ڇهڪندڙ پکيئڙا اُڏري ٿا وڃن تڏهين هڪ عجيب اداسي من کي وڪوڙي ٿي وڃي!!

وقت آيو جڏهن اهو مؤت روپي پکي مون مٿان پڻ اُڏڻ لڳو. پرمون کلي کلي انکي اڏائي ڪڍيو. ٿن سالن بعد او وري آيو ۽ مونکي نهايت گهڻو تنگ ڪرڻ لڳو. نراس تہ مان نہ ٿيندي آهيان. نہ وري ڊڄندي آهيان. پر هن ڀيري شريرڪ پيڙا ڪجهہ زياده هئي. مونکي صرف هڪ ئي خيال پئي ستايو. آپاهج بڻجي زندگي ڪيئن گذاربي؟ اسپتالن جا چڪر. ڊاڪٽرن جا ڇهرا. دوائن جون شيشون ۽ گورين جا پترا پترا اهڙا آهن اڄ ڪالهہ جو بدن جي تڪليف ڀل ڀلئيان ۾ ئي پٽڪندي وتندي آهي.

هن ڀيري مؤت مون سان خوب ڇڪري ڪاڏي، هڪ ٻہ دفعو تہ مون هار مڃي پنهنجا هٿيار ڦٽا بہ ڪيا ۽ آپگهات ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويس. پر عين وقت تي منهنجي هوش ۽حوصلي جي ٿتڪار مونکي لڙائي ڪرڻ لاءِ اُڀاريو ۽ مون موت ڪال کي گوهي ڏيئي ئي ورتي! اندر بدن کهڙو بہ هجي، ٻاهران تہ رنوويشن ٿيل لڳي ٿو نہ؟ مون ڪونج ۾ لکيو:

مونکي ڀِن ڪُش سمجهي
سُيون ٽنبيندا ويا
گورين جا پترا ايترا ڏسيائون
جو انهن جي ڊيگهہ
هردوار جي ڀِنڊن
۽ ڳوٺ جي واٽين
جي بندين کي بہ شهہ ڏيئي ويئي
جيئن فرنيچر جي مرامت ڪرائبي آهي
تہ ڪرسيءَ يا ٽيبل جي ڀڳل ٽنگ ڪپي
نئين وجهندا آهن
تئين هنن منهنجي عضون کي
ڪٽيو ۽ ڳنڍيو
پوءِ
انهن جي جڳهہ ائين مٽايائون
جيئن ڪمري ۾ وزندار سامان
هڪ ڪنڊ کان ڪٽي ٻيءَ ۾ رکبو آهي.
بدن مان رتِ
۽ ڪيسي مان پئسا
ڦري
هر طرح ڪمزور بڻائي
مون کي اسپتال مان ڪڍي ڇڏيائون
چي:
آسان توکي رنوويٽ ڪيو آهي
هاڻ
تون اِهو رنوويشن ڪيستائين ٿي هلائين
اِهو توتي ئي مدار آهي!

*

ورق ٻيو

**حالتن ئي مون کي سيڪاريو**

منهنجو پتا فاريسٽ ڊپارٽمينٽ ۾ وڏي عهدي تي هو. سنڌ جي شهرن ۾ سندس بدلي ٿيندي رهندي هئي. سکر ۽ شڪارپور بعد سندس ڪراچيءَ ۾ بدلي ٿي جتي هڪ شڪارپوري سيٺ جي مسواڙي جاءِ ۾ رهڻ لڳاسين. سيٺ پاڻ مٿي رهندو هو. ائين بابا جي سيٺ سان ڄاڻ پڇاڻ ٿي ۽ بابا ڪيس ڏهہ هزار رپيا

اُڌارا ڏنا.

بابا کي ڪابہ علت ڪين هئي. منهنجا چاچا پتو ڪٽيندا هئا ۽ بيڙي ڇڪيندا هئا پر بابا نہ پاڻ پتو ڪٽندو هو ۽ نہ اسان کي ڪٽڻ ڏيندو هو. هن ۾ بس هڪ ئي اوگڻ هو جو هو پئسا وياج تي اُڌارا ڏيندو هو.

هنجي ان اوگڻ ڪري ئي اسان سندس وڃڻ بعد ڏاڍو ڀوڳيو. سندس هڪ دوست تاراچند نالي هو. ٻنهي گڏجي ملير. ڊرگ روڊ پاسي ڪئين ايڪڙن ۾ ڦهليل پٽ ورتو هو. تاراچند کي بہ بابا اُڌارا پئسا ڏنا هئا جي هُو واپس ڏيئي نہ سگهيو تہ پاڻ وارو پٽ بہ بابا کي لکي ڏنو هئائين.

بابا جي گذاري وڃڻ بعد هن ٺڳي ڪري ٻئي ڪنهن کي اسان جو پٽ وڪڻي پئسا ورتا. ڳالهہ کلي پوڻ تي جڏهين پوليس ان کي پڪڙيو ۽ هنکي حيدرآباد ۾ اَميءَ جي سامهون اچي ڪڙو ڪيائون تڏهين هُو اميءَ جي پيرن تي ڪري پيو ۽ ليلائي چيائين، "مون کي بچاءِ. اسان ساڳيءَ ٿالهيءَ ۾ کاڌو آهي. ڀيڻ!" ۽ اميءَ کي ڪاغذ ڦاڙڻا پيا ڇاڪاڻ تہ پئسن ڪاڻ ڪنهنکي جيل موڪلڻ، هڪ عورت جي شان وٽان نہ هو. تن ڏنهن جا ماڻ ۽ماپ ئي نرالا هئا.

جهان ڇڏڻ کان هڪ ڏينهن اڳ پيءُ اڳيان شڪارپور سيٺ وچن ڏنو تہ هُو جلد ئي منهنجي ماءُ کي ورتل پئسا واپس ڪندو پر ڏيڻ وارو شخص هليو ويو تہ وٺڻ وارو ڪنهنجي پرواهہ ڪري؟

بس هڪ ڏينهن اڳ اسان جي گهر ۾ پٽيوالا ۽ آيائون هيون ۽ ٻئي ڏينهن اسين وڃي ترين پر پياسين!

اسين. اَمي ۽ ٻار ڪل اَٺ ڄڻا هئاسين. اَميءَ جي عمر اُن وقت ٽيهہ سال هئي. سڀاويڪ هوءَ نهايت گهٻرايل ۽ دکي هئي. ڪراچيءَ جو تياڳ ڪري هوءَ پنهنجن پيڪن ۾ حيدرآباد هلي آئي.

پنهنجيءَ پيٽ کي پئسن تي وياج تي هلڻ جو آسرو ڏيئي منهنجي مامي ڪيس صلاح ڏني تہ هوءَ پنهنجا مڙيا وڪڻي پئسا سندس دوست وٽ وياج تي رکي.

تن ڏيهن ۾ زالون سونا زيور پتل جي داٻلن ۾ رکنديون هيون. اَميءَ پنهنجا مڙين سان ڀريل داٻلا وڪڻي ڇڏيا! هس ۽ هار، ڦليون ۽ جهومڪ، ڳن ۽ ڇلا، منديون ۽ ٻانهن پٽا، نٿون ۽ ٻُولا. جي بابا ڪيس ٺهرائي ڏنا هئا، اُنهن کي وڃڻءَ جا ڏنگ سمجهي هن نيڪال ڪري ڇڏيا ۽ پئسا ڀاءُ جي دوست وٽ وياج تي رکيائين. پر ان شخص جلد ئي ڏيوالو ڪڍيو. ٻين سان گڏ هڪ بيواهہ جا پئسا غرق ٿي ويا.

مونکي ۽ منهنجي ڀاءُ کي وٺي اَمي اُن شخص، جنهنجو نالو ريواچند ٽڏاڻي هو وٽ وٺي هلي ۽ نيزاريءَ سان چيائين، "منهنجا ٻار تمام ننڍا آهن. پئسا ڇڏڻ هنن گئن جي گاهہ برابر هئا. مهرباني ڪري سڀ پئسا نہ. تہ ٿورا ڪجهہ ئي واپس ڪريو."

هن شخص نهايت بيپرواهيءَ سان چيو "گئن کي گاهہ تہ سڀ کارائيندا آهن. تون وڃي گاهہ جو ڪٽان بندوبست ڪر." اِهو ٻڌي اَمي سراپجي وئي ۽ منهنجو ڀاءُ روئڻ لڳو. ان شخص جي ڪٺورتا ڏسي منهنجي من جو هڪ حصو پڻ نهايت سخت ڪٺور بڻجي ويو.

ان آزمودي بعد اسان جي گهر مان ڪوبہ ڪنهن کي پئسا اُڌارا نہ ڏيندو آهي. مان تہ هر آدميءَ جي شرافت ۽ انسانيت جي ماپ تور پئسي ڏيڻ وٺڻ سان ئي ڪندي آهيان.

منهنجا پائر ۽ پينر جن ڪي ٻہ ٻہ پٽيوالا هنج ۾ کڻي گهمائيندا هئا سي اوچتو ئي اوچتو اَپالا ٻڻجي پيا.
مونکي منهنجو" بابا" سڪيلڏي ڏيءُ جيان ئي بيحد گهڻو پيار ڪندو هو. پر حيدرآباد ۾ اچي اسڪول ۾ پڙهڻ سان گڏوگڏ مان ٽريننگ ڪاليج ۾ ماسترياڻي ٻڻجڻ جي سکيا ٻہ وٺڻ لڳيس. مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪان اڳ ئي مون ٽيوشنس ڏيڻ شروع ڪيون.
مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪان اڳ ئي مون ڪي ڪمائڻو پيو. مئٽرڪ پاس ڪري اَمي هڪ رشتيدار وٽ وٺي هلي ۽ انکي هٿ جوڙي چيائين, "هن کي ميونسپل اسڪول ۾ ماستري وٺي ڏيو."
مونکي بيحد گهڻو غصو آيو. ان وقت تہ سُور پي ويس پر گهر اچي مون ڏاڍو گوڙو ڪيو. مون چيو تہ "هٿ جوڙڻ سان ڪم مليو تہ اهو ڪم مان ڪڏهين بہ نہ ڪنديس."
مون سڀاڻيءَ تي سڀڻ شروع ڪيو ۽ ٽيوشن ڏيڻ لڳيس. ٻہ ٻہ درجا گڏ ڪٽڻ ڪري مون چوڏهن ورهين ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي. هڪ هنڌ درخواست وڌم ۽ انٽرويو لاءِ سڏ ٿيو. اتي چيائون تہ اسڪول آدرشي آهي ان ڪري اَچا ۽ سادا ڪپڙا پهرڻا آهن ۽ هميشہ ڍڳهين ٻانهن سان بلائوزپهرڻو پوندو.
مون نوڪريءَ لاءِ "ها" ڪين ڪئي. هونئن تہ مان هميشہ اڇي ساڙهي ئي پهريندي هيس پر هيئن ٻين جي مرضيءَ موجب ڪپڙا پهرڻ جو حڪم مون کي ڪين وڻيو.
منهنجي اسڪول ڪندنمل گرلس هاءِ اسڪول ۾ ساليانو جلسو هو جتي مون جتيڪا ري جو گيت ڳايو "ڪل ڪي سپني آج ڀي آنا..." بس مونکي پنهنجي ئي اسڪول ۾ "ميوزڪ ٽيچر" جي نوڪري ملي ويئي!
ڪن مهينن بعد اسڪول ۾ سنڌ جو تعليمي وزير پير الاهي بخش اچڻو هو. تعليم کاتي, ماسترن جو پگهار وڌائي ڏيڻ جو حڪم ڪڍيو هو پر اسان جي اسڪول جا بانيڪار پئسا نہ هئڻ جو عذر ڏيئي اسان کي جهوني اسڪيل موجب ئي پگهار ڏيندا هئا.
وزير جي آمد جو ٻڌي ماسترياڻين (ٻہ ماستر ۽ارڙهن ماسترياڻيون هيونسين) ۾ هلچل مچي ويئي. صلاحون ٿيون, ميٽنگون ڪيون ويون, ميمورنڊم لکيا ويا پر پرنسپال جي سامهون وزير کي اهو ميمورنڊم ڏئي ڪير؟ نيٺ مون ان ڪم ڪرڻ جي آڇ ڪئي. پر مون چيو تہ مان وزير سان ڳالهائينديس. ميمورنڊم تہ پوءِ موڪلي سگهجي ٿو. ڪنهن کي ٻہ اعتبار نہ پيو اچي تہ مان ائين ڪري سگهنديس. ماستر ڪيمچند مون سان شرط رکي. "تون ڳالهائين سگهينءَ تہ پنج روپيہ ڏيندوسانءِ ۽ جي نہ ڳالهائيءِ تہ ڏهہ روپيہ وٺندوسانءِ."
هيڊ مسٽريس کي ڪڙڪ پئجي ويئي. هن مونکي چيو تہ "وزير جي اچڻ واري ڏينهن ميوزڪ پيريڊس ڪونہ ٿينديون ان ڪري تنهنجي اچڻ جي ضرورت ڪونهي." پر اسڪول جي بلڊنگ ۾ اچڻ کان منع نامو تہ ڪير ڪڍي نٿو سگهي. مان اسڪول هلي آيس ۽ ڪامن روم ۾ ويهي رهيس. ڪلاسن جو چڪر لڳائيندي مون وزير کي ڏٺو تہ اڳيان وڌي ويس "سائين ڪجهہ ٻڌندا؟" هيڊ مسٽريس جو منهن ناماٽي هٽي ويو. پر وزير ٻنيان ڪنڌ ورائي چيو "چئو اوهان کي ڇا چوڻو آهي؟"

وزير جي وڃڻ بعد هيڊمسٽريس مونکي پاڻ وٽ گهرايو. مون سان مسٽر ڪيمچند بہ گڏجي هليو. هونئن شايد ٻيو ڪجھ چوي ها پر هن محسوس ڪيو تہ مون سان سڀ ٽيچرس شامل آهن. هن ڪڙڪ آواز ۾ چيو: ”حساب ڪتاب ڄاڻين؟ بجيٽ ٺاهڻ ايندي هجيئي تہ فائيل کڻ ۽ وڃي ساليانی بجيٽ ٺاهہ.“

حساب؟ مان مئٿميٽڪس ۾ تہ هميشہ ناپاس ٿيندي هيس. اَنگ آکر ڏسي اڄ بہ منهنجو مٿو چڪرائيندو آهي. حساب ڪتاب جو نالو ٻڌي ٻيهون ئي منجهي وينديون آهن. مون ڪيمچند ڏانهن نهاريو. هن امالڪ چيو ”ڪهڙو فائيل؟ مان ٿو بجيٽ تيار ڪريان.“

هن بجيٽ تيار ڪئي ۽ مهيني بعد ئي اسان جو پگهار ستيتاليهين ۾ مان وڌي ڇهانوي رپيا ٿي ويو! ٿورن ڏينهن بعد اسان جي هيڊ مسٽريس ڇئن هفتن لاءِ بمبئيءَ ويئي تہ اسڪول جي ائڪٽنگ هيڊ مسٽريس مون کي بڻائي ويئي جيتوڻيڪ مان سيني ۾ جونيئر هئس.“

اسان جي اسڪول ۾ سنسڪرت وشيہ پاڙهڻ جو بندوبست هو پر مون مئٽرڪ تائين پرشن ڪنئي هئي. اسڪول ۾ هندي بہ سيکاريندا هئا ۽ هڪ ڏرمشٽ دادي گرمکي پڻ سيکاريندي هئي. گرسنگت ۾ شام جو ماسٽر گرمکيءَ جا ڪلاس هلائيندو هو جنهن ۾ امتحان ورتا ويندا هئا. ننڍي هوندي ئي مون گرمکيءَ جا امتحان ڏيئي ٻاون اکري ۽ پنج گرنٿي وغيره پڙهي هئي. پر جڏهن ساڌو واسواڻي وٽ اسپيشل گيتا ڪلاسن ۾ ويس تڏهين سنسڪرت ڀاشا جي خزاني کي ڏسي منهنجا ڪپاٽ کلي ويا!

ساڌو واسواڻي ودونا جي ناياب خزاني جو مالڪ هو. ”يوگ معنيٰ ميلاپ، انگريزي لفظ يونين. ڏڳن جي ڪڇيءَ مٿان يوڪ (Yoke)، نج ڏاتو آهي. جنهن مان گريڪ لفظ هيءَ آهي وغيره ٻڌائي. لفظن جو اتهاس، لفظن جو اصلي آرٿ ٻين ٻولين ۾ بدليل معنيٰ، لفظ جي مسافري، گيتا ۾ اِن لفظ جي ٻين لفظن جي وچ ۾ اهميت، سڀ سمجهائيندو هو. ڪلاس ۾ ڀهرين ڏهہ شاگردياڻيون هيونسين. پوءِ وڃي صرف ٽي ٻچيونسين پر هُو ساڳئي ئي اُتساهہ سان سکيا ڏيندو هو.

جنهن چيز منهنجي هرديہ جي ساز کي لرزش ۾ آندو سي هئا گيتا جا لفظ: پرم تپ! ”اُتشٽهہ! جاڳرتهہ“ (هي ارجن! مهاتپسوي! اُٿ! جاڳ!)

ساڌو واسواڻيءَ جو آواز ڪومل ۽ مٺو هو پر جڏهين ساڄي هٿ جي آڱر سان اشارو ڪري وري چوندو هو اُتسٽهہ! جاڳرتهہ! تڏهين اِن آواز ۾ للڪار هوندي هئي. پراچين ڀارت جي رشين جي للڪار. غفلت تياڳڻ لاءِ هر سچيت آدميءَ جي غافل کي للڪار! انهن لفظن جي گونج منهنجي هردي ۾ هردم ٻيئي وڄندي هئي!


صبوح سويل تارن ڀري آڪاش جي هيٺان آڱڻ ۾ هونءَ ٻاري ساڌو سناتن پرارٿنا ڪندو هو: آستوما سدگميہ تمسوماجيوتر گميہ...

سنسڪرت ڀاش اڄي شبدن ۾ اها ڏُوني منهنجي سرير جي هر هڪ رڳ کي سؤري لرزائيندي هئي ۽ مون پڪو نشچيہ ڪيو تہ سنسڪرت سکي اِهو سڀ پڙهجي جو منهنجي اندر کي جاڳائي. پر ڪيئن سکان؟ ڪٿان سکان؟

(پوپٽي هيرا نندڻاڻي جي ڇپيل آتم ڪهاڻي ”منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق“ تان ورتل ڪجھ صفحا، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد جي ٿورن سان)

### ماهتاب محبوب

# يادگيريون



اسان وٽ سنڌيءَ ۾ "آني مان ڦٽڻ" واري چوڻي، ڇڳائي توڙي لڳائي ۾ اڪثر استعمال ٿيندي رهندي آهي. مثال طور ڪو نهايت ئي ڏنگو ٻار آهي ته اُن لاءِ چئبو آهي "اجان ڪالهه آني مان ڦٽو آهي، جو هاڻ سان ئي ايڏا وئيل ٻاري ڏنا اٿس..."

ساڳيو ئي جملو ساراهڻ مهل وري هن ريت، ڪالهه ڪلهوڙي ڳالهه جو آني مان ڦٽي يڪدم ايڏي اوج کي اچي رسيو جو ڏندين آڱريون اچيو وڃن."

هونءَ به ڪير هوندو جيڪو چوزي ۽ آني جي اهميت کان اڻ واقف هجي.. اتفاق سان منهنجي اجوڪي سوچ جو مرڪز به چوزو ئي آهي... جنهن کي آني مان ڦٽڻ شرط پنهنجي چنبن تي بيهي چوڦير نهاريندو ڏسي سوچيندي آهيان ته اُن کي اِهو سڀ ڪيئن محسوس ٿيندو هوندو، هو ته ايئن ئي هلڻ چلڻ ۾ "ڇڳڻ شروع ڪيو ڏي جڻ زمانا اِٿ گهاريا هجنس، يا پوءِ اوچتوئي اوچتو گهري ننڊ مان جاڳي، بيدي/ آني جي "ڪمري" مان نڪري وراندي يا اڱڻ ۾ پسار ڪندي ٻاهر هليو آيو هجي... جنهن ۾ هي جهان ڏسڻ هن لاءِ جڻ ڪا نئين ڳالهه نه هجي... ۽ جي نئين ڳالهه آهي به ڪٿي ته پوءِ ان کان اڳ جو تصور ڇا هو؟ مون کي اڪثر اهڙي سوچ ورائي ويندي آهي ته پهرين پهرين نظر جيڪا مون دنيا تي وڌي هوندي، اُن وقت اهو سڀ مون کي ڪيئن لڳو هوندو..

ماءُ کي ته ٻار هن جي هنج ۾ اچڻ سان ئي محسوس ڪري وٺندو آهي جو اُهائي هن جو ڪُل جهان هوندي آهي. پر دنيا کي ڏسڻ واري نگاهه مختلف هوندي آهي... مان پنهنجي اُها پهرين ڀرپور نهار ڳولهڻ چاهيندي آهيان جنهن ۾ مون پاڻ کي اوچتو ئي اوچتو دنيا ۾ ڏٺو هوندو، ته مون اُن ۾ ڇا ڏٺو مون کي ڪيئن لڳو... مون ڇا محسوس ڪيو.. ڄاڻان ٿي ته اهو سڀ ڄاڻڻ ناممڪن آهي، تڏهن به ان اڻ ڄاڻائي تي ڏاڍي بي وسي محسوس ٿيندي اٿم... پوءِ به ڪيتريون ئي ننڍيون ننڍيون ڳالهيون ۽ ڪي واقعا ياد اچن ٿا ته لڳي ٿو جڻ اِهائي دنيا ۾ اچڻ ۽ ان کي

محسوس ڪرڻ جي شروعات هئي... پهرين ياد هئي... ناني ٻڌائيندي هئم ته جڏهن مان ٻن مهينن جي هئس مون کي مٽي تي ننڍڙو ڪسابو پاتل هوندو هو ۽ هوءَ مون کي هنج ۾ کڻي ڪراچي جي ڪيٿولڪ ڪالوني ۾ بابا جي سرڪاري بنگلي جي گيٽ وٽان بيهي، روڊ تي ايندڙ ويندڙ موٽرون ڏيکاريندي هئي، جن کي ڏسندي پنهنجون نظرون به اُنهن پويان ڊوڙائيندي هئس... نانيءَ وٽان اِهو ٻڌي سمورو نقشو منهنجي ذهن ۾ محفوظ ٿي ويندو هو. جنهن کي مان محسوس به ڪري سگهيس پئي، مون پنهنجو پاڻ کي ان اِيج ۾ جڻ ويولائيز ڪري ورتو... ڪي ٻيا واقعا به آهن، جن مان ڪوبه پهريون ٿي سگهي ٿو... جيڪي اڄ به ياد ايندا آهن... درگاهه سائين سرفراز عباسي ڪلهوڙي جي ڪاہي طرف سرهندي پير جو قبرستان هو جيڏانهن وڃڻ لاءِ اسان جي خاندان ۽ اوڙي پاڙي جون عورتون پنڌ پنڌ گهران نڪري پيون هيون، مان اُنهن مان ڪنهن هڪ جي هنج ۾ هئس... واٽ تي ويران پٽن ۾ وڏو اونهو پڪ سرو کوهه جُڙيل هو جتي اڇي هن عورت مون کي ڪي گهڙيون ان کوهه جي ويڪري پٽ تي ويهاريو... منهنجي اُها عمر اڃا پنڌ ڪرڻ واري نه هئي ۽ انڪري ئي کوهه جي پٽ تي ويهڻ جو ڊپ اڃان شعور ۾ پيدا نه ٿيو هو نه ئي خبر هئي ته اِهو کوهه آهي... يا کوهه ڇا ٿيندو آهي؟ اُن عورت مون کي کوهه تي ويهاري پاڻ پنهنجي پاتل بُرقعي جي رويند جو ڊرو ٿيل ڪشو سولو ڪري ٻڌڻ لڳي... مون کي اهو نظارو چٽو ياد آهي... کوهه تي ويٺي لاشعوري طور جيئن ئي مُڙي مان هيٺ نهاريان ٿي ته اونهي گِهري اونداهي ڪنڌ ۾ تمام هيٺ تري ۾ بيل پاڻي ڏسي بي اختيار مان هُن



عورت ڏي ٻانهون وڌايان ٿي جنهن مون کي هنج ۾ کيو... اُن بعد ڪجهه ياد ناهي... اهو منظر اڄ به ياد ڪري ڏڪيو وڃان... ۽ اُن عورت جي سادگيءَ تي پڻ حيران آهيان ته جي مان ڪري پوان ها ته... پر شايد منهنجي عمر اهڙي هئي جو هُن به اِها توقع نه پئي ڪئي ته ڪو مان هرو ڀرو ڇُر پُر ڪري کوهه ۾ ڪري پوندس... اِهو غير محفوظ ٿيڻ جو احساس اڄ به مون کي ياد آهي...

کوهه واري واقعي جيان هڪ ٻيو به واقعو ذهن ۾ چٽو ياد آهي، اها خبر ناهي ته ان مهل مان ڪيتري هئس... آمان ورانڊي ۾ کٽ تي منگهه هيٺان ليٽي پئي هئي... پاسي ۾ مان به ٻانهن تي ليٽي پئي آهيانس... منگهه ۾ ڇڇيءَ جي هم شڪل سانڊي کي لڙڪيل ڏسي مون پنهنجي منهن ڪمينٽري شروع ڪري ڏني...

"ڇڇيءَ جو ڏاڏو مٽي وٺنو آهي، هيٺ ڏسي پيو...

ڪنڌ پيو لوڏي.. وات پيو کولي...“ امان منهنجي ڳالهه کي لفٽ ئي نہ پئي ڏني، مون الائي ڇا ڇا پئي چيو جو امان جيئن ئي مٿي نهاريو تہ ٻئي پل ۾ دانهن ڪري مون کي ڪنپيندي جيئن ئي ڪٽ تان اُٿي پري ٿي تہ سانڊي بہ آچي هيٺ ڪٽ تي ٺهڪو ڪيو.. امان ويتر ڊڄي وئي تہ جي هو بروقت پري نہ ٿئي ها تہ سانڊو اچي مٿان ڪري ها تہ ڪهڙو حال ٿئي ها! اِهي ۽ اهڙا ڪي ٻيا اَڻ ڇٽا عڪس آهن جن کي ذهن ۾ رکي چوزي واري مثال جيان، دنيا کي ڏسڻ جا پهريان اُهڃاڻ اِهي ئي محسوس ٿي سگهيا...

هي واقعو بہ مون ڪا نٿو وسري اُن ۾ منهنجي عمر پوڻا ٽي سال ڪن هئي جنهن ۾ منهنجي ناني مون کي مشن اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ وٺي هلي... ڌنڌلي عڪس ۾ ڏسان پئي تہ ڪا ٽيچر، ڪلاس ۾ وٺي وڃڻ لاءِ هٿ کان جهلي ٿي ۽ مان نانيءَ کي نٿي ڇڏڻ چاهيان ۽ هو ڪوڙو آسرو ٿي ڏي تہ

”مائين ڪيڏي نهين ويندي هان، اٿئين دڪي تي ٻيٺي هوسان“

مان ڪلاس روم ۾ وڃي گهبرائجي روئان ٿي ۽ اُتان ڊوڙي ناني ڏي اچان ٿي پر ڪيس نہ ڏسي هانوَ ڦاٽيون دانهون ڪري روئان ٿي.

ڪي واقعا مرندي مرندي ٻَچي پوڻ وارا بہ منهنجي زندگي ۾ آيا، جن کي ياد ڪري اڄ بہ دل ڏهلجيو وڃي... منهنجي عمر تن ڏينهن ستن اٺن سالن جي هئي، هميشہ جيان موڪلون گذارڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾ سڄي فيملي سميت رهيل هئاسين. اسانجي ڊيپو لائين واري بنگلي جي وڏي لان ۾ پاٽيءَ سان ڀريل هودي هوندي هئي، جنهن اندر لهي ٻين ٻارن سان گڏ ٽُٻيون ۽ ٽپا پيا ڏيا هئا، تہ ڪڏهن اُن ۾ پوندڙ پاڻيءَ مان ٻُڪ ڀري مُنهن تي ڇنڊا پيا هڻبا هئا... تنهن ڏينهن اسين واپس حيدرآباد وڃڻا هئاسين... مان صبح صبح لان ۾ آيس جنهن ۾ پٽا ڦلن، زيتونن ۽ چمن جا وڏا وڻ هوندا هئا. ڄمون جو وڻ سيني ۾ وڏو هو جنهن تي چڙهي وڃڻ جي مون کي سٺي پريڪٽس ٿي وئي هئي.

ان ڪري پريڪٽس ٿي وئي هئي جو مان پاڻ کي مشهور ڪامڪ سيريز Neyoka the jungle girl جيان بهادر سمجهندي هئس، جڏهن تہ منهنجا پائر شانوءِ چينو وري پاڻ کي ٽارزن سمجهي ۽ اُن جيان رڙ ڪري هڪ وڻ جي ڏاڙهيءَ کي مضبوطيءَ مان جهلي ٻئي وڻ تي جمپ ڏيندا هئا، جن ۾ پڻ شامل هوندي هئس... اُن ڏينهن هوديءَ ۾ وهندڙ نل جي پاڻيءَ مان منهن ڌوئي رهي هئس جو پاڻيءَ جي پاڇي ۾ ڄمونءَ جي وڻ تي اٽڪيل رنگ برنگي لغڙ نظر آيو جنهن کي ڏسي مون کي بي انتها خوشي ٿي، لغڙ اڏائڻ سان گڏ ڪاٽا ٽيل لغڙ جهٽڻ بہ وڏي سورهيائي سمجهي ويندي هئي، جيڪا اڪيلي سِر ماڻڻ لاءِ پائرن کي ٻڏائڻ بنا ئي، مان ڄمونءَ جي شاهي وڻ تي چڙهي ويس، لغڙ صرف بہ ٽي انچ مون کان پري هو اُن ڏي جيئن ئي ٻانهن وڌايان تہ سڄي ڏُڏيو وڃان، پر وري بہ همت ڪيم، لغڙ صرف هڪ اِنچ مون کان پري هو، مون اُهو ڪڍڻ لاءِ جيئن ئي هٿ وڌايو تہ ٻانهن ۾ ڪنوڻ جهڙو جهٽڪو محسوس ٿيو.. ان صورتحال کان ويتر گهبرائجي ويس جو بظاهر تہ اُتي ڪجهہ بہ نہ هو پوءِ هي ڇا ٿي رهيو آهي! ٿيون ٻيرو ساڳي ڪوشش ٿي ايڏو تہ جهٽڪو آيو جو مان از غيبي خطرو محسوس ڪندي، لغڙ کي حسرت مان ڏسي وڻ تان هيٺ لهي آيس ۽ سموري حقيقت اچي آمان سان ڪيم، جنهن کي ٻُڌڻ سان هوءَ آچي اوچنگارن ۾ پئي، ”تہ منهنجي ٻچڙيءَ کي بجليءَ جي شاڪ مان الله بچايو آهي، نئين حياتي ملي اٿس...“ دراصل وڻن ۾ بجليءَ جي تارن جو ڇڳو ڇار پکڙيل هو جنهن طرف منهنجو ڪو

ڌيان ئي نہ هو ۽ جيئن تہ وڻ مان ئي ڪاٺ نهي، تنهنڪري ئي شايد تہ ڪجهہ بچاءُ ٿي ويو نہ تہ اِها شاڪ اُڦٽ ماري رکي ها. اهڙيءَ ريت ڪراچي واري سمنڊ جي ڇوليءَ جي ڇوهہ ۾ ڇڪجي، هيٺ غرق ٿي وئي هئس ۽ اينڊڙ وينڊڙ ڇولين جي زور سبب پاڻمرادو اُٿي بہ نٿي سگهيس. هٿوراڙيون ڏيندي ٻڏڻ تي هئس جو اسان جي معتبر مائٽ جي پيرن ڪي پوءِ جنگهن کي جهلي ورتم جيڪو اتفاق سان اُتي ئي گوڏي جيڏي پاڻيءَ ۾ پسار ڪري رهيو هو ۽ پوءِ بي اختيار هُن مون کي ڪانيٽين کان جهلي مٿي ڪيو ۽ بنا ڪنهن پريشاني واري تاثر ڏيڻ بدران رڳو حيرت مان ڏسندي چيو "اڙي! تون هتي..." ۽ بس. نہ ڪو داد نہ فرياد! مان ڇُيڙي ڪري ٻين ٻارن سان وڃي بيٺس...

دراصل اسان جا اِهي مائٽ قدرتي طور وايون بتال ۽ ڪي قدر بي پرواهہ نموني جا رهيا آهن. وڏي خوشيءَ مان پنهنجي توڙي اورتي پر تي جي مائٽڻ جي ٻارن جو وَلر ساڻ ڪري، گهمائڻ ۽ آئيس ڪريمون کارائڻ وٺي هلندا آهن پر اُهو ڌيان نہ ڏيئي سگهندا آهن جيڪو ٻارن کي ساڻ ڪڻڻ مهل رکبو آهي. واپسيءَ تي ڪو ٻار ڪار ۾ ويهڻ کان رهجي ويو تہ ڳل ئي نہ هوندن، اوچتو ياد ڏيارين تہ وري ڪار پوئتي ڪندا، ڪار هلائيندي هلائيندي پويان ڏسي پيا ڳالهائيندا ۽ اڪثر ڳالهہ ٻولهہ تي وڏا ٺهڪ ڏيو پيا کلندا. اڳيان جي سُڌ ئي نہ رکندا تہ سامهون کان ڀي ڪار ٽڪر هڻڻ لاءِ اچي ڪڙ ڪندي.. اهڙن مهلن تي ڪا نيڪي آڏو اچي وڃين جو الله پيو بچائيندو اٿن.

هڪ هي واقعو بہ ياد پيو اچيم. مان ويهن ايڪويهن ورهين جي هئس، محبوب ساڻ هئم. منهنجي هنج ۾ اِرم ٻيبي هئي. اسين واديءَ سوات گهمڻ آيا هئاسين. گهمندي گهمندي هڪ خوبصورت ڍنڍ جي سامهون اچي بيناسين... جنهن ۾ قدرتي طور وڏا وڏا گول ۽ لسا پٿر پيل هئا. انتهائي خوبصورت نظارو... شاندار ماحول، جنهنڪري محبوب، ارم ٻيبي کي مون کان وٺي، پنهنجي پَر ۾ ويهاري منهنجو پٿرن تي پري کان فوٽو ڪيڻ چاهيو... ان وقت منهنجي پيرن ۾ تمام ننڍي هِيل وارو سينڊل پيل هو. لانگ شاٽ وٺڻ ڪري محبوب مون کي ڪجهہ پر پرو وڃڻ لاءِ چيو مان پٿرن تان هلندي شور شرارت ڪندڙ ڪير جهڙي اچي ڍنڍ جي وچ ۾ هڪ وڏي پٿر تي ويهي فوٽو پي ڪيرايو جو الائي ڪيئن پير ترڪي پيو. هانءَ وِسامي ويو... سِر تي سوار موت مُرڪڻ لڳو لسي پٿر تي هٿ ڦٻي ئي ڪين؟ هيٺ ڇُوهہ مان وهندڙ ڍنڍ... نہ ڪو گاهہ نہ ٻوٽو نہ وري ڪو آڏو ڦڏو پٿر جو هٿن جي جهَل ۾ آچي... "مَدد ڪر محبوب يار" لاءِ منهنجو سافٽ آواز ڍنڍ جي دهشت وار شور ۾ هُن تائين پهچي بہ نہ پئي سگهيو پوءِ الائي ڪهڙي معجزاٽي اثر تحت مان اُن گول پٿر تي ٻانهون پکيڙي، پيرن کي ڍنڍ ۾ پوڻ کان سميٽيندي پوري طاقت سان ڪِسڪي، پٿر جي وچ تي ٿي هئس ۽ ٻاڻ سنيالي اُٿي هوريان هوريان سموار وڏا پٿر اُڪرندي محبوب تائين پهتي هئس. جيڪو سربستو احوال ٻڌي سخت پريشان ٿي ويو... پريان کان هُڻ ليکي تہ مان ماحول کي انجوائي ڪندي فوٽو لاءِ پوز پئي ناهيان. ڪيس ڪهڙي خبر تہ ماڳهين منهنجو سِر تي ويو... اُها تصوير اڄ بہ گهر ۾ ڪٿي نہ ڪٿي پُرڙي پئي هوندي.

سوچان ٿي، حادثاتي سيلفي ڪيائڻ وارن وانگي جي مري بہ پوان ها تہ "گهوري جان جتن تان"... جيان، مٿي محبوب تان صدقي ٿي، گهڻن سورن کان ڇُٽي پوان ها، جيڪي هُن بنا، هن عمر ۾ اڪيلي سِر ڏسندي پئي اچان...

*



پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز خواجه

# يادگيريون

يادگيريون انسان جي زندگيءَ جو حصو آهن. زندگيءَ ۾ ڪئين اهڙا لمحا اچن ٿا، جن ۾ ڏک، سک، غم، خوشيون، ملاقاتون ۽ وڇوڙا هجن ٿا، جن مان ڪجهه ياد رهن ٿا ته ڪيترائي وسري وڃن ٿا. انهن لمحن کي ياد ڪرڻ سان ڪڏهن خوشي، سڪون ۽ راحت ملي ٿي ته ڪڏهن گهڻو ڏک، تڪليف، بي چيني ملي ٿي. خاص طور تي پنهنجن مائٽن ۽ دوستن جو ميلاپ ۽ وڇوڙو. لطيف سائين بلڪل بجا فرمايو آهي ته "ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري" ڪنهن به انسان جي زندگيءَ ۾ ائين ڪڏهن به ڪونه ٿيو آهي ته ڪيس صرف خوشيون يا صرف ڏک ئي مليا هجن. پر هر ڳالهه ۾ تحمل، ضروري آهي. انسان جي جمڻ کان وٺي مرڻ تائين اهڙا ڪئين لمحا اچن ٿا. منهنجي زندگيءَ جا به اهڙا ڪيترائي لمحا آهن جن ۾ پيار محبت، خلوص، قرباني، انڪساري، دوستي، دشمني عزت وغيره سڀ شامل آهن. ڏک سک ته گهڻا آهن پر هر حال ۾ شڪر ڪرڻ ۽ مالڪ جي احسانن کي ياد ڪرڻ سان دل کي سڪون ملي ٿو.

منهنجو واسطو هڪ زميندار فيمليءَ سان آهي. منهنجو ڏاڏو ۽ والد حيدرآباد جا وڏا زميندار هئا ۽ هينئر به منهنجن ڀائرن ۽ ڀائٽين وٽ اهي زمينون موجود آهن. منهنجو جنم 5 جولاءِ 1953ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو. منهنجي والد جو نالو سيٺ احمد علي خان هو. زميندار هئڻ جي ناتي سندس دوستي به سنڌ جي وڏن ماڻهن، پاڳاري صاحب ۽ کهڙي صاحب جهڙن سان هئي. مون کي ياد آهي ته جڏهن اهي بابا سان گهر ملڻ ايندا هئا ته ان وقت يعني 55_1956ع ۾ به اسان کي 500 روپيا (مون کي منهنجي ڀاءُ شوڪت) کي ڏيندا هئا. ان وقت منهنجي بابا وٽ پنهنجو گهوڙو ۽ هڪ گهوڙي گاڏي هوندي هئي. هو هڪ بهادر انسان، سخي دل ۽ باشاهه طبيعت جو هوندو هو. جڏهن منهنجو ڏاڏو ڪيس فضول خرچيءَ تان منع ڪندو هو ته هميشه چوندو هو ته، بابا سخي ۽ شوم ٻارنهين مهيني برابر هوندا آهن. انهيءَ ڪري مون کي منع نه ڪر. هن کي چوندا ئي سيٺ احمد علي شير هئا. اسان يعني ڀائر، ڀينر، ڀائٽيا ۽ ڀاڻيجا جڏهن به ڪنهن شيءَ جي گهرج ڪندا هئاسون ته پوري ڪندو هو. خاص طور تي گرمين ۾ منجهند جي وقت پاڙي ۾ (تڏهن اسان ٽنڊي ولي محمد ۾ خواجه جماعت خانه مارڪيٽ جي پويان رهندا هئاسون) قلفي وارو ايندو هو ته اسان جي گهر وٽ خاص طور تي آواز ڏيندو هو ڇو ته هن جو اڏمت ته اسان جي سڄي خاندان کي ڏيڻ ۾ پورو هوندو هو پر پاڙي جي ننڍڙن ٻارن کي پڻ اها قلفي ملندي هئي. اسان پاڻ ۾ ڀائر ۽ ڀينرون (جن ۾ 6 ڀينرون ۽ ٽي ڀائر) آهيون. آئون انهن سيني ۾ ننڍي آهيان. انهيءَ ڪري سيني ڀائرن، ڀينرن جي اڃا تائين به لاڏلي آهيان، سيئي منهنجو تمام گهڻو خيال رکندا آهن. لطيف سائين فرمايو آهي ته "الا

ڏاهي مَر ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن" آئون ننڍپڻ کان جيتري پيار، ناز نخري، لاڏڪوڏ ۾ پلي هئس، ايتريون ئي تڪليفون ڏٺيون آهن. پر آئون ڪڏهن بہ نااميد ڪانہ ٿيس، ڪڏهن بہ مون همت ڪانہ هاري، هر وقت الله تي ڀروسو ڪندي رهندي آهيان ۽ اهو ئي هر مشڪل ۽ تڪليف مان ڪڍي پار اُڪاري ٿو. ڊاڪٽر غلام علي الانا جنهن اسان کي پنهنجي اولاد وانگر سنڀاليو آهي، اهو چوندو آهي تہ "تون پنهنجي بابا جهڙي بهادر آهين." هينئر مون کي الله جي فضل سان هڪ پٽ ۽ ٻہ ڌيئر آهن. پٽ ۽ ڌيءَ کي الله اولاد سان نوازيو آهي. يعني آئون ڏاڏي بہ آهيان ۽ ناني بہ آهيان. (شڪر الحمد لله)

منهنجي پيدائش حيدرآباد ۾ ٿي هئي، انهيءَ ڪري منهنجي پرائمري اسڪول ٽريننگ ڪاليج فارمين هئي. اتان مون پنجين ڪلاس تائين تعليم حاصل ڪئي. هن اسڪول جا استاد سڀ محنتي ۽ جفاڪش هئا ۽ آئون بہ هڪ محنتي ۽ صاف سٿري شاگردياڻي هئس. جو سڀئي استاد مون کي تمام گهڻو ڀائيندا هئا. استادن کي جيڪڏهن پاڻي بہ پيڻو هوندو هو تہ مون کان ئي گهرائيندا هئا، انهيءَ تي ڪلاس جا شاگرد ۽ شاگردياڻيون ناراض ٿيندا هئا ۽ استادن کي منهنجي خلاف الائي ڇا ڇا ٻڌائيندا هئا. مثلاً: خواجہ ڪميونٽي وارا پاڻي ۾ ٽڪون ملائي ڏيندا آهن، پر اسان جا استادن اهو چئي هنن کي خاموش ڪرائيندا هئا تہ هيءَ ئي سڄي ڪلاس ۾ صاف سٿري اڇي ٿي ۽ هڪ ذهين شاگردياڻي بہ آهي. بهرحال آئون جڏهن ٽئين ڪلاس ۾ پڙهندي هئس تہ منهنجي بابا جي وفات ٿي هئي. اهو پهريون موت هو جو مون پنهنجين اکين سان ڏٺو هو. گهر وارا سڀ رنا پٽيا، منهنجي امڙ بيهوش ٿي ويئي هئي. بابا ۾ وري ساهہ پئجي ويو ۽ سڀني کي سڏي چيائين تہ پريشان نہ ٿيو جنهن جو ڪير ڪونهي ان جو الله آهي. آئون توهان سڀني کي الله جي حوالي ڇڏي وڃان ٿو. اهو بابا جو جوانيءَ جو موت هئو. آئون جڏهن ٽن چئن ڏينهن کان پوءِ اسڪول ويس تہ منهنجو استاد عبدالغفور جيئن ئي ڪلاس ۾ داخل ٿيو مون کي ڏسي، مون وٽ آيو ۽ منهنجي پيشاني چمي، چيائين تہ "اڄ کان آئون تنهنجو بابا آهيان ۽ تون منهنجي ڌيءَ آهين." ان استاد کي ٽي ڌيئر اڳ ۾ بہ هيون. انسان جو هڪ دربند ٿيندو آهي تہ الله سائين ٻيا وسيلا ڪيندو آهي. ائين ئي منهنجي اسڪول جا استاد مون کي پنهنجي اولاد وانگر سمجهندا هئا.

مون پنجين ڪلاس ۾ اسڪول School Standard جو امتحان ڏنو. سڄي سنڌ مان پهريون نمبر حاصل ڪيم. ان تي مون کي اسڪالرشپ سالن تائين ملندي رهي. ڇهين ڪلاس ۾ ماڊل اسڪول حيدرآباد (سنڌ يونيورسٽي) واريءَ ۾ داخل ٿيس. بابا جي وفات کان پوءِ ادا ڊاڪٽر غلام علي الانا اسان سڀني کي سنڀالي ورتو. پاڻ ان وقت سنڌالاجيءَ ۾ هئا. انهيءَ ڪري مون کي پاڻ سان وٺي ايندا هئا ۽ واپس وٺي ويندا هئا. اتي منهنجو استاد عبدالفتاح منهنجو گهڻو خيال رکندو هو. اسڪول ۽ يونيورسٽي جا ٽائيم جدا جدا هئا. ان ڪري سال کان پوءِ ميران اسڪول ۾ داخل ٿيس. اتي بہ سٺا ۽ محنتي استاد مليا. اٺين ڪلاس ۾ وري Middle School Standard جو امتحان ڏنو ۽ فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪيو. وري اسڪالرشپ شروع

ٿي، ميٽرڪ ۾ وري فرسٽ ڊويزن حاصل ڪيو. انهيءَ ڪري بي اي تائين اسڪالرشپ ملندي رهي. B.A ۾ فرسٽ ڪلاس پوزيشن (فيڪلٽي ٽاپ) جي ڪري يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار مقرر ٿيس. هڪ استاد درخواست ڪئي ته هن کي پوزيشن سورس (سفارش) تي مليي آهي. اها درخواست گورنر سنڌ کي موڪلي. جڏهن انڪوائري وائيس چانسلر ابڙي صاحب وٽ آئي، نتيجو اهو نڪتو جو منهنجي سڄي ڪيريئر Career ۾ فرسٽ ڪلاس جي ڪري درخواست رد ٿي ۽ مون کي ٻه انڪريمينٽ Increments مليون. جنهن کي خدا رکي تنهن کي ڪير چکي. ان کان پوءِ منهنجي Ph.d ڪرڻ ۽ پروموشن جي وقت، منهنجي خلاف ڪيترين درخواستون ڪيون، ڪرمنل ڪورٽ Criminal Court ڪراچي ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو جيڪو اٺ سال هليو. پر مون ڪڏهن ٻه همت ڪانه هاري.

مون سان گڏ ٽريننگ ڪاليج جا جيڪي ٻه ٻار پڙهندا هئا. اهي ڪي ڊاڪٽر آهن، ڪي انجنيئر آهن، ڪي بئنڪر آهن، ته ڪي بزنس مين آهن. ان وقت سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهائي زبردست هوندي هئي. استاد ايترا محنتي هوندا هئا جو ڪڏهن ٻه ٽيوشن جي ضرورت ڪانه پئي. بلڪ اهو فيشن به ڪونه هو. پنهنجي محنت پاڻ ڪريو عام هو. اڄ جيتوڻيڪ پرائيويٽ اسڪول آهن فيون به وڏيون آهن پر وري ٻه هر استاد ٽيوشن پڙهائي لکين روپيا ڪمائي ٿو. ان وقت اسڪول في 2 آنا هئي ۽ استادن جي پگهار ڪجهه ربيا هئي. منهنجي پيءُ اسڪول ۾ ٽيچر هئي ته 75 روپيا ملندا هئا ۽ هڪ پيءُ ليڪچرار هئي ته 100 روپيا ماهوار ملندا هئا.

پر تڏهن ٻه استاد محنت ڪري حق حلال جي روٽي ڪائيندا هئا ۽ هن پيشي کي عبادت سمجهي سرانجام ڏيندا هئا. اسان جو بابا هو ته زميندار پر روشن خيال هوندو هو. ٻارن کي ڇوڪرين کي تعليم ڏيارڻ جو گهڻو اونو هوندو هو. اسان جي خواجه ڪميونٽي ۾ منهنجي پيءُ پهرين ڇوڪري هئي جيڪا يونيورسٽيءَ تائين تعليم حاصل ڪندي رهي. M.A ان وقت تمام وڏي ڳالهه هئي. اسڪولن ۾ استادن جي کوٽ هوندي هئي. آپا چراغ D.O يا S.D.O هئي. اسان جي گهر آئي بابا کي منٿون ڪيائين ته توهان پنهنجي ڌيءَ کي اجازت ڏيو اسڪول ۾ نوڪري ڪري. بابا چيو ته مون انهيءَ ڪري ٿوروئي تعليم ڏياري آهي ته منهنجي ڌيءَ نوڪري ڪري. پوءِ آپا جي گهڻين منٿن ۽ سمجهائڻ کان پوءِ اجازت ملي اها ٻه آپا پاڻ سان گڏ منهنجي پيءُ کي گاڏيءَ ۾ وٺي ويندي هئي ۽ واپس گهر ڇڏي ويندي هئي. ساڳيو حال مون سان ٻه ٿيو. ميٽرڪ ۾ فرسٽ ڊويزن کان پوءِ ميڊيڪل ڪرڻ جو شوق هو. منهنجي گهر وارن چيو ته جيترو ڪيپي پڙهه، پر نوڪري ڪانه ڪندينءَ. انهيءَ ڪري مون آرٽس جو سبجيڪٽ ڪنيو پر وري ٻه نوڪري ڪرڻي ئي پئي. ماٺهو جاب ۾ اچڻ ڪري گهڻو ئي ڪجهه سکي ٿو وڃائي ٻه ٿو. سٺن ۽ بدنيت انسانن جي چاڻ ٿئي ٿي، پر وري ٻه "جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سي هئي ڪن". الله جو شڪر آهي جو هن وقت تائين هرڪو منهنجي عزت ڪري ٿو.

جيئن مون اڳ ۾ ذڪر ڪيو آهي ته منهنجي بابا کي نياڻين کي تعليم ڏيارڻ جو گهڻو شوق هو تيئن منهنجي ماءُ کي ٻه جيتوڻيڪ پاڻ پڙهيل ڪانه هئي.

**اسان جا شاگرد انهن ليڪچرز جي ڪري ايترا تہ ذهين ٿي ويا جو ليڪچر کان پهرين ڪتاب پڙهي سوال لکي ايندا هئا.**

پر ٻارن جي پڙهائيءَ جي سلسلي ۾ تمام گهڻي سخت هوندي هئي. مون کي ياد آهي تہ منهنجي هڪ وڏي ڀيڻ، هڪ دفعو ساهيڙين جي چوڻ تي اسڪول ڪونہ ويئي. امان هن کي ڏنڊين سان مار ڪيڏي ۽ پوءِ ميران اسڪول تائين ڇڏي آئي. اسان ان جي مار ڏسي ڪڏهن بہ اسڪول مان موڪل نہ ڪئي ۽ نہ ڪڏهن گسايو.

اسان جي وقت ۾ حيدرآباد ننڍو شهر هو. ٽريننگ ڪاليج ۾ پڙهندا هئاسون تہ ان بلڊنگ کان پوءِ ڪا شيءَ ڪانہ هئي. هينئر تہ الرحيم شاپنگ سينٽر ۽ سرفراز ڪالوني ٺهي ويئي آهي. اسان جي پاڙي ۾ هندو (مينگهواڙ جيڪي ان جو ڪم ڪندا هئا) سنڌي، مهاجر، پنجابي رهندا هئا. پر هميشہ سڪون هوندو هو. پاڙي جي هڪ پنجابي فيملي وارا مون کي نوراجو سڏيندا هئا. ڏياري جي موقعي تي جيئڻ هندن جي گهرن ۾ ڏيئا ٻرندا هئا. ائين اسان جي سڄي گهٽيءَ ۾ بہ ڏيئا ٻرندا هئا. هوليءَ جي رنگن ۾ بہ سڀ شامل هوندا هئا. عيد برات تي بہ سڀ گڏ هوندا هئا. اسان جي گهر ۾ ڪم ڪندڙ ڪاسائي عورتن جون ڌيئر اسان سان گڏ اسڪول پڙهنديون هيون. انهن مان ڪي هن وقت ٽيچر آهن. ننڍ وڏائي ڪانہ هوندي هئي. ايمانداري.شرافت هوندي هئي خوف خطرو ڪونہ هو. اسان پاڙي جا ٻار رات 10 ,9 تائين گهٽيءَ ۾ کيڏندا هئاسون. جنگ هجي يا مارشل لا سڄو پاڙو گڏ هوندو هو.

يحيٰ خان جي وقت ۾ پاڪستان ۽ هندوستان جي لڙائي ٿي، بليڪ آئوٽ هوندا هئا. سڄي پاڙي جا مرد پنهنجيون ڊيوٽيون ڏيندا هئا. سڄي رات واري واري سان جاڳندا هئا. اسان سڀني جي گهر جي عورتن کي گهرن جي ڇتين تي ڊيوٽي ڏيڻي پوندي هئي. ننڍي عمر جي ڇوڪرين کي بندوق هلائڻ جي ٽريننگ بہ ڏني ويئي. ان ۾ آئون بہ شامل هوندي هيس. پاڙي ۾ پيار محبت ايترو هوندو هو جو منهنجو پاءُ B.D جي اليڪشن ۾ بيٺو تہ سڄو پاڙو ان جو ورڪر هو. جڏهن سلاوٽ مائين ۽ مردن، عورتن ۽ مردن کي مارڻ لاءِ لائين ۾ بيٺلن کي سيون هٽي پڇايو. تڏهن ڪٽڻ جي ڪا اميد بہ ڪانہ رهي. سلاوٽ ذات جا ماڻهو اٺ گاڏيون سينگاري ڪٽي آيا. جڏهن رزلٽ آئي ۽ منهنجي پاءُ کٽيو تڏهن هنن وٽ تہ ڪابہ سواري ڪونہ هئي. پاڙي جي مردن ان کي، اتان کان ڪلهن تي کڻي نچندا ٽپندا گهر تائين آيا. ۽ شابس پاڙي وارن کي هئي، جن انهيءَ سلاوٽ ذات سان مقابلو ڪيو. ٻنا ڪونہ ۽ پنهنجو ووٽ ڪاسٽ ڪندا رهيا ۽ اها ڪاميابي صرف انهن جي ڪري ئي ٿي هئي. منهنجو اهو پاءُ اڪبر تمام گهڻو بهادر ۽ نيڪ انسان هو. هر ڪنهن جو همدرد، مهمان نواز سڀ ڪنهن جو ڀلو چاهيندڙ ۽ سخي دل هو. جڏهن حيدرآباد ۾ فرج صرف ڪن چند ماڻهن وٽ هئا. جيئن تہ منهنجو پاءُ نئين سوچ رکندڙ ۽ نيون نيون شيون خريد ڪندو هو. هو ڪراچيءَ مان فرج وٺي آيو. ۽ اسان سڀني گهر وارن کي حڪم هو تہ ڪير بہ ماڻهو برف وٺڻ يا ٿڌو پاڻي وٺڻ اچي تہ منع نہ ڪجو. اهڙيءَ طرح فون لڳرايو تہ ان لاءِ بہ اهو حڪم هو. سڄو پاڙي وارا ڪيڏي مهل بہ اچي فون

ڪندا هئا. اسان وٽ ٽي. وي بہ سڄي پاڙي ۾ پهرين آيو. ان وقت اجا ٽاٽي بولاخان وارو بوسٽر لڳي رهيو هو. چنچر جي ڏينهن پي. ٽي. وي P.T.V (صرف اهو هڪڙو ئي چينل هوندو هو) سينيما رات جو فلم ايندي هئي. ان فلم واري رات اسان جو گهر سڄو فل هوندو هو. جيئن ڪا سينيما هجي. اسان گهر وارا ننڍي چٽ تي ويهي ڏسندا هئاسون پر ڪنهن بہ عورت ۽ ٻار کي منع ڪانہ هوندي هئي. فلم ڏسڻ سان گڏوگڏ ننڍڙا ٻار اسان جي بورچيخاني مان ماني بہ کائي ويندا هئا. وي سي آر نئون نئون آيو. منهنجي ڀاءُ ٽن ڏينهن تائين فلمون هلايون. جيڪي پاڙي جا ماڻهو آيا انهن کي مانيون بہ ملنديون هيون ۽ چانهہ بہ. جڻ اسان جي گهر ۾ ميلو هوندو هو. اسان جو اهو ڀاءُ تمام گهڻو سمجهدار هوندو هو. ڪئين نصيحتون بہ ڪندو رهندو هو. مثال طور: "پئسو ڏيئي سڪون ملي تہ خريد ڪري وٺو يا ڪميٽي سان ان جهڙو ٽيڻ مان ڪهڙو فائدو". انسان پنهنجو اخلاق تہ هٿان نہ ڇڏي. 45 سالن جو هو تہ وفات ڪري ويو. الله کيس جنت نصيب ڪري. ان وقت اسان جي ماءُ زنده هئي. ان جي هنج ۾ ليٽي پيو ۽ چيائين تہ امان تو کي رُلائي پيو وڃان. واقعي منهنجي امڙ کي تہ رلائي ويو هو.

منهنجا هن وقت تائين ڇهہ ڪتاب شايع ٿيل آهن ۽ ستر کان بہ مٿي مقالا شايع ٿيل آهن. اهي مقالا مون ڪراچي يونيورسٽي، فيڊرل اردو يونيورسٽي ۽ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ ڪانفرنسن ۽ سيمينار جي موقعن تي پڙهيا آهن. ان کان علاوه ڪجهہ مقالا منهنجا هندوستان ۾ بہ شايع ٿيا آهن. جڏهن منهنجي ايم. اي ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ

**ڊاڪٽر نذير مغل سيمينار ۾ حالات ڏسي، منهنجي تمام گهڻي طرفداري ڪئي. منهنجي ٻنهي سيمينارن ۾ باقاعدي مخالف ٽولو ڪري آيا تہ هن کي ناڪام ڪنداسون**

پوزيشن آئي تہ سنڌي شعبي جي چيئرمين ڊاڪٽر حبيب الله مرزا، ان وقت جي وائيس چانسلر کي چيو تہ اسان وٽ ليڪچرار جي پوسٽ خالي آهي ان تي نور افروز کي جاب ڏيو. وي سي صاحب جي احسانمند آهيان جو مون کي گهران گهرائي، آفيس ۾ انٽرويو ورتو ۽ انهيءَ ئي ڏينهن جاب ملي. نوڪريءَ کان پوءِ منهنجا دشمن وڌي ويا. بهرحال هر پروموشن تي جهيڙو competition پر خدا مون کي ڏنو ٿي. هڪ دفعو هڪ استاد صاحب چيو تہ هيءَ الله تي رکي ويٺي آهي تہ جنهن جي نصيب ۾ رزق هوندو، مالڪ ان کي ئي ڏيندو. پوءِ چاهي ڪيترين دشمنيون ڇو نہ هجن. پر جيڪڏهن اهو نصيب ۾ نہ هوندو تہ ڪيترائي حيلا وسيلا ڪريو نہ ملندو ۽ خدا جي فضل سان منهنجو اهو ئي يقين آهي. جڏهن انٽرويو جو وقت آيو تہ ان صاحب چيو تہ هي الله تي رکي ويٺي آهي. هن کي ڏسون الله ڏئي ٿو، پر آئون تہ پنهنجي مڙسيءَ تي وٺندس. هو وري هڪ ٻئي صاحب کان جيڪو گهڻو منافق هو ۽ جڏهن کان شعبي ۾ آيو هر ڪنهن جي خلاف ڪجهہ نہ ڪجهہ لکي، ڪوڙيون صحيحون ڪري هر آفيسر، گورنر تائين موڪليندو هو ان اچي چيو تہ اسان ٻئي پروموٽ ٿي ويا آهيون. مون انهن کي چيو تہ ادا توهان بہ تہ اسان جي شعبي جا آهيو. جيڪڏهن توهان پروموٽ ٿيا تہ بہ اسان جون اکيون ٺڏيون.

اسان تہ خوش ٿينداسون. اهي تہ اڇٽيون وڇٽيون شيون آهن. جڏهن رزلٽ آئي تہ آئون ۽ پهريون صاحب پروفيسر ٿياسون ۽ پيو صاحب 6.5 سالن کان پوءِ ٿيو. مون ان وقت ان صاحب کي چيو تہ ادا تون پنهنجي مڙسيءَ تي پروفيسر ٿيو آهين پر مون کي الله پروموٽ ڪيو آهي. ننڍي صاحب منهنجي پي. ايچ. ڊي Ph.D جي خلاف بہ الاهي گند ڪيو. منهنجي گائيڊ علامہ قاسمي صاحب کي برو ڀلو چيو. جيڪي لفظ ان هڪ اسڪالر، بزرگ لاءِ چيا، اهو هو ڀاڻ آهي يعني اکيون بہ وڃائي چڪو آهي، تنگن کان بہ معذور، لکڻ پڙهڻ ڪونهيس. الله معاف ڪري انسان ايتري حد تائين ڪري ٿو پوي تہ خدا تہ هتي ئي سيني کي ڏيکاري ٿو. شعبي ۾ جڏهن چيئرپرسن ٿيس تہ منهنجا دوست بہ دشمن ٿي پيا. بهرحال مون وڏ کان وڏ ڪوشش ڪري شعبي کي ترقي وٺرائڻ چاهي. سنڌي ڪمپيوزنگ جا ڪورسز شروع ڪرايا تہ سنڌي ٻارن کي جيستائين نوڪري ملي تيستائين هنن کي فائدو پهچي جو سنڌي ڪمپوز ڪندڙ گهٽ آهن. مظهر صاحب مون کي شعبي لاءِ ڪمپيوٽر ڏنا. مظهر صاحب شعبي جي ترقيءَ ۾ منهنجي تمام گهڻي مدد ڪئي. شعبي ۾ قائم پروفيسر محرم خان ليڪچر سيريز کي بحال ڪرڻ لاءِ هر ليڪچر لاءِ ڏهہ هزار روپيا منظور ڪيا. جن ۾ سنڌ جي وڏن اديبن امر جليل، آغا سليم، الطاف شيخ، تاج جويو ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ خود مظهر صاحب جا بهترين ليڪچر جن مان شاگردن کي گهڻو فائدو ٿيو. هڪ تہ هو روبرو انهن سان مليا، سوال جواب ڪيائون، فوٽا ڪڍايائون. انهن جا گروپ فوٽو (استادن سان) شعبي جي چيئرمن جي آفيس ۾ ٽنگيل آهن. منهنجي پڻ اها خواهش هوندي هئي تہ آئون جنهن بہ اديب تي لکان ان کي ڏسان ۽ ملاقات ڪريان. ثميره زرين، ليلا بانا، خير النساء جعفري، ڊاڪٽر تنوير جوڻيجو وغيره سان مليس. آئون جڏهن M.A ڪري رهي هيس، تڏهن ادا الانا مون کي سبجيڪٽ تي Assignment اسائنٽمينٽ ڏيند اهئا، جيڪا ڪلاس مڪمل ٿيڻ کان پوءِ، سنڌالاجي جيڪا ان وقت آرٽس فيڪلٽي ۾ جتي هينئر سوشالاجي ڊپارٽمينٽ آهي، اتي هوندي هئي. لائبريري ۾ وڃي لکندي هيس. ادا الانا جي اها هدايت هوندي هئي تہ ڪلاس ختم ٿئي تہ پوائنٽ جي ٽائيم تائين لائبريري ۾ ويهي ڪتاب پڙهندي ڪر. اجايو وقت نہ وڃاءِ. بهرحال هڪ ڏينهن مون کي پٽيوالو سڏڻ آيو تہ الانا صاحب آفيس ۾ سڏي ٿو. آئون ڊڄي ويس تہ الائي ڪهڙي غلطي ٿي آهي. آفيس ۾ ويس تہ هڪ ٿلهو متارو ڊگهو ماڻهو ڪرسيءَ تي ويٺو هو. ادا الانا سان ڳالهيون ڪري رهيو هو. مون کي ادا الانا چيو تہ ڪالهہ جيڪا تو نسيم کرل تي اسائنٽمينٽ لکي آهي اهو هيءَ آهي. پوءِ ادا الانا هن کي ٻڌايو تہ هن تنهنجي افسانن تي هڪ زبردست تحقيق ڪري تنقيدي جائزو لکيو آهي. اهڙيءَ ريت جڏهن مون امر جليل تي مقالو لکيو تڏهن بہ ادا الانا نوٽ لکيو تہ اڄ جيڪڏهن امر جليل اهو پڙهندو تہ خوش ٿيندو. اهو مقالو جڏهن شايع ٿيو تہ هڪ دفعي امر جليل سان شام ملهائي ويئي. مون کي معلوم ٿيو تہ جن بہ ان تي پيپر پڙهيا، انهن منهنجو ڪتاب خريد ڪيو هو. اهو اعزاز آهي منهنجي لاءِ. ائين ثميره زرين مون کي پنهنجو مجموعو گيت اجايل

مورن جا، تحفي طور هٿ اکر لکيل ڏنو. خير النساء جعفري تي مون جڏهن مقالو لکيو تہ ٻيون اديبائون ناراض ٿيون. ان تي خيرو چين تہ ضروري آهي ڇا تہ سڀني تي لکي. جيڪو هن کي وڻندو ان تي لکندي. ائين ڊاڪٽر موتي پرڪاش مون کي فون تي ٻڌايو تہ ”مون کي خوشي ٿي تہ سنڌ ۾ اسان پارت جي اديبن کي ياد ڪري، انهن تي تو ٿيسز ۾ لکيو آهي، تو کي شاباش هجي.“ بهرحال مون سنڌ جي اديبن جي ليڪچر ڪرائڻ سان گڏ هند جي اديبن، ڊاڪٽر چندر ڏاسواڻي، هيرونڪر، ڊاڪٽر ڇينولالواڻي ۽ ٻين کان ليڪچر ڪرايا، ان ۾ مظهر صاحب خود بہ شريڪ ٿيندا هئا. انهن سڀني جي ليڪچرز کي مون مقالن جي صورت ۾ سنڌي شعبي ۾ قائم شاهہ لطيف ريسرچ سيل طرفان شايع ڪيل ڪتابن ”اڱهيا سٽ سندا“ ۽ ”لوچيان تي لاحد“ ۾ شايع ڪرايا. شعبي جي طرفان ريسرچ جرنل کي H.B.C کان منظور (Approval) ڪرايو. اسان جا شاگرد انهن ليڪچرز جي ڪري ايترا تہ ذهين ٿي ويا جو ليڪچر کان پهرين ڪتاب پڙهي سوال لکي ايندا هئا. آغا سليم هڪ دفعي ڪن اديبن جي اڳيان چيو تہ سنڌي شعبي ۾ ليڪچر ڏيڻ وڃو تہ مڪمل تياري سان وڃو. اتي جا ٻار مون سمجهيو تہ ڳوٺن جا سادا سودا شاگرد هوندا پر ڏاڍا ذهين آهن ۽ مون کي تہ پريشان ڪري وڌائون، اهڙا سوال ڇوندبيو ٿا اچن جو ڇا چئجي! جيتوڻيڪ مظهر صاحب کي بہ ماڻهن منهنجي خلاف ڪافي ڪجهہ ٻڌايو. انهيءَ ڪري مظهر صاحب 4 سينئير پروفيسرن کي ڇڏي پنجين نمبر کي چيئرمين ڪيو ۽ پوءِ ان مظهر صاحب جي ئي خلاف لکيو ۽ يونيورسٽيءَ جي خلاف لکيو. اهي ماڻهو جنهن ٿالهي ۾ کائيندا آهن، انهي ۾ ئي ڇيد ڪندا آهن. انهن کي شيخ اياز صاحب نوڪري ڏني ۽ پوءِ ان جي ئي خلاف ٿي ويا. ٻُرن ماڻهن جو انجام بہ بروئي ٿيندو.

منهنجي Ph.D بہ ڊاڪٽر نذير مغل جڏهن وائيس چانسلر ٿي آيا تڏهن ايوارڊ ٿي. ڊاڪٽر نذير مغل سيمينار ۾ حالات ڏسي، منهنجي تمام گهڻي طرفداري ڪئي. منهنجي ٻنهي سيمينارن ۾ باقاعدي مخالف ٽولو ڪري آيا تہ هن کي ناڪام ڪنداسون پهرئين منهنجي استاد ڊاڪٽر قاضي خادم ۽ ڊين آرٽس فيڪلٽي لاڙڪ صاحب منهنجي سپورٽ ڪئي ۽ آخري سيمينار ۾ مغل صاحب منهنجي سپورٽ ڪئي. ان کان پوءِ پروفيسر بہ مغل صاحب جي دور ۾ ٿيس. ڊين فيڪلٽي آف آرٽس بہ مغل صاحب جي ٻيو دفعو وائيس چانسلر ٿي اچڻ تي ٿيس. ڊاڪٽر الانا، مغل صاحب کي چوندو آهي تہ تون افروز لاءِ ڀاڳ ٿي اچين ٿو. ان کان پوءِ مرزا قليچ بيگ چيئر جو ڊائريڪٽر بہ مون کي مغل صاحب ڪيو. چيئر طرفان مون مرزا صاحب جا 20 ڪتاب شايع ڪرايا، ان کان علاوه مرزا اعجاز وٽ، مرزا صاحب جا جيڪي اڻ ڇپيل ڪتاب ۽ مضمون وغيره هئا. اهي سيئي اسڪين ڪرائي ڇپرائڻ جي لاءِ گڏ ڪيا. بهرحال اهڙا زندگيءَ جا ڪئين واقعا آهن قسطوار ڇپرائيندس. هينئر تہ گلبدن جي حڪم تي جيڪي ياد هو اهو لکيو آهي، تسلسل تہ ڪونهي، رنڊيا روڙيا اٿم. همت افزائي ملي تہ پوءِ باقاعده ترتيب سان لکندس. جنهن ۾ استادن، دوستن، مٽن مائٽن، ادارن وغيره بابت لکندس.

❋

شبنم گُل



# ترِيءَ تي جرڪندڙ وقت جي وڃايل پوپٽ جا رنگ

تبديلي، زندگيءَ جي يڪسانيت کي ٽوڙڻ جو محرڪ بڻجي ٿي. اها ئي تبديلي جي ڪشش، مون کي هڪ دفعو ٻيهر هڪ ٽين دنيا کي دريافت ڪرڻ لاءِ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد وٺي آئي.

ان زماني ۾ اسان سنڌ جي ڪوهه مري مڪلي تي رهندا هياسين. هر شهر جو پنهنجو هڪ الڳ مزاج ٿئي ٿو. اتي جي آبهوا، خوشبو، رنگن ۽ موسمن جو پنهنجو آهنگ هجي ٿو. هر خطي جي ماڻهن جي الڳ نفسيات ٿئي ٿي، سندن رهڻي ڪهڻي، ٻولي ۽ طبعيت جو الڳ ئي انداز هوندو آهي. ٺٽي شهر جي پرسان وهندڙ سنڌو درياهه ۽ ڪينجهر ڍنڍ جو پنهنجو منفرد انداز آهي. مڪليءَ جي وسيع ترين قبرستان جي خاموش صدين جي پراسراريت ۽ صوفين جي ساهن جي سرهن گلن جي سڳنڌ جهڙي مست ڪندڙ سُرهاڻ آهي.

1986ع ۾ مون سنڌ يونيورسٽيءَ مان انگريزي ادب ۾ ايم. اي ڪرڻ لاءِ مڪليءَ مان سنڌ يونيورسٽيءَ جو رخ ڪيو ۽ مارئي هاسٽل ۾ رهڻ لڳس. 87-1986ع ۾ ريڊيو ڏانهن رخ ڪيم. ماروي هاسٽل ۾ رهڻ دوران انهي ساڳي بي چيني منهنجي اندر اچي ديرو ڄمايو. جيڪا ننڍپڻ ۾ مون کي خطرن ۾ پوڻ تي اُڪسائيندي هئي. بابا جا موڪليل ماڻهو مون کي دريائن، وڻن ۽ جهنگن مان ڳولهي لهندا هئا. مان فطرتا ambivert ايمبيورٽ آهيان، يعني introvert انٽرورٽ ۽ extrovert ايڪسٽروَرٽ جو ميلاپ. ايمبيورٽ ماڻهو ٻن مختلف دنيا جي ڌارائن سان گڏ هلندا آهن. منهنجي ذات ۾ هڪ طرف ته سندربن جي جنگل جهڙي پراسرار خاموشي آهي ته ٻئي طرف زندگيءَ جون رونقون ۽ فطرت جا ڀرپور آواز آهن. پنهنجي اندر جي خاموشيءَ کان گهٻرائجي، آواز ۽ تصوير جي دنيا ۾ پناهه ورتي هيم. ٻي صورت ۾ منهنجي خاموشي/سادگي گليمر جي دنيا جي بلڪل اُبتڙ هئي. مختصر گفتگو ۽ فقط پنهنجي ڪم تائين محدود چند جملا. نه اجائي ڏيگهه، نه هروڀرو جي کِل. مردن کي مرد نه پر انسان سمجهي ڳالهائڻ. خير....

ڄام شوري ڪالوني ۾ رهائش دوران، هڪ ڏينهن فرح ناز رضوي سان گڏ، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ٻارن جي اردو پروگرام 'ڦلواريءَ' ۾ شرڪت ڪئي هيم. ان وقت منهنجي عمر ڏهه سال هئي. اسٽوڊيوز جو مخصوص ماحول، ٻارن جون تجسس ڀريون اکيون ۽ مائيڪ ۾ گونجندڙ منهنجو آواز هڪ انوکو تاثر ڏيئي رهيا هئا. رفيق ٻيا جا چرچا ۽ فرح جي ڪمپيئرنگ جو شوخ انداز منهنجي ذهن ۾ جڙ ته هميشه لاءِ نقش ٿي ويا. اهو پهريون تحرڪ هو مون لاءِ، آواز جي دنيا ڏانهن رخ ڪرڻ جو.

ڄام شوري ڪالوني جي اسپتال طرفان مليل بنگلي جي ديوارن تي، گلابي ۽ اڇي رنگن جي بوگن ويليا جا خوش رنگ گل اکين کي طراوت بخشيندا هئا. برسات جي ختم ٿيڻ کان پوءِ بارش جا قطره، گلن ۽

**اُهي پوپٽ، جگنو، گل، ستارا، ٽهڪ ۽ مرڪون بہ ساڳيا نہ رهيا هئا...**

**نہ خواب اُهي رهيا، نہ اُتساهہ ساڳيو هو... هر دور جي پنهنجي هڪ الڳ سونهن ٿئي ٿي.. اُن سونهن پنيان وقت جو راڪاس ڊوڙندو ٿو رهي..**

پنن تي ماڪ ڦڙن جيان جرڪندا هئا. تارين ڪي لوڏڻ سان وري بارش ٿيڻ لڳندي هئي. فطرت جي سونهن سان ڀرپور حسين ڏينهن هئا. اڄ بہ تصور ۾ بارش جي پاڻيءَ ۾ ڪاغذ جي ڪشتي تري رهي آهي...

ڄامر شوري ڪالوني ۾ اسان جي گهر جي بلڪل سامهون، شهناز سليم جو گهر هوندو هو. شهناز صبح جو سليوليس قميض، بيل باٽم پهريل هڪ ادا سان ننڍا ڪٽيل وار لوڏيندي، ريڊيو ڏانهن ويندي نظر ايندي هئي منهنجي دل بہ ريڊيو تي وڃڻ لاءِ ضد ڪرڻ لڳندي هئي. (شهناز سليم اڄڪلهہ وائس آف آمريڪا سان وابستہ آهي) پر پوءِ جلد منظر بدلجي ويا. بابا جي بدلي هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ ٿي وئي. ننڍپڻ جا ساٿي، اُهي برساتيون، جگنوئن جي ڳولا ۽ ريڊيو جو تصور گهٽو ٻوٽتي رهجي ويا.

سنڌ جي ٻوٽتي ٻيل علائقي، هڪ روايتي ماحول ۾ ڄامر شوري جون سنڌو درياهہ جي ڇهاءَ سان ڀنل يادون، ذهن ۾ ڪڙڪيپتي جيان لڪ لڪوٽي ڪيڏنديون هيون...

روشني ۽ اونداهي...

اونداهي ۽ روشني...

ان تصور ۾ سموريون موسمون، فرح جو گهر، شهناز سليم ۽ ريڊيو پيا ٻرندا ۽ اُجهامندا هئا. منهنجي دل ريڊيو تي وڃڻ لاءِ ضد ڪندي هئي. اسٽوڊيوز جي مخصوص مهڪ مون کي سڏيندي هئي. مون کي اسڪول، پراڻا ساٿي ۽ ڄامر شوري جون هوائون ياد اينديون هيون. گذري ويل وقت کي ٻيهر پائڻ جي تمنا جو سوز منهنجي رڳن ۾ گردش ڪندو رهيو. ريڊيو تي وڃڻ جي خواهش، روايتي ماحول ۾ رهندي هڪ اڻپوري سپني جيان لڳندي هئي، پر پوءِ بہ مون کي پنهنجي ذهن جي انوکي قوت تي هڪ ويساهہ هوندو هو. ان ويساهہ ۾ روايتن سان ٽڪرائڻ جو عزم بہ شامل ٿي ويندو هو. مون ڪٿي پڙهيو آهي ٻالڪپڻ جا خواب ضرور ساڀيان ماڻيندا آهن. نفسيات جي هڪ ٿيوري مطابق، ذهن ۾ پيدا ٿيندڙ سمورا خيال ڪڏهن بہ فنا نہ ٿا ٿين. اهي خيال تڪميل جي مختلف سمتن طرف مستقل سفر ۾ هوندا آهن. سو مان بہ پاڻ کي مائيڪ جي اڳيان ڳالهائيندي محسوس ڪندي هيس. ڳوٺ ۾ مٺي هڪ ڪمري ۾ هزارين ڪتاب پيا هوندا هئا. جڏهن بہ ڳوٺ ويندي هيس تہ پڙهڻ لاءِ ڪٽي ويندي هيس. انهن ڪتابن مون کي خواب ڏسڻ جو ڏانءُ سيکاريو.

مڪليءَ ۾ رهائش دوران چاچا شاهہ محمد کي ريڊيو تي وٺي هلڻ لاءِ چيم. گهر ۾ هو واحد هستي هو جنهن مون کي ٻاهرين دنيا ڏيکاري هئي. بابا جو ويجهو دوست هو. اسان سان گهرجي ڀاتين جيان رهندو هو. سندس تعلق هندوستان جي رياست پٽيالہ جي ڳوٺ سرهند بستي سان هو. سندس مادري زبان پنجابي هئي. پر گهر ۾ اسان سان اردو ڳالهائيندو هو. ٻي مهاڀاري لڙائي ۾ هن فوجي جي حيثيت ۾ حصو ورتو هو. هڪ روايتي ماحول ۾ هن جو وجود مون لاءِ هڪ اهڙي دريءَ جيان هو جنهن

جي ٻاهر توهان زندگيءَ جي چرپر ۾ خوبصورتي کي محسوس ڪري سگهو ٿا.

ريڊيو تي وڃڻ جو فيصلو روايتن کان بغاوت جو اعلان هو. مان ڪجهه ڏنل هيس پر چاچا شاهه محمد وڏي حوصلہ افزائي ڪئي. ريڊيو حيدرآباد جي بلڊنگ ۾ جيئن ئي داخل ٿيس تہ لڳو لان ۾ لڳل يوڪلپٽس جا وڻ مون کي خوش آمديد چئي رهيا هجن. نوان چهرا، شهر، گهٽيون ۽ عمارتون پهرين نظر ۾ عجيب تاثر ڏيندا آهن. اجنبيت جو هڪ انوکر تاثر. انور هڪڙي صاحب جي آفيس ۾ پهتس. هو پهرين ملاقات ۾ مون کي خشڪ ۽ کرو انسان لڳو.

"اڇا تہ توهان رڳو ڪمپيئرنگ ۾ ئي دلچسپي رکو ٿا؟" انور هڪڙي ڪمپيئرنگ لفظ تي زور ڏيندي چيو.

"جي" منهنجي اکين ۾ خوابن جا پوپٽ اڏرڻ لڳا. مون پاڻ کي اسٽوڊيو ۾ مائيڪ آڏو ڳالهائيندي محسوس ڪيو.

"پر مان توهان کي ڊرامي ۾ صداڪاري جي صلاح ڏيندس."

مان هڪدم حقيقت جي دنيا ۾ واپس اچي ويس. نڙيءَ ۾ اڻ وٽندڙ ڪڙاڻ محسوس ٿي.

"ڊرامي ۾ صداڪاري...!!!" حيرت سان چيم.

"صداڪاري سان توهان جي لهجي ۾ Variation ايندي. ڪمپيئرنگ بہ پري ناهي پر توهان ڊرامي لاءِ سوچيو."

مون کي نہ ڄاڻ تہ ڇو مونجهہ ٿيڻ لڳي. "مان فقط ڪمپيئرنگ ئي ڪندس. مون کي صداڪاري سان ڪا بہ دلچسپي ڪانهي."

"جيئن توهان جي مرضي" انور هڪڙي جي لهجي ۾ بہ هلڪي ڪاوڙ هئي.

چاچا شاهہ جي بہ پرسان ڪرسيءَ تي اها گفتگو ٻڌي رهيو هو. اسان ٻئي انور هڪڙي جي آفيس مان ٻاهر نڪري آياسين. ڪوريڊور ۾ هلندي مون چاچا شاهہ کي چيو. "بس واپس هلو. مون کي ڪمپيئرنگ ناهي ڪرڻي." چاچا شاهہ ڪلي ڏنو. منهنجي ڪاوڙ تهائين وڌي وئي. منهنجي ڪاوڙ کي محسوس ڪري چوڻ لڳو.

"مان توکي ڪاميابي جي منزلن کي ڇهندي ڏسڻ ٿو چاهيان. ڪنهن ٻئي پروڊيوسر سان ڳالهائي ڏس. متان ان کي تنهنجي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وڃي."

"مون وٽ تہ ڪا سفارش بہ ڪونهي. نہ بس. واپس هلو." مان ضد ڪرڻ لڳس.

"انسان جي سڀ کان وڏي سفارش هن جي صلاحيت هوندي آهي." چاچا شاهہ مون کي اُميد ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي. سامهون آفيس تي نصير مرزا جي نيم پليٽ ڏسي اندر داخل ٿيس. رسمي دعا سلام کان پوءِ چاچا شاهہ ڪرسي تي ويهي رهيو. مون نصير مرزا کي پنهنجي اچڻ جو مقصد ٻڌايو. هن ڪجهہ سوال ڪيا ۽ مان جواب ڏيندي رهيس. شايد هن منهنجي آواز جي ڪوالٽي ۽ ڄاڻ کي پرکڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي.

"مون وٽ خطن جو پروگرام آهي. جيڪڏهن انٽريسٽيڊ آهيو تہ اربع کان رڪارڊنگ ڪنداسين. ٻيو ڪمپيئر محمود مغل بہ توهان سان گڏ هوندو."

مون فوري طور حامي ڀري ورتي. نصير مرزا جو پنهنجائپ ڀريو اُتساهيندڙ آواز هڪ ناقابلِ بيان خوشي، ريڊيو جي مخصوص مٽي ڇاڻهن جو ذائقو

چاچا شاهہ جي چهري تي پُر عزم مرڪ ۽ اُهو لمحو! ڪمپيئرنگ جي دنيا ۾ پهرين وک طور يادن جي باب ۾ هميشہ لاءِ محفوظ ٿي ويو.
منهنجو آواز ريڊيو جي مائيڪ وسيلي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گونجڻ لڳو. اسٽوڊيوز جي ماحول جي مخصوص مهڪ، اڻ ڏٺل سامعين سان مخاطب ٿيڻ جي بي ساختہ خوشي، پنهنجون سوچون ۽ احساس شيئر ڪرڻ جو لطف، لفظن جي اڻ کٽ دنيا ذريعي سماج کي بدلائڻ جو عزم، هڪ خوبصورت احساس ۾ بدلجي ويندا هئا. آواز جي خوبصورتي سان گڏ لفظن جي نواڻ، خيالن جي گهرائي ۽ موضوع سان نياءُ جو ڏانءُ، آواز جي دنيا ۾ منهنجي ڪاميابي جي علامت بڻجي ويا هئا.
انسان جي سکيا جو عمل درسگاهن کان ادارن تائين مختلف مرحلا طئي ڪندو رهي ٿو. نفسيات جي مضمون سان خاص دلچسپي هئڻ ڪري، مون کي ماڻهن جي هجوم ۾ رهندي، ڪنهن بہ قسم جي ڏکيائي محسوس نہ ٿيندي هئي. مان ماڻهوءَ کي سندس نفسيات مطابق ڊيل ڪرڻ جو هنر رکندي هيس. مان هڪ نظر ۾ انسان کي پرکي ساڻس ان مطابق هلندي هيس. پر ڪنهن تي ظاهر ٿيڻ نہ ڏيندي هيس، تہ مون کيس پر کي ورتو آهي. سڀ ڪجهہ ڄاڻڻ جي باوجود اڻڄاڻ بڻجي رهڻ واري رمز ڪڏهن بہ توهان جي ڪم ۾ رڪاوٽ نہ بڻبي آهي. بي صورت ۾ مزاجن جي ٽڪراءُ جي ڪري ڪيترن مسئلن جو امڪان پيدا ٿي پوندو آهي. پنهنجي ڪم سان ڪم رکڻ، ڪنهن تي ڪمينٽس نہ ڏيڻ، ڪنهن جي لفظن مان غلط نتيجو اخذ ڪرڻ ۽ پنهنجي سوچ کي ٻين تي مڙهڻ کان پاسو ڪندي هيس. لفظ سوچي سمجهي ڳالهائڻ واري عادت مون کي هر جڳهہ، هر فيلڊ ۾ گهڻو ڪم آئي. پريس، ريڊيو يا ٽيلي ويزن تي ڪٿي بہ نہ مون کي ڪا مشڪل پيش آئي ۽ نہ ئي مون ماڻهن لاءِ ڪي مسئلا پيدا ڪيا. مقصد جي سچائي هڪ مثبت سوچ مون سان هميشہ گڏ رهي. مون لفظ چاهي گفتگو ذريعي چيا هوندا يا شاعري، ڊرامن ۽ ڪهاڻين ۾ استعمال ڪيا هوندا. انهن لفظن جي پنهنجي هڪ اهميت رهي آهي. اُهي نئين سوچ، خيالن ۽ تبديلي جو اهڃاڻ بڻيا آهن.
خطن واري پروگرام ۾ محمود مغل مون سان گڏ ڪمپيئرنگ ڪندو هو. ان زماني ۾ هو ميڊيڪل ۾ پڙهندو هو. پنهنجي دنيا ۽ سوچن ۾ گم هو مون کي پنهنجي ذات جي ڪنهن وچايل سِري جي ڳولا ۾ مصروف نظر ايندو هو. هڪ صاف سٿري سوچ جو عڪس سندس چهري جي تاثرات مان ليئا پائيندو رهندو هو. مان بہ گهٽ ڳالهائيندي هيس. ماروي هاسٽل مان پروگرام ڪرڻ ايندي هيس. پروگرام ختم ٿيڻ کان پوءِ واپسي جي جلدي هوندي هئي. نصير مرزا کلي ڪڏهن ڪو مذاق ڪري مون کي سنجيدگي جي خول مان ٻاهر ڪيڻ چاهيندو هو پر منهنجي بي تاثر چهري تي اُها ئي ساڳي خاموشي هوندي هئي. جهڙي سج لهڻ سمي سيوهڻ پرسان لنگهندي پڪي ئوڙهي جي پهاڙن تي محسوس ٿيندي آهي. هڪ ڊگهي عرصي تائين پروگرام ڪرڻ جي باوجود، مان، نصير مرزا ۽ محمود مغل اجنبي ئي رهياسين...!!!
ريڊيو تي پهرئين پروگرام سان ئي منهنجي سکيا جو عمل شروع ٿي چڪو هو. توڙي جو ريڊيو جي ماحول

لاءِ ماڻهن جي ذهنن ۾ ڪيئي شڪ ۽ شبها موجود رهندا آهن. پر مون کي ريڊيو حيدرآباد جو ماحول بلڪل پنهنجي گهر جهڙو لڳو. اهڙو ماحول جنهن ۾ ڪا بہ اوپرائپ نہ هئي. هڪ نئين ٽيلنٽ طور مون کي نہ صرف ساراهيو ويو پر هر ماڻهوءَ جو رويو باوقار هو. چاهي پروڊيوسر هجن يا اُتي جو اسٽاف هجي.

1986ع ۾ جڏهن مون سنڌ يونيورسٽيءَ جي انگريزي ڊپارٽمنٽ ۾ ايم. اي ڪرڻ لاءِ داخلا ورتي ان وقت مارشل لا جو راڄ هو. 1983ع کان مان ڪراچي جي امن اخبار لاءِ لکڻ لڳس. نگران بزم خواتين جي نالي سان هفتيوار صفحو نڪرندو هو. جنهن لاءِ مان مختلف شعبن سان لاڳاپيل پنهنجي فيلڊ ۾ مهارت رکندڙ خواتين جا انٽرويوز ڪندي هيس. اهي اخبار مارشل لا جي خلاف لکڻين جي حوصلہ افزائي ڪندو هو. منهنجي لکڻين ۾ بہ هڪ مزاحمت هئي، سماج جي اڻ برابري، غير انساني رسمن ۽ حقن جي پامالي خلاف. اردو جي معروف افسانہ نگار شهناز شورو ۽ نگهت سيما بہ امن اخبار ۾ لکنديون هيون. امن جي ايڊيٽر، مرحوم افضل صديقي جو خط ۾ لکيل اهو جملو مون کي اڄ بہ ياد آهي تہ *"آپ کے اندر اردو کی بہترین افسانہ نگار بننے کی صلاحیتیں موجود ہیں۔"* اها ئي ڳالهہ تہ مون اڳتي هلي اردو بدران سنڌيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو.

ماضي اڻ وسرندڙ هجي يا خوشگوار هر انسان جي يادن جو اڻمٽ حصو هوندو آهي. اهي جڳهون، عمارتون يا ادارا جتي انسان پنهنجي زندگي جو هڪ وڏو حصو گذاري ٿو هن لاءِ ڪشش ۽ اُتساهہ جو باعث هوندا آهن. ڄام شوري ڪالوني واري طلسماتي دور جو گواهہ اُهو گهر، اڄ بہ اُتي موجود آهي، جتي مان رهندي هيس. اڄ بہ ڪڏهن ان گهر جي ٻاهران وچي بيهندي آهيان. وڃائجي وڃڻ جو هڪ عجيب احساس هوندو آهي. ساڳي ڪيفيت ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي عمارت لاءِ محسوس ڪندي آهيان. جتي مون پنهنجي زندگيءَ جا ڏهہ سال گذاريا (ڪمپيئرنگ جي حوالي سان، باقي گهر ويٺي ريڊيو لاءِ لکڻ جو سلسلو اڄان تائين جاري آهي.) جتي نہ فقط منهنجي صلاحيتن جي اوسر ٿي بلڪ مون ان دور جي نمائندا ليکڪن، راڳين، موسيقارن، فنڪارن، اناؤنسرن ۽ ڪمپيئرن کي ويجهي کان ڏٺو. ريڊيو تي ٿيندڙ ادبي پروگرامن ۽ ادبي ذوق رکندڙ ماڻهن جي حلقي ۾ رهندي پنهنجي لکڻين، شاعري، ڪهاڻين ۽ ڊرامن جا موضوع ڳوليا. ماڻهن جي وچ ۾ رهڻ سان انسان جي ذهن ۾ سٺي تربيت ٿئي ٿي. ڪين ٻڌڻ ۽ ويچار ونڊڻ سان مشاهدي جي سگهہ وڌي ٿي. ڇو تہ هر ماڻهوءَ جي اندر احساس، تجربي ۽ مشاهدي جي هڪ ڀرپور دنيا وسي ٿي.

مارئي هاسٽل ۾ سڄي سنڌ کان آيل ڇوڪرين جي ميڙ ۾ رهندي، سنڌ جي گهڻن ئي سماجي ۽ معاشرتي پيچيدگين کان آگاهي ملي. ساجده شيخ، بلقيس ڪُنياڻي ۽ سنيتا گانڌي جهڙين سجاڻ ڇوڪرين مارئي هاسٽل جي دور کي يادگار بڻائي ڇڏيو.

ريڊيو تي ڪمپيئرنگ سان گڏوگڏ مون اسٽيج ڪمپيئرنگ جو سفر بہ جاري رکيو. مرزا قليچ ڪانفرنس، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي پاران سڏايل بين الاقوامي ڪانفرنس ۽ نذير ناز جي ناري تنظيم پاران ڪجهہ ادبي پروگرامن جي

ڪمپيئرنگ ڪان پوءِ، ڇڻ تہ ادبي پروگرامن جي قطار لڳي وئي. هتي مان اهو بہ واضح ڪندي هلان تہ مون اڄ تائين ڪنهن بہ ادبي پروگرام ڪي ڪنڊڪٽ ڪرڻ جا پئسا نہ ورتا. جيڪا بہ محنت ۽ جاکوڙ ڪئي. سنڌ ڌرتيءَ جي محبت ۽ مانَ مٿانهين ڪرڻ لاءِ ڪئي. صوفين جي محبت ڀريل ٻولين سان گونجندڙ هيءَ سرزمين، پنهنجي لوڪ ورثي ۽ لوڪ ڏاهپ جي گهرائيءَ ۾ هڪ وڏي ڪشش رکي ٿي.

اُهو دور جنهن ۾ زرينہ بلوچ، روبينہ، مائي ڀاڳي جي لوڪ گيتن جو آلاپ ٻڌڻ ۾ ايندو هو. محمد جمن، محمد يوسف، علڻ فقير، خميسو خان جي الغوزي، لوڪ فنڪارن جي بينن ۽ بانسرين جا سُر فضائن ۾ وکرندا هئا.

ان دور جي پنهنجي هڪ اهميت فن، آواز ۽ا نداز ۾ هڪ خالصپڻو محسوس ٿيندو هو. ان دور جي جڏهن اڄ سان ڀيٽ ڪيان ٿي تہ، موجوده دور گهڻو بدلجي چڪو آهي. آواز انداز ۽ لهجا، غير ٻولين جي اثر هيٺ ڪاغذي گلن جيان ڀاسن ٿا. ٻولي بہ اُها ساڳي ناهي ۽ ان ۾ اردو ۽ انگريزي جو رس چس شامل ڪيو ويو آهي. سهرا، لاڏا، لوڪ گيت، ڪلاسيڪل ۽ نيم ڪلاسيڪل گيت ۽ غزل پنهنجي اهميت وڃائي ويٺا آهن. پر اهو فقط اسان وٽ ٿي رهيو آهي. هندوستان جي موسيقي ۾ جديديت جي رنگ ۾ بہ سندن خالص فن جو آهنگ موجود آهي. اسان وٽ نهراءُ ۽ فن جي خالص پڻي کي جذب ڪرڻ جو ڏانءُ ڪونهي. شايد روين ۾ مستقل مزاجي جي ڪمي ۽ پنهنجي ٻولي ۽ ڌرتيءَ سان سچائيءَ ۾ ڪٿي کوٽ آهي. اسان پنهنجي ٻولي، فن ۽ ثقافت جي نج اثر ۽ فطري پڻي کي قائم رکڻ ۾ ناڪام رهيا آهيون. شايد ان ڪري تہ اسان وٽ مستند ادارا، تربيت ۽ سهوليتن جي ڪمي آهي. هتي جا شاعر، اديب، راڳي، موسيقار، فنڪار، صحافي، دانشور، محقق ۽ تاريخ نويس اُها عزت ۽ مان مُرتبو نہ ماڻي سگهيا آهن. انهن شعبن سان لاڳاپيل هر فرد خود انحصاري ۽ قوت اراديءَ سان جيئڻ لاءِ جتن ڪري رهيو آهي. پر ان جي باوجود بہ مان اهو ئي چوندس تہ ڏوهہ اسان جو آهي. اسان گلوبلائيزيشن جي ڇار ۾ مڪمل طور تي ويڙهجي چڪا آهيون. سولزي نتسن چواڻي تہ ”توهان ڀلي اسان جاشهر ۽ تاريخ تباهہ ڪريو.جنهن ڪي اسان ٻيهر ٺاهي وينداسين پر اسان جو لوڪ ورثو تباهہ نہ ڪريو“ اها حقيقت آهي تہ هر قوم جي بقا ۽ سڃاڻپ سندس ثقافتي/ لوڪ ورثي سان هجي ٿي. جڏهن مون ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ڏانهن رخ ڪيو هو تہ اُهو ريڊيو جي تاريخ جو سونهري دور هو. اسٽيشن ڊائريڪٽر عنايت بلوچ صاحب هڪ ڊگهي عرصي تائين پنهنجي ذاتي ڪوشش سان فن ۽ فڪر کي اُسرڻ جو موقعو ڏنو. بلڪ جيترو عرصو (ڏهہ سال) ريڊيو تي ڪمپيئر جي حيثيت سان رهيس عنايت بلوچ صاحب اسٽيشن ڊائريڪٽر رهيا. عنايت صاحب ريڊيو حيدرآباد جي عمارت اندر يادگار پروگرام منعقد ڪرايا. سمورن نون ۽ پراڻن فنڪارن کي هڪ جڳهہ گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سندن خوش مزاجي ۽ انسان دوستي ريڊيو حيدرآباد کي عروج عطا ڪيو... بلڪل اهڙو ئي جذبو سمورن پروڊيوسرن وٽ محسوس ٿيندو هو. مون کي اُهو دور ٻوپٽ جي

رنگين پرن جيان پاسي ٿو. جنهن جا پر سِلوموشن ۾ فضا ۾ وکري رهيا آهن. شايد هر دور جي پنهنجي الڳ خوشبو ٿئي ٿي. ان جا خواب ۽ اُتساهه به مختلف هجن ٿا. پر اکين جي خوابن ۽ دلين جي اتساهه کي مون مختصر عرصي ۾ وکرندي محسوس ڪيو آهي. ماڻهو اڪثر سياسي سماجي معاشي تبديلين کي ڏوهه ڏيندا آهن. پر ڏوهه ٻاهرين حالتن جو نه، پر انسان جي اندر جي دنيا جو آهي. شايد انسان جو ويساهه به وقت ۽ حالتن سان پن پن ٿي وکرندو رهي ٿو. يا شايد پوئين نسل پنهنجي ايندڙ نسل جي خوابن ۾ يقين جا ساڳيا رنگ پرڻ ۾ ناڪام رهي ٿو يا شايد...

1988ع وارو سال منهنجي لاءِ ڳرو ثابت ٿيو. ان ئي سال نومبر جي مهيني ۾ چاچا شاهه هيءَ فاني دنيا ڇڏي ملڪ عدم راهي ٿيو. هن جو ڏنل اتساهه، صلاحون ۽ مشورا مون کي هڪ مثبت سوچ ڏيندا هئا. توڙي جو والد صاحب ڊاڪٽر بشير احمد منهنجي گهڻي حوصلہ افزائي ڪندو هو پر چاچا شاهه هٿ پڪڙي مون کي ٻاهر جا رستا ڏيکاريا هئا. هن منهنجي اندر هڪ فوجيءَ جهڙي مستقل مزاجي ۽ ويڙهه جو جذبو پيدا ڪري ڇڏيو هو. جنهن جا قدم

**ان دور وارو چنڊ جو رومانوي تصور اڄ به خوبصورت لڳي ٿو پر ان سُندرتا ۾ زندگيءَ جي عارضي هئڻ جو درد به شامل ٿي ويو آهي.... بادل... طلسماتي دور جا استعارا نه بلڪ لڙڪن ڀريل اکين جيان اداس لڳن ٿا. جيڪي ماضي ياد ڪري بي اختيار بنان مند برسات جيان وسڻ لڳندا آهن.**

سرد ترين هوائون، بک ۽ گولين جي گونج به پوئتي نه ٿي ڪري سگهي جنهن کي نقط اڳتي ڪاهه ڪرڻي آهي. مسئلا ۽ مشڪلاتون منزل پائڻ جي ڏُن ۽ مقصد جي سچائيءَ آڏو ڪا به حيثيت نه ٿا رکن.

اهو منهنجي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو صدمو هو. مون پنهنجو نظم "خود ڪلامي" چاچا شاهه جي موت جي ڏک جي زير اثر لکيو هئو. جنهن ۾ هُن جو ذڪر آهي. ريڊيو تي مون ڪنهن سان به پنهنجي ڏک جو اظهار نه ڪيو ڪڏهن ڪڏهن لڳندو هو. مائيڪ جي اڳيان ڳالهائيندي بي اختيار روئي پوندس.

1989ع ۾ مون کي ادا زيب سنڌيءَ ڊرامي لکڻ لاءِ چيو جيڪو ان وقت ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي پروڊيوسر هو.

"ڊراما!" مون کي حيرت ٿي "مون ته ڪڏهن ڊرامو لکيو ئي ناهي" مان ڪنهن به طور قائل ٿيڻ جي موڊ ۾ نه هئس.

توهان ڊرامي لکڻ لاءِ سوچيو ۽ مون کي جلدي ڊرامو لکي ڏيو. مون کي تڪڙا ڪجهه ڊراما رڪارڊ ڪرڻا آهن." ادا زيب ضدي لهجي ۾ چيو "ٻي ڳالهه ته هاڻ توهان سنڌي ۾ لکندا" هن مون کي هڪ نئين سوچ ڏيندي چيو مون کي خبر ناهي ڇو ادا زيب ۾ چاچا شاهه جي جهلڪ نظر اچڻ لڳي. جيئن چاچا مون کي سدائين ڪونه ڪو ٽاسڪ ڏيندو هو. ڪنهن مقصد ڏانهن اشارو ڪندي مون کي سمجهائيندو هو ته هاڻ توکي ان مقصد جي پوئيواري ڪرڻي آهي.

مون سنجيدگيءَ سان ڊرامي لکڻ لاءِ سوچڻ شروع ڪيو. سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ ڇپيل ڊراما پڙهڻ شروع ڪيا. ممتاز مرزا جو ڪتاب 'آخري رات'، قمرشهباز جو 'واچوڙن ۾ لاٽ'، Ibsen ۽ چيخوف جا

ڊراما پڙهي پورا ڪيا. ريڊيو ڊرامو هڪ ڏکي صنف آهي، جنهن ۾ آواز ۽ صوتي اثرات وسيلي ماحول جي عڪاسي ڪئي ويجي ٿي. بهرحال مون پهريون ڊرامو 'اجهاميل ڏيئو' لکي پورو ڪيو، جيڪو رڪارڊ ٿيڻ کان پوءِ جڏهن نشر ٿيو تہ ڪهاڻي، ٽيڪنيڪ، ڪردارن کان پروڊڪشن تائين تمام گهڻي داد حاصل ڪيائين. ان حوصلہ افزائيءَ، منهنجي اندر ۾ ڊرامي لکڻ لاءِ هڪ اُتساهہ پيدا ڪري ڇڏيو.

ڊرامي جو سيڪشن، زيب سنڌي کان گل حسن قريشي ڏانهن ويو تہ هن بہ ڊرامي لکڻ لاءِ چيو. مون کيس "بند دروازو" جي عنوان سان ڊرامو لکي ڏنو. جنهن کي ٻن قسطن ۾ نشر ڪيو ويو. هونئن تہ مون ريڊيو لاءِ ڪيترائي ڊراما لکيا آهن پر مون کي ذاتي طور "بند دروازو" گهڻو پسند آهي. ٻئي ڏينهن ميٽنگ ۾ ڊرامي کي تمام گهڻو ساراهيو ويو. ڊرامي ۾ عائشہ هڪ خوبصورت پر انڌي ڇوڪري آهي جيڪا پنهنجي ياٽڻي سان شام جو پارڪ ۾ اچي ٿي. ياٽڻيو راند کيڏي ٿو ۽ هوءَ بينچ تي ويهي ٿي. سجاد نالي هڪ شخص کانئس ننڍڙي ڇوڪري لاءِ پُڇي ٿو جيڪا سندس هٿ ڇڏائي ڪٿي لڪي وئي آهي. عائشہ کيس ٻڌائي ٿي تہ هوءَ اکين کان ڏسڻ جي نعمت کان محروم آهي. ان کان پوءِ سجاد روز عائشہ سان ملندو آهي. سجاد هڪ بدصورت انسان آهي. جنهن جي چهري جو هڪ پاسو ايڪسيڊنٽ ۾ سڙي ويجي ٿو. البتہ سندس آواز ۽ گفتگو تمام خوبصورت آهن. عائشہ زندگيءَ کان مايوس آهي. کيس انسانيت تي ڪو بہ ويساهہ ناهي رهيو. هوءَ سجاد کي پنهنجي زندگيءَ جي الميي جي باري ۾ ٻڌائي ٿي، تہ اکين جي آپريشن ناڪام ٿيڻ جي صورت ۾ سندس مڱيندو منصور کيس ٺڪرائي ڇڏي ٿو. سجاد جي مثبت رويي جي ڪري عائشہ ٻيهر زندگيءَ ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪري ٿي. سجاد جي زور ڀرڻ تي اکين جو آپريشن ڪرائي ٿي. اکيون ٺيڪ ٿي وڃڻ کان پوءِ جڏهن سجاد کي سامهون ڏسي ٿي تہ بدصورت چهري کي ڏسي کيس سخت صدمو رسي ٿو. عائشہ جي سخت ردعمل کي محسوس ڪري سجاد ناراض ٿي هليو ويجي ٿو. بعد ۾ عائشہ سخت پڇتائي ٿي. کيس گهڻو ئي ڳولهي ٿي... پر هو کيس نہ ٿو ملي. آخر ۾ عائشہ اعتراف ڪري ٿي تہ هن جي دل جو بند دروازو هاڻ ڪنهن لاءِ بہ نہ کُلندو. هي پهريون ڊرامو هو جنهن ۾ مون صداڪاري ڪئي هئي. سجاد جو ڪردار عبدالستار مگسي ۽ عائشہ جو سيما مرزا ڪيو هو. ٻنهي جي آوازن جي خوبصورتي، ڊائلاگ ڊليوري ۽ ڪردارن ۾ انوالومنٽ ڊرامي کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. عبدالستار مگسي ان زماني ۾ ريڊيو جي مصروف ترين فنڪارن مان هڪ هو. هو ڊرامي "بند دروازو" کي پنهنجي زندگيءَ جو بهترين ڊرامو قرار ڏيندو هو. عبدالستار مگسيءَ سان زندگي وفا نہ ڪئي ۽ زندگيءَ سان ڀرپور کلندڙ مسڪرائيندڙ آرٽسٽ جون فقط يادون پوئتي رهجي ويون. گل حسن قريشي ان ڊرامي تي تمام گهڻي محنت ڪئي، جنهن ڊرامي کي يادگار بنائي ڇڏيو.

گل حسن قريشي جو شمار ريڊيو جي انهن پروڊيوسرن ۾ ٿئي ٿو جيڪي پنهنجي سياءَ ۽ مثبت سوچ سان چوڌاري تخليقي عمل لاءِ هموار ماحول ناهي ڇڏيندا آهن. گل حسن جي گهر واري عذرا

جوڻيجو سان پراڻي شناسائي هئڻ ڪري گل حسن تي وڌيڪ اعتماد محسوس ٿيندو هو. اُن زماني ۾ شگفته شاهه به ريڊيو لاءِ لکڻ سان گڏ ڪمپيئرنگ ڪندي هئي. هڪ سٺي ۽ صحتمند ماحول ۾ گهڻو ڪجهه سکڻ جو موقعو مليو. ريڊيو حيدرآباد منهنجي لاءِ سکيا جي اُها اڪيڊمي آهي جنهن منهنجي تحرير کي نه فقط رواني ۽ پختگي عطا ڪئي. بلڪ آواز کي ميچوئرٽي ۽ خود اعتمادي پڻ ڏني. سموري اسٽاف جي رويي ۾ مون لاءِ جيڪو مانُ ۽ عزت هئي اُهي خوبصورت احساس مان اڄ تائين نه وساري سگهي آهيان. اهي مانَ ۽ محبتون منهنجي ذات جي سگهه آهن (اهي سٽون لکندي منهنجي اکين ۾ بي اختيار لڙڪ تري آيا آهن). انهن مثبت روين مون کي خود اعتمادي ڏني. اها حقيقت آهي ته مان محنت ۽ سخت جاکوڙ واري زندگيءَ تي يقين رکندي آهيان. مان پنهنجي لفظن سان ڪميٽيڊ رهي آهيان. فن ۾ نواڻ، جدت ۽ جستجو ۾ ويساهه رکندي آهيان. منهنجا لفظ تبديليءَ جو اهڃاڻ رهيا آهن. پاڻ اونداهيءَ ۾ به لاٽ جيان ٻرندا رهيا آهن. اهي منهنجي خوابن جي تعبير آهن. منهنجي اندر جو يقين آهن، جن کي مان سنڌ واسين سان مسلسل سالن کان شيئر ڪندي رهي آهيان. "سگهڙين سٿ" پروگرام ۾ هڪ دفعي ڇوڪرين جي تعليم جي افاديت تي ڳالهايو هيم. ٻئي هفتي هڪ ڳوٺاڻي ڇوڪريءَ جو خط مليو ته بابا ۽ اسان ڀينرون توهان جو پروگرام ٻڌي رهيا هئاسين. اسان ڀينرن کي تعليم حاصل ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هو پر بابا اجازت نه پئي ڏني. توهان جا لفظ ٻڌي، بابا اسان کي اسڪول وڃڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏي آهي. هاڻ خاندان جون ٻيون ڇوڪريون به اسڪول وڃي رهيون آهن. اها حقيقت آهي، ته لفظ وڏي طاقت آهن جيڪڏهن سچائيءَ سان ادا ڪيا وڃن ته سماج ۾ هڪ وڏي تبديلي اچي سگهي ٿي.

ڊرامي جو سيڪشن نصير مرزا وٽ آيو ته مون "لهرن جو گيت" جي نالي سان ڊرامو هن کي لکي ڏنو پر به مهينا گذري ويا ڊرامو رڪارڊ نه ٿيو. هڪ ڏينهن نصير مرزا فون تي رابطو ڪيو. جيئن سندس عادت آهي، نرم لهجي ۽ پنهنجائپ سان ڳالهائيندو آهي. ڪجهه جهجهڪندي چيائين "خواب واري سين تي محترم سڪندر بلوچ کي ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي اچي. توهان جيڪڏهن ٿوري دير لاءِ اچو ته ڊسڪس ڪري وٺنداسين."

ڊرامي لهرن جو گيت ۾ مون هڪ خواب جو منظر ڏيکاريو هو. هونئن به روايتي انداز کان هٽي مون ڊرامي کي جديديت جو رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. مون کي خواب واري سين تي اعتراض واري ڳالهه عجيب لڳي. پر پوءِ به هڪ مختلف نقطهءِ نظر ٻڌڻ لاءِ پروگرام مئنيجر سڪندر بلوچ سان ڳالهه ٻولهه ڪافي مثبت رهي. هن ڪافي سوال ڪيا ۽ مان جواب ڏيندي رهيس. نصير مرزا خاموشيءَ سان گفتگو ٻڌندو رهيو... مون کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ سڪندر بلوچ صاحب قطعي طور قائل نه پيو ٿئي. ڊرامي جي خوبصورتي خواب وارو سين هو. جنهن ۾ ڊرامي جي هيروئن نرمل غلط اسٽيشن تي لهي پنهنجو گهر ڳولهي ٿي. اهو هڪ تمثيلي سين هو ته اڄ جو انسان غلط اسٽيشن تي لهي وڃائجي وڃي ٿو. مون کي چيو ويو ته اهوسين ڊرامي مان ڪڍي ڇڏيو. بهرحال مون سڪندر بلوچ کي قائل ڪري ورتو ۽

ڊرامو رڪارڊ ٿيو. ڊرامي تي نصير مرزا واقعي ڪافي محنت ڪئي ۽ خواب واروسين آواز تاثر، موسيقي ۽ ايڪو جي امتزاج سان سپر هٽ سين ثابت ٿيو. تنقيد تي مان ڪڏهن بہ ناراض نہ ٿيندي آهيان. مون سدائين تنقيد مان تعمير جا بهترين رستا ڳولهي لڌا آهن. اجائي تعريف تي خوش ٿيڻ بدران اها خبر هوندي اٿم تہ منهنجي تحرير، تعريف جي ڪيتري قدر لائق آهي. هڪ دفعو گورنمينٽ ڪاليج جي سينيئر پروفيسر چيو هو تہ ”تون تعريف تي خوش ٿيو نہ ٿيندي آهين. اسان تہ ٿوري تعريف تي بہ خوش ٿي وڃون ٿا.“

چيومانس، ”مان ايتري محنت سچائي ۽ خلوص سان هر ڪم ڪندي آهيان، چاهي ڪمپيئرنگ هجي يا لکڻيون هجن. پوءِ مون لاءِ تعريف يقيني هوندي آهي. جنهن لاءِ مان اڳ ۾ ئي ذهني طور تيار هوندي آهيان.“

اها حقيقت آهي تہ تعريف کان وڌيڪ منهنجي لاءِ پنهنجي ڪم سان سچائي ۽ ديانتداري وڌيڪ اهم هوندا آهن.

منهنجا ڊراما، انور هڪڙي، جهانگير قريشي ۽ ڪامران پيش بہ ڪيا. سنڌي ڊرامن سان گڏ اردو ڊرامن لکڻ جو سلسلو بہ جاري رهيو. هڪ شام اشفاق احمد خان فون ڪري چيو تہ ڪيس ٻئي ڏينهن منجهند جو ڊرامي جو اسڪرپٽ کپي. مان پريشان ٿي ويس تہ ايتري جلدي مان ڪيئن ٿي ڊرامون لکي سگهان.

*”میں وثوق کے ساتھ کہہ سکتا ہوں کہ آپ کل تک ڈراما لکھ سکتی ہیں۔ میرے پاس بہت کم ٹائم ہے۔ اور مجھے ہر حال میں ڈراما چاہیے۔“* منهنجي صلاحيت تي ايترو اعتماد! مون واقعي ٻئي ڏينهن منجهند جو کيس اسڪرپٽ ڏيندي چيو *”اشفاق صاحب! مجھے بھی اندازہ نہیں تھا کہ میں تین گھنٹے میں ڈراما لکھ سکتی ہوں۔“*

منهنجو چاهي ڊرامي لکڻ جو موڊ نہ هجي يا ڪو بہ فيچر يا مان ٿڪل هجان... پر مون کي ريڊيو لاءِ ڊرامو فيچر، گيتن پري ڪهاڻي شارٽ نوٽس تي ضرور لکڻي آهي. اها روايت مرحوم اشفاق احمد خان صاحب وڌي هو پراڻي زماني جو ماڻهو هو. سنڌس چهري تان وچايل وقت جي تاريخ پئي ليئا پائيندي هئي ۽ لهجي مان تجربي جي چاشني پئي جهلڪندي هئي. منهنجي تحريرن جو وڏو مداح هو. مون کي ڏسندي ئي سنڌس چهري تي رونق اچي (براءِ مهرباني غلط نہ سمجهجو. جي سمجهندؤ بہ تہ مان اوهان جو ڇا بگاڙي سگهندس). ويندي هئي. هڪ عجيب هلچل ۽ خوشي سنڌس آواز مان پئي ٻکندي هئي. باصلاحيت ماڻهن جو قدر ڪيئن ڪجي! اُهو انداز مون اشفاق احمد خان کان سکيو آهي. توهان سوچي سگهو ٿا تہ مون کي پنهنجي صلاحيتن جي اهميت (قطعہ نظر منهنجي خوبصورتيءَ جي) جو بار بار ڪيئن احساس ڏياريو ويندو هو. اهو ”مان“ تہ مان ذهن جي پوري سگهہ ۽ توانائيءَ سان زندهہ آهيان. مان آهيان... مان آهيان جي تڪرار منهنجي اندر وڏائي يا غرور جو تِرُ جيترو احساس بہ پيدا ڪري نہ سگهي. ڇو تہ ساڳي وقت صوفين سان پيار ۽ سنڌن ڪلام جو پيغام منهنجي ذهن جي اندر گونجندو رهندو هو. ’مون ۾ تون موجود‘ واري رمز جو ورجاءُ تہ مان ناهيان... هڪ عجيب ٽڪراءُ ٻن روين جي انتها جو. ماڻهو

**بوگن ويليا جون اڇيون ۽ گلابي وليون مرجهائجي چڪيون آهن.. ڄام شوري ڪالوني ۾ گذاريل نندپڻ جي منظر ۾... اُها بارش، ڪاغذ جي ٻيڙي، احساس جي ڪسڪ ۾ تري رهي آهي ۽ چاڪاڻ تہ مون کي ماضيءَ سان پيار آهي. ان ڪري منهنجي رڳن ۾ نوستلجيا جو زهر ڊوڙي رهيو آهي.**

صلاحيتن جو اعتراف ڪري احساس ڏيارينداهئا... تہ مان آهيان. مون کي لڳندو هو تہ مان نہ آهيان... آهيان ۽ ناهيان جي وچ وارو فاصلو ذات کي دريافت ڪرڻ جو ڏانءُ سيکاري ٿو.

فلاسافي جي پروفيسر سلميٰ مون کي چوندي هئي... *"تمہاری آنکھوں میں کونسا راز چھپا ہے؟ تمہیں کس کی تلاش ہے؟"* ۽ مان چوندي هيس *"اگر تلاش کا کوئی کنارہ ہوتا تو میں آپ کو ضرور بتاتی۔"*

ان ڳولا کي ساڻ ڪري مون ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو رخ ڪيو هو. جيڪا لفظن، خيالن، آدرشن ۽ احساس جي دنيا کي دريافت ڪرڻ جي هئي. جتي منهنجي ذات جي ميجتا طور باربار منهنجي هئڻ جو مون کي احساس ڏيکاريو ويو.

اشفاق احمد خان جي ٽرانسفر ملتان ريڊيو تي ٿي. ان جي باوجود بہ هن مون کان ڊرامو لکرائي ملتان ريڊيو تان رڪارڊ ڪري نشر ڪيو هو.فخر بلوچ صاحب جڏهن ملتان مان ٽرانسفر ٿي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو اسٽيشن ڊائريڪٽر ٿيو هو تہ ان ملتان ريڊيو تان ان ڊرامي نشر ٿيڻ کان پوءِ اشفاق صاحب سان ان خواهش جو اظهار ڪيو هو تہ هو ان ڊرامي جي ليکڪا سان ملڻ چاهي ٿو. اشفاق صاحب جي رٽائر ٿيڻ بعد اڪثر ذهن ۾ هن سان ملڻ جو خيال ايندو هو پر زندگيءَ جي گهماگهمي ۽ مصروفيتون اهڙن ڪيترن خيالن کي پنهنجي وهڪري ۾ لوڙهي ڇڏينديون رهيون. ڪجهہ وقت اڳ ٿي اشفاق احمد خان جو دنيا ڇڏي وڃڻ جو اطلاع مليو. بي اختيار رڙ نڪري وئي. فون تي ڳالهائڻ يا ملڻ جي اڌوري خواهش پنهنجي بيوسيءَ تي ماتم ڪرڻ لڳي. اڄ بہ يادن ۾ ان ڪمري جو جيئرو جاڳندو تصور موجود آهي، جتي رابعہ سعيد ۽ مرحوم اشفاق احمد خان ويهندا هئا. اُها زندگيءَ سان ڀرپور ساڳي هلچل رابعہ سعيد جي مخصوص مرڪ ۽ زندگيءَ سان ڀرپور ڳالهيون. ان ۾ ڪوشڪ نہ آهي تہ رابعہ سعيد ئي اردو ڊرامن ۾ تحريرن ڏانهن مون کي وٺي آئي. هن اردو پروگرام لاءِ مون کان خاڪا بہ لکرايا. چوندي هئي تنهنجو ڊرامو پروڊيوس ڪرڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو آهي. ان تي محنت ڪرڻي پوندي آهي. اردو ڊرامن جا آرٽسٽ چوندا هئا. *"آپ کا اسکرپٹ آتا ہے تو ہماری عید ہو جاتی ہے۔"*

رابعہ سعيد ۾ هڪ هلچل هئي. هوءَ ڪم ۾ نواڻ جي قائل هئي. اسڪرپٽ لکرائڻو هجي يا فنڪارن کان پنهنجي ڏانءَ جو ڪم وٺڻو هجي. هوءَ مطلوبہ نتيجو حاصل ڪري رهندي هئي. باصلاحيت ڇوڪرين جي همت افزائي ڪرڻ، کين ريڊيو تي وٺي اچڻ جو ڪيس ڊِنگ ايندو هو. فرزانہ صدف ۽ فرزانہ انجم جهڙين ذهين ۽ ادب نواز ڇوڪرين کي هن متعارف

ڪرايو هو. پر هوءَ شاديءَ کان پوءِ ڪراچي هلي وئي. ان کان پوءِ وائس آف آمريڪا ڏانهن رخ ڪيائين. مون کي حيدرآباد ريڊيو تي خواتين پروڊيوسرن جي هميشه ڪمي محسوس ٿي.

يونيورسٽي بند ٿيڻ جي صورت ۾ مختلف شهرن مان (جتي بابا جي ڊاڪٽر هئڻ جي حيثيت ۾ پوسٽنگ هوندي هئي.) ريڊيو تي ڪمپيئرنگ ڪرڻ ايندي هيس. ڪيترن جهيڙن، جهتن، گولين ۽ پٿراءُ کي منهن ڏيئي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد پهچندي هيس. ضياءَ جي آمريت جي دور جا پنهنجا مسئلا هئا. سنڌي مهاجر فساد ۽ حيدرآباد ۾ بم بلاسٽ ٿيڻ جا واقعا الڳ ٿيندا هئا. هڪ افراتفري وارو دور هو. ٽنڊوالهيار واري دور ۾ ڌاڙيلن جي پوليس ۽ فوج سان اڪثر گولين جي ڏي وٺ ٿيندي رهندي هئي. روڊ بلاڪ ٿي ويندا هئا، پر پوءِ به مان هر مشڪل جي باوجود پروگرام ڪرڻ ايندي هيس.

1989ع کان عبرت گروپ آف پبليڪيشنز سان وابسته ٿيس. عبرت ميگزين جي ايڊيٽوريل بورڊ ۾ هئڻ سان گڏ به سال عورتن جو رسالو بختاور به ايڊٽ ڪيم. عبرت جي انچارج محترم غفور ڪريمي، مهربان طبيعت جو ماڻهو هو. 1990ع ۾ ليڪچرر جي حيثيت ۾ سردار بهادر ڪاليج جوائن ڪيو هيم. هي شام جي شفٽ وارو ڪاليج هو. منهنجيون ذميداريون ٽن حصن ۾ ورهائجي ويو هيون. صبح کان منجهند تائين عبرت اخبار جي آفيس ۾ هوندي هيس ۽ اُتان ئي ڪاليج هلي ويندي هيس. ريڊيو تي هفتيوار هڪ يا ٻه پروگرام هوندا هئا. هڪ پروگرام لائيو هوندو هو ٻئي جي رڪارڊنگ ڪرائيندي هيس. 1989ع کان ٽي وي ڪمپيئرنگ جو سلسلو جاري ٿي ويو هو. سنڌ رنگ نالي، ادبي پروگرام ڪندي هيس. ان سان گڏ اسٽيج پروگرام الڳ هوندا هئا. سنڌ پروفيسر ليڪچررز ايسوسيئشن جي عهديدار هئڻ جي صورت ۾ بک هڙتالون، جلسا جلوس ۽ انتظاميه سان ٽڪراءُ ۾ به حصو رهيو. هڪ انتهائي مصروف دور هو. اڄ سوچيان ٿي ته مون کي حيرت ٿيندي آهي ته اُهو ڪهڙو جذبو هو جنهن مون کي ايترن شعبن ۾ ورهائي ڇڏيو هو. سنڌ يونيورسٽي ۾ انگريزي ۾ ايم. اي دوران ٻن سالن ۾ essay جي پيپر ۾ مون ٽريجڊي تي مضمون لکيو هو. اهو مضمون سر غني شيخ پڙهائيندو هو. هو هڪ بهترين استاد ۽ انتهائي مثبت سوچ رکندڙ انسان هو. چوڪريون، سندس شخصيت ۽ سرمئي/ نيرين اکين جو ذڪر ڪنديون هيون. مان سندس مثبت سوچ کي نوٽ ڪندي هيس. ننڍين ننڍين شين مان خوش ٿيڻ ۽ ٻين کي اُتساهه ڏيڻ. اها حقيقت آهي ته اسان جي تربيت ۾ والدين کان پوءِ استادن جو عمل دخل هوندو آهي. خير يونيورسٽيءَ ڇڏڻ وقت جڏهن موڪلائڻ سندس آفيس ويس (ان وقت ٻاڻ انگريزي شعبي جو هيڊ آف دي ڊپارٽمنٽ هو) اتڻ وقت سر غني پنهنجي وزٽنگ ڪارڊ تي ڪجهه لکيو ۽ مون ڏانهن وڌايو. جملا هيا The busy bee has no time for sorrow. به سال، مختلف موضوعن کي ڇڏي مون فقط ٽريجڊي تي مضمون لکيا. مون کي سر غني جي اها تنبيهه سٺي لڳي. انهن لفظن منهنجي رهنمائي به ڪئي. جيڪڏهن توهان ڪنهن کي به تعميري سوچ ڏيڻ گهرو ٿا. چاهي اُهي ٻار هجن يا وڏا ته ڪين سدائين مثبت سوچ ۽ ڪو مقصد ڏيو.

مختلف شعبن ۾ ڪم ڪرڻ سان گڏ، ريڊيو سان بہ منهنجو تعلق جڙيل رهيو. ٽي وي تي وڃڻ کان پوءِ اڪثر الياس رضا چوندو هو "*اب آپ ہمیں کہاں یاد رکھیں گی۔ ٹی وی کی تو بات ہی الگ ہے۔*"

۽ مان کيس چوندي هيس: "*الیاس بھائی! ریڈیو حیدرآباد میرا میکہ ہے تو ٹی وی سسرال۔ سسرال کتنا ہی اچھا کیوں نہ ہو مگر میکہ تو میکہ ہی ہوتا ہے۔*"

اها الڳ ڳالهہ تہ ٽي وي تي مان ڪمپيئرنگ جاري رکي نہ سگهيس. هڪ تہ حيدرآباد کان ڪراچي تائين جو فاصلو ۽ ٻيو منهنجو مزاج گليمر جي دنيا کان مختلف هو. ميڪ اپ آرٽسٽ للي رضا چوندي هئي. "*تم گلیمر کی دنیا سے بہت مختلف ہو۔ مگر تمہاری سادگی میں انفرادیت ہے۔ اپنی سوچوں میں گم، یہ بال بکھرائے، کوریڈور سے چلتی آتی ہو۔*"

للي رضا کي ڪهڙي خبر تہ مان ڪيترن مسئلن، هنگامن ۽ گولين کي منهن ڏيندي ٽي وي اسٽيشن تي پهچندي هيس. بلڪ ڪاليج ۾ پيريڊ وٺي پوءِ ڪراچيءَ لاءِ نڪرندي هئس. مون کي هڪ دفعي ٽيلي ويزن جي ڪيميرامين سلمان ناجي چيو هو تہ "مون ٽيلي ويزن جي تاريخ ۾ ٻهرين ڪمپيئر ڏٺي آهي، جيڪا چار پروگرام ايڪسٽمپور رڪارڊ ڪرائي سگهي ٿي." اها حقيقت آهي تہ مان اڪثر بنان اسڪرپٽ جي ايڪسٽمپور پروگرام ڪندي هيس. ان زماني ۾ زبيده ڪاليج ۾ پڙهائيندي هيس. مون سان ان وقت جي پرنسپل محترمہ رشيده راڄپر تمام گهڻو تعاون ڪيو. ٽي وي جو اسٽاف چوندو هو تہ هڪ مرحومہ غزالہ رفيق ايندي هئي ان ٺي سنجيدگي ۽ وقار سان ۽ هرڪو سنڌس تمام گهڻي عزت ڪندو هو ٻيو توهان آهيو..

ٽيليويزن جو چارم ۽ شهرت پنهنجي جڳهہ تي، پر مان ريڊيو کي ٽيليويزن تي وڌيڪ اهميت ڏيندي آهيان. جيئن ٽيليويزن ڊرامي لکڻ بدران ڪهاڻي يا ناول (تخليقي لکڻين) يا نثر کي وڌيڪ اهميت ڏيندي آهيان. الڳ ڳالهہ تہ ٻارنهن سالن کان مائيڪ کان پري آهيان گهريلو مصروفيتن جي ڪري..

مون کي ياد ٿو اچي تہ هڪ دفعو سيد نور اظهر جعفري منهنجي ڊرامي "خواب ريزه ريزه" کي ٻيهر رڪارڊ ڪيو هو. سنڌس چواڻي تہ هو ان اسڪرپٽ سان مڪمل طور انصاف ڪرڻ گهري ٿو. 92-1991ع ۾ منهنجا بہ اردو ڊراما سال جا بهترين ڊراما قرار ڏنا ويا هئا. جن ۾ 'خواب ريزه ريزه' بہ شامل هو. جعفري صاحب هڪ دفعي چيو هو "*آپ شاعری کیوں نہیں کرتیں آپ کی نثر میں شاعری موجود ہے۔*" سنڌس ڳالهہ ٻڌي مون کي احساس ٿيو تہ واقعي منهنجي نثر ۾ شاعراڻو احساس موجود آهي. هڪ شاعره جي حيثيت ۾ مون کي نور اظهر جعفري صاحب دريافت ڪيو هو. مون 1991ع کان شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. مون کي شاعري ڪنهن الهامي ڪيفيت جيان لڳي. شعر لکندي 1993ع تائين منهنجي شاعريءَ جو ڪتاب "آخري لفظ" بہ منظر عام تي اچي ويو.

هڪ دفعي سيد نوراظهر جعفريءَ چيو هو تہ منهنجي ڊرامن ۾ مردن جي ڪردار نگاريءَ کي هڪ مرد جي نظر سان عڪاسي ڪرڻ جو ڇا سبب آهي؟

تہ مون ڪلي ورائيو هو "ننڍپڻ ۾ مون کي تجمل حُسين بہ سڏيندا هئا شايد ان جوا ثر هجي."

اها حقيقت آهي تہ ريڊيو لاءِ ڊراما لکندي، مختلف

پروڊيوسرن سان ڊرامن تي بحث مباحثا، تعريف ۽ تنقيد ٻڌندي منهنجي لکڻين ۾ وڌيڪ پختگي آئي. هر ماڻهوءَ وٽ سوچ جو مختلف انداز آهي. هر ڪو تجربن ۽ مشاهدن جي روشنيءَ ۾ زندگيءَ کي پنهنجي انداز سان سمجهي، پرکي ۽ محسوس ڪري ٿو. مختلف سٺن ذهنن ۽ ڄاڻ جو خزانو رکندڙ ماڻهن سان جڏهن لهه وچڙ ۾ اچجي ٿو ته ليکڪ جي قلم ۾ اڃان وڌيڪ وسعت اچي ٿي. ريڊيو جي پنهنجي اهميت رهي آهي.

ريڊيو سنڌ جي ٻهراڙين ۾ شوق سان ٻڌو ويجي ٿو. مون وٽ ملازم ڇوڪرو هوندو هو. ان ڪجهه عرصو سانگهڙ ۾ به مزدوري ڪئي. هڪ دفعي ٻڌايائين ته ڪم ڪار مان واندا ٿي سڀ مزدور مچ ٻاري ويٺا. ريڊيو تي توهان جو ڊرامو نشر ٿيو. سڀني دلچسپي سان ٻڌو. ڊرامي ختم ٿيڻ کان پوءِ ڊرامي سان گڏ ان ڊرامي ۾ بيان ٿيل هڪ سماجي مسئلي تي به ڳالهائيندا رهيا. اها حقيقت آهي ته ريڊيو ڊرامو شوق سان ٻڌو ويجي ٿو. ريڊيو پروگرام سنڌ جي سماجي مسئلن کي وائکو ڪندا رهيا آهن ۽ هڪ مثبت تبديليءَ جو اهڃاڻ بڻيا آهن.

ريڊيو حيدرآباد لاءِ مون سنڌي ۽ اردو ۾ ڊراما لکيا پر اردو پروڊيوسرز هڪ جوش ۽ ولولي سان مون کان ڊراما لکرايا. ڊرامي جي لکڻ جو سلسلو منقطع ٿي وڃڻ سبب مون انگريزي اخبار ڊان لاءِ ڪجهه سال باقائدگيءَ سان لکيو. پي ٽي وي ۽ ڪي ٽي اين لاءِ به سولو پليز لکندي رهيس. ’هم‘ چينل لاءِ پنجاهه قسطن جو سوپ لکڻ جو تجربو به حاصل ٿيو. ڪاليج جي مصروفيتن ۽ گهر داري (مان گهر جو ڪم ۽ خاص ڪري رڌپچاءُ پاڻ ئي ڪندي آهيان.) سان گڏ لکڻ جو سلسلو به جاري رهيو. منهنجو جيون ساٿي اشتياق انصاري هڪ سول انجنيئر آهي. هن جي پوسٽنگ گهٽي ڀاڱي حيدرآباد کان ٻاهر ٿي رهي آهي. گهر جي ٻاهرين ڪم ڪار سان گڏ، ٻارن کي اسڪول ڇڏڻ/ وٺڻ جي ذميداري به منهنجي ذمي رهي آهي. مان کين اسڪول جو هوم ورڪ به پاڻ ڪرائيندي آهيان. ان جي باوجود به ريڊيو حيدرآباد تان جڏهن به ڪنهن پروڊيوسر ڊرامي لکڻ لاءِ چيو آهي ته مون انهن تمام مصروفيتن جي باوجود کين ڊراما لکي ڏنا آهن. اها منهنجي مثبت سوچ ۽ رويو آهي يا ان اداري جي حوصله افزائي جو، مان سالن کان تخليقي عمل سان رابطي ۾ رهي آهيان.

محمود صديقيءَ به ٽي سال اڳ ڪانٽريڪٽ تي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد لاءِ ڪم ڪيو. هڪ سينيئر پروڊيوسر ۽ ڊرامي جي فيلڊ جي ماهر سان ڪم ڪري مون ڪافي ڪجهه سکيو. سندس ذات جي زندهه دلي، مزاحيه جملا ۽ مثبت رويو متاثر ڪن هئا. مون کين به ٽي ڊراما لکي ڏنا. خبر ناهي ڇو مان سوچيندي هيس، محمود صديقي صاحب جو نالو نيشنل ايوارڊ لاءِ ضرور ورتو ويندو. منهنجي ڊرامي وسيلي ئي کين اهو اعزاز حاصل ٿيندو. اتفاق جي ڳالهه آهي ته محمود صديقي صاحب کي ته نه پر الياس رضا کي منهنجي لکيل اردو ڊرامي ”ابرِ گريزان“ تي بهترين ڊراما پروڊڪشن تي ايوارڊ مليو!!! ’ابرِ گريزان‘ هڪ سچي ڪهاڻي تي مشتمل ڊرامو هو. جيڪو مون پنهنجي هڪ ڪزن جي زندگيءَ تي لکيو هو. اردو ڊرامن جو سلسلو اڄ کان ڪجهه سال اڳ منقطع ٿيو جڏهن پروڊيوسر سهيل

ملڪ زلزلي جي موضوع تي ڊرامو لکرايو. هن هڪ ڪردار وسيلي ان وقت جي آمر جنرل پرويز مشرف جي زلزلي لاءِ ورتل ڪوشش ڪي ساراهڻ جا اضافي جملا وجهي، پنهنجي گورنمينٽ ۾ نوڪري ڪرڻ جو حق ادا ڪيو. ان وقت فخر بلوچ صاحب اسٽيشن ڊائريڪٽر هئا. مون نصير مرزا کي فون ڪري پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو. چو تہ ڊرامو ٻڌي منهنجي ڪاوڙ ۽ غم جي ڪا بہ انتها نہ رهي هئي. اڄ کان گهڻا سال اڳ امن ۾ ان وقت جي آمر ضياءَ خلاف لکڻ کان اڄ تائين مون سدائين آمريت جي خلاف ۽ جمهوريت جي حق ۾ لکيو آهي. سرڪاري محفلن ۽ اعزازن کان پاسو ڪندي آهيان. مون پنهنجي لکڻين کي هتان جي پورهيتن، مزدورن، وچئين طبقي جي پيڙجندڙ سجاڳ ذهنن سان منسوب ڪيو آهي. هاڻ ڪجهہ وقت اڳي جڏهن تعليم کاتي ۾ ايوارڊ لاءِ منهنجو ۽ لياقت عزيز صاحب جو نالو سنڌ گورنمينٽ کي موڪليو ويو تہ ان وقت جي وڏي وزير اسان جا موڪليل فائيلز اڇلائي چيو هو تہ ”ٻئي دهشتگرد آهن.“ مون ڪڏهن بہ ڪنهن اعزاز ۽ ايوارڊ خاصل ڪرڻ لاءِ نہ لکيو آهي. مختلف شعبن ۾ منهنجي جاکوڙ کي نہ ئي ڪنهن صلي جي تمنا آهي. پنهنجي زندگيءَ ۾ جيڪڏهن توهان ذهن ماڻهن کي بہ مثبت سوچ ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيو ٿا تہ اهو توهان جو اصلي اعزاز ۽ ايوارڊ آهي. قلم کڻڻ هڪ وڏي ذميداري آهي، جيڪا ڌرتيءَ پاران هر ليکڪ تي عائد ٿئي ٿي. لفظن جي پنهنجي طاقت ۽ تاثير آهي. قومن جي زندگيءَ ۾ انقلاب سدائين قلم وسيلي آيو آهي. جيڪا قوم ڪتاب پڙهي ٿي ۽ ڪتابن سان پيار ڪري ٿي، ان سدائين دنيا تي حڪمراني ڪئي آهي. اهو ئي سبب آهي تہ اڄ اسان جي گهر ۾ ڪتابن اچڻ سان جيڪا خوشي ٿيندي آهي اُها ڪنهن قيمتي شيءِ جي اچڻ سان بہ نہ ٿيندي آهي.

مون ڪمپيئرنگ جي حوالي سان ڪيترائي پروگرام ڪيا. سڳنڌ، سرهاڻ، صبح مهراڻ، سگهڙين سٿ. ادبي پروگرام جن جا پروڊيوسر گل حسن قريشي، الاهي بخش ٻانيڻ، علي نواز خاصخيلي ۽ نصير مرزا هئا. اڪثر پروگرام لائيوَ هوندا هئا. علي نواز خاصخيلي سان چڱي ڊگهي عرصي تائين پروگرام ڪندي رهيس. سندس مزاج ۾ سادگي ۽ نهٺائي هئي. ڪڏهن مصروفيتن جي ڪري پروگرام ڇڏڻ چاهيندي هيس يا ڇڏي بہ ڏيندي هيس تہ ادا علي نواز ڪنهن بہ طريقي سان قائل ڪري واپس وٺي ايندو هو. ان زماني ۾ سنڌي ڇوڪرين ۽ خواتين جو وڏو تعداد ريڊيو سان وابستہ هو. سُٺن گهراڻن جون تعليم يافتہ خواتين ريڊيو تي ڪم ڪنديون هيون. شگفتہ شاهہ، ادي تنوير جوڻيجو، شاهين نياز، ارمغان بروهي ۽ سميرا مغل شامل آهن. ڪجهہ نالا منهنجي ذهن تان ميسار جي ويا آهن. پر بهرحال مثبت سوچ جي حامل انهن عورتن پنهنجي سوچ جي روشن ڪرڻي سان ڏات جا انيڪ ڏيئا ٻاريا. موجوده صورتحال جي باري ۾ ڪجهہ بہ نہ ٿي چئي سگهان، چو تہ ڪمپيئر جي حيثيت ۾ منهنجو سالن کان ريڊيو سان رابطو منقطع آهي. ٻن سالن کان ڊرامي جي شعبي اردو/ سنڌي طرفان بہ خاموشي آهي. اڳي هر هفتي ڊرامو نشر ٿيندو هو. هاڻ مهيني ۾ هڪ نشر ٿئي ٿو... ريڊيو کان ايترن فاصلن جي باوجود اسٽوڊيوز جو

مخصوص ماحول ياد ايندو آهي. ائين محسوس ٿيندو آهي. مان اڄ بہ مائيڪ تي اڻ ڏٺل سامعين سان مخاطب آهيان. دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ هڪ ڪمپيئر جي حيثيت سان ريڊيو پاڪستان جوائن ڪيو هيم. پر ريڊيو حيدرآباد مون کي ڪمپيئر کان وڌيڪ هڪ ليکڪ جي حيثيت ۾ دريافت ڪيو. مان ھِن مختلف شعبن ۾ ورهائجي ويس. مون ٻنهي شعبن سان انصاف ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي. مون کي بہ ڪمپيئر کان وڌيڪ ليکڪ وارو روپ وڌيڪ عزيز آهي. اهو قلم ئي آهي، جنهن جي روشني مستقل منهنجي رهنمائي ڪندي رهي آهي. ڪمپيئرنگ جي شعبي ۾ ڪيترين تبديليون آيون آهن. خالص لهجن جي جڳهہ تي بناوٽ کي ڪاميابي جي ضمانت سمجهيو وڃي ٿو. جيئن ڪتاب دوستيءَ، ڪمپيئرنگ ۾ مون کي لفظن ۾ نواڻ سان گڏ هڪ سوچ جي گهرائي بہ ڏني. ان جي ڪمي مون کي نوجوان نسل ۾ محسوس ٿئي ٿي، هو ڪتاب نٿا پڙهن...

اسٽيج ڪمپيئرنگ سان اڄان تائين ناتو جڙيل آهي. ادبي پروگرام ڪري مون کي هڪ روحاني خوشي محسوس ٿيندي آهي. پر پوءِ بہ مان ريڊيو جي ڪمپيئرنگ جي ڪمي محسوس ڪندي آهيان...

چو تہ ريڊيو تي منهنجي پهرين سڃاڻپ، ڪمپيئرنگ ئي آهي.ماديت پرستي کان پري هڪ خوبصورت دور ۾ مائيڪ آڏو مان سنڌ واسين سان محبت، سُرت ۽ ساڃاهہ ڌرتيءَ جي سڪ، امن ۽ ڀائيچاري سان سرشار، ويچار ونڊيندي هيس. اڄ دور بدلجي چڪو آهي...

1990ـ 91ع جي ڳالهہ آهي، شام واري ڪاليج سردار بهادر مان ڪلاس وٺي جيئن ئي ٻاهر نڪتس تہ خبر پئي تہ ريڊيو حيدرآباد تان فون آهي. نصير مرزا چيو تہ امر جليل صاحب حيدرآباد آيل آهن. سندن انٽرويو ڪرڻو آهي. مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي. جليل صاحب جو سنڌي ادب ۾ بلند مقام آهي ئي، پر بحيثيت انسان جي جيڪا سادگي، نهٺائي ۽ بردباري سندن ذات ۾ آهي اُها کين ٻين کان منفرد ڪري ٿي. مون دل جي گهراين کي ڇهندڙ تعارف لکيو. سوال بہ ڪجهہ اهڙي قسم جا هئا. ان ئي شام مون امر جليل لاءِ هڪ پين خريد ڪئي... تحفي طور...

ٻئي ڏينهن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد پهتس. اسٽوڊيوز ۾ نصير مرزا ۽ اسٽيشن ڊائريڪٽر عنايت بلوچ صاحب موجود هئا. مون نصير مرزا کي چيو تہ سوال پڙهي وٺو. پر هن پنهنجي مخصوص انداز ۽ پُر اعتماد لهجي ۾ چيو "شبنم، توهان سنا سوال ئي لکي آيا هوندا." تڏهن مان وڌيڪ پر اعتماد ٿي ويس. مون تعارف پڙهڻ شروع ڪيو ۽ جليل صاحب کان پهريون سوال ڪيو پر امر جليل خاموش ٿي ويو. مون جواب جو انتظار ڪيو پر خاموشي تهائين وڌي وئي. فضا ڪجهہ ڳوري ۽ ماحول ۾ اداسي لهي آئي. مٿي نهاريم تہ امر جليل جي اکين مان لُڙڪ ڪرندي نظر آيا. مون ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر عنايت بلوچ صاحب اشاري سان منع ڪئي. عجيب گنڀيرتا هر طرف پکڙجي وئي. عنايت بلوچ صاحب پريشان ۽ نصير مرزا خاموش ٿي ويو. رڪارڊنگ رڪجي وئي. عنايت صاحب چيو "اهڙا سوال ڇو ٿا ڪيو؟" مون نصير مرزا ڏانهن سواليہ نظرن سان ڏٺو. نصير مرزا چُپ رهيو. بهرحال

انٽرويو جو سلسلو ٻيهر جاري ٿيو پر جليل صاحب مُنجهيل انداز ۾ جواب ڏيندا رهيا... ان وقت ته ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي هئي، پر اڄ سوچيان ٿي هڪ گذري ويل دور جي يادن کي ورجائڻ... هڪ ڇڏي ويل جڳهه تي واپس موٽي اچڻ. جتي سڀ ڪجهه ساڳيو هجي... پر انسان جي سوچ يا احساس ساڳيا نه هجن. ان احساس ۾ ڪجهه وڃائجي وڃڻ جو ڏک به شامل هجي... انسان ساڳيو نه ٿو رهي. هن جا خواب ساڳيا نه ٿا رهن... هن جو اُتساهه به ڪومائجي وڃي ٿو. ٽيرهن سالن جي وڇوٽي کان پوءِ پنهنجي ٻارن کي اردو پروگرام ڦلواري ۾ وٺي وئي هيس ته (ڦلواري ٻهريون پروگرام هو جنهن ۾ مون ننڍپڻ ۾ شرڪت ڪئي هئي.) سڀ ڪجهه ساڳيو هو. اسٽوڊيوز جون ديوارون، ماحول، مخصوص هڳاءُ ۽ مائيڪ به ساڳيا هئا. رفيق ٻيا به نه بدليو هو (ظاهري طور) سندس چرچا به اُهي ئي هيا، پر فرح ناز رضوي نه هئي (فرح ناز رضوي اڄڪلهه ريڊيو پاڪستان اسلام آباد تي سينيئر پروڊيوسر آهي.) اسٽوڊيوز جو ماحول ساڳيو هو پر شبنم ساڳي نه هئي. ستن اٺن سالن جي عمر ۾ پوپٽن جهڙا خواب اکين ۾ پري، ان ساڳي جڳهه تي نظم ٻڌائي هيم، جتي هاڻي منهنجا ٻار عرين انصاري ۽ عرصم انصاري نظم ٻڌائي رهيا هئا... منهنجي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا (جيئن امر جليل جي اکين ۾ اچي ويا هئا.) ننڍپڻ جي خوبصورت دور وڃائجي وڃڻ تي... سمورا ساٿي وڇڙڻ تي... نه امان دنيا ۾ رهي هئي، نه چاچا شاهه جي جهلڪ ڪٿي نظر آئي ٿي، ايترن چهرن ۾...

اُهي پوپٽ، جڳنو گل، ستارا، ٽهڪ ۽ مرڪون به ساڳيا نه رهيا هئا... نه خواب اُهي رهيا، نه اُتساهه ساڳيو هو... هر دور جي پنهنجي هڪ الڳ سونهن ٿئي ٿي... اُن سونهن پنيان وقت جو راڪاس ڊوڙندو ٿو رهي...

هڪ دور جي چاشني، ٻئي دور ۾ يادن جي ڪڙاڻ بڻجي وڃي ٿي. ان ڪڙاڻ ۾ وقت جي وڃائجي وڃڻ جي ڪسڪ به شامل هجي ٿي... يادون خوبصورت ڇو نه هجن... چاهي سندن رنگ، پوپٽ جي پرن جهڙا دلڪش ڇو نه هجن... پر وقت جو پوپٽ توهان جي ترئيءَ تي پنهنجا رنگ ڇڏي اُڏامي وڃي ٿو...

جيڪي توهان جي احساسن ۾ جذب ٿي وڃن ٿا... تيز... هلڪا... جهڪا... جهيڻا... شوخ... مڌم... ٽهڪن... مرڪن... لڙڪن ۽ سڏڪن جهڙا... ۽ وڃائجي ويل وقت جي ياد... ڪاريهر جيان ڏنگڻ لڳي ٿي...

ان دور وارو چنڊ جو رومانوي تصور اڄ به خوبصورت لڳي ٿو پر ان سُندرتا ۾ زندگيءَ جي عارضي هئڻ جو درد به شامل ٿي ويو آهي...

بادل... طلسماتي دور جا استعارا نه بلڪ لڙڪن ڀريل اکين جيان اداس لڳن ٿا. جيڪي ماضي ياد ڪري بي اختيار بنان مند برسات جيان وسڻ لڳندا آهن.

بوگن ويليا جون اڇيون ۽ گلابي وليون مرجهائجي چڪيون آهن... جام شوري ڪالوني ۾ گذاريل ننڍپڻ جي منظر ۾... اُها بارش، ڪاغذ جي ٻيڙي، احساس جي ڪسڪ ۾ تري رهي آهي ۽ ڇاڪاڻ ته مون کي ماضيءَ سان پيار آهي. ان ڪري منهنجي رڳن ۾ نوسٽلجيا جو زهر ڊوڙي رهيو آهي. ۽ منهنجي اکين جي نديءَ ۾ وڃائجي ويل چهرن جو اوسيئڙو... اڄ به ڇُلندو رهي ٿو..!! (جون: 2009)

❊

انيتا شاهه



# ڇڙوڇڙ يادگيريون

يادگيريون لکڻ ويٺي آهيان! خاص طور تي اُهي يادگيريون جيڪي مون سان لاڳاپيل هجن ۽ مان سوچ ۾ پئجي وئي آهيان ته اهڙي ڇاڻي ڪٿان آڻيان جنهن سان پاڻ کي حياتيءَ جي يادگيرين مان ڇاڻي ڪيان جو مون سان لاڳاپيل يا جن سان مان لاڳاپيل آهيان سي ڇاڻ جيان ٻاهر رهجي وڃن. جيئن ته مان ميدي ڇاڻڻ واري سنهڙي پروڻ جهليان يا وري ڇانورن جي اٽي ڇاڻڻ واري ٿلهي ڇاڻي ڪٽان. رڳو 'منهنجو' ڇڻي هيٺ ٿالهه ۾ ڪرڻ مشڪل ئي نه بلڪ ناممڪن به لڳو.

هينئر منهنجي ننڍڙي ڇئن مهينن جي ٿي آهي ۽ مان پنهنجا چوويهه ڪلاڪ جيئن به پلان ڪيان ٿئي اُهو ٿو جيڪو هُو چاهي ٿي. (هي سٽون لکڻ مهل به هوءَ منهنجي ڪڇ ۾ آهي ۽ پيين جي چُرپُر کي غور سان ڏسي رهي آهي) وٽيس ته سڄي رات جاڳائي وٽيس ته ڏينهن جا ڏينهن ڏنگايون ڪري. دنيا ۾ اولاد جهڙي ڪا خوشي ڪانهي ۽ اولاد کان وڏو زورآور به ڪير ڪونهي. اولاد ٿئي مائٽ اولاد وس ٿيو وڃي. اِهو پتو ماءُ ٿيڻ کان پوءِ پيو آهي مون کي. مون کي پنهنجي امان بابا سان محبت ۽ سندن قدر ته ننڍپڻ کان هئو پر اِهو قدر منهنجي پُٽ جي پيدائش تي هزارين ڀيرا وڌي ويو ۽ نياڻيءَ جي ڄمڻ تي ته اڃان ئي وڌي ويو آهي.

منهنجي وڏي چاچي بي اولاد هئي ڪيس اولاد جي ايڏي سِڪ هئي جو هن اسان کي پنهنجن ٻچن جيان پاليو هوءَ اڪثر چوندي هئي ته جيڪڏهن انسان وٽ سڀ ڪجهه هجي پر اولاد نه هجي ته انهن سڀني شين جي ڪا حيثيت ڪانهي. مان سندس اها حسرت پڻ منهنجي پُٽ جي ڄمڻ کان پوءِ ئي سمجهي سگهيس.

مون کي اڃان تائين ياد آهي ته ماءُ بڻجڻ کان پوءِ منهنجون دنيا ڏانهن ڏسڻ واريون اکيون ئي مَٽجي ويون. تڏهن کان وٺي مون هر شيءِ کي ڏٺو آهي ته هڪ ماءُ جي نظر سان ۽ سمجهيو آهي ته هڪ ماءُ جي ذهن سان. ڪٿي ڪو ماڻهو مرندو آهي ته منهنجو ذهن ماتم ڪرڻ لڳندو آهي اُنهيءَ ماءُ تي جنهن ايڏيءَ تڪليف ۽ محبت سان ڪيس ڄڻيو ۽ نپايو هوندو. **مان اڪثر سوچيندي آهيان ته دنيا جو وهنوار جيڪڏهن مائرن جي هٿن ۾ هجي ته نه ايڏو رت وهي نه جنگيون لڳن نه ايڏي مارا ماري هجي.**

مان ڇاوس ته ايڏي غريب هئس جو امان چوي ٿي ته لڳندو ئي ڪونه هئو ته گهر ۾ ڪو ننڍڙو ٻار آهي. مان پوڻن ٻن سالن جي عمر ۾ ئي وڏي ڀيڻ بڻجي ويس ۽ مون کي تمام ننڍي عمر ۾ بابا ۽ امان اِهو سبق پڪو ياد ڪرائي ڇڏيو ته مون وٽ غلطيءَ جي گنجائش نِشتا هئي. مون کي منهنجن ننڍن ڀيڻن ڀائرن جي لاءِ هڪ مثال بڻجڻو هئو جنهن جي پوئواري هنن کي ڪرڻي هئي. ڀيڻ ڀائرن ۾ جڏهن به ڪو فيصلو ٿيندو هئو ته ڪس مون کي ئي ڪاٽي هوندي هئي ڇاڪاڻ جو مان وڏي ڀيڻ هئس.

مان جڏهن اسڪول وڃڻ جي عمر کي پهتس ته امان مون کي اسڪول ۾ داخل ڪرايو. سڀ کان پهريان ته امان مون کي پاڙي جي هڪڙي ننڍڙي اسڪول ۾ داخل ڪرايو جتان رسيس ۾ مان گهر واپس موٽي ويندي هئس ۽ وري اسڪول ڪانه ويندي هئس. اُتان ڪڍي وري، امان مون کي تلڪ چاڙهي جي ٽريننگ ڪاليج اسڪول ۾ ويهاريو جتي منهنجو وڏو چاچو سيد غلام مصطفيٰ شاهه مون کي پنهنجي نيري ويسپا تي چڙهڻ ويندو هئو پر امان اُتان به مطمئن ڪانه ٿي ۽ پوءِ مون کي تلڪ چاڙهي جي ٺي حمايت الاسلام گرلز هاءِ اسڪول ۾ داخل ڪرايائين جتان مان ميٽرڪ ڪري نڪتس.

اسڪول جي شروعاتي سالن ۾ ته مون کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه ايندي هئي ۽ اسان جي ڪلاس ۾ ايڏي رَش هوندي هئي جو اسان کي پٽ تي ويهڻو پوندو هئو. مون انهن شروعاتي سالن ۾ اسڪول سان يا اسڪول سان لاڳاپيل ڪنهن به شيءِ سان ڪابه ويجهڙائي، دلچسپي يا محبت محسوس ڪانه ڪئي. مون نرسري يا ڪي جي ڪونه پڙهيا هئا. امان مون کي گهر ۾ ٿورو گهڻو پڙهايو هئو سو مون کي سڌو سنئون پهرئين درجي ۾ داخلا ملي وئي هئي. مان ٻئي ڪلاس ۾ پهتس ته امان منهنجي ننڍي ڀيڻ اِرم کي ڪي جي ڪلاس ۾ داخل ڪرايو ۽ مون کي اهو ڪو نه ٻڌايائين ته ڪو مون کي ارم کي گهر واپس ايندي وٺي اچڻو آهي. مون کي اها به خبر ڪانه هئي ته ڪي جي ڪلاس ڪٿي آهي سو مان ارم کي ڀُولهي ڀُولهي نيٺ اڪيلي وڃي گهر لُڏي لٿس ۽ امان کي وري اسڪول وڃڻو پيو. مان ۽ منهنجي ڀيڻ ارم اسڪول مان واپسي تي ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻئي کان وڃائجي ويندا هئاسين. چاڪاڻ جو هاٽي جيان تڏهن به تلڪ چاڙهي اسڪولن ۽ ڪاليجن جو ڳڙهه هئو. موڪل جي وقت تي ته قيامت جو منظر هوندو هو. پيڻون پائر هڪ ٻئي کان وڇڙي ويندا هئا، روئندا وتندا هئا وري ڪير نه ڪير ٻارن کي ملائي ڇڏيندو هئو ته ڪلندا ڪلندا گهر موٽندا هئا.

امان ۽ بابا ننڍي عمر کان اسان جو ٽائيم ٽيبل تمام سخت رکيو هئو. اسڪول مان موٽي اچي ماني کائي اسان مسجد ۾ قرآن شريف پڙهڻ ويندا هئاسين وري اُتان موٽي ٽيوشن تي ويندا هئاسين ۽ اُتان موٽي مان رات جي ماني پچائيندي هئس ۽ پوءِ انهن کان نائين وڳي تائين وارو پي ٽي وي تي ڊرامو ڏسندا هئاسين ۽ پوءِ سمهڻ جو ٽائم ٿي ويندو هو.

حمايت الاسلام اردو ميڊيم اسڪول هو ۽ منهنجي بنيادي تعليم سنڌيءَ ۾ نه پر اردو ۾ ٿي آهي. اسان جي پاڙي ۾ سنڌين جو هڪ ئي گهر هوندو هو. ٻيا سيئي پنجابي، پشتو ۽ اردو ڳالهائيندڙن جا گهر هئا. حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ انهن ڏينهن ۾ سنڌي ڇڏي اردو ڳالهائڻ جو رواج پئجي ويو هو پر منهنجا امان بابا ايڏا ته انهيءَ ڳالهه ۾ اصول پسند هئا جو اسان کي صاف سنڌي ڳالهائڻ ڪانسواءِ ڪا ٻي وات ڪانه سجهندي هئي. اڄ ڏينهن تائين به امان اسان جي زبان سوگهي ڪري وٺندي آهي جي اسان غلطيءَ مان به ڪو غير سنڌي لفظ پنهنجيءَ ڳالهه ٻولهه ۾ ڪتب آندو ته. منهنجا ننڍا ڀيڻ ڀاءُ انهيءَ ڳالهه تي چڙندا به آهن پر امان سنڌي ٻوليءَ بابت سختيءَ ۾ ڪابه گهٽتائي ڪانه آندي آهي.

اسڪول جا شروعاتي چار سال ته گهڻائي پريشانيءَ

۾ گذري ويا. پنجين ڪلاس ۾ اسان جي ڪلاس کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو سيڪشن اي مان سيڪشن بي جي ڪاتي ۾ ويس ۽ اسان کي ملائڪن جهڙي هڪڙي ٽيچر عطا ڪئي وئي مِس امينه خواجه. جنهن اچڻ شرط اسان جو ايڏو ته آدر ڀاءُ ڪيو ۽ اسان کي ايڏو ته همٿايائين جو گهر وڃي مون امان کي چيو ته مون کي ڳاڙهيون ربينون وٺي ڏي ۽ مان ٻئي ڏينهن ڳاڙهين ربينن سان ٻه چوٽيون ڪري پالش ٿيل بُوٽ پائي ڪلاس ۾ اڳين سيٽ تي وڃي ويهي رهيس ۽ پوءِ جو مون اڳتي وڌڻ شروع ڪيو ته وري پوئتي مڙي ڏسڻو ڪونه پيو. مِس امينه خواجه پنجين ڪلاس ۾ اسان جي ڪلاس ٽيچر هئي ۽ هُن جيڪا تعليم ۽ تربيت ڪئي انهيءَ مون کي اڳتي وڌڻ جو شعور ڏنو. انهيءَ کان پوءِ اسان کي ڪرسچن ٽيچرز پڙهايو جيڪي اصل ۾ سينٽ ميريز ۽ سينٽ بوناوينچر جون هيون. مس شيرين، مس وڪٽوريا ۽ مس جورجيانا. مون کي اڄان تائين ياد آهي ته مِس جورجيانا اسان کي ايستائين سمجهايو ته اسڪول مان گهر وڃي پنهنجو وقت ڪيئن گذاريون. ننڍي عمر ۾ ئي مِس جورجيانا جي صلاحن جي سوجهري ۾ مون هڪ وقت تي وڌيڪ ڪم يا ملٽي ٽاسڪنگ ڪرڻ سکي ورتي. جنهن جي ڪري مون امان جي خواهشن موجب گهر جو ڪم (سواءِ صفائي ۽ ڪپڙا ڌوئڻ جي) ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجي ۽ بابا جي خواهش موجب پڙهڻ جو سلسلو ٻه جاري رکيو. امان اسان کي نه رڳو پڙهائڻ جي لاءِ همٿايو پر انهيءَ سان گڏوگڏ امان جي خواهش هئي ته اسان ڪپڙا سبڻ ۽ پرت پرڻ ٻه سکون سو انهيءَ ڪوشش ۾ مون کي ۽ منهنجي ڀيڻ ارم کي ٻن ٽن سلائي سينٽرن تي داخلا ٻه وٺي ڏنائين. مون انهن سينٽرن تي ڪم سکندي ڪيترا ئي وڳا سبيا ۽ ڪجهه پرت ٻه پريو پر پوءِ منهنجي دِل ڪتابن سان ايڏي لڳي جو ٻيا سڀئي معاملا پوئتي رهجي ويا. مون پنهنجي گهر ۾ جيڪي شروعاتي ڪتاب ڏٺا اُهي سائين جي ايم سيد جا لکيل هئا. منهنجو بابا نظرياتي ۽ دلي طور تي سائين جي. ايم. سيد جو پوئلڳ رهيو آهي.

منهنجي امان جڏهن مون کي اسڪول ۾ داخل ڪرايو ته اسان جي خاندان جي ڪجهه وڏڙن اعتراض ڪندي سوال اُٿاريو ته "غلام مرتضيٰ شاهه پنهنجي نياڻيءَ کي اسڪول ۾ ڇو داخل ڪرايو آهي." منهنجو بابا هڪ داناءُ اصول پسند، پنهنجي ڳالهه تي بيهڻ وارو ۽ گهٽ ماڻهن جي چواڻيءَ ڏنگو مشهور آهي. سو منهنجي بابا تائين اِهو اعتراض پهچائڻ ٻه ڪو سولو ڪم ڪونه هئو. نيٺ اسان جي هڪڙي وڏي تي اهو ڪم رکيو ويو ته هو بابا تائين اهو اعتراض پهچائي جنهن تي منهنجي بابا سائين جي ايم سيد جو مثال ڏنو جنهن جي نياڻي درشهوار سيد تڏهن برطانيا ۾ پي. ايڇ. ڊي ڪرڻ وئي هئي.

مون پنهنجي بابا کان سدائين اِهو ئي ٻڌو آهي ته "پُٽ پٽسي جي ڌيان ڪڏهن ٻه نه پڇجو." يا اِهو ته "آپٽي توڙ نياءِ اونهندي او ڇاٽي." بابا اسان کي اهوئي سمجهايو ته ريس ڀلي ڪيو پر حسد نه ڪيو معنيٰ ڪير چڱو ڪم ڪري توهان ٻه چڱو ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو يا جيئن ڪنهن امتحان جي تياريءَ کان اڳ ۾ منهنجي پريشاني ڏسي بابا سدائين چوندو هو "جبل تي چڙهڻ لاءِ جبل جي اڳيان ٻيهي مٿي چوٽيءَ ڏي نهاري ڇئبو "مار مون کي

اتي پهچڻو آهي؟” تہ مغز اُتي ئي ڦري ويندو. منهنجا بابا ايندڙوڪ ڏي نهاريو ۽ اڳيان وڏو جبل جي چوٽي ڏي نہ ڏسو.“

بابا مون کي شروع کان وڏو پٽ، موبي پٽ سڏيندو آهي ۽ اسان پيڻن پائرن ۾ بابا ڪڏهن بہ تفاوت نہ ڪيو نہ تعليم ۾ نہ تربيت ۾. بابا جو خيال هئو تہ چوڪرا تہ وري بہ ٻني ٻارو يا ڪاروبار ڪري سگهن ٿا. پر چوڪرين لاءِ بہ تعليم چوڪرن جيتري ضروري آهي. بابا جو پئسن وارو ڪٻٽ ۽ ڪيسو اسان لاءِ سدائين کليل رهندا هئا پر انهيءَ سان گڏوگڏ امان ۽ بابا اسان کي ڪفايت شعاري جو تاڪيد ڪرڻ بہ ڪونہ وساريندا هئا. مون کي اجا تائين لاڙڪاڻي ضلعي ۾ گذاريل ننڍپڻ جون اُهي راتيون ياد آهن، جيڪي تارن سان ايڏيون تہ ڀريل هيون جو دل چاهيندي هئي تہ کٽ تي چڙهي ٻانهن مٿي ڪري انهن تارن کي ڇهي وٺجي يا آڪاس تان بہ ٽي ستارا ٽوڙي وٺجن. مان ڪلاڪن جا ڪلاڪ آڪاش ڏانهن تڪيندي گذاري ڇڏيندي هيس. منهنجي ناني سانئڻ ۽ ننڍي ماسي رُقيہ جيڪا مون کان عمر ۾ ٿوري ئي وڏي آهي مون کي تارن جي مختلف جهڳٽن بابت ٻڌائيندي هيون تہ هيءَ کٽ آهي، هيءَ ٽيڙو آهي، هيءَ وڇون آهي ۽ هيءَ ڪتي آهي. وڇون جي اُڀرڻ جو وقت هي آهي ۽ ڪتيءَ جي اڀرڻ جو وقت هو آهي. مون کي اِهو بہ ٻڌايائون تہ وڇون ۽ ڪتيءَ جو هڪ ٻئي سان مڱڻو ٿيل آهي. اِنهيءَ ڪري جيسين وڇون آسمان تي هوندو آهي تيسين ڪتي لڪل هوندي آهي ۽ وڇونءَ جي اُسهڻ پڄاڻان آسمان تي آڏيءَ رات ڌاري ظاهر ٿيندي آهي ۽ سندن شادي قيامت جي ڏينهن رٿيل آهي.

منهنجي ننڍپڻ جون سڀ کان حسين يادگيريون لاڙڪاڻي ۾ منهنجي امان جي اِنهيءَ ئي ڳوٺ سان لاڳاپيل آهن. اُتي، جيڪو بہ ڪجهہ هئو سو منهنجي لاءِ صفا نئون هئو ۽ اڄ تائين بہ اِهو ڳوٺ اهڙي جاءِ آهي جتي مان وڃي موٽڻ ڪانہ چاهيندي آهيان. سرنهن جي فصلن جي سونهن وارو نظارو مون اتر لاڙ وچولي ۾ ڪيترين ئي جاين تي ڏٺو آهي، پر اسان جي ڳوٺ جا جيڪي سونهن سان ٽمٽار منظر آهن، سندن مَٽ مون کي اڃان تائين دنيا ۾ ڪٿي نظر نہ آيا.

اسان جي گهر جي اڱڻ ۾ هڪڙي کوهي هئي ۽ گهر کان ٻاهر زمينن تي هڪڙو وڏو کوهہ هئو جنهن تي نار لڳل هئو ۽ اڪثر اڪيون ٻڌل ڏاند يا گڏهہ کوهہ جي چوڌاري پاڻي ڪڍڻ جي لاءِ گول ڦرندي ڏسبا هئا. مون کي هينئر بہ ياد آهي تہ ننڍڙا ننڍڙا لوٽا کوهہ مان پاڻيءَ سان ڀرجي ناليءَ ۾ پوندا ويندا هئا جنهن سان ٻنين کي پاڻي ملندو هئو. اسان جي گهر واري کوهي ۾ تہ ڪڏهن پاڻي ڪافي مٿي چڙهي ايندو هئو ۽ مان انتظار ڪندي هئس تہ ڪڏهن پاڻي ايڏو مٿي ايندو جو ٻانهن ڊيگهي بالٽي ڀري سگهجي. بجاءِ ان جي، جو رسي ٻڌل بالٽيءَ سان پاڻي ڪڍجي. مان پنهنجي ماسي رقيہ کان سوال پڇي پڇي مٿو کائي ويندي هئس تہ کوهيءَ مان ايترو پاڻي ڪيون ٿا پوءِ وري ٻيو پاڻي ڪٿان ٿو اچي؟ ۽ مون کي کوهي مان بالٽيءَ سان پاڻي ڀرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هئو. مون کي ڊيڄارڻ جي لاءِ مون کي ڪيترين ئي آڪاٽيون ٻڌايون ويندي هيون تہ ڪيترا ٻار کوهيءَ ۾ ڪريا ڪنهن جي ٽنگ ڀڳي، ڪنهن جي ٻانهن. پر مان پاڻي ڀرڻ کان مڙندي

ڪانه هئس. هڪڙو ڀيرو ٻاٽيءَ مان ٿوري ڏپ اچڻ لڳي جنهن تي، شڪ ظاهر ڪيو ويو ته ٻڪ سان ڪوهيءَ ۾ ڪو ڳوئو ڪري مري ويو آهي پوءِ ته اسان سميت ٻئين ۽ ڪلهوڙن جي ڇوڪرين جا ٻاٽي ڪيڏي ڪيڏي لاهه نڪري ويا. وڏن جي پاران اسان کي حڪم ڏنو ويو ته سو يا ٻه سو بالٽيون ڪيو پوءِ ڳٽي ڳٽي اوتريون بالٽيون ڪڍيون سين ۽ منهنجي خواهش هئي ته ايترو ٻاٽي ڪڍجي جو ڪوهيءَ جو ترو نظر اچي پر بالٽين جي سڄي ساري ڪوتا پوري ٿيڻ کان پوءِ به ڪوهيءَ جو ترو نظر ڪونه آيو ۽ کُوهي وري اڳ جيتري ڀرجي وئي.

اسان جو ڳوٺ سڄو سٺو هئو ۽ منجهس رڳو هڪڙي خرابي هئي جيڪا اُتر سنڌ جي گڏيل خرابي آهي. اسان جي ڳوٺ ۾ عورتن کي ڪاريون ڪري مارڻ ۽ مردن کي به عام جام ننڍين ڳالهين تي قتل ڪرڻ عام ڳالهه هئي. مون سان راند کيڏندڙ منهنجين هم عمر ڇوڪرين مان هڪ جو پيءُ مارجي ويو هو ته ٻي جي ماءُ رات جي پيٽ ۾ پنهنجي مڙس هٿان ڪُٺي وئي هئي. ڳوٺ جڏهن به ويندا هئاسين ته اڪثر ڪچهريءَ جو مُک عنوان ڪونه ڪو تازو قتل هوندو هو.

منهنجي ناني مختلف وقتن تي مختلف ڪتاب پڙهي ٻڌائيندي هئي. هڪڙو ڪتاب حاتم طائي بابت هو ته ٻيو قبر جي عذاب ۽ قيامت جي مامرن بابت وري ايئن پئي پئي موت ڪا منظر نالي ڪتاب به هٿ چڙهي ويو ته ذينهن ۾ پڙهي چٽ ڪري ڇڏيومانس نتيجو اهو نڪتو جو منهنجي ننڊ حرام ٿي وئي ۽ راتيون انهيءَ خوف ۾ گذرڻ لڳيون ته صبح کان اڳ ۾ ملڪ الموت ته اچي روح قبض ڪونه ڪندو؟

مان جڏهن پنهنجي ننڍپڻ بابت سوچيان ٿي ته حيدرآباد ۾ پناڻ ڪالوني جي اُنهيءَ گهٽي ۾ پهچي ٿي وڃان جنهن جي منهن تي اسان جي اردو ڳالهائيندڙ پاڙيسري برڪت مامون جو دڪان هو جنهن کي مان سدائين منٿون ڪندي هئس ته هو ڪهاڻين جا يا صحيح لفظن ۾ آکاڻين جا ڪتاب ڇو نه ٿو رکي، جنهن جي نتيجي ۾ هُن آکاڻين جا ڪتاب آڻڻ شروع ڪيا ۽ مون اُهي خريد ڪرڻ ۽ پڙهڻ شروع ڪيا. منهنجي پسنديده ڪهاڻين ۾ ٽارزن، ڪوه ڪاف جي پرين، حاتم طائي ۽ حسن بانو جون ڪهاڻيون شامل هيون. پر اجان به آهن. مون کي پنهنجي ننڍپڻ بابت سڀ کان پهريان اِهو ٿو ياد اچي ته مون کي پڙهڻ جو شوق ڪنهن به ٻئي شوق کان سرس هئو.

مان پنهنجي روزاني خرچيءَ مان ڪتاب وٺندي هئس. پهريان ننڍا ننڍا ڪهاڻين جا ڪتاب پوءِ وري اردو رسالا نونهال، بچون ڪا باغ، بچون ڪي دنيا، ساٿي ۽ پوءِ جاسوسي ناول جن ۾ محمود فاروق فرزانا، عمران سيريز اچي ٿي ويا. اڳتي هلي خبر پئي ته ٻارن جي لاءِ سنڌي رسالا به هوندا آهن سو گل ڦل به پڙهڻ شروع ڪيو سين، گهٽيءَ ۾ رديءَ وارو گاڏو ايندو هو ته مان ردي ڪتابن جي ڇڳيءَ طرح ڇڪاس ڪندي هئس ته ٿي ڀيرا اُتان به ڇڱڙا ڪتاب ملي ويا.

مون کي ننڍپڻ ۾ گڏين جي شوق سان لاڳاپيل تمام ٿورا موقعا ياد ٿا پون. هڪ ڀيرو اسان گڏين جي شادي ڪئي هئي ۽ منهنجي ناني جڏهن به اسان وٽ ٽڪڻ ايندي هئي ته مان ڪيس چوندي هئس ته هو

مون کي ڪپڙي جي گڏي ٺاهي ڏني. هوءَ ڪپڙي سان گڏيءَ جو بوتو ٺاهي اُنهيءَ کي ڪپهه يا ڪپڙي سان ڀريندي هئي وري مُنڍي ٺاهي ڳاڙهي ڌاڳي سان چپ ۽ ڪاري ڌاڳي سان اکيون، ڀرون ۽ وار ٺاهيندي هئي. ناني جڏهن ڳوٺ هوندي هئي ته مان گڏين جي ميدان ۾ ڪجهه ڪاريگري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئس ۽ نتيجو جيڪو نڪرندو هئو سا گڏي نه پر ڏائڻ هوندي هئي نيٺ گڏين جي شوق جو ڳاڙو ڳهلي نه سگهيس ۽ بيزار ٿي گڏين تان شوق ئي لاهي ڇڏيم.

منهنجو آڪاٽيون ٻڌڻ جو شوق به ايڏي اُوچائيءَ تي پهتل هئو جو ڪا مٽياٽي ماٽياٽي اسان وٽ اچي ساءَ ڪانه ڪندي هئي. ڪير اسان وٽ اچي يا وري اسان ڳوٺ وڃون جنهن بابت به مون کي خبر پوندي هئي ته فلاڻي ماسي يا ناني آڪاٽيون ٻڌائڻ جي ڪري مشهور آهي ته مان سندن سِر ڪاٺي ويندي هئس ته هو مون کي آڪاٽي نه پر آڪاٽيون ٻڌائن. مون کي اڄ به اُهي چانڊوڪيون راتيون ياد آهن جڏهن لاڙڪاڻي ضلعي جي نصيرآباد تعلقي جي سنهڙي ڇيلهي جي ڪناري آباد منهنجي نانا جي اڱڻ تي کٽن تي ويهي اسان جي ناني جي ڀيڻ ماسي آشان اسان کي گُرڙ پکي ۽ ڏاڏڻ جون آڪاٽيون ٻڌائيندي هئي يا جيئن بابا اسان کي روز سمهڻ کان اڳ ۾ وتائي فقير جا ٽوٽڪا ۽ نولُو جاڳدا جوان واري آڪاٽي ٻڌائيندو هو يا امان اسان کي روپ ۽ بسنت ۽ حرامي حلالي جون آڪاٽيون ٻڌائيندي هئي ۽ مان ڪُئي ۽ جهرڪيءَ جي آڪاٽي ڪيئن ٿي وساري سگهان جيڪا ٻڌائڻ جي منٽن سزا طور منهنجي وڏي پٽ پورا به سال رات جو سمهڻ کان اڳ اِهو مطالبو ڪيو ته مان ڪيس فائيو آڪاٽيون ٻڌايان ۽ مان پنج آڪاٽيون ٻڌائي به ڇڏيندي هئس، تڏهن به چوندو هو "اجان فائيو ٻيون، رڳو هڪڙو دفعو."

ننڍپڻ ۾ شوق ته مون کي آڪاٽيون ٻڌڻ ۽ پڙهڻ جو هو باقي ٿيڻ مون ڪا ليکڪا نه پر سائنسدان ٿي چاهيو. مون عبرت وارن پاران ڇپجندڙ سنڌو ڊائجسٽ ۾ تنوير عباسيءَ جي چوٽي پڙهي هئي ته سنڌ شاهه، سچل ۽ سامي جهڙا شاعر ته پيدا ڪيا پر ڪاش سنڌ ڪو نيوٽن يا آئن اسٽائن پڻ پيدا ڪري ها. اها ڳالهه مون کي اهڙي دِل ۾ گهڙي وئي جو مون اِهو فيصلو ڪري ڇڏيو ته ڇا به ٿي پوي مان سائنسدان بڻجندس. هاڻي اها خبر ڪانه ٿي پئي ته سائنسداني پڙهبي ڪٿي آهي. ڊاڪٽر ٿيڻ جي لاءِ ميڊيڪل ڪاليج هئا، انجنيئرنگ جي لاءِ انجنيئرنگ جا ڪاليج ۽ يونيورسٽيون هيون پر اها ڳجهارت نه پئي پئجي ته آخر پڙهبو ڪٿي ۽ ڇا پڙهبو. شايد اها ڳجهارت اڃان به ڪا نه پئجي آهي. بهرحال سائنسدان ٿيڻ جي لاءِ اِهو ته سمجهه ۾ آيو ٿي ته انهيءَ جي لاءِ سائنس سان لاڳاپيل مضمونن تي محنت ڪرڻي پوندي سو مون انين ڪلاس تائين جي بنيادي سائنس کان وٺي نائين ڏهين جي بايولاجي، فزڪس ۽ ڪيمسٽري تمام محنت ۽ شوق سان پڙهيون جن مان ٻوٽن جي علم باٽني، فزڪس ۾ مون سڀ کان وڌيڪ دلچسپي محسوس ڪئي ۽ انهن ۾ منهنجون مارڪون به وڌيڪ ايندڙيون هيون.

مون انٽر ۾ بايولاجي جي چونڊ ڪئي پر مون کي ڊاڪٽر ٿيڻ جو خاص شوق نه هو. انهيءَ ئي ڪري مون پراسپيڪٽس ته آغا خان ميڊيڪل يونيورسٽي کان وٺي آرمي ميڊيڪل ڪاليج راولپنڊي جا گڏ

ڪيا پر مون ڪنهن بہ اداري ۾ ميڊيڪل جي داخلا جي لاءِ فارم نہ ڀرايو.
سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهڻ جي باري ۾ مون ڪڏهن بہ ڪونہ سوچيو هو مان تہ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ جا خواب ڏسندي هئس ۽ آخرڪار جڏهن ڪابہ ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪانہ آئي تہ سنڌ يونيورسٽي جي آءِ بي ايس ۾ داخلا ٿيڻ تي اُتي ئي پڙهيم.
مان شايد ستين يا اٺين درجي ۾ هئس جو مون لکڻ شروع ڪيو. تڏهن اسان وٽ عبرت مئگزين ۽ سنڌو ڊائجسٽ ايندا هئا سو مان انهن ڏانهن جيڪي آرٽيڪل لکي موڪليندي هئس اُهي هو خط جي طور تي ڇپجندا هئا. منهنجو پهريون نظم گل ڦل رسالي ۾ ڇپيو هو ۽ انهيءَ نظم تي جيڪو منهنجو نالو هئو اڳتي هلي اهوئي منهنجي آفيشل نالو بڻيو يعني 'انيتا شاهہ لکياري' انهيءَ کان اڳ ۾ مان سيد انيتا مرتضيٰ شاهہ جي نالي سان لکندي هئس.
ميٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ مون ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون ۽ ڪهاڻين بابت مان بابا کان ايڏي شرمندگي پئي محسوس ڪيان جو پنهنجي نالي بدران ٻين نالن سان ڪهاڻيون ڇپرايم منجهانئن هڪ ڪهاڻي مون کي ياد آهي جنهن جو عنوان تہ الاءِ ڇا هو پر مون 'انيتا پريتم' جي نالي سان اها ڪهاڻي لکي هئي ۽ اها عبرت مئگزين ۾ ڇپي هئي.
انهيءَ کان پوءِ ڪجهہ سال مان نظم ۽ ڪهاڻيون ئي لکندي رهيس. ڪهاڻيون 'ادب' رسالي ۾ ۽ شاعري مختلف ادبي رسالن ۾ ڇپجندي رهي. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ مون ڪاوش ۾ لکڻ شروع ڪيو. مون وٽ پنهنجين لکڻين جو ڪوبہ ريڪارڊ ڪونهي. نہ هاٿوڪين ڇپيل لکڻين جو نہ ئي اڳوڻين لکڻين جو. انهن ڪانسواءِ ڪجهہ رت ڳاڙيندڙ زخمي يادگيريون بہ آهن. مان ڪيئن ٿي وساري سگهان اُها رات جنهن ۾ ائين ٿي لڳو ڄڻ اسان جي گهر جون ڀتيون لُڏيون ٿي اِهو حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو هو جو مون گولين جا آواز ٻڌا هئا. مان ننڍ مان ڇرڪ ڀري اُٿي پئي هئس ۽ ڏٺم تہ امان ۽ بابا ٻئي اُٿيا وينا هئا. بابا چيو "بابا ڪجهہ ڪونهي سمهي پئو" ۽ مان سمهي پئي هئس. ٻئي ڏينهن بابا ۽ امان پاڻ ۾ پئي ڳالهايو تہ پي. پي. پي جو اقبال هيسباڻي مارجي ويو هو.
انهيءَ کان پوءِ وري 30 سيپٽمبر جي سومهڻي ائين ئي ڌماڪن سان گونجي اُٿي ۽ اسان سوچيندا ئي رهجي وياسين تہ آخر ڪهڙي قيامت اچي ڪڙڪي هئي. 30 سيپٽمبر ۽ پهرين آڪٽوبر تي جيڪو ڪجهہ ٿيو اُهو تاريخ جو حصو آهي مان انهيءَ تي گهڻو ڪانہ لکندس پر اسان جي شعوري اوسر تي انهن واقعن ۽ انهن کان پوءِ اڪثر لڳندڙ ڪرفيو اسڪول نہ وڃڻ شهر بند هجڻ وڏا اثر ڇڏيا. انهيءَ کان پوءِ اهڙا ڏينهن بہ آيا جو حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ پائڻ موت جي دعوت ڏيڻ جي برابر ٿي پيو هئو.
منهنجو بابا اڳ ۾ تہ رڳو اجرڪ پائيندو هو پر پوءِ اجرڪ سان گڏوگڏ ٽوپي پهرڻ بہ شروع ڪري ڇڏيائين. دوستن احبابن ۽ اسان جي پاڙي جي پٺاڻن بابا کي گهڻو ئي سمجهايو تہ *"شاہ صاحب خدا کے لئے اجرک اور ٹوپی پہننا چھوڑ دو حالات ٹھیک نہیں ہیں"* پر بابا جو هڪ ئي جواب هوندو هو موت جڏهن اچڻو هوندو تڏهن ايندو اسان ڊڄي ڊڄي حياتي ڇو گذاريون.

Email: neetushah@gmail.com

شگفتہ شاھ



# اکيون پَسي آئيون

ڪِي جو ڪيڏانهين، اکيون پَسي آئيون،
ٿيون تاڙِن، تيڏانهِين، پيون پارَ مُهاڙيون.
(شاھ)

جڏهن گل (گلبدن جاويد مرزا) مون کي چيو تہ آءُ سرتيون جي ”آتم ڪٿا نمبر“ لاءِ پنهنجي مختصر آتم ڪٿا لکي ڏيان تہ آءُ حيران ٿيس تہ پلا ”آتم ڪٿا“ مختصر بہ ٿي سگهي ٿي ڇا؟

سرتيون جي پڙهندڙن سرتيون ۾ منهنجي سلسليوار ”يادگيرين“ ۾ گهڻو ڪجھ پڙهيو هوندو جيڪو اجان جاري آهي پر هن خاص نمبر ۾ پنهنجي آتم ڪٿا جي ڪتاب ”اکيون پَسي آئيون“ جو اختصار هتي پيش ڪريان ٿي.

آءُ پنهنجي زندگيءَ جي ڪتاب کي پنجن مکيہ بابن ۾ ورهايان ٿي.

**1. خاندان ۽ ننڍپڻ ’1972ع کان 1977ع‘:**

منهنجو جنم حيدرآباد شهر ۾ 24 اپريل تي 1965ع ۾ ٿيو. مون هڪ سکئي ستابي ۽ بهترين ماحول ۾ ننڍپڻ گذاريو. منهنجي والد صاحب جو تعلق مٽياريءَ جي ساداتن سان هو ۽ پاڻ حيدرآباد جو تمام وڏو وڪيل هو. سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد ۾ پهريائين پروفيسر پوءِ پرنسپال ۽ فيڪلٽي آف لا جو ڊين ٿيو. منهنجي والده درگاھِ ڪريمي جي سجاده نشين جي نياڻي هئي. اسين اٺ ڀائر ڀينرون آهيون. مون کان ٻہ ڀائر ۽ ڀيڻون وڏيون آهن. آءُ پنجين نمبر تي آهيان ۽ مون کان پوءِ ٻہ ڀائر ۽ هڪ ڀيڻ ننڍي آهي.

اسان جو تيرهن سؤ گزن کان بہ مٿي بنگلو مسلم هائوسنگ سوسائٽي ۾ هو جتي ماءُ پيءُ سميت اسين ڏھ گهر ڀاتي ۽ گهر ۾ خانداني پراڻيون دايون ۽ خليفا رهندا هئاسين. اسين ڀائر، ڀينرون پاڻ ۾ هڪٻئي جا بهترين دوست پڻ هوندا هئاسين. گهر ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي هڪ جيتري حيثيت هوندي هئي. ساڳئي اسڪول ۾ گڏ پڙهياسين ۽ گهر ۾ ڪڏهن پتن راند تہ ڪڏهن لوڊو ۽ ڪيرم بورڊ سان دل وندرائيندا هئاسين. اسڪول ۾ پڙهائيءَ جي هر ڳالھ هڪ ٻئي سان شيئر ڪندا هئاسين ۽ ان دور ۾ ٻارن جا پي. ٽي. ويءَ تان اينڊڙ پروگرام توڙي چارلي چيپلن ۽ جيري لوئيس جون مزاحيہ فلمون گڏ ڏسي کلندا ۽ انجواء ڪندا هئاسين. گهر ۾ خوشحالي ۽ هر نعمت ميسر هئي. ڪڏهن اسڪودا، تہ ڪڏهن فاڪس ويگن ۽ وري شورليٽ ڪارن ۾ گهمياسين. مطلب تہ منهنجو ننڍپڻ هر لحاظ کان سٺو گذريو. اڄ ان وڏي گهر ۾ ٽي بنگلا ٺهي چڪا آهن جتي منهنجي ڀائرن جون فيمليون رهن ٿيون.

**2. تعليم:**

مون ڪي. جي کان پهرئين ڪلاس تائين تعليم محمدي اسڪول گاڏيءَ کاتي مان حاصل ڪئي ان بعد بابا اسان سڀني کي لاء ڪاليج حيدرآباد جي بلڊنگ ۾ قائم ڪيل ’سنڌ انگلش ٽيچنگ

اسڪول' ۾ داخل ڪرايو جيڪو انگلش ميڊيم ۽ ڪو ايجوڪيشن هو سو سپ پائر. پينرون گڏ هئاسين پر ڪلاس الڳ الڳ هئا. بعد ۾ ان اسڪول کي شام جي شفٽ ۾ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول سوسائٽي واري جي بلڊنگ ۾ تبديل ڪيو ويو جيئن ته اهو مڊل اسڪول هو سو منهنجي وڏي ڀيڻ جڏهن اٺون ڪلاس پاس ڪري ورتو ته بابا هاءِ اسڪول جي تعليم لاءِ هن کي گورنمينٽ حمايت الاسلام هاءِ اسڪول تلڪ چاڙهيءَ واري ۾ داخل ڪرايو. بعد ۾ اسان سڀني کي پڻ اتي داخل ڪرايو چو ته ڇوڪرن لاءِ پڻ پرسان گورنمينٽ حمايت الاسلام بوائز هاءِ اسڪول هو. ايئن هڪ ته هاڻي ڪو ايجوڪيشن ۾ نه هئاسين ٻيو ته انگلش ميڊيم کان نڪري اردو ميڊيم ۾ آياسين جنهن سبب مون کي ڏکيائي ٿي محسوس ٿي پر ان دور ۾ هئا ٿي گورنمينٽ اسڪول سو اتي ئي پڙهڻو هو.

ستين ڪلاس کان مئٽرڪ تائين آءُ اتي پڙهيس. اٺين ڪلاس جي سال جي آخري ۾ نائين ڪلاس دوران ملڪ ۾ تبديلي آئي ۽ جنرل محمد ضياء الحق ذوالفقار علي ڀٽي کي جڏهن ڦاسي تي چاڙهيو ته 1979ع ۾ آءُ نائين (سائنس) ڪلاس جي شاگرديائي هئس. سڄي ملڪ ۾ وڳوڙ هئا ۽ اڪثر تعليمي ادارا بند ڪيا ويندا هئا جو شهرن ۾ ڪرفيو هوندو هو.

مئٽرڪ ۾ آيس ته ضياء الحق ملڪ جو صدر هو ۽ اردو ميڊيم اسڪول هئا پر نائين ۽ ڏهين ڪلاس ۾ شاگرد پنهنجي مرضيءَ سان انگلش ميڊيم ڪٽي سگهندا هئا. بدنصيبيءَ سان مئٽرڪ سائنس ۾ اسڪول ۾ فزڪس، ڪيمسٽري ۽ مئٿميٽڪس پڙهائڻ لاءِ ڪابه اهل سائنس ٽيچر نه هئي. نائين ڪلاس تائين منهنجي پڙهائي سٺي رهي ۽ منهنجي پرسنٽيج 59٪ هئي. ان وقت تائين ڊويزن سسٽم هو ۽ جيڪو به 60٪ کان مٿي پرسنٽيج کڻندو هو ته اهو فرسٽ ڪلاس/ ڊويزن ۾ ايندو هو ۽ 50٪ ۾ (پنجاهه سيڪڙو کان مٿي) وارا وري سيڪنڊ ڪلاس ۾. ان لحاظ کان آءُ گڊ سيڪنڊ ۾ هئس. هي اهو دور هو جڏهن ڪاپي ڪلچر جو نالو نشان به نه هو شاگرد ڪڏهن تصور ڪري به نه سگهندا هئا ته هو ڪاپي ڪري سگهندا. نه ٽيوشن ايڏي عام هئي نه ئي مائٽن ۾ ايڏو شعور هو جو هو ٻارن جي پڙهائيءَ بابت اسڪول يا استادن کان حال احوال وٺن سو ان لحاظ کان 59٪ مارڪون کڻڻ وارا بهترين نه ته به سٺن شاگردن ۾ شمار ٿيندا هئا ۽ مون عهد ڪيو هو ته مئٽرڪ ۾ سخت محنت ڪري سٺ سيڪڙو کان مٿي نمبر کڻي فرسٽ ڪلاس/ڊويزن ۾ اچي وينديس پر سڄو سال گذري ويو ۽ فزڪس، ڪيمسٽري ۽ ميٿس لاءِ ٽيچر نه مليو. هڪ B.Sc ٽيچر هئي جيڪا فزڪس ۽ ڪيمسٽري پڙهائيندي هئي پر شايد هوءَ خود انهن مضمونن ۾ ايڏي سمجهه نه رکندي هئي سو اڪثر شاگرد سوال ڪندا هئا ته هوءَ ڪنفيوز ٿي ويندي هئي. اهڙي طرح فزڪس، ڪيمسٽري ۽ ميٿس ۾ منهنجو بنياد ڪمزور رهيو ۽ اڪثر شيون سمجهه ۾ نه اينديون هيون خاص ڪري فزڪس ۽ ڪيمسٽري جا 'پرابلمز'.

وڌيڪ 'هاڃو' اهو ٿيو جو ان سال کان ئي "گريڊ سسٽم" متعارف ڪرايو ويو جنهن تحت 60٪ کان مٿي مارڪون کڻندڙ 'فرسٽ ڪلاس' کان 'بي گريڊ Grade B' ۾ اچي ويا. سو ٽيچرس جو نه هئڻ ۽

منهنجي 59٪ کي ڏسي اندازو ٿيو ته ان وقت تائين آءٌ Grade C ۾ هئس ۽ اڳتي سوجهرو نٿي نظر آيو. بابا پڙهائيءَ بابت هميشه 'پنهنجي شاندار سنڌ مدرسي واري دور' ۾ رهندو هو. سو کيس ٻڌائيندي هئس ته ٽيچر صحيح نٿي پڙهائي ۽ هڪ ئي ٽيچر ٽيئي مضمون پئي پڙهائي ته بابا منهنجو مسئلو سمجهڻ بجاءِ سدائين ائين چوندو هو:

"استاد کي ڪڏهن به غلط نه چئو ضرور تو ۾ گهٽتائي آهي. تون محنت نٿي ڪرين."

ٽيوشن جو ته تصور ئي ڪونه هو. گهر ۾ سو نانيڻ جي خوشين سان ڀريل ماحول مان نڪري جڻ ان وقت کان ئي زندگيءَ جي آزمائشن واري دور ۾ اچي ويس.

ساليانی امتحانن کان فقط پندرهن ڏينهن اڳ حمايت الاسلام جي ان وقت جي هيڊ مسٽريس جي ڪوشش سان بوائز اسڪول جو هڪ استاد اسڪول ٽائيم کان پوءِ فزڪس، ڪيمسٽري ۽ مئٿميٽڪس پڙهائڻ لاءِ ارينج ڪيو ويو جنهن جو نالو خالد سومرو هو ۽ هو تمام سٺو پڙهائيندو هو. جيئن ته هو گورنمينٽ بوائز حمايت الاسلام هاءِ اسڪول مان پنهنجي ڊيوٽي ختم ڪري پوءِ گرلز اسڪول ۾ ايندو هو سو هڪ ته ان سبب ۽ ٻيو مرد استاد کان پڙهائڻ مناسب نه سمجهڻ وارا مائٽ پنهنجون ڇوڪريون نه ڇڏيندا هئا انڪري مون سميت ڏهه ٻارنهن ڇوڪريون پڙهڻ لاءِ ترسنديون هيون جڏهن ته ڪلاس ۾ چاليهن کان مٿي ڇوڪريون هيون. جيتوڻيڪ ٽائيم ٿورو هو ۽ هڪ ڪلاڪ ۾ هو ٽڪڙو ٽڪڙو فزڪس، ڪيمسٽري ۽ مئٿميٽڪس پڙهائيندو هو پر هو ماهر استاد هو مون لاءِ ايتري نعمت به وڏي هئي. منهنجو مئٽرڪ ۾ انهن مضمونن ۾ پاس ٿيڻ مون لاءِ ته ڪو معجزو ئي هو. پريڪٽيڪل امتحان به هن جي نگراني ۾ ٿيا ائين "بي گريڊ" ۾ ته نه اچي سگهيس جو منهنجي پرسنٽيج 59٪ کان 57٪ وڃي بيٺي ۽ شايد اهو منهنجي زندگيءَ جو پهريون ڏک هو. بهرحال 1980ع جي مارچ مهيني ۾ مون "سي گريڊ" ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي ته هڪ ٻيو ڏک مون لاءِ منتظر هو.

جيئن ته مون اڳ ۾ ٻڌايو ته ان دور ۾ فقط سرڪاري اسڪول ۽ ڪاليج هئا سواءِ سينٽ ميريز جي ۽ حيدرآباد شهر ۾ پڙهائيءَ جي لحاظ کان نيزرٿ ڪاليج ٽاپ تي هوندو هو ۽ منهنجي وڏي ڀيڻ به اتان انٽر ڪئي پر جڏهن آءٌ اتي داخلا لاءِ ويس ته خبر پئي ته اتي "بي-گريڊ" ۽ ان کان مٿي وارن کي ايڊميشن ملي پئي. جيئن ته مون اڳ ٻڌايو ته ان سال کان ئي گريڊ سسٽم شروع ٿيو هو ۽ ڪاپي ته ٿيندي ئي نه هئي انڪري 70٪ سيڪڙو ۽ 80٪ يا 90٪ جو اڄڪلهه جيان تصور ئي نه هو سو Grade 'B' ئي سيني کان مٿي سمجهيو ويندو هو. آءٌ Good 'C' ۾ ته هئس پر B ۾ نه. ٻي ڳالهه ته ان دور ۾ سلپ وٺڻ، سينٽر ڏسي اچڻ ۽ ڪاليج ۾ ايڊميشن وٺڻ جهڙا ڪم شاگرد ۽ شاگرديائيون پاڻ ڪندا هئا. اڄڪلهه جيان مائٽ پاڻ ڊوڙ ڊڪ نه ڪندا هئا. بابا فقط فيس ۽ ڪتابن ڪاپين وغيره جا پئسا ڏيندو هو ۽ اسين پاڻ، ڀينرون "يونيورسل" تان پاڻ وڃي سنجو ڪورس خريد ڪندا هئاسين. سو ڳالهه پئي ڪيم ته مون کي نيزرٿ ۾ ايڊميشن نه پئي ملي. 1980ع ۾ بابا لا ڪاليج جو پرنسپال مقرر ٿيو ۽ پاڻ شهر جو

نالي وارو وڪيل ۽ قانون دان هو سو سندس نالو وڏي ئي ماڻهو اسان کي ايڏي عزت ۽ احترام ڏيندا هئا جو آءٌ حيران ٿيندي هئس ته آخر بابا جي نالي ۾ اهڙو ڪهڙو جادو هو جو هر ڪو ان ڪان واقف هوندو هو ۽ بابا جي هر ڪو نيڪي ڪندو هو. هر ڪو هي جملو ضرور چوندو هو.

"سائين جهڙو شريف ماڻهو ڪوئي نه هوندو."

(حالانڪ عام خيال موجب 'وڪالت' ۽ 'شرافت' ۾ ڪو تعلق ڪونهي) پر هڪ ته خانداني نسب ۽ سندس اعليٰ ڪردار کيس هر دلعزيز بنائيندو هو. ايڏي ڄاڻ سڃاڻ ۽ نالو هوندي به هو سفارش جي سخت خلاف هوندو هو جو هو هڪ بااصول انسان هو. سو نيٽ مون کي نيزرٽ ۾ ايڊميشن نه ملي ۽ مون فرسٽ ايئر سائنس ۾ گورنمينٽ زبيده ڪاليج ۾ داخلا ورتي. اتي منهنجون اسڪول جون فرينڊز به هيون پر اهي پري انجنئرنگ واري ڪلاس ۾ هيون. تڏهن مون کي اها خبر پئي ته منهنجي هڪ فرينڊ جنهن جي پرسنٽيج منهنجي پرسنٽيج کان گهٽ هئي. سندس پيءُ جي سفارش سبب هن کي نيزرٽ ۾ داخلا ملي وئي سندس پيءُ هڪ ڪاليج ۾ اسسٽنٽ پروفيسر هو. سو هڪ ته اهو ڏک ته مون کي به اهڙي ريٽ ايڊميشن ملي وڃي ها پيو ساڳيو مسئلو درپيش هو جو منهنجو بنياد فزڪس ۽ ڪيمسٽريءَ ۾ بنهه ڪچو رهجي ويو هو. جڏهن ته بائلاجي مون کي بيحد پسند هو ۽ ڪاليج ۾ منهنجي ڪلاس ۾ ڪنهن ڇوڪريءَ سان سٺي دوستي نه ٿي سگهي سو ڊپريس ٿي ويس مٿان جو منهنجي طبعيت به خراب رهڻ لڳي (شايد ڊپريشن سبب) جنهن ڪري آءٌ پڙهائي چڱي ريٽ ڪري نه سگهيس سو فرسٽ ايئر جي امتحان ۾ هڪ پيپر ۾ پاس ٿي نه سگهيس جنهن هيڪاري منهنجي همٿ پست ڪري ڇڏي. نيٽ انٽر سائنس ۾ اچڻ بعد مون ڪاليج وڃڻ ڇڏي ڏنو جنهن تي بابا بيحد ناراض ٿيو ڇو ته هن جي خواهش هئي ته آءٌ ميڊيڪل ۾ وڃان جو ايستائين منهنجي وڏي ڀيڻ ميڊيڪل ۾ پهچي چڪي هئي. مون کي بائلاجي جي پريڪٽيڪل ۾ ڏيڏرن جي چير ڦاڙ سان ئي ڪراهت ايندي هئي سو ميڊيڪل ۾ مُردن جي چيرڦاڙ مون لاءِ بيحد خوفائتو تصور هو سو سوچيم ته انٽر سائنس ڪنديس ته بابا زوري به ميڊيڪل ۾ موڪليندو ان لاءِ ڪاليج وڃڻ ئي ڇڏي ڏنم. بابا ته ناراض ٿيو پر پوءِ هن مون کي ڪجهه به نه چيو. ايئن به ٽي مهينا گهر ويٺس ۽ انٽر سائنس جي امتحان ۾ اپيئر نه ٿيس. پوءِ اوچتو ئي فيصلو ڪيم ته هاڻي سائنس ڇڏي هيومينٽيز گروپ ڪٽان. ائين به سال ڇڙ مون پنهنجي پڙهائيءَ جا ويجايا ۽ سائنس ڇڏڻ جو ڏک به ٿيم پر نيٽ زبيده ڪاليج ۾ ئي فرسٽ ايئر آرٽس ڪنيم ۽ ميڊيم انگلش رکيم. جيئن ته ليڪچرر نوٽس فقط اردو ۾ ڏينديون هيون انڪري مون گهڻو ٽائيم لائبرريءَ ۾ گذارڻ شروع ڪيو ۽ اتان ڪتاب اشو ڪرائي پاڻ مطالعو ڪندي هئس ۽ نوٽس تيار ڪندي هئس.

وقت گذرندي خبر ئي نه پئي، آءٌ بي.اي جي آخري سال ۾ هئس ته 1986ع ۾ بلڪل اوچتو بابا تي فالج جو حملو ٿيو ته اسين سڀ گهر وارا گهٻرائجي وياسين. سڀ ٻار اڃان پڙهيا پئي ۽ گهر بابا اڪيلي سِر پئي هلايو. ڀائرن مان اڃان نه ته ڪو نوڪريءَ ۾ هو نه ئي اڃان کين زمينون سنڀالڻ جي سمجهه هئي، بابا کي به پيرا رٽائرمينٽ کان پوءِ ايڪسٽينشن

ملي هئي جو هن اعزازي طور لا ڪاليج جي پرنسپل جي حيثيت سان ڪم پئي ڪيو. سو وقتي طور معاشي پريشاني به آئي پر ان کان وڌيڪ ذهني پريشاني هئي. بابا جو علاج سٺو پئي هليو ۽ هاڻي سندس فزيو ٿراپيءَ جا سيشن پئي هليا. آءٌ بيحد حساس ٿي چڪي هئس ۽ جنهن ماڻهوءَ کي مون ايڏو ايڪٽو ۽ ايڏو ڪم ڪندي ڏٺو هو تنهن کي ائين ڏسي آءٌ بيحد پريشان ٿيس. سچو سچو ڏينهن الاهي ڪٽان ڪٽان ماڻهو سندس طبيعت پڇڻ ايندا هئا.

نيٺ مون فيصلو ڪيو ته مون کي جاب ڪرڻ گهرجي ته جيئن اڳتي آءٌ پنهنجي پڙهائيءَ جو خرچ پاڻ ڪٺي ڇڏيان. اڄ محسوس ٿئي ٿو ته منهنجو اهو فيصلو تڪڙ جو هو جو اجان مون بي.اي به مڪمل نه ڪئي هئي گهٽ ۾ گهٽ بي.اي پاس ڪري پوءِ وڃان ها. نه ئي ڪنهن مون کي روڪيو يا سمجهايو (اي ڪاش! ڪوئي روڪي ها) جو سڀ بابا جي پريشانيءَ ۾ هئا. سو مون گهر جي بلڪل ويجهو هڪ پرائيويٽ اسڪول ۾، جنهن ۾ منهنجي ننڍي ڀيڻ پڙهندي هئي، جاب لاءِ اپلاءِ ڪيو ته مون کي انٽرويو لاءِ سڏايو ويو سو ويس. هڪ ته 'انٽرويو' ۾ چڱي پرفارمينس ڏيکاريم ٻيو ته اسڪول جي مالڪ منهنجن ڊاڪيومينٽس ۾ بابا جو نالو ڏٺو ته حسبِ معمول بابا جي نالي جي جادو منهنجو ڪم وڌيڪ آسان ڪيو ۽ نه فقط هن مون کي جاب ڏني پر بابا جي نياڻيءَ هئڻ سبب مون کي هو ۽ سندس گهر واري جيڪا اسڪول جي پرنسپل هئي، بيحد عزت ڏيندا هئا. ائين مون ايڪيهن سالن جي عمر کان جاب ڪرڻ شروع ڪئي. خوشحال ۽ بي فڪرو ننڍپڻ ته ڪڏهونڪو موڪلائي چڪو هو پر هاڻي آءٌ شاگردن واري خوبصورت زندگيءَ کان به نڪري يڪدم عملي زندگيءَ جي سخت دور ۾ داخل ٿي ويس جو اتي ايڏو ته ڪم ڪرڻو پوندو هو جو 'شگفته' ته الائي ڪٿي گم ٿي وئي نقط هڪ 'روبوٽ' وڃي بچيو.

مون پنهنجي نوجوانيءَ جي دور جا ست سال ان اداري کي ڏنا ۽ اهو پرائيويٽ اسڪول، جنهن ۾ جڏهن مون جاب جوائن ڪئي ته اهو ڇهين ڪلاس تائين هو ان کي انٽرميڊيئيٽ تائين پهچائڻ ۾ منهنجي ۽ اتي جي ٻين استادن جي سخت محنت شامل هئي. آءٌ عمر ۾ ايڏي ميچئور نه هئس پر پوءِ به اسڪول ۾ نائين ۽ ڏهين ڪلاس ۾ وڏن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي پڙهائيندي هئس. مون دل جان سان ڪم ڪيو ۽ بيحد محنت سان پڙهايو جواب ۾ منهنجي شاگرد ۽ شاگرديائين مون کي بيحد عزت ۽ محبت ڏني.

سو ان مصروفيتن ۾ 1987ع ۾ بي.اي ڪرڻ بعد آءٌ ايم.اي يڪدم ڪري نه سگهيس. منهنجي خواهش هئي ته سنڌ يونيورسٽيءَ مان انگلش ۾ ايم.اي ڪريان يا وري فائن آرٽس ۾ پر مون جڏهن به جاب ڇڏڻ چاهي ته اسڪول جي مالڪن مون کي جاب ڇڏڻ نه ڏني ۽ 'قوميت' ۽ 'سنڌ جي خدمت' جهڙن جذبن کي جاڳائي مون کان خوب ڪم ورتو جو اتي تقريبن سڀ سنڌي شاگرد هئا. ايئن ڪم جي سخت بار سبب آءٌ پرائيويٽ ايم.اي جي تياري نه ڪري سگهيس. نيٺ 1991ع ۾ پرائيويٽ طور سنڌيءَ ۾ ايم.اي ۾ داخلا ورتي ۽ 1993ع ۾ ايم.اي ڪئي. ايم.اي ڪندي ئي مون کي سرڪاري

اسڪول ۾ S.L.T (سنڌي لئنگويج ٽيچر) جي جاب ملي آءُ جيئن تہ نوجوان هئس تہ مون کي اتي جي سينئر ٽيچرز سمجهايو تہ جيئن تہ آءُ هاڻي سرڪاري اسڪول ۾ ٽيچر ٿي آهيان تہ وقت وڃائڻ ڪانسواءِ مون کي بي.ايڊ ۽ ايم.ايڊ ڪري ڇڏڻ گهرجي. ڪنهن زماني ۾ مون کي بابا جيان وڪالت ڪرڻ جو شوق هو پر نيٺ وقت جي ضرورت کي ڏسندي مون سنڌ يونيورسٽيءَ جي اولڊ ڪئمپس مان "آف ڪئمپس" پروگرام تحت بي.ايڊ ڪئي. اسان وارو 1995ع وارو بيچ "آف ڪئمپس، جو پهريون بيچ هو. ان جو تجربو ڪيئن رهيو اهو ايڏو تہ طويل ۽ دلچسپ قصو آهي جنهن جو تفصيل هتي ڏيڻ ممڪن ڪونهي ۽ اهو منهنجي "يادگيرين" جي ڪتاب "اکيون پسي آئيون" ۾ شامل آهي.

ڪيترو حسين دور هو. ننڍين ننڍين ڳالهين ۾ ڪيڏو خوش ٿي ويندا هئاسين. سو ايئن منهنجو مصوريءَ جوشوق جاري هو تہ 1984ع ۾ مهراڻ آرٽس ڪائونسل پاران شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ تي تصويرون ناهڻ جو مقابلو رکيو ويو.

مون ايم.ايڊ سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي "آف ڪئمپس" پروگرام مان ڪئي جيڪو پڻ دلچسپ تجربو هو جو اسان وارو بيچ ان جو پهريون ۽ شايد آخري بيچ هو جو پوءِ اهو پروگرام ختم ٿي ويو. ايئن جنوري 2000ع ۾ مون ايم.ايڊ ڪري ورتي تہ وري شوق ساڳيو تہ انگلش ۾ ايم.اي تہ نہ ڪري سگهيس پر آمريڪن سينٽر مان شارٽ ڪورسز چو نہ ڪري وٺان جو ست سال پرائيويٽ ۽ 2000ع تائين ست سال سرڪاري اسڪول ۾ انگلش ئي پڙهائيندي رهي هئس ۽ گهر ۾ مختلف ڪتاب پڙهي مون سيلف سکيا حاصل ڪئي هئي. بي.ايڊ ۽ ايم.ايڊ ۾ مون وٽ اسپيشل مضمونن طور سنڌي ۽ انگلش رهيا هئا. پر هيستائين فقط آءُ پنهنجي سيلف اسٽيڊي ذريعي انگريزي پڙهائيندي هئس سو خيال ٿيو تہ جديد دور مطابق هلندڙ آمريڪن انگلش بہ سکجي سو جنوري 2000ع ۾ جڏهن Placement test ڏنم تہ خبر پئي تہ آءُ (PACC) پاڪ آمريڪن ڪلچرل سينٽر ۾ وڏي کان وڏي ليول (6) ڇهين ۾ داخلا جي اهل هئس مون سان گڏ منهنجي ننڍي ڀيڻ بہ ساڳي ليول لاءِ ڪئاليفاءِ ڪيو ٽن مهينن جو ايڊوانس ليول ڪورس بہ آفر ڪيو ويو جيڪو پاس ڪرڻ سان Diploma in English جو سرٽيفڪيٽ مليو.

مون جيئن تہ ٻڌايو تہ مون پڙهائيءَ دوران ئي جاب ڪرڻ شروع ڪئي تہ مون تہ جڻ شاگردن واري ڪاليجي يا يونيورسٽيءَ جي زندگي انجواءِ ڪئي ئي ڪونہ سو جيتوڻيڪ (PACC) ۾ ڇهن مهينن جي ڪيل ڪورس مهل منهنجي عمر 35 سال هئي پر مون کي لڳو تہ اصل اسٽوڊينٽ لائف تہ اتي مون انجواءِ ڪئي جو ڪلاس ۾ ڇهہ ست شاگرد ۽ شاگرديائيون هئا ۽ سڀ ننڍا اسڪول يا يونيورسٽيءَ ليول جا آءُ ئي ميچئور هئس ايستائين جو اسان جا استاد بہ ڇوڪرا/نوجوان هئا پر اتي استعمال ٿيل ٽيڪنيڪس ۽ ماحول ايڏو تہ سٺو هو خاص ڪري ڇهين ليول ۾ پڙهائيندڙ نوجوان استاد تہ ايڏا لطيفا چرچا ٻڌائيندي پڙهائيندو هو جو کِلي کِلي پيٽ ۾ سور پئجي ويندو هو پر پڙهايائين بہ بهترين. ان دور جا تفصيلي واقعا منهنجي يادگيرين

جي ڪتاب ۾ آهن.

2003ع جي آخري مهينن ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ايم.فل پروگرام ۾ داخلا ورتم ته جيئن پي.ايڇ.ڊي ڪري سگهان. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ چار شورو ۾ پڙهڻ منهنجو تمام وڏو خواب هو پر ريگيولر ايم.اي ڪري نه سگهيس سو هاڻي 38 سالن جي عمر ۾ اتي ڪورس ورڪ دوران حسرت سان سوچيندي هئس ته ڪاش آرٽس فيڪلٽيءَ جي انهن رستن ۽ پنڌن تي نوجوانيءَ ۾ اچان ها ۽ چار شوري جي هوائن جو سحر ۽ سنڌ جي ان عظيم مادر علمي ۾ پڙهڻ جو شوق مون کي سدائين بي چين رکندو هو. بدنصيبيءَ سان آءٌ ايم.فل ڪري نه سگهيس جنهن جا سبب چاٽائن جي هتي گنجائش ڪونهي.

3. **فن ۽ ادب جو سفر:**

ننڍپڻ ۾ ئي بابا جي تربيت سبب پڙهڻ جي عادت پئي. اسان جي گهر ۾ عبرت ۽ هلالِ پاڪستان ٻئي سنڌي اخبارون اينديون هيون ۽ انگريزي اخبار اسٽار ۽ ڊان اينديون هيون. ان دور ۾ امر جليل جا ڪالم هلالِ پاڪستان ۾ ننڍپڻ ۾ ئي شوق سان پڙهندا هئاسين ۽ عبرت ۽ هلالِ پاڪستان جا ٻارن جا صفحا پڻ. ٻيا ڪتاب اردوءَ ۾ پڙهندا هئاسين. مثال طور: نونهال، انسپيڪٽر جمشيد ڪي ڪارنامي ۽ ٻيا اردوءَ ۾ ٻاراڻا ڪتاب. مون کان وڏي ڀيڻ ان دور ۾ عورتن جي صفحي ۾ ڪهاڻيون لکندي هئي سو مون به عبرت ۽ هلالِ پاڪستان جي ٻارن جي صفحن ۾ ڪجهه ڪهاڻيون لکيون جيڪي ڇپيون به. پوءِ اڳتي سائنس پڙهائيءَ جي مصروفيت سبب لکڻ تان ڌيان هٽي ويو.

ٻئي پاسي قدرتي ڏات مون کي مصوريءَ جي مليل هئي. سو اسڪول لائيف ۾ اخبارن ۽ ڪتابن مان ڏسي سوين تصويرون پينسل ۽ پين سان ٺاهيندي هئس. مون کي ناهي خبر ته ڪيئن تصوير ٺهندي ويندي هئي. بس ڪابه تصوير ڏسندي هئس ۽ ڪاپي ڪري وٺندي هئس جيڪي اڪثر يا ته منهنجون ٽيچرس، ساهيڙيون يا ڪزنز ۽ ٻيا مٽ مائٽ ڪٽي ويندا هئا. منهنجي امي ۽ ماسي مشين تي زبردست ڀرت ڀريندڻيون هيون سو مون کي امي هڪ اهڙو ٽانڪو سيکاريو هو جيڪو هوبهو مشين جهڙي ڀرت جيان لڳندو هو پر اهو هٿ سان سئي ڌاڳي وسيلي ڪيو هو. مون سئيءَ سڳن جي مدد سان پڻ ڪئي رنگين نظارا، ڪارٽون ۽ گل ٻوٽا ٺاهيا جيڪي ماٺهن کي ايڏا ته وڻندا هئا جو مون کان وٺي ويندا هئا. ڪاش اڄ مون وٽ ڪجهه نمونا هجن ها جيڪي شاهڪار کان گهٽ نه هوندا هئا. پوءِ مون ڪاغذ تي تصويرون ٺاهيون. منهنجي هڪ اسڪول ٽيچر کي منهنجون تصويرون ايڏيون ته وڻنديون هيون جو هوءَ منهنجي حوالي هڪ ڊائري ڪري ڇڏيندي هئي ته جيڪو وڻئي هن ۾ مصوريءَ جو ڪم ڪر. جڏهن هڪ ڊائري ڀرجي ويندي هئي ته وري ٻي ڏيندي هئي. هوءَ منهنجي ٺاهيل تصويرن جي ديواني هوندي هئي.

**ريڊيو ڪمپيئر جي حيثيت سان آءٌ 1991ع کان 1993ع تائين لائيو شوز ڪندي رهيس ۽ مقبوليت جي عروج تي پنهنجي ذاتي مصروفيتن وڌڻ سبب ريڊيو کي ڇڏڻو پيو.**

اڳتي هلي جيئن اڳ ذڪر ڪري چڪي آهيان ته مون سائنس گروپ ڇڏي نئين سِر آرٽس/هيومينيٽيز گروپ کنيو ته پڙهائيءَ جو بار هلڪو ٿيو ته تصويرن ٺاهڻ کي وڌيڪ ٽائيم ڏيڻ

لڳس ۽ ان دور ۾ وري هڪ ته ابن صفي جا جاسوسي ناول پڙهڻ ۽ اهڙائي ڊائجسٽ پڙهڻ جو چسڪو پيو. اسين سڀ يائر پينرون ابنِ صفي جي جاسوسي ناولن جا مداح هئاسين. ان دور ۾ جمع ڪيل "عمران سيريز" جا ۽ "جاسوسي دنيا" جا ناول اڄ به مون وٽ محفوظ آهن. هاڻي به هن عذاب ناڪ دورجي تلخين کان ڪجهه وقت جان ڇڏائيندي انهن ڪتابن ۾ پناهه وٺندي آهيان جن جي پني پني تي جڻ منهنجي "ٽين ايج" واري دور جون يادون وکريل آهن. اهي ڪتاب پڙهندي آءُ جڻ ان دور ۾ هلي ويندي آهيان.

بئي پاسي "سب رنگ" ڊائجسٽ جا حسين عورتن واري پينٽنگ وارا ٽائيٽل ۽ اندر اقبال مهدي، ولايت ۽ انعام راجا جا پين ان انڪ ورڪ واريون تصويرون منهنجي اندر جي مصور کي جهنجهوڙي رکنديون هيون. ايتريون حسين عورتون مون فقط سب رنگ جي ٽائيٽلن ۽ اندر پنن تي ڏٺيون هيون. ۽ انهن جي خوب ڪاپي ڪيم. گهڻو ڪري ساڙهي پاتل ۽ بنديا لڳل بيحد اسمارٽ عورتن جون تصويرون هونديون هيون. اڄ انڊيا جي سڊول بدن واري حسين عورتن کي خوبصورت ساڙهين ۾ ڏسي سب رنگ واريون تصويرون ياد اينديون آهن. مون وٽ اڄ به ڪيترائي سب رنگ ڊائجسٽ جا پرچا موجود آهن. ڪاليجي دور ۾ مون کي به شوق ٿيو ته منهنجون تصويرون به ڊائجسٽن ۾ ڇپجن سو "نئي اُفق" ڊائجسٽ ۾ موڪليم ته هڪ به ڇپيون ته خوشيءَ جي حد نه هئي مٿان وري ان جي ايڊيٽر اظهر ڪليم پاران همت افزائيءَ واري خط ته جڻ مون کي عظيم خوشي ڏئي ڇڏي جيڪو اڄ به سنڀاليل آهي.

ان ئي دور ۾ عبرت مئگزين پڻ مقبول سنڌي ميگزين هوندو هو. جنهن جو ايڊيٽر عبدالغني درس هوندو هو. هن پنهنجي مئگزين لاءِ مون کان جام تصويرون ٺهرايون ۽ ڇاپيون ۽ منهنجو پهريون انٽرويو عبدالغني درس ئي آرٽسٽ طور عبرت مئگزين ۾ هلايو. تڏهن آءُ انٽر جي شاگردياڻي هئس.

ڪيترو حسين دور هو. ننڍين ننڍين ڳالهين ۾ ڪيڏو خوش ٿي ويندا هئاسين. سو ايئن منهنجو مصوريءَ جوشوق جاري هو ته 1984ع ۾ مهراڻ آرٽس ڪائونسل پاران شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ تي تصويرون ٺاهڻ جو مقابلو رکيو ويو. عبرت اخبار ۾ اهو پڙهيم ته ان ۾ حصو ورتم. ۽ مون کي ان مقابلي ۾ ٽيون انعام مليو ۽ تصويرن جي نمائش حيدرآباد جي سنڌ صوبائي عجائب گهر ۾ ٿي ۽ پٽ شاهه تي پڻ جتي ضياءالحق دور جي سنڌ جي فوجي گورنر جهانداد خان اسان کي انعام ڏنا. ان بعد مون باقاعدي شاهه لطيف جي شاعريءَ پڙهڻ شروع ڪئي ته جڻ دنيا ئي وسري وئي. جنهن عمر ۾ ڇوڪريون ميڪ اپ، فيشن ۽ گهمڻ ڦرڻ انجواءِ ڪرڻ جون شوقين هونديون آهن، آءُ ان عمر ۾ سڄو سڄو ڏينهن شاهه جو رسالو وٺي پڙهندي هئس. مون کي منهنجي رب جي سڃاڻپ شاهه سائين جي شاعريءَ ڏني ۽ آءُ ننڍي عمر ۾ ئي تصوف جي راهه تي هلڻ لڳس. ۽ پوءِ شاهه جي شاعري ئي منهنجي مصوريءَ جو سيني کان وڏو موضوع بنجي وئي.

نومبر جي 27 تاريخ 1986ع تي ان وقت جي مهراڻ آرٽس ڪائونسل جي ڊائريڪٽر عبدالرزاق چانڊئي منهنجي همت افزائي ڪندي منهنجي تصويرن جي نمائش ڪرائي. منهنجي تصويرن جي ان 'سولو'

نمائش وقت منهنجي عمر فقط ايڪيهه سال هئي. جيتوڻيڪ ان وقت تي ويءَ جا ايڊا چينل ۽ اخبارون نه هيون پوءِ به منهنجي ان تصويرن جي نمائش جي ڪوريج سنڌي توڙي اردو اخبارن ۾ وڏي پئماني تي ٿي ۽ ان نمائش بعد منهنجي سڃاڻپ سنڌ ۾ جتي ڪٿي ٿي وئي ۽ مختلف اخبارن ۽ رسالن وارا منهنجو انٽرويو وٺڻ آيا. ريڊيو حيدرآباد تي پڻ مون کي نوجوانن جي پروگرام ۾ آرٽسٽ جي حيثيت سان انٽرويو ڏيڻ لاءِ گهرايو ويو ۽ ان انٽرويو جي رڪارڊنگ بعد منهنجي وائس ڪوالٽي ۽ تلفظ کان متاثر ٿي مون کي ريڊيو تي پروگرام ڪرڻ جي آفر ملي... مون لاءِ پڻ نئين معلومات هئي مون بابت...! ته منهنجو آواز سٺو آهي.

اهڙي ريت ريڊيو سان وابسته ٿيس ته اتي ئي منهنجي لکڻ جي ٽئلينٽ کي پڻ ڊسڪور ڪيو ويو ۽ مون کان گيتن پريون ڪهاڻيون، ريڊيو فيچر ۽ ڊراما لکرايا ويا.

ريڊيو ڪمپيئر جي حيثيت سان آءٌ 1991ع کان 1993ع تائين لائيو شوز ڪندي رهيس ۽ مقبوليت جي عروج تي پنهنجي ذاتي مصروفيتن وڌڻ سبب ريڊيو کي ڇڏڻو پيو.

حيرت انگيز ڳالهه اها آهي ته آءٌ 1990ع کان 1993ع تائين هڪ ئي وقت ريڊيو ڪمپيئر، ڊراما نگار ۽ مصور جي حيثيت سان ڪم ڪندي رهيس ۽ عبرت مئگزين ۽ عبرت اخبار جي ٻين پبليڪيشن 'بختاور' ۽ سنڌو اخبار سان فري لانسر جرنسلٽ طور پڻ وابسته رهيس. "سرتيون" جي منظر عام تي اچڻ سان ئي ان وقت کان ئي "سرتيون" سان گڏوگڏ پياري سرتين "گل". ثمينه ميمڻ ۽ نجمه پنهور سان پڻ اڄ تائين دوستيءَ جو رشتو قائم آهي. ڪنهن به ڪم ڪار سان ڄام شوري اچان ۽ ادبي بورڊ ۾ اچي هنن سان نه ملان، اهو ممڪن ئي ڪونهي. هي به ته مون سان ايڏو پيار ڪن ٿيون.

سو اهڙي ريت منهنجي "فن جو سفر" ۽ لکڻ جو سلسلو اڄ تائين جاري آهي. البت ريڊيو جي دور کي ۽ آوازن جي ان خوابناڪ دنيا کي اڄ به ڏاڍو مِس ڪندي آهيان.

**4. نوڪري:**

اڳ ذڪر ڪري آئي آهيان ته بابا جي طبيعت خراب ٿي ته پريشان ٿي ويس ۽ دل کي وندرائڻ خاطر ۽ خيال کي ٻئي پاسي ڪرڻ خاطر مون ايڪيهن سالن جي عمر کان ئي نوڪري ڪرڻ شروع ڪئي.

ستن سالن تائين پاڙي ۾ موجود هڪ (ان وقت جي) بهترين اسڪول ۾ نوڪري ڪئي ۽ اسڪول جو انتظام پڻ سنڀاليو. ان دور جون بي شمار تکيون مٺيون ڳالهيون آهن جن جوذڪر منهنجي يادگيرين جي ڪتاب ۾ آهي البت هڪ ڳالهه شيئر ڪرڻ ضرور چاهينديس ته مون سان ته اسڪول جي مالڪن جو بهترين سلوڪ هو پر اتي ۽ عام طور تي هر پرائيويٽ اسڪول ۾ شاگردن کي استادن کان وڌيڪ 'مان' ڏنو ويندو آهي. مجبور ۽ ضرورتمند ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي بيحد گهٽ پگهار تي رکيو ويندو آهي ۽ انهن کان بيحد گهڻو ڪم ورتو ويندو آهي. ان کان به وڌيڪ ڏکوئيندڙ ڳالهه اها آهي ته شاگردن يا مائٽن جي ڪنهن به اجائي سڄائي شڪايت تي استادن جي سيني جي اڳيان بيحد

تذليل ڪئي ويندي هئي/آهي. مون کي اها ڳالهه ڏاڍو ڏکوئيندي هئي.

1987ع کان 1993ع تائين منهنجي زندگي جو اهو دور پرپور رهيو. اڄ ڏينهن تائين مون کي اتي جا شاگرد ۽ شاگردياڻيون ملنديون آهن ۽ مون کي سڀ بيحد عزت ۽ محبت ڏيندا آهن.

1993ع جي آڪٽوبر مهيني کان قاسم آباد جي گرلز هاءِ اسڪول ۾ نوڪري ملي ۽ هتي آيس ته پرائيويٽ اسڪول جي برخلاف هتي جو ته ماحول ئي ٻيو هو. ان دور ۾ ڪجهه مهينا اڳ ئي اهو اسڪول قائم ٿيو هو ته شاگردياڻيون اڃان ٿوريون هيون ۽ اتي جو وڏو اسٽاف روف ٽيچرز سان پريل هو.

ياالله...! ڪٿي آءٌ بيٺي بيٺي ست ڪلاس وٺي آيل ٽيچر ۽ هتي روز فقط هڪ ڪلاس يعني هفتي ۾ ڇهه. ماسترياڻيون محبت ڪندڙ. سيني مون کي بيحد مان ڏنو ۽ محبت ڏني. پرائيويٽ اسڪول ۾ به اسڪول جي فڪشنز ۾ ڪمپيئرنگ ڪرڻ ۽ هر نصابي سرگرمين جي انچارج هئس ته هتي به ساڳي حيثيت رهي. پرائيويٽ اسڪول جيان هتي به خوبصورت ٽيبلوز ڪرايم ۽ منهنجي هتي جي شاگرديائي سبين (سبرين) بلوچ اڄ پاڪستاني ليول جي وڏي اداڪاره آهي ان کي پڻ "عمر مارئي" جي ٽيبلو ۾ "مارئي" جو ڪردار ڏنم ۽ ٻيا به ڪيترا خاڪا هن منهنجن لکيل اسڪرپٽس تي پرفارم ڪيا. آءٌ اڪثر ڪري اسڪول جي پروگرامن ۾ ٽيبلوز ۽ خاڪن جا اسڪرپٽ خود لکندي هئس.

آڪٽوبر 1993ع کان 31 آگسٽ 2001ع جو منهنجو اتي جي جاب وارو دور بهترين دور رهيو. پُرسڪون ۽ مزو ڏيندڙ. اسٽاف روم ۾ ٽيچرس جون ڪچهريون. ڪڏهن مختلف ڊش ڪٺي اچڻ. مون کي اتي جو ماحول ۽ ان وقت جون يادگيريون اڃان به وڻن ٿيون.

ان دوران حيدرآباد جي هڪ نالي واري اداري پاران 17 گريڊ جي استادن جون پوسٽون پڌريون ڪيون ويون ته مون به اپلاءِ ڪيو. هيستائين آءٌ سرڪاري ليڪچرز جي پوسٽن لاءِ به اپلاءِ ڪري چڪي هئس پر لکت ۾ امتحان پاس ڪرڻ ۽ سنو انٽرويو ڏيڻ باوجود مون وٽ ڪا سفارش نه هئڻ سبب مون کي سليڪٽ نه ڪيو ويو. مون کي اها دعويٰ ڪونهي ته آءٌ بيحد لائق فائق آهيان پر ڪيترين ئي ڪاليج ۾ پڙهائيندڙ ليڪچرز کي ڏسي سوچيندي آهيان ته ڇا آءٌ هنن کان به گهٽ هئس؟ سفارشن ۽ پئسي ۽ سياسي بنيادن تي ڪيترائي ماڻهو سرڪاري نوڪرين ۾ پرتي ٿين ٿا جيڪي انهن پوسٽن جا اهل ئي نه هوندا آهن ۽ ڪيترائي اهل ۽ قابل ماڻهو ڊگريون هٿن ۾ ڪٽيو هن معاشري جي ڪرپٽ سسٽم جي ور چڙهي مايوسين جو شڪار ٿيو وڃن. هڪ ڀيرو ته يونيورسٽيءَ پاران پڌري ڪيل پوسٽ لاءِ به سؤ کان وڌيڪ ماڻهن مان آءٌ ميرٽ تي پهريون نمبر آيس پر وري به اها نوڪري مون کي نه پر هڪ سفارشي ماڻهوءَ کي ملي. اهڙي ريت منهنجي هر ڪوشش ناڪام ٿيندي هئي ته آءٌ مايوس ٿيندي هئس پر اهو سوچيندي هئس ته مون کان ڪيئي ڀيرا ٽئلنٽڊ ماڻهن سان به ايئن ٿيندو آهي. اهي ڪيڏا نه ڊپريسڊ هوندا. مون وٽ ته وري به سرڪاري چوڏهن گريڊ جي نوڪري هئي جيڪا پڻ مون کي منهنجي اهليت کي ڏسندي نه پر ايجوڪيشن

ڊپارٽمينٽ ۾ منهنجي ڪزن جي ڪوشش سان ملي هئي 9 گريڊ ۾. مون هائي اسڪول ٽيچر لاءِ پڻ انٽرويو ڏنو ته انٽرويو وٺڻ وارا متاثر ٿيا ۽ مون کي مبارڪون ڏنيون پر بدنصيبي سان سياسي اٿل پٿل سبب اهي Appointments جيڪي ٿيڻا هئا سي ڪينسل ٿي ويا. آءٌ جڏهن به ميرٽ تي آيس ته ائين ئي ٿيندو رهيو سو نيٺ هاڻي نيم سرڪاري (سيمي گورنمينٽ) اداري ۾ 17 گريڊ جي پوسٽ لاءِ اَپلاءِ ڪيم ۽ لکت وارو امتحان توڙي زباني ٽيسٽ ۽ انٽرويو ۾ ڪامياب ٿيس. جيئن ته اتي اهليت کي اهميت ڏني پئي وئي سو مون کي سليڪٽ ڪيو ويو ۽ جيتوڻيڪ آءٌ سرڪاريءَ نوڪريءَ ۾ سيٽ هئس پر هر ڪو اهو چئي چئي مون کي ذهني اذيت ڏيندو هو ته: "ايڏي ٽيلنٽڊ هوندي به (14) چوڏهن گريڊ جي ٽيچر آهين؟"

جڏهن ته مون هاءِ اسڪول ٽيچر جو ڪم پئي ڪيو ۽ مٿين ڪلاسن ۾ انگلش پڙهائيندي هئس. هتي به مون کي شاگرديائڻين پاران بيحد عزت ۽ محبت ملي چو ته سرڪاري ماسترياڻين مان گهٽ ئي پوري ايمانداريءَ ۽ محنت سان پڙهائينديون آهن ۽ جيڪي ٽوريون ايئن ڪنديون آهن ته شاگرديائڻين کين مان ڏينديون آهن. پر نيٺ اها جاب ڇڏي نئين اداري ۾ آيس. مون اهڙي ريت ڇڻ هر قسم جي تعليمي ادارن ۾ ڪم ڪيو. پرائيويٽ اسڪول ۾، وري سرڪاري اسڪول بعد نيم سرڪاري اداري ۾ سرڪاري اسڪولن ۾ پرائيويٽ اسڪولن جي ابتڙ استادن جي وڌيڪ حيثيت آهي. ڪم گهٽ آهي ۽ پرتيون گهڻو ڪري ميرٽ تي نٿيون ٿين جنهن سبب تعليمي لحاظ کان اسين تمام پوئتي آهيون.

01 سيپٽمبر 2001ع تي عاليشان وڏي اداري ۾ قدم رکيم ته ڄڻ وري (انتظامي لحاظ کان) پرائيويٽ اداري ۾ اچي ويس. ان وقت کان ڄڻ منهنجي زندگيءَ مان اُميدون مرڪون ۽ خوشيون ئي کسجي ويون. سرڪاري نوڪريءَ دوران به ٻن ٽن هيڊ مسٽريسس سان واسطو پيو. ڪا سٺي رهي ته ڪنهن تنگ به ڪيو پر پوءِ به اتي هروڀرو آءٌ ذهني اذيت ۾ نه آيس. پر هتي ته اڳ ۾ ئي موجود استادن ۾ ڇڪتاڻ ۽ سچو ادارو Dirty politics جو شڪار هو سو هنن اڳ ۾ ئي منصوبو ٺاهي رکيو هو ته نئين ٽيچرز کي شروع کان دٻائي رکنداسين. سو هنن جيڪي اسان سان ويل ڪيا ته آءٌ ته اصل وائڙي ٿي ويس. مون ان کان اڳ اهڙيون "سازشي" عورتون فقط انڊيا جي سوپ ڊرامن ۾ ڏٺيون هيون سو هاڻي اصل زندگيءَ ۾ مون آڏو هيون. عورت خود عورت سان ڪيڏو ظلم ٿي ڪري اهو مون اکين سان ڏٺو ۽ مون سان ٿيو. انهن سازشن سان وڙهندي وڙهندي مون کي ڪيئي سال ٿي ويا ۽ ڄڻ اها "شگفته" ئي گم ٿي وئي جيڪا مصوره هئي. زندگيءَ سان ڀرپور هئي. هتي ته آءٌ ڄڻ ڪم ڪرڻ جي مشين بنجي ويس. خوبصورت ٽيبلوز ڪرايم، آرٽ جو ڊپارٽمينٽ سيٽ ڪيم ۽ ٻارن جي آرٽ ۽ ڪرافٽ جي ڪم جون نمائشون ڪرايم. پر هتي استادن کي روبوٽ سمجهيو ويندو آهي انسان نه.

هيستائين ته فقط ايڊمسٽريٽر عورتن جا منفي رويا ڏٺا هئا پر 2009ع کان زندگيءَ جو هڪ اهڙو باب شروع ٿيو جنهن جو مون تصور به نه ڪيو هو. ادب جي دنيا ۾ اچڻ کان اڳ وڏن اديبن کي پڙهيو به هو.

اديبن، شاعرن ۽ انٽيليڪچيوئلز بابت نوجوانيءَ ۾ بيحد آئيڊيل خاڪا هئا ۽ انهن سان ملڻ ۽ ڏسڻ جو پڻ شوق هو سو 2009ع جي وچ ڌاري سنڌ جو هڪ ناليوارو اديب اسان جي تعليمي اداري جو چيئرمين بڻجي آيو. مون کي سندس بابت وڏيڪ ڪا ڄاڻ ڪانه هئي مون سندس ڪجهه تحريرون پڙهيون هيون ۽ منهنجي ذهن ۾ هن لاءِ بهترين اميج هو. هن به مون کي اديب، شاعره ۽ مصوره جي حيثيت سان سجاتو ٿي ۽ مون کي ڏاڍو Appreciate ڪندو ۽ مون کان سندس مئگزين لاءِ ٽائيٽل ۽ اسڪيچ ٺهرايا هئائين. بظاهر ته سڀ ٺيڪ ٿي هليو پئي پر پوءِ هن اسان سينئر استاديائڻين کي ڇڏي پنهنجي من پسند يا سفارشي يا پئسي جي زور تي ڪم وٺندڙ جونيئر ٽيچرز کي پروموشن ڏنا ۽ اسان سينئر ٽيچرز ان زيادتي خلاف اپيل ڪئي ۽ هن جو اصل روپ هاڻي ظاهر ٿيڻ لڳو ۽ هن اسان کي هيسائڻ ۽ ماٺ ڪرائڻ لاءِ هر قسم جا اوچا هٿڪنڊا استعمال ڪيا. مردن جي ان رويي کي مون پهريون پيرو فيس پئي ڪيو. هن خاص ڪري مون کي تنگ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ سندس چمچا گيري ڪندڙ ماڻهو پڻ اسان کي تنگ ڪندا هئا. سندس دور ۾ وضاحتي ليٽر (Explanation Letters)، سسپينڊ ڪرڻ جا آرڊر ته هر روز جي اخبارن وانگر عام هئا. مون کي دٻائڻ لاءِ منهنجي خلاف انڪوائري رکي ۽ ان جا ميمبر پنهنجا خاص چاڙتا رکي منهنجي خلاف ايڪسپلينيشن ليٽر کان وٺي وارنگ ليٽر ڪڍيو ويو.

سندس دور ۾ استادن سان ڪيل عقوبتن سبب نيٺ استادن هن جي خلاف احتجاج ڪيا ۽ ريليون ڪڍيون. تڏهن استادن کي وڌيڪ دٻائڻ ۽ هيسائڻ لاءِ هن سيٽ تي ويٺل پرنسپل کي هٽائي پنهنجي من پسند ماڻهوءَ کي پرنسپل بنايو ته استادن ۾ سخت بيچيني ٿي پئي جو خبر پئي ته نئين پرنسپل (جيڪو غير قانوني هو) انهن ماڻهن لاءِ نوڪريءَ کان ڪيڻ جا ليٽر پئي ڪڍيا جنهن تي هو مچرجي پيا ۽ هڪ پاسي ان وڏي "اديب" ۽ ڄاتل سڃاتل ۽ پڙري ڪرپٽ آفيسر جي چاڙتن ۽ استادن وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌي ۽ غير قانوني پرنسپل کي استادن نيٺ زوري ڌڪي آفيس مان ڪڍي اصل پرنسپل کي ويهاريو. ان سڄي معاملي سان منهنجو ڪوبه واسطو نه هو تنهن هوندي به محض انتقامي ڪاروائي تحت استادن خلاف ايف-آءِ-آر درج ڪرائي وئي جنهن ۾ صرف انتقامي ڪاروائي تحت منهنجو ۽ ٻين استادن جا نالا ڏنا ويا. ڇو ته اسان هن خلاف احتجاج ڪيا هئا جنهن جي نتيجي ۾ سرڪار پاران هڪ انڪوائري ڪميٽي آئي هئي ۽ هن عظيم سنڌي، آفيسر خلاف فيصلو ڏنو هو. مون لاءِ اهو سڀ ڪجهه بنهه نئون هو ۽ شايد اهو سڀ ڪجهه زندگيءَ ۾ ڏسڻو هو. اسان تي هٿيارن سان حملو ڪرڻ، ڦُر، چوري ۽ ٻين قلمن تحت ان ڪيس کي چالان ڪيو ويو ۽ اسان کي ٿاڻن کان وٺي عدالت تائين پهچايو ويو.

ڇا مون ڪڏهن سوچيو هو ته آءُ جيڪا سنڌ جي ڄاتل سڃاتل مصوره، ليکڪا ۽ استاد آهيان هڪ نام نهاد (قومپرست سنڌي) ليکڪ ۽ ادارن کي تباهيءَ ڪنڌيءَ پهچائيندڙ آفيسر جي انتقام جو نشانو بڻجي عدالتن ۾ ڪرمنل ڪيس ۽ ڪورٽن ۾ (جوابدار) جي حيثيت سان ويهندس؟

**5. موجوده دور:**

هن سالن ڪان مٿي وقت ٿي چڪو آهي ڪرمنل ڪوڙي ڪيس ۾ مون ڪي عدالتن ۾ پيشيون پوڳيندي پر انصاف جا تقاضا پورا ڪرڻ وقت پيو لڳي. آءُ چوندي آهيان تہ: "انصاف ڏيڻ ۾ دير ڪرڻ بذاتِ خود هڪ وڏي ناانصافي آهي."

هو آفيسر تہ هليو ويو پر بيا بہ اهڙا آيا جن فقط منافقت ڪئي اسان سان.

اڄ آءُ مايوسيءَ جي ان دور ۾ اچي چڪي آهيان جنهن بابت سوچيو بہ نہ هو. نوجوانيءَ ۾ سماج ۾ مثبت تبديليون آڻڻ جا خواب ڏسندڙ شگفتہ شاهہ اڄ خود ان سماج جي ڪرپٽ سسٽم جو شڪار ٿي خود تبديل ٿي وئي آهي. مون ماڻهن جون ايڏيون تہ منافقتون ڏٺيون آهن. خوبصورت لفظ لکندڙن ۽ ڳالهائيندڙ جا اصل ڪوجها روپ ڏٺا آهن ۽ ايڏا دوڪاڪاڏا آهن جو منهنجي اندران اُميد، زندگي ۽ روشني جڻ ختم ٿي ويون آهن.

اڄ بہ مون کي منهنجو جائز حق نہ مليو آهي، اڄ بہ آءُ ڪرمنل ڪيس ۾ پيش پوان پئي. دوستين، محبتن ۽ ساٿين مون کي ڏوڪا ڏنا لفظن ۽ واعدن ۽ پنهنجي ڪميٽمنٽس ماڻهو ڪان ڦري وجن ٿا. اڄ سوچيندي آهيان تہ:

- ڇا منهنجو بنا سفارش جي سٺي ڪاليج ۾ ايڊميشن جو حق نہ هو؟
- ڇا آءُ سرڪاري ڪاليج جي ليڪچرر ٿيڻ جي اهل نہ هئس؟
- ڇا يونيورسٽيءَ ۾ ميرٽ تي ڪئاليفائي ڪرڻ باوجود اتي جي استاد ٿيڻ جي قابل نہ هئس؟
- ڇا مون کي پي.ايڇ.ڊي ۾ سٺي گائيڊ لائين ملڻ جو حق نہ هو؟
- ڇا مشين وانگر ڏينهن رات ڪم ڪرڻ جي باوجود جائز پروموشن جو حق نہ هو؟
- سنڌ جي عظيم ادارن جهڙوڪ: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌي لئنگويج اٿارٽي يا سنڌي ادبي بورڊ جي ڪنهن عهدي جي اهل نہ هئس؟؟... پر... منهنجن سوالن جا جواب ڪير ڏيندو؟

اڄ پنهنجي زندگيءَ جي ڪتاب تي نظر وجهندي آهيان تہ خواهش ٿيندي اٿم تہ:

ڪاش! هِي شيون زندگي مان delete (خارج) ڪري ڇڏيان.

ڪاش! هنن ڪردارن ۽ ماڻهن کي زندگيءَ ۾ پنهنجي مرضي مطابق جي وقت تي ڪٽي رکي سگهان.

ڪاش! پنهنجي غلطين ۽ غلط فيصلن کي واپس ماضيءَ ۾ وڃي نئين زندگي شروع ڪري وري نہ ورجايان.

ڪاش! ڪليل لفظن ۾ ماڻهن جي منهن تي چڙهيل نقاب هٽائي انهن جا اصلي روپ ڏيکاري سگهان.

ڪاش! پنهنجي تقدير/زندگيءَ کي بدلائي سگهڻ جا موقعا نہ وڃايان ها.

ڪاش! ماڻهن جي لفظن، دعوائن ۽ ظاهري خلوص تي اکيون بند ڪري اعتبار نہ ڪريان ها.

............ۦ............

ڪاش! اڄ آءُ اسي ۽ نوي واري دور جي پراُميد ۽ زندگيءَ سان ڀرپور شگفتہ شاهہ کي ڳولهي سگهان جيڪا وقت ۽ زماني جي ور وڪڙن ۾ پلجي الاهي ڪٿي گم ٿي چڪي آهي.

٭

روبينه ابڙو



# خود ڪلامي

چوڏهينءَ جو چنڊ جوڀن تي آهي، چانڊوڪي منظرن تي چنڊ جو سحر ڀاسي رهي آهي، هوا ڇڙواڳ آهي، ڄڻ آزاديءَ جو جشن ملهائي رهي هجي، وڻ هوا جا هم رقاص ٿي رقص ڪرڻ ۾ محوِ آهن، ڏُور گگن ۾ ابابيل چنڊ جو طواف ڪري رهيا آهن ۽ پريان ڪا ڪويل ڪوڪي من کي سرور ارپي رهي آهي. مان گهر جي آڳنڌ تي ٽهلي رهي آهيان، اندر ۾ امالڪ هڪ عجيب بيقراري ۽ بيزاري گَر ڪٽي رهي آهي، مان ان بيزاريءَ جي آمد کي محسوس ڪندي حسبِ معمول وڏان ٿي پنهنجن ڪتابن طرف جيڪي منهنجي ڪمري ۾ ٽيبل تي بي ترتيب پيل آهن. سوچيان ٿي ته اڄ ڪهڙي ڪتاب کي پنهنجي آپ بيتي ٻڌايان...؟ ٽيبل تي ڪتابن جي پير ۾ منهنجي ڊائري به پيل آهي ۽ ان جي پير ۾ پيل قلم مون کي هاتِ ڪري رهيو آهي... مان هٿ وڌائي قلم کي کڻان ٿي... ته ڪمري کان ٻاهر وارن سمورن خوبصورت منظرن ۾ لڪائن وارو سحر الائي ڇو ڏيمو ٿيندو محسوس ٿئي ٿو... من جو مانڌاڻ سمورن منظرن تي حاوي ٿي وڃي ٿو... اندر مان ڪي لهرون اڀرندي محسوس ڪيان ٿي... ۽ چپ بي اختيار ڦڙڪڻ لڳن ٿا...

سمجهه ۾ نٿو اچي ته مان سوچيان پئي يا پنهنجو پاڻ سان ڳالهايان پئي... اندر ۾ جهات وجهان ٿي ته سوين سوال جاڳي پون ٿا... اهي سوال جن کي مشڪل سان مون پاڻي ئي سمهاريو هو... اهي سوال منهنجي ٻارن جيان ضد ڪندا منهنجي ذهن جي آغوش سان چهٽجندا ٿا وڃن... منهنجون اکيون خماريل آهن... اکين جا ڇپر ننڊ جو بار ڪنيون ٽڪجڻ لڳا آهن... مان ننڊ ڪرڻ چاهيان ٿي پر... اندر جا سوال بضد آهن ته انهن کي جوابن جا ڪيڏوٽا گهرجن... من ۽ جسم جي ان اڪ ـ ٻُوٽ دوران هڪ عجيب احساس اُڀري ٿو... مان قلم کي ٽيبل تي پيل ڊائريءَ جي ڪورن صفحن تي ڊوڙائڻ شروع ڪيان ٿي... پنهنجو پاڻ کان ئي سوال ڪيان ٿي... جواب به اندر مان ئي ڦٽن ٿا...

***مان پنهنجو پاڻ کان پڇان ٿي ته خود ڪلامي ڇا آهي...؟***

مان ڳوڙهائيءَ مان جواب ڏيان ٿي ته:

خود ڪلامي اصل ۾ آتما جي سرير سان شڪايت آهي يا جسم جا روح کي ويڻ آهن... انسان جيڪو ڪرڻ چاهي ٿو ۽ نٿو ڪري سگهي... يا جيڪو نٿو ڪرڻ چاهي ۽ ڪري ويهي ٿو... پوءِ اهي پوڳنائون، اهي پيڙائون جيڪي نج پچ پنهنجون هجن ٿيون... اهي سلجن به پنهنجو پاڻ سان ئي ٿيون... جڏهن منُ ڪٽورو پرجي وڃي... ڇلڪڻ لڳي... ته پوءِ اندر جي اور، اندر سان ئي ته ڪبي آهي... ڪڏهن ڪڏهن اها اور ايتري ته شديد هوندي آهي جو چَپ به ڦڙڪڻ لڳندا آهن... روح جو آواز چپن تائين پهچڻ خود ڪلاميءَ جي شدت ضرور آهي... پر انتها ناهي... انتها ته تڏهن ٿئي ٿي جڏهن اندر جي اها اور اهڙڪا

ڏئي ٻاهر نڪرڻ گهرندي آهي... پوءِ تہ سڀ بند پڄي پوندا آهن... پورا پورا ٿي پوندا آهن... تڏهن ماڻهو React ڪندو آهي... مختلف اندازن سان، طريقن سان، روين سان جن جي ڪري اڪثر تلخيون بہ پلئہ پونديون آهن...

***ڇا مان React ڪندي آهيان؟***

ها... مون وٽ اندر جي اور تي React ڪرڻ جو بهترين طريقو آهي لکڻ... مان لکندي آهيان... تڏهن جڏهن اندر جا اڀڙڪا قابوءَ ۾ ناهن رهندا... مان لکي React ڪندي آهيان، تڏهن جڏهن خود ڪلاميءَ جون ڀئي سرحدون اڪري وبندي آهيان... منهنجي شاعري... منهنجون تحريرون... سرير ۽ آتما، جسم ۽ روح جي انهن ويڙهن، شڪايتن، پوڳنائن ۽ پيڙائن جو Reaction ئي تہ آهن... منهنجو شعور ساکي آهي منهنجي انهن سمورين وارتائن جو...

***جڏهن پهريون پيرو شعور منهنجو هٿ جهليو تہ مون شعور کي ڪيئن محسوس ڪيو...؟***

مان پنهنجي شعور جا قصا ڪٿان ڪٿان کان تخليق ڪيان... ڪٿان ڪٿان کان وچايان ۽ ڪٿان ڪٿان کان ويڙهيان... پنهنجي ماضيءَ ۾ ڪيستائين وڃان ۽ ڪٿان کان واپس وران؟؟؟ ڇا اتان کان... جتان صرف ۽ صرف ڌنڌلين يادن ڪانسواءِ ڪجهہ بہ پلئہ نٿو پوي... پنهنجي شعور جو سِرو ڪٿان ڳوليان...؟ منهنجا پهريان ٻاتاوان ٻول ٻُڌندي ٺهڪ ڏيندڙ منهنجي ابي ۽ امڙ جي نوجوان ۽ ڌنڌلن چهرن جي يادن کان شروع ڪيان... ڏڪندڙ وکن سان گهر جي چانئٺ پار ڪري گهٽيءَ جي گوڙ ۾ گُم ٿي وڃڻ جي ڊپ کان محسوس ٿيندڙ گهبراهٽ کان شروع ڪيان، سکين سان گوڏا گوڏن ۾ ملائي گُڏيون سبڻ انهن جا ڏاجا پڙا ناهڻ ۽ پوءِ انهن کي پرڻائڻ لاءِ ٻاتل ڳيچن کان شروع ڪيان يا قلم هٿ ۾ ڪري سليٽ تي پاتل پهرئين ليڪي جي ڌنڌلين يادن کان شروع ڪيان...

***ڇا اهو سڀ شعور هيو؟ يا اها شعور جي اوسر هئي پوءِ شعور ڇا هيو؟***

جڏهن ان ڳالهہ تي سوچيان ٿي تہ شعور ڇا آهي ۽ مون وٽ ڪڏهن آيو تڏهن ڪجهہ احساس من ۾ ضرور واسو ڪن ٿا اندر ئي اندر پڇاڻو ٿئي ٿو... شين کي سمجهڻ جي سگهہ... ان سگهہ جو مضبوط ٿيڻ ۽ پوءِ اها ڳالهہ بہ سمجهہ ۾ اچي وڃي ٿي تہ شعور اصل ۾ هڪ دور کان ٻئي دور ۾ داخل ٿيڻ يا هڪ دور کان ٻئي دور ڏانهن منتقل ٿيڻ جو نالو آهي... منهنجي نظر ۾ انسان جي جمڻ کان مرڻ تائين شعور جا اهڙا ڪيترائي دور گذرن ٿا هر دور نئين سمجهہ جي خوشبوءِ ڏئي ٿو... هر دور نئين چاڻ جا ڏنپ ڏيئي ٿو ۽ پوءِ ايئن دورن پويان دور گذرن ٿا شعور پختو ٿيندو وڃي ٿو پر جي شعور سان ڇهتي پئجي ٿو ۽ ڏاهپ جي چيچ وٺي هلڻ جو گناهہ ڪجي ٿو تہ پوءِ لطيف سائين بہ خبردار ڪندو نظر اچي ٿو ۽ چوي ٿو تہ...

***الا! ڏاهي مَر ٿيان! ڏاهيون ڏک ڏسن. (شاهہ لطيف)***

تڏهن سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ ڏاهپ شعور جو معراج آهي... ڏاهو ٿيڻ تہ آهي ئي ٻاڻ کي آڙاهن ۾ اڇلائڻ... پر شعور جي آوي بہ ڪا برف جي نهيل ناهي هوندي... مسلسل شعور جي آويءَ ۾ پچرڻ کان پوءِ مون ڄاتو تہ علم اها ڏاڪڻ آهي جنهن تي شعور چڙهي ڏاهپ جو معراج ماڻي ٿو. علم جي اهميت

مون کي مولانا روميءَ ٻڌائي جنهن منهنجي ڪن ۾ سرڳوشي ڪندي چيو ته:

علم کز تو ترا نہ بستا اند
جہل زاں علم بہ بود بسیار
(مولانا رومی)

يعني: جيڪو علم توکان توکي ڦري نه سگهي ان علم کان جهالت بهتر آهي.

مون شعور جي دڳ تي هلي علم جو سهارو وٺي ڏاهپ جي کوهه مان ڪجهه ڍُڪ ڇا پريا... مون کي ان جي عيوض پاري پُنگ ۽ ڳرا ڏنڊ پرٽا پيا... يا شايد اهي ڏنڊ اڃان سوڌو پريندي پئي اچان. پر ان ڏاهپ مون کي ڏات ڏني... اها ڏات جنهن مون کي ڪائناتن جا سير ڪرايا... آدم جي پهرين قدم کان عدم تائين جا راز فاش ڪيا... اها ڏات جنهن مون کي ڏيکاريو ۽ سيکاريو ته ڪائنات ڦهلجي رهي آهي وقت پنهنجي آغاز کان انجام طرف وڌي رهيو آهي اهڙي شروعات کان اهڙيءَ پڄاڻيءَ طرف جن جو ڪوبه وجود ناهي... ڇو ته اڳيان به داستان آهن ۽ پٺيان به ته داستان ئي رهجي ويندا. دفن ٿي ويل داستان... روشنيءَ جو هڪ گولو آهي جيڪو اسان جي زمين ويجهو هر روز گذري ٿو وڃي، ٿڌڙيون ٿڌڙيون لهرون هوا ٻڌجي سرسبز کيتن جي سينن تي رقص ڪن ٿيون منهنجي ڌرتيءَ جي رڳن ۾ زندگي ٻڌجي ٻوڙندڙ سنڌو درياءَ ڪاتي ڪاتي وڃي ٿو پڇي ايئن جيئن فضائن ۾ راهون ناهيندڙ ڪويل جو آواز يا وري ڏور تائين ويندڙ اڇن پورن ۽ نيرن ڪڪرن جون اڏارون... اهي سڀ شعور جا اشارا ئي ته آهن. اتان ئي ته ڏات ملي ٿي... اتان ئي ته شاعريءَ جو جنم ٿئي ٿو.

**شاعري ڏانهن منهنجون وکون ڪيئن کڄيون...؟**

شاعري منهنجي روح جو آواز آهي. پنهنجي اندر سان ڪيل اور آهي منهنجي شعور جي اوسر جا داستان منهنجي ننڍپڻ ۾ مليل پتڪڙن تجربن، احساسن ۽ لقائن جا پڙاڏا آهن... منهنجي شاعري منهنجي سانير جي سچيت ساعتن، پنهنجائپ ۽ پيار جو پرتو آهي منهنجي شاعري.. ياد آهي مون کي، منهنجي شعور جي سانير منهنجي ڳيريلي واري گهر جي اڱڻ منهنجي ڳوٺ جي ڳلين، کيتن، واهن ۽ پيچرن جو پاڻ ۾ ڪيترو نه گهرو ڳانڍاپو رهيو آهي... ماڻهن جي بار بار ڪڇندڙ وکن سان ٺهيل پيچرن تي سکين سان ڊوڙندي ڪڏهن ڪنهن واهه جي اوچي ڪڙ تي وسرام ڪندا هئاسين ته مٿان ڇانورو ڪندڙ ٽاليءَ جا وڻ ڪنهن بزرگ وانگر ڪن پل پناهه ڏئي پيار مان هوا جي لهرن سان ڳلن تي ٺڪيون ڏئي ڪجهه سوچڻ جا اشارا ڏيندا هئا... ان اوچي ڪڙ جي لاهي تان لهندا هئاسين ته اها ڇڻ ڪنهن ڏوتيءَ وانگر واپس ڏکيندي هئي ته اسان بيزار ٿي واپس ورندي کيتن ۾ ڊوڙڻ لڳندا هئاسين اها بي ترتيب ڊوڙ به عجيب احساس اڀيندي هئي، وهندڙ واهه ۾ پير پسائي ويهي رهندا هئاسين، آسمان ۾ اڏندڙ پکين کي ڏسي آڪاس ۾ اڏڻ جي آشا من ۾ ڪتڪتايون ڪندي هئي ته چپن تي مسڪراهٽ ڦهلجي ويندي هئي.

گهٽو پوءِ جڏهن گهر کان نڪرڻ تي پابنديون پيون تڏهن اهي سڀ لقاءَ Re_call ڪندا هئاسين ته سمورا منظر اکين آڏو فلم جيان هلڻ لڳندا هئا... اهي سڀ لقاءَ ڊائريءَ تي لکڻ جي عادت پئجي وئي هئي جيڪو ڪجهه ڊائريءَ تي لکندي هئس اها

شاعري تہ نہ هوندي هئي پر ان وقت اهو سڀ ڪجهہ لکڻ کان پوءِ جيڪا راحت ملندي هئي اها اڄ بہ جڏهن ڪو نظم، غزل يا ڪا تحرير لکي پوري ڪندي آهيان تہ ساڳي ئي نموني هڪ خوشنما احساس جيان من ۾ محسوس ٿيندي آهي... ها بنهہ ساڳيو ئي احساس هوندو آهي اهو... اڄ منهنجون پرسنل ڊائريون جن ۾ منهنجا سمورا رومانوي ۽ نفسياتي مامرا ۽ وارتائون لکيل آهن... انهن سمورين لکڻين جون ڪيتريون ئي معنائون آهن يا شايد ڪا بہ معنيٰ ناهي چو تہ اهو سڀ ڪجهہ مون بي معنويت ۽ ويڳاڻپ وارين ڪيفيتن ۾ لکيو آهي... اهي سڀ لکڻيون شايد شاعري ئي آهن... يا نثر آهن... يا شايد ڪجهہ بہ ناهن پوءِ ڇا آهن...؟ ڪجهہ بہ آهن پر اهي سڀ منهنجي اندر جي اور آهن منهنجي روح جون سچائيون آهن ۽ منهنجي ان انتها جو نتيجو آهن جنهن کي مون لفظن جو روپ ڏنو ۽ ڊائريءَ ۾ قيد ڪري ڇڏيو... ڪڏهن ڪڏهن اهي لکڻيون مون کي پوپٽ پاسنديون آهن. اهڙا پوپٽ جيڪي اڃان بہ شايد "ڪُن فَيڪُون" جي انتظار ۾ هوندا آهن... ڪڏهن ڪڏهن ڏات ڪنهن پوپٽ کي حڪم ڏيندي آهي... پوءِ ڪو پوپٽ ڪنهن غزل يا نظم جو ويس پائي ڊائريءَ مان آزاد ٿي ٻاهر نڪري ايندو آهي... ۽ پوءِ ڪنهن رسالي يا اخبار جي رٽ تي چڙهي سرعام اڏام ڪندو آهي تہ ماڻهو ان کي شاعري سڏيندا آهن... مان انهن پوپٽن جا رنگ پنهنجن هٿن تي چهٽيل ڏسندي آهيان ۽ پوپٽن ۽ پنهنجي هٿ تي چهٽيل رنگن ۾ هڪجهڙائي ڏسندي آهيان تہ پوءِ مان بہ سڃاڻي وٺندي آهيان تہ اهو منهنجو غزل... اهو منهنجو نظم... اها منهنجي شاعري آهي...

***مون سان شاعري ڪڏهن هم ڪلام ٿي...؟***

ڏات جو ڏيهہ ۽ شاعريءَ جو شهر مون کي ڪتابن گهمايو ۽ ڏيکاريو هو ڪتابن سان دوستي تہ سانپر ۾ ئي ٿي وئي هئي پر انهن ڏينهن ۾ ريڊيو ٻڌڻ ۽ ان جي پروگرامن ۾ خط لکي شموليت ڪرڻ جو بہ هڪ عجيب جنون هوندو هيو ريڊيو جي شوق تہ ڪهاڻيون بہ لکرايون جيتوڻيڪ لکڻ جي شروعات ڪهاڻين کان ڪئي پر ڪهاڻين سان سنگت تيستائين رهي جيستائين شاعريءَ شعور تي قبضو نہ ڪيو هو. ها تہ مون ڳالهہ پئي ڪئي ڪتابن جي سو ڪتابن سان دوستيءَ مون کي اهي جهان پسايا. اهي دڳ اهي پيچرا پڙهايا جن منهنجي شعور کي همٿايو مضبوط بڻايو ۽ ڏات جو ڏيهہ ڏيکاريو. اڪثر ڪتاب پڙهندي مان ڄڻ تہ ڪنهن نئين جهان ۾ گُم ٿي ويندي هئس. ڪتاب جو بہ عجيب رومانس هوندو آهي... عشق بہ ڪوئي سگهجيس ٿو... ها مون کي ڪتابن سان عشق ئي تہ هيو. اڄ بہ آهي... پر اڄ يا ڪالهہ ۾ فرق بہ تہ ضرور محسوس ٿيندو آهي، ها ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي گهر جي بڪ شيلف ۾ پيل سوين ڪتابن کي جيڪي مون ڏانهن ڏسندا رهندا آهن مونکي کولڻ ۽ پڙهڻ جون نينڊون ڏيندا رهندا آهن انهن ڪتابن کي مان پنهنجي آپ بيتي ٻڌائيندي آهيان ۽ ڪتاب پنهنجا قصا ٻڌائيندا آهن جيڪي ٻئي هميشہ اڌورائي رهجي ويندا آهن... منهنجي آپ بيتي بہ ۽ ڪتابن جا قصا بہ... ائين مان ۽ ڪتاب پنهنجو ماضيءَ جو سمورو بيابان لتاڙي سفر جون سموريون تلخيون هڪ ٻئي جي

جهولي ۾ اڇلي ڇڏيندا آهيون. ڪتاب پوڙهيندا آهن الائي نه پر مان ضرور پوڙهيندي آهيان پر اسان هڪ ٻئي سان حاضر لمحن ۾ ايندڙ ڏينهن جون ڳالهيون ناهيون ڪندا... ڊپ لڳندو آهي...

***مون زندگيءَ کي ڪيئن سمجهيو آهي؟***

زندگي منهنجي نظر ۾ هڪ ڪنڊائون ۾ طويل سفر آهي... جلد پورو ٿي وڃي ٿو ان سفر ۾ ڪٿي ڪٿي سراءِ ضرور آهن اهي سراءِ جتي ماڻهو ڪي گهڙيون يا ڪي ڏينهن وسرام ڪري ٿو ۽ اتي ماڻهي ٿو سُڪون جا ڍُڪ. گلن جون سيجون، پيار جا پاڇاوان ۽ پوءِ وري اتان سانباها ڪري ٿو... وري رڻ جهاڳي ٿو... وري بنواس وڃي ٿو... وري رلي ٿو... سڄي زندگيءَ جو گهڻو حصو انسان رلي ئي ته ٿو... پوڳي ئي ته ٿو... مون به پوڳيو آهي مان به پڪي آهيان... مون به خانه بدوشيون ڪيون آهن ۽ ان سفر ۾ مون به وسرام ڪيا آهن... مون کي به ڪي سراءِ پلئه پيا آهن... پر اهي سڀ هڪ خواب وانگر ڪجهه ڏينهن يادگيرين جو حصو رهجي ڏنڏلائجي وڃن ٿا... ڪجهه عڪس ذهن ۽ من جي ديوارن تي يادگيرين جي فريمن ۾ قيد ٿي چهنڊجي بيهي رهن ٿا ڪجهه عڪس هوائن جي لهرن جيان يادگيرين جي رٿ تي چڙهي ايندا آهن وري هليا ويندا آهن وسرندا ناهن نه ئي هر وقت ياد رهندا آهن... مون زندگيءَ سان آشنائي ڳولي لڌي آهي... مون چاتو آهي ته زندگي جيتري ڀيانڪ آهي اوتري ئي خوبصورت به آهي...

***واقعي زندگي خوبصورت آهي؟***

زندگي جون ڪيتريون ئي باڪون مان زندگيءَ سان گڏ جاڳي آهيان... تڏهن، جڏهن ننڍڙيون جهرڪيون پنهنجي معصوم ننڊ مان بيدار ٿي فطرت جو نئون روپ ڏسڻ جي نيند ڏينديون آهن... انهن جي چون چون ۾ مون کي فلڪياتي امنگن جا خواب پلئه پوندا آهن ۽ زمين جي دکن دردن ۽ مايوسين جو ڪرب ٻوليندي محسوس ٿيندو اٿم. سرنهن جا پيلا کيت جڏهن سج جي ڪرڻن جي آجيان لاءِ ٻانهون ڦهلائيندا آهن ته ائين لڳندو آهي ڄڻ اهي پنهنجو لباس بدلائيندا آهن. ڪڻڪ جا نرم ۽ نازڪ سلا مٽيءَ جو گهنڊ کولي نئين دنيا کي هاٿ ڪندا آهن ۽ فضا سان هَمڪلام ٿيندا آهن. اهي سڀ لقاءَ منهنجي من ۾ شاعريءَ جي نزول جو ڪارڻ ته بڻبا آهن پر ان سان گڏ مون کي زندگيءَ سان پيار ڪرڻ به سيکاريندا آهن... ان ويل اهڙي هر ويل، اهڙي هر لقاءَ ڏسڻ ويل مان لطيف جو ڪو بيت جهونگاريندي آهيان ۽ پنهنجي اندر ٿيندڙ تبديلين کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي آهيان... جي اهي تبديليون سمجهه ۾ اچي وينديون آهن ته شاعري جو نزول ٿيندو آهي... جي سمجهه ۾ نه آيون ته مان فطرت جو هٿ پڪڙي وٺندي آهيان... وري رياض ڪندي آهيان فطرت جي انهن ڪارنامن کي ڳوڙهائيءَ سان سمجهڻ جو زندگي کي سمجهڻ جو زندگي جا سمورا ناڪاري پاسا وساري هاڪاري پاسن جو سچ سڃاڻڻ جو ۽ اهو رياض منهنجي زندگي جو اهم تجربو رهيو آهي. جنهن طفيل مون گهڻو ڪجهه سکيو آهي پرايو آهي ايترو ڪجهه سکڻ، سمجهڻ ۽ پرکڻ پروڙڻ باوجود زندگي پوءِ به اها ڳجهارت پاسندي آهي جنهن کي سلجهائيندي زندگي ئي ختم ٿيو وڃي...

مون هميشه خيال جا نوان جزيرا تلاشڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ انهيءَ ڪوشش ۾ مون

سوچن جا ڪيترائي سمنڊ جهاڳيا آهن ڪيترائي درياءَ همٿن جي ڪچي گهڙي سان اڪريا آهن ڪيترن ئي مڇن سان مقابلو ڪيو آهي ڪڏهن ٻڏي آهيان ۽ ڪڏهن تري آهيان ڪڏهن لڙهي آهيان ته ڪڏهن ڪناري لڳي آهيان...

***مان جوئي آهيان، سوئي آهيان...***

اهو ته نيڪ آهي ته مان جوئي آهيان سوئي آهيان، پر مون پنهنجو پاڻ کي ڪيترو سڃاتو آهي؟

خود ڪلامي اصل ۾ اها تپسيا آهي، اهو ورد آهي، اهو رياض آهي جنهن سان ماڻهو پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي ٿو... مون به پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي ورتو آهي... جڏهن منهنجي بابل منهنجي پيشاني چمي ان ڳالهه جو اظهار ڪيو هو ته مان هن جهڙي آهيان... تڏهن مون پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي ورتو هو ۽ ڄاڻي ورتو هو ته مان بابا جهڙي آهيان... مان هن مان آهيان... ۽ مان هن جو روپ وٺي ٻيهر جنمي آهيان... پر ٻيون جنم ته ٻهرئين جنم جي پڄاڻيءَ کان پوءِ ٿيندو آهي... شايد ان ڪري ئي هو مون کي پنهنجا سمورا بار ڏئي جلد ئي پرلوڪ هليو ويو ۽ ٻيهار ڪڏهن به واپس نه وريو...

جڏهن شاعريءَ جي شرير ڇوڪري منهنجي سکي بڻي... هن مون کي اوچن خيالن جا گلدستا ڏنا. هن مون کي لفظن جو تقدس سمجهايو... هن مون کي جملن جي جلا ۽ جاهه و جلال سمجهايو. تڏهن مون پنهنجو پاڻ کي سڃاتو ته مان شاعره آهيان ۽ هڪ شاعره جي حيثيت ۾ منهنجون ڪهڙيون ذميواريون آهن... مون اهي ذميواريون خوشيءَ سان قبول ڪيون... اهي پوريون ٿيون يا اڻپوريون رهجي ويون... اهو مان ڪيئن چوان...

جڏهن مرداڻي سماج جي بيحسي، نفرتون، ڪروڌ، ڪاوڙ چالبازيون ۽ مڪاريون پلئه پيون تڏهن مون پنهنجو پاڻ کي سڃاتو ۽ ڄاتو ته مان ته حوا جو اهو تسلسل آهيان جيڪا اڄ تائين پنهنجو هئڻ تلاشي رهي آهي... مون ڄاتو ته منهنجو وجود به هوا جيان اثر ۽ اهميت ته رکي ٿو پر نظر نٿو اچي... اتي ئي ڪٿي غائب آهي... وڏي پيٽ ۾... انائن جي بار هيٺان دفن... وفائن جو ڇڇريل... جفائن جو جهريل... نستو ۽ نبل...

منهنجي زندگي، ان سان سلهاڙيل سمورن رشتن... منهنجي دوستين... منهنجي ڪتابن... منهنجي شاعري.. منهنجي سوچ ۽ منهنجي خود ڪلاميءَ مون کي مون سان ملايو آهي... ۽ مون انهن جي مدد سان پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي ورتو آهي... مون ڄاڻي ورتو آهي ته لطيف سرڪار جي هر ڪردار ۾ منهنجو ئي روح ڦاٿل آهي جيڪو ڦٽڪي رهيو آهي... سچل جي سچ جا پڙاڏا مون نه صرف ڪنايا آهن پر ساهه ۾ سانديا به آهن... ميران منهنجي من ۾ موجود آهي ۽ مرڪان منهنجو ئي ٻُڙ آهي... ۽ مان پنهنجي شاعريءَ جا گيڙو لفظ چُني سڄي سنڌ ۾ امن پوکڻ چاهيان ٿي جنهن مان صرف ۽ صرف محبتن جا گل ۽ ميوا ڦٽن... ادب جي هر دڳ ۽ هر دڳ لاءِ منهنجي رهنمائي لطيف ڪئي آهي ۽ اڳواڻي اياز ڪئي آهي... جنهن هميشه مون کي ڏسيو آهي ته:

> مان جو تنهنجي دور جو آئينو آهيان،
> ڪيڏو ٿو چاهيان، مون ۾ ڏسين پاڻ کي.
> (شيخ اياز)

*

ساجده جبين

# يادگيرين جا سيلاب

زندگيءَ جي هن موڙ تي بيهي، آءٌ جڏهن پنهنجي ماضيءَ ڏانهن مڙي نهاريان ٿي تہ اُتي مون کي انيڪ يادگيريون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.
وقت جي واچوڙي ۾ ڪيتريون ئي يادگيريون ڏنڌليون ٿي ويون آهن ۽ ڪيترين يادگيرين کي تہ وقت بہ ڏنڌلو ڪري نہ سگهيو آ.
هن وقت منهنجي سامهون يادگيرين جا ميڙ اچي گڏ ٿيا آهن ۽ هر ڪا ياد هٿ مٿي ڪري مرڪي مرڪي مون کي چوي ٿي "مون کي نہ وسارجانءِ" ۽ مان پڻ کين مرڪي چوان ٿي "وسارڻ جي عادت گهٽ اٿم."
هن پل جڏهن آءٌ پنهنجي حيات جي گذري ويل گهڙين کي ٿي ساريان... تڏهن يادگيريون مينهن جي ڦڙين جيان ذهن تي ٽِمر ٽِمر ڪري برسي پيون آهن.
آهستي آهستي انهيءَ وسڪاري ۾ تيزي ايندي ٿي وڃي ۽ يادگيريون هڪبئي پٺيان ائين ٿيون اينديون وڃن، جيئن سانوڻ ۾ مينهن جا هڪڙا ڪڪر اچا وسندا ئي پيا آهن تہ وري بيا ڪڪر ڪارونيار ڪري ايندا آهن.
ڪهڙي يادگيري لکجي ۽ ڪهڙي رهائجي...
سيئي يادگيريون پنهنجا نماڻا نيڻ کڻي منهنجي آڏو اچي بيٺيون آهن. تڏهن اهو فيصلو ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو آهي تہ پهرين وارو ڪهڙي يادگيري کي ڏيڻ کپي... بهتر ائين ٿيندو تہ پهرين ننڍپڻ جي يادگيرين کي سارجي. ڇو تہ ننڍپڻ پهريون ڏاڪو هوندو آ يادگيرين جو ۽ پهرئين ڏاڪي تي چڙهي ماڻهو پوءِ ٻئي ڏاڪي تي پير رکندو آ.
۽ پوءِ انسان جي عمر ۾ ننڍپڻ ايندو بہ تہ پهرين آ نہ... اُنڪري حق بہ پهريون ٻچپن جو اُن جو ذڪر ڪجي/اُن تي لکجي: ننڍپڻ جي يادگيرين تي لکڻ کان اڳ ۾ پنهنجي ۽ خاندان جي متعلق ضروري ڄاڻ سُڃاڻ.
مان آهيان ساجده شاهہ والد محترم جو نالو سيد غلام سرور شاهہ لڪياري آهي.
مان 1978_3_27 تي ڳوٺ باجارا جي انتهائي شريف غريب، عزتدار ۽ فقير گهراڻي ۾ پيدا ٿيس.
اسين پاڻ ۾ 7 ڀينر ۽ 2 ڀائر آهيون. منهنجي مون کان وڏي ڀيڻ فضہ غزل پرائمري گرلس اسڪول باجارا ۾ هيڊ مسٽريس هجڻ سان گڏ سٺي شاعره ۽ ڪهاڻيڪاره پڻ آهي. منهنجون ٻيون بہ ڀينرون شيرين سيد ۽ پارس صنم بہ سٺي شاعري ڪري ونديون آهن. ۽ منهنجو ڀاءُ سيد نجف علي شاهہ ڏاڍي سٺي ۽ پُختي شاعري ڪندو آهي، پر هو رسالن وغيره ۾ ڇپرائيندو ناهي. "ذات" اسان کي ورثي ۾ مليل آهي اسان جي ڏاڏي جو ڀاءُ سيد نجف علي شاهہ ۽ فيروز شاهہ (ظفر سيوهاڻي) ٻئي سُٺا شاعر هئا سندن ٻول اڄان تائين عام ماڻهن کي برزباني ياد آهن.
شبانہ سنڌي جيڪا هڪ سٺي ڪهاڻيڪاره ۽ شاعره هجڻ سان گڏ سٺي استاد بہ آهي سا منهنجي سڳي سؤٽ آهي ۽ هن جي ننڍي ڀيڻ روز ڪاظمي بہ سٺي شاعره آهي. منهنجو والد محترم سيد غلام

سرور شاھہ لڪياري بہ ھڪ شفيق ۽ پيار ڪندڙ پيءُ ھجڻ سان گڏ ھڪ سٺو سچو ايماندار مخلص ۽ نيڪ انسان آھي.

ماڻھو پنھنجي نظرن ۾ تہ سٺو ھوندو ئي آھي پر ٻين جون نظرون بہ اُن کي سٺو ئي ڏسن تہ پڪ سان اھو سٺو ھوندو.... بابا ائين آھي سڀني جي نظر ۾ سٺو ۽ نيڪ.

شايد ئي ڪو اھڙو ماڻھو ھجي جنھن کي بابا سائينءَ سان ڪا شڪايت ھجي، ھو سڀني سان سٺو ھلندو آھي پوءِ اھو چاھي سندس پنھنجو ھجي يا پرائو.

جيتريقدر والد صاحب نيڪ ۽ بااخلاق آھن. اوتري ئي امڙ سائڻ ٻاجھاري، نرم دلِ ۽ نيڪ آھي. بابا سائين کي بہ ڀائر آھن سيد عطا حسين شاھہ ۽ سيد سومر علي شاھہ ۽ ھڪ ڀيڻ ھئين جا گذريل سال الله کي پياري ٿي وئي.

چاچا عطا حسين شاھہ جي شادي ٿيل آھي ڪيس 9 ڌيئرون ۽ 2 پٽ آھن. پاڻ شبانہ سنڌي جا والد محترم آھن. اسان جي ننڍي چاچي شادي نہ ڪئي پاڻ ھن وقت سيد نجف علي شاھہ جا جانشين آھن. منھنجا ٻئي چاچا بہ منھنجي والد محترم جھڙا نيڪ سلڇڻا پنج وقت نماز پڙھڻ وارا محبتي مٺيادار آھن.

سڄي زندگي ۾ ڪڏھن ڪنھن سان ڪڙو ٻول نہ ٻوليائون. اسين خوشقسمت آھيون جو اسان کي اھڙا محسن عزيز رب پاڪ عطا ڪيا آھن.

اسين ۽ شبانہ جن ٻھرين ھڪ گھر ۾ رھنديون ھيونسين، بعد ۾ ھو اسان کان ڌار ٿي ويا الڳ گھر ٺھرائي پنھنجي منھن سان رھڻ لڳا. ڇو تہ پوءِ ھنن جي فيملي بہ وڌندي پئي وئي ۽ اسان جي بہ جڳھ سوڙھي محسوس ٿي تہ چاچا سائين پنھنجو گھر اسان جي گھر جي پرسان ئي پر ڌار ٺھرايو.

اسان جو پراڻو گھر صفا غريباڻو ۽ ڪچڙو ھوندو ھو. ننڍڙيون بہ ڪوٺيون ۽ انھن جي اڳيان ئي وڏو ھال ھوندو ھو. گھر جي ڇتين تي ڪاٺ جون ڪامون ۽ پٽيون لڳل ھونديون ھيون. ٻن ننڍڙين ڪوٺين مان ھڪ ڪوٺي اسان جي ڏاڏي مرحومہ جنھن کي اسين سڀ پيار ۽ احترام وچان امان جيجي سڏيندا ھئاسون. ان جي ھئي ۽ ٻي وري مريدن خادمن جي ھنڌن ٿپڙن جي ٻلي ھوندي ھئي. اُن ڪوٺيءَ ۾ ھرويرو ڪنھن جي اچ وڃ بہ نہ ھوندي ھئي ڪوٺيءَ جي دروازي کي ھميشہ تالو لڳل ھوندو ھو.

جڏھن اسان جي گھر ۾ ڪو مھمان مڙو يا وري مريد ايندا ھئا تڏھن امان جيجي پاڻ ٻيھي اھي ھنڌ جيڪي ضروري ڪپندا ھئا. مريدياڻين کان ٻاھر ڪيرائيندي ھئي، وري ساڳيو تالو لڳائي ڇڏيندي ھئي. اسان کي ڏاڍو شوق ھو ڪوٺي ۾ وڃڻ جو ۽ اھوسڀ ڏسي اچڻ جو تہ اندر ڇا ڇا رکيل آھي. ڪئين ڀيرا تہ اسان اھا ڪوشش بہ ڪري ڏٺي سين پر ناڪام ٿياسين. اسان جي ڏاڏي اسان کان وڌيڪ ھوشيار ۽ خبردار ھئي.

ڪوٺي ۾ اندر ڏاڍي اونداھي ھئي اُتي وري ڪو بلب وغيره بہ لڳل نہ ھوندو ھو ڪنھن جي استعمال ۾ جو نہ ھئي تہ روشنائي کان بہ محروم رکي وئي ھئي. اونداھيءَ جو فائدو وٺندي اسين ننڍڙيون، مريدياڻين جي پويان لڪنديون ڪوٺيءَ ۾ اندر وڃڻ جا جتن ڪنديون ھيونسين. اوچتو امان جيجيءَ جي ٽارچ جي روشني اسان جي منھن تي پوندي ھئي تہ ڇرڪ نڪري ويندو ھو. ھوءَ ڇڙٻ ڏئي اسان کي پري ڪندي ھئي ۽ چوندي ھئي اوھين ڪاڏي.. اندر

اوهان لاءِ پٽ پيو رجهي ڇا تہ وڃين ڪائيندين. ڏاڏي مرحومه ڏمربي بہ تڪڙي هئي تہ وري رحم بہ سگهوئي اچي ويندو هئس.

---

پئي ڏينهن وري بابا اسان ٻنهي کي اسڪول وٺي آيو. ۽ موڪل تائين اسان سان گڏ (ڪلاس ۾) ويٺو رهيو. بابا جي موجودگيءَ ۾ اسان کي اسڪول بہ وڻندو هو تہ پڙهائي بہ. هو ٿوري دير لاءِ بہ جي ڪنهن ڪم سان اُٿي ٻاهر ويندو هو تہ اسان جو سڄو ڌيان بابا ڏانهن هليو ويندو هو.

---

ڏاڏيءَ جي دڙڪي تي اسين هراسجي وينديون هيونسين تڏهن اسان جا مايوسي وارا منهن هن کان برداشت بہ ڪونہ ٿيندا هئا. جو پياريون بہ ڏاڏيون هونديون هيونسين. پنهنجي پرسان ويهاري پاڃهاري انداز ۾ سمجهائيندي هئي. اها ڪوٺي ڳري آهي، انهيءَ ۾ جِن ويٺا آهن سڄي ڪوٺي پري پئي آهي، او در تائين بہ جن سٽل هوندا آهن. جنن جو ٻڌي اسين سڀ چوڪريون هراسجي ويندون هيونسين. ۽ حيرت مان ڏاڏيءَ ڏي نهاري پڇنديون هيونسين پوءِ امان جيجي! تون جنن واري ڪوٺي ۾ ڇو ويندي آهين... توکي ڪجهہ نہ ڪندا. تون اُنهن کان نہ ٿي ڊڄين.

اسان جي انهن سوالن جي جواب ۾ ڏاڏي رازداريءَ واري انداز ۾ آهستي ٻڌائيندي هئي... مان ڪلمو پڙهندي پڙهندي اندر ويندي آهيان ۽ جيڪو ڪلمو پڙهي صلواة پڙهي اندر ويندو ان کي ڪجهہ نہ چوندا. ڏاڏيءَ جي اها ڳالهہ ٻڌي اسان ۾ ساهہ پئجي ويو هو تڪڙ ۾ خوشي مان چئي ڏنو هيونسين، "اسان کي بہ ڪلمو پڙهڻ ايندو آهي ائين چئي سڀ شروع ٿي ويون هيونسين، ڪلمو پڙهڻ."

جڏهن ڪلمو پڙهي پورو ڪيوسين تہ امان جيجي چيو ڪلمو اچيوَ تہ ٿو پر توهان ننڍڙيون آهيو توهان کان جن نہ ڊڄندا، هو ننڍڙن ٻارن کي ڪائي ويندا آهن. گهٽو تنگ ڪيوسين تہ نيٺ ائين چئي جند ڇڏائي ورتائين. ڏاڏيءَ تہ اها ڳالهہ اسان مان پنهنجي جندڇڏائڻ لاءِ ئي ڪئي هئي... پر اسان کي اچي انهيءَ وهم ورايو تہ اسين بہ ٻار آهيون، اسان کي بہ ڪڏهن نہ ڪڏهن ڪائي ويندا جن... اسڪول وڃون تہ اهو ڊپ... اسان جي پويان ڪوئي اچي ٿو. پڪ ڪرڻ لاءِ هر هر مڙي پوئتي بہ ڏسنديون هيونسين تہ ڪير نظر بہ ڪونہ ايندو هو تہ بہ اسين سڀ وٺي ڊوڙ پائيندا هئاسين. انهيءَ وهم ۾ تہ متان بہ ڪنهن پڳل جاءِ مان يا مسيت مان ڪو جن نڪري اسان جي پويان پوي تہ پوءِ... اسين ڇا ڪنداسين اڪيلا... توڙي اڪيلا هوندا بہ نہ هئاسين پاڻ ۾ ڪوڙ ٻار هئاسين پر بہ ڪنهن وڏي جي گڏ نہ هئڻ سبب پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪندا هئاسين.

اسڪول پهچي بہ اهي ئي ڳالهيون ڪندا هئاسين، جيسين سڀ استاد گڏ ٿين ۽ سائين وڏو (هيڊماستر کي سڀ سائين وڏو سڏيندا هئاسين) اسيمبليءَ لاءِ گهنڊ وڄرائي اوسين اسين سڀ ڪلاس وارا ٻار هڪٻئي کي ڳالهيون ٻڌائيندا هئاسين پوءِ ڪي ٻار سڄيون تہ ڪي سُر ۾ سر ملائڻ لاءِ ڪوڙيون ڳالهيون ڪوڙا قصا بہ ٻڌائيندا هئا.

اسان جڏهن ڏاڏيءَ واري (ڪوٺيءَ ۾ جنن هجڻ واري) ڳالهہ پنهنجن ننڍڙن ساٿين سان ڪندا هئاسين تہ ڊپ وچان هُنن جا دوڏا بہ ڦاٽي ويندا هئا ۽ ڪا مهل تہ انهيءَ هراس ۾ چپ ويٺا هوندا هئا تہ جن ٻارن کي

ڪائيندا بہ آهن. اسان جڏهن اهو ڏسنديون هيونسين تہ ٻار ڪجھ گھٽوئي ٻڃي ويا آهن. تڏهن انهن جي ٻپ کي گھٽائڻ لاءِ چونديون هيونسين. جن انهن ٻارن کي نہ ڪائيندا جن کي ڪلمو ياد هوندو، اهو ٻڌي سيني ٻارن ۾ ساھہ پئجي ويندو هو. ۽ هڙئي ٻار چپن ۾ ڪلمو پڙهي اها تصديق ڪندا هئا تہ ڪين بہ ڪلمو ياد آهي يا نہ...

اسان جو اسڪول گھرن کان گھٽو پري هوندو هو. انڪري ڪوبہ ٻار اڪيلو اسڪول اچي وڃي نہ سگھندو هو. اسڪول جي اُتر ۾ هڪڙو ريسٽ هائوس بہ هوندو هو. جنهن کي سيئي ڊاڪ بنگلو سڏيندا هئا. اُتي اسان جي ڳوٺ جو ٻرڙو چوڪيدار هوندو هو. جنهن کي اسين ٻار ماما صالح ڪري سڏيندا هئاسين. اسڪول کان ٿورو اورتي وري حجمن ۽ ڪنٻرن جا گھر هوندا هئا. ڪنٻرن ۽ ترڪن جي گھرن جي ڀرسان هڪ پراڻي مسجد بہ هئي جيڪا بند هوندي هئي سدائين. اسان اُن مسجد ۾ ڪڏهن ڪنهن کي آذان ڏيندي يا نماز پڙهندي نہ ڏٺو هو. ان مسجد ۾ هڪڙو ڪنٻي جو وڻ بہ هو جنهن مان سگُريون هوا جي زور تي جڏهن هيٺ ڪِرنديون هيون تہ اسين ٻار اُهي، موڪل مهل ميڙي گھر کڻي ويندا هئاسين. انهيءَ مسجد جي ڏکڻ ۾ وري ڳوٺ جي معزز ماڻهو ۽ حڪيم ثناءالله ترڪ جي اسپتال ۽ گڏئي گھر بہ هئس. اُن وقت ۾ توڙي جو سرڪاري اسپتال بہ ڳوٺ ۾ موجود هئي ۽ اتين پندرهين ڏينهن اُتي شهر مان هڪڙو ڊاڪٽر بہ ايندو هو. تڏهن بہ سيئي ڳوٺ وارا انهيءَ حڪيم کان علاج ڪرائيندا هئا چو تہ حڪيم جي دوا، ڊاڪٽر جي دوا کان سستي بہ هوندي هئي تہ سٺي بہ.... ماڻهن جو يقين بہ گھٽو حڪيم تي هوندو هو. چو تہ اهو اسان جي پنهنجي ڳوٺ جو هو سيني جو ڏاڍو خيال رکندو هو. خاص ڪري غريبن جي تہ دل کولي مدد ڪندو هو ڪين نہ صرف دوائون مفت ۾ ڏيندو هو پر مالي مدد بہ ڪري ڇڏيندو هين. ماڻهو سندس انهيءَ جذبي کي نہ فقط ساراهيندا هئا پر ڪيس دعائون بہ ڏيندا هئا.

انهن دعائن جي سبب چاچا ثناء الله (اسين سڀ ڪين چاچا سڏيندا هئاسين جو هو بابا جن جو سنو دوست هو). کي ايتري مشهوري ملي جو الائي ڪٿان ڪٿان کان ماڻهو وٽس علاج لاءِ ايندا هئا ۽ ڪي وري ڪار تي پنهنجي شهر بہ وٺي ويندا هئس. سندس علاج هِڪ ٽِڪ هوندو هو.

اڪثر گھراڻن ۾ ٿيندو ائين آهي تہ پٽن جي پيٽ ۾ نياڻين کي گھٽ پاتئيو ويندو آهي، جيڪو پيار ۽ توجھ پٽن کي ملندو آهي سو نياڻين جي نصيب ۾ گھٽ ايندو آهي.

پر اسان جي خاندان ۾ ائين نہ ٿيو... اسان جي والدين ڪڏهن اِهو فرق نہ رکيو. هنن تہ اسان (ڌيئرن) کي پنهنجن پٽن جي پيٽ ۾ اجان وڌيڪ توجھ، اهميت، حيثيت ۽ محبت ڏني.

اِن ڳالھ جو وڏو ۽ واضح ثبوت اسان جي "تعليم" آهي بابا جن اسان کي اُن وقت پڙهڻ لاءِ اسڪول ڇڏيو جنهن وقت باجارن ۾ نياڻين جي تعليم کي عيب سمجھيو ويندو هو. اتي ۾ لوڻ برابر ماڻهن وٽ نياڻين جي تعليم جو شعور هو.

اهوئي سبب هو جو ڳوٺ ۾ ڇوڪرين لاءِ ڪو ڌار اسڪول بہ نہ نهي سگھيو هو ۽ اسين ڇوڪريون بوائز اسڪول ۾ ڇوڪرن سان گڏ پڙهنديون هيونسين. اسان جو ڇوڪرن سان گڏجي (سندن اسڪول ۾)

پڙهڻ ڳوٺ وارن کي ڏاڍو خراب لڳندو هو. هو طرح طرح جون ڳالهيون ۽ مخالفتون ڪندا هئا. اسان کي اسڪول ويندو ڏسي، اسان ۽ اسان جي پيئرن لاءِ گهٽ وڌ پيا ڳالهائيندا هئا. پر اُنهن جو اثر نه اسان ورتو نه بابا سائينءَ جن. ڪيترن ماڻهن ته گهران سيڙجي هلي اچي بابا جن کي چيو: سائين! خدا کي مڃو پنهنجين ڌيئرن کي اسڪول کان بند ڪيو.

اسين اُمتي هوندي به پنهنجين ڌيئرن کي گهرن مان ٻاهر نٿا ڪڍون، اوهين ته سادات آهيو اُهي به پيرُ گهر.... اسان جي قيام ڪاري نه ڪيو جيجون اسان جي منهن ٿيون پون ته اسان شرم ۾ ٿا ٻڏون... سندن اهڙين ڳالهين جي جواب ۾ بابا کين چوندو هو: "ابا! نياڻيون اسان جون ٿيون پڙهن، شرم ۾ ٻڏو وري اوهين ٿا؟؟ اهڙيون جاهلاڻيون ڳالهيون ڇڏي ڏيو.

پڙهڻ ۾ ڪا خرابي ڪانهي، علم حاصل ڪرڻ نياڻين جو حق آ پنهنجن پٽن توڙي نياڻين کي تعليم ڏيو اُن ۾ ڪو عيب ڪونهي، وڏو عيب جهالت آهي. اسان کي روڪڻ کان چڱو اٿوَ ته پاڻ به وڃي پنهنجون نياڻيون اسڪول ۾ داخل ڪرايو.

ماڻهن جي اجائي ۽ جاهلاڻي مخالفت جو بابا جن تي ڪو اثر نه پوندو هو. هو سڀني نياڻين جي پيئرن کي تاڪيد ڪندو هو ته پنهنجون ڌيئر پڙهايو. هنن کي سندن حق کان محروم نه رکو. علم روشني آهي پنهنجي اولاد کي تعليم ڏيو. اڄان دؤر الاءِ ڪهڙو ايندوَ. بابا نياڻيون پٽيندوَ جي نه پڙهايو ته.

بابا سائينءَ جي اُنهن ڳالهين کي جن جن به هنئين سان هنڊايو تن سوچ ويچار کان پوءِ پنهنجون نياڻيون اسڪول ۾ ويهاريون. باقي ڪُڙِ ذهن ماڻهن تي ڪو اثر نه پيو. ويتر جاهلاڻيون ڳالهيون ڪري هو اسان کي ڏڪوئيندا رهيا. چوندا آهن ته وقت وڏو استاد آهي ماڻهو وقت کان اِهو ڪجهه سکندو آهي. جيڪو پنهنجي استاد کان به ناهي سکي سگهندو. استاد جو ڪم سبق ڏيڻ هوندو آهي. سبق پڪو شاگرد پنهنجي محنت سان ڪندو آهي. پر وقت اهڙو استاد آهي جيڪو سبق ڏئي به پاڻ ئي ته پڪو به پاڻ ئي ٿو ڪرائي. وقت جي ڪلاس مان پاس ٿيل ماڻهو ڪنهن جي سمجهائڻ يا سيکارڻ جا محتاج ناهن رهندا. ۽ وقت اُهي ماڻهو سمجهائي/سُڌاري ڇڏيا جن جي سڌرڻ لاءِ منهنجي ابي وس ڪيا هئا.

علم پنهنجي اهميت پاڻ مڃرائيندو آهي، اِهو اسان تڏهن ئي مڃي ڇڏيو هو. جڏهن انهن ماڻهن جن اسان جي پڙهڻ کي خراب سمجهي، اسان جي مخالفت ڪئي هئي. تن ئي پنهنجن ڌيئرن کي ساڳئي اسڪول ۾ داخل ڪرايو هو. سندن اهڙي عمل (نياڻين کي اسڪول موڪلڻ) تي بابا گهڻو خوش ٿيو هو اها بابا سائينءَ جي وڏي ۾ وڏي خواهش هئي ته ڳوٺ جون نياڻيون پڙهن ۽ پڙهي ڪو مقام حاصل ڪن. پنهنجي اهڙي ڪاميابي ڏسي اسين به ڏاڍيون خوش ٿيون هيونسين.

اسان ۾ علم پرائڻ جو شوق اڄان وڏي ويو. ڏاڍي شوق ۽ دلچسپي سان هرروز اسڪول ويندڀون هيونسين. صبح صبح جو جڏهن اسين اسڪول لاءِ تيار ٿي ڪتاب کڻي وڃڻ لڳنديون هيونسين ته بابا سڏي اسان کي چوندو هو پُٽ! پاڙي اوڙي جي ادڙين کي به ساڻ وٺي وڃجو توهان انهن کان اڳ پڙهيون آهيو اسڪول ۾ به انهن جي مدد ڪجو بابا. توهان جون پينر آهن. بابا جي انهيءَ پارت کي اسين پنهنجو فرض سمجهي پورو ڪنديون هيونسين.

ڳوٺ جي ڇوڪرين (خاص ڪري سيدياڻين کي) سنڌن گهرن مان اسڪول وٺي وڃڻ، پڙهڻ لکڻ ۾ سنڌن مدد ڪرڻ کان ويندي گهر ڇڏي اچڻ جو ذمو اسان پنهنجي سِر تي کڻنو هو. اسان جي ساٿ ۾سهڪار سان ڇوڪرين ۾ پڙهڻ جو جذبو اڀيان وڌيڪ اُجاگر ٿيڻ لڳو.اهي پوري شوق ۽ توجهہ سان پڙهڻ لڳيون.

اسڪول ۾ ٻارن (ڇوڪرين) جي تعداد وڌي وڃڻ جي ڪري رونق ۾ بہ اضافو ٿي ويو هو. پرائمري اسڪول ۽ مڊل اسڪول ٻئي هڪٻئي جي آمهون سامهون ٺهيل هئا. پنج (5) ڪمرا پرائمري جا ۽ پنج (5) ڪمرا مڊل اسڪول جا هئا. ڪمرا ٻنهي اسڪولن جا ڌار ڌار هئا. باقي آڳنڌ هڪ هوندو هو. ڏهن ئي ڪمرن جي اڳيان ورانڊا ٺهيل هوندا هئا. پرائمري اسڪول جي پنجن ڪمرن جي اڳيان هڪ ورانڊو ۽ ورانڊي جي اڳيان سيمينٽ جي هڪ ٿلهي، جنهن تي ڪرسيون رکي استاد سياري جي مُند ۾ اُس جي تڙڪي تي صبح جي پهر ۾ ويهندا هئا.

اسڪول ۾ اُتر پاسي پاڻيءَ جي هڪ سبيل بہ ٺهيل هئي. سبيل جي ڇت قبي وانگر گول ٺهيل هئي جنهن کي اڇو رنگ ڏنل هوندو هو. سبيل جي اندر پيئڻ جو پاڻي نڪر جي نادين ۾ پيل/پريل هوندو هو. آرهڙ جي سخت گرم ڏينهن ۾ نڪر جي نادين ۾ پيل پاڻي ٺري برف جهڙو ٿي پوندو هو رسيس مهل جڏهن اسين اُڃ ۾ اهو پاڻي پيئندا هئاسين تڏهن اسان جا هانوَ ٺري پوندا هئا. هانوَ ٺار پاڻيءَ سان هٿ منهن ڌوئي پوءِ ماني کائڻ گهر ويندا هئاسين.

منهنجي پيڻ فضہ سؤٽ شبانہ ۽ دوست فرزانہ ٽئين ڪلاس ۾ پڙهنديون هيون ۽ مان، منهنجي سؤٽ ثمينہ (شبانہ جي ننڍي ڀيڻ) دوست تهمينہ چنہ ۽ ضمير زادي جنهن کي سڀ "ضمي" سڏيندا هئاسين، گڏ پهرئين ڪلاس ۾ سائين نياز علي اوٺي وٽ پڙهنديون هيونسين.

سائين نياز علي اوٺو تمام شفيق ۽ حليم طبع ماڻهو هو. توڙي جو اُن وقت هيڊ ماستر هو تہ بہ ٻين استادن کان وڌيڪ پاڻيندڙ ۽ پنهنجائپ سان پيش ايندڙ انسان هو. تمام قابل، هوشيار، مٺي زبان سان نهايت ٻاجهاري انداز سان ڳالهائڻ وارو هڪ لائق استاد ۽ بهترين ماڻهو هو. سائين نياز علي ٻارڙن سان اهڙي طريقي سان پيش ايندو هو جو جيڪي ٻارَ استادن کان خوفزده هوندا هئا يا پڙهڻ کان لنوائيندا هئا، سائينءَ جو شفقت ڀريو رويو ڏسي اسڪول ۾ شوق سان پڙهڻ ايندا هئا. سائين نياز علي علم ادب ۽ شعور رکندڙ هڪ سچو استاد هو.

سائينءَ جو موسيقيءَ سان بہ وڏو چاهہ هوندو هو. راڳ ٻڌڻ جو شوقين، ڪڏهن ڪڏهن پاڻ بہ گنگنائيندو هو. اسان جڏهن پڙهائي ڪري ڪري ٿڪجي پوندا هئاسين تہ سائين نياز علي اسان کي سمجهي ويندو هو تہ هاڻ اسان جو موڊ پڙهائي ڪرڻ جهڙو صفا ناهي، تڏهن هو اسان کي وندرائڻ لاءِ اسان (شاگردن) جي وچ ۾ ڳائڻ جو مقابلو ڪرائيندو هو.

اسان مان جن جو آواز سٺو هوندو هو جيڪي جيڪي سريلا (سريليون) هوندا هئا، اُهي راڳ ڳائي ٻڌائيندا هئا ۽ جن جن کي ڳائڻ نہ ايندو هو سي وري لطيفہ ٽوٽڪا ۽ دلچسپ آکاڻيون ٻڌائي داد حاصل ڪندا هئا. ڪي ٿورا ٻار پنهنجي زبان (وات) مان پکين جون مٺڙيون ٻوليون ۽ مختلف جانورن جا آواز ڪڍڻ بہ ڄاڻندا هئا ۽ هو ائين ڪري ٻين ٻارن کي

حيران ڪري ڇڏيندا هئا. ٻئين ۽ ٽئين ڪلاس جا ڪجهه شاگرد اسان جي ڪلاس جي درين ٻاهران بيهي ڏسندا ۽ انجواءِ ڪندا هئا. ڪي ته جانورن جون ٻوليون/آواز ٻڌي کلندا به هئا. اسان وري انهن کي صفا نه سهندا هئاسين. اسان کي اهو ساڙ ٿيندو هو ته اسان جيڪو مزو پنهنجي ڪلاس ۾ پنهنجي محنت سان ٿا ڪيون، اهو هي (ٻئين ٽئين ڪلاس وارا) بنا محنت جي مفت ۾ ٿا ڏسن. اهڙا شوقين آهن ته پاڻ پنهنجي ڪلاس ۾ ويچي اهڙا مقابلا ڪري، دلچسپي پيدا ڪن. اِهو سوچي اسان انهن (پنهنجن رقيبن) تي چُغلي هڻي کين ڀڄائي ڇڏيندا هئاسين ته سائين! هو ڏسو ٻين ڪلاسن جا ٻار به آيا اٿو... دڙڪو ڏيون. سائين اسان کي ڀلائين ٿا، ڪو چوندو سائين هو ڏسو ڇپرا ٿا ڪڍن. هرويرو هُنن کي اِتان ڀڄائڻ/ ٿاڙڻ لاءِ ڪوڙ به هڻي ڪڍندا هئاسين.

سائين نياز عليءَ جو اوڏانهن (درين ڏانهن) ڏسڻ ۽ چوڪرن جو ڀڄڻ...، جڻ گهوڙا ڀڳا... ٽاپ ٽاپ ٽاپ ساهه ويچي پنهنجن ڪلاسن ۾ پٽين. مجال جو وري بيهر اچن. جڻ هئا ئي ڪونه. اسين خاص ڪري ڇوڪريون وري وري درين ۾ نهاريندڙيون هيونسين ڪٿي وري ته نه بيٺا آهن ته سائينءَ کان جُتِ ڪرايون. اسان ڇوڪرين جي اسڪول ۾ هلندي پڄندي ڪجهه گهٽي ئي هئي انڪري لئي به گهٽي ڪنديون هونسين. ڇوڪرن تي رعب به هو ته ڪڙي نظر به. سائينءَ وارن جي سپورٽ هئڻ ڪري اسان جي ڇوڪرن تي حڪمراني هوندي هئي. ڳالهه پئي ڪيم راڳ ۾ مقابلي ڪرڻ جي ته سائين نياز علي ڪرائيندو هو مقابلو راڳ جو... اسان ڇوڪريون سدائين سهرا ڳائينديون هيونسين "لونگ ڦوٽا ٿالهيءَ ۾ آءُ ڪنيون پئي اچان. ادل منهنجي اڱ ۾ آءُ نچندي اچان" ٻيو وري هو. "پيرڻ منهنجو ڇلڙو پاٽيءَ ۾ ڙي ادي منهنجو ڇلڙو..." ڏاڍي شوق مان خوش ٿي ڳائينديون هيونسين ۽ سائين نياز علي به پنهنجو ڪنڌُ لوڏيندو ۽ تاڙيون وڄائيندو اسان کي داد ڏيندو ۽ اسان جا حوصلا وڌائيندو ويندو هو. اسين به تيئن مست ٿي ڳائينديون هونسين ته اسان جو آواز سائينءَ کي وڻي ٿو.

وڻندو ته سائينءَ کي حبيب الله ٻگهيو جو آواز به ڏاڍو هو جيڪو اسان سان گڏ پڙهندو هو ڀلارين راتين تي مسجد ۾ لائوڊ تي مولود چوندو هو ته سڀ ماڻهو (ڳوٺ وارا) گهرن ۾ عورتون ۽ ٻاهر وري مرد ڪَنُ لائي سندس آواز ٻڌندا ۽ ڪِنِ ڪِنِ مولودن تي جذبات تي قابو نه پائيندي مِٺي مرسل صلي الله عليه وآله وسلم کي ياد ڪري روئي پوندا هئا. سائين نياز علي ڪانئس مولود نه ٻڌندو هو. هو سدائين فرمائش هڪ ڪلام جي ڪندو هئس. حبيب الله هو ڪلام ٻڌاءِ. ڇلڙا وو ڇلڙا... ۽ حبيب الله شروع ٿي ويندو هو:

ڇلڙا وو ڇلڙا منهنجا يار سنهڙا،

ڇلو ڏي نشاني تنهنجي مهرباني،

وو ڇلڙا... منهنجا يار سنهڙا.

هن وقت هي سٽون لکندي آءُ پاڻ کي ڀهرئين ڪلاس جي بلڪل ننڍڙي شاگردياڻي محسوس ڪري رهي آهيان. جيڪا حبيب الله کي ڳائيندي ڏسي ۽ ٻڌي رهي آهي.

ننڍڙي ساجده، جيڪا ڪڏهن حبيب الله جي ڇهري کي تڪي ٿي ته ڪڏهن ڪرسيءَ تي ويٺل پنهنجي استاد جي بند اکين مان ڪِرندڙ ڳوڙهن ڏانهن ڏسي، سوچي ٿي سائين روئي ڇو پيو... ڇا هي گانو ڏک جو

آهي...؟؟ جي ها تہ پوءِ اسان کي روئڻ ڇو ڪونہ ٿو اچي. رڳو ٿو سائين اڪيلو روئي...
سائين خبر ناهي ڇو روئيندو هو... خبر ناهي ڇو سائينءَ کي اهو ئي ڪلام گهڻو وڻندو هو هو الاءِ ڇو حبيب کان رڳو انهيءَ ڪلام جي باري ۾ پڇندو هو. حبيب الله اِهو ڪلام ڪٿان ٻڌو هيئہ... سائين! ڪيسٽ مان ٻڌي. ياد ڪري ڇڏيو اٿم. توهان ٻڌو تہ آٿي ڏيانوَ اُها ڪيسٽ... سائينءَ انڪار ڪيو هو اهو بہ الاءِ ڇو؟؟ ۽ چيو هئائين مون کي بس تون ئي روز ٻڌائيندو ڪجانءِ. تنهنجو آواز سٺو آ حبيب الله.
۽ پوءِ روز سائين اهو ساڳيو ئي ڪلام حبيب الله کان ٻڌندو رهيو. روز روز اهو ڪلام ٻڌي ٻڌي اسان ننڍڙن ٻارن بہ ياد ڪري ڇڏيو هو. گهر ۾ بہ ڪلام جهونگاريندا وتندا هئاسين ڇلڙا وو ڇلڙا. منهنجا يار سنهڙا. هڪ دفعي جيئڻ اهو ڪلام چيوسين اسان جي ڏاڏي مجرجي وئي. چيائين اوهين نياٽيون آهيو!؟ اهڙا يارن جا ڪلام نياٽيون چونديون آهن. جو توهين ٿيون چئو اڳتي چيوَ اهڙا ڪلام تہ اسڪول بہ نہ موڪليندا سونوَ. پڙهو ٿيون يا ڪلام ٿيون سکو... امان جيجيءَ جي دڙڪي تي اسان سڀ اهڙيون چپ ٿيونسين ڄڻ گونگيون آهيون. ڄڻ اهي راڳ اسان ڳايا ئي نہ پئي. ڪن ٻين پئي چيا. اهڙيون نماٽيون ٿي ويهي رهيونسين ڄڻ ڪنهن شيءِ جي اسان کي خبر ئي نہ هجي ۽ واقعي هئي بہ ڪونہ. تہ اِهو ڪلام ڳائڻ اسان لاءِ صحيح آهي يا نہ...؟ اسان کي تہ اِها بہ ڄاڻ نہ هئي تہ يارُ ڇاهي ۽ اهو لفظ نياٽيون ڇو نہ وٺن. ڇو امان جيجي ٿي جهلي تہ اوهين اهو ڪلام نہ ڳائينديون ڪيو... اسان کي تہ بس ايتري خبر هئي تہ اهو ڪلام حبيب الله ڳائيندو آهي ۽ سائين نياز عليءَ کي وڻندو آهي... ڇو وڻندو آهي. ڇا لاءِ سائين اهو ڪلام ٻڌي اکيون بند ڪري ڳوڙها ڳاڙيندو آهي... اسان ڪڏهن ڄاڻڻ جي ڪوشش بہ نہ ڪئي هئي. تنهن مهل ايڏي سمجهہ بہ نہ هئي اسان کي. ننڍڙا ٻار هئاسين ۽ ٻارن کي ڪير ويهي اهڙيون ڳالهيون سمجهائيندو بہ ناهي.
وڏڙا نفعي نقصان جي تفصيل ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ جي گهل کان. بس رڳو ايترو چئي ڇڏيندا آهن تہ هي ڪم صحيح آهي ڪيو ۽ هن ڪم ۾ اوهان لاءِ ڀلائي ناهي. اهو نہ ڪيو. مثال جيئڻ ننڍي ٻار کي هٿ ۾ ڇري ڏسي. وڏو چئي ڇڏيندو آ بابا. اِن کي هٿ نہ لاءِ اها توکي وڍي ڇڏيندي. رت ڪڍي ڇڏيندي ائين نہ چوندو آهي تہ هن طريقي سان هٿ ۾ جهليندين يا استعمال ڪندين تہ توکي نقصان نہ ڏيندي. بس چوندو تہ اِها شيءِ ٻار هٿ ۾ ڪٽي ئي نہ.... ائين ئي اسان جا وڏڙا خاص طور امان جيجي اسان کي ٻُرين ڳالهين کان روڪ ڪندي رهندي هئي بنا سبب ٻڌائڻ جي بس حڪم ڏيندي هئي تہ اسان کي ائين ناهي ڪرڻو. جنهن شيءِ کي هوءَ برو سمجهندي هئي تنهن کي اسان کي بہ بروئي سمجهڻو آهي... سبب ٻڌائڻ جي ضرورت نہ امان جيجيءَ محسوس ڪئي هئي ۽ نہ ئي وري پڇڻ جي همت اسان ۾ هئي.
البتہ پاڻ ۾ ويهي هڪٻئي کي ضرور اهو چونديون هيونسين ائي ڏس! اسان کي امان جيجي جهلي ٿي تہ يارَ جو اکر نياٽيون نہ وٺنديون آهن. اهو لفظ خراب آهي تہ پوءِ مايون ڇو سهرن ۾ چونديون آهن. هڪڙيءَ اسان مان پنهنجي حافظي کي عين ٽائيم تي صحيح استعمال ڪيو.... ڇو ائي ياد ڪيو چاچا علي حسن جي شاديءَ تي ماسي ڪذوءَ ڪونہ سهرن ۾ اهو اکر

حڪم ڏيندي هئي تہ سوير ڪم لاهي ڇڏينديون ڪيو پوءِ ڪير اچي وڃي. تہ اوهين پنهنجي ڪمن ۾ هجو رُڌل. اهو صحيح ناهي. امان! مهمان بہ عزت لاءِ ئي ايندو آهي ڪا گهڙي اُن ڪي بہ ڏجي. امان جيجيءَ ڪي مهمانن جو گهڻو خيال هوندو هو. امان جن بہ سندس ها ۾ ها ملائي ننڍ مان سوير اٿي ڪم ڪي لڳي ويندي يون هيون. پوءِ چاهي اهو سياري جو سخت ٿڌو صبح هجي يا اونهاري جي ننڍڙي ۾ اڪ چنبي ۾ گذري ويندڙ رات جو جلدي اچي ويندڙ مِنو صبح. جنهن ۾ سجاڳي ٿي بہ وڃي تہ اٿڻ واڪ نہ ٿيندو آهي. ويچاريون اٿنديون هيون. بسم الله ڪري وڃي باهہ ٻاري چانهہ چاڙهينديون هيون. هڪ ڄڻي چانهہ ڪندي هئي تہ ٻي وري اسان ٻارن کي ننڍ مان اُٿاري هٿ منهن ڌوئاري ٻاپا هٿن ۾ ڏئي، بورچيخاني مان پنهنجا چانهہ جا پيالا ڪڻي اچڻ ۾ چانهہ پيئڻ لاءِ چوندي هئي.

امان جن ويچاريون رات جو اسان ٻارن تي اوجاڳا بہ ڪنديون هيون. تڏهن بہ سوير اُٿي ڪم لاهي وري مهمان مڙي يا مريدن خادمن سان منهن بہ ڏينديون هيون. هو امان جيجيءَ جي چئي تي هلنديءَ ڪيس خوش رکڻ جي ڪوشش ڪنديون هيون. امان جن، نيڪ صالح نهرون. سنيون زالون ۽ اسان ٻچڙن تي پنهنجو ساهہ ڇڏيندڙ پيار ڪندڙ مائرون ۽ سک توڙي ڏک ۾ خدا جو شڪر ادا ڪرڻ واريون عظيم عورتون آهن. الله تعاليٰ کين وڏي حياتي ۽ تندرستي عطا ڪري شال سندن ٻاجهہ ڀريو هٿ اسان جي سرن مٿان هميشہ هجي.

ڀهرين ڀهرين جڏهن بابا مون کي ۽ ثمينہ کي اسڪول داخل ڪرايو هو ۽ اسان کي ڪلاس ۾ استاد وٽ ڇڏي بابا گهر هليو ويو هو تڏهن اسان ٻنهي روئي ڏنو هو. سائين نياز عليءَ اسان کي ڏاڍو سمجهايو ۽ پرچايو. نارنگيءَ جي ذائقي وارا ڪٽمٺڙا بہ اسان کي ڏنا هئائين. پر تڏهن بہ اسان روئڻ کان بس نہ ڪئي هئي. سائينءَ، ٽئين ڪلاس مان اسان جي ڀينرن فضہ ۽ شبانہ کي گهرائي چيو هو تہ بابا! هي روئن ٿيون. چون ٿيون گهر وڃون. ڪٽمٺڙا بہ ڏنا اٿمانِ تہ بہ نٿيون ويهن. اسان پنهنجين وڏين ڀينرن کي ڏسي، تيئن وڌيڪ روئڻ لڳيون هيونسين.

اسان جون ڀينرون اسان کي سمجهائڻ ۽ ايلاز ڪرڻ لڳيون، اسان بہ پڙهون ٿيون نہ... اوهان بہ پڙهو... ڀلا اسان جي ڪلاس ۾ هلي ويهو. ائين چئي شبانہ ۽ فضہ سائينءَ ڏانهن سندس رضا پڇڻ لاءِ نهاريو تڏهن سائينءَ تڪڙ ۾ چيو هو ها ها ڀلي. پوءِ اُتي ئي وڃن ويهو پر، پُٺ گهر نہ وڃو سائين سرور شاهہ ڪاوڙ ڪندو. سائينءَ اسان کي بابا جو ڊپ ڏنو پر اسان تي ڪو اثر نہ پيو. اُٻي پيپر بيٺيون هيونسين، اکين مان ڳوڙها ٽِم ٽِم وسي رهيا هئا. ضد ڪيو هيوسين نہ ابا، اسان کي گهر ڇڏي اچو... اسين اسڪول ۾ نہ ويهنداسين، اسان کي "پيٽ" ۾ سور آ.... بهانو ڪيو هوسين.

اسان جو استاد اسان کي سمجهي ويو تہ اِهي اڄ صفا نہ مڙنديون گهر وينديون. تنهن لاءِ هُن ويچاري اسان کي گهر وڃڻ لاءِ موڪل ڏئي ڇڏي.

فضہ ۽ شبانہ اسان ٻنهي کي گهر وٺي آيون اسان سمجهيو هو تہ اسان جي اِنهيءَ عمل ڪري عمر لاءِ اسڪول مان جند ڇٽي پوندي پر... ائين نہ ٿيو هو.

ٻئي ڏينهن وري بابا اسان ٻنهي کي اسڪول وٺي آيو. ۽ موڪل تائين اسان سان گڏ (ڪلاس ۾) ويٺو رهيو.

بابا جي موجودگيءَ ۾ اسان کي اسڪول بہ وڻندو هو تہ پڙهائي بہ. هو ٿوري دير لاءِ بہ جي ڪنهن ڪم سان اُٿي ٻاهر ويندو هو تہ اسان جو سڄو ڌيان بابا ڏانهن هليو ويندو هو. ڪٿي بابا هليو تہ نہ ويو گهر... اسان کي هِت ڇڏي. سوچيندي ساهہ نڪري ويندو هو. اسان جا ٻُتَ ٻئنچن تي ساهہ بابا ۾ هوندو هو. بورڊ تي لکيل "الف" اک ۽ "ب" بدڪ ڏانهن ڏسڻ بدران اسان جون اکيون بابا لاءِ واجهائيندي در ۾ کُتل هونديون هيون. ۽ پوءِ جڏهن بابا ڪلاس ۾ موٽي ايندو هو تہ اسان ۾ بہ ساهہ موٽي ايندو هو. بورڊ تي لکيل اکرن تي اسان جي نظر بہ پوءِ ئي پوندي هئي تڏهن خوش ٿي پڙهڻ لڳنديون هيونسين. الف اک. ب بدڪ. ب ٻڪ بابا هڪ هفتي تائين اسان سان گڏ اسڪول آيو هو ۽ اسان هڪ هفتي ۾ "الف" کان"ي" تائين 52 اکر استاد کان پٽيءَ تي لکرائي پڪا ڪري ويون هيونسين.

بابا سائين ۽ استاد محترم جي ڪوشش سان اسان جي پڙهائيءَ سان دل لڳي ۽ اسين شوق سان پڙهڻ لڳيونسين. "الف" انب "ب" بدڪ "ب" بدڪ يا "ب" بلا... ها جائي ب "بلا" (تڏهن ائين پڙهايو ۽ پڙهيو ويندو هو). "ي" يڪي تائين پڙهي ڇڏيونسين تہ بابا ٿميڻ کي ۽ مون کي پٽيون ميٽ سان ميساري ڏنيون هيون ۽ چيو هو تہ اڄ استاد کان زبرون لکرائجو يعني الف انبُ الف زبر اَ... اسان ٻئي خوشيءَ خوشيءَ مان پنهنجون پٽيون کڻي اسڪول ڏانهن هليونسين. واٽ تي هڪٻئي کي چونديون بہ آيونسين اڄ سائينءَ کان زبرون لکرائيندياسين پوءِ هفتي ۾اِهي پڙهي وري پوءِ زيرون. اُن کان پوءِ پيش وري مَدَ پوءِ وري ڪتابُ... سوچيندي ڏاڍيون خوش ٿيون هيونسين وري اسان جي ننڍڙن ذهنن ۾ پٽين لاءِ ڳُٽتي اُڀري هئي سڄي پٽي پڙهي ڪتاب تي پهچنداسين تہ پوءِ هي پٽيون ڪنهن کي ڏينداسين. اهي تہ پوءِ وانديون ٿينديون ڪيڏانهن ڪنداسين. پوءِ اهي پٽيون؟؟ هڪ نظر پنهنجي ميساريل صاف سٿري پٽيءَ تي وجهي پٽيءَ کان وڇڙڻ جو ڏک ڪيو هوسين.

۽ پوءِ اسان مان هڪ جٽيءَ اهو چئي ڏک کي گهٽائي ڇڏيو هو تہ اسان کي ننڍڙا ڀيڻ ڀائر جو آهن. اُنهن لاءِ رکي ڇڏينداسين. وري اُنهن پٽين تي اُهي پڙهندا. ميساريل پٽيون کڻي اسڪول پهتاسين. ڪلاس ۾ شاگرد تہ سڀ موجود ه هئا پر استاد اجان نہ پهتو هو. اسان چپ چاپ وڃي پنهنجن ٻئنچن تي ويٺاسين. ڪجهہ وقت کان پوءِ اسيمبليءَ لاءِ گهنڊ وڳو تہ سڀ ٻار ڪلاس مان ٻاهر نڪري آيا. سيئي استاد سيمينٽ جي ٿلهيءَ تي بيٺا ۽ اسان سڀ شاگرد وري قطارون ٺاهي هيٺ بيٺاسين. اسيمبلي ٿي وئي گهنڊ وڳو هرڪو پنهنجي پنهنجي ڪلاس ڏانهن ڀڳو. هر ٻار کيِاها تڪڙ تہ هوئي اڳ ۾ پنهنجي سيٽ (جڳهہ) تي وڃي ويهي. استادن جي رڙ تي قدم ڍرا ٿي ويندا هئا. آهستي چورا... ڪِرو نہ. تڪڙ ڇاجي اٿوَ آهستي آهستي وڃو ڪلاس ۾. سائينءَ جن ڪڏهن بہ اسان ڇوڪرين کي مخاطب ٿي ڪا رهڙ نہ ڏني سدائين ڇوڪرن کي ڳالهائيندا هئا. پلي پوءِ اسان جي ئي ڪا غلطي هجي پر دڙڪا ڇوڪرن کي ئي ملندا هئا. اسڪول بہ ڇوڪرن جو هو پر راڄ اسان ڇوڪريون ڪنديون هيونسين. استاد اسان کي نياڻيون سمجهي گهڻو ڀانئيندا بہ هئا تہ اهلبيتياڻيون سمجهي عزت ۽ احترام بہ ڪندا هئا.

✻

زاهده تاج ابڙو



# کي يادون قيد ۾ سونهن ٿيون..

**انٽر جو امتحان ڏيڻ بعد مان فارغ وقت ۾ پينٽنگ ڪندي هئس. ڪيترين ئي مڪمل ۽ نامڪمل تصويرون ٺاهڻ تصوير ٺاهڻ ۾ منهنجو پسنديده موضوع هميشہ عورت ئي رهي. ذهن ۾ هميشہ عورت يا ڪنهن خوبصورت دوشيزه جامختلف تصور رکندي هيس جن کي بعد ۾ پني تي اُتاريندي هئس.**

"بابا مون اوهان جي تصوير ٺاهي آهي."
بابا جن جيئن ئي گهر ۾ داخل ٿيا تہ مون کين تصوير ڏيکاريندي چيو.

"اڇا! منهنجي تصوير؟ ڏيکار ڀلا!"

بابا مون کان تصوير وٺي غور سان ڏسندي چيو.

"واهہ بابا واهہ تصوير تہ ڏاڍي زبردست ٺاهي اٿئي."

بابا خوشيءَ مان مسڪرائيندي چيو.

"معنيٰ تہ تون هاڻ آرٽسٽ ٿي وئي آهين. هي وٺ تنهنجو انعام."

بابا پرس مان سؤ رپين وارو نوٽ ڪڍي مون ڏانهن وڌائيندي چيو.

بابا هميشہ منهنجي پينٽنگ ڪرڻ تي مون کي همٿائيندا هئا. جيتوڻيڪ ان ڏينهن بہ بابا ڪورٽ مان آيا هئا ٿڪل هئا پاڻ نوابشاهہ ۾ سيشن جج هئا. پر تصوير ڏسي سندن مک تي مرڪ ائين ڊوڙي آئي جڻ کين ڪا ٿڪاوٽ ڪونہ هئي. بابا جن جو مسڪرائي منهنجي تخليق جي تعريف ڪرڻ مون کي هميشہ سٺو لڳندو هو. مون کي ائين محسوس ٿيندو هو جڻ منهنجي دماغ جون صلاحيتون سؤ سيڪڙو وڌيڪ بيدار ٿي ويون هجن ۽ سندن اهڙين ڳالهين مان وڌيڪ فائدو وٺندي مان ڪيترين ئي تصويرون ٺاهي وٺندي هئس.

مون چوٿين درجي ۾ پهرين تصوير ٺاهي هئي اُها هڪڙي ڇوڪريءَ جي تصوير هئي. ڪم ڪرڻ ۾ دلچسپي، لگن ۽ پسند جو ڪم ڪرڻ سان مون کي ڪڏهن بہ ٿڪاوٽ نہ ٿيندي آهي. اسان کي ذهني ۽ جسماني ٿڪاوٽ تڏهن محسوس ٿيندي آهي جڏهن ڪم يا سرگرمي اسان جي پسند جي نہ هجي تڏهن اُهو ڪم ٿڪاوٽ سان گڏوگڏ اسان کي بوريت بہ ڏيندو.

مون هميشہ پنهنجي هر ڪم کي راند سمجهي ڪيو آهي جنهن ۾ ڪا بوريت ۽ ٿڪاوٽ ٿئي ئي نہ ٿي ۽ مقصد بہ پورو ٿئي ٿو. اهو قدرتي عمل بہ ٿي سگهي ٿو جيڪو بعد ۾ شخصيت جو حصو بڻجي وڃي ٿو.

مون کي فارغ رهڻ ڪڏهن بہ پسند نہ رهيو آهي هميشہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ جي جذبي سان پنهنجو وقت گذاريندي رهي آهيان.

انٽر جو امتحان ڏيڻ بعد مان فارغ وقت ۾ پينٽنگ ڪندي هئس. ڪيترين ئي مڪمل ۽ نامڪمل تصويرون ٺاهڻ تصوير ٺاهڻ ۾ منهنجو پسنديده موضوع هميشہ عورت ئي رهي. ذهن ۾ هميشہ عورت يا ڪنهن خوبصورت دوشيزه جامختلف تصور

رکندي هيس جن کي بعد ۾ پني تي اُتاريندي هئس.
عورت جا مختلف خدوخال منهنجي نظرن ۾ ڦرندا رهندا هئا. ڪڏهن اکيون، چپ، هٿ، پير تہ ڪڏهن وري عورت جا مختلف رويہ ۽ احساس جيئن تہ کلڻ، هلڻ، ڳالهائڻ، سوچڻ لاشعوري يا شعوري طور تي دماغ ۾ ذخيرو ٿي ويندا هئا.
انساني دماغ کي قيد ڪرڻ محال آهي. لامحدود زاويہ دماغ جا حصيدار ٿين ٿا.
اڄ ڪلهہ منهنجي ذهن ۾ نوڪري ڪرڻ جو خيال اچي رهيو هو.
"مان في الحال انٽر پاس آهيان ڀلا مون کي ڪهڙي نوڪري ملي سگهي ٿي."
اِهو جملو سوچي مان خاموش ٿي ويندي هئس تہ انٽر پاس لاءِ ڪا بہ نوڪري ڪانہ ٿي سگهي ٿي.
هِي اُهي ڏينهن هئا جڏهن اسين لاڙڪاڻي شفٽ ٿيا هئاسين. بابا جي نوڪري اهڙي هئي جو ڪنهن بہ شهر ۾ ٻن سالن کان وڌيڪ رهي نہ سگهياسين. پر جلدي جلدي ٽرانسفرز جو هڪڙو فائدو اِهو بہ ٿيو جو اسان سڄي سنڌ گهمياسين.
مون سان هميشہ ائين ٿيندو آهي تہ مان جڏهن بہ ڪنهن سوچ يا غور فڪر کي پاڻ تي حاوي ڪيو آهي تہ آهستہ آهستہ اُها سوچ هڪ ٺوس بنجي منهنجي دل ۽ دماغ جو حصو بنجي ويندي آهي ۽

**انهن ڏينهن ۾ لاڙڪاڻي ۾ هڪ مشهور بهترين پرائيوٽ اسڪول هلي رهيو هو. "بقا گرامر انگلش ميڊيم اسڪول" ان جو نالو هو. مون کي ان اسڪول ۾ ئي نوڪري ملي هئي. پگهار صرف 600 روپيہ هو.**

آخرڪار دير سوير اُهو ڪم ٿي پوندو آهي جنهن لاءِ سوچيو هيم.
نوڪريءَ ۾ بہ اِهو ئي ٿيو. آخرڪار هڪ پرائيوٽ اسڪول ۾ مون کي نوڪري ملي وئي. مان ڏاڍي خوش ٿيس.
انهن ڏينهن ۾ لاڙڪاڻي ۾ هڪ مشهور بهترين پرائيوٽ اسڪول هلي رهيو هو. "بقا گرامر انگلش ميڊيم اسڪول" ان جو نالو هو. مون کي ان اسڪول ۾ ئي نوڪري ملي هئي. پگهار صرف 600 روپيہ هو.
"ڪا ضرورت ناهي نوڪري ڪرڻ جي ايتري پگهار ۾. ڪهڙي ضرورت آهي پورو مهينو محنت ڪرڻ جي. 600 تہ توکان ئي خرچ ٿي ويندا خبر ئي ڪونہ پوندئي پر مهينو سڄو ڪيئن رهندينءَ ۽ ڪيتري محنت ڪرڻي پوندئي پرائيوٽ اسڪول ۾ اهو تون چاهين ئي نہ ٿي."
امان اعتراض ڪندي چيو.
"مان محنت ڪنديس، مون کي ڏاڍو شوق آ نوڪريءَ جو بہ ۽ پڙهائڻ جو بہ."
"امان وڃان نہ؟!!"
"تنهنجي مرضي پاڻ ڄاڻ پوءِ مون کي نہ چئجانءِ تہ ٿڪجي ٿي پوان."
بهرحال نوڪريءَ جي اجازت ملي وئي. مان هميشہ هر ڳالهہ جو روشن پاسو ڏسندي آهيان، مثبت سوچ رکندي آهيان. منفي سوچ ڏانهن ڪڏهن بہ ڌيان نہ ڏيندي آهيان.
اِهو ئي سوچي اسڪول جوائن ڪيم تہ اُتي هر ڳالهہ هر ماڻهو سٺو ملندو.
ٿيو بہ ائين ئي جيئن مون سوچيو هو. اسڪول جو ماحول تمام گهڻو سٺو هو. اسڪول جا مالڪ هڪڙو

جوڙو هو. ٻئي گهر وارو ۽ گهرواري اسڪول جو انتظام بهترين نموني هلائي رهيا هئا.
جيئن ته مون کي ڪوبه تجربو ڪونه هو پڙهائڻ جو ان ڪري مون کي نرسري ڪلاس جي ٽيچر ڪيو ويو. ميڊم مون کي هڪڙي ڳالهه ٻي به چئي ته "زاهده توهان ڏاڍا ڪلٽا ۽ سٺي طبعيت جا آهيو. ڪلنڊڙ ٽيچر نرسري جي ٻارن ۾ وڏيڪ مقبول ۽ ڪامياب رهندي آهي. مون کي يقين آ توهان به ڪامياب رهندؤ."
نرسري ڪلاس ۾ منهنجو پهريون ڏينهن سٺو ايڊونچر طور گذريو. منهنجي چوڌاري ٽپڪڙا ٽپڪڙا ٻار جمع ٿي ويا. هُو سڀ تمام جلدي منهنجي ويجهو ٿي ويا. مون کي به هِنن ننڍڙن معصر سان مزو اچي رهيو هو. سڄو ڏينهن ٻارن سان ائين گذري ويو جو ڪا خبر ئي نه پئي.
ٻئي ڏينهن مان صبح جو ائين وڳي اسڪول لاءِ تيار ٿي ويس. اسان جي ڪم واري ماسي روز مون کي اسڪول ڇڏڻ هلندي هئي. واپسيءَ ۾ هڪڙي ٽيچر سان گڏجي مان گهر واپس ايندي هئس.
روز اسڪول وڃي نرسري جي ٻارن سان وقت گذارڻ مون کي سٺو لڳندو هو. سيئي ٻار به مون سان گهڻا هري مري ويا. پهرين مهيني جو پگهار 600 روپيه مون کي مليو ته مون شيخ چليءَ وانگي حساب ڪتاب شروع ڪيو ته 600 مون کي ڪٿي ڪٿي خرچ ڪرڻا آهن. سامان جي هڪ وڏي لسٽ مون ٺاهي هئي.
پرس وٺڻو آ
سنيڊل وٺڻو آ
سوٽ وٺڻو آ وغيره وغيره

**نرسري ڪلاس ۾ ڪجهه ٻار اهڙا به هئا جيڪي مون سان تمام گهڻا مانوس ٿي ويا هئا ان جو سبب شايد اهو به آهي ته مان شاگردن کي اِهو احساس ڏياريندي هئس ته مان سندن دوست آهيان.**

آخر ۾ اِهي 600 منهنجي محنت جي پهرين ڪمائي هئي. وري سوچيم ته جيڪڏهن اهي سڀ سامان وٺندس ته پوءِ امان لاءِ ته ڪجهه نه بچندو ان کي ڏيڻ به ته ضروري آ نه. امان کي خوشي ٿيندي جيڪڏهن مان هن کي پنهنجي پگهار ڏينديس. اِهو سوچي مون پنهنجي لاءِ ڪجهه نه رکيو پورا 600 ئي امان کي ڏئي ڇڏيم.
"تون انهن پيسن مان پنهنجي لاءِ ڪجهه وٺي ڇڏ. بس مون کي اِهو ئي ڏاڍو سٺو لڳو ته تو پنهنجي پهرين پگهار مون کي ڏني آهي."
امان پئسا نه ڏيندي چيو.
"نه امان پئسا توهان کڻو بس منهنجي دل چوي ٿي ته مان پهرين پگهار توهان کي ڏيان."
مون بيحد اصرار ڪري پئسا امان کي ڏئي ڇڏيا.
اِها ٻي ڳالهه آ ته مون امان کان پورو مهينو خرچيءَ لاءِ پئسا گهري گهري 600 کان وڏيڪ خرچ ڪري ڇڏيا. پر نالي ۾ اِهو ئي رهيو ته مون ته سڄو پگهار امان کي ئي ڏنو آهي.
نرسري ڪلاس ۾ ڪجهه ٻار اهڙا به هئا جيڪي مون سان تمام گهڻا مانوس ٿي ويا هئا ان جو سبب شايد اهو به آهي ته مان شاگردن کي اِهو احساس ڏياريندي هئس ته مان سندن دوست آهيان.
منهنجي ڪلاس ۾ منهنجو هڪڙو اسٽوڊنٽ

جهانزيب بہ هو. ڏاڍو پيارو خوبصورت ۽ ذهين ٻار هو
اِهو الڳ داستان آهي تہ هُو ڪتابن کان وڌيڪ
پنهنجو پورو وقت ڪلاس ۾ شرارتون ڪرڻ ۽
ڳالهائڻ ۾ گذاريندو هو.
جهانزيب ڪڏهن بہ پنهنجي سيٽ تي نہ ويهندو هو.
هميشہ منهنجي ڪرسي پرسان منهنجي پوتي جو

**مان اڄ بہ نرسري جي انهن ننڍڙن ٻارن جي محبت وساري نہ سگهي آهيان. هينئر مان 17 گريڊ جي آفيسر آهيان پر مون کان پنهنجي پهرين پگهار ۽ ننڍڙا شاگرد وسري نہ سگهيا آهن. ڪي يادون اسان جي يادداشت ۾ پٿرن وانگي مضبوط ٿي ويندين آهن.**

پلو پڪڙي بيهي مون سان ڳالهيون ڪندو رهندو
هو. سندس عمر 3 سال هئي.
هڪڙي ڏينهن جيئن ئي ڪلاس ۾ داخل ٿيس تہ
جهانزيب منهنجي ڪرسي وٽ بيٺل هو. منهنجي
ڪرسي تي ويهڻ شرط مون کي چيائين.
”مس مان ڪالهہ شادي ۾ ويو هوس. اتي ڪنوار بہ
هئي مون کي وڻي پئي.“
پوءِ تہ جهانزيب سڄو ڏينهن مون کي ڪنوار ۽ شادي
بابت احوال ڏيندو رهيو.
”مس مان بہ سياڻي شادي ڪندس.“
اوچتو جهانزيب مون کي چيو.
مون کي کل اچي وئي ۽ مشڪريءَ ۾ چيومانس!
”اڇا! ڀلا ڪنهن سان شادي ڪندين؟“
”مس توهان سان شادي ڪندس“ ”توهان سٺا آهيو.“
سندس جواب ٻڌي مون کي کل اچي وئي. کل
روڪيندي کيس چيم.

”جهانزيب مس کي ايئن نہ چئبو آهي. هلو پنهنجي
سيٽ تي تہ Lesson ته پڙهون.“
”نہ مان نہ پڙهندس.“
جهانزيب ضد ڪندي چيو.
”واقعي ائين ئي ٿيو سڄو ڏينهن جهانزيب شادي
جون ڳالهيون ڪندو رهيو ۽ پڙهڻ کان مسلسل
انڪار ڪندو رهيو.
جڏهن سڄو ڏينهن گذري ويو ۽ موڪل ٿيڻ مهل مان
بہ ڪلاس مان ٻاهر نڪتس تہ جهانزيب منهنجي
پرس کان مون کي ڇڪيندي چيو!
”مس توهان منهنجي گهر هلو اسين شام جو شادي
ڪنداسين.“
”نہ بابا هاڻ توهان گهر وڃو پوءِ سياڻي وري اسڪول
اچجو مان بہ هاڻ گهر ٿي وڃان.“
جهانزيب جو ضد وڌندو ويو.
گيٽ تي جهانزيب جو والد کيس وٺڻ آيو هو پر
جهانزيب پيءُ سان گڏ وڃڻ کان انڪار ڪري
ڇڏيو.
مان مجبور ٿي جهانزيب کي وٺي آفيس ويس. ميڊم
کي سڄي ماجرا ٻڌايم پهرين تہ ميڊم ۽ ٻين ٽيچرز
کي بہ ڏاڍي کل آئي. پر پوءِ جڏهن ڏٺائون تہ جهانزيب
پڪو ضد ڪري وينو آهي تہ مان گهر ڪونہ ويندس
تڏهن کين معاملي جي سنگين هجڻ جو احساس
ٿيو.
پوءِ تقريباً اڌ ڪلاڪ تائين مان، ميڊم ۽ جهانزيب
جو والد کيس گهر وڃڻ لاءِ سمجهائيندا رهياسين ۽
ڪيتري مشڪل سان اسين کيس سنڀالي رهيا
هئاسين اِها اسان کي ئي خبر آهي. جهانزيب نہ وڃڻ
لاءِ رڙيون ڪري روئڻ لڳو ۽ مون کي تقريباً چنبڙي

# ”ڪنهن ڏاهي جو قول آهي ته هن ڪائنات جي هر شي هر بنياد مِٺائي سگهجي ٿو پر محبت جو نه بنياد مِٺائي سگهجي ٿو نه ان ڪي موت اچي سگهي ٿو.“

پيو آخر سخت محنت سان سندس والد ڪيس گهر وٺي ويو.

ٻئي ڏينهن جڏهن مان اسڪول پهتس ته جهانزيب منهنجي ڪرسي پرسان بيٺو هو. مون کي ڏپ هو ته وري نه ضد ڪري پر شڪر آهي الله جو ته ڪيس ڪالهه واري ڳالهه ياد ئي ڪونه هئي. مان مطمئن ٿي ويس.

اهڙا ڪيترائي واقعا هئا جيڪي نرسري ڪلاس ۾ پيش ايندا هئا.

مان اڄ به نرسري جي انهن ٻتڪڙن ٻارن جي محبت وساري نه سگهي آهيان. هينئر مان 17 گريڊ جي آفيسر آهيان پر مون کان پنهنجي پهرين پگهار ۾ ٻتڪڙا شاگرد وسري نه سگهيا آهن. ڪي يادون اسان جي يادداشت ۾ پٿرن وانگي مضبوط ٿي وينديون آهن.

مون کي محسوس ٿيندو آهي ته هڪ ٻار ۽ هڪ بالغ انسان جي سوچ ۾ تمام ٿورڙو فرق ٿيندو آهي. جڏهن مان ٻارن جي ضد جي باري ۾ سوچيندي آهيان ته ان وقت اِهو ذهن ۾ ايندو آهي ته ٻار بنان ڪنهن مفاد جي By Hooks and by crook جي پاليسي تحت پنهنجا ضد مڃرائي ٿو ۽ وري ٻار جڏهن وڏو ٿئي ٿو ۽ ساڳي ئي پاليسي تحت پنهنجا مطلب پورا ڪرڻ چاهي ٿو ته اسين انسان کي مفاد پرست جو نالو ڏيون ٿا فرق صرف ايترو آهي ته ٻار سمجهائڻ تي مُڙي وڃي ٿو يا ان ڪم ڪرڻ کان رُڪجي وڃي ٿو ۽ هڪ وڏو بالغ انسان هر حالت پنهنجو جائز يا ناجائز مطلب مڃرائڻ چاهي ٿو. فرق اِهو به آهي ته هر ٻار، وڏو ٿيڻ تي، ضدي، بي اصول، ظالم، غير منصف ٿيو پوي.

اِهو ئي سبب آهي جو اسين ننڍپڻ کي پسند ڪندا آهيون جنهن ۾ معصوميت ۽ بي غرض ۽ بي لوث هجڻ جا رويه وڏيڪ ملن ٿا.

اسان سيني جي ننڍپڻ جو دور اسان جي والدين/ وڏن ۽ خود اسان کي به ان ڪري ئي پسند ايندو آهي جو ان ۾ ٿيل نادانيون يا غلطيون ٻين لاءِ نقصان جو باعث نه ٿينديون آهن.

”ڪنهن ڏاهي جو قول آهي ته هن ڪائنات جي هر شي هر بنياد مِٺائي سگهجي ٿو پر محبت جو نه بنياد مِٺائي سگهجي ٿو نه ان ڪي موت اچي سگهي ٿو.“

۽ اِها بي لوث محبت ٻارن ۾ ننڍپڻ ۾ عيان آهي. اهو ئي سبب آ جو اسان جي يادگيرين جو هڪڙو وڏو ڀاڱو اسان جي ننڍپڻ تي ٻڌل هوندو. اسان جون نادانيون ۽ بيوقوفيون اسان کي يادگيرين جا ڪيترائي اڻ وسرندڙ پل ڏينديون آهن ۽ دل وندرائينديون آهن.

※

نسرين وفائي



# منهنجي جيون ڪٿا

سڀ کان پهرين ياد جيڪا ذهن تي تري آئي آهي، سا، اسان جي ڳوٺ واري گهر ۾ مينهن جي واڙي ۾ بيٺي آهيان. جتي 10_15 ڪونر قطار ۾ لڳل آهن. جن مان مينهون گاهه کائي رهيون آهن. منهنجي شانائتي ۽ رعبدار ڏاڏي، ٻئي هٿ چيلهه تي رکي، اتي بيٺي آهي، ۽ خاص طور تي مينهن ڏهڻ لاءِ مقرر ڪيل نوڪر "ٻچو" مينهون ڏهي رهيو آهي.

منهنجي ڏاڏي پنهنجي نظرداريءَ ۾ اهو ڪم ڪرائيندي هئي. اهو ئي ٻچو اڪثر اسان جي گهرجي لسي به ولوڙيندو هو. هونئن ته گهڻو ڪري منهنجي ڏاڏي پاڻ ڏڌ ولوڙيندي هئي، پر ڏڌ واري چاڏي تمام وڏي هوندي هئي، ان ڪري ڏاڏي اڪثر ٻچي کان به ڏڌ ولوڙائيندي هئي. سڄي ڳوٺ مان اڪثر ماڻهو ننڍا ننڍا لوٽا ۽ چؤنريون کڻي اسان کان لسي وٺي ويندا هئا. هينئر ته لسيءَ جو هڪڙو گلاس پيئڻ لاءِ به ڏهي پئسن سان وٺڻي ٿي پئي.

ڪيئي يادون ويرن وانگر ورنديون ٿيون اچن. منهنجي ڳوٺ جندي ديري ۾ اسان جي گهر سان لڳ ئي اسان جو اٽي پيهڻ ۽ سارين ڇڙڻ جو ڪارخانو هوندو هو. اوسي پاسي جي سڀني ڳوٺن مان ان ماڻهو ڏاند گاڏين تي ان کڻي ايندا هئا ۽ اسان وٽان ڇڙائي ۽ پيهائي ويندا هئا. مون کي ياد آهي ته انهن ڏاند گاڏين جي قطار اسان جي ڳوٺ وٽان وهندڙ واهه "وارهه" تائين وڃي پهچندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهن کي سڄو ڏينهن به لڳي ويندو هو ڇو جو پاسي وارن ڪيترن ئي ڳوٺن جا ماڻهو ايندا هئا. انهن سڀني ماڻهن کي ماني به اسان وٽان ئي ملندي هئي. لسي ۽ چانورن جي ماني، هرڪو کائي پيٽ ڀريندو هو. ڪيڏو نه سٺو وقت هو جڏهن مسافر کي ماني کارائڻ فخر ۽ خوشيءَ جو سبب هوندو هو.

انهن ڪارخانن جي ڪري اسان جي گهر ۾ بجلي به هوندي هئي. جڏهن سڄي ٿَرَ ۾ بجليءَ جو نالو نشان نه هو تڏهن اسان جي گهر ۾ بجلي هوندي هئي. جنهن تي رات جي وقت ٻتيون به ٻرنديون هيون ۽ هڪ ٻه پکا به هلندا هئا. سياري ۾ گرم پاڻي به گهر ۾ ايندو هو. پر پوءِ انهن ڪارخانن ختم ٿيڻ جي ڪري بجلي به ختم ٿي وئي. پوءِ وري جڏهن سڄي علائقي ۾ سرڪاري طرح بجلي آئي ته اسان به پراڻي فٽنگ پٽرائي نئين فٽنگ ڪرائي سين. اها نئين فٽنگ بابا پاڻ ڪئي هئي. ڪارخانن جي سنڀال به بابا پاڻ ڪندو هو. هو بنا ڊگريءَ جي انجنيئر هو.

مون کي ياد آهي ته انهن ڪارخانن جو حساب ڪتاب ڪجهه عرصي لاءِ منهنجي پڦڙ حاجي اميربخش سنڀاليو هو. جنهن کي اسان ادا حاجي چوندا آهيون. جڏهن شام ٿيندي هئي ته حساب ڪتاب ڪرڻ کان پوءِ اسان سڀني ٻارن کي ادا حاجي پنج پنج پئسي خرچي ڏيندو هو. اسان سڀ ٻار (جن ۾ منهنجي چاچن، پڦين جا ٻار به شامل هئا) ان هڪڙي پنج پئسيءَ ۾ جهول ڀري دڪان تان شيءِ

وٽي ايندا هئاسين ۽ اها ڪا هڪڙي شيءِ نہ هوندي هئي، انهن ۾ پڳڙا، ربوڙيون، نقل ۽ سائي رنگ جون ننڍيون ننڍيون گول ليمي واريون ٽڪيون بہ شامل هونديون هيون. هڪ تہ تمام گهڻي سستائپ هئي پيو تہ ان زماني ۾ ٻار بہ ڏاڍا صبر ۽ شڪر ڪرڻ وارا هوندا هئا.

اسان جي گهر جي ٻاهران، اسان جو تمام وڏو ميدان هو. اتي بہ جڻ هڪڙي طرح جو ڪارخانو ئي هو. جتي سيلا چانور تيار ٿيندا هئا ۽ ڦُلا بہ تيار ٿيندا هئا. اهو ڪم هڪڙو ڪاٺياواڙي سنڀاليندو هو. ان جو نالو اسماعيل هوندو هو. هو پٽاپٽي ڍلو پاجامو ۽ قميض پائيندو هو. ان جي پير جو هڪڙو آڱوٺو ڪنهن بيماريءَ سبب ڪٽيو ويو هو. اسان ميدان جي ان حصي کي جوش سڏيندا هئاسين. شايد ان ڪري جو اتي چانورن کي جوش ڏنو ويندو هو. لوهہ جي وڏن وڏن ڊرمن ۾ چانورن کي جوش ڏنو ويندو هو ۽ ان حساب سان سرن جا وڏا وڏا چُلها ٺهيل هوندا هئا. جن ۾ ٻي حساب ڪانيون ٻاريون وينديون هيون.

اتي ئي هڪ طرف پلال جون تمام گهڻيون ڀنڀون پيون هونديون هيون. جن ۾ اسان سڀ ٻار کيڏندا هئاسين ۽ انهن تي چڙهي ٽپا بہ ڏيندا هئاسين. اڪثر ٻار انهن ڀنڀن جي وچ ۾ گهڙي ويندا هئا ۽ اندران ئي اندران ٻئي پاسي کان نڪري ايندا هئا. پلال ۾ کيڏڻ جو بہ هڪ الڳ ئي مزو هوندو هو. ان مان نڪرڻ تي دل ئي نہ چوندي هئي. اڄ ڪلهہ تہ شهري ٻارن کي اها خبر بہ ڪونهي تہ پلال آهي ڪهڙي بلا جو نالو؟ هاڻي تہ شهري ۽ ڳوٺاڻي سنڌي ٻولي بہ جڻ تہ ٻہ الڳ الڳ ٻوليون ٿي پيون آهن.

اسان جي گهر ۾ ٻہ ورانڊا هوندا هئا. هڪ اڳيان ۽ پيو پوياں، وچ ۾ ڪمرن جي قطار هوندي هئي. اڳئين ورانڊي کي اسان اوريون ورانڊو ۽ پٺئين کي پريون ورانڊو چوندا هئاسين. اورئين ورانڊي جو فرش ڇهن پاسن وارين سِرُن سان ٺهيل هوندو هو ۽ پرئين ورانڊي جو فرش وڏين وڏين چورس سرن سان ٺهيل هوندو هو. جيئن اڄ ڪلهہ وڏيون وڏيون چورس ٽائليون ٿيون ملن. انهن ٻنهي ورانڊن جي سرن ۾ اسان سڀ ٻار رانديون کيڏندا هئاسين. هڪڙي راند هوندي هئي ڪوڪڙين راند. جنهن ۾ اسان ڪارڪن ۽ ڏوڪن جون ڪوڪڙيون استعمال ڪندا هئاسين. جيئن تہ اسان جي گهر ۾ ڪجين جا وڻ هوندا هئا، ان ڪري ڪوڪڙيون گڏ ڪرڻ ڪو مسئلو نہ هوندو هو. ان راند ۾ ٿيندو ائين هو تہ ٻہ ٽي ٻار شامل ٿي سگهندا هئا، پوءِ هر ڪو ٻار پنج يا ڏهہ ڪوڪڙيون ڪڍندو هو جنهن جو وارو هوندو هو اهو سڀ ڪوڪڙيون ملائي ڪنهن بہ هڪ سر جي وچ ۾ اڇلائيندو هو پوءِ جيڪڏهن ڪا ڪوڪڙي ٻاهر نڪري وئي تہ اهو آئوٽ ٿي ويندو هو. پر جيڪڏهن اهو آئوٽ نہ ٿيو يعني ڪا بہ ڪوڪڙي سر کان ٻاهر نہ وئي تہ هو انهن اڇلايل ڪوڪڙين کي هڪ هڪ ڪري ڪٽڻندو هو. شرط اهو هوندو هو تہ ڪا بہ ڪوڪڙي ڇري پُري نہ سواءِ ان جي جنهن کي هو ڪٽڻندو هجي. جي ڪوڪڙيون ڪٽڻ وقت ڪا ٻي ڪوڪڙي ڇُري پئي تہ هو آئوٽ ٿي ويندو هو ۽ پوءِ ٻئي جو وارو ايندو هو. اهڙيءَ طرح جيستائين اهي ڪوڪڙيون ختم نہ ٿينديون هيون، اهو سلسلو هلندو رهندو هو. جڏهن سڀ ڪوڪڙيون ختم ٿي وينديون هيون تہ وري ٻيون ڪوڪڙيون ملائي راند شروع ڪندا هئاسين.

هي راند جيڪا اسان انهن ورانڊن جي سرن تي

کيڏندا هئاسين. اها هئي پڳل چوڙين جي ٽڪرن جي راند. ان ۾ بہ سڀ ٻار هڪ جيترا چوڙين جا ٽڪرا ملائيندا هئا. جنهن جو وارو هوندو هو اهو اهي ٽڪرا هڪڙي سر جي وچ تي اڇلائيندو هو. پوءِ چوڙيءَ جي هڪڙي وڏي ٽڪري سان هر هڪ ننڍي ٽڪري کي اهڙي طرح زور ڏبو هو جو اهو سر کان ٻاهر نڪري وڃي. جيڪڏهن سِر جي ليڪي تي پيو تہ اهو ٻار آئوٽ ٿي ويندو هو ۽ ٻئي جو وارو شروع ٿي ويندو هو. جڏهن سڀ ٽڪرا ختم ٿي ويندا هئا تہ وري نئين سِر هڪ جيترا ٽڪرا ملائي راند شروع ڪندا هئاسين.

منهنجي امان جيئن تہ سکر شهر جي آهي، ان ڪري جڏهن بہ اسان ننڍي هوندي ناناڻي ويندا هياسين تہ بازار مان چوڙين جي دڪان تان مان ڪوڙ پڳل چوڙيون وٺي ايندي هئس. ان ڪري مون وٽ گهڻيون چوڙيون هونديون هيون ۽ سڀ ٻار رشڪ ڪندا هئا. مون وٽ گِهہ جا اڍائي اڍائي ڪلو وارا ڏٻا چوڙين جي ٽڪرن ۽ ڪوڪڙين جا ڀريل هوندا هئا.

ان ڪانسواءِ اسان انهن وراندن ۾ نپي راند ۽ گڏين راند بہ کيڏي. نپي راند اها جنهن ۾ فرش تي وڏا وڏا خانا ليڪن ذريعي ناهي نڪريءَ سان کيڏبو آهي. اهي ليڪا اسان ڪوئلن سان ڪڍندا هئاسين. نڪريءَ جي ان ٽڪر کي اسان "نپو" چوندا هئاسين. مان ڏاڍا سهڻا ۽ گول نپا ناهيندي هئس. ان لاءِ نڪر جا ٽڪر اسان ڪنير وٽان ڪٽي ايندا هئاسين. پوءِ انهن ٽڪرن کي گهڙي ناهي گول ڪندا هئاسين.

انهن سيني راندين ۾ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏجي کيڏندا هئاسين. گڏين راند صرف اسان ڇوڪريون ئي کيڏنديون هيونسين. گڏين راند مون کي هر راند کان وڌيڪ پسند هئي. منهنجي گڏين جو گهر سيني کان سهڻو هوندو هو. مان اهي گهر ناهڻ لاءِ ڪاٺ جا ننڍا ٽڪرا، سگريٽن ۽ ماچيسن جون خالي دٻيون، ڪانا، تيليون، پانا ۽ ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ استعمال ڪندي هئس. اهي گهر مستقل نهيل ڪونہ هوندا هئا پر جڏهن بہ کيڏندا هئاسين، تڏهن پرئين وراندي ۾ گهر ناهيندا هئاسين. ان ڪري مون وٽ سيني کان گهڻو ڪاٻاڙو هوندو هو جنهن کي مان ڏاڍو سنڀالي رکندي هئس. مون کي گڏين جا اهي گهر ناهڻ ۾ ڏاڍو وقت لڳندو هو. ڇو تہ منهنجي گڏين کي الڳ الڳ ڪمرا، ڇت ۽ اڱڻ ۽ بورچيخانا بہ هوندا هئا. اهي گڏيون ڪپڙي جون معمولي ٽڪرن مان نهيل پوپٽيون گڏيون هونديون هيون. جن کي هٿ پير يا نڪ نقشو ڪجهہ بہ نہ هوندو هو. صرف هڪڙو ڪپڙي جي ڳوڙهيءَ جو ننڍو منهن هوندو هو ۽ ڪپڙا پاتل هوندا هئا. اهي اسان پاڻ ئي ناهينديون هيونسين. انهن ۾ مرد ۽ عورتن جو فرق ڪپڙن سان ڪنديون هيونسين. منهنجي گڏين جا ڪپڙا بہ بهترين هوندا هئا. جيئن تہ منهنجي امان ڪپڙا پاڻ سبندي هئي ۽ ڀرت بہ ڀريندي هئي، ان ڪري ان وٽ موتي، ستارا، شيشا ۽ ڪپڙن جا ٽڪرا ڪافي هوندا هئا. اهي شيون ڪٽي مان پنهنجي گڏين جا ڪپڙا ناهيندي هئس. پنهنجي گڏين جا هنڌ بسترا بہ مان ڏاڍا سهڻا ناهيندي هئس. ماچيس جي خالي دٻين مان فرنيچر بہ ناهيندي هئس.

ڪجهہ ڏينهن اڳ منهنجي ڀڻي ۽ ان جون ڌيئرون مون وٽ آيون هيون. منهنجون ڀڻاٽيون ننڍپڻ کي

ياد ڪري چوڻ لڳيون ته ننڍي هوندي نسرين جي گڏين جو گهر ڏاڍو سهڻو هوندو هو ۽ سيني کان سهڻو هوندو هو. ان تي منهنجي پڦيءَ چيو ته "هاڻي به ته ائين ئي آهي، نسرين جو گهر سيني کان سهڻو آهي."

اسان جي ڳوٺ واري گهر ۾ واڍو، ڪنبر ۽ حجم وغيره سڄو سال ڪم ڪندا هئا. ڪا به شيءِ پڳي نٿي ته واڍو گهر اچي ناهي ويندو هو. گهرجي اندر حجمن جي هڪ مائي جنهن جو نالو "شهربانو" هوندو هو سا اچي ٻارن جا متا ڪوڙي ويندي هئي ۽ ٻارن جي جهنڊ به لاهي ويندي هئي. ان زماني ۾ اهو رواج عام هوندو هو ته گرمين جي مند شروع ٿيندي ئي،سيني ننڍن وڏن ٻارن جا متا ڪوڙائي ڇڏيندا هئا. پوءِ اهو ڇوڪرو هجي يا ڇوڪري ٻار جڏهن سمجهه پريا ٿيندا هئا ته پوءِ اهي متو نه ڪوڙائيندا هئا. ماسيءَ شهربانو جو "باغ" نالي پٽ ٻاهر اوطاق ۾ مردن جا وار ناهي ويندو هو ۽ ننهن به ڪٽيندو هو. سڄو سال ڪنبر وٽان مٽ، دلا، ڪونر، چاڏيون، اڪريون، پاٽڙا ۽ پاٽيون ۽ ڪنيون وغيره اسان جي گهر اينديون هيون. جڏهن فصل لهندو هو ته مونکي چڱي طرح ياد آهي ته انهن سيني جي لاءِ به ان جون ڳوٽيون ڏار ڪيون وينديون هيون ۽ هر ڪو اچي پنهنجي حصي جو ان کڻي ويندو هو. اهو سلسلو سالن کان هلندڙ هو. هاڻي ته جڻ هڪڙو خواب ٿو لڳي.

ننڍي هوندي مون کي ڳوهيل مٽيءَ سان کيڏڻ ۽ ان مان ٿانوَ ناهڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. ان لاءِ مان ڪنبر کان مٽي وٺي ايندي هئس ۽ اورٽين ورانڊي ۾ ويهي ننڍا ٿانوَ چلها ۽ ڏاند گاڏيون وغيره ناهيندي هئس. منهنجي راند سان ورانڊو ڏاڍو خراب ٿي ويندو هو. منهنجي ڏاڏي تمام صفائي پسند هوندي هئي. ان ڪي منهنجي اها راند نه وڻندي هئي. اها اڪثر چوندي هئي ته هن ۾ (مون ۾) ڪنهن ڪنياريءَ جو روح پيل آهي. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ مون کي دڙڪا به ڏيندي هئي. مان ننڍي هوندي هوائي جهاز کان ڏاڍو ڊڄندي هئس. ڪو هوائي جهاز گذرندو هو ته مان کٽ هيٺان لڪي ويندي هئس. سو منهنجي ڏاڏيءَ هڪ دفعي مون کي دڙڪا ڏنا ته مان زور زور سان اها دعا پڙهي گهري ته الله ڪري هوائي جهاز اچي ته "امان لالي" ڊڄي. مان پنهنجي ڏاڏيءَ کي "امان لالي" چوندي هئس. شايد جڏهن مون ڳالهائڻ سکيو پئي تڏهن امان ڏاڏي چوڻ جي بجاءِ امان لالي چوندي هئس، ۽ اڄ تائين اهو ئي چوندي آهيان. توڙي هينئر هوءَ حيات ناهي، پر تڏهن به مان ان جو ذڪر ان ئي نالي سان ڪندي آهيان. منهنجي ڏاڏيءَ کي منهنجو امان لالي چوڻ ڪجهه خاص پسند نه هو. ڇو ته اسان جي ڳوٺ ۾ غريب شيخن جي گهر ۾ "لاليءَ" نالي هڪڙي مائي هوندي هئي، جيڪا منهنجي ڏاڏيءَ کي نه وڻندي هئي. اها شيخن واري لالي مون کي ياد ڪونهي.

ٿانوَ ناهڻ لاءِ مان جنهن ڪنبر کان مٽي وٺي ايندي هئس، ان جو نالو "حڪيم" هوندو هو پر مان الائي ڇو ان کي "نيلو" سڏيندي هئس. اهو ڪنبر منهنجي پيءُ جو دوست به هوندو هو. اڪثر اسان جي اوطاق ۾ بابا سان ڪچهري ڪندو هو. جڏهن مان ڪجهه وڏي ٿيس ته بابا مون کي ٻڌايو ته ڏيڍ ٻن سالن جي عمر ۾ مان هڪ دفعو اوطاق ۾ ويس ته بابا ۽ حڪيم ڪنبر اداڪارا نيلو جي ڪنهن فلم جو

ذڪر پيا ڪن. سو حڪيم جي واتان مون نيلو جو ذڪر بار بار ٻڌو. ان وقت کان حڪيم کي نيلو چوندي هئس. پوءِ جڏهن خبر پئي ته هن جو نالو نيلو نه پر حڪيم آهي، تڏهن مون هن کي چاچا چوڻ شروع ڪيو.

جڏهن مان ڪجهه وڏي ٿيس ۽ ٻاهر وڃڻ تي پابندي لڳي، تڏهن به مان ڪو نه ڪو ٻار موڪلي ڪنير کان مٽي گهرائي پنهنجي پسند جا ٿانوَ ٺاهيندي هئس. مٽيءَ جي خوشبو مون کي ڏاڍي پسند آهي. اڄ به جڏهن مينهن وسي يا گهر جو فرش ڌوبي ته مون کي اها خوشبو ڏاڍو سڪون ڏيندي آهي.

اسان جي گهر ۾ سالن کان اهو دستور هو ته سال ۾ ٻنهي وڏين عيدن تي سڄي ڳوٺ جي غريب غربي کي منجهند جي ماني اسان کارائيندا هياسين. اها ماني گهرن ۾ نه موڪلبي هئي پر ٻاهر اوطاق ۾ ديڳ چڙهندي هئي، تڏا وڇايا ويندا هئا ۽ هرڪو مرد ۽ ٻار اتي اچي ماني کائيندو هو. اهي ديڳيون به باغ حجم رڌيندو هو. ان لاءِ اسان وٽ ديڳيون ۽ بي شمار مٽيءَ جا پاٽڙا هر وقت استور ۾ موجود هوندا هئا. اهو پلاءُ مون کي ڏاڍو وڻندو هو. گهر ۾ عيد ڏينهن ڪجهه به پچندو هو پر مان، ان ٻاهرين ديڳ جو پلاءُ کائيندي هئس. جيستائين ننڍي هئس ته پليٽ کڻي پاڻ اهو پلاءُ وٺڻ ويندي هئس. وڏي ٿيس ته ننڍن ٻارن کي موڪلي گهرائي وٺندي هئس. اڄ به پلاءُ منهنجي ڪمزوري آهي. ڀلي اهو رڳو لوڻ مرچ ۾ ئي پڪل هجي.

مان ننڍي هوندي ڏاڍي ڏڄڻي هوندي هئس پر پوءِ به مون کي پنيوريون پڪڙڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. منهنجو بابا سگريٽ پيئندو هو ان ڪري هن وٽ سگريٽ رکڻ جا ڪافي دٻا هوندا هئا. مون هڪ دفعو بابا جو 555 وارو هلڪي پيلي رنگ جو دٻو کنيو ۽ ارادو هو ته پنيوريون پڪڙي ان دٻي ۾ بند ڪنديس. اسان جي گهرجي ويجهو "لکي" نالي هڪڙي اوطاق جهڙي جاءِ هئي، جنهن جي پر سان ٻني به هئي. ان لکيءَ ۾ سارين جي سٽ به ٿيندي هئي. ان لکيءَ کي ڏنگهرن جو لوڙهو ڏنل هوندو هو. مان 555 وارو سگريٽ ڪيس هٿ ۾ جهلي، ان لوڙهي تان پنيوريون پڪڙي رهي هئس ته هڪڙو ڇوڪرو آيو ۽ مون کان سگريٽ ڪيس کسي ڀڄي ويو. ان ڇوڪري جو نالو ولي الله هو. هو مون کان ڪافي وڏو هو. اسان جي گهر ۾ هن کي "ولو پاڇر" سڏيندا هئا. ڇو ته گرمين ۾ اڪثر هو جيڪا ڇيڙي پائيندو هو اها ڇيڙي سلوار کي ڪٽي ٺاهيل هوندي هئي، ان ڪري ان جا پاڇا وڏا هوندا هئا. مان روئيندي گهر آيس ۽ شام جو جڏهن بابا گهر آيو ته مون ان کي دانهن ڏني. پر بابا ولي الله کي ڪجهه به نه چيو ها مون کي سو تسلي ڏنائين ته مان پاڻ ئي ان کان سگريٽ ڪيس وٺندس. اڄ پنجٽيهه ڇٽيهه سال گذرڻ کان پوءِ به مون کي ان سگريٽ ڪيس جو افسوس ٿيندو آهي. اهو ولي الله، پوءِ ڪنهن بينڪ ۾ وڏو آفيسر ٿيو هو ۽ شايد اڃا به آهي.

اسان جو گهر تمام وڏو هوندو هو. ان گهرجي اڱڻ ۾ هڪ پاسي هڪ ننڍي جاءِ ٺهيل هوندي هئي. جنهن ۾ ٻه ڪمرا، ورانڊو ۽ اڱڻ وغيره هو. منهنجي وڏي ڀڄي انور شاديءَ کان پوءِ ان گهر ۾ رهندي هئي. ان گهر کي اسان "جاءِ" سڏيندا هياسين. وڏي ڀڄي جڏهن لاڙڪاڻي لڏي وئي ته ان ۾ ٻيو نمبر ڀڄي اختر اچي رهي هئي. اسان جي گهر ۾ هڪ تمام گهاٽو ۽

وڏو سرينهن جو وڻ هوندو هو. ان جا پيلا گل مون کي ڏاڍا وڻندا هئا. اهو وڻ منهنجي بابا تڏهن پوکيو هو جڏهن اسان جو اهو گهر اڃا نهي رهيو هو ۽ بابا پاڻ به ننڍو هو. سو جڏهن منهنجي پڦي اختر ان جاءِ ۾ رهڻ آئي تڏهن مون آيةالڪرسي ياد ڪئي هئي. منهنجي عمر ان وقت اٺ يا نوَ سال هوندي. اها پڦي اسان کي قرآن جون سورتون ياد ڪرڻ جو ڏاڍو شوق ڏياريندي هئي. مان ان سرنهن جي وڻ هينان ويهي آيةالڪرسيءَ جي هڪ هڪ آيت ياد ڪندي هئس ۽ وري جاءِ ۾ وڃي پڦيءَ کي ٻڌائي ايندي هئس. اهڙي طرح مون کي آية الڪرسي ياد ٿي وئي. ان پڦيءَ کان مان ڪڏهن ڪڏهن چوٽيون به ڪرائيندي هئس. جنهن کي "مَنهڙو" چوندا هئاسين. پڦي منهڙو اهڙو ته چڪي ڳنڍيندي هئي جو ان سان اکيون به چڪجي ڊگهيون ٿي وينديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن ته دانهون به نڪري ويندي يون هيون پوءِ پڦي چوٽيون ٿوريون ڍليون ڪندي هئي.
ننڍي هوندي منهنجا وار وڏا ۽ گهاٽا هوندا هئا. ان زماني ۾ سيني ڇوڪرين ۾ جيڪا مقابلي بازي هلندي هئي، اُها اِها هوندي هئي ته جنهن جا وار وڏا هجن، جنهن کي گهڻيون قرآن جون سورتون ياد هجن، جنهن کي پرت جا گهڻا ٽاڪا ايندا هجن. اها ڇوڪري سيني مان زور سمجهي ويندي هئي. سو اسان سڀ ڇوڪريون انهن ئي ڪمن ۾ مصروف هونديون هيونسين. مان به ڪڏهن نموريون گهوٽيندي هيس ۽ ڪڏهن ميندي پچائيندي هئس ۽ امان کي تنگ ڪندي هئس ته هاڻي جو هاڻي منهنجي مٿي ۾ وجهه. امان به اڪثر مون سان سهڄ ڪندي هئي. الله جي به مهرباني هئي جو منهنجا وار وڏا هوندا هئا. خاندان ۾ ڪنهن به ڇوڪريءَ جا وار منهنجي وارن جيترا نه هئا. جڏهن منهنجي عمر پنجٽيهن سالن کان وڌي تڏهن آهستي آهستي وار ختم ٿيڻ لڳا. هاڻي رڳو شڪر ڪرڻ جيترا وار وڃي بچيا آهن. اڄ ڪلهه مان پنهنجي ننڍي ڌيءَ سڳنڌ جي وارن ۾ پنهنجي وارن جو عڪس ڏسندي آهيان، پر ان جي مٿان رڳو الله جي مهرباني آهي، نه منهنجو ڪو سهڄ آهي، نه سندس ئي ڪا ڪوشش آهي، ڇو ته اڄ ڪلهه جي ٻارن ۾ مقابلي جا موضوع بدليل آهن.
مون کي ننڍي هوندي کان ئي پرت پرڻ جوشوق هو. سئي ڌاڳي سان عشق جي ابتدا ڪڏهن ٿي، مون کي بلڪل ياد ناهي. مان جڏهن کان هوش سنڀاليو آهي. پاڻ کي سئي ڌاڳي سان کيڏندي ڏٺو اٿم. تمام ننڍڙي هوندي، جڏهن اونهاري ۾ سڀ منجهند جو سمهندا هئا، ته مان جمونءَ جي وڻ هينان ڳوڻ وڇائي، ويهي پرت پريندي هئس. مون وٽ ڪجيءَ جي ڦرهن مان نهيل هڪ ننڍڙي ٽبڻي هوندي هئي، ان ۾ منهنجا ڌاڳا سيون ۽ ڪپڙن جا ٽڪرا رکيل هوندا هئا. جيڪي مان ڏاڍو سنڀالي رکندي هئس ۽ مون کي ساهه کان وڌيڪ پيارا هوندا هئا.
ٽبڻيءَ جي ذڪر تي ياد آيو ته ان زماني ۾ اهڙيون ٽبڻيون رڳو پيرن ۾ ئي اينديون هيون. امان جن به پنهنجون سيون ۽ ڌاڳا اهڙين ئي ٽبڻين ۾ رکنديون هيون. ان زماني ۾ اڄ ڪلهه وانگر پلاسٽڪ جون سهڻيون سهڻيون ٽوڪريون عام نه هونديون هيون. ماٺهو اهڙن خرچن کان آجو هو.
اسان جي گهر ۾ جمن جا ڪافي وڻ هوندا هئا. جن جا جمون تمام مٺا ۽ رسيلا هوندا هئا. منهنجي ڏاڏي

پسند جون شيون ورتيون. ائين نہ هو تہ ڪو اسان کي خرچي نہ ملندي هئي. اها تہ ٻين ٻارن جي مقابلي ۾ اسان کي پابنديءَ سان ملندي هئي، پر اهو رڳو ٻاراڻو روح هو جو ڳوٺ جي ٻين ٻارن کي ايئن ڪندي ڏسي، اسان جي بہ دل سٽ ڏيندي هئي تہ ائين ڪريون. ان زماني ۾ اسان جي ڳوٺ ۾ اهو رواج عام هو تہ جيڪڏهن گهر ۾ ٻار کي ڏيڻ لاءِ ڪليل پئسو نہ هجي، تہ ان کي ان جو وٽو پري ڏبو هو تہ وڃي شيءِ وٺي، پر اسان جي گهر ۾ ائين ڪونہ ٿيندو هو. ڇو جو اسان کي خرچي ملندي هئي، ڪڏهن ڪڏهن گهر جا ڇوڪرا ضد ڪري ائين ڪندا هئا.

اسان جي گهر ۾ هر قسم جو ان پنهنجو هوندو هو. چانور، ڪڻڪ، داليون، سرنهن جو تيل سڀ ڪجهہ سڄي سال لاءِ رکبو هو. جڏهن بہ فصل لهندو هو تہ سال جي ضرورت جيترو رکي باقي وڪڻي ڇڏيندا هئا. مرچ ڏاٽا بہ سال يا ڇهن مهينن لاءِ ڳُتي رکبا هئا. اهي گهر جون عورتون ٺڪر جي اکريءَ ۾ ڪاٺ جي مُهريءَ سان پاڻ ڪٽينديون هيون. مرچن ۾ سرنهن جو تيل ملائينديون هيون تہ جيئن انهن جي دز بہ نہ اڏامي ۽ انهن جو رنگ بہ گهرو ڳاڙهو ٿئي. مرچ ڪٽڻ وقت نڪ تي ڪپڙو ٻڌنديون هيون تہ جيئن دز ساهہ ۾ نہ وڃي.

اٽو پيهائڻ کان پهرين ڪڻڪ ڌوئي اس ۾ سڪائبي هئي پوءِ پيهائبي هئي. داليون سڀ جنڊ تي ڏريندا هئا. ڪن گهرن ۾ "جانڊهہ" يعني اٽي پيهڻ جي ننڍي چڪي هوندي هئي، جنهن کي گڏهہ هلائيندا هئا. ڪي مايون پنهنجون اٽو بہ ان جانڊهہ تي پيهنديون هيون ۽ ٻين کي بہ پئسن سان پيهي ڏينديون هيون. گهڻو اٽو تہ چڪيءَ تان پيهائبو هو. پر ٿورڙو هجي تہ ماڻهو جانڊهہ تان بہ پيهائيندا هئا.

ان وقت عورتن کي گهر سنڀالڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ ڪم نہ هوندو هو ان ڪري اهڙي قسم جا اهتمام ڪري سگهبا هئا. اڄ ڪلهہ خاص ڪري شهرن ۾ تہ گهر ننڍا آهن. ان ڪري ماڻهن جي رهڻ جي جاءِ ئي ڪونهي تہ ان ڪٿي رکجي. ان ڪانسواءِ اسان جهڙين نوڪري پيشہ عورتن وٽ ايترو وقت ئي ڪونهي جوا هڙو اهتمام ڪجي. هاڻي تہ هر مهيني جي سودي ۾ ڪجهہ پاڪيٽ مسالن جا ۽ ڪجهہ ٿيلهيون اٽي ۽ چانورن جون اچي وڃن ٿيون. جند ئي ڇٽل آهي ڪو جهنجٽ ئي ڪونهي. ڪو مرچ مسالو پيهجي ٿو تہ ڇا جي اکري مهري، ڇاپر ۽ گرائنڊر جو بٽڻ دٻايو تہ مسئلو ئي حل ٿي وڃي ٿو. زندگي ڏاڍي آسان ٿي پئي آهي. ها البت اها صحت اڄ اسان وٽ ڪونهي جيڪا اسان جي وڏن وٽ هئي، جنهن جو سبب خالص ڪاڌو هو. اڄ اسان جي صحت بازاري مرچ مصالحن جي ڪري برباد ٿيل آهي، پر ان جي باوجود جو اسان اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻون ٿا، اسان پنهنجي زندگيءَ جي طور طريقن کي نٿا بدلايون ۽ انهن مسئلن تي سوچڻ لاءِ بہ تيار ناهيون عمل تہ پري جي ڳالهہ آهي.

ڳوٺ جو هڪ ماڻهو هو جنهن جو نالو هو "باغ ڪٽي". اهو گهڻو ڪري تہ حڪيم هو. شلوار قميض، ڪاري واسڪوٽي ۽ پٽڪو پائيندو هو. ان جي ڌيءَ بلقيس منهنجي هم ڪلاسي بہ هئي تہ پڪي ساهيڙي بہ هئي. انهن جو گهر اسان جي گهر کان ڪافي پري هو. ائين کڻي چئجي تہ اسان جو گهر ڳوٺ جي هڪڙي سري تي هو تہ هنن جو گهر ٻئي سري تي. تڏهن بہ مان انهن جي گهر گڏين راند ۽

وٽن تي ڪنهن نہ ڪنهن ماڻهوءَ کي چاڙهائي چمون لهرائيندي هئي. اسان اهي چمون ڪائي ڪائي ٽڪجي پوندا هئاسين ۽ چليون پري مٿن ماٽن ڏانهن بہ موڪليندا هئاسين. اسان مان ڪي ٻار پتر هٽي چمون ڪيرائي ڪائيندا هئا. پر پتر لڳڻ سان چمون جڏهن زمين تي ڪرندا هئا تہ ڦسي پوندا هئا ۽ ميرا ٿي ويندا هئا. ان ڪري سيئي ٻار پنهنجون پنهنجون "انگوڙيون" ناهي چمون لاهيندا هئا. هڪ ڊگهي لڪڙي ۾ لوهہ جي تار جي ڪُنڊي ناهي ٻڌندا هياسي ۽ ان لڪڙي تي ڪنڊيءَ جي هيٺان ڪپڙي جي ڳوٿري لڳل هوندي هئي. جيڪي چمون ڪنڊيءَ ۾ ڦاسي ڪرندا هئا اهي ڳوٿريءَ ۾ ڪرندا ويندا هئا. ان ڪري چمون ڦسڻ کان بچي پوندا هئا. ٻيا ٻار تہ انگوڙين ۾ ٿيلهيون پنهنجي مائرن کان هٿائيندا هئا. پر مان پنهنجي ٿيلهي پاڻ سبندي هئس. اسڪول جا قلم رکڻ لاءِ بہ ٿيلهيون پاڻ سبندي هئس. ان ڪري جوان زماني ۾ اهڙا سهڻا سهڻا Pencil Boxes ڪونہ ملندا هيا. جهڙا اڄ ڪلهہ ملن ٿا.

چمونءَ جي وڻ ۾ پينگهہ بہ ٻڌل هوندي هئي جنهن ۾ سڀ لڏندا هئا پر مون کي ننڊي هوندي کان ئي پينگهہ لڏڻ سان چڪر ايندا آهن ان ڪري مان رڳو ان پينگهہ تي ويهندي هئس. لڏندي ڪونہ هئس. مون کي اڄ بہ انهن چمن جو سواد ياد آهي. اڄ جڏهن بازار مان، پئسن سان چمون وٺندي آهيان تہ اهو زمانو ڏاڍو ياد ايندو آهي، جڏهن اسان پاڻ ٻين کي سوکڙيءَ طور چمون موڪليندا هئاسين. وقت وقت جي ڳالهہ آ.

ڳوٺ ۾ جڏهن فصل ٻنيءَ مان کڄي ويندو هو تہ پوءِ ڳوٺ جا سڀ ٻار ٻنيءَ مان "ڪڙ" ميڙي ايندا هئا. ڪِر اُن اَن کي چئبو هو جيڪو فصل کڄڻ کان پوءِ ٻنيءَ ۾ ٽڙيل پکڙيل رهجي ويندو هو. مون بہ هڪ دفعو ڪِر ميڙيو. منهنجو پڦڙ حاجي امير بخش، سندس پيءُ، جنهن کي اسان ڏاڏو سونو چوندا هئاسين ۽ منهنجا پڦاٽ ٻنيءَ تي وڃي رهيا هئا. پڦاٽن ٻڌايو تہ ا سان ڪر ميڙيندا سين. مون ٻڌو تہ مون کي بہ شوق ٿيو تہ مان بہ ڪر ميڙيان. ادا حاجيءَ چيو تہ وڃي ڪا ڳوٿري ڪٽي آ. ان زماني ۾ اڄ ڪلهہ واريون پلاسٽڪ جون ٿيلهيون ڪونہ هونديون هيون. هر ڪنهن وٽ ڪپڙي جون ڳوٿريون هونديون هيون. مان گهر وڃي ڪپڙي جي ڳوٿري ڳولڻ لڳس. جڏهن نہ لڌي تہ وهاٽي جي هڪ ڃَو ڪنيم ۽ امان کي ٻڌايم تہ مان ادا حاجيءَ جن سان گڏ ڪر ميڙڻ ٿي وڃان. اسان سڀ ٻار نينگ ٽپا ڏيندا پنڌ ئي پنڌ ادا حاجي ۽ ڏاڏي سوني سان ٻنيءَ تي پهتاسين. اتي ڪٽڪ جو لابارو ٿي چڪو هو. فقط سنگن جو هيٺيون حصو زمين ۾ بيٺل هو. اتي ڪيترو ئي ان پکڙيل هو. وڏا تہ پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويا ۽ اسان ٻار ان ميڙڻ لڳاسين ۽ هڪ ٻئي جي مقابلي تي ميڙڻ لڳاسين. آخر جڏهن ٿڪاسي ۽ وڏن جو ڪم بہ ختم ٿيو تہ واپس گهر آياسين.

اُن اَن جو استعمال اهو هو تہ ٻار اهو ان دڪان تي تورائي ڏيندا هئا ۽ ان جي بدلي شيءِ وٺندا هئا. يعني جيترا سير ان ٿيندو هو ان جي قيمت جيتري شيءِ يا اوترا پئسا وٺي سگهبا هئا.

سو اسان بہ جڏهن ڳوٺ پهتاسين تہ سڌو دڪان تي وياسين مون ان تورايو تہ بہ سير ڪن ٿيو. (ان زماني ۾ ڪلو گرام رائج ڪونہ ٿيو هو) ان مان مون پنهنجون

ادي ادي راند ڪيڏڻ ويندي هئس. ادي ادي راند ۾ اسان گهر ٺاهي پوءِ ان ۾ ڪوڙا رڌ پچاءَ به ڪنديون هيونسين ته هڪ ٻئي جي گهر رون جا برقعا پائي ملڻ به ويندیون هيونسين. مان ننڍي هوندي رولو طبيعت جي نه هوندي هئس (اجا به ناهيان) ان ڪري ڪنهن جي به گهر نه ويندي هئس. سواءِ ماڻٽن جي گهر ڪو ڪم ڪار هجي ته. پر بلقيس جو گهر پري هجڻ جي باوجود مان ڏاڍي شوق سان انهن جي گهر ويندي هئس. ڇو ته هوءَ منهنجي ڏاڍي سٺي ۽ پڪي ساهيڙي هئي. پوءِ جڏهن اهي مدئجيءَ لڏي ويا ته اسان جي دوستي به اتي ئي رهجي وئي.

هڪ دفعي مان، بلقيس ۽ ٻين ڇوڪرين سان گڏ، ڏاڍو پري واهه ٽپي، پلي پٽڻ وئي هئس. پلي پٽڻ لاءِ مون سنهين ڪاٺين جي نهيل هڪ ٽوڪري ڪنئي هئي، مون غلطي اها ڪئي جو گهر ڪونه ٻڌايم. ٻنيءَ ۾ اسان کي سج لهي ويو. پلي پٽي گڏ ڪرڻ بجاءِ گهٽي ته اتي ئي ڪچي ڪاڏي سين. جڏهن واپس آيا سين ته تقريباً اوندهه ٿي وئي هئي. مان گهر آيس ته امان ۽ بابا ڏاڍا دڙڪا ڏنا ۽ ڏاڍو ڪاوڙيل هئا. جيڪا پلي ڪٽي آيس اها چپ ڪري ڪنڊ ۾ رکيم. دل ۾ ڏاڍو پڇتاءُ ٿيو ته بنا ٻڌائڻ جي ڇو ويم. ماءُ پيءُ کي به پريشان ڪيم. اهو پهريون ۽ آخري دفعو مان پلي پٽڻ وئي هئس.

ننڍي هوندي اسان ڪچي پلي ڏاڍي شوق سان کائيندا هئاسين، خاص ڪري مٽرن جي پلي مون کي ڏاڍي وڻندي هئي. ان زماني ۾ سياري ۾ خاص ڪري هر قسم جا ساڳ ڏاڍي اهتمام سان پچايا ويندا هئا. سرنهن جو ساڳ، پالڪ، جهلي، چٽن ۽ مٽرن جي پلي سڄو سيارو هر گهر ۾ ٻئي پچندي هئي. هر گهر ۾ پچڻ جي باوجود به جڏهن ڪو پچائيندو هو ته ٻين ڏي به ٻوڙ موڪليندو هو ۽ اهو ٻوڙ ڏاڍي شوق سان کائبو هو. روز روز کائڻ جي باوجود دل نه ڀربي هئي. رات جو جيڪو به ساڳ جو ٻوڙ بچندو هو ته نيرن تي ان کي گرم ڪري، مکڻ وجهي، اڦراٽن سان شوق سان کائبو هو. جي اجا به بچيو ته منجهند جو ڇانورن جي ڪڙڪ چلڙن سان يا وري ڇانورن سان کائبو هو. ان زماني ۾ گهر ۾ جيڪو پچندو هو ننڍا وڏا اهو ئي کائيندا هئا. ڪنهن کي به مانيءَ تي نخرو نه هوندو هو. ڪاڏي ۾ ڇونڊ ڪرڻ جي خبر ئي نه هوندي هئي. صرف ڪو بيمار ٿيندو هو ته ان لاءِ الڳ پرهيزيءَ جو ڪاڌو پچندو هو نه ته هر ڪو ساڳوئي ڪاڌو کائيندو هو.

ٻين ڳوٺن وانگر اسان جي ڳوٺ ۾ به اهو رواج عام هوندو هو ته جي ڪڏهن ڪا چڱي شيءِ پچائبي هئي ته اها اوڙي پاڙي يا مٽ مائٽ جي گهر موڪلبي هئي. ايئن به ٿيندو هو ته مايون هڪ ٻئي کان پڇرائينديون هيون ته اڄ ڇا پچايو اٿوَ؟ ٿورو اسان کي به ڏجو. پلي پوءِ اها ڪا عام شيءِ ئي هجي پر هڪ ٻئي ڏانهن موڪلبي ضرور. ٻار به ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي حصي جو ڪاڌو کٽي پڦي ماسيءَ جي گهران يا پاڙي مان مٽائي ايندا هئا. يعني اهو ڪاڌو انهن کي ڏئي ٻيو ڪجهه کائڻ لاءِ وٺي ايندا هئا. ماني به جيڪڏهن ڪنهن کي ڪٽڪ يا ڇانورن جي نه وڻي ته ماڻٽن جي گهر مان مٽائي پنهنجي مرضيءَ جي ماني وٺي ايندا هئا.

اڄ ڪلهه ته جيترئي ورائٽي ڪاڏي ۾ موجود آهي، اوترو ئي ٻارن جا موڊ خراب آهن ته هي به نٿو وڻي ۽ هو به نٿو وڻي. ڪجهه قصور ماڻٽن جو به آهي ته

ڪجهه قصور ميڊيا جو بہ آهي. هي تہ اهڙو دؤر آهي جو ميڊيا کان ٻارن کي پري بہ نٿو رکي سگهجي ۽ ان جي اثرن کان بچائي بہ نٿو سگهجي. الله رحم ڪري دنيا ۾ حرص ۽ لالچ ڏاڍي وڌي ويئي آهي. صبر شڪر تہ رهيو ئي ڪونهي.

ان زماني ۾ اسان جي روز مرهہ جي کاڌي ۾ ڪٽڪ جي اٽي جا اڻراتا ڇانورن جي ماني، داليون، لسي، مڇي، ڀاڄي ۽ کير مکڻ شامل هئا. ميوو بہ ڪجهہ، گهر ۾ موجود هوندو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ٻاهران بہ گهرائيندا هئاسين. اڄ ڪلهہ ڊاڪٽر متوازن غذا ۾ اهو ئي سڀ ڪجهہ ٻڌائين ٿا. پر حقيقت اها آهي تہ سنڌ جو عام ڳوٺاڻو ماڻهو اهي شيون روزانو واپرائيندو هو. ڪڪڙ پلاءَ ائين عام ڪونہ رڌبا هئا جيئن اڄ ڪلهہ. ڪو مهمان ايندو هو تہ ڪڪڙ ڪهبو هو يا وري عيدن تي خاص اهتمام ٿيندو هو.

ڳوٺن ۾ تقريبا هر گهر ۾ ڪڪڙ پاليل هوندا هئا. رات جو انهن کي وڏي کاري هيٺان پوري ڇڏبو هو. صبح جو انهن کي کولي ڇڏبو هو. ڏينهن جو پاڻ ئي چڳندا هئا. انهن جي لاءِ پاٽيءَ جو پاٽڙو پري رکبو هو. منهنجو ڏاڏو جڏهن اهي ڪڪڙ کهائيندو هو تہ کهائڻ کان بہ ٽي ڏينهن اڳي انهن کي پورو وقت کاري هيٺان، اَنُ ۽ پاڻي رکرائي پورائي ڇڏيندو هو. هو چوندو هو تہ ڪڪڙ سڄو ڏينهن گند ۽ ٻيا زهريلا جيت وغيره کائين ٿا. ان ڪري جيڪڏهن انهن کي بہ ٽي ڏينهن صاف کاڌو ۽ پاڻي ملندو تہ انهن مان زهريلا اثر ختم ٿي ويندا. جيئن تہ ڪڪڙ جي مٿان کير نہ پيئبو آهي، پر منهنجو ڏاڏو انهن ڪجهہ ڏينهن بند ٿيل ڪڪڙن کي جڏهن کهائيندو هو تہ انهن جي مٿان کير بہ پيئندو هو. هو چوندو هو تہ ڪڪڙن مان جيڪڏهن زهريلن جيتن جو اثر ختم ٿيل هوندو تہ انهن جي مٿان کير پيئڻ سان ڪو نقصان نہ ٿيندو. اڄ ڪلهہ تہ ڪيترائي کاڌا اهڙا پچن ٿا جن ۾ ڪڪڙ کي کير سان گڏ پچائجي ٿو. مان پاڻ بہ اهڙا کاڌا پچائيندي آهيان.

سومون ڳالهہ پئي ڪئي منهنجي ننڍپڻ ۾ کاڌي جي اهتمام جي. وڏين عيدن سان گڏ سال ۾ جيڪي ننڍيون عيدون اينديون هيون انهن تي بہ اهتمام ٿيندو هو. شب برات جي موقعي تي اسان ڏاڍا ڏيئا ٻاريندا هئاسين. اسان کي بابا جن رڳو ڇڻ ڇڻ ۽ ٽنڊڻيون وٺي ڏيندا هئا. ٽنڊڻيون، پاڻي جي ٺڪر تي لڳل گندرف جو ذرو هوندو هو جنهن کي فرش تي گسائڻ سان ڇٽنگون بہ نڪرنديون هيون تہ ٺڻ ٺڻ جا آواز بہ نڪرندا هئا. ڦٽاڪا اسان کي نہ وٺي ڏيندا هئا. منهنجا ڀائر ۽ سوٽ وڏا ٿيا تہ پوءِ اهي پاڻ ڦٽاڪا وٺڻ لڳا.

شب برات، شب معراج، ستاويهين رمضان ۽ اهڙن ٻين ڏينهن جيئن ٻارهين ربيع الاول تي امان جن مانيءَ جو اهتمام ڪنديون هيون. اها ماني مسجد ۾ بہ ڏئي ايندا هئاسين. انهن راتين ۾ نفل پڙهڻ جو بہ خاص اهتمام ڪيو ويندو هو. ننڍيون وڏيون سڀ مصلا وڇائي قطارون ڪري نفل پڙهنديون هيون. اسان جا ورانڊا ڏاڍا ڊگها هوندا هئا. ان ڪري نمازون سڀ ورانڊن ۾ ئي پڙهنديون هيونسين. سڄي ڳوٺ ۾ رونق لڳي پئي هوندي هئي. نہ خوف نہ ڏهڪاءُ امن ئي امن ۽ سڪون ئي سڪون هوندو هو.

*

پروين موسيٰ ميمڻ



# مفتي منجهہ ويهار

**منهنجي آتم ڪهاڻيءَ جي لکڻ جي اها ئي مقصديت آهي سنڌ جون سرتيون سنڌي سماج جي اڏوهي کاڌل ريتن رسمن جي قيد مان نڪري پنهنجي تعليم تي توجهہ ڏين ۽ همت ۽ محنت جا گڻ خود ۾ وڌائي پاڻ پيرون تي مضبوط ٿين.**

ڪجهہ ڏينهن اڳ پيڻ گلبدن مرزا جي فون آئي تہ "پيڻ اسين سرتيون" جو "آتم ڪٿا نمبر" شايع ڪيون پيا لکندڙ پينرن کي اطلاع ڏنو آهي تہ پنهنجي حياتيءَ جي باري ۾ ڪجهہ احوال لکي ڏين. سنڌ جي سرتين کي هڪڙي ادبي پليٽ فارم تي گڏ ڪندڙ هيءَ مرزائڻ پيڻ ڪڏهن پينرن جا "انٽرويو نمبر" تہ ڪڏهن "آتم ڪٿا نمبر" تہ ڪڏهن سنڌ جي سورميءَ جو "شهيد بينظير ڀٽو نمبر" ۽ "بيگم نصرت ڀٽو نمبر" ۽ ٻيا اهم نمبرز ڪڍي "سرتيون" مئگزين کي مچائيندي اچي. سندس محنت مڃڻ جوڳي آهي. ڪيس جواب ڏيڻ محال سو هڪدم هائوڪار ڪيم پر اهو ضرور خيال آيو تہ هڪ تہ آتم ڪٿا لکڻ ڏکيو ڪم ۽ ٻيو وري ٻن چئن صفحن ۾ جنهن ۾ ڪهڙو حياتيءَ جو احوال اچي سگهندو ها ائين ٿي سگهي ٿو تہ حياتيءَ جو هڪڙو رخ هنن صفحن ۾ سمائي ڇڏجي. اهو سوچي لکڻ شروع ڪيم پنهنجي اڳ لکيل اڌوري آتم ڪهاڻيءَ جو فائيل ڪبٽ مان ڪڍيم جا مون 2004ع کان "مفتي منجهہ ويهار" جي عنوان سان لکڻ شروع ڪئي هئي. هونئن تہ آئون ڪا وڏي ادبي شخصيت نہ آهيان. مڙيئي پنهنجي شوق ۽ پڙهندڙن جي پسنديدگيءَ کان پوءِ ڪجهہ سالن کان رنڊا روڙي ڪجهہ نہ ڪجهہ لکي پيئي پيش ڪريان. "مفتي منجهہ ويهار" جي آتم ڪهاڻي لکڻ جو خاص مقصد هيم تہ پڙهيل ڳڙهيل سنڌي پينرن کي علم ادب ڏي مائل ڪريان تہ جيئن وڌ ۾ وڌ پينرون اظهار جي آزاديءَ واري هن سفر ۾ اڳيان اچن. ممڪن آهي منهنجي زندگيءَ جو احوال هر عام پڙهندڙ لاءِ ڪشش جو باعث نہ ٿئي پر هڪ ماءُ هڪ استاد ۽ ادب جي ادنيٰ خادم جي حيثيت ۾ مون اهو احوال لکڻ مهل نقط ۽ فقط اهو سوچيو تہ منهنجي شاگرديائڻين. سنڌ جي پڙهيل نياڻين ۽ منهنجي آل ۽ عيال کي اها خبر پوي تہ هن دلپسند پر اڙانگي رستي ۾ عورتن کي ڪهڙيون مشڪلاتون درپيش اچي سگهن ٿيون. هڪ سنڌي عورت ڪهڙيءَ ريت گهر ٻار. آل و عيال ۽ نوڪريءَ جي جوابدارين وچان لکڻ پڙهڻ جي ڪم کي مشڪلاتن سان منهن ڏئي ٿي. ڪيس ڪيترو سهٽو ٿو پوي؟ ڪيس ڪيتريءَ همت ۽ محنت جي ضرورت آهي؟ خاص طور تي تہ محنت ئي ڪاميابيءَ جي معراج آهي. استاد بخاريءَ جو مطابق:

خلقت سُڌڪي گهرندي آهي
صحت. دولت. شهرت. عظمت.

**مون کي ڪڏهن به ڪنهن سان ساڙ، حسد ۽ ريس نه ٿيندي آهي منهنجو ذاتي طور انهيءَ عقيدي ۾ پختو يقين آهي ته ماڻهوءَ کي هِن دنيا ۾ توڙي هُن دنيا ۾ اُهو ئي ملي ٿو جيڪي هُو پوکي ٿو ۽ آئون سمجهان ٿي ته اسان جي حياتيءَ جو ماپو انهيءَ تي دارومدار نٿو رکي ته اسين ڪٿي جنميا ويا آهيون يا ڪٿي مري دفن ٿينداسين.**

زرين جي افسانوي مجموعن پڙهڻ کان پوءِ وڌندو ويو. اسان جي گهر جوماحول علمي ۽ ادبي هيو ڪيترائي نوان ڇپيل ڪتاب ۽ رسالا ۽ روزانه جون اخبارون موجود هوندا هئا. منهنجو والد محترم پڙهيل ڳڙهيل روينيو ڊپارٽمينٽ ۾ مختيارڪار جي عهدي تي رهيو وتس ڌيئر ۽ پٽن ۾ ڪوبه امتياز ۽ فرق نه هو. مرگو ڌيئرن کي پٽن کان وڌيڪ پيائيندو هو. اسان پنج ڀينرون ۽ ست ڀائر آهيون ۽ آئون ڀينرن ڀائرن ۾ عمر جي حساب سان پنجون نمبر آهيان. بابا مون کي تمام گهڻو پيائيندو هيو ۽ لکڻ پڙهڻ لاءِ همت ڏياريائين. انهيءَ وقت ۾ مون به ڪهاڻيون "چري" ۽ "ماءُ جو دلاسو" جي عنوان سان لکيون جيڪي ميرپورخاص مان ڇپجندڙ ڪنهن ماهوار رسالي ۾ شايع ٿيون پر وڌيڪ پوءِ لکي ۽ ڇپرائي نه سگهيس.

1975ع ۾ انٽرميڊيٽ پاس ڪرڻ بعد منهنجي شادي ٿي ويئي. جنهن کان پوءِ پنهنجي تعليم ته جاري رکيم پر ادبي دنيا سان لاڳاپو قائم نه رهي سگهيو. انهيءَ دوران ايم اي انگريزي ادب ۾ ۽ ايم اي سنڌي ادب ۾ ڪرڻ کان پوءِ ليڪچرر ٿيس ۽ منهنجي پنهنجي ڊيءَ انٽرميڊيٽ تائين آئي ته ڪيس سنڌي جي تياريءَ لاءِ 25 کن مضمون امتحان جي ضرورت مطابق لکرايم پر ڇپائيءَ جي ڄڻ يادگيري ٿي نه پيئي. يا ڪي اهڙا موقعا ٿي نه ملي سگهيا. انهيءَ مضمونن ڪي اڳيان هلي مون پنهنجي مضمون نويسيءَ جي هائير ايجوڪيشن ڪميشن مان منظور ٿيل ڪتاب "وکر سو وهاءِ" ۾ پڻ شامل ڪيو. جيڪو پوءِ هائير ايجوڪيشن ڪميشن ٿي 2011ع ۾ ڇپايو ۽ هڪ ٻيو ڪتاب "سنڌي نثر جي ڪن صنفن جو اڀياس" 2008ع ۾ پڻ هيڪ وارن شايع ڪيو. انهن ٻن ڪتابن جي HEC اسلام آباد مان ڇپجڻ ۽ مون کي نقد رقم ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ مون ۾ لکڻ جي سگهه ۽ شوق کي عروج تي پهچايو. ان کان اڳ 2004ع ۾ منهنجو پهريون ڪتاب "سنڌي ادب جو جائزو ۽ لطيفيات" روشني پبليڪيشن شايع ڪيو. اهو ڪتاب پڻ مواد ۽ مشهور اداري جي ڇپائيءَ جي ڪري تمام گهڻو مقبول ٿيو. جڏهن مون کي گهڻا تعريفي خط پهتا ۽ روبرو سيني ملڻ جلڻ وارن ۽ ڪاليج ۾ ساهيڙين ۽ شاگردياڻين ۽ مٿن مائٽن وٽان پسنديدگيءَ جي موٽ ملي ته پوءِ مون هن ادبي سفر کي پنهنجي حياتيءَ جو اهم موڙ سمجهيو جنهن منهنجي فڪر ۾ پڻ وڏي تبديلي آندي ۽ وڌيڪ ڪتابن کي پڙهڻ ۽ لکڻ جي اُتساهه هيٺ مون پنهنجي سوشل تعلقات ۾ ڪمي آندي ۽ ٻين

ڪمن کان ڪناره ڪشي ڪري مقصدي طور هن ڪم ۾ جنون وانگر جُنبي ويس. انهيءَ دوران مون سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبي ۾ ايم فل اسڪالر طور داخلا پڻ ورتي ۽ ڪيترائي ڪتاب مڪمل ڪري ڇپرايم تہ ڪي ڪتاب ترتيب ڏنم. ڇپيل ڪتابن ۾ "اٿي راڻو ريل" (تنقيد ۽ تحقيق) 2009ع (هن ڪتاب کي سنڌي ادبي سنگت طرفان 2009ع جي بهترين ڪتاب جو ايوارڊ مليو). "اخلاقي قدر" (ٻاراڻو ادب) 2010ع (هن ڪتاب کي نيشنل بڪ فائونڊيشن وارن ميرٽ سرٽيفڪيٽ ڏنو آهي). "آديسين ادب آهي اڪڙين ۾" 2009ع. "سون ورنيون سوڍيون" 2009ع ۾ شايع ٿيا آهن ان کان سواءِ اڻ ڇپيل ڪتابن ۾ "جي پارکو پارس جا" (لطيفيات) "ملهہ مهانگا سپرين" (ادبي تاريخ). "سونهان سڏيون ڏين" (سوانح). "محمد عثمان ڏيپلائيءَ جون سنڌي نثر ۾ خدمتون" آهن ۽ منهنجو ايم فل جو موضوع پي ايچ ڊي ۾ Convert ٿي. ما شاءَ الله ڪم مڪمل ٿي ويو آهي. پنهنجي تحقيقي ڪم دوران مٿيون سچو ڪم ڪندي يقيناً مون پنهنجو پاڻ کي وساري ڇڏيو ۽ پنهنجي صحت کي بہ متاثر ڪيم ۽ ڪيترائي مسئلا مون کي درپيش آيا جنهن ۾ گهرو مسئلن سان گڏ نوڪريءَ ۾ ۽ صحت جي ڪميءَ پيشيءَ جي ڪري گهٽڻ لاهن چاڙهن کي منهن ڏيڻو پيو پر آئون فقط همت، محنت ۽ نيڪ نيتيءَ سان پنهنجي ڪم سان واسطو رکندي اچان. مون کي ڪڏهن بہ ڪنهن سان ساڙ حسد ۽ ريس نہ ٿيندي آهي منهنجو ذاتي طور انهيءَ عقيدي ۾ پختو يقين آهي تہ ماڻهوءَ کي هِن دنيا ۾ توڙي هُن دنيا ۾ اُهو ئي ملي ٿو جيڪي هُو پوکي ٿو ۽

آئون سمجهان ٿي تہ اسان جي حياتيءَ جو مانڊو انهيءَ تي دارومدار نٿو رکي تہ اسين ڪٿي جنميا ويا آهيون يا ڪٿي مري دفن ٿينداسين. انساني حياتيءَ جي ڳڻ اها هئڻ گهرجي تہ هُو پنهنجي محدود جيون جي جياپي دوران ڇا دانِ ڪري ويو ۽ ڇا ڪٽي ويو اهو ئي سندس حياتيءَ جو ملهہ آهي ۽ اها ئي ڪٿا آهي ۽ فاني جيون جي لافانيت ابدي مقصديت سان ئي مشروط آهي.

آئون پنهنجي سرجڻهار سگهوري ڌڻيءَ جي دل سان مشڪور آهيان. جنهن منهنجي جيون کي سنئين ڏڳ تي لاتو جنهن مان منهنجي مَنَ کي سچو سڪون سَرِي رهيو آهي ۽ اڄ آئون علمي ۽ ادبي حلقي ۾ عزت ۽ مانِ پرائي پنهنجي ديس واسين ۽ پنهنجي حياتيءَ جي هڪ هڪ پَلَ کي ڪارگر بنائڻ لاءِ شيخ اياز جي لفظن ۾ هيءَ دُعا گهرنديس تہ:

**يا ربا!**
**منهنجي قلم کي اُها خوشبو ڏي،**
**جو ان کي ڏسي دنيا جا سارا گل حيران ٿي وڃن**
**مون کي پنهنجو رحم وديعت ڪر،**
**پنهنجي اخلاق جي بيک ڏي،**
**مان تنهنجي گناهگار بندي آهيان،**
**تون خطا پوش بہ آهين،**
**عطا بخش بہ آهين،**
**مون کي معاف فرماءِ**
**۽ پنهنجي عطا کان محروم نہ ڪر**
**يار رب...**

*

سنڌيا شاهہ



# مون کي لکڻ لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي

نالو: سيده ساجده سچل شاهہ.
ادبي نالو: سنڌيا شاهہ.
ڄم جي تاريخ: 1976ع سرٽيفڪيٽ موجب حقيقت ۾ 29 مئي 1975ع.
اسٽار: جيمنئي.
تعليمي قابليت: پرائمري گرلس اسڪول ڪونڊڙي ڪبير.
مڊل، بوائز اسڪول ڪونڊڙي ڪبير.
ميٽرڪ / انٽر، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڪنڊيارو برانچ آف شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور.
بيچلر آف آرٽس، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور.
سي ٽي، نيشنل ڪاليج آف ايجوڪيشن محرابپور.
ڪمرشل آرٽ (لائين ورڪ) اسلام آباد اڪيڊمي.
لکڻ جي شروعات: 1990ع ڊائري جو ورق.
ڇپجڻ جي شروعات: 1994ع نظم زندگيءَ جو قيدي.
ريڊيو تي لکڻ جا سال: 1990ع کان 1994ع تائين، ڊائريءَ جا ورق، ڪهاڻيون ۽ شاعري.
لکيل تحريرن جو تعداد: ڪهاڻيون 76، 75 لک پڳ، نظم 62، 60، ٽيڙو 78، 77 غزل تمام گهٽ (وزن بحر جي مونجهاري غزل جي گھٽو ويجهو ٿيڻ نہ ڏنو).
ڪجهہ انٽرويو، ڪجهہ تنقيدي ۽ تخليقي ايا، تبصرا، 6 ناول 7 ناول تي ڪم هلندڙ.
اسڪيچ: ڪافي تعداد ۾ هالار ڊائجسٽ ۾ ڇپيا، ڪجهہ روح رهاڻ لاءِ سائين حميد سنڌي ڏانهن پينٽنگس موڪليون پر پرچو آئوٽ تي نہ سگهيو تہ پينٽنگس هيٺ مٽي ٿي ويون.
جن رسالن ۾ لکيو: ڪينجهر، ادب/اديب، مومل، سوجهرو، سُرهي سُرهي سوچ، پرک، ڪهاڻي ڊائجسٽ، سرتيون، مهراڻ، سنڌي ادبي سنگت جو پرچو، ميجنا، عبرت مئگزين، امرتا وغيره.
ملندڙ ميجنا: سڀ کان وڏيڪ پڙهندڙن جي موٽ مون لاءِ اعزاز رهي آهي. ان کانسواءِ اعزازي ڪاپيون، ڪتاب ۽ 2004ع ۾ هالار سٽ پاران بهترين ڪهاڻيڪاره ۽ ناول نگار جو سرٽيفڪيٽ ۽ ڪتابن جو سيٽ انعام ۾ مليو.
ٻيون سرگرميون: ٻارن لاءِ لاٽ نالي سان ٻاراڻو پرچو ڪجهہ وقت تائين قلمي نسخي تحت ڪيندي رهيم. ڪافي ڪهاڻيون ۽ نظم لکيم پر ڪو مستقل ٻارن جو پرچو نہ هجڻ سبب ان پاسي گهڻو ڌيان ڏئي نہ سگهيم. ان کانسواءِ ٻارن کي مفت ٽيوشن (جنهن ڪري جڏا ليکيا ويندڙ ٻار بہ پوزيشن هولڊر ٿي ويا) تقريرون سيکارڻ، ذهني مقابلا ڪرائڻ ۽ ڊرامہ ڪرائڻ، جي ٻارن کي وندر سان گڏ ذهني سکيا ۾ بہ مدد ڏيندا رهيا آهن.
سيوا ڊولپمينٽ ٽرسٽ لاءِ امدادي ۽ اصلاحي ڪم ڪرڻ.
ڪا خواهش: پنهنجي ڌرتي ۽ ڌرتي واسين لاءِ ڪجهہ اهڙو ڪريان جو "جيجي" سڏي وڃان.
آخري جيجي ڪلچرل سينٽر قائم ڪيم.

نندپڻ، جيڪو مون کي ياد اچي پيو تہ ڏاڏاڻي ڪچي گھر جي هڪ ڪمري ۾ وڏو پينگهو رکيل هوندو هئو. اڪيلو، اونداهو ڪمرو شايد. (جنهن ۾ پهريان سڀ چاچا گڏ رهندا هئا پوءِ سڀ ڌار ٿيا تہ ڏاڏي سائڻ (امان وڏي) ننڍي چاچي سان رهي سندس خدمت

چاڪري اسان جو گھر ڪندو هئو. ائين ڏاڏاڻو گھر جنھن ۾ ڏاڏا سائين اسان مان ڪنھن به اکين سان نه ڏٺو. ٻڌو هيم ته صوفي منش ماڻھو هئو. ڏاڏو شاهن شاهه جو دنيا جھان کان ڌار پار پنھنجي مڪان ۾ ويٺو رهندو هئو. عبادت ڪندو هئو پکين کي داڻو پاڻي ڏيندو هئو. (ڏاڏاڻي پس منظر ۾ ناول تي ڪم ڪريان پئي).

ان ڪمري ۾ بزرگن جو احساس هوندو هئو. هڪ ڇڪ هوندي هئي جو اونداهي اڪيلي ڪمري ۾ پينگھي تي وڃي ويھي رهندي هُيس. پنھنجي منھن جھونگاريندي هيس. پنھنجي منھن راند کيڏندي هُيس.

نه ڄاڻ سدائين اڪيلي ڪنڊ ۾ رهڻ ڇو پسند ڪيم! رات جو امڙ جي هنج نه پاسو ڏسي روئڻ لڳندي هيس. ڪڏهن ڪن سور ڪڏهن پيٽ سُور جو بھانو ڪري. پڇيو ويندو هئو: "ڇو ٿي روئين؟..." امڙ ڏانھن نھاري سڏڪو ڀريندي هيس پوءِ ٻاراڻو ڪروڌ/ ڪراڻو سمجھي وڏي سؤٽ ڪٽي ويندي هئي. جنھن کي ماءُ سمجھڻ لڳم پر... آپيه زاهده شاهه گھر سنڀالڻ جھڙي ٿي ته مون کي اها سنڀالڻ لڳي، منھنجي وڏي ڀيڻ، منھنجي دوست منھنجي همراز بڻجي پئي. اها پر ۾ سمهاريندي هئي ڪڏهن ادا شاهن شاهه (جنھن تي ڏاڏا سائين جو نالو ۽ شخصيت جو جيئڻ جو تيئن اثر آهي) پنھنجي ٻانهن سمھڻ لاءِ ڏيندو هئو ۽ ڪڏهن ڪڏهن بابو ٻاڻ سان سمهارڻ جي آڇ ڪندو هئو پر بابي جي دهشت ويجھو وڃڻ کان جھلي ڇڏيندي هئي توڙي جو امڙ ننڍن ٻارن مان واندي ٿي ڇوٽيون ويڙهيندي پچندي هئي "گھڻو ڪير وڻندو اٿئي؟..." "هڪدم چوندي هُيس "بابا".

بابا سائين سيد سچل شاهه (جنھن ۾ سچل سرمست واري سرمستي نظر ايندي آهي) توڙي پنھنجي ۽ ٻارن جي وچ ۾ وٿي رکي پر پوءِ به بابا سائين منھنجو آئيڊيل رهيو. هُو ڪا به غلط ڳالھه ڪري، مان سامھون ٻيھي رهندي هيس ته بابا سائين مرڪي پوندو هو.

هڪ پاسي امڙ جو ٻين ٻارن جي ڪري ڌيان نه ملڻ ڪري هيڪلائي محسوس ٿيندي هئي ته ٻئي پاسي بابا سائينءَ جي مرڪ ادا جي خيال رکڻ ۽ آپيه جو دوستاڻو سڀاءَ مون کي مضبوط ۽ دلير ڪري ڇڏيندو هئو.

ننڍي هوندي کان خاموش، حساس ۽ موڊي طبيعت رهي آهي. ذهن ۾ هر وقت ڪانه ڪا سوچ، ڪو سوال هميشه مون کي پريشان ۽ بي چين ڪندو رهيو "ائين ڇو آهي؟..."

خاندان جي اندر سڀ برابر هوندي به ويڇا، اسڪول ۾ ويڇا، امير غريب جو فرق، ذات پات جو فرق، ڄڏي ۽ هوشيار جو فرق، مرد عورت جو فرق... پٽ ڌيءُ جو فرق! جتي مون باشعور خاندان ۽ باشعور فرد ڏٺا اتي مرد، عورت جون ڪميٽگيون به ڏٺيون. جيڪي مرد ٻاهر مردن سان پڄي نه سگھندا هئا سي گھر جي عورتن تي رعب تاب ڪندا هئا. جيڪي عورتون گھر ۾ بادشاهي ڪرڻ جو خواب پورو ٿيندو نه ڏسنديون هيون اهي غريب ۽ ٻاڻ کان گھٽ ذات ڪڏهن مائٽن تي رعب هلائينديون هيون ۽ مان سوچيندي هيس "ائين ڇو؟..."

خاموش طبيعت، هئڻ جي ڏيرج پٽي ۽ سچ ڳالھائڻ جي ڪري ٻاڻ جيترين ۾ مغرور مشھور هيس ۽ هُو

منهنجي هلڻ، ڳالهائڻ جي آهل ڪندي چونديون هُيون "معتبر".

توڙي پاڻ جيترين جو سدائين خيال رکيم. سچائيءَ سان هليم پر نہ هُو مون سان سچيون ٿي سگهيون نہ مان ڪنهن سان دوستي ڪري سگهيم ۽ ائين ننڍي

**سدائين ڏنو ئي هوندم، ونڻ ۽ مٽ بند ڪرڻ ڪڏهن بہ نہ آيو. جڏهن بہ ڏنم مٽ سوڙهي پئي ٿئي تڏهن مٽ کولي ڇڏيم. نہ ڪڏهن پوپٽ پڪڙي ڊائريءَ ۾ رکي سگهيم نہ ڀنيوريون پڪڙي مٺ ۾ سوگهيون ڪري سگهيم.**

عمر کان ئي هيڪلائي پسند رهيم ۽ ڪتابن سان دوستي رکي ڇڏيم.

سمجهہ سان ٿيم. ميٽرڪ ۾ B گريڊ ڪنيم تہ ڀڦات (بدرالنساءِ سيد، معجزه ابتسام شاهہ) هڪ رجسٽر گفٽ ڪيو جو مون لاءِ ڊائريءَ واري حيثيت اختيار ڪري ويو ۽ جا ڀهرين تحرير لکيم سا ڊائريءَ جو ورق هئي جنهن ۾ بہ سوال اٿاريو هُيم:

"ائين ڇو؟..."

هوريان هوريان اهي ڊائرين جا ورق ڪهاڻين ۾ بدلجڻ لڳا ۽ ريڊيو تي لکڻ شروع ڪيم.

بدرالنساءِ سيد جي ڇپرائڻ واري صلاح تي عمل ڪندي، ڀهرين ڪهاڻي ماهوار بختاور ڏانهن "منهنجو گهر" نالي سان موڪليم جا ڇپي يا نہ سا خبر پئجي نہ سگهي. پوءِ ريڊيو پاڪستان خيرپور تان هڪ ادبي پروگرام ۾ ڪينجهر رسالي جو ٻڌم. اتفاق سان ڀهريون نظم لکيو هيم جو هڪ ئي وقت ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ادبي پروگرام "ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان" ۾ زيب سنڌي پڙهي ساراهيو ۽ ڪينجهر ۾ ڇپيو ۽ منهنجي ادبي نالي جي سڃاڻپ بہ ٻڌيو جنهن کي منهنجي خاندان جي مون لاءِ اهم شخصيتن ٻڌو پڙهيو ۽ همٿ افزائي بہ ڪئي. انهن ۾ ادا شاهن شاهہ، آپيہ زاهده شاهہ، بدرالنساءِ سيد، ادا ارشاد ڪاظمي جي همٿ افزائيءَ مون کي ادبي ميدان ۾ پوري سگهہ سان لهڻ جي لاءِ حوصلو ڏنو.

آپيہ زاهده شاهہ منهنجي ڀهرين پڙهندڙ ۽ تنقيد نگار هجڻ سان گڏ منهنجي دوست، وڏي ڀيڻ ۽ امڙ جي ڇانوَ جيان بہ رهي آهي. اجان شادي نہ ٿي هئس تڏهن مون کي لکندو ڏسي ڳالهائڻ چاهيندي بہ منهنجي ويجهو نہ ايندي هئي. خاموشيءَ سان چانهہ ناهي آڏو رکي ويندي هئي. جي ڪڏهن وات مان ڪو لفظ نڪري بہ ويندو هُئس تہ "بس بس" چئي پوئتي هٽي ويندي هئي ۽ ڪنهن واندڪائيءَ جي مهل ڪچهري ڪندي چوندي هئي:

"تو ۾ مون کي پنهنجو پاڻ نظر ايندو آهي، مون لکڻ چاهيو تو لکيو: مون مصوري ڪرڻ چاهي تو ڪئي. مون ڊزائننگ ڪرڻ چاهي تو ڪئي. مون خواب ڏسڻ چاهيا تو ڏٺا. مون پنهنجي زندگي پاڻ گذارڻ چاهي تو گذاري."

مون شروع کان پنهنجي اصول ۽ پنهنجي مرضيءَ سان زندگي گذاري، ڪنهن جي ٺاهيل رستي تي ڪڏهن بہ نہ هليم. پاڻ پنهنجي لاءِ رستا ٺاهيم ۽ ان رستي لاءِ ويڙهہ بہ وڙهيم. مخالفتن کي بہ مُنهن ڏنم ۽ جو چاهيم سو حاصل بہ ڪري ڏيکاريم.

مون کي لڳندو آهي مان پنهنجي الله جي دادلي رهي آهيان. وتائي فقير وانگي مالڪ جي گودڙيءَ ۾ ويهي ڏاڍا ناز نخرا ڪيا اٿم ۽ مالڪ جو ڪرم رهيو آهي

آهي تہ منهنجو هميشہ پرمر بہ رکيو اٿائين.
غلط ڳالهہ امڙ ڪري، بابا سائين ڪري توڙي ادا سائين ڪري سندن سامهون بيهي رهندي هُيم "ائين ڇو؟..." بابا سائين مرڪي پوندو هئو ادا سائين "سوري" چوندو هئو ۽ امڙ چڙي پوندي هئي.
جنهن ڪري بابا سائين وٽندو هئو. ادا سائينءَ کي جو بہ ڪتاب، رسالو چوان آڻي ڏيندو هئو پوءِ لائبريريءَ مان ڪتابن جو سيٽ ڇو نہ آڻڻو پوي آڻي ڏيندو هئو ان ڪري پنهنجي ادبي ائڊريس ۾ ادا جو نالو ئي استعمال ڪيم.
جيڪڏهن بهادر ڪامياب مرد پويان ڪنهن عورت جو هٿ آهي تہ هر ڪامياب عورت پويان بہ ڪنهن مرد جو هٿ ضرور هوندو آهي.
پهريان لکيو اٿم تہ پاڻ جيترين سان ڪڏهن بہ دوستي ٿي نہ سگهي. فطري طور پنهنجو پاڻ ۾ رهڻ ڪري پاڻ مان نڪري ڪنهن ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌائي نہ سگهيم ۽ پنهنجي اندر ۾ ئي سدائين هڪ ميلو متل محسوس ڪيم. جنهن بہ دوست هٿ وڌايو پاڻ ئي اڃي هٿ وڌايو پوءِ جيڪي مون کي سمجهي نہ سگهيون سي پويان پير ڪري ويون ۽ جن مون کي سمجهيو تن لاءِ آئون کليل ڪتاب ۽ هُو مون لاءِ بيد مشڪ جي خوشبودار وڻ جيان آهن جن ۾ شبانہ سنڌي جو نالو آءٌ فخر سان کڻي سگهان ٿي.
منهنجي وڏي عمر جي امڙين ۽ نانين جيترين عورتن سان دوستي بنا هٿ وڌائڻ جي ٿيندي رهي آهي.
ڏاڏي سائڻ جون مريدياڻيون يا سلائي لاءِ ايندڙ مائيون ايندين آهن ۽ هڪ ڪٽ تي ويهي ڪچهري ڪنديون رهيون آهن. پوڙهيون پوڙهيون پيارڙيون مائيون جن جي ڪنن ۾ چانديءَ جا پنڙا ۽ واليون پاتل هونديون آهن. ٻانهن ۾ چانديءَ، آچ جا ڪنگڻ، ڪڙا ٻانهيون، چولن تي گج يا پاسي ڳچيءَ تي هر مچي سان پاسا پريل هوندا آهن سي مون تي گهور ويندين رهيون آهن ۽ مون ننڍي قد واريءَ کي ياڪر ۾ ڪري پنهنجي ٻانهن ۾ وڪوڙي پنهنجي وجود ۾ لڪائي چونديون رهيون آهن "هيءَ اما تہ نہ آهي، مور آهي مور."
منهنجون اهي پوڙهيون جهونڙيون ۽ پڙن واريون مارواڻيون سرتين جيان رهيون آهن جن کي پنهنجي ٽانون ۾ ڪارائيندي پيارينديءَ رهي آهيان.
انهن لاءِ صندل ٺهرائي رکيو اٿم ۽ پاڻ سان گڏ ويهاريندي آهيان.
گهر وارا چڙي پوندا آهن "سيني کي گڏ ويهاريو آهي ڇا؟... جيڪي خوشيءَ سان پٽ تي ويهن ٿيون انهن کي بہ ڇڪي پير ۾ ويهارين؟..."
منهنجي لکڻين ۾ عالمي يا ديسي معيار آهي يا نہ پر، سدائين سکڻ واري عمل مان گذرندي پنهنجي ضمير جي ڪمٽمنٽ سان لکندي رهي آهيان ڪڏهن بہ لاپرواهيءَ کان ڪم نہ ورتو اٿم. هڪ وقت آيو هئو جنهن ۾ ڪجهہ مايوس ٿي وڃڻ ڪري لاپرواهي ڪرڻ لڳي هيم پر پوءِ ضمير تي بار محسوس ڪري پاڻ سنڀالي ورتو هيم.
مان ٻين لاءِ همٿ ۽ حوصلي جو سبب رهي آهيان. ڪڏهن بہ گهڻو وقت مايوس نہ ٿي هوندم. نہ ڪاوڙيل گهڻي دير رهي سگهي آهي نہ مايوسي. ڪڏهن بہ ڪنهن سان دشمني ڪري نہ سگهيم ڪڏهن بہ ڪنهن کان بدلو وٺڻ جو سوچي نہ سگهيم. وڏي کان وڏو ڏوڪو بہ معاف ڪري وساريو ڇڏيان ۽ مون لاءِ معمولي ڳالهہ جو گل، اونداهي رات

۾ هڪ تارو معصوم ٻار جو ٻاتو ٻول، معصوم ٻار جي معصوم مرڪ، نئون ٽڙندڙ گل، اڏامندڙ پکي، گلن تي ڦيرا پائيندڙ پوپٽ، آسمان ۾ چمڪندڙ چنڊ، مينهن جي ڪڻي، گلن تي پيل ماڪ، ڪا سٺي جهونگار مون کي مايوسيءَ مان ڪڍي نئين خوشي ۽ نئون جذبو ڏيندي رهي آهي ۽ مان ڪنهن به وڏي ڏک يا حادثي مان ائين نڪري ايندي آهيان جيئن ڊيڄاريندڙ خواب ڏسندي ساهه منجهي پوندو آهي ۽ سڪون جو ساهه تڏهن کڻبو آهي جڏهن اک کلندي آهي. هر قلمڪار جي اندر ۾ رولاڪ روح ويٺل هوندو آهي جو سڪون سان ويهڻ نه ڏيندو آهي. ڪڏهن چانڊوڪي رات پراسرار غفا لڳندي آهي، ڪڏهن هيڪلائي مڪليءَ جا مڪان لڳڻ لڳندي آهي ۽ ماڻهن جا آواز ساهه منجهائڻ لڳندا آهن ته ڪا اڪيلي ڪنڊ ڳولهبي آهي.

مان گهڻو وقت هڪ ئي ڪنڊيشن ۾ رهي نه سگهندي آهيان جنهنڪري ڪڏهن ڪڏهن لکڻ مان به بيزار ٿي پيين پنا پاسيرا ڪري رولاڪي ڪرڻ نڪري پوندي آهيان.

مان جيڪڏهن مرد هجان ها ته من جي رولاڪي پڻائيءَ جي پيرن تي ضرور هلائي ها!

جڏهن به رولاڪي ڪرڻ نڪرندي آهيان تڏهن باغباني ڪندي آهيان، تڏهن غزل ٻڌندي آهيان، تڏهن ٻارن سان راند کيڏندي آهيان، تڏهن ڏکهي ڪچهري ڪندي آهيان ڪنهن دوست سان، سلائي ڪرڻ ويهندي آهيان، موتين، ڪلين مان گلدستو يا شوڪيس ناهڻ لڳندي آهيان، بورچيخاني ۾ گهڙي ويندي آهيان، پيڻ کي چيڙائيندي آهيان ۽ وڏا ٽهڪ ڏيندي آهيان ته ننڍي پيڻ چوندي آهي: ”لڳي ٿو هاڻي وڃي لکڻ ويهندينءَ“.

۽ جائي به پنهنجي رولاڪيءَ مان نڪري وري ويهندي آهيان لکڻ!...

مون کي لڳندو آهي مان لکڻ لاءِ پيدا ڪئي وئي آهيان. منهنجي زندگيءَ جو سفر ڪتان به شروع ٿئي ختم اهو ئي قلم تي ٿيندو آهي.

نه ڪي رشتا منهنجو نصيب ٿي سگهيا آهن نه محبتن ۾ خود غرض ٿيڻ آيو آهي. سدائين ڏنو ئي هوندم، وٺڻ ۽ مٺ بند ڪرڻ ڪڏهن به نه آيو. جڏهن به ڏنم مٺ سوڙهي پئي ٿئي تڏهن مٺ کولي ڇڏيم. نه ڪڏهن پوپٽ پڪڙي ڊائريءَ ۾ رکي سگهيم نه پنيوريون پڪڙي مٺ ۾ سوگهيون ڪري سگهيم.

شروعءَ کان مدر ٽريسا جو ڪردار وڻندو هئو. هڪ ڪهاڻي پڙهي هيم ته هڪ بهادر ۽ دلير بادشاهه هڪ رات هڪ عورت جي گهر ڪنهن مجبوريءَ سبب ترسيو ته عورت چيس: ”منهنجي خواهش آهي ته منهنجو پٽ توهان جهڙو دلير ۽ بهادر ٿئي.“

بادشاهه پيرن تي جهڪندي چيس: ”اڄ کان پوءِ مون کي پنهنجو پٽ سمجهه.“

معصوم ٻاراڻي عمر ۾ ٻاراڻي ادب ۾ اها ڪهاڻي پڙهندي ارادو ڪيو هُيم ”مان به بهادر قوم جي بهادر جيجي ٿيندس.“ مان اڄ به لکان پئي ۽ لڳي ٿو مون کي لکڻ لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي ۽ هڪ ڏينهن مون کي جيجي ضرور سڏيو ويندو.

بهرحال زندگيءَ جون سڀ حقيقتون بيان ڪري نٿيون سگهجن بس آئيني ۾ هڪ عڪس ذهن تي پوندڙ هڪ اولڙو آهي جو لفظن ۾ بيان ڪيو وڃي ٿو.

*

رفعت مشرف ابڙو



# هيءَ زندگي يادن جو هڪ وڏو سمنڊ آهي

پنهنجي زندگي جي يادگيرين جي بيشمار حقيقتن جي ٽڙيل پکڙيل موتين کي مون ميڙي ۽ سهيڙي هيءَ چوڏهن موتين جي هڪ مالها جوڙي آهي مون سان پيار ڪرڻ وارن لاءِ هي هڪ تحفو بہ آهي جيڪو ڪين منهنجي ياد تازي ڪرائيندو رهندو. هي زندگي تہ بي بقا آهي پر هي لکڻي لکندڙ کي گهڻي عرصي تائين زنده رکڻ جي هڪ بهترين ڪوشش آهي.

منهنجو جنم ميهڙ شهر جي علمي، ادبي ۽ سماجي خدمتن جي حوالي سان سنڌ ۽ هند جي مشهور بلبل خاندان جي آشيانہ "بلبل هائوس" ۾ تاريخ پهرين سيپٽمبر 1967ع تي سومر جي ڏينهن ڏيڍ بجي منجهند جو ٿيو.

اسان جو ڪٽنب منهنجي بابا ۽ امان ۽ پنجن ڀائرن ۽ هڪ ڀيڻ تي مشتمل هو پر هن وقت منهنجي شادي بعد منهنجو ذاتي ڪٽنب نهايت مختصر آهي. مان منهنجو جيون ساٿي مشرف الدين ۽ منهنجي ڌيءَ ڪشف تي مشتمل منهنجو ڪٽنب سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي سوسائٽي ۾ رهائش پذير آهي.

منهنجو ننڍپڻ ميهڙ شهر ۾ گذريو. بابا ان وقت دادو ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي سيڪريٽري جي عهدي تي مقرر ٿيل هو ۽ ان کان پوءِ سندس مقرري دادو جي ايگريڪلچر فارم تي ريسرچ آفيسر جي حيثيت ۾ ٿي. هو روز آئوٽ بيڪ ڪندو هو. ان کان پوءِ بابا زرعي ترقياتي بينڪ حيدرآباد جو مئنيجر مقرر ٿيو ۽ اسين سڀ اچي حيدرآباد رهياسون. اٽڪل ڇهن مهينن بعد سندس بدلي ٽنڊو محمد خان جي زرعي ترقياتي بينڪ ۾ ٿي ۽ پوءِ اسان ٽنڊو محمد خان ۾ رهڻ لڳاسون.

مان ننڍي عمر کان ڀين ڀارن جي ڀيٽ ۾ ڪجهہ مختلف هيس. چند سالن جي عمر ۾ بہ گهڻو ڪجهہ سوچڻ جي عادت هيم ۽ مهم جُو طبيعت رکندڙ هيس. زندگي کي راند روند ۾ مشغول رکي گذارڻ، سٺن ڪپڙن پائڻ ۽ زيورن جي شوق کي پنهنجي زندگي جو مقصد نہ سمجهندي هيس. زندگيءَ جون حقيقتون ان وقت تہ واضح طرح سمجهہ ۾ نہ ايندڙيون هيون پر هر وقت ڪا نئين ۽ خاص شيءِ ڳولهڻ ۽ ڪو اهم ڪم ڪرڻ جي جستجو ۾ رهندي هيس. جيئن عمر ۽ شعور وڌيو تہ ڪجهہ حقيقتون واضح طرح سمجهہ ۾ اچڻ لڳيون ۽ پنهنجي ابن ۽ ڏاڏن متعلق معلومات بہ وڌي. پوءِ هيءَ ڳالهہ واضح طرح منهنجي ذهن ۾ آئي تہ مان پنهنجن وڏڙن وانگر خدمت خلق جي ڪمن کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بڻائڻ چاهيان ٿي ۽ پوءِ مان پنهنجي وٽ آهر غريبن جي مدد ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪرڻ لڳس. ڪجهہ وقت گذرڻ کان پوءِ خدمت خلق جي خواهش زور وٺڻ لڳي تہ مان بہ پنهنجن بزرگن وانگر هڪ نامور شخصيت ٿيان. بس انهن ڳالهين کي پنهنجي زندگي جو مقصد ڄاڻي اڳتي وڌندي رهيس.

يادون ۽ زندگي جي هر موڙ تي رونما ٿيندڙ اهم واقعا تہ بيشمار آهن، ائين ڪٿي چئجي تہ هيءَ زندگي يادن جو هڪ وڏو سمنڊ آهي. جنهن ۾ ڪجھ يادون هن سمنڊ جي تري ۾ غائب ٿي رهيون آهن. ڪجھ وچ ۾ تري پاڻ کي پاتال ۾ پيهي وڃڻ کان بچائڻ جي جدوجهد ۾ مشغول آهن ۽ ڪجھ يادون وري سطح تي تري زنده رهڻ جا جتن ڪري رهيون آهن ۽ اجا تازيون آهن. انهن يادن کي جلد قلمبند ڪرڻ ضروري آهي نہ تہ اهي سڀ يادون هن سمنڊ جي تري ۾ غائب ٿي وينديون. اهي يادون ئي تہ آهن جيڪي زندگيءَ جي بيڙيءَ کي اڳتي ڌڪڻ ۾ معاون ۽ مددگار آهن. انهن يادن جي سهاري ماڻهوءَ جي اندر ۾ اتساهہ پيدا ٿئي ٿو ۽ هو بهتر کان بهتر ڪم ڪري سگهي ٿو.

ننڍي عمر کان بابا ۽ امان سچائي، ايمانداري ۽ اورچائي جو درس ڏنو ۽ سٺي تربيت ڪيائون سڀ کان اهم ڳالهہ اها تہ گهر جو ماحول سٺو مليو نيڪيءَ جون ڳالهيون ڪيون وينديون هيون. جنهن جو اثر تہ ضرور ٿيندو. پرائمري تعليم دوران منهنجي هڪ سٺي ۽ پياري سهيلي هڪ لنچ باڪس اسڪول مان لڌو ۽ مون کي ڏيکاري چيائين تہ ڪيس لنچ باڪس نہ هجڻ جي حسرت هئي جيڪا هاڻي پوري ٿي وئي. مون کيس مشورو ڏنو تہ هي لنچ باڪس مِس جي حوالي ڪري ڇڏ تہ هوءَ اسڪول ۾ اعلان ڪرائي لنچ باڪس سندس مالڪ تائين پهچائي ڏيندي، پر منهنجي مشوري تي هن عمل نہ ڪيو ۽ لاچار ٿي مون اها سموري حقيقت مس کي ٻڌائي. مِس ان ڇوڪري کي سزا بہ ڏني ۽ لنچ باڪس ڪانئس ڦري اصل مالڪ تائين پهچائي ڇڏيو. مون کي هن عمل تي ڏاڍي خوشي محسوس ٿي پر منهنجي سهيلي مون کان ڪاوڙجي وئي. جنهن جو ڪوبہ ڏک مون کي نہ ٿيو.

هڪ ڀيري هڪ رڪشا مان مون کي ۽ منهنجي ور مشرف الدين کي هڪ پرس مليو جنهن ۾ تمام گهڻا سونا زيور پيل هئا. شاديءَ جي موقعي لاءِ ٺهرايل اهي زيور مالڪن کان ان رڪشا ۾ رهجي ويا هئا جنهن رڪشا ۾ اسين چڙهيا هئاسين. پرس تي اسان جي نظر پئي جيڪا اسان مالڪ کي ڏيڻ چاهي پر اتي ڪوبہ ماڻهو نظر نہ آيو. اسان پرس گهر ۾ اچي کولي ڏٺي جنهن ۾ سوناري جي حساب وارو ڪاغذ پيل هو ۽ ان تي مالڪ جو نالو ۽ فون نمبر بہ لکيل هو. هنن زيورن جي مالڪياڻي ٺٽوي سائينداد جي سرهندي خاندان جي هڪ خاتون هئي. اسان ان مهل کيس فون ڪري اطلاع ڏنو تہ سندن زيور اسان وٽ محفوظ آهن. سندن ائڊريس معلوم ڪري ٻئي ڏينهن صبح جو سوير اسان اهي زيور مالڪن کي پهچايا. هن عمل تي ڏاڍي خوشي محسوس ٿي. زيور پندرهن ويهہ تولن کان گهٽ نہ هئا. ان کان پوءِ هن خاندان سان اسان جا تعلقات وڌيڪ مستحڪم ٿي ويا ۽ اڄ تائين قائم آهن. هن خاندان سان اسان جي بزرگن جا تعلقات وڏي عرصي کان عقيدت مندانہ رهيا آهن. ٺٽوي سائينداد جي بزرگ هستين ۾ سائين آغا عبدالرحمان جان سرهندي، سائين آغا محمد حسن جان سرهندي ۽ سائين شاهہ آغا جان سرهندي (عبدالله جان) سان منهنجي پڙ ڏاڏن رئيس شمس الدين "بلبل"، ڏاڏي رئيس ضياءُ الدين "بلبل" جا تمام سٺا تعلقات هئا. منهنجو بابا سائين شاهہ آغا جان جو معتقد هو ۽ وٽس هر آچر جي شام حاضري

**رئيس شمس الدين بلبل فائونڊيشن ۾ سلائي پرت ۽ هنري ڪم في سبيل الله سيکاريا وڃن ٿا. سلائي لاءِ ڪپڙو ۽ ٻيو گهربل مٽيريل سينٽر فراهم ڪري ٿو. ڪپڙا تيار ٿيڻ کان پوءِ اهي مارڪيٽ ۾ فروخت ڪيا وڃن ٿا ۽ انهن جي سموري رقم ڪپڙن سبڻ ۽ تيار ڪرڻ وارن کي ڏني وڃي ٿي.**

ڏيڻ لاءِ ويندو هو. بابا ان وقت ٽنڊو محمد خان زرعي ترقياتي بينڪ جو مئنيجر هو سائين شاهه آغا جان هن پراڻي تعلقات سبب بابا سان گهڻي شفقت سان پيش ايندا هئا. رات جي ماني پاڻ سان گڏ کارائي پوءِ کين وڃڻ جي اجازت ڏيند اهئا. سائين سعيد جان سرهندي سياسي شخصيت هو ۽ بابا جو بي تڪلف دوست هو. سائين شاهه آغا جان جا ٻه خط منهنجي ڏاڏي رئيس ضياءُ الدين بلبل ڏانهن لکيل بلبل لائبريري ۾ اڄ تائين موجود ۽ محفوظ آهن.

منهنجي ابتدائي تعليم حيدرآباد لطيف آباد جي ”جيڪ ۽ جل“ اسڪول ۽ ان کان پوءِ سنڌ يونيورسٽي جي ماڊل اسڪول حيدراباد ۾ ٿي. ان کان پوءِ ميهڙ جي هاءِ اسڪول ۾ پڙهيس ۽ ان بعد لاڙڪاڻي جي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ۾ پڙهيس. لاڙڪاڻي جي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج مان انٽر جو امتحان ڏئي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ داخلا ورتم. سنڌ يونيورسٽي مان گريجوئيشن جي ڊگري سوشيالاجي جي مضمون ۽ پوسٽ گريجوئيشن جي ڊگري سائڪالاجي جي مضمون ۾ پاس ڪيم. هي ٻئي ڊگريون منهنجي خدمت خلق وارين مصروفيتن ۾ مون کي ڪم اچي رهيون آهن. شايد قدرت منهنجي چونڊ هنن ڪمن لاءِ ڪري مون کي اهڙي تعليم حاصل ڪرڻ جي ترغيب ڏني هئي.

منهنجي شادي منهنجي ننڍي پڦي جي فرزند مشرف الدين سان تاريخ 29 اپريل 1990ع تي ٿي. ان دوران مون پڙهائي ختم نه ڪئي. منهنجي ور مشرف الدين کي نوڪري او جي. ڊي سي اسلام آباد ۾ ملي جنهن ڪري هو گهڻو وقت اسلام آباد رهڻ لڳو ۽ آئون پنهنجي پڙهائي مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهيس ۽ آخر مون پوسٽ گريجوئيشن جي ڊگري سنڌ يونيورسٽي مان حاصل ڪري ورتي. ان کان پوءِ منهنجي نياڻي ڪشف منهنجي زندگي جو حصو ۽ منهنجي توجهه جو مرڪز بڻجي وئي. سندس ولادت بعد منهنجو سمورو توجهه سندس پرورش طرف رهيو. شادي متعلق منهنجو ذاتي رايو اهو آهي ته جوڙي کي هڪ ٻئي کي سمجهڻ جو موقعو مائٽن جي نگراني ۾ ضرور فراهم ڪرڻ گهرجي جيئن هو هڪٻئي کي سمجهي سگهن ۽ پنهنجي حتمي راءِ ۽ فيصلو ڪري سگهن. ٻنهي جي رضامندي منهنجي خيال ۾ ضروري آهي. اهڙي شادي گهڻو ڪري ڪامياب ٿئي ٿي ۽ گهرو ماحول خوشگوار رهي ٿو. ٻي صورت ۾ سمجهوتو ۽ گذارو ڪرڻو پوي ٿو. جلد بازي واري شادي ۾ ڪافي مسئلا جنم وٺن ٿا ۽ زندگي جي آخري وقت تائين سلجهن نه ٿا. عمر ڀر جو درد بڻجي وڃن ٿا ۽ پورو گهراڻو انتشار جو شڪار رهي ٿو.

ٻارن جي پرورش به گهڻي سوچ ۽ توجهه سان ڪرڻ گهرجي ان لاءِ ماءُ جو تعليم يافته هجڻ ضروري آهي. سٺي ماءُ ۽ سٺي زال لاءِ اهو ضروري آهي ته هوءَ ٿورو گهڻو ماهر نفسيات هجي ۽ پنهنجي ڪٽنب جي پسند ۽ ناپسند جو اندازو لڳائي ۽ سندن لاڙن کي

ذهن ۾ رکي ائين هلي. ماءُ سلجهيل ۽ سٺي ذهن جي هوندي تہ پنهنجي اولاد جي تربيت سٺي نموني سان ڪري سگهندي ۽ اولاد بہ سٺي سوچ رکندڙ ٿيندو. ماءُ جو رويو پنهنجي اولاد سان دوستاڻو هجڻ گهرجي. مون پنهنجي ڌيءَ کي هڪ شفيق ماءُ ۽ هڪ سٺي دوست جو احساس ڏنو آهي. سندس خيال رکان ٿي ۽ سندس پسند ۽ ناپسند جو بہ لحاظ رکي ان موجب هلان ٿي. هت اها ڳالهہ ضروري ٿي تہ هن معاملي ۾ زال ۽ مڙس جو هڪجهڙي سا سهڪار هجڻ ضروري ٿئي ٿو. گهڻو ڪري ٿيندو ائين آهي تہ ڪٿي ماءُ ٻيجا ٻار جي طرفداري ڪندي ۽ ڪٿي وري پيءُ ٻار جي ٻيجا طرفداري ڪري ٻار جي شخصيت کي بگاڙڻ جو سبب بڻبو آهي. منهنجو جيون ساٿي گهڻو بردبار، سمجهہ وارو ۽ ساٿ ڏيندڙ آهي ۽ هر مسئلي ۾ منهنجي رهنمائي ڪندڙ آهي. اسان جو گهرو ماحول نهايت سادو ۽ صاف سٿرو آهي.

اسان جي گهر ۾ هوٽل ۽ بيڪري جي تيار ٿيل ڪابہ ڪائڻ پيئڻ جي شيءِ نہ ايندي آهي ۽ نہ ئي استعمال ڪئي ويندي آهي. فارمي مرغي اسان جي گهر ۾ نہ ايندي آهي. ڪمپنين جو تيار ڪيل گيهہ اسان جي گهر ۾ ڪتب نہ ايندو آهي. گهر جو مکڻ ۽ گيهہ يا پنهنجو پيڙايل سرنهن جو تيل کائڻ جي ڪم ايندو آهي. گوشت بہ ڇيلو خريد ڪري پنهنجي سامهون ذبح ڪرائي ان جو استعمال ڪيو ويندو آهي. سبزيون ۽ مڇي اسان جي پسند جا کاڌا آهن. حرام حلال ۽ صاف سٿري شيءِ جي سڃاڻپ جو اسين گهڻو خيال رکون ٿا. اسان جي نياڻي هن معاملي ۾ اسان کان بہ وڌيڪ سخت آهي.

چند سال ٿيندا جو اسان جو ننڍڙو ڪٽنب عمرو ۽ حج جي سعادت بہ حاصل ڪري چڪو آهي. اسان جو گهرو ماحول کائڻ، پيئڻ، اٿڻ، ويهڻ ۽ پوشاڪ جي معاملي ۾ نهايت سادو آهي. روزا، نماز، تلاوت جي پابندي اسان جي ترجيحات ۾ شامل آهن. هن معاملي ۾ اسان جي نياڻي اسان کان گهڻو اڳتي آهي. اسين ڪيس فالو ڪيون ٿا. رزق حلال کائڻ جا حامي ۽ ڪوشآن آهيون. ڪٽنب نهايت مختصر آهي ۽ اسان جون ضرورتون تمام محدود آهن. ڏيکاءُ ۽ پنهنجي وت کان وڌيڪ نمائش ڪرڻ جي خلاف آهيون. منهنجي ور جي ماهوار پگهار اسان جي محدود ۽ سادي گذران لاءِ اسان کان تمام گهڻي آهي پوءِ اسين حرام مال کائي جهنم ۾ سڙڻ کي ترجيح ڇو ڏيون؟ حرام مال مان پليل گوشت جنت ۾ داخل ٿي نہ سگهندو. هي قول آهي منهنجي آقا ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جو. اسان جي پگهار مان جيڪا رقم بچندي آهي اها خيرجي ڪمن ۾ ڪتب ايندي آهي. منهنجو ور مشرف الدين او جي ڊي سي ۾ چيف انجنيئر آهي. سندس پگهارمعقول آهي. پگهار کان علاوه بونس بہ ملندو آهي اسان لاءِ اها رقم ڪافي آهي جيڪڏهن حرام کائڻ چاهي تہ مهيني ۾ پنج ڏهہ لک وڏي ڳالهہ ڪونہ آهي پر رب اسان کي حرام مال کان پنهنجي حفظ و امان ۾ رکيو آهي. اڳتي بہ ڪيس پارت آهي.

مشرف الدين جي تقرري او جي ڊي سي ۾ 17 گريڊ ۾ ٿي هئي. ان وقت هڪ دفعي مشينري جي خريداري ۾ ڪمپني وارن بہ لک روپيہ لفافي ۾ وجهي ڪيس ڏنا تہ هيءَ ڪميشن بہ سيڪڙو جي حساب سان ٿهي

آهي. مشرف الدين کين چيو تہ اهي پئسہ بل ۾ رعايت جي مد ۾ لکو مون کي نہ گهرجن. جڏهن اها رقم واپس ڪئي ۽ اها خبر ان ڪمپني (اسپينسر اينڊ ڪمپني) جي ايم ڊي کي پئي تہ هو پاڻ مشرف الدين وٽ اٿي آيو ۽ کيس چيائين تہ "جيڪڏهن اوهان هي رقم نہ ٿا وٺو تہ پوءِ ڪو تحفو قبول ڪريو" مشرف الدين کيس چيو تہ تحفي ۾ مون کي ماني کارايو پر ان ۾ بہ اهو شرط آهي تہ اوهان بہ منهنجي ماني کائيندا. اسپينرس اينڊ ڪمپني جي ايم ڊي کيس فائيو اسٽار هوٽل ۾ لنچ ڪرائي ۽ جڏهن ايم ڊي اسان وٽ لنچ لاءِ حيدرآباد جي حسين آباد واري علائقي ۾ ذيشان پلازه جي ٽن ڪمرن واري فليٽ ۾ آيو ۽ اچي ماني کاڌي تہ هو حيران ٿي ويو. صوفہ سيٽ جي گديءَ ۾ ٽنگ ٿي پيو هو جنهن ۾ مون پراڻا ڪپڙا وجهي صوفہ جي مٿان چادر وڇائي ڇڏي هئي. پر ايم ڊي صاحب اهو سڀ ڪجهہ ڏسي ورتو هو ۽ فليٽ جي قيمت بہ معلوم ڪيائين. جيڪو اسان کي ان وقت ڏيڍ لک ۾ مليو هو. ايم ڊي مشرف الدين جي شخصيت ۽ سندس ايمانداريءَ کان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ سندس سٺو دوست ٿي ويو. هڪ ڏينهن گيس فيلڊ ۾ موجود مشينري جو ڪو خاص پرزو پچي پيو ۽ گيس ضايع ٿيڻ لڳي. او جي ڊي سي جي چيئرمن ڪوشش ڪئي. ڪمپني وارن کيس چيو تہ اهو پرزو انگلنڊ مان گهرائڻو پوندو جنهن ۾ 10 ڏينهن لڳي ويندا. ڏهہ ڏينهن تمام گهڻا هئا. گيس مسلسل وهي رهي هئي. چيئرمن صاحب ڪاٽي جي منسٽر کي چيو جنهن برٽش حڪومت جي سفير سان رابطو ڪيو پر ڏهن ڏينهن کان اڳ ۾ کين اهو پرزو فراهم ڪرڻ جوآسرو نہ مليو. هي

صورت حال ڏسي مشرف الدين پنهنجي چيئرمن کي چيو تہ سائين جيڪڏهن مون کي اجازت ڏيو تہ مان ڪوشش ڪري ڏسان شايد اهو گهربل پرزو جلد ملي وڃي. چيئرمن صاحب کيس اجازت ڏني ۽ مشرف الدين اهو سمورو احوال اسپينسرس اينڊ ڪمپني جي ايم ڊي سان ڪيو. اتفاق سان انهي ڪمپني جو ڪو چارٽرڊ جهاز پاڪستان اچڻو هو ايم ڊي فون ذريعي اهڙو سمورو انتظام ڪري اهو گهربل پرزو انهيءَ ڏينهن گهرائي مشرف الدين جي حوالي ڪيو. هي فرق آهي بي ايمان وڏن آفيسرن ۽ ايماندار هڪ ننڍي آفيسر جي عزت ۽ مرتبي ۾. اسان هميشہ عزت کي اهميت ڏني آهي پئسي کي نہ. رئيس شمس الدين بلبل فائونڊيشن جو قيام منهنجو پراڻو خواب ۽ منهنجي زندگيءَ جي اهم مقصدن مان هڪ مقصد هو. مان چاهيان ٿي تہ آئون پنهنجن بزرگن جو نالو قائم رکان ۽ انهن جي نقش قدم تي هلي غريبن ۽ ضرورتمندن جي سهائتا ڪريان ۽ پر گهور لهان. الله تعاليٰ جيڪڏهن چاهي تہ سڀ امير هجن ۽ غريب ڪوبہ نہ هجي تہ هي ڳالهہ هڪ سيڪنڊ اندر ممڪن ٿي سگهي ٿي. پر غريب ۽ امير بہ طبقا پيدا ڪرڻ ۾ سوين مصلحتون موجود آهن.اميرن جو امتحان وٺڻ بہ مقصود آهي تہ هو پنهنجي دولت غريبن ۽ مسڪينن جي امداد ۾ خرچ ڪن ٿا يا نہ؟ ۽ غريبن جو امتحان بہ مقصود آهي تہ هو الله تعاليٰ جي ڏنل رزق تي راضي ۽ صابر آهن يا نہ؟ ۽ وڏيڪ مال دولت ملڻ تي سندس شڪر ڪن ٿا يا نہ؟ مقصد تہ هي دنيا امتحان هال آهي. جتي سڀني بندن جو امتحان ورتو وڃي ٿو. جيڪو هن امتحان ۾ پاس اهو جنت جو حقدار ۽ جيڪو فيل

**هي سينٽر مستحق ماڻهن کي پنهنجن پيرن تي بيهارڻ جو خواهان آهي ۽ ماڻهن ۾ پنڻ جي عادت وجهڻ جي خلاف آهي . ان ڪري بيروزگار ماڻهن کي روزگار فراهم ڪرڻ جي خيال کان ڪين گڏهہ گاڏا وٺي ڏنا ويا آهن رڪشا وٺي ڏنا ويا آهن ۽ اهڙي قسم جون سهولتون مهيا ڪيون ويون آهن جيئن هو پنهنجو روزگار ڪري سگهن ۽ پنڻ جي منجهن عادت نہ پوي.**

اهو جهنم رسيد.

اسان جو ادارو ”شمس الدين بلبل فائونڊيشن“ في الحال ڪنهن بہ اداري جي مالي مدد ڪانسواءِ هلي رهيو آهي. اسان اڄ تائين هڪ رپيو بہ ڪٿان امداد طور نہ ورتو آهي. پر جيڪڏهن ڪنهن اداري مالي مدد ڪئي تہ پائي پائي هن اداري جي بهتري ۽ بهبود تي خرچ ڪئي ويندي. اسان کي پنهنجي لاءِ ڍونڊ گڏ ڪرڻ جو ڪوبہ شوق ۽ ضرورت نہ آهي. مال ملڪيت جيڪا الله جي راهہ ۾ خرچ نہ ٿئي اها ڍونڊ برابر آهي.

رئيس شمس الدين بلبل فائونڊيشن ۾ سلائي پرت ۽ هنري ڪم في سبيل الله سيکاريا وڃن ٿا. سلائي لاءِ ڪپڙو ۽ ٻيو گهربل مٽيريل سينٽر فراهم ڪري ٿو. ڪپڙا تيار ٿيڻ کان پوءِ اهي مارڪيٽ ۾ فروخت ڪيا وڃن ٿا ۽ انهن جي سموري رقم ڪپڙن سبڻ ۽ تيار ڪرڻ وارن کي ڏني وڃي ٿي. سينٽر انهن کان ڪپڙي، ڏنل مٽيريل ۽ مشينن جي عيوض پئسا نہ ٿو وصول ڪري. ڪمپيوٽر جي سکيا بہ مفت فراهم ڪئي وڃي ٿي. بيوٽي پارلر ۽ ڪڪنگ جي سکيا بہ مفت ڏني وڃي ٿي. قرآن شريف جي تعليم جو بندوبست بہ هن سينٽر ۾ سٺي نموني ڪيو ويو آهي. جيڪي بي سهارا عورتون هن سينٽر ۾ هنري ڪم سکي رهيون آهن ۽ سنيٽر ۾ ئي رهڻ پسند ڪن ٿيون تہ ڪين رهڻ جي اجازت سان گڏ سيڌو بہ فراهم ڪيو وڃي ٿو پاڻ پچائي پاڻ کائين. سينٽر ۾ رهائش ۽ بورچيخاني جو انتظام موجود آهي.

هي سينٽر مستحق ماڻهن کي پنهنجن پيرن تي بيهارڻ جو خواهان آهي ۽ ماڻهن ۾ پنڻ جي عادت وجهڻ جي خلاف آهي . ان ڪري بيروزگار ماڻهن کي روزگار فراهم ڪرڻ جي خيال کان ڪين گڏهہ گاڏا وٺي ڏنا ويا آهن رڪشا وٺي ڏنا ويا آهن ۽ اهڙي قسم جون سهولتون مهيا ڪيون ويون آهن جيئن هو پنهنجو روزگار ڪري سگهن ۽ پنڻ جي منجهن عادت نہ پوي. مسترين کي اوزار وٺي ڏنا ويا آهن. غريب ڇوڪرين جي ڏاج جي سامان وٺي ڏيڻ ۾ مدد ڪئي ويندي آهي. مطلب تہ هي سينٽر پنهنجي وت آهر مسڪين ۽ نادار ماڻهن جي بنا ڪنهن غرض ۽ لالچ جي في سبيل الله مدد ڪري ٿو. غريب مريضن کي رت فراهم ڪيو وڃي ٿو. هن قسم جو رڪارڊ اسان وٽ موجود آهي. ڪوبہ شخص يا ادارو ڏسڻ چاهي تہ ڏسي سگهي ٿو.

صرف الله تعاليٰ جي خوشنودي حاصل ڪرڻ هن اداري جو نصب العين آهي. هي ادارو سؤ سيڪڙو خيراتي ۽ فلاحي ادارو آهي. اڪثر قرض ڏيندڙ ادارن ۽ اسپتالن جي بورڊن تي لکيل هوندو آهي، خيراتي ۽ فلاحي ادارا پر ماڻهن جي ابتي کل لاهيندا آهن. هن قسم جو ڪوبہ ڪم هن سينٽر ۾ نہ ٿو ڪيو وڃي.

*

گلشن ”سنڌو“

# روشن تارا جون روشن يادگيريون



**پنهنجي ڪجهه خوشگوار لمحن جون يادگيريون آءٌ اڄ هتي پنهنجي پڙهندڙن سان شيئر ڪنديس اهي لمحا جيڪي 2002_1996ع تائين روشن تارا اسڪول سان وابسته رهندي گذاريا.**

جيون جي ارتقا ڪان وٺي هر ڏينهن گذري ويل پَلن ۾ بدلجي يادن جو روپ پهري يادگيرين ۾ تبديل ٿيندا آهن انهن يادگيرين ۾ ڪنهن جا وڇوڙا به هوند آهن تڪليفون به هونديون ته ڪن يادگيرين جو تعلق ڏکن سان هوندو آهي. اهي سڀ يادگيريون ”تلخ يادگيريون چئي سگهجن ٿيون ۽ ڪي يادگيريون وري خوشين ۾ گذرنديون آهن جيڪي خوبصورت لمحا بنجي وينديون آهن جن کي ”خوشگوار يادگيريون. چئبو آهي ۽ جيون انهن ٻن قسمن جي يادگيرين جو نچوڙ آهي. پنهنجي ڪجهه خوشگوار لمحن جون يادگيريون آءٌ اڄ هتي پنهنجي پڙهندڙن سان شيئر ڪنديس اهي لمحا جيڪي 2002_1996ع تائين روشن تارا اسڪول سان وابسته رهندي گذاريا.

مون کي ياد آهي ته مون 95ع ڌاري انٽر سائنس جا پيپر ڏيئي گهر جي بوريت ڪان بچڻ لاءِ جاب ڪرڻ جو سوچيو هئم شروع ڪان وٺي تعليم سان لڳاءُ هجڻ ڪري. گهر ۾ ويهڻ بجاءِ سوچيم ڇو نه ڪنهن پرائيوٽ اسڪول ۾ ٽي جاب لاءِ Apply ڪجي هونئن به 1992ع ۾ امڙ جي وڇوڙي کان پوءِ گهر ويهڻ ڪنهن عذاب کان گهٽ نه هو. گهر ۾ سڄو ڏينهن به ڪيئن گذري ها. ذهن جي انهيءَ سوچ کي ته ”جاب ڪريان“ حقيقت ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ مون سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن برانچ دادوءَ جي روشن تارا اسڪول ۾ ڊسمبر جي پهرين عشري ۾ انٽرويو ڏنو. آيل ايترين سارين ڇوڪرين (تقريباً 35_30) کي ڏسي ته شايد هتي به ميرٽ هلندي الائي نه... يا ته سفارش هلندي.. ۽ اسان ذهين ماٺهو رهجي ويندا سين. بهرحال مون Written انٽرويو سٺو ڏنو ۽ منهنجي حساب سان اورل به منهنجي زبردست ٿي هئي پر پوءِ به هڪ گمان هو ته خبر ناهي Selection ٿئي الائي نه... ۽ آءٌ ڊسمبر جي آخري ڏهي(10) ۾ پنهنجي Sister ڏانهن ڪراچيءَ هلي ويس اتي منهنجي هڪ Friend فون تي ٻڌايو ته تنهنجي Selection روشن تارا اسڪول ۾ ٿي چڪي آهي ۽ ڇوڪريون سليڪٽ ٿيون آهن هڪ تون ۽ ٻئي نمبر تي بي ايس سي پاس ڇوڪري آئي آهي. مون کي ته يقين ئي نه پئي آيو ته آءٌ به هاڻي ٽيچر ٿي وئي آهيان آءٌ ڏاڍي خوش ٿيس مون کي 1_1_1996 تي نوڪري جوائن ڪرڻي هئي نوڪريءَ جو آرڊر گهر پهچي چڪو هو آءٌ 31 ڊسمبر تي پنهنجي پيٽيوي سان گڏ دادو پهتس. پهرين جنوري 1996ع تي مون روشن تارا اسڪول ۾ نوڪري Join ڪئي ۽ آءٌ روشن تارا ۾ ٽيچر جا

فرض انجام ڏيڻ شروع ڪيا. انهن ڏينهن ۾ اسڪول جو پرنسيپل سر سومر ميمڻ ۽ سگا جو چيئرمن سر نور محمد سومرو هو. (Management) تمام شفيق، مهربان ۽ ڪو آپريٽو هئي. سر سومر سيني ٽيچرس جو خيال پنهنجي اولاد وانگر رکندو هو. مون کي ياد آ تہ پهرئين ڏينهن سر سومر مون کي چيو تہ پٽ! تون ايترو ڪلاس جو لوڊ نہ کڻي سگهندين ۽ ان ڪري هيءَ مهينو تنهنجي ڪلاس جي فيس جو حساب مون وٽ هوندو پر ايندڙ مهيني کان تون خود حساب ڪتاب رکجانءِ. مون چيو جي سر! ان وقت مون کي سر سومر پنهنجي والد صاحب وانگر محسوس ٿيو. 2002ع_1996ع تائين جيڪي بہ ڏينهن روشن تارا ۾ پنهنجي ٽيچرس سان گڏ گذريا اهي يادگار هئا.

1996ع جي ڊسمبر جي وئڪيشن ۾ هالا اسڪول ۾ اسان جي ٽريننگ رکي وئي هئي جيڪا Skill تي هئي ۽ اها Learning & Listening Faran Education Society وارن رکي هئي جنهن ۾ آل سنڌ روشن تارا اسڪولز جا استاد حصو وٺي رهيا هئا. اسان سيني ان ٽريننگ ۾ ڪافي ڪجهہ سکيو بہ ۽ ٽريننگ ختم ٿيڻ کان پوءِ شام جي ٽائيم ۾ ويهي ليسن پلان ٺاهيندا هئاسين. ان دوران جيڪڏهن ڪا ٽيچر ڪو مذاق ڀريو جملو ڳالهائيندي هئي تہ سڀ ٽيچرس ٻارن وانگر کلندا هياسين سچ تہ اها عمر بہ ڏاڍي بي فڪري واري عمر هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن جو ٽريننگ جي دوران ليسن پلان ڪلائي وجهندو هو تہ ڪڏهن ڪنهن جي Motivation جو طريقو اهڙو هوندو هو جو ڪِل نڪري ويندي هئي ۽ ڪڏهن وري ڪو سخت سر ليسن ڏيندو هو تہ ڏاڍي فرمانبرداريءَ ۽ غور سان ٻڌندا هئاسين. رات جو ڪڏهن اسان سڀ ٽيچرس پاڻ ۾ ويهي انتاڪشري کيڏندا هئاسين ۽ مون کي ياد آهي تہ انهن ڏينهن ۾ رجب يا شايد شعبان جي عيد بہ هئي جيڪا اسان سڀ گهرن کان پري گذاري رهيا هئاسين پر اسان کي پنهنجي وڏن جيڪي اتي موجود هيا يعني سر وارا انهن اهو احساس ئي نہ ٿيڻ ڏنو تہ اسان پنهنجي والدين يا بزرگن کان پري آهيون ۽ سر اسان سيني ٽيچرس جي لاءِ ڦٽاڪا ۽ چوڙيون آنديون ۽ سر چيو تہ اوهان اهو نہ سمجهو تہ توهان پنهنجي والدين کان پري عيد ڪري رهيون آهيو. سچ تہ ايتري عزت ملڻ کان پوءِ اسان جي دل اچا بہ وڏي ٿي ويئي. شام ٿيڻ تي اسان عيد کي خوب انجواءِ ڪيو پنهنجن پنهنجن مائٽن سان فون تي ڳالهايوسين ۽ رات جو وري صبح جي ليسن جي تياري ڪرڻ ۾ رُڌجي وياسين. 27 ڊسمبر تي مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ انهي ڏينهن قومي گيتن جي گلوڪار سرمد سنڌيءَ جي دل ڌڪوئيندڙ خبر ٻڌي سين اهو ٻڌي ڪن پل لاءِ جڻ تہ سڄي سنڌ سَڪتي ۾ اچي وئي هجي. ٽريننگ جي آخري ڏينهن سيني پنهنجا ليسن پلان ڏنا ۽ پرفارم پڻ ڪيوسين. ان کان پوءِ الوداعي تقريب ٿي جنهن جي شروعات ۾ مون شاهہ جا ڪجهہ بيت چيا، ان کان پوءِ اسپيچ پڻ ڪيم. انهيءَ ٽريننگ دوران اسان جي نيوز ڪاسٽر محترم سليم ميمڻ ۽ ميڊم شبنم موتيءَ سان ملاقات پڻ ٿي هئي ۽ ائين اها خوشگوار ٽريننگ خوشگوار ماحول ۾ پڄاڻي تي پهتي. اسان جي اسڪول ۾ سڀ ٽيچرس پنهنجي فرض سان سچا هئا. ڪڏهن بہ تعليم واري معاملي ۾

**مون ڏنو تہ منهنجي ڪلاس جي مانيٽر جيئن ئي مون کي ڏنو تہ مسڪرائيندي ڪلاس ۾ هلي ويئي آءُ جيئن ئي ڪلاس ۾ داخل ٿيس تہ منهنجي ڪلاس جي شاگرديا ٽي ٻڪي جو ٻنڻ آن ڪيو تہ ان تي رکيل گلن جون پتيون منهنجي مٿان وکرجي ويون ۽ منهنجو سمورو وجود انهن معصوم محبتن سان معطر ٿي ويو.**

ڪمپرومائيز نہ ڪندا هئا. چيئرمن سر نور محمد ڪان ويندي سر رمضان لنڊ تائين پرنسپل سر سومر ڪان ويندي ميڊم ناهيد ملڪاٽيءَ تائين سڀ تمام Hard Worker هئا ۽ وقتاً فوقتاً اسڪول جي بهتري ۽ Progress لاءِ Meeting رکندا هئا ۽ نہ صرف Meeting ۾ ايجنڊا تي ڳالهايو ويندو هو پر فيصلن تي عمل درآمد بہ ڪيو ويندو هو. اسان جي اسڪول ۾ ILO انٽرنيشنل ليبر آرگنائيزيشن طرفان پڻ ٻن ڏينهن جي ورڪشاپ رکي وئي هئي جنهن ۾ پڻ اسان سکيو تہ (How to read and teach to the children) هڪ دفعي اسان سيني ٽيچرس ڪلاسن ۾ پڙهايو پئي تہ سر چيو تہ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هال ۾ Internet تي هڪ سيمينار هلي رهيو آهي انهيءَ ۾ سيني اسڪولن کي انوائيٽ ڪيو ويو آهي ان لاءِ ڪجهہ ٽيچرس اسڪول ۾ رهن ۽ ڪجهہ ٽيچرس سيمينار ۾ هليون وڃن ۽ اتي Speech وغيره ۾ بہ حصو وٺن. سيمينار ۾ ميڊم آءُ ۽ ڪجهہ ٻيون ٽيچرس هليون. سيمينار ۾ سر مظهر صديقي پڻ آيل هو ۽ هاڻي اسان کي اتي اهو چيو ويو تہ جيڪڏهن ڪو ٽيچر يا ڪا ٽيچر Speech وغيره ڪري تہ ڪري سگهي ٿي. اسان هڪ ٻئي کي ڏٺو اسڪول جي عزت جو سوال هو ميڊم مون ڏانهن ڏٺو ۽ چيو گلشن تون وڃ. آءُ بسم الله ڪري سيٽ تان اٿيس ان ڪان اڳ اناؤنسر نالو پڇي ويو ۽ منهنجو نالو اناؤنس ڪيائين. پهريائين تہ ٿوري گهبراهٽ ٿي چو تہ مون انهن ڏينهن ۾ ڪڏهن ڪمپيوٽر کي ڇُهيو بہ نہ هو ۽ ان جي باري ۾ ڳالهائڻ...؟؟ It's very difficult for me پر مون ڳالهايو ڏهہ منٽ ڳالهايو ۽ خوب ڳالهايو اهو اندازو تڏهن ٿيو جڏهن آخر ۾ شعر پڙهي بس ڪيم تہ سڄو ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هال تاڙين سان گونجي ويو. اسڪول آيس تہ سر بہ شاباس ڏني ۽ ميڊم بہ..." ان ڪري چوندا آهن تہ انسان کي حاضر دماغ هئڻ سان گڏ موضوع تي جيڪڏهن بہ Points بہ اچن ٿا تہ ٻن Points تي ڪافي ڳالهائي سگهجي ٿو پر ان لاءِ "اعتماد" شرط آهي.

سن 2000ع ۾ اسان جي ٽريننگ جيڪا انٽرنيشنل اداري IUCN رکي هئي سا City Gate هوٽل ۾ منعقد ڪيل هئي. ٽن ڏينهن جي هن ورڪشاپ ۾ اسان ماحوليات بابت مفصل معلومات گڏ ڪئي ۽ اهو سکيو سين تہ ان کي پڙهڻ لاءِ ٻارڙن جي ذهن ۾ ڪيئن ويهارجي تہ ماحوليات ڇا آهي...؟ سٽي گيٽ ۾ Stay دوران دري کولي نظر وجهبي تہ سينٽرل جيل ۽ سٽي گيٽ جي وچ وارو رستو مصروف نظر ايندو آهي هر طرف ٽرئفڪ روان دوان ۽ ماڻهو پنهنجي زندگي جي وهنوارن طرف روان دوان نظر ايندا آهن. الوداعي يعني آخري

ڏينهن تي سيني پنهنجا Views ڏنا مون کي شاعري پڙهڻ لاءِ فرمائش ٿي. سيني ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا. آل سنڌ روشن تارا اسڪولز ٽيچرس طرفان نمائندگي ڪندي Speech ڪيم ان ۾ خاص مهمان آبپاشيءَ جو وزير هو. اسان تقريباً 5 وڳي Check out ڪيو ۽ ان ٽريننگ مان سنيون يادون ۽ تعليم لاءِ ڍير مواد ذهن ۾ کڻي گهرن طرف روانه ٿياسين.

روشن تارا اسڪول ۾ جاب ڪندي مون اهو محسوس ڪيو ته سگا اها تنظيم آهي جيڪا ماڻهن جي فلاح بهبوديءَ ۽ نيڪيءَ وارن ڪمن ۾ ڪوشان آهي ڪڏهن اکين جي مفت ڪئمپ لڳرائيندا هئا. ڪڏهن ٻوڏ ستيل ماروئڙن جي امداد ڪندا هئا. ڪڏهن تعليمي ميدانن ۾ ٽريننگس جي Arrangement ڪندا هئا ته ڪڏهن ثقافت کي اجاگر ڪرڻ ۾ رڌل نظر ايندا هئا. هتي مان سر نذير پنڀ جو ذڪر ڪرڻ نه وساريندس جيڪو پڻ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ انسيت رکندو آهي ۽ سنڌي نياڻين جي تعليم جو وڏو حامي هو. مون کان ڪيئن وسرندو اهو شفيق چهرو سر نذير پنڀ جو هڪ دفعي پاڻ ڪراچي مان آيو هو ۽ اسان سيني ٽيچرس کي شفقت وچان مٿي تي هٿ رکيو هئائين. ۽ چيو هئائين ته "توهان سنڌ جون نياڻيون آهيو تعليم لاءِ ڪوشان آهيو آءُ اوهان کي سِليوٽ ٿو ڪريان." سر نذير اڪثر استاد بخاريءَ جو هي شعر چوندو هو ته:

جو قوم جياري، اهو جيئندو رهندو
جو عام اُجاري، اهو جيئندو رهندو
مون کي تاريخ، تقدير ڏني پڪ آهي
جو سنڌ سنواري، اهو جيئندو رهندو.

اسان روشن تارا ٽوئرز ۾ ڏاڍو گهميوسين. تاريخي ماڳن بابت معلومات به مليي. سچل سرمست رحه. شاهه ڀٽائي رحه. مخدوم بلاول، رني ڪوٽ جو قلعو، ڪوٽ ڏيجي جو قلعو معصوم شاهه جو منارو منڇر ڍنڍ، حيدرآباد، ڪراچي جي ايئرپورٽ، سمنڊ، قائداعظم جو مقبرو وغيره گهمياسين انهن ڏينهن ۾ ذهن فريش به رهندو هو ان ڪري وين ۾ انجواءِ ڪندي ٻارڙا به ڏاڍا خوش ٿيندا هئا. هي سڀ يادون ڪنهن خوبصورت ياد گيرين کان گهٽ ناهن.

هينئر جيڪي يادگيري اوهان سان شيئر ڪريان پئي اها يادگيري ڏاڍي پياري ۽ ڏاڍي معصوم آهي. 14 فيبروري جي صبح آءُ اسڪول آيس اسيمبليءَ ۾ بيٺس دعا کان پوءِ Muster Roll تي صحيحون ڪرڻ کان پوءِ سيني ٽيچرس پنهنجا پنهنجا رجسٽر کنيا ۽ ڪلاس ڏانهن وڃڻ لڳا سين انهن ڏينهن ۾ آئون 4th ڪلاس جي ڪلاس ٽيچر هيس. مون ڏٺو ته منهنجي ڪلاس جي مانيٽر جيئن ئي مون کي ڏٺو ته مسڪرائيندي ڪلاس ۾ هلي ويئي آءُ جيئن ئي ڪلاس ۾ داخل ٿيس ته منهنجي ڪلاس جي شاگرديائڻي ٻچي جو ٻڌڻ آن ڪيو ته ان تي رکيل گلن جون پتيون منهنجي مٿان وڪرجي ويون ۽ منهنجو سمورو وجود انهن معصوم محبتن سان معطر ٿي ويو. ٻارڙن جي محبت به ڪيڏي نه بي لوث هوندي آهي پوءِ سيني ٻارڙن هڪ آواز ۾ چيو "هيپي ويلنٽائن ڊي ٽيچر" سچ ته انهن ٻارڙن جي اها انمول محبت اڄ به مون کان نه وسري سگهي آهي ۽ اهو معصوم ويلنٽائن ڊي مون کان اڄ تائين نه وسري سگهيو!!!

*

حسين مسرت شاهہ



# يادگيريون

سرتي! منهنجي يادگيرين جي سفر ۾ ساڻ هلڻ جي ڳالهہ تہ ڪئي اٿئي...! پر هڪ باغيءَ جي يادگيرين ۾ ڇا هوندو پلا...! نہ گلاب جي رنگن جهڙا رنگ، نہ سڳنڌ سان واسيل هيرون، نہ گهاٽن وڻن جون ٿڌيون ڇائون. اُڄ ۽ رُڃ جي سفر ۾ ساڻ هلندي تون ٿڪجي تہ نہ پوندينءَ...؟

زندگيءَ جي هن مصروف دؤر جتي هر ڪو عجيب افراتفريءَ جو شڪار آهي، هر انسان پنهنجي پنهنجي مخصوص سماجي دائرن ۾ رڌل ٿو رهي، ڪوڙ سارين مصروفيتن جي ڳُن ۾ ڦاٿل انسانن وٽ ڪنهن جي ڏک سک ٻڌڻ لاءِ وقت ئي ناهي...! ڪنهن سان نہ ملڻ چاهجي تہ بس بہ لفظ ئي ڪافي هجن ٿا تہ "بزي آهيون." سرتي! منهنجين يادگيرين جو پهريون منظر وڏي حويليءَ جي وڏي ڪليل ڪمري مان شروع ٿو ٿئي جنهن ۾ ساوا ڏنيا هئا. دروازن جي بدران بليو رنگ جون چيريون لڳل هيون هڪ طرف شيشن جي خوبصورت ڪم تي ٺهيل ناسي رنگ جو پينگهو پيل آهي. تي وڏيون ڪٽون جن تي ڳاڙهي رنگ جو جنڊي جو ڪم ٿيل هو. پينگهي جي اڳيان ننڍيون ننڍيون جنڊيءَ جي ڪم تي ٺهيل منجيون رکيل هيون.

سرتي! يادگيرين جي اسڪرين تي اهو منظر ڏاڍو چٽو آهي. پينگهي ۾ امان جيجي (ڦڦي) ويٺي هئي هن جي اڳيان زمين تي هڪ عورت ۽ هڪ مرد هٿ ٻڌي روئي رهيا هئا. تڙپندڙ لڇندڙ عورت پنهنجو رئو لاهي امان جيجيءَ جي پيرن تي رکي ڇڏيو هو. ان ڏينهن جي اداسي ۽ انهن ماءُ ۽ پيءُ جو روئڻ هميشہ احساسن تي حاوي محسوس ڪندي آهيان. انهن جي ڌيءَ گهر ڇڏي ويئي هئي. هو امان جيجيءَ وٽ ان کي واپس ڪرائڻ لاءِ آيا هئا. ٻن ڏينهن کان پوءِ هڪ منظر وري حويليءَ جو وڏو ڪمرو ماڻهن سان ڀريل هو. روئڻ بہ هو تہ ڪاوڙ بہ ڳاڙها ٽِيندڙ چهرا بہ هئا. واپس آيل ڇوڪريءَ کي ڪاري ڪيو پئي ويو. ان کي ماري سرخرو ٿيڻ لاءِ سڀ مرد وڏا اڇا پٽڪا ٻڌي اچي ويٺا هئا. پر امان جيجيءَ جي اڳيان ڪنڌ جهڪيل ئي هئن، هوءَ عورت ان وقت بہ فرياد ڪري ڌيءَ کي نہ مارڻ لاءِ منٿون ڪري رهي هئي. گوڙ کان پاسي تي چپ چاپ پاسي واري ڪمري ۾ ويس. جتي اجرڪ ۾ ويڙهيل هڪ وجود ڏڪي رهيو هو. چهرو ڏسڻ جي ڪوشش ڪيم تہ لڙڪن سان تر ٿيل هئس هوءَ مسلسل روئي رهي هئي، حويليءَ ۾ ڪم ڪندڙ هڪ ماسي مون کي هٿ کان وٺي هن کان پري ڪيو واپس وڏي ڪمري ۾ آيس ۽ امان جيجي جي پينگهي ۾ ويهي رهيس، مون امان جيجيءَ کي هن ڇوڪريءَ لاءِ وڙهندي ڏٺو اُيبون ڪهاڙيون هيٺ ڪري ڇڪيون هيون پر هن روئيندڙ تڙپندڙ اجرڪ اوڍيل ڇوڪريءَ جي نجات نہ ٿي سگهي. جان بچائڻ جو هڪ ئي گس ڪيو ويو مولوي کي گهرايو ويو هن اجرڪ اوڍيل وجود جي ڏکڻ ۾ اجان بہ اضافو ٿي چڪو هو. هن جي

روئندڙ ماءُ ۽ پيءُ جا لڙڪ ته ٻيهي رهيا پر هن ڇوڪري ماٺ نه ڪئي.
هُوءَ منهنجي زندگي جي پهرين ڇوڪري هئي جنهن لاءِ مون لفظ ڪاري ٻڌو جنهن لاءِ دل ۾ شديد ڏک محسوس ڪيم تڏهن سمجهي نه سگهيس ته هي منهنجي اڳيان ڇا ٿي رهيو آهي، هن جي شادي ٻئي هنڌ ڪرائي ويئي.
سرتي! ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هوءَ وري حويليءَ ۾ ويئي هئي. تڏهن به هن جا لڙڪ مسلسل هن جي چهري کي پسائي رهيا هئا. هوءَ امان جيجيءَ کي ڪجهه چئي رهي هئي، پوءِ هوءَ هلي ويئي پر چند ڏينهن ۾ خبر پئي ته هوءَ هڪ دفعو وري به گهر ڇڏي هلي وئي. هن ڀيري امان جيجيءَ هن جي واپسيءَ لاءِ ڪا به ڪوشش نه ڪئي.
سرتي! ننڍپڻ جي عمر ڪيڏي نه بي پرواهه ۽ خوشگوار هوندي آهي پر آئون جنهن ماحول ۾ رهيس اهو منهنجي مزاج کان مختلف هو. آس پاس ٿيندڙ واقعن تي گهڻو سوچيندي ۽ گهڻو تڙپندي هئس.
ها! مون کي ياد آهي اسان جي پاڙي ۾ هڪ گولي ڳنڊي وارو ايندو هو. آئون هميشه ان کان گولو ڳنڊيو وٺندي هئس، گرمين جي ڊگهي ٻپهريءَ ۾ هن جي گاڏي جي ٽن ٽن خوش ڪري ڇڏيندي هئي آئون ٿڌي برف مان مناڻ ختم ٿيڻ کان پوءِ هڪ دفعو وري اُن وٽ وڃي گولي ڳنڊي کي شربت سان رنگين ڪرائيندي هئس، آئون ۽ منهنجي هڪ دوست اسين پنهنجي پسند جا رنگ وجهرائيندا هئاسين. هو ڳاڙهو ۽ سائو رنگ پسند ڪندي هئي، آئون اورنج ۽ پيلو رنگ وجهرائيندي هئس. منهنجي دوست جو پيءُ ڊاڪٽر هو. ان جو گهر ۽ ڪلينڪ گڏ هوندي هئي، هڪ ڏينهن منهنجي دوست ٻڌايو ته رات هن گولي ڳنڊي واري چاچا هاشم جي ماءُ کي زخمي حالت ۾ اسپتال ۾ کڻي آيا هئا. هن پنهنجي ماءُ کي ماريو هو. اسين پنهنجي پاڙي ۾ ٻينا هئاسين ته ان گاڏي جي ٽن ٽن ٻڌڻ ۾ آئي، جنهن تي هميشه ڊڪ پائي اٿندي هئس پر ان وقت شديد چڙ ۽ نفرت جو زبردست احساس ٿيو ۽ مون پنهنجي دوست کي ٻانهن کان جهلي ورتو نه! هاڻ پاڻ چاچا هاشم کان گولو ڳنڊيو نه وٺنداسين. اها منهنجي پهرين بغاوت هئي پهريون خاموش اعلان جنگ، پهريون ڀرپور نفرت جو اظهار. ان وقت مان شايد 5 يا 6 سالن جي هوندس.
سرتي! ڪوڙ سارا واقعا آهن جن مون کي پنهنجي ذات کان پنهنجي ماحول کان پنهنجي سماجي طور طريقن کان باغي ڪري ڇڏيو پنهنجن جي وچ ۾ چڻ ته ڌارين جيان زندگي گذرندي رهي. پردي کان برقعي کان انڪار ڪري حويليءَ جا سُک ۽ ظاهري آرام ڇڏي، پنهنجين سهيلين وٽ حيدرآباد اچي پڙهڻ جو فيصلو به منهنجو هو. جنهن مون کي وڏيڪ اڪيلو ڪري ڇڏيو بابا سائين سخت ناراض ٿيو گهڻي عرصي تائين ڳالهائيندو ئي نه هو.
بغاوت جي پڙڪندڙ باهه اندر جلائيندي هئي ته ڪاغذ قلم ۾ پناهه ڳوليندي هئس. پر زندگي مون کي بي منزل محسوس ٿيندي هئي. هم سخن هم زبان جي ڪمي محسوس ٿيندي هئي ائين لڳندو هو ته هي اُڄ جو صحرا پار ڪندي ڪندي شايد زندگي جا پل به ساٿ ڇڏي ڏيندا.
سرتي! ٿڪجي پئي هوندينءَ مون سان گڏ اُڄ جي سفر ۾ توکي شايد ڪجهه تراوت جي ضرورت محسوس ٿيندي هوندي، ته پوءِ توکي هاڻ ڪنهن

چانوَڻ تي ويهاريان.

سرتي! توکي اُتي وٺي ٿي هلان جتان منهنجي اندر جي بغاوت کي صحيح سمت ملي. منهنجي زندگي ۾ تبديلي تڏهن سيني کي نظر آئي، جڏهن مون ڳالهائڻ شروع ڪيو پنهنجي ان سوچ مطابق جيڪا مون کي اندر ۾ ڳاريندي رهندي هئي.

مون کي پنهنجي سوچ مطابق ڳالهائڻ وومن ايڪشن فورم سيکاريو. هن فورم ۾ شامل ٿيڻ سان منهنجي زندگي جا سڀ ڪم سولا ٿيندا ويا. ان ئي سال مون کي جاب ملي، ان ئي سال سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ M.Phil ۾ منهنجي رجسٽريشن ٿي. ان ئي سال ليکڪ جي حيثيت سان منهنجي سڃاڻپ ٿي. زندگيءَ جي رڃ مان جڻ ڪنهن نخلستان ۾ پهچي ويس، پاڻ جهڙي سوچ ۽ شعور رکندڙ دوستن مون کي سهارو ڏنو.

ڪنهن ننڍڙي ٻار جيان آئون اکيون بند ڪري پنهنجي پسند جي رستي تي هلڻ لڳس. امر سنڌو ۽ عرفانه ملاح جهڙين پرخلوص سهيلين ٻاهرين دنيا جي لاهن چاڙهن کان واقف ڪرائيندي مون کي اڳتي قدم وڌائڻ جو اتساهه ڏنو. انهن ڇوڪرين کي عورتن جي حقن لاءِ جاکوڙيندي ڏسي، مون کي پنهنجي حويلين ۾ قيد عورتن جو به خيال ايندو هو. اهو وقت به آيو جو آئون پنهنجي خاندان ۾ تبديليءَ جي علامت بڻجي ويس. سنڌو ۽ عرفانه جو ساٿ منهنجي لاءِ شناخت جي ذريعي سان گڏوگڏ اعتماد ۾ اضافي جو باعث به بڻيو ۽ انهن ساٿين جي شخصيت منهنجي هر مشڪل ۽ پريشاني اڳيان مضبوط ڍال بڻجندي ويئي. خانداني نالي کانسواءِ صرف پنهنجي نالي سان سڃاڻپ حاصل ڪرڻ، ميڊيا تي اچڻ، لکڻ، مزاحمت جي رستي تي هلڻ، حويلين ۾ هلچل مچائي ڇڏي.

مون ڪڏهن سوچيو ئي ڪونه هو ته منهنجي نالي جو مثال ڏئي بند حويلين مان ڇوڪرين کي اسڪول موڪليو ويندو ۽ صديون پراڻين ريتن ۽ رسمن جي پڄاڻي جو آغاز ٿيندو. جتي، خاندان کان ٻاهر ته ٺهيو پر خاندان اندر به ڇوڪرين جي شادين جو تصور نه هو اُتي اهڙين ڪڏين رسمن لاءِ نندا پيدا ٿيندي.

سرتي! مزاحمت جي رستن تي مسلسل پنڌ جاري رهندو آهي. حقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ جاري رهندڙ جنگ ۾ احتجاج جو جهنڊو کڻي اڳتي هلڻ، مشڪل رستن جو انتخاب منهنجي دل جي خوشي ۽ جيئڻ لاءِ حوصلو بڻجي چڪو آهي. آزمائش جي باوجود اڳتي وڌندي پئي وڃان، واپسي جو ڪو رستو مون ڇڏيو ئي ناهي. منهنجي بغاوت منهنجي اندر به جنگ ڇيڙي ڇڏي آهي، پنهنجي بغاوت کي پاڻ سان گڏ کڻي جيئڻ اوکو ضرور آهي پر بامقصد زندگي کان وڌيڪ ڪا، خوشي ٿي نٿي سگهي. اسين فيمينسٽ رشتن خلاف نه پر رشتن جي چادر ۾ لڪل انهن جبري روين خلاف احتجاج ٿا ڪريون جيڪي، مرد ۽ عورت جي حقن ۾ فرق ڪندڙ ٿا هجن، جيڪي برابري جا انڪاري ٿا هجن ۽ ايترو ته تون به سمجهي سگهين ٿي ته انقلاب ۽ احتجاج جا راهي ڪڏهن سک سان ويهي ناهن سگهندا. منهنجي اندر جي بغاوت مون کي سک سان سمهڻ نه ٿي ڏي، سو زندگيءَ جو رڻ اڃا گهڻو جهاڳڻو آهي. پر يادگيرين جا هي چند ورق في الحال تنهنجي نانءُ ٿيا.

haseenmusarat@yahoo.com

*



پارس ميمڻ

# هاسٽل جون يادگيريون

اسان جڏهن مئٽرڪ پاس ڪئي ته هڪ ڏينهن بابا اسان کي چيو ته ”اوهان ٻنهي ڀيڻن کي حيدرآباد ۾ زبيده ڪاليج ۾ داخلا وٺي ڏيان ٿو اوهين اتي هاسٽل ۾ رهي پنهنجي پڙهائي ڪريو.“

”ٺيڪ آهي جيئن اوهان جي مرضي بابا“ اسان ڪيس جواب ڏنو. پوءِ اسان جي جڏهن زبيده ڪاليج حيدرآباد ۾ داخلا ٿي ۽ هاسٽل به الاٽ ٿي ۽ اسان جي هاسٽل وڃڻ جا ڏينهن ويجها ٿيندا ويا ته اميءَ جون هر هر اکيون پرجي ٿي آيون. ڪيس منهنجو ڏاڍو اُلڪو هو. اميءَ کي منهنجي ننڍي ڀيڻ امرتا پريتم جي پريشاني نه هئي، جو هوءَ ڏاڍي تيز ۽ چالاڪ هئي ۽ گهر کان ٻاهر يا پري به رهي سگهندي هئي پر منهنجي بابا ۽ امي سان گهڻي دل هئڻ سبب، آئون گهر کان پري رهي نه سگهندي هئس. تنهن ڪري امي هر وقت اهو سوچيندي رهندي هئي ته آئون گهر کان پري ڪيئن رهي سگهنديس.

اسان جي وڃڻ جا ڏينهن ويجها ٿيا ته اميءَ اسان کي هر شئي وٺي ڏني، جنهن تي بابا مٺس ڪلندو هو ته هرو ڀرو پئي پئسا وڃائين. هاسٽل ۾ هر شئي هوندي.

بابا کي هاسٽل جي ڪهڙي خبر. پاڻ ته ڪڏهن هاسٽل ۾ رهيو ئي نه هو. سو هو امي کي منع پيو ڪندو هو ته ڪجهه به نه وٺ. پر اسان کي ٿوري گهڻي خبر هئي ته هاسٽل ۾ ڪهڙين شين جي ضرورت پوندي آهي، ڇاڪاڻ ته اسان جي ماسيءَ جي هڪ دوست هاسٽل ۾ رهي هئي، تنهن اسان کي هاسٽل ۾ ضرورت جي شين بابت ٻڌائي ڇڏيو هو.

هڪ ڏينهن جڏهن اسين ناناڻن يعني غلام الله مان موٽياسين ته امي اسان کي ٺٽي جي بازار ۾ وٺي ويئي. جتان هن اسان کي، بالٽيون، ٽب ۽ ٻيو سامان وٺي ڏنو. سامان کڻي جڏهن پنهنجي گهر پهتاسين ۽ سامان بابا کي ڏيکاريوسين ته بابا کان رڙ نڪري ويئي ”هل! ايترو سامان ڪير کڻندو؟“

”اوهان ئي کڻندا... ٻيو وري ڪير؟...“ اسان کلندي چيس.

نيٺ اهو ڏينهن به آيو جڏهن اسين هاسٽل ۾ رهڻ جي لاءِ حيدرآباد روانا ٿياسين. حيدر آباد پهچي مون بابا کان سوال پڇيو ته بابا هاسٽل ڪيئن آهي... ڪاليج هاسٽل کان ڪيترو پري آهي؟“

”ٿوري دير کان پوءِ اوهان پاڻ ئي ڏسي وٺجو.“ بابا مرڪندي وراڻيو.

جڏهن اسين ڪاليج جي گيٽ وٽ پهتاسين ته مون کي پريشاني وٺي ويئي ته الائجي ڪاليج ڪيئن آهي هاسٽل ڪيئن هوندي اندر ماحول ڪيئن هوندو.

بابا اسان کي ٻڌائي ڇڏيو هو ته هاسٽل ڪاليج جي اندر ئي چوديواريءَ ۾ آهي.

ڪاليج جي گيٽ تي پهچي بابا اسان کي اندر وڃي هاسٽل ۾ سامان رکڻ جي لاءِ چيو. ان دوران هاسٽل جي وارڊن مس شاهين جيڪا اسان جو انتظار ڪري رهي هئي. ٻاهر آئي ۽ ڏاڍي سٺي نموني اچي اسان سان ملي. اسين سندس رهنمائي ۾ اندر وياسين ۽ پنهنجي روم ۾ سامان رکي واپس بابا سان موٽي شهر آياسين ته جيئن اسين شوز وغيره وٺي سگهون.

اسين جڏهن شوز وغيره وٺي واپس هاسٽل پهتيونسين ته مس شاهين نه رڳو اسان جو اوسيئڙو ڪري رهي هئي،

پر هن اسان جي لاءِ ماني به وٺي رکي هئي.
ائين پوءِ بابا اسان کي هاسٽل ۾ ڇڏي پاڻ ڳوٺ روانو ٿي ويو.
بابا ويو ته مس شاهين اسان جي روم تي آئي. هن اسان کان خبرون چارون پڇيون. ماني به گڏجي کاڌي. اميءَ ڳوٺان اسان کي ڪڪڙ جي ڪڙهائي ٺاهي ۽ مانيون پچائي ڏنيون هيون. مس شاهين ٿوري دير ويهي، پوءِ اسان کي آرام ڪرڻ جو چئي هلي وئي. مس شاهين وئي ته اسان سامان المارين ۾ ٺاهي رکيو. اسان جي روم ۾ ٽي پلنگ ۽ ٽي ڪبٽ هئا. هنڌ بسترا اسين پنهنجا کڻي آيا هئاسين.
هاسٽل ۾ ماني جو سسٽم هي هوندو هو ته صبح جو ناشتي ۾ پراٺو بيدو ۽ چانهه ملندي هئي. منجهند جو ڪوبه ٻوڙ ۽ به مانيون شام جو چانهه جو ڪوپ ۽ رات جو وري ڪابه ڀاڃي ۽ به مانيون. هاسٽل ۾ پلي هڪ ڏينهن رهجي، پر فيس سڄي مهيني جي وٺندا هئا. سمهڻ کان اڳ روز رات جو حاضري به لڳندي هئي.
پهرين رات اسان جي هاسٽل ۾ گذري. ٻئي ڏينهن صبح جو تيار ٿي اسين ڪلاس ۾ ويون سين. اسان جي ڪلاس ٽيچر هوندڙ ته ڏاڍي سني هوندي هئي، پر ڪاوڙ به ڏاڍي ڪندي هئي. جڏهن به ڪلاس ۾ ايندي هئي ته اسين سندس پيرن جو کڙڪو ٻڌي خاموش ٿي ويهي رهندا هئاسين ۽ هوءَ وري اچڻ مهل سئنڊل جو اينترو ته ٺڪاءَ ڪندي هئي جو جڻ ڪلاس وٺڻ نه پر ساهه ڪيڻ پئي اچي ۽ جڏهن ڪلاس ۾ گهڙندي هئي ته هڪ پير پٽ تي ۽ ٻيو ڪرسيءَ تي رکندي هئي.
هڪ ڏينهن هاسٽل ۾ ڪنهن سبب جي ڪري سمهي نه سگهي هيس، سو ٻئي ڏينهن جڏهن ڪلاس ۾ آيس ته ننڊ سبب هر هر منهنجون اکيون ٻوٽجي ٿي ويون. ڪيمسٽري جو پيرڊ شروع ٿيو ته ٽيچر ڪلاس ۾ آئي. مس اسان کي سلام ڪيو ۽ پوءِ الائجي ڪيڏي مهل ويني ويني ننڊ وٺي وئي. مون سان گڏ ويٺل ماجده مس جي نظرن ۾ اچي وئي. بس پوءِ ڇا مس اسان ٻنهي ڄڻين کي اٿاري بيهاريو ۽ ڪاوڙ ۾ چيو ”گهر ۾ سڄي رات ڏسو ٿي وي ۽ ننڊ وري ڪلاس ۾ اچي ٿيون ڪريو.“
جڏهن ته اسان وراڻيس ”مئڊم! اسين هاسٽل ۾ رهنديون آهيون جتي ٽي وي نه آهي.“
اسان جي ان جواب تي سڄي ڪلاس ۾ ٽهڪڙو مچي ويو ۽ پوءِ مئڊم اسان سان جيڪا ”جٽ ڪئي، بس ڇا ٻڌائجي.“
اسين روم ۾ ٽي ڄڻيون رهنديون هيونسين. ٽئون منهنجي ننڍي ڀيڻ امرتا ۽ شبنم. شبنم جو پلنگ وچ ۾ هوندو هو. امرتا ٿوري جذباتي هئي، سو ڳالهه ڳالهه تي پيون پاڻ ۾ وڙهنديون هيون سين. سو جڏهن اسين وڙهنديون هيون سين ته شبنم جنهن جو پلنگ وچ ۾ هوندو هو اچي ڦاسندي هئي ۽ رڙيون ڪري چوندي هئي، ”ڇوريون! الله ماريو هاڻ سُمهو... ننڊ ڪريو. سڀاڻي ڪاليج به وڃڻو آهي.“
ڪڏهن ڪڏهن ته هيئن ٿيندو هو ته اسين ٽيئي ڄڻيون پاڻ ۾ اچي اٽڪنديون هيون سين ۽ ڪمري ۾ اهڙو ته هُل ڪندا هئاسين جو بس ڪٽي.
هاسٽل ۾ ڏاڍيون پابنديون هونديون هيون. سڄو ڏينهن بند ٿي بند. سو ڏاڍيون بور ٿينديون هيون سين. ٻاهران فقط ان کي ملڻ ڏنو ويندو هو جن جا سڃاڻپ ڪارڊ ۽ فوٽو اڳواٽ ڏنل هوندا ۽ ملڻ لاءِ به رڳو ڇنڇر ۽ آچر جا ڏينهن هوندا هئا. اسان سان ڪڏهن ڪڏهن جيجي ملڻ ايندي هئي يا وري بابا! جيجي ملڻ ايندي هئي ته گهران کانه کا شئي ٺاهي کڻي ايندي هئي ۽ بابا به جڏهن ملڻ ايندو هو ته ٻي شئي سان گڏ فروٽ به وٺي ايندو هو. هڪ ڏينهن بابا آيو ته الائجي ڪٿان ٽڪڙ ۾ فروٽ ورتائين يا فروٽ واري ساڻس ٺڳي ڪري فروٽ ۾

ڪجهه سڙيل فروٽ ملائي ڇڏيو. بابا ته ملاقات ڪري فروٽ وغيره ڏيئي هليو ويو پوءِ اسان جڏهن فروٽ هاسٽل اندر اچي کوليو ته اڌ فروٽ سڙيل هو. پوءِ اسين جڏهن موڪلن ۾ گهر آيون سين ته اها ڳالهه امي کي ٻڌائيسين. جنهن تي اميءَ ڪاوڙ ۾ بابا کي چيو "اروڙيءَ تان فروٽ ميڙي ويو هئين ڇا؟"

فروٽ واري ڳالهه ٻڌي بابا ڏاڍو حيران ٿيو پوءِ اڪثر سڙيل فروٽ واري ڳالهه تان بابا کي چيڙائيندا رهندا هئاسين.

هاسٽل جو رواج هوندو هو ته سينيئرس کي سلام ڪبو هو ۽ کين آپي چئي مخاطب ٿبو هو. سو اسان به سينيئرس کي آپي چوڻ شروع ڪيو ۽ اسين وري جڏهن انٽر ۾ آيون سين ته اسين سينيئر ٿي آيون سين ۽ جيڪي فرسٽ ييئر ۾ نيون ڇوڪريون آيون. تن اسان کي سلام ڪرڻ ۽ آپي چوڻ شروع ڪيو.

آئون اڪثر هاسٽل جي روم مان ٻاهر گهٽ نڪرندي هيس. تنهن ڪري سينيئرس مون کي چونديون هيون ته "پارس! تون ته سڄو ڏينهن روم ۾ مئي پئي آهين. ٿورو ٻاهر به نڪرندي ڪر."

هُنن منهنجي روم ۾ رهڻ واري ڳالهه مس شاهين کي وڃي ٻڌائي. جنهن ڇا ڪيو ته حڪم ڏنائين ته سڀ ڇوڪريون شام جو وٽن کي پاڻي ڏينديون. ان هوندي به پهرين ته آئون لنوائي ويندي هيس پر پوءِ نيٺ روم مان ٻاهر نڪرڻ لڳيس.

پر هاڻي هاسٽل ۾ رهڻ ضروري هو. پر مون کي الائجي ڇو هاسٽل ۾ مزو نه ايندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته پنهنجي منهن پئي روئندي هيس ۽ بيمار به ٿي پوندي هيس. هاسٽل مون کي جيل وانگر لڳندي هئي. هاسٽل جي هڪ سائيڊ کان قبرستان هوندو هو جنهن ڪري به گهٽ ٻڌ ٿيندو هو.

هاسٽل ۾ رهڻ جي دوران هڪ آپي مون کي پيار مان پالو چوندي هئي ۽ ڏاڍو پيائيندي هئي. اتي هاسٽل ۾ هڪ ماسي ۽ هڪ بابا چوڪيدار به رهندو هو جيڪو رات جو دير سان جيڪڏهن اسين جاڳيل هونديون هيون سين ته اسان کي چوندو هو "بابا! چانهه ٿاهيو.. اوهين به پيئو ۽ مون کي به پياريو." ڪير بابا وٽي ايندو هو ۽ باقي چانهه جي پتي ۽ کنڊ اسان جي هوندي هئي.

ماسي به اسان ٽنهي روم ميٽس کي گهٽ پيائيندي هئي. پر ٻين روم ميٽس سان سندس الائجي ڇو نه پوندي هئي. اسان سان ماسي ۽ چوڪيدار بابا ڪچهري به ڪندا هئا. جنهن ۾ هو پنهنجي ڏک سُک جون ڳالهيون به اسان سان شيئر ڪندا هئا ته گهرو معاملن تي به بحث ڪندا هئاسين. ۽ جيڪڏهن اسين هڪ به ڏينهن ماسي سان ڪچهري نه ڪندا هئاسين ته هو اسان تي ناراض ٿي پوندي هئي. اصل ۾ هوءَ اسان سان ڏاڍو هري مري ويئي هئي ۽ اسان سان رهاڻ ڪرڻ سان سندس دل جو بار هلڪو ٿيندو هو.

ائين اسان جو موج مستيون ڪندي، پاڻ ۾ وڙهندي ٺهندي هاسٽل ۾ وقت پيو گذرندو هو.

موڪلن ۾ جڏهن اسين ٻئي پيپرون دڙي ايندي هيون سين ته منهنجي دل واپس وڃڻ تي صفا نه ٿيندي هئي جيتوڻيڪ هاسٽل ۾ ڪا به تڪليف نه هئي.

بابا جي خواهش هئي ته منهنجا سڀ ٻار يونيورسٽي تائين پهچن. سندس اها خواهش هيئن پوري ٿي ته انٽر ڪرڻ کان پوءِ مون انٽري ٽيسٽ ڏني ۽ منهنجي سنڌ يونيورسٽي ۾ داخلا ٿي وئي جتان مون ايم اي سنڌي ادب ۾ ڪئي. جيڪي به ڏاڍيون سُندر يادون آهن. مون کان پوءِ منهنجي ننڍي ڀيڻ امرتا سنڌ يونيورسٽي ۾ داخل ٿي ۽ باٽني ۾ ايم. ايس. سي ڪيائين. سنڌ يونيورسٽي جون يادون وري ڪنهن ٻئي پيري لکنديس.

❊

ثمينہ ميمڻ



# يادگيريون

گلبدن ايڊيٽر سرتيون کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ هُن ماهوار رسالن کان علاوه مختلف وقتن تي سرتيون پاران خاص نمبر جيئن: ڪهاڻي نمبر، شاعري نمبر، انٽرويو نمبر، بينظير ڀٽو نمبر، نصرت ڀٽو نمبر، خيرالنساء جعفري نمبر ۽ امڙ نمبر آندا آهن. هاڻي يادگيريون نمبر شايع ڪري رهي آهي. گلبدن جي سَروس جي ڪيريئر ۾ هيءَ تمام وڏي ادبي خدمت آهي. ۽ هميشہ جيان يادگيريون نمبر بہ يادگار نمبر هوندو. هن ڀيري بہ مون کي حڪم ڪيائين تہ يادگيريون نمبر لاءِ لکي ڏي ۽ جلدي لکي ڏي. سوچيم تہ زندگيءَ ۾ اهڙو ڇا ڪيو آهي جيڪو پنهنجي يادگيرين ۾ لکجي. هڪ عام زندگي، جنهن ۾ جيڪڏهن يادگيرين کي سنڀارجي تہ شايد واقعي ڪتاب لکي وڃجي. پر هڪ سڦل زندگي جيڪا ٻين لاءِ وقف ڪئي هجي اها منهنجي خيال ۾ ايتري نہ آهي.

هونئن بہ مون کي ناول ۽ ڪنهن جي آتم ڪٿا پڙهڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو آهي. ۽ دل اهوئي چاهيندي آهي تہ هڪ ئي وقت پڙهي ختم بہ ڪيان. ۽ ائين ڪندي بہ آهيان. ۽ وري آتم ڪٿا پڙهڻ مهل بہ اهوئي سوچيندي آهيان تہ مان بہ اڳتي هلي ڪو ڪارنامو ضرور انجام ڏيندس. پوءِ ائين ئي آتم ڪٿا لکڻ ويهندس. پر آتم ڪٿا لکڻ لاءِ جڏهن گلبدن چيو تہ مون سوچيو هاڻي آتم ڪٿا لکي سگهجي ٿي يا نہ. اڃا شايد هن کي آتم ڪٿا نہ چوندس ڇو تہ آتم ڪٿا لکڻ لاءِ همت کپي، جرئت کپي ۽ سچ لکڻ لاءِ قلم جي طاقت هجي. ها! ڪجهہ يادگيريون لکي سگهجن ٿيون، جيڪي ذهن تي ڪلڪ ٿينديون وڃن. باقي آتم ڪٿا لکڻ لاءِ تہ لکندس پر ذهني يڪسوئي هجي ۽ وقت گهرجي، بهرحال ڪجهہ يادگيريون ضرور آهن.

منهنجي اسڪول سرٽيفڪيٽ مطابق منهنجو جنم 06-05-1965ع ضلعو نوشهروفيروز ۾ ٿيو ۽ امان-بابا جي چوڻ مطابق مان پرهہ ڦٽيءَ مهل پيدا ٿيس. امان جي اولاد ۾ منهنجو نمبر اٺون آهي. جنهن ۾ پنج ڀائر، قمرالزمان، عنبرالزمان، سڪندر الزمان، امداد ۽ ارشاد ۽ چار ڀينرون، نسيم، زرينہ، حسينہ ۽ مان آهيون. منهنجو ڏاڏاڻو ڪتنب واپاري هئو. پڙهيل بنهہ نہ هئو. باقي ناناڻي ڪُتنب ۾ سڀ پڙهيل ڳڙهيل هئا. منهنجي امڙ سنڌي فائنل پاس هئي. نانا قرآن جو حافظ هئو. منهنجي امڙ جي شادي بہ اسلامي طريقي موجب نياڻيءَ جي وڏي ٿيڻ تي تيرهن سالن جي عمر ۾ ڪئي وئي. جڏهن تہ بابا ٽيهن سالن جو هئو. اڳ ۾ ڏارين ۾ مِٽي نہ ڪئي ويندي هئي، جيڪي پنهنجا ننڍا وڏا هوندا هئا. انهن سان ئي ڪئي ويندي هئي. بابا، امان جو سڱ ۾ سڳو سؤٽ هئو. امان ٻڌائيندي هئي تہ اوهان جو بابا جوانيءَ ۾ ڏاڍو ڏنگو هوندو هئو. پهرئين تہ ڏاڍي ڊڄندي هئس پر پوءِ توهان جو بابا منهنجو خيال ڏاڍو ڪندو هئو ۽ ٻارن ۾ تہ ڇڻ ساهہ هئس. ان وقت بابا

پنهنجو واپار ڪندو هئو. اسان جي امڙ پڙهيل هئي، انڪري پنهنجي اولاد کي بہ پڙهايائينءِ. تربيت بہ سهڻي نموني ڪيائين. پاڙي ۾ امان سُگهڙائپ ۾ هڪ مثالي عورت ليکي ويندي هئي. جڏهن وڏي ڀاءُ اجا اٺ درجا پاس ڪيا تہ بابا جو پانهن ڀيلي ٿيو. ۽ ڪنهن اسپتال ۾ ڊاڪٽر وٽ ڪمپائونڊر ٿيو. ۽ پوءِ ٽئين نمبر واري ڀاءُ بہ انٽر پاس ڪري ماستري ڪئي ۽ ائين بابا کي واپار ڪرڻ کان ويهاري ڇڏيائون. ڇو تہ بابا پنهنجي واپار ۾ ڏاڍو سادو هوندو هئو. ماڻهن کي سامان اوڌر تي ڏئي ڇڏيندو هو تہ وري گهُر بہ ڪونہ ڪندو هئو. ۽ ائين نقصان ۾ نقصان ٿيندو ويندو هئو. هاڻي بابا جي عمر بہ نہ هئي. مون بابا کي پنهنجي سانيڀ ۾ اچي ڏاڙهيءَ سان ئي ڏٺو. امان جي چوڻ مطابق مان جڏهن پنجن سالن جي ٿيس تہ مون کي پنهنجي شهر موري ۾ احمد شاهہ اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو.

منهنجو شمار اسڪول ۾ هوشيار ٻارن ۾ هوندو هئو. مون پنجين ڪلاس ۾ اسڪالرشپ پڻ حاصل ڪئي هئي ۽ پوءِ منهنجي اسڪالرشپ ڪنهن غريب ڇوڪريءَ کي ڏياري وئي هئي. مان ڪلاس ۾ مانيٽر هوندي هئس. ڇهون ڪلاس موري جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ پڙهيس. ننڍي هوندي تہ مان ڏنگي ٻار بلڪل بہ نہ هئس. هڪ دفعي مون کي ياد آهي اسان پاڙي جون ڇوڪريون گڏجي راند "ڪوڪو" ڪري رهيونسين تہ هڪ ڇوڪريءَ کي منهنجي ڊوڙڻ سان ڌڪو اچي ويو. پوءِ تہ ان ڇوڪريءَ مون کي ڏاڍي مار ڏني. جڏهن تہ مون سعيو ڪري هن کي ڌڪو نہ ڏنو هئو پر هن اهو ئي سمجهيو. مان چپ ڪري مار کاڌي هئي، ۽ نہ ئي پنهنجي صفائي پيش ڪئي. جڏهن منهنجي ڀيڻ حسينہ ڏٺو تہ مون مار کاڌي آهي تہ حسينہ ڇوڪريءَ کي پري ڪري ان کي بہ مار ڪئي. مان وري ايتري سادي جو حسينہ کي پئي جهليان تہ تون هن کي ڇو پئي مارين؟ جڏهن گهر آياسين تہ امان جو ڏٺو مون کي منهن تي ڌڪ لڳل تہ پڇڻ لڳي. پر مان ڪچان جهڙي پيت. مون آخر تائين ان ڇوڪريءَ جو نالو نہ کنيو. وري بہ حسينہ ئي ٻڌايو اهو ئي پئي سوچيم تہ وري امان ان جي ماءُ کي شڪايت ڪندي ۽ وري اها ڇوڪري بہ مار کائيندي. مون تہ مار کاڌي سا کاڌي وري هوءَ ڇو مار کائي، غلطي تہ منهنجي هئي جو هوءَ منهنجي ڪري ڪِري پئي هئي. ۽ ائين ئي پنهنجي طبيعت جي ڪري اڄ تائين بہ اعتراف نہ ڪري سگهندي آهيان تہ اها غلطي منهنجي نہ آهي. جڏهن مان ستين ڪلاس ۾ پهتس اڃا ڪجهہ ڏينهن ئي مس ٿيا هئا تہ ادا کي نوڪري ڪراچيءَ ۾ ملي هئي انڪري اسان جو پورو ڪٽنب ڪراچيءَ شفٽ ٿيو ۽ اسان گارڊن جي ويجهو پاڪستان ڪوارٽرس ۾ اچي رهياسين. سڪندرالزمان کي نيشنل شپنگ ڪارپوريشن ۽ وڏي ڀاءُ قمر الزمان کي سول اسپتال ڪراچيءَ ۾ نوڪري ملي وئي. تڏهن ذوالفقار علي ڀٽو وزيراعظم هئو تنهنڪري نوڪريون بہ ملنديون هيون.

ڪراچيءَ ۾ اسان ننڍن ڀائرن ۽ ڀيڻن جي اسڪول جي داخلا جو مسئلو هئو. ڪراچيءَ جو ماحول اسان لاءِ بلڪل نئون هئو. پر آهستي آهستي ايڊجسٽ ٿيڻ لڳاسين. ادا وارن، اسان ٽنهي حسينہ، مون کي ۽ مون کان ننڍي ڀاءُ ارشاد کي اين. جي. وي اسڪول ۾ داخلا وٺي ڏني. مون ستين ڪلاس ۾ داخلا ورتي

لڳي پيو رستي تي بيهون ٻه نه پيا ته ڪير نه سمجهي ته هي ڪو اڻجاڻ آهن. ٽڪجي ٻه ڏاڍو پياسين. اکين ۾ ڳوڙها ٻه لهي آيا هئا پر چا تي ڪري سگهياسين. هڪبئي کي ڏسون ٻه پيا ۽ ائين هلندي هلندي اچي گارڊن وٽ پهتاسين پوءِ ڪجهه ڍپ لٿو. گارڊن (راڻي باغ) ته اسان جي گهر جي سامهون هئو هڪ ٻه دفعو گهروارن سان گهمڻ ٻه آيا هئاسين. پوءِ پنهنجي علائقي ۾ آياسين ته جڻ ساهه ڪنيوسين. جڏهن گهر جي در تي پهتاسين ته امان اسان جي انتظار ۾ پريشان بيٺي هئي. جيئن امان کي مون ڏٺو ته مان ته امان کي چنبڙي پيس ۽ ڏاڍو روئڻ لڳس. هونئن به مان پيٽن ۾ آخري هئڻ ڪري امان جي لاڏلي ٻه ڏاڍي هوندي هئس. پوءِ آهستي آهستي امان کي ٻڌائيندا ٻه وياسين ۽ روئندا ٻه رهياسين. اتي ادا ٻه اسڪول مان پڇائون ڪندو اچي پهتو. اسان کي ياڪر ۾ پيري چوڻ لڳو. بس منهنجي غلطي هئي جو آءٌ اسڪول جي موڪل ٽائيم تي پهچي نه سگهيس. بهرحال اسڪول اچڻ وڃڻ ته روز جو مسئلو هئو. پوءِ ادا وارن اسان کي بس ۾ چڙهڻ جو اسٽاپ سمجهايو ته هتان بس سڌو اوهان کي اسڪول جي گيٽ تي ڇڏيندي ۽ اتان ئي وري اها ئي بس موڪل مهل اوهان کي اسڪول جي گيٽ تان کڻندي ۽ ائين آهستي آهستي بس ۾ اچڻ وڃڻ لڳاسين.

اين. جي. وي اسڪول جي پڙهائي ڏاڍي سٺي هوندي هئي. مان جڏهن پهرئين ڏينهن ستين ڪلاس ۾ داخل ٿي هئس ته منهنجي ٽيچر انگلش پڙهائيندي هئي مس ممتاز جيڪو منهنجو تعارف ڪرايو هئو ۽ اڳيان بينچ تي ويهڻ لاءِ چيو هئو ته اُتي زاهده شيخ نالي ڇوڪري ويٺي هئي جنهن مون کي سڏي پاڻ سان گڏ ويهاريو. هڪ ته نئون ماحول ۽ وري هن مون کي سڏي ويهاريو ته مون کي بي انتها خوشي ٻه ٿي هئي. ان ڏينهن کان منهنجي دوستي زاهده شيخ سان ٿي. رسيس ۾ ٻه گڏجي شيون کائيندا هئاسين. زاهده شيخ جو والد انهن ڏينهن ۾ گذاري ويو هئو. اين. جي.وي اسڪول ۾ ئي بلڊنگ هئي، جنهن ۾ زاهده شيخ وارا رهندا هئا. زاهده شيخ جو والد اسڪول ۾ جاب ڪندو هو ۽ زاهده جو وڏو ڀاءُ ٻه اين. جي. وي اسڪول ۾ استاد هئو. زاهده شيخ سان دوستي اڄ تائين ٻه آهي. هوءَ ٻن ٻارن جي ماءُ آهي ۽ مان پڻ ٻن ٻارن جي ماءُ آهيان.

ننڍپڻ ۾ مون کي ياد آهي ته امان وٽ ٻه ٽي لوهه جون پيٽيون هونديون هيون جن ۾ امان جا ڪتاب سانڍيل هوندا هئا اسان کي انهن ڪتابن مان رات جو يا منجهند جو آکاڻيون ٻڌائيندي هئي. اهي آکاڻيون پرين، ديون ۽ جادوگرن جون ۽ ٻيون ٻه ڪوڙ ساريون هونديون هيون. جيڪي اسان کي برزبان ٻڌائيندي هئي ۽ اسان کي اهي آکاڻيون اڄ تائين ذهن تي نقش آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن اُهي آکاڻيون آءٌ پنهنجن ٻارن راول ۽ رُوحل کي هاڻي ٻڌائيندي آهيان ته ننڍپڻ ياد اچي ويندو آهي.

اين.جي.وي اسڪول ۾ ٻه مان هوشيار ٻارن ۾ ليکبي هئس. هن اسڪول جي ميڊم خواجه هئي. تنهن جو نالو ياد نه آهي، پر مون کي ڀائيندي ڏاڍو هئي. هوءَ انگلش جو ڪلاس وٺندي هئي. هوءَ ڊڪٽيشن ڪرائيندي هئي ته منهنجي ڊڪٽيشن سچي صحيح هوندي هئي. منهنجي ڪاپيءَ تي هميشه Excellent لکندي هئي. جنهن تي مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي. اُهي ڪاپيون چڱي عرصي

تائين مون سنڀالي ٻه رکيون هيون. جڏهن مون اسڪول مان مئٽرڪ ڪئي تہ مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو هئو تہ هاڻ مان مئڊم خواجہ کي ڏسي نہ سگهندس، پر ڇا ٿي ڪري سگهيس اسڪول تہ ڇڏڻو هئو. انٽر مون ڪراچيءَ جي گورنمينٽ گرلس ڪاليج مان ڪئي. جيڪو ريڊيو پاڪستان ڪراچي جي بلڪل پٺيان ئي آهي. زاهده بہ مون سان گڏ اُتي ئي داخلا ورتي هئي ۽ ٻيون بہ ڪلاس فيلوز اين. جي. وي ۾ رهيون، جن ۾ ڪلثوم ڪتري، حفيظ بلوچ ۽ ڪوثر ميمڻ هيون، پر منهنجي گهڻي دوستي زاهده شيخ سان ئي هئي. انهن ڏينهن ۾ ڪاليج مان ادبي مئگزين ٿي نڪتو جنهن ۾ ٽي سيڪشن هئا. سنڌي، انگريزي ۽ اردو. مون سنڌي ۾ ڪهاڻي لکي هئي. جيڪا منهنجي پهرين ڪهاڻي هئي. اسان جو گهر بہ ادبي ذوق وارو ۽ لبرل هئو. ادا سڪندر نظرياتي ماڻهو هئو. منهنجو وڏو ڀاءُ ادا قمر الزمان (قمر مورائي) جي نالي سان شاعري ڪندو هئو. ڪيترن رسالن ۾ هن جي شاعري شايع ٿيل هئي. ادا امداد ۽ ارشاد ٻالڪ رسالي ۾ پڻ ادا خان محمد وارن سان گڏجي ڪم ڪندا هئا. جڏهن مئگزين ۾ منهنجي ڪهاڻي ڇپي تہ منهنجي خوشي جي انتها نہ رهي هئي. سڄي رات ننڊ نہ آئي هئي. ۽ اهو مئگزين مون ڏينهن ۾ الائي ڪيترا ڀيرا پڙهيو هئو. ۽ ائين منهنجو لکڻ پڙهڻ جو شوق وڌڻ لڳو. ادا خان محمد پنهور منهنجو پيٽوو هئو. اُهو جڏهن بہ گهر ايندو هو تہ سندس هٿن ۾ ڪي ڪتاب يا رسالا هوندا هئا. اهي آءٌ ڀائو خان کان پڙهڻ لاءِ وٺندي هئس. پوءِ تہ ڪاليج جو ڪم ڪري رڳو ڪتاب پڙهندي هئس ۽ وري جڏهن ادا خان محمد ماهوار رسالو "ٻالڪ" ڪڍيو تہ دل چوندي هئي تہ اُن ۾ بہ لکان. پوءِ هڪ دفعي منهنجي شوق کي ڏسندي ڀائو خان مون کي چيو تہ تون ڊاڪٽر سليمان شيخ جي ڌيءَ جيڪا اين. جي. وي اسڪول ۾ پڙهندي آهي. اها ڪلاس ۾ پهريون نمبر آئي آهي ان کان ٻالڪ رسالي لاءِ انٽرويو ڪندينءَ؟ مون ڪٿي ها ڪئي. مون کي سوال بہ منهنجي ڀاءُ ادا امداد ٺاهي ڏنا. بس مان خوشيءَ ۾ نہ پئي ماپيس. آخر آءٌ ان جي گهر وڃي ان کان انٽرويو ڪري آيس. ۽ اهو جڏهن ٻالڪ رسالي ۾ ڇپيو تہ بس ڄڻ آسمان تي پئي اُڏران. ان ڏينهن کان بس دل چوندي هئي تہ منهنجو نالو ائين رسالن ۾ ڇپجي. ڀائو خان جي چوڻ مطابق هاڻي رڳو ڪتاب پئي پڙهندي هئس.

منهنجي فرسٽ ايئر ۾ سٺي رزلٽ آئي هئي، پر جڏهن انٽر سائنس جا امتحان ٿيڻ وارا هئا تہ بابا جي وفات انهن ڏينهن ۾ ٿي. اسين پورو هفتو موري ۾ هئاسين. پڙهائي صحيح نہ ڪرڻ ڪري منهنجون مارڪون گهٽ آيون. پرسنٽيج تي اثر ٿيو جنهن جو ڏک بہ ڏاڍو ٿيو تہ مون کي ميڊيڪل ۾ داخلا نہ ملندي. جنهن لاءِ مون ٻيهر بہ امتحان ڏنو. پر پوءِ بہ پرسنٽيج اها نہ آئي. بهرحال ڪراچيءَ ۾ داخلا تہ ممڪن نہ هئي، پر ادا خان محمد ڄام شوري ۾ لمس ڪاليج ۾ منهنجي ميڊيڪل جي داخلا لاءِ اپلاءِ ڪيو ۽ اتي منهنجو نالو بي. ڊي. ايس لاءِ نوٽيس بورڊ تي لڳايو ويو. پر مون کي ڏندن جو ڊاڪٽر ٿيڻ پسند نہ هئو. سو مون نهڪر ڪئي. جنهن جو پڇتاءُ هاڻي ٿيندو آهي تہ آخر ڇو مون کي ڏندن جي ڊاڪٽر ٿيڻ پسند نہ هئو. ڀلا ڊاڪٽر تہ هجان ها. جنهن جو شوق مون کي ننڍي هوندي کان هئو. بهرحال نصيب جي

ڳالهه هوندي آهي نصيب ۾ جيڪو لکيل آهي اهو ئي ٿئي ٿو. انهن ڏينهن ۾ اوچتو ئي اوچتو منهنجي طبيعت خراب ٿيڻ لڳي هئي جنهن ۾ منهنجو ئي ڏوهه هئو. ڪاليج مان ايندي هئس ته روز پاڙي واري دڪان تان آچار گهرائي ماني ٻوڙ سان کائيندي هئس. ۽ وري آخر ۾ جيڪو تيل بچندو هئو اهو به پي ويندي هئس. جنهن لاءِ مون کي اڳتي هلي سهڪو ٿي پيو. منهنجي صحت کي ويتر خراب ڪري ڇڏيو جنهنڪري منهنجي طبيعت هاڻي ٺيڪ نه رهندي هئي. ۽ ڊاڪٽرن جي چوڻ موجب ته ڪراچيءَ جي گهميل موسم ۾ هن جو رهڻ هاڻي هِن لاءِ ڏکيو اٿوَ ان لاءِ هِن کي کليل آبهوا ۾ موڪلجي. هاڻي منهنجي لاءِ ۽ گهروارن لاءِ وڏو مسئلو هئو پر ادا خان محمد ۽ ادي نسيم مسئلو حل ڪري ڇڏيو ۽ انهن ادا وارن کي پنهنجي گهر ڄامشورو رهائڻ لاءِ راضي ڪري ورتو. منهنجي لاءِ امڙ، پيائر، پاڄائي، پيڻون، پاٽيجا، پاٽيجون، پائيتيا، پائيتيون ۽ ڏاڍو ڏکيو هئو گهڻو ڏک حسينه پيڻ کان پري ٿيڻ جو ٿيو ۽ ان کان سواءِ رهڻ جو تصور به مون لاءِ ممڪن نه هئو. پر مجبوري هئي تنهنڪري سيني کي ڇڏي آءٌ ادي نسيم وٽ ڄامشوري هلي آيس. ڄامشوري جو ماحول مون لاءِ نئون هئو ۽ مون زبيده ڪاليج ۾ BSC ۾ داخلا ونئي ڇڏي. صبح جو يونيورسٽي جون پوائنٽون هلنديون هيون سوير اوندهه لڳي پئي هوندي هئي، جنهن ۾ چڙهين وڳي ڪاليج وڃڻ ٿيندو هئو. ۽ ائين ئي ڄامشوري ۾ ادي نسيم جي گهر منهنجي ملاقات نجمه پنهور سان ٿي انهن جو گهر به يونيورسٽي ڪالونيءَ ۾ ئي هئو. ادا خان محمد ۽ اديءَ نسيم وارن جو انهن وٽ اچڻ وڃڻ به هئو. پوءِ اسان جي دوستي وڏيڪ اچڻ وڃڻ ڪري مضبوط ٿي. نجمه ۽ مان روز هڪٻئي جي گهر ايندا ويندا هئاسين جنهن ڏينهن هڪٻئي وٽ نه وڃون ته وري هڪٻئي کي خط به لکون ۽ حال احوال ڏيون ڪم ڪندا هئا نجمه جا ننڍا ڀائر اعجاز ۽ پارس.

ڄامشوري ۾ اچڻ کان پوءِ مون کي هڪ ڳالهه جي خوشي اها ٿي ته ڄامشورو ۾ ادبي ماحول هئو. جيڪو منهنجي پسند جو هئو. ادا خان محمد جي گهر ۾ هڪ ڪمري ۾ لائبرري هوندي هئي. مون لاءِ ته چڻ عيش ٿي ويو هئو سڄا سڄا ڏينهن ويهي ڪتاب پڙهندي هئس. ادي نسيم دڙڪا به ڏيندي هئي. پر ڪٿي ٿي مڙان. ادا خان محمد مون کي روز ڊان اخبار پڙهڻ لاءِ به چوندو هئو ۽ ڊڪشنري به ڏنائين ته جتي لفظ جي معنيٰ سمجهه ۾ نه اچي ته ڊڪشنري استعمال ڪر ۽ معنيٰ ڳوليندي ڪر. بس پوءِ ته انگريزي اخبار به مون لاءِ دلچسپ ٿي پئي. انهن ڏينهن ۾ ادا خان محمد رسالو پارس پڻ شروع ڪيو هئو. جنهن ۾ پڻ مون کي اسسٽنٽ ايڊيٽر ڪري رکيائين ۽ مان ادا خان محمد کي ڪجهه ليکڪن جا انٽرويو پڻ ڪري ڏنا ۽ پارس ۾ به منهنجون ڪهاڻيون ڇپيون. ائين منهنجو ادبي سفر شروع ٿيو. جيئن ته ڄامشورو ۾ يونيورسٽي ڪالونيءَ ۾ ادبي ماحول هئو پرسان عبدالقادر جوڻيجو سحر امداد، تنوير جوڻيجو امداد حسيني، نسيم ٿيبو شوڪت حسين شورو، محمود مغل، نياز پنهور پڻ رهندا هئا.

آءٌ پنهنجون ڪهاڻيون ادي نسيم ٿيبو کي ڏيکاريندي هئس. اها ڏاڍو همٿائيندي هئي چوندي هئي ته تون سنو ٿي لکين ۽ ائين ئي ڪتاب پڙهندي

بہ ڪر ۽ ڪهاڻيون بہ لکندي ڪر. اڳتي هلي اسان ادي نسيم ٿيٻو جي گهر ادبي سرڪل جوڙيو جنهن ۾ ثانيہ ٿيٻو ۽ انيتا ٿيٻو (نسيم ٿيٻو جون ڀئي ڌيئر) مارئي عطار، نجمہ پنهور ۽ سلميٰ پنهور ۽ مان ڪنهن بہ هڪ ڪتاب جي چونڊ ڪندا هئاسين ڪتاب پڙهي هفتي ڪان پوءِ ان تي تبصرو لکي اچبو هئو ۽ آخر ۾ بحث بہ ڪبو هئو ۽ پنهنجي راءِ بہ جوڙبي هئي. ائين ئي ادبي سرڪل هئڻ ڪري اسان کي لکڻ جو وڌيڪ ڏانءُ آيو. منهنجي دوست نجمہ ۽ مان هر وقت ڪوشش ۾ هوندا هئاسين تہ ڪٿي نوڪري ملي. ٻنهي ٽيچنگ لاءِ بہ اپلاءِ ڪيو. جڏهن تہ مون کي ٽيچنگ بلڪل نہ وڻندي هئي. مون کي آفيس ۾ ڪم ڪرڻ وڌيڪ وڻندو هئو جتي خاموشيءَ وارو ماحول هجي ۽ مان ويهي آرام سان ڪم ڪيان. الله کي بہ منهنجي ڳالهہ وڻي وئي.

1989ع ۾ منهنجو مڱڻو ادا خان محمد جي سؤٽ مجيد پنهور سان ٿيو مجيد، ادا خان محمد پنهور جي پارس رسالي جو ايڊيٽر هئو. هڪ ڏينهن مون، مجيد کي چيو تہ مون کي نوڪري ڪرڻي آهي. سو بہ ڪنهن آفيس ۾. ان مهل ئي مجيد فون ڪئي ۽ اها فون سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري حبيب الله صديقيءَ ڏانهن هئي جنهن کي چوڻ لڳو. سائين "منهنجي مڱينديءَ کي نوڪري ڪرڻي آهي، سوبہ آفيس ۾ اوهان سنڌي ادبي بورڊ ۾ هن کي ڪا نوڪري ڏيو بي.ايس.سي پاس آهي". حبيب الله صاحب ان مهل ئي مجيد کي چيو تہ "تون سڀاڻي ئي موڪليس." جڏهن مون کي خبر پئي تہ منهنجي خوشيءَ جي انتها ئي نہ رهي، ٻئي ڏينهن تيار ٿي ڀائو خان محمد جي گاڏيءَ ۾ ڊرائيور سان گڏ سنڌي ادبي بورڊ پهتس. سنڌي ادبي بورڊ جو نالو مون لاءِ نئون نہ هئو. سنڌي ادبي بورڊ مان ڇپيل ڪتاب آءٌ ادا خان محمد جي لائبريريءَ ۾ پڙهيا هئا. پر بلڊنگ پهرئين ڏٺل ڪانہ هئي. جڏهن بورڊ ۾ آيس تہ پنهنجو نالو پٽيوالي کي ٻڌايم تہ هُن سائين کي منهنجو نالو ٻڌايو ۽ سائين حبيب الله صديقي پنهنجي آفيس ۾ گهرايو ۽ جيئن مان گهڙيس تہ پاڻ اُٿي منهنجي مٿي تي هٿ رکيو ۽ ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيو. مون کان ڪلي سوال ڪرڻ لڳو تہ "اڇا توکي نوڪريءَ جو شوق آهي سوبہ آفيس ۾". ها پُٽ توکي نوڪري ضرور ڏبي، اڄ کان تون في الحال ايڊيٽر "سرتيون" گلبدن آصف سان گڏ وڃي ويهہ!! مان بہ سر حبيب الله صديقيءَ جي چوڻ موجب پٽيوالي سان گڏ گلبدن جي آفيس ۾ آيس. انهن ڏينهن ۾ گلبدن کي عورتن جي رسالي "سرتيون" لاءِ بطور ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو هو. گلبدن پنهنجي آفيس ۾ ڏاڍي شاندار لڳي رهي هئي ۽ پنهنجي ڪم ۾ مصروف هئي. مون پنهنجو تعارف ڪرايو ۽ مون کي پاڻ ڏاڍي پاڀوهہ مان ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيو ائين آءٌ روز صبح جو سنڌي ادبي بورڊ اچڻ لڳس ۽ گلبدن جي آفيس ۾ ويهندي هئس. ڪم ڇا ڪرڻو هئو ڪا خبر نہ هئي. گلبدن کي مون ٻڌايو ۽ پارس رسالي ۾ بہ اسسٽنٽ ايڊيٽر طور تي ڪم ڪيو آهي مان بہ لکندي آهيان پوءِ گلبدن مون کي مواد جا فائيل ڏيکاريا پوءِ گڏجي مواد پڙهندا هئاسين. مواد ڏاڍو ايندو هئو. جنهن کي پڙهي پوءِ فائنل ڪيو ويندو هو. چيڪ ڪرڻ ۾ ان ڪري آساني ٿيندي هئي جو آءٌ ادا خان محمد پنهور جي پارس رسالي جا پروف پڙهندي هئس. ائين ٽي مهينا ساندهہ مون کي گلبدن وٽ آفيس ويهڻو پيو. گلبدن سان گڏ ڪم ڪرڻ ۾ مزو بہ ايندو هئو.

آرڊر ڪوبہ ڪٽي بہ نہ ٿي نڪتو. آخر ڪاوڙجي گهر وڃي ويهي رهيس. مون مجيد کي چيو تہ مون کي تہ ڪو آرڊر ئي ڪونہ ٿا ڏين هاڻي آءٌ آفيس ڪونہ ويندس. تنهن تي مجيد چيو چڱو مان ڳالهايان ٿو. تنهن تي سر حبيب الله صديقي فون تي مجيد کي چيو تہ: ثمينہ چو ڪاوڙجي وئي آهي. اسان تہ ويجهڙائي ۾ ڪمپيوٽر آپريٽر جون پوسٽون ڇوڪرين لاءِ رکرايون آهن. انهن ۾ ثمينہ کي پڻ انٽرويو ڏيڻو پوندو. سڀاڻي کان هن کي موڪل تہ اچي ڪمپيوٽر سيڪشن ۾ ٽريننگ وٺي تہ انٽرويو ۾ ڪجھ ٻڌائي سگهي. مون کي تہ سمجھ ۾ بہ نہ ٿي آيو. پر مجيد جو چوڻ ڪري وري آفيس ويس ۽ ائين ئي پندرهن ڏينهن ۾ مون ڪمپيوٽر جي ٽريننگ حاصل ڪئي. جيڪا چاچا شمس الدين سومري ٽريننگ ڏني. انهيءَ وچ ۾ انٽرويو جون درخواستون بہ باهران جمع ڪرايون ويون. انٽرويو واري ڏينهن ڇوڪريون ڪمپيوٽر آپريٽر جي پوسٽ لاءِ انٽرويو ڏيڻ آيون. اسان جا انٽرويو ٿيا ۽ چئن ڇوڪرين کي انٽرويو ۾ پاس ڪيو ويو جنهن ۾ مان ۽ منهنجي دوست نجمہ پنهور بہ هئي منهنجي خوشي جي انتها نہ رهي تہ نجمہ کي بہ هتي ئي نوڪري ملي هئي پوءِ تہ اسان چارئي ناهيد سولنگي، خديجہ مهر، نجمہ پنهور ۽ مان ڪمپيوٽر آپريٽر طور تي ڪم ڪرڻ لڳاسين. تنهن وقت ڪمپيوٽر لائنوٽائپ هئا. موڪل ملڻ تائين پنهنجي ڪرسي تان اُٿندا نہ هئاسين. ۽ وري جڏهن پهرئين مهيني پگهار مليو تہ ڏاڍي خوشي ٿي ان جي منائي بہ ورهائي هئي.

ڪمپوزنگ ۾ مون کي ڏاڍو مزو ايندو هو ان لاءِ جو ڪهاڻيون، شاعري، مضمون پڙهڻ لاءِ جو ملندا هئا.

چار سال ڪمپيوٽر ۾ ڪم ڪرڻ دوران منهنجي اکين جو مسئلو ٿي پيو ان سبب مون ٻئي سيڪشن ۾ بدلي ڪرائي. لائبرري ۾ جاءِ خالي هئي جتي مون کي لائبرري انچارج ڪري رکيو ويو. لائبرري جي چارج کان علاوه مختلف وقت تي مون کي سرتيون ۽ گل ڦل جي ايڊيٽر جي اضافي چارج پڻ ڏني وئي هئي. جنهن ۾ وري اڳتي هلي سنڌي اديبن جي ڊائريڪٽري مرتب ڪرڻ جو ڪم سونپيو ويو. سنڌ جي اديبن سان اخباري رابطو ڪيو ويو. انهن پنهنجون ايڊريسون، فون نمبرس ڏياري موڪليا. مون پڻ ڪم شروع ڪري ڏنو. سنڌي اديبن جي ڊائريڪٽري مرتب ڪئي ڪتاب تيار ڪري ڇڏيو پر وري نئين انتظاميہ آئي جنهن جي ڪري هيءُ ڪتاب شايع ٿي نہ سگهيو ۽ وري مون کي لائبرريءَ ۾ پيل خالي جڳهہ تي بدلي ڪيو ويو. آفيس ۾ مختلف سيڪشن ۾ وڃڻ سان مون اها ڳالهہ محسوس ڪئي آهي تہ ماڻهوءَ کي سکڻ جو موقعو تمام گهڻو ملي ٿو.

1992ع ۾ بورڊ ۾ سائين امداد حسيني جن سيڪريٽري ٿي آيا. سائين امداد حسينيءَ کان پڻ اسان گهڻو ڪجھ سکيو گرامر، ٻولي ايڊيٽنگ ڪرڻ سڀ سائين امداد کان سکياسين. ڪنهن مهل بہ بنا هٻڪ جي آفيس ۾ هليا ويندا هئاسين. ڪابہ ڳالهہ پڇڻي هوندي هئي تہ ڊپ نہ ٿيندو هئو پر ڏاڍي سهڻي نموني سمجهائيندو هئو. هونئن انسان سکندو بہ تڏهن ئي آهي جڏهن اڳيو ماڻهو دل سان سيکاري. ڊپ ۽ هراس ۾ ڪڏهن بہ ماڻهو ڪجھ نہ سکي سکندو آهي.

سر امداد کي پنهنجون ڪهاڻيون ڏيکاريندي هئس تہ ڏاڍي حوصلا افزائي ڪندو هئو. ۽ ايڊٽ بہ ڪندو

هئو. چوندو هئو تہ تون ستو لکين ٿي، سائين امداد منهنجون ڪهاڻيون تماهي مهراڻ رسالي ۾ شايع ڪيون هيون. تہ خوشيءَ جي انتها نہ رهي هئي. سرتيون رسالي ۾ بہ الاهي منهنجون ڪهاڻيون گلبدن شايع ڪيون. شاعري بہ منهنجي ڇپجندي رهي. ائين ادبي سلسلو جاري رهيو آهي هاڻي ڪهاڻين جو مسودو "ترورو" پڻ تياري هيٺ آهي.

12_نومبر 1992ع ۾ منهنجي شادي مجيد پنهور سان موري ۾ ٿي ۽ وليمو 17 نومبر ٽيچرس ڪلب چامڙشورو ۾ ٿيو سڄي رات ڳائڻ وڄائڻ بہ هئو.

جڏهن تماهي مهراڻ رسالي جو ايڊيٽر نفيس ناشاد رٽائر ٿيو تہ ادا طارق عالم ابڙو کي ايڊيٽر ڪيو ويو ادا دين محمد ڪلهوڙي کي چارج ڏني وئي پر انهيءَ کي بہ ليڪچررشپ ملي وئي هو بورڊ مان هليو ويو ۽ طارق عالم جي ستت لاڏاڻي کان پوءِ هيءَ سيٽ خالي هئي.

بورڊ جي چيئرمن جناب مخدوم جميل الزمان صاحب جي فيصلي موجب مون کي تماهي مهراڻ رسالي جي چارج ڏني وئي. جيئن تہ سنڌي ادبي بورڊ مان تماهي رسالو جيڪو 57 سالن کان شايع ٿي رهيو آهي ۽ هن ڪرسيءَ تي ناليوارا اسڪالر سائين محمد ابراهيم جويو صاحب، گرامي صاحب، محمد عثمان ڏيپلائي صاحب، شمشيرالحيدري صاحب، امداد حسيني صاحب، نفيس احمد ناشاد صاحب جهڙن اديبن پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. مهراڻ علمي ادبي تاريخي، دستاويز آهي. هن کي سنڀالڻ منهنجي لاءِ چئلنج پڻ آهي ۽ اعزاز پڻ. جيئن تہ هيءَ ادبي خدمت آهي، بسم الله ڪري آءٌ هن ڪرسي تي ويهي نهايت ذميواري ايمانداريءَ سان نڀائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. مان جڏهن چارج سنڀالي تہ معلوم ٿيو تہ سنڌي ادبي بورڊ کي پاڻ اربيندڙ شخصيتن جا خاص مهراڻ نمبر شايع ڪجن ۽ اهو پڻ انتظاميہ کان معلوم ٿيو تہ سائين مخدوم محمد زمان طالب المولئ جو نمبر شايع ڪرڻ جو ٽيويهہ سال اڳ اعلان ڪيو ويو آهي، پر عمل نہ ٿي سگهيو آهي. مون پنهنجو فرض سمجهي سائين مخدوم محمد زمان طالب المولئ نمبر ڪيڻ جو سوچيو جنهن ۾ انتظاميہ پاران پڻ پورو سهڪار حاصل رهيو ۽ محترم تاج جويو صاحب وٽ پڻ مخدوم محمد زمان طالب المولئ جو مواد سهيڙيل هئو. انهن جي معاونت سان مون مهراڻ مخدوم محمد زمان طالب المولئ نمبر سهيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو. تہ مانوارن ليکڪن کان مخدوم صاحب جي شخصيت تي مقالا، مضمون، تاثر لکرايا ۽ مخدوم محمد زمان طالب المولئ جو نمبر شايع ٿي ويو.

10_آگسٽ 2012ع تي سائين شمشير الحيدري صاحب هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويا. ۽ اسان جي چيئرمن مخدوم جميل الزمان شمشير الحيدري صاحب جي خدمتن کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ بورڊ پاران تماهي مهراڻ شمشير الحيدري نمبر شايع ڪرڻ جو اعلان ڪيو هئو. انهي سلسلي ۾ اديبن سان رابطو ڪري آگسٽ 2013ع آگسٽ ۾ شمشير الحيدري جي پهرين ورسي تي شمشير الحيدري نمبر شايع ڪيو ويو ۽ ان کان پوءِ هاڻوڪي انتظاميہ جي ڪجهہ عرصو اڳ بورڊ آف گورنرس جي فيصلي موجب منظوري ملڻ کان سائين محمد عثمان ڏيپلائي جو مهراڻ خاص نمبر پڻ شايع ڪيو ۽ سنڌ

جي ڏاهي اديب دانشور سائين محمد ابراهيم جي 100 سالن ملهائڻ تي مهراڻ جو پڻ خاص نمبر شايع ڪيو ۽ ويجهڙائيءَ ۾ سائين مخدوم محمد امين فهيم جي لاڏاڻي کان پوءِ سائينءَ جي پهرئين ورسي جي موقعي تي پڻ مهراڻ جو خاص نمبر جولاءِ ڊسمبر 2016ع شايع ڪي پيو وڃي.

۽ مون کي خوشي پڻ اها ئي رهي آهي ته مون هن ڪرسيءَ تي ويهي هڪ جذبي تحت ڪم ڪري پوري سچائي ۽ ايمانداريءَ سان ڪم ڪيو آهي جنهن ۾ ضرور اُوڻايون پوڻايون هونديون پورهيو ۽ محنت رائيگان ڪونه ويندي آهي. مون کي پنهنجي ڪيل پورهئي تي پورو اعتماد آهي ۽ ايمان به آهي.

منهنجي گهرواري مجيد پنهور جو ساٿ پڻ مون لاءِ وڏي وِٿ آهي. مون کي مهراڻ رسالي جي حوالي سان ڪئي ڏکائيون پيش اينديون آهن ته انهن جي رهنمائي پڻ حاصل هوندي آهي. هو پڻ نيڪ نيت سچائي سان پنهنجي نوڪريءَ ۾ محنت ايمانداري سان پنهنجا فرض نڀائي ٿو. ۽ اسان جا ٻه ٻار راول ۽ خان محمد پنهور (جونيئر) الاهي سُلجهيل ٻار آهن. اسان ٻنهيءَ جو اهو ئي ايمان آهي ته پنهنجي ٻارن کي حق حلال جي روزي فراهم ڪيون ته الله ضرور روزيءَ ۾ برڪت وجهندو ۽ اڳتي هلي ضرور صالح سدورا، ايماندار ۽ سنا شهري ليکبا.

جيترو ٿي سگهي پنهنجي ٻارن کي وقت ڏجي، انهن سان دوستي وارو رويو رکجي. منهنجي خيال ۾ پنهنجين خواهشن کان وڌيڪ هاڻي انهن جي خوشين ۽ خواهشن کي نظر ۾ رکجي اسان ٻنهي ٻارن جي شروع کان سٺي تربيت ڪئي آهي. مون ۽ مجيد ٻارن کي ننڍي هوندي کان پاڻ پڙهايو آهي ٽيوشن ڪڏهن ڪونه وٺي ڏني، جيڪو به ٽائيم گهر ۾ هوندا آهيون ٻارن سان ويهي ڪچهريون ڪندا آهيون اسان اڌ ڏينهن ٻچن جي روزي لاءِ ٻاهر آهيون ته اڌ ڏينهن اسان جو ٻارن جو هوندو آهي. اسان ٻاهر جون سڀ مصروفيتون ختم ڪري ٻارن کي وقت ڏيندا آهيون. مان ائين سمجهندي آهيان ته ٻار کي مائٽ جيڏو پنهنجي ويجهو رکندو اهو ٻار به مائٽ جي ويجهو وڌيڪ هوندو اڳتي هلي پنهنجي زندگيءَ جي فيصلن ۾ پڻ ماءُ پيءُ جي صلاح تي هلندو هن کي اعتماد به وڌيڪ ملندو. هو اڪيلائيءَ جو شڪار ڪڏهن به نه ٿيندو. اسان جي امڙ کي وفات ڪئي ٽي سال ٿي ويا آهن. پر اڄ به مان محسوس ڪندي آهيان ته منهنجي امڙ مون سان گڏ آهي.

راول ماشاء الله بيڪن هائوس اسڪول سسٽم ۾ اي ليول سٺن مارڪن ۾ ميڊيڪل ۾ پاس ڪيو آهي ۽ روحل خان محمد پنهور مئٽرڪ او ليول ۾ ڪري رهيو آهي ۽ انهيءَ اسڪول ۾ پڙهي رهيو آهي. پرائيويٽ اسڪولن ۾ ٻار پڙهائڻ سو به بيڪن هائوس اسڪول ۾ اسان افورڊ نه ٿي ڪري سگهياسين. پر رب جي توڪل سان اسان انهن کي داخل ڪرائي ڇڏيو ۽ اهو ئي سو چيو ته پلا اسان ٻنهي جي نوڪريءَ مان پنهنجن ٻارن کي ته سٺي تعليم ڏياريون ڇو ته ٻار ئي اسان جي ملڪيت آهن. پنهنجن ضرورت، خواهشن کان وڌيڪ هاڻي انهن جو مستقبل آهي، بس الله جا ڪرم آهن. حق حلال جي روزيءَ ۽ الله تي توڪل ڪري اسان ٻارن کي سُٺي تعليم ڏياري رهيا آهيون. اڳيان به رب پاڪ کي پارٽ آهي.

❊

امينہ اڪرم انصاري



# يادگيريون

ڊيئر گل چيو ڪجھہ لک ”ماضي جي يادن تي“. ذهن کي گهڻو ڊوڙايم ڇا لکان ڪٿان شروع ڪيان آخر ننڍپڻ ياد آيم. جتي اسين سڀ ٻارڙا، امان، بابا، ڪيڏا نہ آسودا، ڪن ۾ وڙهڻ ڪن ۾ پرچڻ جڏهن ننڍڙا هئاسين تہ مرڪپور ڳوٺ مان لڏي دادو شهر آياسين. اسان جو پاڙو Rai Bazar هو جتي سنڌي، مهاجر، خواجہ ۽ ڪاٺياواڙي سڀ قرب ۽ سڪ سان گڏ رهندا هئا. اها ڳالهہ 76_1975ع جي آهي. اسان پنهنجي ڳوٺ مان پڙهي آيا هئاسين مان، ڀاڻ، خيرو، غني، لالا ۽ منهنجو ننڍڙو ڀاءُ بنگالي.

اسان ٻن ڀيڻن ۽ غني اسڪول وڃڻ شروع ڪيو. غريب آباد ۾ پرائمري گرلز اسڪول ۾ پڙهياسين. اسان جي بابا کي ”ڪتڪو“ دڪان هو. شام جو بابا اسان کي دڪان تي پڙهائيندو هو. دڪان تي بابا جا دوست هر طبقي سان تعلق رکندڙ وڪيل، ڊاڪٽر، استاد، شاعر، اديب ايندا هئا اتي بابا وارا هر قسم جو بحث مباحثو ڪندا هئا. ڪارل مارڪس کان ميڪسم گورڪي جي ”ماءُ“ ناول تائين ائين مون ۾ جستجو پيدا ٿي تہ اهي سڀ ڪتاب پڙهان.

مان ٻيو درجو پڙهندي هيس تہ اخبار پڙهڻ جو شوق پيدا ٿيو. اسان وٽ ”هلال پاڪستان“ اخبار ايندي هئي بابا اخبار پڙهڻ سيکاري، منهنجي بابا ٻنان ڪنهن فرق جي اسان ڀيڻني جي تعليم تي هڪجهڙو ڌيان ڏنو.

منهنجو شوق ادب ڏانهن ”سگهڙين سٿ“ ادي فهميده حسين جي ڪالم ۽ ادي نسرين جوڻيجو جو پروگرام روشن تارا جي ڪري اڀريو.

اسان ننڍڙا هئاسين شام جو دڪان تي ويني پڙهيونسين پئي تہ ايتري ۾ بابا جا دوست آيا. بابا مون کي چيو تہ توهان لاءِ جيڪو شاعر بيت لکندو آهي اُهو چاچا هي آهي. استاد بخاري پوءِ تہ خوشي جي حد ئي نہ رهي.

پاڙي جي ڪلاس فيلو ٻيبي آمنہ کي وٺي آيس تہ اسان جي دڪان تي وڏو شاعر آيو آهي استاد بخاري هي چاچا اسان لاءِ بيت لکندو آهي.

امان بابا سخت پورهيو ڪندا هئا پنهنجي ٻچڙن

**بابا تہ هڪ پورهيت ماڻهو آهي، پر هن اسان کي علم ادب ۾ اهڙي نموني شامل ڪيو جو ذهني طور وڏا آسودا ٿي وياسين. پنهنجي شعور ۽ سمجهہ سان ڪاليج ۾ آياسين تہ اُتي ڪوڙ ٻين علائقن جون ڇوڪريون مليون جيئن سيتا، ميهڙ، جوهي ۽ ٻين اسڪولن جون پڻ ڪيتريون ئي سهيليون ٿيون گل، فردوس خالده، اُتي مليون تہ اسان ائين هڪٻئي سان رلي ملي وياسين. جڻ صدين جي سڃاڻپ هئي سڀني جي. هڪ سوچ هئي تہ ڊاڪٽر ٿينداسين.**

**ڪنهن ٻه ٻار جي پرورش ۾ ان جي والدين جي توجهه جو وڏو هٿ آهي. ماحول اهميت رکي ٿو پئسو وڏي شي ناهي. ٻارن کي محبت جي آسودگي جو احساس ڏياربو ته اهو ٻار اڳتي هلي ٽڙندو نه. هو ڀين کي زندگي جا گس ٻڌائيندو بابا چوندو آهي ڀين جي مدد ڪريو ماڻهن لاءِ آتت**

لاءِ امان سيني کي سنڀاليندي هئي. بابا سان ڪٿڪو ڪم به ڪندي هئي. سوچيندي آهيان امان بابا کي شاباس آهي هو خوش هئا ڏهه ٻار انهن جي پڙهائي ۽ ذهني تربيت اهڙي جو انهن کي رڳو آدرشي سوچون ڏيڻ.

لالا پاءُ ننڍڙو هوندو ته امان کي چوندو هو امان وڏو ٿي توکي اهڙا ڪپڙا وٺي ڏيندس جن ۾ سون هوندو سونا سونا ڪپڙا امان توکي وٺي ڏيندس.

خير منهنجا سڀ ڀائر امان بابا جا سٺا دوست آهن. اسان اولاد جي تربيت امان بابا ائين ڪئي آهي جو هر وقت هڪٻئي ۾ ساهه اٽڪيل هوندو آهي شل سدائين سڀ خوش هجن.

بابا اسان ۽ اسان جي سهيلين کي تقريرون لکي ڏيندو هو. اسان جون سهيليون چونديون هيون توهان جو بابا پروفيسر آهي؟ بابا ته هڪ پورهيت ماڻهو آهي، پر هن اسان کي علم ادب ۾ اهڙي نموني شامل ڪيو جو ذهني طور وڏا آسودا ٿي وياسين. منهنجي شعور ۽ سمجهه سان ڪاليج ۾ آياسين ته اُتي ڪوڙ ڀين علائقن جون ڇوڪريون مليون جيئن سيتا، ميهڙ، جوهي ۽ ڀين اسڪولن جون پڻ ڪيتريون ئي سهيليون ٿيون گل، فردوس خالده، اُتي مليون ته اسان ائين هڪٻئي سان رلي ملي وياسين. ڄڻ صدين جي سڃاڻپ هئي سيني جي. هڪ سوچ هئي ته ڊاڪٽر ٿينداسين.

پر ڪوڙ ڪميون پيشيون هيون تعليم ۾. صحيح طريقي سان Subject teacher نه مليون سو اسان کي ڏاڍي محنت ڪرڻي پئي. مان Tution نه پئي وٺي سگهيس. ايترو خرچ بابا برداشت نه پئي ڪري سگهيو. ڊاڪٽري ۾ سليڪشن نه ٿيڻ جو ڏک ڏاڍو ٿيم. الائي ڪيتري عرصي تائين پنهنجي نالي سان ڊاڪٽر امينه سومرو لکندي هيس. جنون جي حد تائين شوق هو.

بابا ۽ ماما سليمان اسان جي خاندان مان پڙهيل لکيل هئا. جن جي ڪوشش سان اسان تعليم جي زيور سان آراستا ٿياسين. ماما اسان کي اولاد جيان پيار ڪيو اسان به ماما سان پيءُ وانگر پيار ڪندا آهيون.

مان سوچيان ٿي اسان جي ناني ڪيڏي نه عقل واري ۽ ڏاهي هئي. پاڻ بلڪل پڙهيل نه هئي پر ڳوٺ جون مايون پنهنجون امانتون رکي ويندي هيس ڪڏهن به غلط ڳالهه ٻڌڻ پسند نه ڪندي هئي. پنهنجي ٻچن کي بي انتها پيار ڪندي هئي ڪيس هر وقت ٻچن جو اوسيئڙو رهندو هو. مرڻ گهڙي تائين انتظار رهيو

**ڪنهن ٻه ٻار جي پرورش ۾ ان جي والدين جي توجهه جو وڏو هٿ آهي. ماحول اهميت رکي ٿو پئسو وڏي شي ناهي. ٻارن کي محبت جي آسودگي جو احساس ڏياربو ته اهو ٻار اڳتي هلي ٽڙندو نه. هو ڀين کي زندگي جا گس ٻڌائيندو بابا چوندو آهي ڀين جي مدد ڪريو ماڻهن لاءِ آتت ٻڌجو.**

اسان جي منڙي ناني کي. هاءِ اسڪول، ڪاليج ڏاڍا وڻندا هيم اُتي لائبرري ڪيو. اسان کي سنڌ يونيورسٽي تاهي ڏئي ويو. ڪيڏا احسان آهن انهن عالمن خاص ڪري

## سائين ايس. ايم قريشي جهڙا ڪاش اهڙا انسان وري وري هن ڌرتي تي ڄمن جيڪي قومن کي زندگي ۽ شعور جو ڏڳ ڏيڪارين.

هئي پلي گرائونڊ هو. اُتي لطيف ڏي ٽيندا هئا. سوچيان ٿي بابا ان دور جي غلط رسمن کي ڪيئن reject ڪيو اسان کي تعليم ۽ شعور ۾ اڳيان آندو. ننڍڙا هوندا هئاسين ته بابا BBC ٻڌندو هو. سيربين ۽ ان جي ميوزڪ وڻندي هئي. ڪنهن به ٻار جي پرورش ۾ ان جي والدين جي توجهه جو وڏو هٿ آهي. ماحول اهميت رکي ٿو پئسو وڏي شي ناهي. ٻارن کي محبت جي آسودگي جو احساس ڏياربو ته اهو ٻار اڳتي هلي ٽٽندو نه. هو ٻين کي زندگي جا گس ٻڌائيندو بابا چوندو آهي ٻين جي مدد ڪريو ماڻهن لاءِ آٿت بڻجو.

بابا کان مان پڇندي آهيان بابا اسان جا وڏا ڇا ڪندا هئا ۽ ڪٿان جا هئا.

ڏاڏا سائين مزدور ماڻهو هو. ڏاڏو اسان کي ڏاڍو پيار ڪندو هو. ياد اٿم صفا ننڍڙا هئاسين ڏاڏو گذاري ويو. اسان جا وڏا ڪاڇي جا هئا. اسان جو ٽڙ ڏاڏو ڪلهوڙن جي دؤر ۾ فوج جو جرنيل هو ۽ سندس نالو فوجو فقير هو. سوچيندي آهيان ته پوءِ گورک هل اسٽيشن اسان جي آهي سڄي سنڌ اسان جي آهي. منهنجون وطن الائي مون لاءِ ڇا آهي. شام جو اڪرم سان واڪ ڪندي سوچيندي آهيان اسان جي باني علامه آءِ آءِ قاضي جا ڪيڏا وڏا احسان آهن. جنهن يونيورسٽي جو خواب پورو ڊاڪٽر اي ڪيو ڪي افغان جا جا جن مهراڻ يونيورسٽي ناهي. هي ڪشادا وڻ، روڊ، لائبرريون، سچ ته اُهي سڀ عظيم انسان آهن جيڪي ٻئي کي گس ٻڌائن ٿا تعليم جو. مان مهراڻ يونيورسٽي پبلڪ تي غور ڪندي سوچيندي آهيان هي اسڪول جنهن ٺهرايو جنهن اسڪول جي سوچ ڏني ته غريب ملازمن جا ٻار به اُها تعليم حاصل ڪن جيڪا پروفيسرن جا ٻار حاصل ڪن ٿا. سچ ته اُهي هٿ اُهي شعور رکندڙ فرد عزت لائق آهن جيڪي ادارن کي پنهنجو ڪن ٿا سائين ايس. ايم قريشي جهڙا ڪاش اهڙا انسان وري وري هن ڌرتي تي ڄمن جيڪي قومن کي زندگي ۽ شعور جو ڏڳ ڏيڪارين. منهنجا ٻارڙا هر روز مون کي اهو چوندا آهن اَمي توهان ڪجهه لکو بس سستي. پر اڄ گل پياري جي زور پرڻ تي قلم کنيم. شال منهنجا ٻچڙا منهنجي سيني سپنن جي ساپيان ٿين منهنجو جيون ساٿي اڪرم انصاري منهنجا ٻچڙا ڪنول، ارسلان، ڪشف، اويس کي ڪڏهن به ڪوسو واءُ نه لڳي. شال هر موسم انهن تي مهربان هجي! شالم علم، عقل شعور پکيڙن!

ڪرڪٽا لاهي سک نه ستا ڪڏهن
اوسيئڙو آهي ڪاهوڙين کي پنڌ جو.

*

ڪوثر گل

# يادگيريون

**مون پنهنجي پيائرن کي سمجهايو تہ وڙهڻ سٺي ڳالهہ ناهي هلو تہ پاڻ ڪنهن ٻي جاءِ تي هلي ٿا کيڏون ۽ جڏهن اسان اتان وڃڻ لڳاسين تہ اُهي ٻئي ڇوڪريون مون وٽ آيون. مون ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌائيندي چيائون تہ توهان نہ وڃو پاڻ سڀ گڏجي اِتي ئي کيڏون ٿا ۽ پوءِ اُهي ٻئي ڇوڪريون منهنجون بهترين دوست بڻجي ويون.**

اسان جو حال اسان جي ماضيءَ سان جڙيل هوندو آهي. ماضيءَ ۾ ٿيندڙ واقعا ۽ تجربا اسان جي شخصيت جي Development ۾ وڏو ڪردار ادا ڪندا آهن. اسان جي شخصيت تي منفي يا مثبت اثر ڇڏيندا آهن. اسان پنهنجي زندگيءَ ۾ جيڪو مشاهدو ڪريون ٿا. اهو يادون بڻجي هميشہ اسان جي ذهن ۾ رهي ٿو ۽ ان جو اثر اسان جي ڪردار مان جهلڪي ٿو.

منهنجي شخصيت تي منهنجي يادگيرين جو وڏو اثر آهي. مون جيترو سٺو ڪتابن مان سکيو آهي اوترو ئي زندگيءَ ۾ ٿيندڙ واقعن مان پرايو آهي. منهنجي شخصيت جو هڪ پهلو اهو آهي تہ مان ماڻهن جي ناگوار روين ۽ ڳالهين کي اڪثر درگذر ڪندي آهيان. منهنجا دوست ۽ احباب مون کي اڪثر چوندا آهن تہ مان ماڻهن جي غلط ڳالهين کي برداشت نہ ڪريان. پر مان ائين نہ ڪري سگهندي آهيان ۽ مون کي پنهنجي اها ڳالهہ سٺي لڳندي آهي. بُري کي بُرو نہ چوڻ ۽ اُن کي درگذر ڪرڻ مون ماضيءَ جي هڪ واقعي مان سکيو.

اسڪول جي زماني ۾ مان پنهنجي پيائرن سان گڏ رسيس جي وقت ground ۾ راند پئي ڪيڏي. ان ground ۾ هڪڙو Pole هو. ٻار اُن Pole کي پڪڙي گول پئي ڦريا مان پنهنجي پيائرن کي اُتي ڇڏي Canteen مان شيءِ وٺڻ ويس. جڏهن مان واپس آيس تہ مان ڏٺو تہ منهنجا پيائر ۽ اسڪول جون ٻہ ڇوڪريون پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا. ڇوڪريون پيون چون تہ هو Pole تي ڦيرا ڏينديون جڏهن تہ منهنجا پيائر پيا چون تہ هنن جو وارو آهي. مون پنهنجي پيائرن کي سمجهايو تہ وڙهڻ سٺي ڳالهہ ناهي. هلو تہ پاڻ ڪنهن ٻي جاءِ تي هلي ٿا کيڏون ۽ جڏهن اسان اتان وڃڻ لڳاسين تہ اُهي ٻئي ڇوڪريون مون وٽ آيون. مون ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌائيندي چيائون تہ توهان نہ وڃو پاڻ سڀ گڏجي اِتي ئي کيڏون ٿا ۽ پوءِ اُهي ٻئي ڇوڪريون منهنجون بهترين دوست بڻجي ويون.

ان ڳالهہ منهنجي ذهن تي ايترو تہ اثر وڌو جو مان سکي ورتو تہ اسان پنهنجي سٺن روين سان پنهنجي دشمن کي بہ دوست بڻائي سگهون ٿا. ان واقعي نہ صرف مون کي هڪ سٺي ڳالهہ سيکاري بلڪ ننڍپڻ جي هڪ خوبصورت ياد بڻجي هميشہ لاءِ منهنجي ذهن ۾ رهجي ويو.

❊

پارس راڻي

# المنظر

سنڌو دريا ۾ ڄامشوري جي هوائن ۾ فضائن مون کي شاعره ۾ ليڪڪ بڻايو. ماسٽرس کان پوءِ M.Phil ۾ داخلا ورتم ڪلاس بہ پورا ٿيا پر Thesis لکي M.Phil ڇڏي ڏنم چو تہ فيڪلٽي ۾ چوڪرن جا روز روز جا بائيڪاٽ ۾ جهيڙا فائرنگون. اها صورتحال اهڙي هئي جنهن منهنجا حوصلا پست ڪري ڇڏيا ۾ آخر ۾ ڪم ڇڏي ڏنم. Thesis اڃا مون وٽ لکي پئي آهي. ڏاڍي محنت ڪئي هئم. نيٺ ورسٽي کي الوداع چيم.

وشال راهن کي منهنجو سلام
مست هوائن کي منهنجو سلام
گلاب خوشبوئن کي منهنجو سلام
حسين منظرن کي منهنجو سلام

ڪميشن پاس ڪيم. ليڪچرر جي لڪير هٿ ۾ هئي. دنيا جي دستور مطابق شادي بہ بابا وارن جي مرضيءَ سان ڪيم. تقريباً هر عام سنڌي ڇوڪري وانگر گهر جي مسئلن گهيري ورتو. Crises مٿان Crises زندگي اهڙا اهڙا منظر ۾ حادثا روح تي ڇٽيا جن جو ڪو مرهم نہ هو. رشتن ڏائڻ وانگر روپ پئي بدليا. ماٺهن جي ميڙ ۾ صفا اڪيلي ٿي ويس. ماڻهن اڳيان ايترو تہ پنهنجو ڪنڌ جهڪايم جو ماڻهو ڪنڌ لتاڙي هليا ويا. پراون تہ روپ بدلايا پر پنهنجن بہ نظرون ڦيري ڇڏيون. سچ آهي تہ ڪريي جو ڪير ناهي.

*ميں گرا تھا تو بہت لوگ رُکے تھے لیکن*
*سوچتا ہوں مجھے آئے تھے اُٹھانے کتنے۔*

الائي ڇو اڃا تائين مون کي گهر نصيب نہ ٿيو آهي. جتي سڪون سان رهي سگهان. اهڙو ئي خدا کان ڪو خزانو گهُريو هئم. هڪ گهر ۾ سڪون گهريو هئم. پر نصيب اڃا نہ ٿي سگهيو. اڃا بہ ائين ٿئي ٿو جو جنهن کي جيڪو وڻي ٿو سو چوي ٿو. آئون صرف چپ ڪري ٻڌندي آهيان ۾ سندن چهرو تڪيندي آهيان. چپ چاپ زهر پيئڻ جو نتيجو Cardiac Problem جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. جيڪو هاڻ مون کي الائي ڪٿي وٺي ويندو! مون کي عشق آهي. ان جو اندازو تڏهن ٿيو جڏهن منهنجا ٻار ملوڪ ۾ ايمان ٿيا. مون کي پنهنجن ٻارن سان جنون جي حد تائين عشق آهي. منهنجو جيئڻ مرڻ دين ايمان منهنجا ٻار ۾ منهنجو Husband آهن. بس اهي منهنجي ڪُل دنيا آهن. انهن کي ڏسندي آهيان سڀ ٿڪ ۾ ڏک الائي ڪيڏانهن هليا ويندا آهن. يا رب منهنجي دُنيا آباد رکجان.(آمين)

ٻيو منهنجو عشق ڪاغذ ۾ ڪتاب رنگ ۾ برش آهن. منهنجو Husband ڪڏهن ڀچندو آهي. توکي ڇا ڪپي. آئون چوندي آهيان صرف هڪ ڪمرو ڪجهہ ڪاغذ، ڪتاب، سڪون جا چند ڪلاڪ ۾ جڳجيت جا غزل. بس هو چوندو آهي عجيب عورت آهين. لڪين ٿي پر ڇپرائين چو نٿي. ڪاغذن جا ڍير ٿي ويا آهن. آئون چوندي آهيان. لکڻ منهنجو شوق ضرور آهي پر آئون ٻاڻ کي تماشو ناهڻ نٿي چاهيان. آئون گمنام ئي صحيح آهيان. منهنجي دُنيا تہ صرف توهان آهيو. عمر بہ هاڻ پنهنجون سرحدون ٽپي وئي آهي وارن ۾ چاندي اچي وئي آهي. پيري پُڪاري پئي بس اهو ئي آهي منهنجي زندگي ۾.

❊

ارشاد سومرو

# منهنجو جنم



منهنجو جنم لاڙڪاڻي ضلعي جي تعلقي رتيديري جي ٻيڙ محلي ۾ ٿيو لاڙڪاڻو ضلعو سياستدانن ۽ ادبي شخصيتن لاءِ سنڌ جو وڏو زرخيز ضلعو آهي.

جنهن ۾ ملڪ جا مشهور سياستدان سر شاهنواز ڀٽو ذوالفقار علي ڀٽو بينظير ڀٽو مير مرتضيٰ ڀٽو شاهنواز ڀٽو ممتاز ڀٽو منهنجي شهر جو بهادر نوجوان جسقم چيئرمن بشير خان قريشي، نيب جو صدر جسٽس ديدار حسين شاهه ۽ رتيديري جا آهن. لاڙڪاڻي ضلعي جا اديب، دانشور ادب جي دنيا ۾ ۽ سياسي دنيا ۾ وڏي ناليوار ۽ احترام وارا آهن، جن ۾ خاص طور تي راشدي ڀائر علي محمد راشدي، حسام الدين راشدي جو تعلق به رتيديري سان آهي. جيڪي دانشور، محقق ۽ تاريخدان هئا. آءُ پاڻ کي خوشنصيب ٿي سمجهان جو منهنجو تعلق هن زرخيز زمين سان آهي.

آءُ 1958ع ڊسمبر جي مهيني ۾ (سرٽيفڪيٽ ۾ 4 اپريل 1958ع لکيل آهي) محمد هاشم سومري جي گهر ۾ جنم ورتو. بابا گهر کان ٻاهر ويل هو گهر آيو ته دائيءَ بابا کي ٻڌايو: "ادا! اوهان کي ٽئين ڌيءَ ڄائي آهي." بابا وراڻيو: "ادي! الله جو شڪر آهي." بابا کي ٽئين ڌيءَ ڄمڻ جي باوجود ڪوبه ڏک نه ٿيو ۽ الله جو شڪر ڪيو. مون کان وڏيون ٻه ڀينر هيون ۽ ٻه وڏا ڀائر هئا جيڪي جاڙا به هئا. ان ڪري بابا وٽ ڌيءَ ۽ پٽ جي ڪا خاص اهميت ڪانه هئي، امان ويچاري منهنجي جنم کان پوءِ ڏاڍي بيمار ٿي پئي ۽ علاج ڪرائڻ لاءِ نئون ديرو مائٽن وٽ وئي. امان کي پنهنجو ڀاءُ نه هو. ان ڪري اُن هڪ مائٽ کي ڀاءُ ڪيو هو. امان پورا ويهه ڏينهن دين جي ڀاءُ وٽ رهي. رات جو مان ڏاڍو روئيندي هئس. امان ويچاري مون کي ننڊ ڪرائڻ لاءِ لوريون ڏيندي هئي، صبح جو جڏهن سڀ گهر جا ڀاتي اڱڻ تي کٽون وجهي اُس ۾ ويهندا هئا ته امان جو ڀاءُ امان کي چيڙائيندو هو. "ادي! سڄي رات ننڊ ٿي ڦٽائين، ڌيءَ ته ڏس ڪاري ڪرڙي آهي، ويني ٿي پڏائينس، جڻ ته شهزادي هجي." امان وراڻي ڏيندي هئس. "ادا! جڏهن منهنجي ڌيءَ وڏي ٿي ته، پاڻ ئي چوندي ته شهزادي آهي". اسان جي امان ڏاڍي خوبصورت هوندي هئي. جڻ هڪ پٺاڻي، مان بلڪل به امان جهڙي ڪونه هئس هڪ مهيني جي ٻار جو ڪوبه منهن مهانڊو ڪونه هوندو آهي.

جڏهن آءُ 10 سالن جي ٿيس ته امان جو اهو ڀاءُ

دل جي دوري پوڻ سبب گذاري ويو. پر جڏهن وڏي ٿيس تہ ماما جي ڌيءَ مون کي ڏسي چيو تہ ماسي هيءَ اُها ارشاد آهي جنهن کي بابا ڪرڙي چوندو هو ماسي تو بلڪل ٺيڪ چيو هو تہ منهنجي ڌيءَ وڏي ٿي شهزادي ٿيندي.

**منهنجو ٻالڪپڻ:**

منهنجو ننڍپڻ بہ هڪ عام ٻار وانگر هو مون کان پوءِ هڪ ننڍي ڀيڻ ڄائي اسان ۾ ابتدائي سالن جو فرق هو جڏهن هو ٻن سالن جي ٿي تہ مون سان ڏاڍي وڙهندي هئي. مان جڏهن بہ ڪا ڪائڻ لاءِ شيءِ وٺي ايندي هئس تہ مون کي زمين تي ڪيرائي مون کان شيون کسي وٺندي هئي، آءٌ بس روئيندي رهجي ويندي هئس. جڏهن امان نيرن ڪائڻ لاءِ ڏيندي هئي تہ ڪائڻ ڪونہ ڏيندي هئي. منهنجي ماسات رئي جي اوٽ ۾ مون کي ماني کارائيندي هئي، هيءَ ننڍڙي سيني کان ننڍي هئي. پر خوبصورت بہ ڏاڍي هئي، ان ڪري سيني جي لاڏلي هئي، نالو تہ گلشاد بيگم هئس پر پيار مان سڀ گلڙي سڏيندا هئس. هو ويچاري بيمار ٿي پئي هن کي ننڍي ماتا ٿي ۽ ان مان نمونيا ٿي پيس. رمضان شريف جو مهينو هو هوءَ گذاري وئي. اسان گلڙي جو لاش ڳوٺ کڻائي وياسين اتي دفن ڪيو ۽ شام جو جڏهن روزو کليو تہ ماما جي گهر مان اسان ڏي ماني آئي سيني روزو کوليو. هن جي گذاري وڃڻ تي سيني کي ڏاڍو ڏک ٿيو. پر امان ڏاڍو روئيندي هئي. اسان جي پاڙي ۾ هڪ پنجابي ڇوڪري هئي جيڪا گلڙي جهڙي خوبصورت هئي. آءٌ هن کي کڻي ايندي هئس. امان هن کي هنج ۾ ويهاري ڏاڍو پيار ڪندي هئي. اها ڇوڪري بہ امان جي هنج ۾ ستي پئي هوندي هئي، جڏهن اٿندي هئي تہ مان شمع کي گهر ڇڏي ايندي هئس. اهڙي طرح هوءَ اسان جي گهر جو حصو ٿي وئي سڄو گهر هن کي تمام گهڻو پيار ڪندو هو عيد هجي تہ هن جو حصو ڪڍي هن ڏي گهر موڪليندا هئاسين. هوءَ وڏي ٿي شادي ڪري بهاول پور وئي تہ هن کي شاديءَ ۾ تحفا وغيره ڏنا ويا. هوءَ جڏهن بہ ايندي آهي تہ اسان جي گهر پيڪن وانگر ايندي آهي ۽ هن جا ٻار بہ چوندا آهن تہ "*نانو کے گھر جا رہی ہیں*".

امان ننڍڙي جي گذاري وڃڻ کان پوءِ الله کان دعا گهرندي هئي تہ الله سائين گلڙي ورتي اٿئي تہ گل ڪري واپس ڪر. الله سائين امان جي دعا قبول ڪئي، 3 سالن کان پوءِ اسان جي گهر ۾ اڌڙو ڄميو گهر ۾ ڏاڍي خوشي ٿي. مون تي سهيلين خوشيءَ مان پاٽي هاريو. بابا ڏام ڏوم سان ننڍڙي جي ڇٽي ڪئي. ادا جن ننڍڙي جو نالو محمد علي رکيو هڪ باني پاڪستان جو نالو هو ٻيو اداڪار محمد علي، ۽ بابا جي ڏاڏي جو نالو بہ محمد علي هو ان ڪري وڏي پاڻهہ سان نالو رکيو ويو پر امان هن جو نالو لالو رکيو ڇو جو هيءَ لالو پناڻ لڳندو هو ۽ سندس نالو لالو ٿي ويو. هيءَ ننڍڙو وڏو ٿيو تہ هيءَ بہ وڙهڻ لڳو. وڏا ٻائر مون سان بي انتها محبت ڪندا هئا، ۽ مون لاءِ بہ هو دنيا جون پيارين ۽ ناياب هستيون آهن.

هڪ ڏينهن اسان سهيلين پاڻ ۾ پروگرام ٺاهيو ته مٽي ڪنڙي ٺاهينداسين. مون گهر مان پيڻ ڪان چانور ۽ ٻيو سامان وٺي سهيليءَ جي گهر جي اڳيان ڪاڏو تيار ڪرڻ لڳاسين. پر باهه ٻري ئي ڪونه ۽ نه وري ڪاڏو تيار ٿيو آخر سج به لهي ويو گهروارا ڏاڍا پريشان ٿيا. سياري جي موسم سردي به ڏاڍي پر سردي جي به پرواهه نه هئي. ڳولهيندي اچي مون کي لڌو منهنجو وڏو ڀاءُ ۽ چاچو ڳولهي گهر وٺي ويا. ادا ۽ چاچي دڙڪا ڏنا. گهر پهتس ته امان مار ڏني ته ايتري دير ڪٿي هئين گهر ٻڌائي چو ڪونه وئي هئينءَ ته ڪنهن جي گهر ٿيون راند ڪريو. جڏهن رات جو بابا گهر آيو ته امان بابا کي سڄي ماجرا ٻڌائي. بابا مون کي ڪي به دڙڪا نه ڏنا. بابا ڪنهن کي به دڙڪا ڪونه ڏيندو هو پر پوءِ به سڄو گهر بابا کان ڊڄندو هو. جيڪڏهن بابا گهر جو دروازو ٽپي گهر ۾ داخل ٿيو ته سڀ خاموش ٿي ويندا هئا. گهر ۾ ريڊيو وڄندو هو ته اهو به بند ٿي ويندو هو. ڪنهن جي مجال نه هوندي هئي ته بابا جي اجازت کانسواءِ ڪيڏانهن وڃي. جيڪڏهن ادا وارن کي فلم ڏسڻي هوندي هئي ته بابا کان اجازت وٺي پوءِ ويندا هئا.

اسان پاڙي جون ڇوڪريون پاڙي جي ميدان تي رانديون ڪندا هئاسين ڪوبه ڪونه جهلينڊو هو ڪوڪو نوڙي ٽپڻ، اڪ ٻوٽ. گهرجي اڳيان ميدان تي اسان جي پاڙي جا وڏڙا هوڙا رکي ويهندا هئا اسان کي ڪابه پرواهه ڪونه هوندي هئي.

گرمين جون موڪلون ملنديون هيون ته ڳوٺ ضرور ويندي هئس. اسان جي ڳوٺ ۾ نانو ناني ۽ ٻه ننڍڙيون ماسيون هيون اُهي مون کان به ننڍڙيون هيون. امان ۽ منهنجي ماسيءَ اسان جي ناني کي پڇاڙيءَ ۾ شادي ڪرائي هئي. اسان جي سڳي ناني گذاري وئي ته امان ۽ ماسيءَ اسان جي ناني کي شادي ڪرائي ته اسان جي بابا کي ڪو وارث ڄمي. پر وارث جي بدران ٻه ٻيون نياڻيون ڄميون. مان جڏهن ڳوٺ ويندي هئس ته ناني ۽ ننڍڙيون ماسيون ڏاڍيون خوش ٿينديون هيون. گرمين ۽ ڪاڙهي ۾ به پرواهه ڪونه هوندي هئي، ڳوٺ ۾ بجلي به ڪونه هوندي هئي. ڏينهن جو ڇت واري جهلي ۽ رات جو گڏهه وارو پکو سڄي رات ويچارا گڏهه هلندا هئا ۽ اسان ننڊ ڪندا هئاسين. مڇرن لاءِ وري ڇيٽڻ جي دونهي ڪندا هئا. صبح جو اُٿ ته جارو منهن ئي سڃائي ڇڏيندو هو. گرمين ۾ ڳوٺ جا ماڻهو مڇرن کان بچڻ لاءِ اچي اسان جي گهر رتيديري رهندا هئا. ۽ مان وري مڇرن لاءِ ڳوٺ ويندي هئس، ڳوٺ ۾ پڪي جو گهر ۽ مامي جو گهر (امان جو سؤٽ امان کي پنهنجو ڀاءُ ڪونه هو). آءُ انهن جي ڏيئرن سان ملي ڏاڍيون شيطانيون ڪندا هئاسين. دڙڪا به خوب ملندا هئا. هڪ ڏينهن چا ٿيو جو اسان گهروارن کان چوريءَ واهه ۾ وهنجڻ جو پروگرام ٺاهيو. اسان جي ٻنين جي پرسان هڪ واهه وهندو هو گوڏي جيترو پاڻي هوندو هو. اسان جڏهن واهه تان وهنجي منجهند جو گهر واپس آياسين ته اسان جي وڏي ماروٺ

اسان کي منجھند جي ماني بہ نہ ڏني. دڙڪا بہ خوب مليا، جڏھن ماما رات جو گھر آيو تہ ھن بہ پھريون دڙڪا ڏنا پوءِ پيار سان سمجھايو. ٻنين تي وڃي پلي پٽڻ، ڦريون، ڦوٽا پٽڻ ۽ واھن مان جڏھن مھاڻا مڇي ماريندا ھئا تہ ويھي ڏسندا ھئاسين ۽ پئسن تي وٺي گھر ايندا ھئاسين، مھاڻن جو مايون گھر مڇي ڪٽي ايندا ھيون تازي مڇي پچائڻ جو مزو ئي ٻيو ھوندو ھو. مڇي ۽ چانورن جي ماني مکڻ سان مکيل تہ پوءِ ڇا چئجي.

ٻنين تان جڏھن واپس ايندا ھئاسين تہ ھارياڻيون اسان کي پنھنجي گھر وٺي ويندليون ھيون. کٽ تي رلي وڇائي اسان کي شيشي جي گلاس ۾ پاڻي پياريندليون ھيون، ڏاڍو خوش ٿينديون ھيون تہ اسان جي گھر وڏيريون آيون آھن. ھارين جا ٻار اسان جي کٽ اڳيان قطار ڪري اچي ويھندا ھئا، اسان ھنن لاءِ ڪا عجيب مخلوق ھوندا ھئاسين. شام جو ڇوڪرن سان بلور کيڏندا ھئاسين، ڇوڪرا بہ پنھنجا ھوندا ھئا، نشانو پڪو ھوندو ھو. بلور بہ ڏاڍيا کٽيندي ھئس.

اسان جي ڳوٺ ۽ ٻئي ڳوٺ جي وچ ۾ واھہ ھو ۽ ان جي مٿان پل ٺھيل ھوندي ھئي. ھڪ ڏينھن امان جي سؤٽ مون کي ٻئي ڳوٺ ۾ پنھنجي پيئڻ جي گھر وٺي وئي. ھنن جي گھر جو وڏو دروازو ٽپي اندر وياسين ماسيءَ جو خيال ھو تہ ڪتا ٻڌل ھوندا ڇو جو ڪتا ڪليل ھوندا ھئا تہ ڪنھن جي بہ مجال نہ ھوندي ھئي تہ گھر جي مالڪن جي اجازت کانسواءِ گھر ۾ داخل ٿي سگھي ڇو جو گھر جي سنڀال لاءِ رات جو ڪتا کولي ڇڏيندا ھئا ۽ صبح جو ٻڌي ڇڏيندا ھئا. اسان وياسين تہ سڄي ويڙھي جون عورتون اسان سان ملڻ آيون، ڪنھن کي بہ خيال نہ آيو تہ ڪتا کليل آھن، انھن مان ھڪ ڪتي لڪي لڪي اچي منھنجي گوڏي ۾ چڪ وڌو. سڀ پريشان ٿي ويا منھنجي ٽنگ مان رت وھڻ لڳو ۽ ڪتي جي چڪ سان شلوار بہ ڦاٽي پئي. ڳوٺ وارن پنھنجا ٽوٽڪا آزمايا. پھريون سٽ پادر ھنيا چڪ واري جڳھہ تي، حقي جو پاڻي ھاريو ڳاڙھا سڄا مرچ ۽ تماڪ ٻڌو جيسين تائين چڪ صحيح ٿيو تہ پوءِ واپس گھر آيس، ڳوٺ وڃڻ ڏاڍو سٺو لڳندو ھو.

**منھنجي تعليم:**

ننڍي ھوندي اسڪول ۾ ويھاريو ويو. پيئڻ ۽ ماسات سان گڏجي اسڪول ويندي ھئس. پھرين ڪلاس ۾ مون کي ھيءَ ۽ ھيءُ سمجھہ ۾ ڪونہ ايندو ھو. ھڪ ڏينھن آپا زبيده اھڙي تہ زور سان چماٽ وھائي ڪڍي جو ڳل تي آڱرين جا نشان ٺھي پيا. اکين مان لڙڪ لارون ڪري وھڻ لڳا. گھر آيس تہ امان کي روئي دانھن ڏني. ٻئي ڏينھن امان مون سان گڏجي اسڪول ھلي آپا زبيده امان جي سھيلي بہ ھئي، امان آپا سان ڳالھايو جيڪو مون کونہ سمجھيو تہ ڇا ڳالھايو. اھو ڏينھن اڄ جو ڏينھن ڪڏھن بہ ھيءَ ۽ ھيءُ نہ وسريو. پھرين تہ پڙھڻ جو بلڪل بہ شوق ڪونہ ھو. پوءِ جڏھن ٽئين ڪلاس ۾ آيس

تہ ڏاڍو شوق جاڳيو حسابن ۾ تہ اهڙي ذهين ٿي ويس جو مشڪل سان ڪو حساب غلط ٿيندو هو. ٽئين ڪلاس ۾ پاس ٿيس تہ انعام ۾ هڪ آڪاٽين جو ڪتاب مليو. پنجين ڪلاس ۾ آيس تہ امتحان واري ڏينهن بابا اسڪول وڃڻ کان روڪيو امتحان ۾ نہ ويهڻ جي ڪري ڏاڍي رنس. اکيون سُڄي ويون. منجهند جي ماني بہ نہ کاڌي. بابا رات جو گهر آيو تہ امان ويچاريءَ بابا کي التجا ڪئي تہ ارشاد کي پڙهڻ جو ڏاڍو شوق آهي. هن کي اجازت ڏي تہ انگريزي پڙهي. پر التجائون بيڪار ويون. بابا سختيءَ سان چيو تہ ڪابہ ضرورت نہ آهي وڌيڪ پڙهڻ جي. چار درجا سنڌي ۽ قرآن شريف ڪافي آهي. مون کي ڏاڍو شوق هو تہ سهيلين سان گڏ انگريزي اسڪول ۾ پڙهان. پر حسرت حسرت ئي رهجي وئي. انگريزي تہ نہ پڙهي پر قرآن پاڪ بہ ڪونہ پڙهيو. جڏهن پينرن جي شادي ٿي وئي تہ آءُ گهر ۾ اڪيلي ٿي ويس امان سان گڏجي گهر سنڀالڻ ۾ مدد ڪئي ۽ پوءِ احساس ٿيو ۽ امان کان قرآن پاڪ مڪمل ڪيم. پر انگريزي پڙهڻ جو شوق دل مان ڪين ويو. بابا جوانيءَ ۾ ئي نوڪري ڇڏي. پينشن جا پئسا مليس تہ بابا اُهي سمورا پئسا پنين تي خرچ ڪيا ۽ زمين تي باغ رکرايو. زيتون جي سٺي نسل جون ڇڪيون رکرايون. ڏاڙهون، ليما، ڪجيون، چمن جون ڇڪيون، گلاب جا گل، ميهڙ جي ميندي مطلب تہ هڪ سٺو باغ ٿي ويو ۽ هڪ وڏو مڇيءَ جو فارم بہ نهرايو ويو. بابا ۽ امان ڳوٺ ۾ رهڻ لڳا. بابا جي غير موجودگيءَ ۾ مون کي پڙهڻ جو شوق وري جاڳي پيو. مون ڇهين ڪلاس جو ڪورس گهرايو. منهنجي هڪ سهيلي شهناز ابڙو هوندي هئي ان سان دل جي ڳالهہ ڪيم. هن واعدو ڪيو تہ مان اوهان جو پورو ساٿ ڏيندس. ويچاري هر روز اسان جي گهر ايندي هئي ۽ مون کي A.B.C کان پڙهائڻ شروع ڪيو. هن جي مڙس کي هن جو منهنجي گهر اچي پڙهائڻ برو لڳو. شهناز جي شادي نائين جي پيپرن دوران ڪرائي وئي هئي. هن ويچاريءَ کي مڙس مار ڏني ۽ اک ۾ نشان ٿي پيس. هن پنهنجي مجبوري ٻڌائي. مون همت نہ هاري سيني مضمونن جون گائيڊون گهرايون ۽ گائيڊ جي مدد سان پڙهڻ شروع ڪيو ۽ انين ڏينهن اچي. منهنجي سهيلي مون کان ٽيسٽ وٺندي هئي ۽ هن جو پاءُ نائين ڪلاس ۾ هو جڏهن نائين ڪلاس جا فارم پيا پرجن تہ مون بہ فارم پرايو. جڏهن شهناز جو پاءُ سلپ کٽي در تي آيو تہ بابا ئي دروازي تي ويو ۽ سلپ کٽي اچي بابا مون کي ڏني ۽ چيو تہ "اوهان جا پيپر ٿيڻ وارا آهن." مان بابا جي هٿ ۾ سلپ ڏسي سڪتي ۾ اچي ويس تہ الائي بابا ڇا چوندو. پر بابا ڪجهہ بہ نہ چيو ۽ جيڪو اندر ۾ خوف جو طوفان هو اهو ختم ٿي ويو. نائنٿ ۾ پرائيويٽ اميدوار جي حيثيت سان امتحان ڏنم. جڏهن رزلٽ آيو تہ ادا منظور کي چيم تہ "اسڪول مان نتيجو ڏسي اچو تہ پاس ٿي آهيان يا نہ؟" ادا گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ۾ نتيجو ڏسڻ ويو. ڇو جو پرائيويٽ اميدوارن جو نتيجو بوائز هاءِ

اسڪول ۾ آيو هو. جڏهن ادا، هيڊماستر کي منهنجو نمبر ڏنو تہ هيڊ ماسٽر لسٽ ۾ نمبر ڏسي چيو تہ "ادڙي پنجن ئي مضمونن ۾ پاس آهي." ادا وري هيڊماستر کي چيو تہ "اوهان وري چيڪ ڪريو ڪنهن ٻئي جو تہ نمبر نٿا ڏسو." هيڊ ماسٽر رزلٽ شيٽ ادا جي هٿ ۾ ڏني. ادا جڏهن پاڻ رزلٽ ڏٺو تڏهن يقين آيس ۽ جڏهن گهر اچي مون کي ٻڌايائين تہ ڏاڍو ڪليو. "مان پاس ٿيڻ جو يقين ئي ڪونہ پئي ڪيان." اهڙيءَ طرح منهنجي شوق جي تڪميل جي شروعات ٿي، مون مئٽرڪ ۽ انٽر ڊي گريڊ ۾ پاس ڪئي. 1984ع ۾ وري مون پڙهائي ڇڏي ڏني. وري 1991ع ۾ مون بي.اي پارٽ ون جو پرائيويٽ فارم ڀرايو. ادا جي بيماريءَ جي ڪري انگلش جو پيپر نہ ڏنو پوءِ بي.اي پارٽ-2 سان ڏنو. بي.اي سيڪنڊ ڊويزن ۾ پاس ڪئي، پوءِ ايم.اي سنڌيءَ ۾ ڪئي، سي.ٽي ڪئي وري، نوڪري ڪرڻ جو شوق جاڳيو. گهر وارن اُن جي بہ مخالفت ڪئي. انٽرويو ڏنم پر خرچي ۽ پرچيءَ ڪانسواءِ ڪم ڪونہ ٿيو. ان دوران بي.ايڊ علامہ اقبال مان ڪيم ۽ ايم.ايڊ ۾ داخلا ورتي. پوءِ مون بيڪن هائوس اسڪول سسٽم ۾ وڃي اُتان جي ميڊم سان ڳالهايو ۽ سموري روءِ داد ٻڌائي، هن پنهنجي ڊائري ۾ نوٽ ڪيو ۽ جڏهن لطيف آباد برانچ جو افتتاح ڪيو تہ مون ڏي فون ڪئي. آءٌ حيدرآباد آيس. ڀهرين آءٌ پنهنجي وڏي ڀيڻ وٽ رهيس. پوءِ پنهنجو الڳ گهرو ورتو. بيڪن هائوس انگلش ميڊيم اسڪول جون سچي دنيا ۾ شاخون آهن. ناليوارو اسڪول ڊپ بہ ڏاڍو پئي لڳو پر ميڊم سومرو ۽ ميڊم بروهيءَ منهنجي وک وک تي مدد ڪئي ۽ جيڪو منهنجو نوڪري ڪرڻ جو خواب هو سو ساڀيان ٿي پيو. 6- آگسٽ 2001ع تي اسان جي اسڪول جي برانچ جو افتتاح ٿيو ۽ مون 7- آگسٽ 2001ع تي بيڪن هائوس سنڌي ٽيچر طور جوائن ڪيو. ڀهريان ٽي مهينا مون عربي ۽ اسلاميات بہ پڙهائي، جڏهن اسلاميات ۽ عربيءَ جي ٽيچر آئي تہ پوءِ صرف سنڌي پڙهائڻ لڳس جيڪو اڄ تائين پڙهايان پئي. مون کي اڳتي پڙهڻ جو شوق هو سو مون M.Phl ۾ داخلا لاءِ ٽيسٽ ڏنو ۽ ايم.فل ۾ داخلا ملي وئي. ان دوران منهنجو بابا دل جي بيماريءَ ۾ گذاري ويو امان بہ عدت مان نڪرڻ کان ٽيڪ 10 ڏينهن کان پوءِ گذاري وئي. ڏاڍو صدمو رسيو پر مان امان کي هميشہ چوندي هئس تہ الله پاڪ توکي ڪنهن جو بہ محتاج نہ ڪندو. منهنجي امان عاشقِ رسول هوندي هئي، پنجتن جي ديواني هوندي هئي، وفات واري رات ٽي.وي تي فلم پئي هلي تہ ٻارن کان پڇي پئي تہ مديني جي فلم هلائي اٿوَ. فلم ۾ هن کي مدينو پيو نظر اچي. امان کي حج ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو پر نصيب نہ ٿيس شايد خدا پاڪ هن جي آخري خواهش پئي پوري ڪئي. مرڻ کان ڀهرين مديني جي زيارت ڪرائي. امان جي وفات کان پوءِ اسڪول آيس تہ ڪراچيءَ کان ٽيم آئي هئي، نون ٽيچرن کي ڪنفرم ڪرڻ، اسڪول آيس تہ ميڊم ٻڌايو تہ

رومانہ بروهي اوهان جي آبزرويشن وٺندي (روما بروهي، حليم بروهي جي ڌيءَ هئي.) منهنجي حالت اهڙي هئي جو اکين مان ڳوڙها ڪين پئي سڪا. هڪ لفظ ڳالهائي ڪونہ پئي سگهيس. ميڊم بروهيءَ مون کي حوصلو ڏنو ۽ پيار بہ ڪيو منهنجي آبزرويشن سٺي ٿي ۽ مون کي پڪو ڪيو ويو. پوءِ آءُ ڪنفرم ٽيچر ٿي ويس. پر اڃا بہ دل ۾ ليڪچرار ٿيڻ جي تڙپ هئي. ليڪچرشپ جو فارم پريم ۽ سکر ۾ رٽن ٽيسٽ ڏنم. سکر ڊويزن ۾ 6 نمبر تي آيس. پر واءِ واءِ ۾ فيل ڪيو ويو. ٽوڪن جا -/20 هزار گهريا ويا هئا. باقي -/60 هزار آرڊر ملڻ کان پوءِ ڏيڻا هئا. پر سيني منع ڪيو تہ نہ ڏي -/80 هزار مون وٽ هئا بہ. وري ارباب دور ۾ مون هڪ رٽن ٽيسٽ لينگويج ٽيچر لاءِ جنهن ۾ پاس ٿيس. ٻي ٽيسٽ ليڪچرشپ لاءِ ڪراچيءَ ۾ ڏني. 150 سيٽون هيون، رٽن ٽيسٽ پاس ڪيو. واءِ واءِ لاءِ ڪراچيءَ ويس تہ اتان جي ڪلارڪ سڃاڻي چيو تہ "ادي اوهان اُهي آهيو نہ جنهن اسان جي پيپر مان غلطيون ڪڍيون هيون." پيپر ۾ 3 سوال غلط هئا جيڪي مون اتي موجود ڊيوٽيءَ تي ڪلارڪ کي ڏيکاريا هئا. ارباب دور ۾ 150 اميدوارن ۾ منهنجو نالو بہ هو پر هنن آرڊر 117 اميدوارن جا ڪيا. رجيڪٽ وارن ۾ مان بہ شامل هئس. اهڙيءَ طرح ليڪچرشپ جو خواب خواب ئي رهجي ويو.

سانا وارن اسڪالرشپ جي درخواست گهرائي مون بہ موڪلي ۽ مون کي اسڪالرشپ ملي وئي. -/500 سؤ ڊالر مليا جيڪي پاڪستاني -/35 هزار ۽ ڪجهہ سؤ هئا. ان چيڪ جي فوٽو ڪاپي مون وٽ آهي. منهنجي ايم.فل جو عنوان هو "شاهہ جي عشقيہ شاعريءَ ۾ تصوف جو رنگ" اسڪالرشپ ملي تہ مون ڪتاب وٺڻ شروع ڪيا. شيخ اياز ڪانفرنس ٿي تہ ان ۾ مون مقالو پڙهيو جنهن جو عنوان هو "سنڌي ادب ۾ تصوف" اسان جي نشست جي صدارت جامي چانڊيو ڪئي. مون پنهنجي ٿيسز لکڻ شروع ڪئي، پر جڏهن ليڪچرشپ ۾ ناڪامي ٿي تہ ٿيسز لکڻ تان دل ئي کڄي وئي، اُها اُنڪري جو بيڪن هائوس ۾ منهنجي بي.ايڊ ۽ ايم.ايڊ جي ڪا اهميت نہ هئي تہ ايم.فل جي ڪهڙي معنيٰ ۽ ٻيو تہ پرائيويٽ اسڪولن ۾ ڪم جو بار. گهر اچ تہ اسڪول جو ڪم. ان ڪري مون ايم. فل کي اڌ ۾ ڇڏي ڏنو. بيڪن هائوس مان نوڪري ڇڏڻ کان پوءِ ٿيسز مڪمل ڪري پنهنجي خرچ تي ڇپرائيندس. اهو منهنجي زندگيءَ جو وڏو خواب آهي. ايم. فل ۾ اسان 6 شاگردن هئاسون. مان، حسن درس مرحوم ۽ مخمور بخاري (جنهن شايد مڪمل ڪئي). باقي ٻين جي خبر نہ آهي تہ ڇا ٿيو. حسن درس سان ڪابہ ڳالهہ ٻولهہ نہ ٿي سگهي، جنهن جو ڏک هاڻي شدت سان ٿي رهيو آهي.امتحان واري ڏينهن ۾ ڳاڙهي ڪلر جي شرٽ بليو ڪلر جي جينس پهريل حسن درس جو ڪولر مان پاڻي پيئڻ وارو اچ بہ ياد آهي. خدا هن کي جنت نصيب ڪري! يونيورسٽي جو دور ڏاڍو سٺو گذريو عزت ملي، سڀ استاد مهربان

هئا پر خاص طور ميڊم نور افروز تہ مون کي پنهنجي ماءُ جهڙي لڳندي هئي. يونيورسٽي وڃڻ لاءِ صبح جو سيئي انتظار ۾ بيٺل جوڙا ڏاڍا وڻندا هئا. پر جڏهن واپسي ٿيندي هئي تہ ڏاڍي اُلجهن ٿيندي هئي. بس ۾ سيٽن تي پيل پٽر ۽ رجسٽر ۽ وري قطار ۾ بسن جا قافلا ۽ ڄامر شوري جا ٽٽل ڀهاڙ شاهہ جي سرن وانگر لڳندا هئا، تہ ڪيئن سسئي پنهونءَ لاءِ ٽٽل ڏونگر ڏوريا هوندا.

**شاعري:**

مون پهريون شعر قصص الانبياءِ پڙهندي لکيو. جڏهن نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم معراج تي ويا تہ نبي پاڪ کي جهنم جو سير ڪرايو ويو. جڏهن نبي پاڪ جهنم جو عذاب ڏٺو تہ پاڻ تڙپي پيا. ان وقت مون پهريون شعر چيو.

مون پوءِ شعر ڊائريءَ ۾ لکڻ شروع ڪيا. پر هڪ وقت آيو تہ مون پنهنجي ڊائري مان سڄي شاعري ڪڍي ساڙي ڇڏي. 2001ع ۾ مون کي بيڪن هائوس ۾ نوڪري ملي. مون بطور سنڌي ٽيچر لطيف آباد ۾ پڙهائڻ شروع ڪيو. هڪ ڏينهن جگجيت جو غزل *”ہونٹوں سے چھو لو تم“* هلي پيو. مون ان جي ڌُن تي هڪ غزل لکيو ”تون دور نہ ٿي مون کان“. ان کان پوءِ اسڪول جي طرفان اسان ٺٽي جي شاهجهان مسجد ڏسڻ وياسين. مون بس ۾ هڪ غزل لکيو.مون ”هر جڳهہ هر ڇهري ۾ مون کي آهي تنهنجي تلاش“ (جيڪو سرتيون رسالي ۾ ڇپجي چڪو آهي). هڪ ڏينهن گهر ۾ ويٺي هئس تہ آسمان تي ڪڪر اچي ويا. مون ڪڪر ڏسي هڪ گيت لکيو.

اڪڙيون آهن ميگهہ ملهار
نيڻن جي ٿيندي برسات.
مينهن هاٽي تون موتي وڃ،
وقت هاٽي تون رڪجي وڃ.

اهو پهريون گيت هو جيڪو سرتيون رسالي ۾ ڇپيو. 2003ع ۾ مون سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ايم. فل ۾ داخلا ورتي. هڪ ڏينهن سميينار ۾ ويٺي هئس تہ ميڊم تهمينہ مفتي آئي مون کان پڇيائين تہ اوهان ڪجهہ لکوبہ ٿا يا نہ؟

مون چيو: ”ميڊم ڊائري جي حد تائين“ميڊم تهمينہ چيو جيڪڏهن اوهان پنهنجون لکڻيون نہ ٿا ڇپرايو تہ پوءِ ايم. فل ڪرڻ بيڪار آهي.“ پوءِ مون ميڊم جي مشوري سان پنهنجي شاعري، ڪارو ڪاريءَ تي مضمون ۽ ڪجهہ ڪهاڻيون ڇپرايون.

مون پنهنجي شاعري ريڊيو موڪلي جيڪا عورتن جي پروگرام ۾ نشر ٿي.مون وري ٻي شاعري موڪلي تہ ادا نثار مگسيءَ فون ڪري چيو تہ ”ادي اوهان جي شاعري انقلابي ۽ مزاحمتي آهي. اسان ريڊيو تي هلائي نٿا سگهون.“ پوءِ مون کي خبرپئي تہ منهنجي شاعري انقلابي ۽ مزاحمتي آهي: مون ملڪ جي حالتن تي وڏيڪ لکيو آهي.منهنجي شاعري جو مجموعو ”گهڙي غمن جي ڀاري آهي“ آهي جنهن جو مهاڳ محترم استاد امداد حسينيءَ صاحب لکيو آهي. ۽ راءِ ڏيڻ وارن ۾ ڄامر ساقي صاحب ۽ ادي گلبدن جاويد شامل آهن.

ان ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ آهي تہ اڄ جيڪا بہ مان آهيان، ان ۾ سرتيون رسالو ۽ ادي گلبدن جو وڏو هٿ آهي. پٿر کي تراشي هيرو ڪرڻ جوهريءَ جو ڪمال آهي.ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ ادي گلبدن نہ صرف عورتن جي رسالي جي ايڊيٽر پر هڪ جوهر شناس جوهري پڻ آهي، جنهن مون جهڙا پٿر تراشي هيرا ڪيا آهن. سرتيون رسالو سنڌ جو واحد رسالو آهي. جيڪو سنڌ جي عورتن کي ادبي پليٽ فارم ميسر ڪري ٿو. جنهن ۾ عورتن جون لکيون بنان ڪنهن سفارش جي ڇپجن ٿيون.مون پهرين ڪهاڻي سرتيون رسالي ۾ ڏني جيڪا ڇپجي وئي. ڪهاڻيءَ جو نالو ”نيريءَ ڇپري وارو“ پر غلطي سان ان کي عليم علحقي جو ترجمو ڪري ڇپيو ويو. اها غلط فهمي ان ڪري ٿي جو مون اديءَ گلبدن کي هڪ وار اهو ناول ”عشق ڪان عين“ ڏنو جنهن جو ليکڪ عليم علحقي هو منهنجي خواهش هئي تہ ناول سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سرتيون رسالي ۾ ڏيان. پر رسالي جي پاليسيءَ جي ڪري ترجمو ڪرڻ جي اجازت نہ ملي. ان غلط فهميءَ جي ڪري منهنجي اصل ڪهاڻي کي عليم علحقي جي ڪهاڻي جو ترجمو سمجهي ڇپيو. ڪهاڻيءَ کي پسند ڪيو ويو ۽ هڪ ٻي ڪهاڻي جيڪا وڌيڪ پسند ڪئي وئي، ”امان مون کي بد دعا نہ ڏي“ اهڙيءَ طرح مون پنهنجي ادبي دنيا جو سفر سرتيون رسالي کان شروع ڪيو.

امر سنڌو سان منهنجي پهرين ملاقات شيخ اياز ڪانفرنس ۾ ٿي. اسان هڪ ئي نشست ۾ مقالا پڙهيا. صدارت جامي چانڊيي ڪئي.

وري سنڌ ميوزم ۾ WAF وارن عورتن جو مشاعرو ڪرايو. ان ۾ مون پهريون دفعو پنهنجي شاعري پڙهي داد سٺو مليو. مون عورت تي نظم لکيو هو.

وري پهريون دفعو TV پروگرام ۾ سڏايو ويو KTN جو پروگرام هو. ”سنڌ ڇا پئي سوچي؟“ ان ۾ بہ امر سنڌو مهمان هئي ۽ مون کي هڪ استاد جي حيثيت سان سڏايو ويو. جڏهن مون فيس بڪ جي ID ٺاهي تہ پهرين دوست امر سنڌو کي ايڊ ڪيو. آءُ WAF جي ميمبر بہ آهيان. امر سنڌو کي مان بحيثيت هڪ ڪالم نگار سڃاڻندي هئس. هن جا ڪالم ڪاوش اخبار ۾ ڇپبا هئا. مان هن جا ڪالم پڙهندي هئس پر جڏهن هن شيخ اياز ڪانفرنس ۾ مون سان گڏ مقالبو پڙهيو تہ هو بلڪل مختلف پئي لڳي.

**منهنجون عجيب بيوقوفيون**

هڪ ڏينهن بابا آفيس کان گهر واپس آيو. سياري جي موسم هئي. منجهند جي ماني کائڻ وينو تہ منهنجي دماغ ۾ الائي ڇا اچي ويو. مون هڪ چادر کڻي اچي بابا کي ڇيو تہ بابا مون کي هيءَ چادر سونن زيورن سان پيري ڏيو. بابا ڪجهہ نہ چيو مون کي ڇيو. ماني کائي وٺان تہ هلون ٿا. مان کٽ تي بابا جي پرسان ويهي رهيس. جڏهن بابا ماني کائي بس ڪئي تہ اسان ٻئي سونا زيور وٺڻ لاءِ چادر کڻي سوناري جي دڪان تي

آياسين. بابا سوناري کي چيو. "پائو! منهنجي ننڍڙيءَ کي سونن زيورن جي پيري نهرائڻي آهي." سوناري چيو: "ها پائو هفتي کن ۾ نهي ويندي." سونارو بابا جو دوست هو. هو بابا جي ڳالهه سمجهي ويو بابا ۽ مان واپس چادر ڪٽي گهر آياسين. گهر اچي سيني کي ٻڌايو ته منهنجي سون جي پيري هڪ هفتي ۾ نهي ويندي، پوءِ آءُ هر هفتي چاچا سوناري کان وڃي پڇندي هئس ته چاچا! منهنجي زيورن جي پيري ڪڏهن نهندي؟ چاچا سونارو به ويچارو ها ۾ ها ملائيندو هو.

"ها امان، مون تنهنجا زيور سني ڪاريگر کي ناهڻ لاءِ ڏنا آهن. جڏهن اُهو ناهي ايندو ته آءُ پاڻ تنهنجي گهر اچي ڏئي ويندس." نه سنو ڪاريگر آيو ۽ نه پيري زيورن جي ملي. پر بابا ۽ چاچا سوناري منهنجي بيوقوفيءَ جو اهڙو ڀرم رکيو جو مون کي به خبر نه پئي ته هيءَ منهنجي بيوقوفي هئي.

جڏهن منهنجي عمر 10 يا 11 سالن جي هئي ته مان ۽منهنجي پاڇائي 1970ع ۾ پنهنجي چاچي وٽ جيڪب آباد گهمڻ وياسين. هڪ جيڪب آباد جو شهر ٻيو گرمين جا ڏينهن پر گهمڻ جي شوق ۾ ڪا خبر نه پئي ته مهينا رهياسين. منهنجو سئوٽ جنهن کي فلمن ڏسڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. هو مون کي به پاڻ سان گڏ فلم ڏسڻ لاءِ وٺي ويو. وحيد مراد جي فلم ديور ڀاڀي لڳل هئي. اها منهنجي زندگيءَ جي پهرين فلم جيڪا ڏٺي. فلم جي ڪهاڻي ڏير ڀاڄائي ۽ هڪ ڀائٽي جي هئي. فلم مون کي ڏاڍي وڻي. پر مان وحيد مراد ۽ رانيءَ جي فين ٿي ويس. جڏهن وحيد مراد 1983ع ۾ وفات ڪري ويو ۽ رات جو خبرنامي ۾ ٻڌايو ته مان ڏاڍو رُنس ۽ هر سال 23 ڊسمبر تي وحيد مراد کي منيون شيون پڄائي ۽ قل پڙهي امان کان ختمو ڏياريندي هئس ۽ نگار اخبار جو وحيد مراد نمبر گهرائيندي هئس.

مان زندگيءَ ۾ ٻن فنڪارن لاءِ رُني آهيان. هڪ وحيد مراد ۽ ٻيو سرمد سنڌي 27 ڊسمبر جو ڏينهن هو. خيرپور ريڊيو تان هي دردناڪ خبر هلي ته سنڌ جو سرمد روڊ حادثي ۾ گذاري ويو ۽ ريڊيو وارن سرمد جو ڪلام هلايو.

جڏهن هن دنيا مان گذاري ويندا سين،
گهٽن کي اسان به روئاري ويندا سين.

سرمد جي گيت سڄي سنڌ کي روئاري ڇڏيو. جيئن ئي گانو هليو اکين جا بند ڀڃي پيا. بابا مون کان ٿورو پري ڀيءَ کٽ تي ويٺو هو سياري جا ڏينهن هئا. ان ڪري سڀ اڱڻ ۾ کٽون رکي اُس تي ويٺا هئا. سرمد، ادا جن جو به دوست هو. ادا جڏهن فلم "برسات جي رات" ناهي هئي سرمد اُن فلم ۾ هڪ ايڪسٽرا رول ۾ آيو هو. هڪ سين هو هو بائيڪ تي اچي ٿو ۽ هڪ ڦورو هن کان بائيڪ ڦري ٿو وڃي. منهنجي ڀاءُ قربان کي سرمد جو گيت اڙي چنڊ! اڙي چنڊ! ڏاڍو وڻندو هو. مون سرمد تي هڪ گيت لکيو ۽ هن جي ورسيءَ تي ريڊيو حيدرآباد تي موڪليو پر ادا نثار مگسيءَ فون ڪري چيو. "ادي! هي ته هڪ انقلابي گيت آهي، اسان ريڊيو تي هلائي نه

ٿا سگهون.“ پوءِ مون کي خبر پئي تہ منهنجي شاعري انقلابي آهي. مان فنڪارن جون ورسيون ڪندي هئس ۽ امان کان ختما ڏياريندي هئس.
منهنجي هڪ بيوقوفي جنهن تي ڪِل ايندي آهي. جڏهن 1988ع ۾ هندستان جي ڪرڪيٽ ٽيم پاڪستان جو دورو ڪيو ۽ پاڪستان لاهور واري ميچ کٽي تہ ضياءَ عام موڪل ڪئي وري جڏهن جوابي دوري ۾ پاڪستان جي ٽيم ميچ هارائي تہ هندستان ۾ عام موڪل ڪئي وئي. ڪرڪيٽ ميچ جي اهڙي تہ ديواني هوندي هئس جو جڏهن ٽيم کيڏندي هئي تہ امان کي چوندي هئس امان قرآن پاڪ پڙهہ تہ پاڪستان کٽي. امان ويچاري نماز پڙهي دعائون ڪندي هئي. ”اهڙا منظر فلم ”بول“ ۾ بہ ڏيکاريا ويا، جڏهن فلم ڏٺي تہ پنهنجو زمانو ياد اچي ويو) جڏهن ڪرڪيٽ ۾ سٽي بازي اچي وئي تہ ڪرڪيٽ کان نفرت ٿي وئي. ٽيم جا 12 رانديگر 18 ڪروڙ عوام کي بيوقوف ٿا ڪن ۽ وري جڏهن اها بہ خبر پئي تہ سنڌي رانديگرن کي ڪڏهن بہ نہ کڻندا آهن تہ وڌيڪ نفرت ٿي وئي. هاڻي ڪرڪيٽ راند ڏسڻ ڇڏي ڏني اٿم. انهن بيوقوفين تي ڪڏهن ڪڏهن ڪِل ايندي آهي.
اسان جي ڳوٺ ۾ اسان جي مال جي وٿاڻ تي هڪ ملازم هو جيڪو اسان جي مال لاءِ ڪُتر ڪندو هو جيڪڏهن وٿاڻ جا ڪونر ۽ پترون پڄي پوندا هئا تہ اچي ٻاهي ڏيندو هو. هڪ ڏينهن مال جي وٿاڻ جي پتر ڇڄي پئي تہ شيرو پتر ٺاهڻ آيو. مان ۽ منهنجي ماروٽ شاهده (جيڪا پوءِ منهنجي ڀاڄائي ٿي.) اسان ٻئي هن کي پتر ٺاهيندي ڏسڻ لڳاسين. شاهده چوي تہ شيرو منهنجو پاءُ. آءُ چوان تہ شيرو منهنجو پاءُ. اسان پاڻ ۾ شيروءَ تان وڙهڻ لڳاسين ۽ شيرو اهو سڀ ڏسي کِلڻ لڳو ۽ پوءِ امان ۽ ماسيءَ کي ٻڌايائين تہ ”اوهان جون ننڍڙيون ڀاڻ ۾ وڙهن پيون تہ شيرو منهنجو پاءُ آهي.“ شيرو اسان جي ڳوٺ جو شيخ ذات مان هو ۽ هن جي عمر تقريبن 30 سال هئي. ان وقت اسان جي عمر مشڪل سان 7_8 سال هوندي. شيرو اسان جي ڳوٺ جو چاريندو هو ۽ شاهده ڳوٺ جي وڏيري جي ڌيءَ ۽ مان ڳوٺ جي وڏيري جي ڀاڻيجي. خبر نہ آهي ڇو ننڍي لاءِ کان مون کي ڀاءُ جو رشتو ڏاڍو وڻندو آهي. هن دنيا ۾ مون لاءِ ڀاءُ جو رشتو قابل احترام آهي پوءِ اهو سڳو ڀاءُ هجي يا ڪو ٻيو هجي.
جڏهن شڪارپور ۾ بوسٽر لڳو تہ ادا منظور بہ فلپس جي بليڪ اينڊ وائيٽ 24 انچن جي ٽي وي وٺي آيو. شام جو 5:00 وڳي ٽي. وي شروع ٿيندي هئي تہ ڪم ڪار کان واندا ٿي اچي ويهندا هئاسين. مونوگرام کان پوءِ اناؤنسر سڄي رات جا پروگرام ٻڌائيندي هئي. ان زماني ۾ رومي. انتظار فرمايو. حيدريءَ جا ڊراما هلندا هئا. ۽ جڏهن شمع ۽ تعبير هلندو هو تہ گهٽيون ويران ٿي ويندڀون هيون. ان کان پوءِ اسان جي گهر ٽي. وي. ورتي هئي. ٻارڙن جا سڀ ٻار اچي ڪارٽون ڏسندا هئا. پندرهن ڏينهن کان پوءِ فلم

هلنديون هئي تہ سڄي پاڙي جون عورتون اچي اسان جي گهر فلم ڏسنديون هيون. هاڻي جڏهن اُهي فلمون هلنديون آهن تہ ڪل ايندي آهي تہ ڪيئن نہ اسان چرين وانگر فلمن جو انتظار ڪندا هئاسين.

**منهنجا دوست**

مون کي پنهنجي ننڍپڻ جو هڪ واقعو ياد ايندو آهي تہ اسان جي پاڙي ۾ مون کان وڏي هڪ ڇوڪري هئي ان سان مون دوستي رکي ۽ اسان هڪ ٻئي کي گُڏيون ڏنيون. هوءَ ڇوڪري پنهنجي وڏي ڀيڻ کي وٺي آئي تہ ارشاد منهنجي ڀيڻ کان سٺي گُڏي وٺي خراب گُڏي ڏني آهي، ۽ پنهنجي ڀيڻ جي ڏنل گُڏي واپس وٺي وئي. ان ڏينهن کان پوءِ مون ڪنهن کي بہ ڪو تحفو ڪونہ ڏنو.

دوستي ڪا تجارت نہ آهي جو ماڻهو تحفو بہ مطلب خاطر ڏئي، پر پوءِ بہ آءٌ دوستيءَ جي معاملي ۾ خوشقسمت آهيان. سٺو دوست الله پاڪ جو تحفو هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن انسان دوست جي سڃاڻپ ڪرڻ ۾ ڌوڪو کائي ويندو آهي. مون جن کي دوست سمجهيو اُهي ڪاريهر نانگ تي لڳا ۽ ڪاريهر نانگ ڏنگ هڻڻ ۾ بہ دير نہ ڪندو آهي. جن کي مون دوست سمجهيو انهن دوستيءَ جي آڙ ۾ وڏيون دشمنيون پاڙيون. نانگ اُهو مڪار جانور آهي، جنهن کي کير پيار تہ بہ ڏنگ هڻندو آهي، دوستن جي ڏنگ جسم کي زهر سان پري ڇڏيو ۽ روح کي زخمي ڪري ڇڏيو ذهن ڪرب جي پيڙا جي بيان کان ٻاهر دوستيءَ تان اعتبار کڄي ويو. دوستن جي ناانصافين تي مون پنهنجو فيصلو خدا پاڪ تي ڇڏيو الله پاڪ اهڙو تہ انصاف ڪيو جو بہ اختيار دل جي گهرائين مان نڪتو بيشڪ خدا انصاف ڪرڻ وارو آهي. جن مون لاءِ کڏون ڪوٽيون خدا انهن کي انهن کڏن ۾ ڪيرايو. جن مون سان ڪئي انهن سان الله پاڪ ڪئي. هي رشتا ناتا سڀ لفظن جي راند آهن. رشتن جي اصل روپ جي تڏهن خبر پوندي آهي جڏهن انهن جو اصلي چهرو کلي سامهون ايندو آهي. مون پنهنجي تجربي مان سکيو آهي تہ ماءُ جي پاڪ رشتي کان پوءِ خدا پاڪ هڪ بهترين دوست بہ آهي تہ ستر مائرن کان وڌيڪ پيار ڪرڻ وارو بہ آهي. ڏکي سکيءَ ۾ سار لهڻ وارو ۽ عيب ڍڪڻ وارو ۽ ستار بہ آهي. دوستن ۽ رشتن جي بي وفائين مون کي پنهنجي خدا جي ويجهو ڪري ڇڏيو مان پنهنجا ڏک سک خدا سان اورڻ لڳس، خدا مون کي هر مشڪل کان محفوظ رکيو مون کي خبر ئي نہ پئي تہ منهنجي رستن جا ڪنڊا ڪيئن گل بڻجي ويا. آءٌ دل جي ڳالهہ پنهنجي خدا سان ڪندي آهيان. هو منهنجو بهترين دوست آهي. مان پنهنجي هر مشڪل ۽ تڪليف جي ڳالهہ خدا سان ائين ڪندي آهيان جڻ منهنجو خدا مون سان گڏ آهي.

سٺا دوست بہ خدا جو هڪ بهترين تحفو آهن، هن وقت جيڪي بہ منهنجا سٺا دوست آهن اُهي خدا جو تحفو آهن. اڄ جو ڪجهہ بہ آهيان اُهو خدا جي مهرباني ۽ دوستن جي مشوري سان

آهيان. مان زندگيءَ ۾ جڏهن بہ ڪنهن ڪرب يا پيڙا مان گذري آهيان ان جو ذڪر خدا سان ڪيو آهي ۽ شاعر جي روپ ۾ پني تي اوتيو آهي. مون ڪڏهن بہ ڪنهن کي معيار نہ ڏني آهي، پوءِ اُهو مائٽ هجي يا دوست هجي.

قسمت ۾ وفا ناهي، ڏيان ڪنهن کي ميارون مان،
هت آهن سڀ ئي پنهنجا، مان ڪنهن کي چوان ڌاريو؟

**خانداني پسمنظر**

اسان جو ڳوٺ شڪارپور ضلعي جي تعلقي ڳڙهي ياسين جي وڏن ٻڪڻن جي سامهون امان جي ڏاڏي جو ٺاهيل ڳوٺ سونو ڪٽيءَ جي نالي سان آهي. هو ڳوٺ جو زميندار بہ هو. انگريزن جي زماني ۾ هن زمينن کي آباد ڪرڻ لاءِ واهہ کوٽايو هو جيڪو سونو ڪٽيءَ جي نالي سان اڄ بہ موجود آهي ۽ ڪٽيءَ جي ديهہ سڏجي ٿي. امان جو ڏاڏو ايترو تہ امير هو جو هن جون اڻ ڏڏيون چڙي وينديون هيون. سڪن کي صاف ڪري پيتيءَ ۾ رکيو ويندو هو. ۽ جڏهن لوهہ جي وڏي پيتي کلندي هئي تہ ست ڳوٺ ٻڌندا هئا تہ سوني ڪٽي جي خزاني جي تجوڙي کلي آهي. جڏهن امان جو ڏاڏو گذاري ويو تہ سندس پٽن سڄي ملڪيت ورهائي ۽ پڳڙن مٿ تي هندن کي ڏئي ڇڏي. وري جڏهن پاڪستان ٺهيو تہ اسان جي مامي هندن کان اُهي زمينون واپس ورتيون. اسان جو مامو ڊي سي جي عهدي تان رٽائرڊ ٿيو ان جي گذاري وڃڻ کان پوءِ اسان جي ڳوٺ جو زميندار منهنجو ماروٽ آهي. اسان جا مائٽ آهستي آهستي ٻارن جي پڙهائي جي ڪري شهرن ۾ لڏي ويا. هاڻي صرف ڳوٺ ۾ هاري رهندا آهن. ماما جي بنگلي جي سنڀال ڪمدار ڪندو آهي. هاڻي ڪڏهن ڪڏهن اسان ڳوٺ ويندا آهيون. پر جڏهن اسان جو نانو ۽ ماما وارا ڳوٺ ۾ رهندا هئا تہ عيد ڪرڻ ڳوٺ ويندا هئاسين.

صبح جو ڳوٺ ۾ هڪ مڱڻهار ڳچيءَ ۾ دهل وجهي وڄائيندو هو. ڳوٺ جا سڀ ٻار دهل واري جي چوڌاري گڏ ٿي ويندا هئاسين. ڳوٺ ۾ عيد نماز لاءِ بہ دهل وڄايو ويندو هو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ بابا کي تپيداريءَ جي نوڪري ملي. بابا کي پنهنجون زمينون بہ هيون، اهڙيءَ طرح اسان جو گهر هڪ سکيو ستابو گهر هو. بابا جي عادت هوندي هئي تہ جيڪو بہ ماڻهو مدد لاءِ ايندو هو ان کي خالي هٿين واپس نہ ڪندو هو.

بابا منهنجي وڏن ڀائرن کي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهايو پر ڌيئرن کي پنج درجا ۽ قرآن پاڪ جي تعليم ڏياريائين. منهنجو هڪ ڀاءُ بينڪ ۾ مئنيجر ٿيو ۽ ٻيو انفرميشن آفيسر ٿيو. ادا جڏهن انفرميشن آفيسر ٿيو تہ ان وقت سنڌ جي پهرين اردو ڳالهائيندڙ گورنر رعنا لياقت علي خان هئي. جيڪا سنڌي ٻوليءَ جي فسادن واري زماني ۾ پٽي صاحب رکي هئي. اڄ ڏينهن تائين اردو گورنر اسان جي ڳچيءَ ۾ پئجي ويو. سنڌي ٻوليءَ جو بل پاس ٿيڻ کان پوءِ نہ تہ سنڌي ٻولي

قومي ٻوليءَ جو درجو حاصل ڪري سگهي پر الٽو سنڌي گورنر بہ هٽايو ويو. رعنا لياقت علي خان جڏهن موئن جي دڙي جو دورو ڪيو تہ ان وقت منهنجو پاءُ منظور علي سومرو لاڙڪاڻي ۾ انفرميشن آفيسر هو. اڄ بہ ان دوري جون تصويرون ڏسندا آهيون تہ ماضي ياد اچي ويندو آهي. منهنجو پاءُ وڏو ايماندار آفيسر هو پر سياست جي چڪر ۾ اچي نوڪري ڇڏي ڏنائين پيو پاءُ U.B.L بينڪ ۾ مئنيجر هو پر جوانيءَ ۾ ڪينسر ٿيڻ سبب هن فاني دنيا مان اسان کي جدائي جو درد ڏئي هليو ويو. هن کي ڪوبہ اولاد نہ هو. ڪاش! هن جي اسان لاءِ ڪا نشاني ٿي هجي ها. ٻن ڀينرن جي شادي ٿي وئي آهي اُهي پنهنجي گهرن ۾ خوش آهن. هڪ ڀيڻ جي ٻئي جي عيسانن ۾ شادي ٿي اُهي زميندار آهن ٻي ڀيڻ جي جوٽيجن ۾ شادي ٿي اُهي بہ مرزا پور جا زميندار آهن. اهڙيءَ طرح اسان جو خاندان هڪ زميندار خاندان آهي ۽ انهن جي سوچ بہ زميندارن واري آهي.

**روحانيت ۽ شاهہ سائين تي ايم. فل ڪرڻ جو سبب**

ننڍي لاءِ جڏهن محرم ايندو هو تہ اسان جي شهر ۾ ديدار شاهہ (چيف جسٽس آف سنڌ) جي گهر ۾ ماتم ٿيندو هو. آءٌ 10 محرم تي انهن جي حويليءَ ۾ ويندي هئس. حويليءَ ۾ جيڪي بہ ڇوڪريون هونديون هيون انهن جي رون مان علي اصغر جو پينگهو ۽ امام قاسم جي سيج ٺاهينديون هيون ۽ نوحا پڙهيا ويندا هئا. نوحن پڙهڻ جو اهڙو تہ اثر ٿيندو هو جو اکين مان ڳوڙها ڪِري پوندا هئا. جڏهن ذاڪر مجلس پڙهندا هئا تہ 10 محرم جو بيان وڏو درد ڀريو منظر ٿي ويندو. هو ذاڪر چوندا هئا تہ 10 محرم جي ڏينهن ڪربلا ۾ امام حسين جو خون زمين تي ٽِڪندو آهي. هن بيان مون تي ڏاڍو اثر ڪيو ۽ مان خدا کان دعا ڪرڻ لڳس تہ الله پاڪ مون کي ڪربلا جي زيارت ڪراءِ تہ اهو منظر اکين سان ڏسان. الله پاڪ دعا قبول ڪئي ۽ مون 2009ع ايران ۽ عراق جي زيارت ڪئي. مون اتي اهو پٿر ڏٺو جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ امام عليہ السلام جي رت ۾ رڱيل آهي. اهڙيءَ طرح نبيءَ پاڪ جي لاءِ بي انتها حب ۽ مديني ڏسڻ جي تڙپ دل کي سڪون ڪونہ ٿي ڏي. الله هڪ ڏينهن مون کي پنهنجي نبيءَ جي چانئٺ ضرور چمائيندو. (انشاءَ الله) مون کي ننڍي لاءِ کان ولين ۽ نبين جون ڳالهيون ٻڌڻ ۽ پڙهڻ ۾ مزو ايندو هو. اسان جي گهر ۾ هر قسم جا ڪتاب آهن. بابا ۽ ادا وارن کي ڪتابن پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو ۽ اسان جي گهر ۾ ايترا ڪتاب آهن جو ڪٻٽ ڀريل آهن. بابا جو هڪ ڪتاب ”اولياءَ الله جا“ مون پڙهيو ان مون تي ڏاڍو اثر ڪيو. خاص ٻيبي بصريءَ جي احوال منهنجي اندر کي جهنجهوڙي ڇڏيو ۽ منهنجو

روحاني تعلق خدا جي قريب ڪري ڇڏيو. مون الله جي سچن عاشقن جي مزارن جون زيارتون به ڪيون آهن جن ۾ سچل سرمست، شاهه ڀٽائي رحه، شهباز قلندر، مخدوم نوح هالن وارو باقي شاهه عنايت شهيد، بلاول رحه، بيبي بصري (اڌ قلندر)، پيران پير دستگير، امام بري، شمس تبريز، داتا جي نگريءَ جي ڏسڻ جو ارمان آهي.

سنڌ ۾ محبت ڪرڻ وڏو گناهه آهي. محبت ڪرڻ وارن کي ڪارو ڪاريءَ جي ڪاري چادر ۾ ويڙهي ڪات سان ڪهي مٽي نئڌ سمهاريو ويندو آهي ۽ پوءِ جرگا ڪري عزتن جو ڪاٿو ڪٿي، پاڪ جذبن جي قيمت وٺندا آهن. ڪمزور عورت کي ماري پاڻ کي بهادر سمجهڻ وارا شايد اهو وساري ويهندا آهن ته ڪمزور عورت تي ظلم ڪرڻ سولو آهي پر اصل بهادري ته پاڻ کان ڏاڍي سان ظلم جو مقابلو ڪرڻ آهي. اسان جي سڳوري سنڌ ۾ محبت صرف مردن جي ميراث آهي. عورت کي سوچڻ به عظيم گناهه آهي هن جي سوچن تي تالا هڻي، ڪوٺن ۾ قيد ڪيو ويندو آهي.

سنڌي نياڻي کي ڪنهن کي پسند ڪرڻ ۽ پسند جو اظهار ڪرڻ بي حيائي جي زمري ۾ ايندو آهي. محبت نه ٿي ڪو ڪاريهر نانگ هجي جنهن کان بچڻ لاءِ وڏن جون نصيحتون جڻ فرض هجي. محبت جو اهڙو ڀيانڪ روپ، جڻ عورت لاءِ شجر ممنوعه هجي. پر جڏهن شاهه صاحب جو رسالو پڙهيو ۽ هن جا ست عشقيه داستان پڙهيا ۽ سٽن سورمين جو ڪردار ته محبت پهاڙن کان مضبوط بنائي ٿي ۽ جهرڻن جي پاڻيءَ کان وڌيڪ پاڪ صاف آهي. محبت اها طاقت آهي جيڪا عورت جي ڪردار کي ڪمزو ر ڪرڻ جي بدران مضبوط ٿي ڪري ۽ شعور ٿي بخشي. شاهه جو رسالو پڙهي مون فيصلو ڪيو ته شاهه جي عشقيه داستانن تي تحقيق ڪري ثابت ڪندس ته محبت مجازي عشق مان الاهي عشق کي حاصل ڪرڻ لاءِ پهريون ڏاڪو آهي. قرآن پاڪ ۾ سوره يوسف ان جو بهترين مثال آهي. بيبي زليخان هڪ ڪافر عورت هئي جنهن حضرت يوسف عليه السلام جي عشق ۾ گرفتار ٿي خدا کي ڳولي لڌو. خدا انسان جي اندر ۾ هوندو آهي صرف ان جي آواز کي ٻڌڻو هوندو آهي جڏهن پاڪ محبت جي لاٽ روح ۾ روشن ٿيندي آهي ته لاشعور مان اُها روشني تصور ۾ اچي ويندي آهي ۽ عورت جو ڪردار واريءَ جو گهر نه، پر پهاڙن جي اوچائيءَ به وڌيڪ بلند ٿي ويندو آهي باقي جيڪو ڀهراڙين ۾ ”ڪارو ڪاريءَ“ جو مسئلو آهي اهو تعليم جو نه هجڻ جي ڪري اهي. ڀهراڙيءَ جي عورت کي ڪاٻه خبر نه آهي ته اسلام ڇا آهي؟ عورت جا ڪهڙا حق آهن، عورت جي ذميواري ڇا آهي؟ سنڌ جي عورت کي جڏهن تعليم ملندي ته هو اڄ جي عورت کان

بلڪل مختلف هوندي.
جڏهن مان ايم. فل جي لاءِ رٽن ٽيسٽ ڏنو تہ ان کان پوءِ اسان جو انٽرويو ٿيو جنهن ۾ سر هدايت پريم، سر انور هڪڙو ۽ ميڊم نور افروز خواجہ مون کان پڇيو تہ اوهان جو ايم. فل ڪرڻ جو ڪهڙو مقصد آهي؟ مون هنن کي ٻڌايو تہ محبت جي هڪ پاڪ جذبي کي "ڪارو ڪاريءَ" جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو پر مان پنهنجي تحقيق سان ثابت ڪرڻ ٿي چاهيان تہ محبت ئي اُها طاقت آهي جيڪا ظلم ۽ ظالم سان مهاڏو اٽڪائڻ جي سگهہ ٿي بخشي، مجازي عشق مان الاهي عشق جي منزل ٿي ماڻي. هنن کي منهنجي ڳالهہ ۾ وزن لڳو ۽ مون کي ايم. فل ۾ داخلا ملي وئي. منهنجا ڪلاس هلڻ لڳا پر بيڪن هائوس ۾ نوڪري ۽ هفتي ۾ ٽي ڪلاس، سو مون ميڊم تهمينہ سومرو (سنڌ يونيورسٽي جي اڳوڻي وي. سي الياس ابڙي جي ڌيءَ) کي ان باري ۾ ٻڌايو ميڊم سومرو مون کي N.O.C بہ ڏنو ۽ مون تي مهرباني ڪري منهنجا پيرڊ ڪلاسن جي مناسبت سان رکيا. مان صبح جو لطيف آباد برانچ وڃي پنهنجا پيرڊ وٺي بريڪ ۾ اتان نڪري حيدر چوڪ تان ڄام شوري واري بس ۾ چڙهي ڄام شورو ڦاٽڪ وٽ لهي، رڪشو ڪرائي سنڌ يونيورسٽي پهچندي هئس. ميڊم نور افروز خواجہ لوڪ ادب جي تاريخ پڙهائيندي هئي. سر هدايت پريم لسانيات پڙهائيندو هو ۽ سر قاضي خادم تحقيق جي فن جو استاد هو. پيپر ٿيو. پاس ٿي ويس، سيني کان Research Topic گهريو ويو. مون کي Research Topic ڏنو "شاهہ صاحب جي عشقيہ شاعريءَ ۾ تصوف جو رنگ" عنوان سيني کي وڻيو ۽ ان عنوان تي پهريون ڪوبہ ڪم ٿيل نہ هو انڪري بنا ڪنهن رنڊڪ جي پاس ٿي ويو. مون ڪم ڪرڻ شروع ڪيو تقريبن هڪ باب لکيو اٿم. پر سيمينار نہ ڪرائي سگهيس. ۽ ايم. فل اڌ ۾ رهجي وئي، جنهن جو مون کي ڏاڍو افسوس آهي. (ايم. فل مڪمل نہ ڪرڻ جو ڪارڻ لکي آئي آهيان) منهنجي زندگيءَ ۾ جيڪي منهنجون خواهشون آهن انهن ۾ سرفهرست خواهش، حج ڪرڻ، ايم. فل مڪمل ڪري ٿيسز پنهنجي خرچ تي ڇپائڻ ۽ رهيل ڪتاب ڇپائڻ ۽ هڪ يتيم نگر ناهڻ آهي، جنهن ۾ اسان جي سنڌ جا يتيم ٻار يتيم ڇوڪريون ۽ بيواهہ عورتون رهن ۽ تعليم حاصل ڪن ۽ اتي رهي پنهنجي لاءِ عزت ڀريو ڪاروبار ڪن ۽ پنهنجي پيرن تي بيهي پنهنجي نئين دنيا آباد ڪن. هڪ وڏو خواب جنهن کي خدا ساڀيان ڪري هڪ اهڙي اسپتال جيڪا اسان جي سنڌ جي ڌاتڻ ڌيئين لاءِ هجي، اسان جا ڌات ڌٽي سڏڪي سڏڪي ۽ تڙپي تڙپي نہ مرن.
آخر ۾ دعا آهي تہ الله پاڪ اسان جي سنڌ کي سلامت رکي ۽ اسان جي قوم کي شعور ڏي تہ پنهنجي انا مان نڪرن ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جي مالڪي ڪن.

❊



ڊاڪٽر بختاور جام

# هڪ انقلابي قيديءَ ڏانهن ڏيءَ جي لکيل خط جي يادگيري

آگسٽ 1980ع ۾ ”گرلز پرائمري اسڪول جنجهي“ ۾ منهنجي داخلا ٿي ۽ مون پٽيءَ ۽ سليٽ تي پهرين ته گهر ۾ ئي الف ب پڙهڻ شروع ڪئي ڇو ته گرلز اسڪول ۾ نه ته ڇوڪريون اينديون هيون ۽ نه ئي ماستريائڻي ڪجهه عرصي کان پوءِ مون بوائز اسڪول وڃڻ شروع ڪيو ۽ بوائز اسڪول ۾ سائين محمد رحيم اسان کي پڙهائيندو هو. سائين ادا سجاد ۽ مون کي الاهي پيار به ڪندو هو. پوءِ وري مون ڪجهه عرصو اسڪول وڃڻ ڇڏي ڏنو گهر ۾ ئي پڙهائي ڪندي هيس. شايد ان جو سبب ڏاڏيءَ جي گهڻو ويجهو رهڻ چاهيندي هيس يا راند روند ۾ دلچسپي وٺندي هيس. منهنجي پڙهائي بابت منهنجو بابا، ڏاڏا ۽ ڏاڏي فڪرمند هئا. سو مون چوٿين ڪلاس ۾ وري بوائز اسڪول وڃڻ شروع ڪيو ته منهنجي وڏي مامي جيڪو اتي ماستر هو تنهن مون کي منع ڪيو ته ”تون بوائز اسڪول نه ايندي ڪر. ڳوٺ جا ڇوڪرا بدتميز آهن.هڪبئي کي گاريون ڏئي ڳالهائيندا آهن.“ انڌو ڇا گهري ٻه اکيون. سو ڪنهن ٻار کي چئجي ته اسڪول نه وڃ ته چوندو واهه واهه. ننڍپڻ ۾ پنهنجي ڀلي ۽ ٻري جي سمجهه ته نه هوندي آهي انسان کي.

سو مون ڏاڏيءَ کي اچي ٻڌايو ته مامو جهلي پيو ته تون اسڪول نه اچ. ڏاڏي ويچاري صابرين طبيعت هوندي هئي. ڪٽي ماٺ ڪيائين ۽ پوءِ آءُ گهر ۾ ئي پڙهندي هيس. ڳوٺ ۾ اسان وٽ ادبي بورڊ جو ٻارڙن جو نڪرندڙ رسالو ”گل ڦل“ ايندو هو اسان ان جا ميمبر هئاسين ۽ ان جو بيچيني سان انتظار ڪندا هئاسين انهن ڏينهن ۾ ”گل ڦل“ جو ايڊيٽر مرحوم اڪبر جسڪاڻي هو جيڪو جوهي جو ڪامريڊ دوست هو. تن ڏينهن ۾ ئي اسان سندس ناول ”ناني ٻيتن واري“ به پڙهيو جيڪو مون کي بيحد پسند آيو هو اصل ۾ اهي ڪتاب ئي هئا. جن اسان ۾ پڙهڻ جو شوق پيدا ڪيو ۽ مون لکڻ جي شروعات به ”گل ڦل“ کان ئي ڪئي هئي. 1988ع ۾ مون ”گل ڦل“ ۾ پهريون ڀيرو ڪهاڻي لکي هئي.

امر جليل جو ڪتاب ”سنڌو منهنجي ساهه ۾“ مون چوٿين ڪلاس ۾ پڙهيو. جڏهن منهنجي عمر 9 سال مس هئي.

جڏهن بابا سان ملاقات ڪرڻ ويندا هئاسين ته بابا هر دفعي ٻه ٽي ڪتاب ڏيندو هو. جنهن جي پهرين پني تي لکيل هوندو هو ته ”پيارن سجاد ۽ بختاور ۽ سندس ڳوٺ وارن ساٿين لاءِ“ اهي ڪتاب گهڻو ڪري مزاحمتي ادب سان لاڳاپيل هوندا هئا. جيڪي تنهن وقت اسان جي سمجهه کان مٿيرا هئا. پر پوءِ به پڙهڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين.

آءُ سمجهان ٿي ته اسان کي پنهنجي ٻارڙن کي نصاب سان گڏ ادبي ڪتاب به پڙهائڻ گهرجن ته جيئن انهن ڪتابن کي پڙهڻ سان ٻارڙن کي تاريخ. ثقافت. حق ناحق. سياسي ۽ سماجي جوڙجڪ جي خبر پئي ۽ اهي اڪيلائي ۾ ڪتابن کي پنهنجو بهترين دوست

سمجهي انهن مان لاڀ حاصل ڪرڻ جا عادي بڻجن. آءٌ سمجهان ٿي تہ اڄ جي دور ۾ اهو ڪم ڏکيو ضرور آهي، ڇو تہ اڄ جي ٻار وٽ تمام گهڻيون وندر واريون شيون موجود آهن. مثلن ٽي وي، ڪمپيوٽر ۽ نيٽ وغيره پر ناممڪن ڪجهہ بہ ناهي.

بابا جيل ۾ قيد دوران اسان ڪي پابندي سان خط لکندو هو پنهنجي هڪ پاسي ڏاڏيءَ کي ۽ ٻئي پاسي مون کي ۽ ادا سجاد سان مخاطب هوندو هو بابا جي خط جي لکڻي مون کي ياد آهي. بابا لکندو هو. "منهنجي امڙ بعد پيرن چمڻ جي عرض آهي تہ آءٌ خوش چڱو ڀلو آهيان" ڀلا جيل ۾ قيد ماڻهو ڪهڙو خوش رهي سگهي ٿو پر ڳالهہ آهي اعليٰ آدرشن جي. ڪڏهن ماڻهو اصولن خاطر مرڪي سولي تي چڙهندو آهي ۽ ڪڏهن وري غلامي جا ڳٽ ڳچيءَ ۾ وجهي ناخوش زندگي گذاريندو آهي. بابا جيڪو خط اسان کي لکندو هو ان ۾ مٿان لکندو هو. "پيارا سجاد ۽ بختاور اميد تہ خوش هوندؤ ۽ خوب دل لڳائي پڙهندا هوندؤ" بابا هر خط ۾ هڪ لطيفو ضرور لکندو هو جيڪو پڙهي اسان ڏاڍو کلندا هئاسين. هڪ قيدي پيءُ وٽ پنهنجي ٻارن جي چهري تي مرڪ آڻڻ جو اهو ئي رستو هو جن جي ماءُ بہ سندن هنڌان ڇڏي وڃي چڪي هجي. اسان بابا کي خط جو جواب ڏيندا هئاسين. پر آءٌ ٽئين ڪلاس ۾ هيس. تڏهن شايد مون پهريون خط بابا کي لکيو هو پر اهو ادا سجاد سليٽ تي لکي ڏنو ۽ مون ان تان اتاريو هو جڏهن مون پنجين ڪلاس جو امتحان ڏنو ۽ ڇهين ڪلاس ۾ منهنجي داخلا گورنمينٽ هاءِ اسڪول جنجهي ۾ ٿي جيڪو هاڻي ڏاڏا سائين جي نالي سان منسوب آهي (سچل جنجهي گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول) تہ ڏاڏي مون لاءِ ڏاڍي پريشان هئي تہ هاڻي ڇا ڪجي، هن کي ڪيئن پڙهائجي؟ پوءِ هڪ ڏينهن اسان جي مائٽ سائين نعمت الله کي گهرايائين ۽ صلاح ورتائين "ابا هيءَ ڇام جي ڌيءَ آهي هن کي پڙهائڻو تہ ضرور آهي، پوءِ يا تہ توهان استادن مان ڪو گهر اچي کيس پڙهائي، ڀلي في بہ وٺي يا تہ پوءِ هن کي اسڪول موڪليان. ڇو تہ ڳوٺ ۾ گرلس مڊل اسڪول يا هاءِ اسڪول نہ هو ۽ هينئر بہ مڊل اسڪول جو اعلان ٿيڻ ۽ امان جي نالي سان منسوب ڪرڻ باوجود عملي طرح نہ کلي سگهيو آهي. سائين نعمت الله ڏاڏيءَ کي صلاح ڏني تہ مون کي اسڪول موڪليو وڃي ۽ چيائين "ماسي گهر جي پڙهائي اسڪول جي پڙهائي جو نعم البدل نٿي ٿي سگهي، بختاور کي اسڪول موڪليو هيءَ اسان جي نياڻي آهي، اسين سڀ سندس خيال رکنداسين." ڇهين ڪلاس ۾ جڏهن آءٌ يارهين سال ۾ هيس تہ مون باقاعده اسڪول وڃڻ شروع ڪيو.

استادن جو رويو سٺو هو هڪ ٻن کي ڇڏي ڪري، ڇو تہ اسڪول ڪولرائيندڙ اسڪول لاءِ ٻني ڏيندڙ اسڪول جي سار سنڀال لهندڙ ٻين ڳوٺن جي ماسترن کي ڪڻون، هنڌ، بسترا، کير، لسي وغيره پهچائيندڙ منهنجو ڏاڏا ئي هو تنهن ڪري هو چاهيندي بہ ڪجهہ چئي نہ ٿي سگهيا. باقي استاد جيڪو منهنجي نانيءَ جو مائٽ هو تنهن کي ڏاڍو خراب لڳندو هو ٻين ڪلاسن ۾ چيائين تہ "ڪامريڊ بيغيرت آهن. نياڻي کي ڇوڪرن جي اسڪول ۾ پڙهائين ٿا" هو عربي پڙهائيندو هو جڏهن بہ اسان جي ڪلاس ۾ ايندو هو تہ در تي بيهي ڪرسي گهرائي ۽ منهن پاسي ڀنئي ڏئي ويهندو هو ۽ ڪڏهن

ٻه مون کان سبق ڪونه پڇندو هو ۽ جيڪڏهن منهنجي ڪاپي چيڪ ٿيڻ لاءِ ويندي هئي ٻين شاگردن جي ڪاپي سان ته بنا چيڪ ڪرڻ جي واپس ڪري ڇڏيندو هو. اسان جو استاد سائين عنايت الله هنگورو تمام سٺو استاد هوندو هو اهو مون تي ڌيان ڏيندو هو ۽ جيڪڏهن مون کي سبق ياد نه هوندو هو ته چوندو هو "شاباس" ۽ ڇوڪرن کي ماريندو هو مون ڏاڏيءَ کي گهر اچي ٻڌايو ته سائين مون کي شاباس ڏني ۽ ڇوڪرن کي مار ته ڏاڏيءَ چيو "امان اها شاباس لعنت برابر اٿئي. هاڻي سبق ياد ڪري ويندي ڪر."

سائين مٺراداس سوٿهڙ ٻه مون کي ڪافي محنت سان پڙهايو سائين مٺراداس مون کي چوندو هو ته تون ڌيان سان پڙهه لک. توکي خبر آهي ته "تون ڪيڏي وڏي ماڻهوءَ جي ڌيءَ آهين. تون جڏهن شهر ويندين ۽ تنهنجي وڏن وڏن سياسي گهراڻن سان ملاقات ٿيندي تڏهن تون انهن سان ڪيئن ڳالهائي سگهندينءَ؟ جي تون پڙهيل لکيل نه هوندينءَ."

واقعي اڳيان هلي منهنجي سائين جي ايم سيد کان وٺي شهيد بينظير ڀٽو تائين ڪافي اڳواڻن سان ملاقات ٿي ۽ مون کي تڏهن سائين جو اهو جملو ياد آيو.

**امڙ سکان جو ڏکوئيندڙ وڇوڙو**

منهنجي يادگيري جو سفر جتان شروع ٿئي ٿو اها سياري جي مند هئي، هڪ ڏينهن صبح جو شايد يارهين وڳي اوچتو ڳوٺ ۾ رڙيون ٿي ويون. منهنجي ڏاڏي ٻه رني پئي ۽ منهنجي ڏاڏيءَ جي پرسان ڳوٺ جون ٻيون عورتون ٻه گڏ ٿينديون ويون. ڪي روئي رهيون هيون ۽ ڪي ڏاڏيءَ کي چپ ڪرائي رهيون هيون. آئون ۽ منهنجو ڀاءُ سجاد ڏاڏيءَ جي ير ۾ ويٺا هئاسين. شايد ٻي خبر ۽ ٻي نياز ته اسان سان ڇا ٿي چڪو آهي. ڪجهه ڏينهن تائين اسان جي گهر ڪافي ماڻهن جي اچ وڃ لڳل هئي. پر مون کي اهو ٿورو ٿورو ياد آهي ته مون کي ان واقعي کان پوءِ اڪثر ڏپ لڳندو هو اونده کان. ڪنوڻ ۽ گجگوڙ کان ۽ رڙين کان... ۽ انهيءَ ڏپ ۾ هميشه پنهنجي ڏاڏيءَ جي ويجهو سمهندي ۽ رهندي هيس... تنهن وقت مون کي ايتري سمجهه نه هئي. پر ظاهر آهي ماءُ جو نه هجڻ ٻار جي لاءِ هڪ تمام وڏي ڪمي ۽ ڏک آهي. جيڪو ٻار ڪيئن نٿو محسوس ڪري سگهي؟

منهنجي عمر 4 سال هئي ۽ آءٌ سمجهي ويئي هيس ته منهنجي ماءُ هاڻ ڪڏهن ٻه نه ايندي.

جيئن جيئن سمجهه ايندي وئي ته خبر پئي اهو 21 جنوري 1979ع جو بدنصيب ڏينهن هو جڏهن منهنجي ماءُ سکان دلا ڪٽي پاڻي ڀرڻ ولاءِ وئي ۽ پوءِ کوهه ۾ ٽپو ڏيئي خودڪشي ڪري ڇڏيائين. ڇو ته کيس اها خبر پئجي چڪي هئي ته سندس محبوب ور ۽ طبقاتي جدوجهد ڪندڙ ڪميونسٽ اڳواڻ ڪامريڊ جام ساقي گرفتار ٿي چڪو آهي ۽ ايجنسين جي اذيت گاهن ۾ ذهني ۽ جسماني اذيتون ڀوڳي رهيو آهي، اهو ضياءَ جو دور هو حق ۽ سچ جو آواز بلند ڪندڙن لاءِ مقتل گاهه ڪليل هئا ۽ مٿان وري هن اهڙي ڪا خبر ٻه ڪنهن اخبار ۾ پڙهي هئي ته "جام ساقي کي گرفتاري کان پوءِ ظاهر نه ڪيو ويو آهي ته هو ڪٿي ۽ ڪهڙي جيل ۾ آهي. شڪ آهي ته کيس تشدد ڪري ماريو ويو آهي."

خبر ناهي ته بابا جي روپوشي دوران ۽ گرفتاري کان پوءِ هن ڇا ڇا ڀوڳيو هوندو ڇو ته اهو پهريون يا آخري دفعو نه هو جو بابا کي گرفتار ڪيو ويو. پر اهو سٽون

پيرو هو جو بابا کي گرفتار ڪيو ويو هو شايد امڙ جو درد ڪير بہ نہ سمجهي سگهيو هو تہ هوءَ مسلسل ڪيتري ذهني پيڙا ۾ مبتلا رهي هوندي. هن جي الڪي ۽ اوسيئڙي کي تہ ڪنهن ماٽنياڻي جي طعني بہ امتحان ۾ وجهي ڇڏيو هو تہ "جي چام کي ماريو ويو تہ تون بہ مري وينديئن" ۽ هن اهو منحوس جملو پنهنجي زندگي ۾ ٻڌڻ نٿي چاهيو هوءَ تہ شايد سسئي وانگر طئي ڪري چڪي هئي تہ "پنهون کان پوءِ ڏينديس باهہ پنيور کي" ۽ ائين هو پنهنجي محبوب ور ۽ ڏاڍ ۽ ظلم خلاف اذيتون پوکيندڙ هڪ بيباڪ ۽ سچي سياسي اڳواڻ تان جان قربان ڪري پيار ۽ وفا جو هڪ نئون مثال قائم ڪري وئي.

افسوس جي ڳالهہ تہ جڏهن بابا کي 10 ڊسمبر 1978ع تي (جڏهن دنيا انساني حقن جو ڏينهن ملهائي رهي هئي) گرفتار ڪري ۽ ٽارچر سيلن ۾ قيد تنهائي ۾ رکيو ويو ۽ منهنجي ماءُ 21 جنوري 1979ع تي گذاري وئي تہ بہ اُهي بابا کي حقيقت ٻڌائڻ بدران، ذهني تڪليف ڏيڻ لاءِ من گهڙت ڪهاڻيون ٻڌائيندا رهيا.

"فتح آخر عوام جي ٿيندي" جيڪو بابا جي ڪورٽ ۾ ڏنل بيان تي مشتمل ڪتاب آهي، انهيءَ ۾ بابا لکي ٿو تہ "هنن مون کي ٻڌايو تہ منهنجي زال تقريبن طوائف آهي. مون پيري ڪاليز جو ڪتاب ميڊم پڙهيو هو ان ڪري مون کي اهو سمجهڻ ۾ ڪابہ ڏکيائي نہ ٿي تہ اهڙي قسم جون تهمتون هر رجعت پسند حڪمران جو آزمايل نسخو هوندو آهي. مون کي پنهنجي زال جي پاڪ دامني جي چڱيءَ طرح پروڙ هئي. گهڻو پوءِ مون کي خبر پئي تہ منهنجي زال مون تان جان قربان ڪري ڇڏي هئي. شايد اهو سمجهي تہ آمريڪا نواز حڪمران ٽولو مون کي جيئرو ڪونہ ڇڏيندو. حڪمرانن جي ڪردار کان واقف هوندي بہ بدقسمتي سان هن عوام جي طاقت جو غلط اندازو لڳايو نہ تہ هن کي اميد هجي ها. هو پراعتماد هجي ها تہ جلد يا دير آءٌ ٻاهر ايندس ۽ عوام ۽ هن سان اچي ملندس. پوءِ جڏهن يارنهن ڊسمبر 1979ع تي منهنجي والد کي مون سان ملڻ ڏنو ويو، تڏهن مون کي پنهنجي گهرواري جي ڏکوئيندڙ موت جي پوري تفصيل جي خبر پئي."

منهنجي ماءُ منهنجي بابا جي سڳي سئوٽ هئي ۽ ڏاڏي ٻڌائيندي هئي تہ جڏهن اسان سڱ گهرڻ کان پهرين چام کان سندس مرضي معلوم ڪئي تہ هن رضامندي جو اظهار ڪيو ۽ ائين 13 مارچ 1968 ۾ امان ۽ بابا جي شادي ٿي.

ڏاڏي ٻڌائيندي هئي تہ هوءَ طبيعت ۾ مانيٺي ۽ سلڇڻي هئي ۽ چام سميت سيني گهر ڀاتين سان تمام گهڻو پيار ڪندي هئي.

امان، بابا کان عمر ۾ ست اٺ سال ننڍي هئي ۽ تنهن دور ۾ ڳوٺ ۾ ڇوڪرين لاءِ اهڙو ڪو خاص تعليمي ماحول نہ جڙي سگهيو هو سو شادي کان پوءِ جڏهن هوءَ ۽ بابا حيدرآباد ۾ مسواڙي جاءِ وٺي رهيا، تڏهن امان ۽ پڦي مارئي ٻئي وومين ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ فائنل پڙهيون ۽ آپا مهرالنساءِ لاڙڪ جيڪا مشهور شاعره آهي ۽ سنڌي ادبي سنگت جي جوائنٽ سيڪريٽري رهي آهي، اها اتي منهنجي ماءُ سڪان جي استاد هئي ۽ هينئر جڏهن بہ مون سان ملندي آهي تہ تمام گهڻي سڪ مان ملندي آهي ۽ آئون بہ سندس تمام گهڻي عزت ڪيان ٿي ڇو تہ هوءَ منهنجي ماءُ جي استاد آهي.

امان پهرين بار کي 1971ع ۾ جنم ڏنو جڏهن انڊيا ۽ پاڪستان جي وچ ۾ جنگ لڳي هئي. اسان جي ڳوٺ ۾ انڊيا جا ڊاڙيل ڪاهي پيا ۽ ماڻهن کي مارڪٽ ڪري ۽ ڪجهه سامان ڦر ڪري ويا ۽ اهڙي طرح علائقي ۾ خوف پکڙجي ويو ۽ ماڻهو ڪجهه گذاري لائق سامان ٻڌي ۽ پيرين پنڌ روانا ٿيا ۽ انڊيا جي بارڊر کان پري ڪٿي محفوظ علائقن ڏانهن ويجهي. سو اهڙيءَ صورتحال ۾ اسان جو خاندان به پريشاني ۽ لڏ پلاڻ ۾ اچي ويو پوءِ خبر ناهي ته پريشاني پنڌ ڪرڻ يا صحت جي سهولت نه هئڻ ڪري. هن جو پهريون ٻار جيڪو پٽ هو مئل پيدا ٿيو تنهن کان پوءِ ادا سجاد ڪراچي جي ڪنهن اسپتال ۾ 1973ع ۾ جنم ورتو پوءِ آئون 1975ع ۾ مون کان پوءِ هڪڙي پيڻ پيدا ٿي زبيده جيڪا پنجن مهينن جي چمار گذاري وئي. خبر ناهي ته هن کي اوچتو ڪهڙي بيماري ٿي. تڏهن امان اسان ٻارڙن سميت ڪامريڊ اعزاز نذير جي گهر ترسيل هئي ۽ بابا روپوش هو.

مون کي خبر آهي ته منهنجي بابا تمام گهڻيون تڪليفون برداشت ڪيون آهن. تنهن ڪري آئون بابا کان امان جي ساروڻين بابت ڪڏهن به نه پڇي سگهي آهيان. آئون ان کي ڏکارو ڪرڻ نٿي چاهيان. پر بابا ٻاڻ جيڪي ڪجهه ڳالهيون ٻڌايون (شايد هو به اهو سمجهندو هجي ته آئون بختاور کي سندس ماءُ جو ذڪر ڪري نه ڏکايان) ته سجاد ظهير جو نالو سڪان رکيو چو ته کيس خبر هئي ته هو برصغير جي ڪميونسٽ تحريڪ جو هڪ وڏو نالو هو بابا ٻڌايو ته جڏهن سجاد ننڍو هو ته اسان ٻاڻ لائيف بواءِ صابڻ استعمال ڪندا هئاسين ۽ سجاد لاءِ لڪس (جيڪو ٿورو مهانگو هو) وٺندا هئاسين ۽ ڪوئيٽا ۾ رهڻ دوران اڪثر ميها پچائيندا هئاسين چو ته اهي سستا هوندا هئا ۽ بابا ٻڌائي ٿو ته سڪان وڏي صابرين طبيعت جي مالڪ هئي.

بابا جي ڪامريڊ دوست ڪمال وارثي (جيڪو چام ساڻي ڪيس ۾ جيل ۾ رهيو) ٻڌايو ته. ياچائي سڪان تمام همٿ واري مائي هئي. هڪ دفعو جڏهن ڪامريڊ چام ڪوئيٽا ۾ مسواڙي جاءِ ۾ رهندو هو ته برسات اچڻ واري هئي ۽ گهر جي ڇت ڪمزور هئي ۽ ڪامريڊ چام معمول مطابق پنهنجن سياسي سرگرمين ۾ مصروف هو سو ياچائي ٻاڻ پلستر جو سامان ناهي پوءِ مون کي زوريءَ ڇت تي چڙهيائين ته وچي پلستر ڪر."

اهڙيءَ طرح شهيد نظير عباسي جي گهرواري حميده گهانگهرو، پروفيسر جمال نقوي جي گهرواري، چاچا تاج مري ۽ پيا ڪيترائي ڪامريڊ دوست جيڪي ساڻس مليا هئا، سي پيار ۽ احترام سان کيس ياد ڪن ٿا.

توڙي جو مون کي زندگي ۾ ٻن مائرن جو پيار مليو (ڏاڏيءَ ۽ امي اختر سلطانه) پر پوءِ جڏهن آئون هيءُ سٽون لکان پئي ته منهنجون اکيون آليون آهن ۽ هينئر جڏهن آئون ٻاڻ به ماءُ آهيان ته اهو درد اجا وڌيڪ محسوس ٿئي ٿو مون ٻاويهن سالن جي عمر ۾ هڪ نظم لکيو هو جنهن جو عنوان هو "ڏک" جنهن جو مقصد آهي ته ڏک جو وجود ڪائنات جيترو پراڻو آهي ۽ ڪائنات تائين رهڻو به آهي.

*

**منهنجي شادي ۽ منهنجو جيون ساٿي**

اقبال ڊي ايس ايف (ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽ فيڊريشن) ۾ ۽ آءُ ساٿي ٻارڙا سنگت ۾ هيس جڏهن اسان ٻنهي جي ملاقات ٿي. اسان ٻئي ۽ چاچي شاهينه

رمضان گڏجي ڪونڙي ڪنهن ميٽنگ ۾ وياسين. جوهي واري ساٿي پاررا سنگت واري ڪنوينشن مان واپسي تي به اسان ساڳي بس ۾ گڏ آياسين. پوءِ هو اسان جا اسٽڊي سرڪل ۾ ڪلاس وٺندو هو جنهن ۾ آئون، ادا سجاد ڊي ايس ايف جو راجا پمر ۽ هڪڙو بيو به ڪامريڊ هو جنهن جو نالو هن وقت ياد نٿو اچي. اسان ڪتاب پڙهي پوءِ ان تي بحث ڪندا هئاسين. اقبال اڪثر ڪتابن جو مطالعو ڪندو رهندو هو ۽ سندس هٿ ۾ سدائين ڪو نه ڪو ڪتاب هوندو هو. ائين اسان ٻنهي جي دوستي جي شروعات ٿي. هو تڏهن يونيورسٽيءَ ۾ ۽ آئون اسڪول ۾ پڙهندي هيس. هن مون کي اهو احساس ڏياريو ۽ اهڙو اظهارو ڪيو ته هو مون کي پسند ڪري ٿو ۽ هڪ دفعو اهو به ٻڌايو هئائين ته سندس مڱڻو ٿيل آهي.

هو تمام متحرڪ ڪارڪن رهيو آهي. ساٿي پارڙا سنگت ۾ هجڻ دوران هو ايم آر ڊي تحريڪ جي جلسن ۾ شريڪ ٿيندو رهيو ۽ ڊي ايس ايف سنڌ جو جنرل سيڪريٽري به رهيو آهي. اقبال ۽ معشوق اسان جي خاندان کي تمام ويجهو رهندڙ ڪامريڊ دوست هئا. سيني گهر ڀاتين جي سامهون جيڪا دعا سلام ٿيندي هئس بس انهيءَ کان سواءِ اسان جو ڪو به رابطو نه هو پر پوءِ به پڙهيل لکيل باشعور پيءُ وانگر بابا ڪجهه محسوس ڪندي مون کي هڪ ڏينهن سمجهايو ته توکي اقبال يا ڪنهن ٻئي ڇوڪري سان ايترو فري ٿيڻ نه کپي، توکي پڙهڻو آهي ۽ گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ شادي تائين اهڙي ڪا ڳالهه ٿيڻ نه کپي. آءٌ تمام حساس ڇوڪري هيس، سو ڳالهه سمجهي ويس. پوءِ مون اقبال جي سامهون اچڻ ۽ ان سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو. مون نٿي چاهيو ته ڪير مون ڏانهن آڱر کڻي، اسان نئين گهر ۾ شفٽ ٿياسين ته اوطاق ۾ ڪمرو يا ڊرائنگ روم الڳ هو تنهن ڪري خبر نه پوندي هئي ته ڪير آيو ڪير ويو جڏهن آءٌ ميٽرڪ ۾ پڙهندي هيس ته ٻڌم ته سندس شادي ٿي رهي آهي. مون کي ڌاڙو ڌڪ ٿيو ته هن پاڻ مون ڏانهن دوستي جو هٿ وڌايو ۽ وري پاڻ ئي واپس ٿي ويو. آءٌ به اٽڪاڻ ٿي ويس جڻ ته اسان ٻنهي جي وچ ۾ ڪجهه هو ئي ڪونه! اسان جي گهر وارن کي سندس شادي جي دعوت ملي، مون وڃڻ نٿي چاهيو پر گهر ۾ ڏاڏا ۽ ڏاڏي نه هئا. بابا به سوويت يونين ويل هو امي اختر شادي ۾ وڃڻ جو پروگرام ڇاڇي شاهينه سان گڏ ناهي ڇڏيو هو ائين آئون سندس شادي ۾ شريڪ ٿيس ۽ شايد دنيا جي اها انوکي عورت آهيان جنهن پنهنجي پيءُ جي شادي ۾ به شرڪت ڪئي ۽ مڙس جي به (جيڪو تڏهن محبوب هو) منهنجي سامهون هن کي مينڌي پئي لڳي ۽ هو رُنو پئي، مون کي خبر ناهي ته اهو مون کان وڇڙڻ جو درد هو يا ٻيو ڪو. اسان جڏهن عورت جي آزادي جي ڳالهه ڪندا آهيون ته اقبال اڪثر چوندو آهي ته هن معاشري ۾ مرد به غلام آهي. ريتن رسمن، جهالتن کان سواءِ طبقاتي ننڍ وڏائي ته مرد ۽ عورت ٻنهي لاءِ هڪ جيتري آهي، هو اڄ به ڪڏهن پنهنجي مٿان مڙهيل جاهل ريتن رسمن جا بوجهه ڍوئيندي منهنجي آڏو روئي ڏيندو آهي، پر ٻئي پل وري چوندو آهي پياري جيسين ساهه آهي. تيستائين هر رشتو نڀائبو ۽ ٽڪبو ڪونه! سچ ته تڏهن آءٌ سوچيندي آهيان ته آءٌ ڪيتري نه خوش قسمت آهيان جو مون تعليم يافته، باشعور ۽ هڪ انقلابي گهراڻي ۾ جنم ورتو جيتوڻيڪ ان جي ڪري مون کي ڪجهه تڪليفون

به حصي ۾ آيون. پر جيڪو پيار جيڪا آزادي ۽ زندگي جو احساس مليو اهو تمام قيمتي آهي. خير اقبال جي شادي ٿي وئي ته مون اهو سڀ ڪجهه وسارڻ چاهيو ڏک سان گڏ مون کي تمام گهڻي ڪاوڙ به هئي. مون طئه ڪيو ته آءُ هن سان ڪڏهن به نه ڳالهائيندس. جيڪڏهن اقبال بابا سان ڳالهائڻ لاءِ فون ڪندو هو ۽ اتفاقن آءُ کڻندي هيس ته بيرخي ۽ ڪاوڙ مان هن سان ڳالهائيندي هيس.

اقبال پنهنجي شادي جي ٻن سالن کان پوءِ وري مون ڏانهن متوجه ٿيڻ شروع ڪيو. هن جون اکيون مون سان ڳالهائڻ لڳيون ۽ آءُ کيس نظرانداز ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هيس. حقيقت ۾ آئون هن کي پنهنجي ذهن مان ڪڍي نه سگهي هيس. مون شاعري ڪرڻ شروع ڪئي ۽ ماڻهن جي ميڙن ۾ شهر جي رستن تان لنگهندي الائي ڇو آءُ هن کي ڳوليندي هيس. پر انهيءَ درد سان هارڻ ته هو منهنجو ناهي، پي ٽي سي ايل فون بابا جي سمهڻ واري ڪمري ۾ رکيل هوندو هو سو ظاهر آهي ته اتفاقي طرح ڪڏهن ڪير موجود نه هوندو هو ته آءُ فون کڻي وٺندي هيس ۽ جي هُن جو فون هوندو هو ته ڳالهه ٻولهه ٿيندي هئي ۽ ان صورتحال تي به مون هڪ نظم لکيو هو "راز" جيڪو به ٽي ڀيرا مشاعرن ۾ پڙهي چڪي آهيان. تن ڏينهن ۾ جڏهن آءُ ميڊيڪل جي فرسٽ پروفيشنل پڙهندي هيس ته اقبال هڪ دفعو فون تي مون سان پيار جو اظهار ڪيو. منهنجي عجب حالت هئي، مون کيس چيو ته هاڻي ان ڳالهه جو ڪوبه فائدو ناهي، پوءِ هن چيو ته ٺيڪ پر تون ڪڏهن ڪڏهن مون سان فون تي ڳالهائيندي ڪر. جڏهن موقعو ملي، ظاهر آهي ته دل منهنجي به هئي پوءِ جڏهن امي يا بابا ٻئي موجود نه هوندا هئا ته آءُ فون ڪري هن سان ڳالهائيندي هيس، پر اهڙو موقعو به ٻارنهن ڇهن مهينن ۾ مس ملندو هو مٿان وري بابا بل تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ فون کي لاڪ ڪري رکندو هو هڪ دفعي ڇا ٿيو ته بابا شام جو واڪ ڪرڻ ويو ته مون فون سيٽ جو لاڪ وارن جي پن سان کولي اقبال سان ڳالهايو پر مون کي لڳو ته ائين نه ٿيو هجي جو لاڪ ئي خراب نه ٿي ويو هجي سو ڊپ ۾ صفا هيڊي ٿي ويس، بابا آيو ته هڪدم چاٻي گهريم ته سهيلي کي فون ٿي ڪريان، پوءِ چاٻي هٽي ڏنم ته فون سيٽ صحيح هو پوءِ وڃي دلجاءِ ٿيم. ائين ڪڏهن ڪڏهن اسان جي ڳالهه ٻولهه ٿيندي هئي، هڪ ڏينهن هن مون کي شادي لاءِ چيو مون انڪار ڪيو ته اهو ڪنهن جو استحصال آهي ۽ منهنجو خاندان به اها ڳالهه نه مڃيندو ۽ مون کيس اهو به چيو ته اهو سڀ ڪجهه پهرين شادي ڪرڻ کان اڳ ڇو نه سوچيو؟ اقبال چيو ته مون ۾ همٿ نه هئي ته آءُ پنهنجي ڪامريڊ سائين جي ڌيءَ جو سڱ گهران. منهنجي ماڻهن منهنجي سمجهه کان پهرين منهنجو نڪاح پيڻ جي ٻدي ۾ ڪري ڇڏيو هو جڏهن وهاڻُ ٿيو ته مون الاهي ڪوشش ڪئي. پر منهنجن ماڻهن منهنجي نه مڃي، آئون گهر ڇڏي به هليو ويس. پر بابا جي ضد آڏو مون کي جهڪڻو پيو. آئون شاگرد هيس، انهن تي ڀاڙيندو هيس. جڏهن مون انهن جي نه پئي مڃي ته هنن مون کي اهو به چيو هو ته تون ڀلي پنهنجي مرضي سان ٻي شادي ڪجان. اقبال مون کي چيو ته تون جڏهن به اهو فيصلو ڪرين ته تڪڙ ۾ نه ڪجان سوچي سمجهي ڪجان. آئون جڏهن ميڊيڪل جي فائنل ايئر ۾ هيس ته مون خاندان مان آيل رشتن مان هڪ لاءِ ها ڪئي. مون اقبال کي نه ٻڌايو ڇو ته اسان وٽ رابطي

جو هڪ ذريعو بس فون ئي هو. جيڪو به ڪڏهن مهيني ماس ئي ٿيندو هو پيو ته مون ان ڪري هن کي نه ٻڌايو جو هو منهنجا ارادا ڪمزور ڪري ڇڏي ها، جڏهن هن کي خبرپئي ته آئون ڪنهن رشتي لاءِ ها ڪري چڪي آهيان ته هو ڏاڍو اداس ۽ پريشان ٿيو مون سان مختلف طريقن سان رابطا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين.

آءٌ انڊس هوٽل ۾ پنهنجين سهيلين سان گڏ ڪمپيوٽر نمائش ۾ وئي هيس. اُتي مون اقبال کي ڏٺو. منهنجي دل چاهيو ته آئون هن سان مِلان. آئون اڃا سوچن ۾ ئي هيس ته هن مون کي ڏسي ورتو ۽ اچي مليو. ساڻس گڏ ادا معشوق به هو جيڪو سندس مائٽ ۽ ويجهو دوست هو. اُتي وري اقبال مون کي شادي لاءِ چيو مون هن کي جواب ڏنو ته هاڻي ته اهو ناممڪن آهي. آئون ها ڪري چڪي آهيان، هن چيو ته وري سوچ، تون منهنجي آهين. بهرحال هن پوءِ وري پنهنجي هڪڙي مائٽياڻي کي فون به ڪرايو ۽ نياپو موڪليو ته آئون تو بنا جي نٿو سگهان، آئون تنهنجو انتظار ڪندس. اهڙي طرح آءٌ پريشان ٿي ويس، امي اختر سان منهنجي ڪافي دوستي به رهي آهي. هن مون کان پڇيو ته تون اقبال کي وساري نه سگهي آهين؟ هن جڻ منهنجي دل جي ڳالهه ڪئي. پر مو کي خبر هئي ته هاڻي سڀ ڪجهه اڃا مشڪل بڻجي ويو آهي. آءٌ پنهنجي ڪيل بيوقوفاڻي فيصلي جي ڪري مشڪل ۾ آهيان ۽ ان جا نتيجا مون کي ڪهڙي صورت ۾ ڀوڳڻا پوندا ۽ مون جهڙي حساس ڇوڪري جنهن جو ماڻهو مثال ڏيندا هئا. تنهنجي ناموس ڪافي متاثر ٿيندو، پر پوءِ به مون سوچيو آءٌ هڪ غير معمولي حالتن ۾ پليل ڇوڪري آهيان، مون کي زندگي گذارڻ لاءِ اهڙو ماڻهو گهرجي جيڪو ڪامريڊ هجي. پڙهيل لکيل ۽ وسيع سوچ جو مالڪ هجي. علمي، ادبي ۽ سياسي سرگرمين ۾ منهنجو ساٿ ڏي، مون وانگر صوفي راڳ، گيت ۽ غزل سندس پسنديده هجن ۽ جڏهن آءٌ غمزده هجان ته هو به منهنجي ڏک ۾ شامل ٿئي. مون طئه ڪري ورتو ته مون زندگي ۾ گهڻو ڪجهه وڃايو آهي. هاڻ آئون اقبال کي نه وڃائيندس.

ڳوٺ وارا مٺ مائٽ ناراض ٿي ويا، پر بابا پنهنجي چيل انهيءَ ڳالهه تي پورو لٿو ته منهنجا ٻار پنهنجي مرضيءَ سان شادي جو فيصلو ڪندا. منهنجي غلطي جي ڪري بابا ٿورو ناراض ٿيو پر پوءِ اقبال جي سڱ گهرڻ تي ها ڪيائين ۽ مائٽن کي چيائين ته آئون بختاور جي مرضيءَ ڪانسواءِ سندس شادي نه ڪرائيندس، پهرين منهنجو ۽ اقبال جو نڪاح ٿيو تڏهن منهنجو فائنل ايئر جو امتحان پئي هليو ڇئن مهينن ڪانپوءِ واري بابا رخصتي ۽ وِهان جي اجازت ڏني ۽ انهيءَ وقت به اسان جي فون تي ڳالهه ٻولهه تي به پابندي هوندي هئي.

31 ماچ 2000ع تي پريس ڪلب حيدرآباد ۾ اها تقريب ٿي، جنهن ۾ اسان جيون جو سفر گڏجي شروع ڪيو جيڪو جاري آهي، منهنجا ڪيترا ويجها رشتا جيڪي زندگي جي ڏک سک ۾ مون سان رهيا سي منهنجي شادي ۾ نه اچي سگهيا. جنهن جو اڄ به مون کي بيحد افسوس آهي، امي ۽بابا موجود هئا، ڪافي سياسي، سماجي ۽ ادبي شخصيتن انهيءَ تقريب ۾ شرڪت ڪئي هئي، گهر ۾ امي ٿوري گهڻي مينديءَ جي ننڍڙي رسم ڪئي هئي، پر هال ۾ نه ڪو لا ڏو نه ڪو سهرو ۽ نه ڪا رسم ٿي هئي. پر جس هجي اقبال جي دوستن

کي جن مشهور راڳي انور حسين وسطڙي کي آندو هو جنهن محفل مچائي ۽ ماني تي پابندي هجڻ باوجود گھوٽيتن پاران مهمانن جي آجيان لنچ باڪس سان ڪئي وئي. اقبال جي ماءُ پيءُ به اقبال جي ڀيرين شادي جي بدي ۾ ڏيڻ ڏنل هئڻ ڪري ڪجھ ڊنل ۽ پريشان هئا. پر انهن مون کي عزت ۽ پيار ڏنو سندس پيءُ تن ڏينهن ۾ بيمار هو مون پنهنجي ماءُ سکان جا زيور سوناري کي ڏئي ۽ هڪ سيٽ ورتو جنهن ۾ ڪجھ پئسا اقبال به ڏنا هئا. اقبال تن ڏينهن ۾ پاڪ اخبار جو ايڊيٽر هو ۽ هميشا جيان تن ڏينهن ۾ به مالي مشڪلاتن ۾ هو. سو مون اهو فيصلو ڪيو ته آئون سادگي سان خريداري ڪنديس ته جيئن مٿس بار نه ٿئي، ائين مون سنيڊل ساڳيو نڪاح وارو پاتو چوڙيون به ڪجھ پيل هيون. بس ٿوريون نيون ورتم ۽ پاڻ ئي ملائي سيٽ ناهيم ۽ شرارو (شادي وارو جوڙو) بي ڪنهن جو پاتم. جنهن تي امي ناراض به ٿي ته تون هينئر کان ئي هن کي ايتري ڇوٽ ڇو ٿي ڏين ۽ آءُ هن ڳالھ تي رُني به هيس. آءُ هڪ ڪپڙن جي بئگ سان پنهنجي نئين گھر رخصت ٿيس، بابا رُخصتي کان ٿورو پهرين منهنجي پير ۾ ويهي مون کي چيو ته "توکي ڪڏهن دڙڪو ڏنو هجي ته معاف ڪجانءِ، ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو پنهنجي پريشاني ۾ هوندو آهي ته خبر نه پوندي اٿس ته ڇا ڪري رهيو آهي." مون چيو نه باب ااهڙي ڪا به ڳالھ ناهي توهان ڪڏهن به مون کي دڙڪو نه ڏنو آهي، بئي ڏينهن آءُ بابا جي گھر ويس مون پنهنجا ادبي ڪتاب کنيا، جيڪي آئون پنهنجي خرچي مان وٺندي رهيس ۽ ميڊيڪل جا ڪتاب به کنيم ڇو ته منهنجي هڪ واءِ واءِ اجا باقي هئي. هڪ اهڙي سياسي ماڻهو جي ڏيءُ جي شادي ائين ئي ٿيڻي هئي، جنهن سڄي زندگي جدوجهد ڪندي گذاري هئي، مون لاءِ اها تمام وڏي ڳالھ هئي ته ڇام ساقي جي ڏيءُ هئڻ جي حيثيت سان منهنجي حصي ۾ تمام گھڻي عزت ۽ پيار آيو آهي.

بابا مون کي ايم بي بي ايس ڪرائي ۽ مون کي زندگي جو تمام اهم فيصلو پاڻ کي ڪرڻ ڏنو اقبال بابا ۽ امي کي ڏاج ڏيڻ کان منع ڪيو هو. ڇو ته هو گھر جي حالتن کان واقف هو ۽ طبقاتي جدوجهد جو حصو رهيو آهي، هو منهنجي خاندان خاص ڪري منهنجي بابا جي تمام گھڻي عزت ڪندو آهي، جڏهن آءُ يادگيريون لکڻ ويٺس ۽ مون پنهنجي ماءُ سکان بابت لکيو ۽ ڪيس ٻڌائيندي مون روئي ڏنو ته هو به مون سان گڏ لڙڪ لاڙي ويٺو اقبال بي اي آنرز پوليٽيڪل سائنس ۾ فرسٽ ڪلاس سيڪنڊ پوزيشن ڪنئي، پر هو مالي حالتن جي ڪري ايم اي ڪري نه سگھيو ڇو ته سندس ڀيرين شادي تنهن وقت ٿي چڪي هئي ۽ اهو وقت جو الميو آهي ته سندس ماءُ پنهنجا ڪنن جا زيور وڪڻي سندس شادي جو ڪاج ڪيو. پر اهو ايم اي جي في نه هجڻ ڪري ايم اي نه ڪري سگھيو پر سندس زندگي ۾ اهو ڏک رهجي ويو. هينئر هو ڪنهن به بيروزگار يا شاگرد کي ڏسندو آهي ته پنهنجو هٿ تنگ هوندي به ان جي مدد ڪندو آهي، هن صحافت جي ميدان ۾ ڪيترائي شاگرد تيار ڪيا آهن، انهن کي ڪم سيکارڻ دوران پنهنجي پاران خرچيون ڏيڻ يا وري انهن لاءِ گھران ماني نهرائي کڻي وڃڻ ۽ پنهنجي موٽر سائيڪل سيڪڙاٽ چوڪرن کي ڏئي ڇڏڻ اهي سڀ سندس خوبيون آهن. شادي جا پهريان

ڪجهه سال جڏهن آءٌ سندس ڪپڙا استري ڪرڻ ويهندي هيس ته سڄي ڏاڍو ضرور گڏ ڪٽي ويهندي هيس، ڇو ته سندس پينٽن جا کيس اندران ڳري ويندا هئا، جيڪي سبٽا پوندا هئا. صورتحال اڄ به ان کان مختلف ناهي ڇو ته تنهن وقت اقبال جا چار پاءُ ۾ پيٽون پڙهندا هئا ۽ هاڻي اسان جا پنج پار پڙهن ٿا (ٽي سندس پهرين زال مان ۽ به منهنجا) جيتوڻيڪ آمدني وڌي آهي، پر مهانگائي ان کان وڌيڪ آهي.

ڪجهه ڏينهن پهرين آءٌ سندس آفيس (عوامي آواز ريجنل آفيس) ويس ته هو پنهنجو قيمتي سرمايو ڪتاب لڪائڻ ۾ مصروف هو ڇو ته سندس هجائتو دوست رئوف خان ساسولي اچڻو هو ۽ کيس ڊپ هو ته سندس نه پڙهيل ڪتاب رئوف خان ڪٽي نه وڃي، آءٌ ان تي ڏاڍو کليس. هونئن ته هو تمام کليل دل ۽ کليل هٿ وارو ماڻهو آهي، دوستن، يارن ۽ مٽن مائٽن سيني لاءِ حال حاضر هوندو آهي. شادي جي پهرين ڪجهه سالن تائين هو مون کان ٿورو ڊنل هو ته آئون هن تي حاوي نه ٿي وڃان ڇو ته آءٌ ڊاڪٽر آهيان ۽ مشهور ماڻهو جي ڌيءَ آهيان، اهو منهنجو خيال آهي ڇو ته هن جو رويو ڪجهه اهڙو ڪڏهن لڳندو هو. پر هاڻي صفا ٿڌي طبيعت ۽ خيال رکڻ وارو ٿي ويو آهي، شايد ماڻهو گڏ رهي هڪٻئي جي عادتن کي سمجهي ۽ برداشت ڪرڻ سکي ويندو آهي.

پر هو اها... چڙي نٿو سگهي. سندس چواڻي ته تو تائين پهچندي الائي ڪيترا درد مليا آهن، سو اها وسارڻ ۽ جيئڻ لاءِ ٿو پيان. ائين هو پيئڻ نٿو ڇڏي سگهي ۽ آءٌ هن کي نٿي ڇڏي سگهان، هو ڪاڏي ڪائڻ ۾ ڪپڙي لٽي ۾ سادگي پسند آهي، هن کي پرواهه ئي نه هوندي آهي.

انهن شين جي اڪثر ڪري آءٌ يا سندس ننڍا ڀائر مقبول ۽ نعيم سندس خريداري ڪندا آهيون.

هي يادگريون لکڻ پويان الاهي سارا اتساهيندڙ سبب آهن. جن مان هڪ سبب اڄڪلهه ڇپجندڙ ڪجهه سياسي قيدين جون يادگيريون آهن. منهنجي جيون ساٿي جو تمام اتساهيندڙ ڪردار به آهي، جنهن مون کي اهو سڀ ڪجهه لکڻ لاءِ همٿايو ۽ مئگزين جي انچارج ادا قاسم سان ڳالهه ٻولهه ڪري، مون کي لکڻ لاءِ پابند بڻايو. منهنجي لکڻ جو هڪ ٻيو به مقصد هو ته جڏهن ڪو به ماڻهو پنهنجي ديس جي حقن لاءِ وڙهندي سر جي بازي لڳائي ڇڏيندو آهي ته پويان سندس خاندان ڪيترين ڏکيائين کي منهن ڏئي ٿو هونئن ته سڀني کي خبر آهي ته منهنجي بابا ڄام ساقيءَ سياست جي ميدان ۾ ڪيترو پورهيو ڪيو آهي، پر مون صرف اُهي سرگرميون يا واقعا لکيا آهن، جن ۾ آئون موجود رهي آهيان، مون ان ۾ ڪٿي به ڪو وڌاءُ نه ڪيو آهي، پر ڪوشش ڪري مختصر ضرور ڪيو آهي، آئون اڄ انهيءَ سلسلي جي آخري قسط لکي رهي آهيان. زندگيءَ جو سفر جاري آهي، وري لکبو رهبو پر في الحال آئون يادگيريون جيڪي اهم سمجهيون اهي لکي چڪي آهيان. آئون پنهنجي پڙهندڙن خاص ڪري ڪامريڊ دوستن جي تمام ٿورائتي آهيان. جن مون کي ڀرپور موٽ ڏني ۽ سندن هي پيغام مليا ته انهن امان سُڪان تي لکيل يادگيري پڙهي روئي ڏنو اها حقيقت آهي ته اهي سڀ يادگيريون مون به روئندي روئندي لکيون آهن. مون وٽ سيني رشتن جون الائي ڪيتريون مٺيون ڪڙيون يادون آهن. پر جيجل ماءُ جي ياد يا ان جي وڇوڙي جي ڪا ڇٽي يادگيري ناهي، اهو سوچي

ڪڏهن ڪڏهن اچ به ڌاڍو روئي ڏيندي آهيان. شاديءَ وقت بابا ۽ امي مون کي چيو ته اقبال ملاح سان شادي تنهنجو فيصلو آهي. اڳيان هلي جيڪڏهن توکي ڪي مسئلا ٿيا ته تون پاڻ ذميوار هوندينءَ. اسان کي ڪابه شڪايت نه ڪجانءِ اسان تنهنجي ڪا به مدد نه ڪنداسين. انهيءَ ڳالهه جو مون کي وقتي ڏک ضرور ٿيو پر ان مون کي ايترو مضبوط ڪيو جو مون ۽ اقبال گڏجي هڪٻئي سان ايئن نڀايو جو ڪڏهن ڪو مسئلو نه ٿيو آهي، ظاهر آهي اسين انسان آهيون. هڪٻئي سان وڙهندا به آهيون. پر ڏک سک ۾ هڪٻئي سان نڀائيندا آهيون. اقبال جي ماءُ پيءُ ۽ سندس پهرين گهرواري حيدرآباد جي سائيٽ ايريا واري علائقي ۾ رهندا هئا ۽ وري معشوق ملاح سان حيدر چوڪ تي فليٽ ۾ رهندو هو. هو ٻئي اڪيلا رهند اهئا. تنهن ڪري گهر ۾ ٿانوَ وغيره به تمام گهٽ هئا. ماني به ٻاهران کائيندا هئا. تنهن ڪري وٽ سامان به نه هئڻ برابر هو سو مون شادي جو سودو سامان گهرايو ۽ گهر ۾ ماني تاهيندي هيس. پهرين هي ٻئي ڄڻا رات ۾ منجهند جي ماني کائيندا هئا. پر نيرن نه ڪندا هئا. ادا معشوق چوندو هو ته واهه واهه هاڻي روز ناشتو به ملندو خير هن اسان جي شادي جي ڪجهه عرصي کان پوءِ ڪراچي شفٽ ٿيڻ جو فيصلو ڪيو ته آهستي آهستي گهر جو سامان ڪجهه وڪڻي ڇڏيائين. ڪجهه مائٽڻ کي ڏنائين ۽ ڪجهه وري ڪراچي کڻي ويو اسان وٽ باقي هڪڙو پراڻو صوفا سيٽ، هڪڙو فوم جو گدو، هڪ ڪمري ۾ قالين ۽ ٻي ڪپڙن جي ڳنڍ وڃي بچي ٻيو مڙيئي خير. منهنجو هائوس جاب شروع ٿيو ۽ اقبال عوامي آواز ۾ نوڪري ڪندڙ هو انهن ڏينهن ۾ سندس والد سخت بيمار هو ۽ ڪيترو ئي عرصو بيمار رهڻ بعد سول اسپتال حيدرآباد ۾ وفات ڪري ويو اقبال ڀائرن ۾ وڏو آهي. تنهن وقت سندس ڀاءُ ۽ ڀيڻ پڙهيا پئي. هو پهريان کان شادي شده هو ۽ ڪيس ٻه ٻار به هئا. سو سندس ڪلهن تي وڏو بار اچي ويو اقبال تي اهي سڀ ذميواريون هئڻ باوجود اسان ٻنهي گڏجي گهر جي ضرورت جون شيون ورتيون ۽ الله جو شڪر آهي ته هينئر اسان جي ضرورت جون تقريباً سڀ شيون موجود آهن. قاسم آباد ۾ بابا جي گهر جي ويجهو رهڻ جو اهو فائدو آهي ته جڏهن دل چاهيندي آهي ته اڪثر شام جو بابا وٽ وڃي ڪچهري ڪندي آهيان. شادي جي هڪ سال کان پوءِ اسان شاديءَ جون تصويريون ڊوٽاري سگهياسين ۽ ڪيترن سالن تائين اسان ٻئي گڏجي ڪٿي گهمڻ نه وياسين ڇو ته مالي حالتون ۽ ذميواريون ايتريون هيون جو اهي پوريون ڪرڻ ۾ ئي پورا هئاسين. آئون شاديءَ کان ڏهه سال پوءِ ٿر پنهنجي ڳوٺ پنهنجي ماءَ جي قبر تي ويس، ڇو ته مون کي اندازو هو ته ڳوٺ وارا مائٽ ناراض آهن. پوءِ آئون هڪ دفعو بابا سان گڏجي، ڏاڏا جي ورسي جي پروگرام ۾ وئي هيس ۽ هاڻي ته خير ڪڏهن ڪڏهن ويندي رهندي آهيان. آئون ڊاڪٽر آهيان تنهن ڪري مون اهو فيصلو ڪيو ته آئون جلدي پنهنجي فيملي مڪمل ڪيان. ڇو ته وڏي عمر ۾ ماءُ ۽ ٻار جي لاءِ بيمارين جا خطرا وڌي وڃن ٿا. جڏهن مون پنهنجو هائوس جاب ختم ڪيو ته ان جي ڪجهه مهينن کان پوءِ مون پهرين پٽ ساحل کي جنم ڏنو جنهن تي اسان ٻئي ۽ سمورو خاندان خوش هو ساحل. اقبال جو پهريون پٽ آهي. ڪيس پهرين ٻه نياڻيون مهڪ (جنهن جو نالو پهرين بختاور رکيو

هئائين پر مون سان شادي ڪان پوءِ بدلائي مهڪ رڪيائين) ۽ سنڌو آهن. منهنجي سَسُ تہ خوشي وچان اُتي ئي اسپتال ۾ سهرا چوڻ شروع ڪيا. بابا ۽ امي مون کي اسپتال ڏسڻ ۽ مبارڪون ڏيڻ آيا. امي تہ اڳ ۾ بہ گڏ هئي جنهن وقت آئون اسپتال داخل ٿيس. جڏهن ساحل ڏيڍ سال ڪن جو مس هو تہ مون حيدرآباد جي ڀهراڙي ۾ شيخ پرڪيو روڊ تي نوڪري شروع ڪئي. جيتوڻيڪ اقبال تنهن وقت نوڪري جي حق ۾ نہ هو ساحل جي ڪري. پر مون گهر جي حالتن ۽ اقبال جي ذميوارين کي ڏسندي گهر ويهڻ مناسب نہ سمجهيو تقريباً ڇهہ ست مهينا مون اتي نوڪري ڪئي. آئون صبح جو اٺين بجي ڪوسٽر ۾ ويندي هيس ۽ شام جو ڇئين وڳي واپس گهر موٽندي هيس. صبح جو اتي ناشتو ناهي. ساحل کي ننڊ مان اٿاري. ناشتو ڪرائي. تيار ڪري پوءِ پنهنجي سَسُ وٽ سائيٽ ايريا واري گهر ۾ امتياز چانڊئي سان موڪليندي هيس. جتي هو بہ مون وانگر ڪلاڪ جو پنڌ ڪري بس ۾ اتي پهچندو هو. جڏهن منجهند جو هن کي امتياز واپس وٺي ايندو هو تہ سندس ڪپڙا سخت گرمي جي ڪري پگهر ۾ صفا آلا هوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن تہ آئون اهو روئي ڏيندي هيس. امتياز چانڊيو (عوامي آواز وارو) منهنجي سهري واحد بخش جي دوست چاچي سرهي جو پٽ آهي ۽ اقبال جي ياڻرن وانگر رهيو آهي. چار پنج سال مون سان اقبال سان گڏ رهيو ۽ انهيءَ دوران ساحل کي روز اسان جي سائيٽ ايريا واري گهر وٺي ويندو هو ۽ ڪجهہ عرصي مون کي ڪلينڪ تي بہ ڇڏي ۽ وٺي ايندو هو. ڪجهہ مهينن ڪان پوءِ مون کي ڪانٽريڪٽ تي سرڪاري نوڪري ملي جيڪا پنج سال ڪن هلي ۽

انهيءَ دوران وري مون ٻئي پٽ سرويچ ساغر کي جنم ڏنو جنهن ڏينهن سرويچ جو جنم ٿيو تہ منهنجي سس مون وٽ رهيل هئي. پر ڳوٺ ۾ ڪو مرڻو ٿي پيو سو کيس اوڏانهن وڃڻو پيو هو صبح جو جڏهن منهنجي اک کلي تہ منهنجي طبيعت خراب هئي مون کي (labour pain) ٿي رهيا هئا ۽ مون ان حالت ۾ اقبال کي اٿاريو تہ تيار ٿي تہ اسپتال هلون ۽ مون وري اٿو ڳوهي نيرن لاءِ ماني پچائي ۽ ادا امتياز ۽ اقبال کي ناشتو ڪرايو ڇو تہ اقبال کي شوگر هئڻ ڪري بک برداشت نہ ٿيندي آهي ۽ دوا بہ کائڻي هوندي اٿس. پوءِ اسپتال وياسين جتي امي اختر بہ آئي هئي ۽ ايئن منهنجي ٻئي پٽ جو جنم ٿيو تہ مون ٻنهي ٻارن کي سنڀالڻ لاءِ هڪ ماسي رکي جيڪا ڪم ڪار ۾ منهنجي مدد بہ ڪندي هئي ۽ جڏهن آئون ڊيوٽي تي ويندي هيس تہ ٻارن کي سنڀاليندي هئي پر اڪثر ڪري اقبال. نعيم. مقبول يا امتياز مان گهر ۾ ڪونہ ڪو موجود هوندو هو ۽ ماسي هفتي جا هڪ بہ ڏينهن بهانا ڪري موڪل ڪري وٺندي هئي تہ وري انهن ٽنهي گهر ياتين مان ڪونہ ڪو ٻارن کي سنڀاليندو هو ۽ اهي ٽيئي مختلف وقتن تي اخبار ۾ ڪم ڪندا رهيا آهن. سو فون ڪري صحافي دوستن کي چوندا هئا. يار اڄ گهر ۾ ضروري ڪم آهي سو اڄ خبرن جي پارٽ هجي. آئون اڃي ڪونہ سگهندس. مطلب تہ فيملي جو منهنجي نوڪري جي سلسلي ۾ تمام گهڻو تعاون رهيو پر ماسين جا اهي نخرا پنهنجي نوڪري ۽ مالي حالتون ڏسندي مون فيصلو ڪيو تہ اهي بہ ٻار ڪافي آهن. جن جي ماٺهو سٺي تربيت ڪري سگهي ۽ انهن جون ضرورتون بہ پوريون ڪري سگهي. شاديءَ ڪان پهرين آئون سمجهندي هيس

اقبال سان شادي ڪرڻ سان سندس پهرين گهر واريءَ جو استحصال ٿيندو پر اصل ۾ اهو استحصال حقيقت ۾ اسان ٽنهي جو آهي. احساساتي طرح جيڪا پيڙا آئون محسوس ڪيان ٿي ان کان وڌيڪ هوءَ به محسوس ڪندي هوندي ڇو ته اقبال سان شادي جو فيصلو سندس پهرين گهرواريءَ جي وڏن جو ڪيل آهي ۽ ظاهر آهي ته اهو ڪنهن به عورت لاءِ برداشت ڪرڻ ڏکيو آهي ۽ سندس مڙس ٻي شادي ڪري. جڏهن ته مون سڀ ڪجهه سمجهندي ۽ ڏسندي اقبال سان پاڻ شاديءَ جو فيصلو ڪيو آهي. اقبال جيڪو معاشي بار سان گڏ احساساتي طرح به ٻنهي وٽ ٻڌل آهي. ان لاءِ اجان وڌيڪ ڏکيو سفر آهي. مون ان ڏس ۾ ڪجهه قربانيون به ڏنيون ۽ الاهي محنت ڪري پنهنجو گهر ٺاهيو آهي. مون کي ياد آهي ته جڏهن آئون شيخ پرڪيو روڊ تي نوڪري ڪري شام جو ڇئين وڳي سخت گرمي ۾ گهر پهچندي هيس ته اسان وٽ فرج به نه هوندي هئي جو آئون ٿڌو پاڻي پي سگهان پر پوءِ اسان ٻنهي گڏجي فرج تن ڏينهن ۾ ئي خريد ڪئي. اهڙي طريقي سان اسان ٻارن جي پڙهائي سان گڏ زندگيءَ جون ٻيون ضرورتون به پوريون ڪريون ٿا. آئون ڪجهه عورتن جي حقن جي هام هڻندڙ عورتون سڃاڻان جن ڪنهن شادي شده مرد سان شادي ڪئي ته سندس پهرين زال سان رشتو ختم ڪرائي ڇڏيو پر مون اهڙي سوچ ڪڏهن به نه ڌاري آهي. منهنجي شادي کان پوءِ به اقبال پنهنجي گهر واري ۽ ٻارن کي سنڀاليندو ۽ وقت ڏيندو آهي ۽ منهنجي شادي کان پوءِ ئي هن جي پهرين گهرواريءَ پٽ آدرش کي جنم ڏنو آهي. حقيقت ۾ اقبال ڪن ڳالهين ۾ مون کان وڌيڪ هن جو خيال رکندو آهي ته ڪيس متان ڪير ميار ڏئي ته پيار جي شاديءَ کان پوءِ هن پنهنجي ذميوارين ۾ ڪا ڪوتاهي ڪئي آهي. آئون گذريل پنجن سالن کان بينظير ڀٽو شهيد يوٿ ڊيولپمينٽ پروگرام (صحت کاتي) ۾ ڪم ڪري رهي آهيان. جيڪو پنهنجي جوهر ۾ هڪ تمام زبردست پروگرام هئڻ باوجود ڪن سببن جي ڪري انتظامي طرح ايترو بهتر نه رهيو آهي. جنهن بابت آئون بار بار لکندي به رهي آهيان. اڪثر وقت سر ڪانٽريڪٽ رنئون نه ٿيڻ ۽ پگهارون تمام دير سان ملڻ ڪري ڪجهه پريشاني ٿيندي آهي. خير اقبال کي انهن شين جي پرواهه گهٽ هوندي آهي. اهو چوندو آهي ته مون زندگي ائين ئي ڏکيائين ۾ گذاري آهي. سو ڪو مسئلو ناهي. هونئن به منهنجي خيال ۾ جيڪي ماڻهو ڪيس سڃاڻن تن کي خبر آهي ته هو پنهنجي ڪم سان ڪيترو سچو ۽ آدرشي ماڻهو آهي. پر پوءِ به اسان جا ڪجهه دوست اسان لاءِ هي تبصرا ڪندا آهن ته هاڻي اسان ڪلاس متائي چڪا آهيون ڇو ته اسان وٽ سيڪنڊ هينڊ ڪلٽس گاڏي آهي. افسوس ته اهي خيال اسان کي ڪيترن سالن کان سڃاڻندڙ دوستن جا آهن. سچل سائين جي لفظن ۾ ڪو ڪيئن چوي "ڪو ڪيئن چوي مان جو ئي آهيان سو ئي آهيان" منهنجو پٽ ساحل هينئر ڇهين ڪلاس ۾ پڙهي ٿو ۽ سندس رجحان ڪرڪيٽ طرف وڌيڪ آهي ۽ ننڍو سرويچ ٽئين ڪلاس ۾ آهي. هن هڪ به دفعا انگريزي ۾ ڪهاڻي به لکي آهي. اڳيان هلي ڏسجي ته سندس رجحان ڪهڙي طرف ٿو وڃي. هونئن هو چوندو آهي ته هو سائنسدان ٿيندو. زندگيءَ جو سفر پنهنجي تمام ارڏاين سان جاري آهي.

*



ڊاڪٽر ثمينه افغان

# ڊاڪٽر افغان جي ڪهاڻي: سندس ڌيءَ جي زباني

اج رمضان شريف جي ٻاويهين تاريخ آهي ۽ شمس ڪيلنڊر جي مطابق 18 نومبر 2003ع. اج کان تيرهن سال اڳ وارو اهو ڏينهن "8 اپريل 1991ع" هو. اُهو ڏينهن ڊاڪٽر عبدالقدير قادر داد افغان Dr. A.Q.K.Afghan جي ڪٽنب لاءِ هڪ اڻ وسرندڙ ڏينهن آهي. هڪ اهڙو ڏينهن، جڏهن هڪ اهم دؤر اختتام پذير ٿيو ۽ خانداني هڪ اڪائيءَ مان نڪري، ننڍڙن ننڍڙن خاندانن ۾ ورهائجي ويو. اهو ڏينهن جڏهن به ايندو آهي، ته مان ماضيءَ کي دل جي دنيا ۾ ورجائيندي، پنهنجي پوئين جنم ۾ گم ٿي، انهن ڏينهن کي ياد ڪندي آهيان، جڏهن اسان سڀ ڀيڻ ڀائر - بابا ۽ امان جي ڇانوَ ۾ هڪ آکيري ۾ هئاسين.

مون کي چٽيءَ طرح ياد آهي ته ان ڏينهن مان اسپتال مان نڪري رهي هئس، ته خبر پئي ته بابا جن صبح جو ڏهين وڳي واري جهاز ذريعي اسلام آباد اچي رهيا آهن. بابا جن 3 ڏينهن اڳ ڪراچي ويا هئا.

مون 1986ع ۾ ڊاڪٽري پاس ڪئي ۽ 1988ع ۾ مون کي اسلام آباد ۾ ٻارن جي اسپتال ۾ نوڪري ملي هئي. اولاد مان سڀني کان وڏي هجڻ جي ناتي مون کي شروع کان بلڪ اج به دل ۾ هڪ ئي اڻ وڻندڙ تاثر سمايل رهيو آهي، ته بابا جن پنهنجي زندگيءَ ۾ انهن راهن تان سفر ڪيو هو جيڪي هنن لاءِ هميشه کان دردن سان ڀريل رهيون.

هنن لاءِ شايد قدرت ئي مشڪل رستا چونڊيا هئا. هنن جي طبيعت ۾ اهو عنصر خاص طرح نمايان هو جنهن ڪري هر دفعي پنهنجي ردِ عمل سان ڀرپور جدوجهد ڪندا هئا. اهو سڀ ڪجهه هو پنهنجي فائدي لاءِ نه، پر عام ڀلائيءَ لاءِ ڪندا هئا. اهڙي طبقي يا گروهه لاءِ ڪندا هئا. جنهن مان هنن موٽ ۾ ڪجهه حاصل ڪرڻ جو ڪڏهن به نه سوچيو هو. شايد، هو صرف ڏيڻ لاءِ آيا هئا ۽ ڪجهه وٺڻ بنا هن سنسار مان هميشه لاءِ واپس هليا ويا.

جڏهن مان ننڍڙي هئس ته هر وقت اهو سوچيندي رهندي هئس، ته مان اهو ڇا ڪري ٿي سگهان، جنهن سان بابا جن جي مشڪلات ۾ آساني ٿي سگهي! ۽ موٽ ۾ مون کي سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح بابا جن کان يا امان جن وٽان اهو ئي اشارو ملندو رهيو ته اسان سڀني ڀيڻ ڀائرن کي پڙهائيءَ ڏانهن مڪمل ڌيان ڏئي، ايمانداريءَ سان پنهنجي ڪردار جي پختگيءَ ڏانهن وڌڻو آهي. اسان شايد ائين ڪري بابا جن کي خوشي ڏئي سگهون ٿا. جيڪر سچ پڇو ته منهنجي طبيعت اهڙي سنجيدگيءَ واري ميڊيڪل جي تعليم واري ڪورس جي طرف بلڪل مائل نه هئي. اهو ته مون بابا جن کي هڪ دفعي چيو به هو ته مان ڊاڪٽر ٿي آهيان، ته صرف اوهان جي خوشيءَ لاءِ. نه ته مان ٽانو ڏوئي، آرام سان زندگي گذاري سگهيس پئي. مون کي ياد آهي ته بابا جن پنهنجي مخصوص انداز ۾، پنهنجي مسڪراهٽ لڪائيندي، مون کي غور سان ڏسندي چيو ته: "وقت اچڻ تي مون کي ضرور ياد ڪندينءَ ۽ واقعي گذريل حياتيءَ جي هر موڙ تي جيڪو منهنجي

پيشہ ورانہ زندگيءَ ۾ آيو آهي. پنهنجي خدمت واري پيشي کي ورجائيندي، هر مريض جي محبت ڀرين نگاهن ۾ ۽ اڳتي هلي، طب جي پيشي کي سيڪريٽريٽ ۾ نمائندگي ڏيندي، ٽيڪنيڪل آفيسر جي حيثيت سان جڏهن بہ مون کي عزت ۽ احترام مليو تہ مون نہ صرف بابا ۽ امان کي ياد ڪيو آهي، پر کين مسلسل دعائون ڏنيون آهن.

مان بابا جن جي خوشيءَ لاءِ ڊاڪٽر ٿي هئس. پر اڄ مون کي خوشي بہ آهي ۽ اهو اعزاز بہ، تہ مان خدمت جي هن پيشي سان منسلڪ ٿي، نہ صرف بابا جن جي خواهش پوري ڪئي، پر سندس خدمت خلق جي جذبي وارين تمام خواهشن ۽ خوابن کي تعبير ڏيڻ جي سگھہ رکان ٿي. مان ڊاڪٽر نہ هجان ها، تہ ادب جي دنيا ۾ گم ٿي وڃان ها. منهنجي اندر ۾ هڪ ننڍڙو اديب وڏو ٿيڻ لاءِ مسلسل هٿ پير هڻندو رهندو آهي ۽ جڏهن بہ وقت ۽ حالات اجازت ڏيندا آهن، تہ ادب جي ساگر مان اظهار جي روين سان روح رهاڻ ڪري، نئين سر حياتيءَ جي جدوجهد کي منهن ڏيڻ لاءِ آبِ حيات حاصل ڪري وٺندي آهيان.

مون ڳالهہ پئي ڪئي بابا جي خوشيءَ ۽ اسان سڀني ڀينرن ۽ ڀائرن جو خدمت جي پيشي سان منسلڪ ٿي وڃڻ جي. اهو سڀ ڪجھہ حادثاتي نہ هو. ان سچي واقعي ۾ اڻ پورين خواهشن کان وٺي زندگيءَ جي مشڪل مرحلن مان گذرڻ ۽ حياتيءَ ۾ مقصد جي آگاهي ۽ دنيا ۾ مسلسل خير ورهائڻ واري خواب جي تعبير کان وٺي، هن جهان کان گھڻو اڳتي نئين جهانن ۾ پنهنجي لاءِ مقام پيدا ڪرڻ تائين جي اڳ ڪٿي (Vision) سمايل نظر ايندي.

ڳالهہ پئي ڪيم ان تاريخي ڏينهن جي، ان ڀاويهين رمضان جي، يا ائين اپريل 1991ع جي. منجهند جو جڏهن اسان سڀ اسپتالن کان گھر آيا هئاسين، تہ بابا جن گھر ۾ موجود هئا ۽ ٻاهر ڏاڍي تيز برسات وسي رهي هئي. اهو عجيب ڏينهن هو. ڏاڍو وڏو ڏينهن هو. ان ڏينهن بابا جن اسان سڀني کي پنهنجي ڪمري ۾ ويهاري، ڪوڙ ساريون ڳالهيون ٻڌايون. پنهنجي ننڍپڻ جي يادگيرين کان وٺي انهن ڏينهن جي تازين خبرن تائين. بابا جن ان ڏينهن، ايندڙ ڏينهن ۾ بہ جهاتي پائيندي، ڳالهين ئي ڳالهين ۾ اسان سڀني کي سمجھاڻيون بہ ڏنيون. ان ڏينهن بابا ڏاڍو عجيب طرح سان ۽ ڪجھہ وڌيڪ غور سان سڀني کي ڏسي رهيو هو جنهن کي Penetrating Look چئجي، يعني: مسلسل اک ڄمائي، ائين پئي نهاريائين. جو بابا جي نظرن کي محسوس ڪري سگھجي پيو. ان ڏينهن بابا عام ڏينهن کان هٽي، ڏاڍي وڏي ڪچهري ڪئي هئي، جيڪا بابا جن عام طرح ڪڏهن ورلي ئي ڪندا هئا. بابا جن مجموعي طرح خاموش طبيعت جا مالڪ هئا ۽ ٻين جي گفتگو غور سان ٻڌندا هئا ۽ پاڻ اڪثر خيالن ۾ گم نظر ايندا هئا.

عام طرح، گھر ۾ اسان سڀ ڀيڻ ڀائر پنهنجن پنهنجن اسپتالن جا قصا Discuss ڪندا رهندا هئاسين ۽ بابا ۽ امان جن اسان جون اهي ڪهاڻيون، جيڪي عام طرح مريضن ۽ بيمارين کان ٿينديون، نرسن ۽ ڊاڪٽرن کي ولوڙينديون نظر اينديون هيون، تن مان بيزار ٿيڻ بدران انهن کي Enjoy ڪندا هئا.

بابا جن جي سُٺي سوانح حيات منهنجا وڏا بهتر نموني ۾ لکندا. مختصراً منهنجي علم مطابق 1926ع جي جولاءِ جي ٻاويهين تاريخ، جيڪا ان وقت محرم الحرام جي ڏهين تاريخ (1345هہ) مطابق هئي، ان

ڏينهن قادر داد خان افغان جي گهر ٻئي نمبر فرزند جنم ورتو. سندس نالو عبدالقدير رکيو ويو هو. قادر داد افغان، سيد سيف الله جي پيڙهيءَ مان هو جيڪو قنڌار جي علائقي کان احمد شاهه ابداليءَ جي دؤر ۾ سنڌ ۾ اچي آباد ٿيو. قادر داد افغان پنهنجي وڏن جي زميندارانه روايتن کان اڳتي وڌي، تعليم حاصل ڪئي ۽ درس و تدريس جي شعبي سان منسلڪ ٿي ويو. هن سنڌ ۽ هندستان جي مجموعي تاريخ جي مطالعي مان "سيد" جو ڪجهه اهڙو تاثر ورتو جيڪو نه صرف اڻ وڻندڙ هو بلڪ اخلاقي حساب سان پنهنجي عزت افزائيءَ جي غلط استعمال جي مترادف هو. سيد گهراڻا، پنهنجو نسلي لاڳاپو اسان جي نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ذات سان رکندي، معاشري ۾ عزت جي نگاهه سان ڏٺا ويندا آهن. ان عزت ۽ احترام جو غلط فائدو وٺندي، اسان جو ڏاڏا بابا ٻڌائيندو هو ته ڪجهه سيد سادات زميندارن کان ڏَنُ وٺندا هئا، جيڪو باب اوڏي جن جي حساب سان ناجائز ۽ غنډه ٽيڪس هو.

ڏاڏا بابا جن پنهنجي سڃاڻپ لاءِ بجاءِ پاڻ کي "سيد" چوائڻ جي، "افغان" سڏرائڻ پسند ڪيو. جڏهن ته اسان جا ڏاڏاڻن مان ڪافي گهراڻا اڄ به "شاهه" يا "سيد" سڏائيندا آهن. اهو تفصيل بيان ڪرڻ جو مقصد صرف اهو هو ته ڪجهه سوالن جي وضاحت ٿي سگهي ته اسان "سيد" ڪيئن ٿياسين.

عبدالقدير افغان پنهنجي شروعاتي زندگي "قاضي ڳوٺ" يا "قاضي واهڻ" ۾ گذاري جيڪو لکي غلام شاهه سان لڳ، تعلقي ڳڙهي ياسين، ضلعي شڪارپور ۾ آهي.

اوائلي تعليم ڳوٺ ۾ مڪمل ڪرڻ کان پوءِ، سندس خاندان شڪارپور منتقل ٿي ويو. قادر داد افغان ان وقت ڊپٽي انسپيڪٽر آف اسڪولس هو. ان وقت، انگريزن جي دؤر ۾ اسڪولن جي پر گهور يا Monitoring جي زميداري قادر داد افغان جي سپرد هئي. بابا وڏي جن اسان کي پنهنجي زندگيءَ جي قصن مان ڏاڍي خوشيءَ ۽ فخر سان اهو ٻڌائيندا هئا، ته پاڻ ڪيئن پنهنجي ٽَر جي اسڪولن جو دورو ڪندا هئا ۽ انهن جي ڪارڪردگيءَ کي بهترين ڪرڻ لاءِ پنهنجو فرض نڀائيندا هئا.

ڏاڏا بابا جن ۽ خود بابا جن ٻڌائيندا هئا ته اِهو اُهو دؤر هو جڏهن سنڌ جو تعليمي معيار ايترو ته بلند هو جو جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ کان امتحان پاس ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيندو هو سو وڃي پنجاب يونيورسٽيءَ مان پاس ڪري ايندو هو. سنڌ جي تعليم استطاعت سڄي ملڪ ۾ بُلند هئي. سنڌ جي Literacy Level پاڪستان جي سڀني صوبن کان مٿانهين رهي آهي. سنڌي واحد پاڪستاني زبان هئي، جيڪا لکي، پڙهي ۽ ڳالهائي ويندي هئي. پر، اڄ اسان جي پرائمري تعليم کان وٺي هر سطح جي تعليم جو معيار ۽ تعليم کاتي جي بي راهه روي ڏسي ۽ پنهنجي ماڻهن کي برباد ٿيندو ڏسي، اڄ جو هر محب وطن ضرور وياڪل ۽ ويڳاڻو هوندو. تعليمي بي راهه رويءَ جي ان صورتحال جي ازالي لاءِ اسان جيڪر متحد ٿي ڪجهه ڪرڻ چاهينداسين، ته حالات ۾ بهتريءَ ڏانهن تبديلي ضرور محسوس ڪري سگهبي.

ڳالهه پئي ڪيم بابا جن جي مئٽرڪ پاس ڪرڻ جي. ان وقت، مئٽرڪ جو امتحان بمبئي يونيورسٽي هئي ۽ ڇٽا پيٽي، يعني: Competition انتهائي هوشيار ۽ محنتي هندو شاگردن سان هوندي هئي، جنهن ۾

عبدالقدير افغان نہ صرف نمايان نمبرن سان مئٽرڪ پاس ڪئي، بلڪ پوزيشن بہ ڪنيائين.

بابا جن ٻڌائيندا هئا تہ هُو پاڻ ٻہ ڇهہ پائر ۾ تي پينر هئا. هنن جو والد درس ۾ تدريس جي شعبي سان لاڳاپيل هو. جڏهن پروفيشنل، يعني: پيشہ ورانہ تعليم جو وارو آيو تہ جيئن تہ گل محمد افغان، جيڪو وڏو پاءُ هو ۽ هُو انجنيئرنگ جي تعليم لاءِ NED ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيو تہ عبدالقدير افغان کي بہ ساڳئي پيشي ۾ ساڳئي ڪاليج ۾ داخل ڪرايو ويو. ان ڪري، جو سندس والد پنهنجي ٻنهي فرزندن لاءِ الڳ الڳ پيشي جي تعليم جو خرچ برداشت ڪري نہ ٿي سگهيو. بابا جن جي دل ۾ ڊاڪٽر ٿيڻ جي جيڪا خواهش اڻپوري رهي، شايد ان ڪري هنن اهو ڪجهہ پنهنجي اولاد ۾ ڏسڻ ٿي چاهيو. ان خواب جي تڪميلَ هنن پنهنجي ٻارن ۾ ڏٺي، جيڪو ڪجهہ ڪرڻ هنن لاءِ وقت ۾ انهن حالات ۾ ممڪن نہ هو. انجنيئر ٿيڻ کان پوءِ، عبدالقدير افغان اسسٽنٽ انجنيئر جي حيثيت سان پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ PWD سان منسلڪ ٿي ويو.

1954ع ڌاري عبدالقدير افغان کي اسڪالر شپ ڏني Ph.D يعني: اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ چونڊيو ويو ۽ هُو ڊاڪٽريٽ ڪرڻ لاءِ برطانيہ وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. اُن دوران، سندس والدين هُن جي شادي شڪارپور ۾ ئي سندن برادريءَ جي پناڻ ۾ سيد گهراڻي ۾ طئي ڪري ورتي. عبدالقدير افغان 1958ع ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري امپيريل ڪاليج، لنڊن مان حاصل ڪري، وطن واپس وريو. وطن واپس پهچڻ تي هن کي پنهنجي امڙ جي انتقال جي افسوسناڪ خبر ملي. شايد اهو بہ هڪ ڏکوئيندڙ سچ آهي، تہ ڪڏهن ڪڏهن ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ ڏاڍيون قيمتي قربانيون ڏيڻيون پونديون آهن. بابا جن جي پرڏيهہ ۾ تعليم جي دوران سندن امان بيمار ٿي پئي هئي. چون ٿا تہ ڪيس پٽي ۾ پٽري هئي، پر هوءَ آپريشن ڪرائڻ لاءِ راضي نہ هئي. هُن جو ان بيماريءَ ۾ ئي انتقال ٿي ويو. ان وقت، جيئن تہ بابا جن آخري سال Ph.D ۾ هئا، تنهنڪري اها خبر کين نہ ڏني وئي هئي.

ان ڳالهہ جو بابا جن کي ڏاڍو افسوس رهيو. مون کي ياد آهي تہ 68_1967ع ڌاري لالا جن (اقبال ترين) اسان جي ڏاڏي امان جو هڪ enlarge ٿيل فوٽو بابا جن کي ڏيکارڻ لاءِ چار شوري واري گهر ۾ کڻي آيا هئا، تہ مون بابا جن کي پهريون دفعو تڪليف سان روئندي ڏٺو هو. بابا پنهنجي امان کي ڏاڍي پيار سان ۽ ڏک سان هميشہ ياد ڪندو رهندو هو.

بابا جو خيال هو تہ جيڪر هُو هتي هجي ها، تہ پنهنجي امان کي زبردستيءَ ڊاڪٽر ڏانهن وٺي وڃي ها ۽ اها معمولي آپريشن ڪرائي سندس زندگي ضايع ٿيڻ کان بچائي وٺي ها. ان نقصان لاءِ پاڻ هميشہ پنهنجي غير موجودگيءَ کي ذميدار سمجهندو هو.

بابا جن ڊاڪٽريٽ ڪرڻ کان پوءِ، وطن واپس اچي پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ سان منسلڪ ٿي ويا ۽ سال کن ڪم ڪرڻ کان پوءِ وري انگلينڊ واپس هليا ويا. هُو جيڪو پنهنجي ملڪ کي پنهنجي اعليٰ تعليم جو فرض ڏيڻ آيو هو هتي اچي هُن محسوس ڪيو تہ سسٽم ايترو تہ ڏکوئيندڙ هو جنهن ۾ رهي، هُو پنهنجي پاڻ کي صرف نقصان ئي ڏئي پئي سگهيو. ملڪ کي فائدو ڏيڻ تڏهن ممڪن ٿي سگهي ها، جڏهن ڪو فائدو وٺڻ گهري. اڄ بہ اسان جي تباهي ۽ ادارن جي زوال جي سببن ۾ اهو سچ سمايل نظر ايندو تہ ايماندار ۽ ڪري آفيسر جي پنهنجي زندگي مشڪل

ٿي پوندي آهي. اهو اهڙي سسٽم کي چا ڏئي سگھندو، جيڪو ڪا چڱائي وٺن جي قابليت ئي نه رکندو هجي. اسان کي اڄ سنجيدگيءَ سان سوچڻو پوندو، ته جيڪر اسان جي معاشري جي اڪثريت واقعي پلائي ۾ سڌارو چاهي ٿي، ته پوءِ سسٽم ۾ بنيادي تبديلين کان وٺي سماجي ۾ گھربل تبديلين ۾ تبليغي بنيادن تي آگاهي ۾ غلط روين کي بدلائڻ لاءِ انقلابي سڌارا ئي اسان جي نه صرف ڇوٽڪاري لاءِ تمام ضروري آهن. بلڪ اسان جي بقا ۾ ترقيءَ جي ضمانت به ڏئي سگھن ٿا.

اسان کي سڀ کان پهريائين تعليم کاتي جي سڌاري لاءِ هنگامي بنيادن تي محنت ڪرڻي پوندي. ٻيءَ صورت ۾ سياڻي هن ڌرتيءَ تي اسان جي صرف تاريخ ئي ملندي. قومون جڏهن اخلاقي طور تي مفلوج ٿي وڃن، ته پوءِ آهستي آهستي انهن مان زندگي پنهنجون راهون بدلائي ويندي آهي. مون کي ڏاڍي تڪليف سان چوڻو پوي ٿو ته سنڌ جي اندرين علائقن ۾ مُردگيءَ جون نشانيون اسان کي ملڻ شروع ٿي ويون آهن. تعليمي ميدان ۾ اهڙي شڪست کي مُنهن ڏيڻ لاءِ اسان کي اڄ ئي بلڪ هاڻي ئي هوشيار ٿي، وقت جي سڏ کي لبيڪ چوڻو پوندو. هاڻي ۾ هن ئي وقت سندرو ٻڌڻو پوندو، نه ته اسان لاءِ سياڻي نه ايندي سياڻي اسان کي وقت معاف نه ڪندو.

1960ع کان وٺي 1965ع تائين انگلينڊ ۾ رهڻ کان پوءِ ڊاڪٽر افغان پنهنجي بابا جي حڪم تي ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جو قرض لاهڻ لاءِ هڪ دفعو وري واپس اچي ويو. هن دفعي سنڌ يونيورسٽيءَ جي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ پروفيسر جي حيثيت سان سائين محمد سليمان لاڙڪ جي سرپرستيءَ ۾ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ درس ۾ تدريس سان منسلڪ ٿيو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ انجنيئرنگ ڪاليج جي پرنسپال جي عهدي تي پنهنجين ذميدارين کي نڀائڻ لڳو.

1965ع کان 1972ع تائين مجموعي طرح سَتَ سال کن مڪمل طرح اداري سان وابسته رهيو ۽ ان کان پوءِ سينڊيڪيٽ جو ميمبر هئڻ جي ناتي، اڻ سڌيءَ طرح اداري جي ترقيءَ ۾ واڌاري ۾ پنهنجو فرض نڀائڻ جي ذميداري پوري ڪندو رهيو. ان ئي دوران انجنيئرنگ ڪاليجُ، مهراڻ يونيورسٽيءَ جي حيثيت سان اُڀريو ته ڊاڪٽر افغان ان کي پنهنجن ڪوشش ۾ خوابن جي عملي تعبير ڪري ڏٺو. سندس پوري زندگيءَ جو حاصل اِهي ست سال هئا. جيڪي هُن درس ۾ تدريس جي حوالي سان سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ گذاريا هئا. هن کي سڀ کان وڌي خوشي ان ارادي جي تڪميل سان ئي ٿي هئي، ته هُن انجنيئرنگ جي تعليم غريب سنڌي نوجوانن ۾ عام ڪئي هئي. ان مقصد جي تڪميل لاءِ ڪوٽا سسٽم جو هجڻ ضروري هو. هُن جو خيال هو ته جڏهن نظامُ ڳوٺ ۾ شهرن جي شاگردن کي هڪجهڙا تعليمي موقعا ڏيڻ ۾ ناڪام رهيو آهي، ته پوءِ هميشه پيشه ورانه تعليمي چٽا پيٽيءَ ۾ داخلا جي نظام ۾ ٻنهي طرح جي اميدوارن کي هڪ ئي معيار تي پرکڻ انصاف جون تقاضائون پوريون نه ڪرڻ جي مترادف هوندو. اها وڏي بي انصافي بلڪ انڌير نگري هوندي، جو شهري ۾ ڳوٺاڻا شاگرد هڪ ئي معيار تي پرکيا وڃن. ڊاڪٽر افغان ڪوٽا سسٽم کي لاڳو ڪرائي، سنڌ ۾ نه صرف غريب ۾ بي پهچ شاگردن کي اعليٰ تعليم جا موقعا فراهم ڪيا بلڪ بي شمار گهراڻا علم جي روشنيءَ سان مُنور ٿي پيا. هُو پنهنجي ان ڪاميابيءَ تي سچي حياتي فخر ڪندو رهيو. هن

جي زندگيءَ جي اها هڪ وڏي خوشي هئي، جنهن لاءِ سنڌ واسي اڄ بہ هن کي پيار سان ياد ڪندا آهن. هِن دنيا مان پنهنجا نڪاٽا بدلائڻ جي باوجود، اڄ بہ هُو بي شمار دلين ۾ آباد آهي.

خدا ڪري، علم جي روشنيءَ جي جيڪا شمع هُن مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ کان روشن ڪئي، سا تا ابد سلامت رهي ۽ اهو فيض مسلسل غريبن ۽ اميرن کي، شهرن ۽ ڳوٺن کي مالا مال ڪندو رهي! سنڌ، تعليم جي ميدان ۾ زوال بدران عروج ڏانهن سفر شروع ڪري! اسان سڀ سنڌي پنهنجي مٿان غم پسنديءَ جو خول چاڙهي، درديلا انقلابي نغما ڳائڻ وڄائڻ بدران جيڪر حقيقت پسند ٿي، پنهنجين صلاحيتن کي پوري يقين سان استعمال ڪري، پاڻ کي ۽ پنهنجي خاندانن کي بهتر ڪرڻ جو عزم ڪري تہ ڏسون. مون کي يقين آهي تہ ڪنهن جي مجال ناهي، تہ اسان جا حق غضب ڪري وڃي. اسان پنهنجي اندر حقن کي حاصل ڪرڻ جي وقعت ۽ اهليت پيدا ڪرڻ بدران هاءِ گهوڙا ڪري ملڪ کائي ڏنو آهي. اهو رويو اسان کي گهڻي دير تائين ڪامياب ٿيڻ ۾ مدد نہ ٿو ڪري سگهي.

ڊاڪٽر عبدالقدير افغان کي اسان پيءُ جي مقام تي اولاد جي نظر سان ڪيئن ڏٺو هو؟ ان لاءِ مان بابا سان گذاريل پوئين جنم تي جيئن ئي نظر وجهان ٿي، تہ اهو ٽن حصن ۾ ورهايل نظر اچي ٿو.

هُو مجموعي طرح بي انتها پيار ڪرڻ وارو پيءُ هو. هُو انگريزي اصطلاح مطابق Family Man هو يعني: هُو پنهنجي گهر ۽ ٻارن کان سواءِ اڪيلو رهي نہ سگهندو هو. پر، مٿان ظاهريءَ طرح ڏاڍو سخت ۽ اصولن جو پڪو نظر ايندو هو. بابا جن هڪ موقعي تي پنهنجي باري ۾ اسان ڏانهن هي لکي موڪليو هو تہ:

“I am a sweet tablet with a bitter coating”

يعني: ”مان اهڙي مِٺي ٽِڪي آهيان، جنهن مٿان ڪوڙاڻ جو تهہ چڙهيل آهي.“ (عام طرح، ڪَڙيون گوريون مٺاڻ سان ڍَڪيل، يعني: Sugar coated هونديون آهن.)

هُو ڏاڍي نفيس طبيعت جو مالڪ هو. انتهائي سليقي سان پنهنجون شيون ڏاڍيءَ ترتيب سان رکندو هو. ايتري قدر جو جيڪر انهن شين جي جوڙجڪ مان هڪ شيءِ بہ پنهنجيءَ جاءِ تان هيٺ مٿي ٿيل هوندي هئي، تہ بابا جن کي خبر پئجي ويندي هئي تہ ڪنهن هتي هٿ چراند ڪئي آهي ۽ بابا جن اهو چوندا هئا تہ: ”ڪنهن منهنجين شين سان ڪڙنس ڪئي آهي.“ ايترو Systematic مون عورتن کي بہ نہ ڏٺو آهي.

بابا جن هميشہ اسان کي بہ اهڙي عادت لاءِ نہ صرف تاڪيد، پر ٺيڪ ٺاڪ حساب ڪتاب ڪري سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. بابا جن اڪثر چوندا هئا تہ: ”بابا! هر ڪم ۾ Methodical هجڻ، يعني: ترتيب جو هجڻ تمام ضروري آهي.“ اسان کي ياد آهي تہ جڏهن بہ بابا جن اسان جي ڪمري ۾ ايندا هئا، تہ ڪافي Stress يا گنڀيرتا واري صورتحال مان گذرڻو پوندو هو. ان ڪري تہ اڪثر ڪمرو مڪمل ترتيب کان عاري هئڻ ڪري، يا شين جي پٿريل هئڻ ڪري، ٺيڪ ٺاڪ ٻُڌڻو پوندو هو. دڙڪا ملندا هئا ۽ ڪافي عرصي تائين حالات اهڙا Order ۾ اچي ويندا هئا، جڻ فوجي ڇاپو لڳو هجي ۽ اعليٰ عملدار سيني جي سُٽرائي ڪري ويا هجن ۽ ماحول ۾ سانت ڇانئجي ويئي آهي. اڄ جيڪر اسان ٿورا گهڻا آرڊر ۾

آهيون. يا جيڪر ڪجهه Organized آهيون، تہ صرف امان ۽ بابا جن جي مهربانين جي ڪري.

بابا جن جي سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ صورتخطي ڏاڍي سهڻي هئي. مون جڏهن مئٽرڪ جو امتحان ڏئي ورتو هو تہ ڪاليج ۾ داخلا ملڻ تائين ٻہ ٽي مهينا گهر ۾ بابا جي انگريزيءَ جي Writing کان متاثر ٿي، لکڻ جي مشق ڪندي هئس ۽ بعد ۾ ڪنهن حد تائين مان ان ڪوشش ۾ ڪامياب بہ ٿي هئس ۽ منهنجو لکڻ جو انداز ڪجهه ڪجهه بابا جي لکڻ جي طريقي سان ملڻ لڳو هو. نفسياتي ماهرن جي خيال ۾، اولاد پنهنجي ماءُ پيءُ جي تقليد غير ارادي طور تي محسوس طريقي سان ڪندو رهندي آهي. پر، اسان مان ڪوبہ پيڻ پاءُ نفاست ۽ سليقي جي ان مقام تائين پهچي نہ سگهيو آهي، جنهن تي اسان بابا جن کي ڏٺو هو. منهنجي يادگيريءَ جي حساب سان منهنجي زندگيءَ جو پهريون حصو بابا جن سان گڏ اِهو هو جڏهن منهنجي عمر ڇئن پنجن سالن کان ڪا ڏهن ٻارهن سالن تائين هئي. اسان شروع ۾ انگلينڊ ۾ هئاسين ۽ پوءِ ڄامشوري ۾ اسڪول ۾ پڙهندا هئاسين ۽ يونيورسٽيءَ جي Grey بس ۾ حيدرآباد ويندا ۽ ايندا رهندا هئاسين. ڇاڇي بچل سان گڏ اِهي اُهي ڏينهن هئا، جڏهن اسان بابا جن کي صرف پريان ڏسندا رهندا هئاسين. اسان سڀني ٻارن جي بابا جن سان Interaction يعني: لهہ وچڙ نہ هئڻ جي برابر هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍي همت جمع ڪري، مون بابا سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي بہ هوندي، تہ جواب ۾ بابا جن خاموش خيالن ۾ گم نظر ايندا هئا. وري ٻيهر ڳالهائڻ يا ڪوبہ سوال پڇڻ جي نہ همت ٿيندي هئي، نہ وري حوصلو ئي هوندو هو ۽ اتان خاموشيءَ سان غائب ٿي ويندي هئس. اسان سڀ پنهنجي ڏاڏا بابا جن سان ۽ ٻين ڇاڇن سان وڌيڪ سهولت سان ڳالهائي ٻولهائي سگهندا هئاسين. هاڻي جڏهن سوچيندي آهيان، تہ لڳندو آهي تہ اهو ائين شايد ان ڪري ٿيندو هو جو مان ڏاڍو آهستي ڳالهائيندي هئس. ان ڪري جو بابا جن کان اسان ڊڄندا گهڻو هئاسين، ۽ پوءِ ايترو آهستي آواز شايد بابا جن ٻڌندا ئي ڪو نہ هئا. يا وري شايد هُو پاڻ ايترو تہ ڳُوڙهن يا اونهن خيالن ۾ مشغول رهندا هئا، جو پنهنجي آس پاس کان پوريءَ طرح بي نياز ٿي ويندا هئا.

ڄامشوري وارا اُهي ڏينهن، مون کي بابا جن جي حوالي سان ڏاڍا ئي Tense ڏينهن لڳندا آهن. بابا جن هر وقت ڪنهن نہ ڪنهن پريشانيءَ ۾ هوندا هئا. يونيورسٽيءَ جا خبر ناهي ڪهڙا مسئلا هوندا هئا. امتحانن جو Post pone ڪرائڻ، مارڪن ۾ گهٽ وڌائيءَ جا درد، شاگردن جون بڪ هڙتالون ۽ بابا جن گهر مان ڪير جا ڊپا ڪٽي، انهن کي زبردستيءَ روزو کولرائڻ کان وٺي خبر ناهي ڇا ڇا ڪرڻ ۾ رڌل نظر ايندا هئا. بهرحال، Over all محسوس ٿيندو هو تہ بابا جن هر وقت شاگردن يا ادارن جي ٻين انتظامي مسئلن ۾ ڏاڍو ڳوڙهيءَ طرح ڦاٿل آهن. مون کي اهو بہ ڏاڍيءَ تڪليف سان ياد ايندو آهي تہ ڪنهن بہ تقريب ۾، يا گهر جي ڪنهن بہ Relaxed gathering يا فنڪشن ۾، بابا جن گهر وارن سان شامل ٿي نہ سگهندا هئا.

اهي ئي ڏينهن هئا، جڏهن 1971ع واري جنگ لڳي هئي ۽ انهن ڏينهن ۾ رات جو Black out هوندو هو. جيئن ئي خطري وارو سائرن وڄندو هو تہ اسان سڀني ٻارن کي بابا جن لائين ۾ زمين تي اونڌو ليٽائي، پاڻ ڪوٽ پائي ۽ هڪ ڇڙي (Stick) هٿ ۾ ڪٽي، گهر

ڪان ٻاهر يونيورسٽيءَ جي هاسٽلن جي طرف نڪري ويندا هئا. دراصل Hostels کي ۽ شاگردن کي Check ڪرڻ ۽ اُتي حفاظتي حالات کي ڏسڻ هنن لاءِ ضروري هو. پر، مون کي بابا جن جي ائين ٻاهر نڪري وڃڻ سان ڏاڍي ڳڻتي، Insecurity محسوس ٿيندي هئي. بيحد غير محفوظ سمجهڻ لڳندي هئس. باب اجوائين اوندهہ ۾ اڪيلو ٻاهر خطرناڪ حالات ۾ نڪري وڃڻ کي.

اِهي اُهي ساڳيا ڏينهن هئا، جڏهن بابا جن کي ڪرپشن جي ڪيسن ۾ ملوث ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي وئي هئي ۽ ڪجهہ مهينا بابا حيدرآباد جي سينٽرل جيل ۾ بہ هئا. ان سچي واقعي جو اسان سڀني ڏاڍو ڏکيو اثر ورتو هو ۽ هر وقت لڳندو هو تہ خبر ناهي تہ ايندڙ گهڙيءَ ۾ ڇا ٿيڻ وارو آهي ۽ هر وقت بابا جن جي صحت ۽ حياتيءَ لاءِ مان پريشان ٿي رهندي هئس.

انهن ئي ڏينهن ۾ بابا جن جي Hypertension يعني: بلڊ پريشر جي تشخيص ٿي هئي ۽ ان وقت بابا جن جي عمر 43 سال ڪن هئي. ڪافي سالن کان پوءِ، جڏهن مون ميڊيڪل ڪاليج ۾ Hypertension جي باري ۾ پڙهيو تہ ڪتابن ۾ لکيل هو تہ اها بيماري عام طرح پنجاهہ يا سٺ سالن جي عمر ۾ ٿيڻ سان ايتري خطرناڪ نہ هوندي آهي. ان جي برعڪس، 30 يا 40 سالن ۾ تشخيص ٿيڻ سان ان بيماري جي Risk ۽ Heart attack لاءِ امڪان وڌيل رهندا آهن.

بابا جن جي طبيعت ۾ جوش ۽ گرمي قدرتي طرح گهٽي هئي. شايد، ان طبيعت جي ڪري يا ائين ئي حالات اهڙيءَ طرح متصادم رهيا، جو اهو پنهنجي زندگيءَ جو بابا سان گذاريل پهريون حصو مون کي هڪ پوائنٽي خواب وانگر هميشہ ياد رهندو.

بابا جن سان منهنجي زندگيءَ جو ٻيو گُذاريل حصو منهنجي عمر، يعني: ٻارنهن سالن کان وٺي شايد سترهن ارڙهن سالن واري وچوٽيءَ تي مبني آهي.اِهي اُهي ڏينهن هئا، جڏهن مان پهريائين هاءِ اسڪول ۾ هئس ۽ آخر ۾ ميڊيڪل ڪاليج ۾ هلي وئي هئس. اِهو اُهو زمانو هو جڏهن 74_1973ع ۾ بابا جن اسلام آباد ۾ منسٽري آف ايجوڪيشن کان ٿيندا. منسٽري آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجيءَ ۾ پهريائين جوائنٽ ۽ پوءِ ايڊيشنل سيڪريٽريءَ جي حيثيت سان پوسٽ ٿيا هئا.

هتي هڪ تہ اسان سڀني ماحول جو ڏاڍو وڏو فرق محسوس ڪيو. 1970ع ۾ ان وقت اسلام آباد اڄ کان بہ وڌيڪ صاف سٿرو، سائو ۽ سهڻو شهر هو. هتي ائين ئي طبيعت تي Relaxed اثر پوندو آهي. هاڻي تہ وري بہ وٺ پڪڙ جي بيماريءَ ۾ هيءُ شهر بہ لپيٽجي رهيو آهي. پر، مجموعي طرح وڏن شهرن ۾ جيڪا روڊ تي Stress محسوس ڪري سگهبي آهي، ان ڏس ۾ هتي اسلام آباد ۾ سڪون ۽ آرام آهي. ڪراچي ۽ لاهور جي Fast Track تي رهڻ وارا هن شهر کي "مُردن جو شهر" چوندا آهن. پر، هيءُ مون کي قدرت جي نظارن جي وڻجهو ۽ سُڪون ۽ شانتيءَ وارو شهر لڳو ۽ هتي بابا جن جي طبيعت ۾ ڪافي نرمي ۽ سانت نظر اچڻ لڳي. بابا جن روز شام جو پنهنجي Stick يعني: لڪڻ کڻي، جيڪٽ پائي، Walk ڪرڻ لاءِ هليا ويندا هئا. هاڻي، بابا جن کي اسان تي نظر وجهڻ جو بہ ٽائيم ملندو هو ۽ اسان کي سٺيءَ طرح پڙهائي ڪرڻ لاءِ ليڪچر ۽ دڙڪا داٻ بہ ملڻ لڳا. اهو بہ ماءُ پيءُ جو پنهنجن ٻارن ۾ Interest وٺڻ جو طريقو آهي ۽ اسان اُن لاءِ سندن تاحيات ٿورائتا آهيون. پر، هاڻي حالات ايترا ڳنڀير نہ هئا، جيترا ڄامشوري ۾ ڇڏي آيا

هئاسين. هاڻي، اسان کي بابا جن وڏيڪ وقت لاءِ نہ صرف نظر ايندا هئا، پر گڏوگڏ چڱي موڊ ۾ بہ هوندا هئا. مانيءَ جي ٽيبل تي T.V ڏسڻ مهل بہ بابا جن اسان سان گڏ هوندا هئا.

اسان کي بابا جن سان ڪجهہ ڳالهائڻو هوندو هو ڪجهہ پڇڻو هوندو هو يا ٻڌائڻو هوندو هو تہ امان کي چوندا هئاسين. ساڳئي وقت، بابا جن بہ اتي موجود هوندا هئا ۽ بابا جن امان جن کان پڇندا هئا تہ: ”ٻار ڇا ٿا چون!“ امان کين اُهو ٻڌائيندي هئي ۽ جواب ۾ بابا جن امان کي چوندا هئا تہ: ”ٻارن کي ٻڌائي ڇڏ تہ...“

هاڻي جڏهن مان اهي ڳالهيون پنهنجن ٻارن کي ٻڌائيندي آهيان، تہ اسان سڀ اُنهن ڏينهن جي پروٽوڪال Protocol ۽ Through proper channel واري باضابطہ روين کي enjoy ڪندا آهيون. مان ٻارن کي چوندي آهيان تہ توهان خوشقسمت آهيو جو توهان کي ماءُ پيءُ سان وڌيڪ Interesting زندگي ملي آهي. اسان تہ سڄي زندگي ماءُ پيءُ کي پريان ئي پريان، دل ئي دل ۾ چاهيندي گذاري ڇڏي ۽ اهو خال ائين ئي رهجي ويو ۽ اسان جي وچوڙي جو وقت اچي ويو.

منهنجي زندگيءَ جو ٽيون حصو جيڪو بابا سان گذريو، اهو ميڊيڪل ڪاليج وارن ڏينهن کان شروع ٿي، منهنجي پروفيشنل زندگيءَ تائين. يعني: 1980ع کان 1991ع تائين هو. هيءُ حصو سيني کان وڌيڪ Interacting هو. اسان Physically گهر کان ڪافي پري، نوابشاهہ ميڊيڪل ڪاليج ۾ هئاسين. اسان مان مراد، مان ۽ منهنجي ڀيڻ. پر، بابا ۽ امان جن سان هر ٻئي ٽئين ڏينهن تي فون تي ڳالهائيندا هئاسين. زندگيءَ ۾ ايترا خط مون نہ لکيا، جيترا ميڊيڪل ڪاليج ۾ مشڪل پڙهائي ۽ هر ٽئين ڏينهن ٿيندڙ ٽيسٽن ۽ امتحانن جي دوران مون اسلام آباد ۾ امان ۽ بابا جن کي موڪليا هوندا. خط لکڻ هوئڻ بہ منهنجو محبوب مشغلو رهيو آهي. اظهار کي زبان ڏيڻ لاءِ عام طرح سان خط ئي لکندي آهيان. جڏهن ننڍڙي هوندي هئس، تہ پنهنجي ماما جن کي شڪارپور ڏانهن خط لکندي هئس. هُو ڏاڍي پيار سان مون وارو خط سڄي محلي ۾ پڙهي ٻڌائيندو هو ۽ فائيل ۾ لڪائي رکندو هو.

نواب شاهہ وارن ڏينهن ۾ جڏهن بابا ڪراچي ايندا هئا تہ اسان کي چوندا هئا، تہ جيڪر موڪل وٺي سگهو تہ ڪراچي اچجو. اتي چاچا گل محمد جن جي گهر D-20 ۾ اسان نوابشاهہ کان ايندا هئاسين ۽ ائين اسان هاڻي بابا جن سان ڊائريڪٽ (Direct) ڳالهائڻ بہ شروع ڪيو ڇو تہ Mediator يعني: امان جن تہ اسلام آباد ۾ رهجي ويا هئا ۽ ٻيو منهنجو خيال آهي تہ جيڪو پنهنجي شروع واري زندگيءَ ۾ سخت طبيعت جو هوندو آهي، اُهو اڳتي هلي نرم طبيعت اختيار ڪري وٺندو آهي. بابا جن سان بہ اُهو ئي ٿيو هو. بابا جن بہ پنهنجي پوڙهي واري زماني ۾ ڏاڍا Cool، تڏهن سيني سان ڳالهہ ٻڌڻ لڳا هئا. ڏاڍو پيار ڪرڻ وارا ۽ اسان سيني جي Activities کي Enjoy ڪندي نظر ايندا هئا. اسان جا جيڪي آخري ٽي پيڙ پائر آهن، اهي تہ بابا جن سان ڊائريڪٽ مشڪريون، سياست وغيره تي بحث مباحثو ڪري بہ سگهندا هئا، جيڪو اسان وڏن ٻارن ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو ۽ نہ ئي اسان کي ايتري مهلت يا Liberty ڏني وئي هئي. ضياءُ الله (منهنجو ڀاءُ) کي ڪجهہ خداداد صلاحيت بہ آهي تہ هُو ڏاڍي ڪاميابيءَ سان هر ڪنهن جي ڪاپي ڪري سگهندو آهي ۽ مزي جي ڳالهہ اها هوندي هئي

تہ ضياءُ الله بابا جن ۽ چاچا جن جي سامهون انهن کي Copy ڪندو هو ۽ بابا جن پنهنجي مخصوص انداز ۾ پنهنجي مسڪراهٽ لڪائيندي، هن کي چوندا هئا تہ: ”وڏو ڪوڪُتي جو پٽ آهين.“

اسان ميڊيڪل ڪاليج وارن ڏينهن ۾ بابا جن کان پري رهي بہ ڏاڍا ويجها ٿي وياسين. انهن ڏينهن ۾ مان نواب شاهہ کان اچي بابا جن جا ڪپڙا وغيره ڌوئي ۽ جُوتا پالش ڪري رکي ويندي هئس. اسان سڀ بابا جن سان هندستاني فلمون بہ ڏسندا هئاسين. ذڪاءُ الله چاچا جن جو پٽ ان وقت اسڪول يا ڪاليج ۾ هوندو هو. هن کي اميتاب بچن سان حد کان وڌيڪ محبت اچي ورايو هو ۽ سڄو وقت هُو نہ صرف اهي گانا بابا جن کي ڳائي ٻڌائيندو هو جيڪي اميتاب تي Picturize ٿيل هئا. پر، اهي سڀ ڊائلاگ بہ بابا جن ڏاڍي صبر سان ٻڌندا هئا، جيڪي اميتاب ادا ڪيا هوندا هئا.

انهن ئي ڏينهن ۾ شايد ڪنهن فلم جي شوٽنگ دوران اميتاب کي ڪا ڪُرسي ٻُرسي لڳي وئي ۽ پوءِ نيڪ ٺاڪ Tension شروع ٿي ويو. ذڪاءُ الله سخت پريشان، برو حال. بابا جن ذڪيءَ کي ڏاڍي پيار سان سمجهائيندا هئا تہ: ”بابا! ايترو پريشان نہ ٿيو آهي. الله ڪندو تہ ”پوشي پون“ نيڪ ٿي ويندو.“ بابا جن، اميتاب بچن کي ”پوشي پون“ چوندا هئا. بابا جن کي بہ ذڪيءَ سان گڏوگڏ فلمون ڏسندي ڏسندي، ڪين بہ اميتاب بچن وڻڻ شروع ٿي ويو هو ۽ چوند اهئا تہ اقوءَ جهڙو آهي (يعني: اقبال ترين جهڙو). اِقا لالا، بابا جن جو ڏاڍو پيارو ڀائيجو آهي. اِقا لالا بہ اڪثر اسان کي تنگ ڪرڻ لاءِ چوندا هئا تہ: ”توهان سڀ آخر پاڻ کي سمجهو ڇا ٿا؟ ماما کي مان توهان سڀني کان وڌيڪ پيارو آهيان“ ۽ واقعي ان ۾ ڪو شڪ بہ نہ هو. ان ڪري تہ اِقا لالا کي

اسان سڀني ڏاڍي پيار سان دلين ۾ سنڀالي رکيو آهي.

نواب شاهہ ۾ چار سال پڙهڻ کان پوءِ، جڏهن اسان اتي پوريءَ طرح هري وياسين ۽ مائگريشن (Migration) کان نااميد ٿي چڪاسين، تہ خبر پئي تہ اسان جي مائگريشن ايوب ميڊيڪل ڪاليج، ايبٽ آباد ٿي وئي آهي. ايبٽ آباد، اسلام آباد کان ٻن ڪلاڪن جي رستي تي آهي. اتان 1986ع جي مارچ ۾ امتحان ڏيڻ کان پوءِ، هڪ سال هائوس جاب House Job ميڊيسن ۽ گائني ۾ مڪمل ڪري، گهر اسلام آباد اچي ويس ۽ هڪ سال اسلام آباد ۾ پولي ڪلينڪ ۾ ٻارن جي شعبي ۾ Honorary ڪم ڪيم. ان کان پوءِ 1988ع ۾ پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز Pims ۾ ٻارن جي اسپتال ۾ مون کي نوڪري ملي.

مون کي اڄ بہ هڪ ڪمي محسوس ٿيندي آهي ۽ لڳندو آهي، تہ اسان جي قسمت ۾ والدين جي خدمت لکيل نہ هئي. اسان انهن کي ڪجهہ بہ ڏئي نہ سگهياسين. شايد، اسان ان قابل نہ هئاسين يا شايد هنن جي عزتِ نفس ايتري بلند هئي، جو اهو ڪجهہ هنن کي منظور نہ هو. بابا جن کي اسان سڄي عمر صرف ڏيڻ واري مقام تي ڏٺو هو. هُو ايتري گهٽي انا ۽ غيرت جا مالڪ هئا، جو اُهو هنن جي شان جي حساب سان ڏاڍو مشڪل ٿي پوي ها. شايد، جيڪر هُو هڪ ڏينهن بہ بيمار ٿي ڪنهن کان خدمت ڪرائن ها! اهو هُنن جو پورو پورو حق بہ هو. شايد، خدا بہ هُنن جي اهڙي خودداريءَ ۽ انا پسنديءَ جو مانُ رکيو. هُو ڪراچيءَ کان اٺين اپريل 1991ع تي گهمندا ڦرندا آيا هئا. سڄو ڏينهن اسان سان ڪچهري ڪيائون. رات جو روزي رکڻ لاءِ ڪارڪون ۾ ڪير بيڊ سائيڊ ٽيبل تي رکي سمهيا هئا ۽ امان ٻڌائيندي آهي تہ: اڌ رات جو

ٻين وڳي کن هُو اُٿي Wash room ويا ۽ بستري تي ويهي دوا کائي رهيا هئا. ايتري ۾ امان جاڳي ۽ Torch ٻاري، بابا ڏانهن روشني ڪري پڇڻ لڳي تہ: ”ڇا ٿا ڪيو؟“ بابا جن گوري کائڻ کان پوءِ ليٽي پيا. ا مان وري پڇيو تہ هاڻ ڪيئن ٿا محسوس ڪيو تہ بابا جن چيو تہ: ”هاڻي بلڪل ٺيڪ آهيان.“ اهي بابا جن جا آخري لفظ هئا ۽ ائين ئي چوندي، جهٽڪي سان سندن مُنهن هڪ طرف ٿي ويو. امان اسان سڀني کي جاڳايو. گهر ۾ بہ ابتدائي طبي امداد اسان جيتري ڏيئي سگهياسين ۽ اسپتال بہ کڻي وياسين، پر اهو دل جو دورو ڏاڍو سخت هو. گهر ۾ ئي بابا جن جو انتقال ٿي ويو هو. نفسيات جي ڪتابن ۾ آهي تہ ويجها عزيز ۽ رشتيدار ڪجهہ وقت کان پوءِ ئي ان حقيقت کي تسليم ڪري سگهڻ ۾ ڪامياب ٿيندا آهن. شايد، ان ڪري ئي هر ڪو پنهنجن لاءِ آخري حدن تائين وڃڻ چاهيندو آهي.

بابا جن اڪثر چوندا هئا تہ خدا ڪنهن جو محتاج نہ ڪري ۽ ائين وڃڻ گهرجي، جيئن بلب فيوز Fuse ٿي وڃي. بابا جن جي اهڙي انداز ۾ وڃڻ سان مون کي بابا جن جا لفظ ياد آيا هئا. اسان جي گهر جي محور ۽ اسان سڀني جي ڪوشش ۽ ڪاوشن جو واحد رهبر ۽ رهنما، اسان سڀني جي تمام تر ڪوشش ۽ خواهشن باوجود، اسان جي وچان نڪري هليو ويو... ۽ پوءِ جڏهن اسان مٿي نهاريو تہ اسان جي مٿان ڇپر ۽ ڇانو ڪرڻ لاءِ اسان جا چاچا گل محمد، نور الدين، قمر الدين، بدر الدين ۽ ظهور افغان موجود هئا. خاندانن ۾ پيار ۽ محبت جي ميراث موجود هجي، تہ هُو زندگيءَ جي هر مرحلي کي مُنهن ڏيڻ لاءِ سگهارا هوندا آهن.

جڏهن بابا جن جو هجڻ بيحد ضروري هو ۽ اسان سڀني جي زندگين کي پنهنجن پنهنجن گهرن ۾ تقسيم ٿيڻو هو تہ اسان جي چاچن بابا جن جي ڪميءَ کي گهٽ ۾ گهٽ محسوس ٿيڻ نہ ڏنو ۽ ڪاڪا ننڍي تہ امان سان پوريءَ طرح ٻانهن ٻيلي ٿي، اسان مٿان پنهنجو ڇپر ۽ ڇانوَ قائم رکي هئي ۽ آهي. خدا کين سلامت، شاد ۽ آباد رکندو!

هن وقت بابا جن جي اولاد مان ست ٻارَ طب جي مختلف شعبن ۾ دنيا جي مختلف حصن ۾ يعني: انگلينڊ، آئرلينڊ، سعودي عرب، قطر ۽ پاڪستان جي خدمت جي پيشي سان منسلڪ آهن. انسانُ حياتيات جي سائنس جي حساب سان Genetically جينياتي طور تي پنهنجي اولاد ۾ زنده رهندو آهي. شايد، ان ڪري ئي ديني حساب سان بہ اولاد جي نيڪي بہ والدين جي کاتي ۾ صدقہ جاريہ جي طور تي مالڪِ ڪائنات قبول فرمائيندو آهي. ڊاڪٽر افغان جتي ست ڊاڪٽر پويان ڇڏيا آهن. اُتي بي شمار انجنيئر شاگرد بہ پنهنجي نصب العين جي تڪميل لاءِ ڇڏيا آهن. ڊاڪٽر افغان پنهنجي زندگيءَ ۾ هر ضرورتمند ۽ حقدار جي مدد ڪرڻ چاهي هئي. ان ۾ ڪوبہ خاص طبقو يا لساني گروهہ مخصوص نہ هو. جيڪو بہ مدد لاءِ درخواست ڪندو هو هُو هر جائز ڪم لاءِ پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪري، مسئلو حل ڪرڻ لاءِ پوري ڪوشش ڪندو هو. سندس اولاد بہ پنهنجي پنهنجي دائره اختيار ۾ ساڳئي نقش قدم تي سندس ڏيکاريل راهہ تي ثابت قدم آهي.

اسان سڀني کي اهو يقين بہ آهي ۽ دعا بہ، تہ اسان مان وڌ ۾ وڌ انسان ذات کي فائدو پهچي، تہ جيئن اسان بابا جي هن درجات جي بلنديءَ جي طرف پنهنجو حق ادا ڪري، سرخرو ٿي سگهون!

❋



پروفيسر رشيده ڀٽي

# روهڙي سيمنٽ فيڪٽري کان رني ڪوٽ تائين جو سفر

بغير اجازت نامي ۽ دعوت جي شروع ڪيل هڪ اهڙو شوق سفر جنهن جي ڪاٻ پُڄاڻي / ڪونهي. " "سرتيون" لاءِ مون کي چيو ويو ته "آتم ڪٿا" ڪيي. ته سچ پڇيو ته مون کي بي انتها خوشي ٿي هي هڪ اهڙو واحد رسالو آهي، جنهن ۾ وڏ کان وڏ عام پڙهندڙن کي بهترين مواد ملندو رهي ٿو. "آتم ڪٿا" هڪ اهڙو موضوع آهي جنهن ۾ هڪ انسان پنهنجي "يادداشت" منجهان حقيقت ۾ گذريل واقعن کي اهڙي نموني بيان ڪري ٿو جڻ ته ڪا سچ پچ اِسٽوري هجي جنهن جو عڪس ڪنهن فلم وانگر ذهن جي پردي تي ائين ڪو پڙلاءِ ۽ پڙاڏو ٻڌجي سامهون ايندو رهندو هجي جو پائنجي ته جڻ اُهي واقعا ڪالهه تي گذريا هجن. آتم+ ڪٿا = آتم ڪٿا. يا وري سوانح حيات. يا ڪٽي سولي لفظن ۾ چئجي "يادگيريون". جيڪي سؤ سيڪڙو پنهنجو پاڻ سان وابسته هونديون آهن.

اُنهن جو مطلب ۽ مفهوم هوندو آهي، پنهنجي باري ۾. هر انسان جي زندگيءَ ۾ ڪجهه نه ڪجهه واقعا، ڪنهن نه ڪنهن منزل تي اهڙا درپيش ايندا رهندا آهن. جيڪي خوشگوار به هوندا آهن ته وري ٻي طرف غمگين لمحا به هوندا آهن. هڪ پاسي ماکيءَ کان مِٺا، مِصري جهڙا ته ٻي طرف ٿوهر کان وڌيڪ ڪوڙا، ڪڙواهٽ سا ڀرپور تلخ واقعا، ڪجهه "دانسة" غلطين جو مجموعو "وقت". ته وري ڪجهه نادانسة ڪيل غلطين جو اِحساس ڏياريندڙ ظالم لمحا. هر انسان پنهنجيءَ طبيعت ۽ فطرت مطابق پنهنجن گذريل لمحن کي پنهنجين يادن ۾ محفوظ رکندو ايندو آهي. الله تعاليٰ انسان کي دماغ عطا ڪري، يادن کي محفوظ ڪرڻ جو مرڪز بڻايو ۽ عقلِ سليم عطا ڪيو آهي، جنهن جي بنياد تي انسان اشرف المخلوقات سڏجي ٿو. ورنہ "دماغ ته جانورن ۽ پکين وٽ به موجود آهي". انسان جي "زندگي" يا وري ائين چئجي ته عمرِ عزيز ورهايل آهي، ٻاروتڻ، ننڍپڻ، نوجواني، جواني ۽ آخر ۾ پوڙهائپ. اُهي سڀ مرحلي وار، هر انسان سان وابسته. مسئلا آهن. ۽ هر انساني زندگيءَ ۾ ايندا رهيا آهن. ۽ ايندا رهندا. هر انسان پنهنجين صلاحيتن، عقل ۽ شعور وسيلي سيني گذريل واقعن کي يادداشت طور پنهنجي دماغ جي يادداشت واري حصي (Memory) ۾ محفوظ ڪري ٿو. گذريل سڀ/ ڪُل. واقعا ۽ ڇا ٿو وهي واپري سو ته ڪوبہ ماڻهو ياد نٿو رکي سگهي. پر ڪجهه خاص "منظر" ۽ خاص ڳالهيون". خاص طور تي جيڪي "خوشي" پهچائيندڙ لمحا يا وري کي اچانڪ "غم" پهچائيندڙ صورتحال کي هر انسان پاڻ وٽ "دماغ" ۾ محفوظ ڪري ونندو آهي. پوءِ پلي ٻاروتڻ جو ڪو ذهن تي اُڀرندڙ هلڪو سايو هجي يا ڪا ننڍپڻ جي ياد (عڪس) هجي يا وري ڪو نوجوانيءَ جو جوشيلو منظر هجي يا وري "جواني" جي ڪا "پل" يا "غلطي" هجي جنهن جو سڄي عمر ڪو پڇتاءُ ۽ افسوس رهجي وڃي يا وري پڻاپي ڏانهن

ويندڙ قدمن جي وک هجي. بهرحال الله تعاليٰ جتي ٻيا سڀ عضوا عطا ڪيا، "دل" ڏني ۽ جذبا عطا ڪيا اُتي "دماغ" ڏيئي انسان کي پابند بڻايو ته سوچيو سمجهو ۽ پوءِ عمل ڪريو. ڇو ته زندگيءَ کي ان لاءِ پيدا ڪيو ويو ته "موت" ان جي حفاظت ڪري ٿو. اِنسان کي زندگي ان لاءِ عطا ڪئي وئي ته رب جي "بندگي" ڪري، بقول علامه اقبال رحه جي ته:

"زندگي آيد براي بندگي،

زندگي بي بندگي، شرمندگي."

سو ڳالهه پئي هلي "دماغ" جي جنهن کي سوچڻ، سمجهڻ ۽ ياد رکڻ جي صلاحيت سان مالا مال ڪيو ويو. هر انسان جي پنهنجي "فطرت" آهي. هر انسان "فطرت" جي عين مطابق هلندو آهي. الله تعاليٰ ڏک ۽ سک پيدا ڪيا آهن. جي ڏک نه هجن ها ته سک جو احساس ڪڏهن به نه ٿئي ها. ۽ پوءِ ڪير ربا ربا ڪري ها. جي صرف "ڏک" هجن ها ته پو "سک" جي احساس کان دل و دماغ وانجهيل هجن ها. تڏهن ئي ته حضرت شاهه عبداللطيف رحه فرمايو ته:

"ڏک سُکن جي سونهن، گهوريا سُکَ ڏکن ريءَ

تنهين جي ورونهن در ڏيکاريو دوست جو"

اڄ مان هن "آتم ڪٿا" ۾ صرف اُهي يادگيريون ورجائيندس، جن جو تعلق گهڻو تڻو خوشگوار موڊ ۽ ماحول سان آهي، ڇو ته "غم جا ته پهاڙ هوندا آهن جن کي جيترو "ياد" ڪبو اوترو ئي وڌندا ويندا. ۽ اذيت پهچائيندا پر خوشيءَ جا اُهي لمحا جن کي بيان ڪري ڪجهه پڙهندڙن کي به "سير و سفر" جو شوق ڏيارجي ۽ ساڳي وقت ڪجهه "منظر ڪشي" ذريعي پنهنجيءَ سنڌ سڳوري جي زمين تي واقع بي شمار خوبصورت باغ و بهار ماڳن ۽ مڪانن جو ذڪر ڪجي ته وڌيڪ خوبصورت لڳندو.

"سرتيون" سڀ ڪجهه "سچ" لکڻ ايترو آسان نه هوندو آهي. "آتم ڪٿا" اُها جيڪا بلڪل سچين حقيقتن تي مشتمل عڪس بند هجي. جنهن ۾ ذرو به ڪوڙ شامل نه هجي. يا وري ڪا قلمي ڪاروائي نه هجي نه ئي وري ڪا من گهڙت خبر. گهمڻ ڦرڻ جو شوق، ٿورو يا گهڻو هر اِنسان کي هوندو آهي، پر شايد مون کي ڪجهه وڌيڪ ئي رهندو آيو آهي. ٻاروتڻ کان وٺي "بابا جي هنج" جو سفر ته ياد ڪونهي، پر پوءِ آهستي آهستي ننڍپڻ ۾ پنڌ سِکڻ کان پوءِ، شايد ڪو لمحو هجي جنهن کي مون ضايع ڪيو هجي ۽ ڪجهه وقت بابا سان گڏ گهميو نه هجي.

شام جي گهمڻ ڦرڻ واري "عادت"، وڏي ٿيڻ تي باقاعده پختگي اختيار ڪري ورتي ۽ مون کي سفر جو شوق هميشه کان وٺي رهيو ۽ هِن وقت (جڏهن مان رٽائرڊ زندگي پئي گذاريان)، به آهي. منهنجي "سير و سفر" جو آغاز باقاعده جيڪو منهنجي شعور ۾ محفوظ آهي ۽ مون ڄاڻي ٻجهي شعوري طور تي اختيار ڪيو سو آهي. "بغير اجازت" جي لِکي لِکي اسڪول جي طرفان ويندڙ اُنهن شاگردياڻين ۽ اُستادن جي گروپ ۾ زوري شامل ٿيڻ، جي وري اجازت ورتل هئي. صرف پنهنجي "والدين" کان. مون پنهنجن گهر وارن کي اهو ٻڌايو ته مون کي "ٽيچرز" پيار سان ان ڪري گڏ وٺي وڃن ٿيون ڇو ته مان ڪلاس ۾ فرسٽ اچان ٿي ۽ مانيٽر آهيان. جڏهن ته اهو سير ۽ تفريح سان گڏ مطالعاتي پروگرام رٿيل هو صرف هائير ڪلاسز جي شاگردياڻين لاءِ ۽ مان ان وقت پڙهندي هيم پنجين

جماعت ۾. اسان جو اسڪول، جنهن جو نالو گورنمينٽ گرلس مين پرائمري اسڪول ان جي عمارت هيٺ ۾ مٿي هئي، هائر سيڪنڊري گرلس اسڪول جي عمارت جيڪي اندران ڏاڪڻ ذريعي ڳنڍيل هيون. رسيس ۾ اسين سڀ ڇوڪريون تقريباً گڏجي راند روند ڪنديون هيونسين. ۽ منهنجي دوستي ڪيترين ئي سِيئنرز ڇوڪرين ۽ ٽيچرزس سان ان ڪري به هوندي هئي جو ڪيتريون ڇوڪريون منهنجون دوست ٿهيل هُيون. ۽ ڪجهه پرائمري ٽيچرز به اِن "ٽرپ" ۾ انوائيٽيڊ هيون.

بهرحال ڪجهه به هو جيئن ئي مون کي خبر پئي ته سڀ سينئر ڇوڪريون مطالعي جي سلسلي ۾ هڪ تفريحي مقام نه سهي پر فيلڊ ۾ پريڪٽيڪل طور تي سيمنٽ ڪيئن ٺهي ٿو؟ ڏسڻ لاءِ وڃي رهيون آهن ته مون کي پنهنجي گهمڻ ڦرڻ واري شوق واري حِس اُڪسايو ته ڪيئن نه ڪيئن مان به روهڙي شريف جي اُها مشهور معروف "سيمنٽ فيڪٽري" ضرور گهمڻ وڃان. جنهن جي اندر عام ماڻهو بغير اجازت نامي جي داخل نه ٿي سگهندو آهي. اسڪول وارن کي خاص اجازت ڏني وئي آهي. بس پوءِ مون پهريون پيرو پنهنجي زندگي جي "پهرين پڪنڪ" اُستادن جي بغير اجازت جي ڪئي. جڏهن ته حقيقت ۾ سيئنرز ڇوڪرين ۽ ڪلاس فيلوز جي مرضي شامل هُئي. مان ڪيئن اک بچائي ان "ٽرڪ نما" مزدا گاڏي ۾ ڪيئن چڙهيم سو پڻ هڪ دلچسپ منظرنامو آهي. هڪ ڳالهه ٻڌائيندي هلان ته مان ڪنهن به سواريءَ ۾ چڙهڻ وقت هميشه اڳ ۾ چڙهڻ ۾ هوشيار هوندي هيم. سو مون کي بلڪل هر ڳالهه ته ياد نه آهي پر ايترو ضرور ياد آهي ته گاڏيءَ ۾ چڙهي سيٽ هيٺان

ويهي رهيم ۽ جيئن گاڏي هلڻ شروع ڪيو ۽ ٿورو اڳتي هلي ته مان ٻاهر نڪري سيٽ تي ويهي رهيم. سيني ٽيچرز ڏنو حيران ٿيون پر منهنجي ان غلطيءَ کي معاف ڪيو ويو ته هاڻي ان مرحلي ۾ موڊ خراب نه ڪيو وڃي. بس اُها هئي منهنجي پهرين يادگار پڪنڪ نندپڻ جي شرارت ۽ پوءِ ان سير و تفريح دوران ۽ گائيڊ جي تفصيل ٻڌائڻ دوران ته سيمنٽ ڪيئن ٺهي ٿو ۽ ڇا ڇا پوي ٿو ڪهڙن ڪهڙن مرحلن منجهان گذري ٿو مشينن جي سنڀال، صفائي ڪيئن ٿئي ٿي؟ سيمنٽ جي تياريءَ جا ڪهڙا مرحلا آهن ۽ ڪيئن طيءِ ٿين ٿا. تن سيني جي سوالن جوابن ۾ وڏي وڏي حصي وٺڻ دوران مون کي استادن طرفان التو شاباس ملي. ۽ گڏوگڏ ڏنڊ طور هيڊ مسٽريس فرمايو ته سڀاڻي اسڪول ۾ سڄي رپورٽ نما مضمون ناهي لکي اچجانءِ ته خبر پوي ته صرف گهمڻ جو شوق آهي يا ڪا پڙهڻ پڙهائڻ جي دلچسپي به آهي. الله تعاليٰ جا احسان ته منهنجي رپورٽ/ مضمون کي بي حد ساراهيو ويو. اڳتي هلي ڪڏهن ڪٿي ذڪر ڪيو ته ڪيئن مون کي مضمون نويسيءَ سان شوق وڌيو ۽ مختلف مرحلن تي مضمون نويسي تي انعام حاصل ڪيا.

سيمنٽ فيڪٽري گهمڻ بعد پوءِ اسان سڀ ريلوي يارڊ ۽ ڪالوني گهمياسين. سيمنٽ فيڪٽري منجهان اسان ننڍا ننڍا مختلف چورس، ٽڪنڊا، گول، ڊگها، ۽ مستطيل نما ٽڪرا گهر کڻي آياسين ۽ مون ڪيترائي ڏينهن انهن کي سانڍي رکيو. سيمنٽ فيڪٽريءَ جي پرسان مشهور بزرگ شاهه مقصود شاهه جي ٽڪريءَ به ڏٺي ته بيدل بيڪس جي مزار به ڏٺي. اهڙي نموني اُها اسٽڊي ٽوئر (پڪنڪ) منهنجي

زندگي جي پهرين پڪنڪ بڻي، هاڻي مون کي "ٻاروتڻ" جون ڪجهه هلڪيون يادگيريون ذهن جي پردي تي عڪس بڻجي اُڀرندي نظر اچن پيون. خوشگوار معطر آهستي آهستي مَستيءَ ۾ لڏندڙ گل، ۽ پن گڏوگڏ ننڍڙيون تاريون، سخت گرميءَ باعث دبيل هوا ۾ گهُٽ ۽ ٻوساٽ، پر حدِ نظر تائين ساوڪ ۽ سهڻو لان، رنگ برنگي گل ۽ ننڍا وڏا ٻوٽا. هيءَ هو اسان جي روهڙي شهر جو بهترين "جِناح باغ". قسمين قسمين رنگ برنگي گلن سان گڏوگڏ رنگين پنبيوريون ۽ اڏامندڙ ننڍڙا جيت، رکي رکي جي هلڪو جهلڪو لڳي هوا جو تہ جڻ عطر عنبر جهڙي خوشبوءَ سان فِضا معطر ٿيو وڃي. مون کي اهو منظر اڄ بہ چٽيءَ ريت ياد آهي تہ بابا اسان سيني ٻارن کي (يعني مون سميت ڀائر ۽ ڀينرن سان گڏوگڏ ڀڦيءَ جا ٻارڙا يعني (ڀڦات) شام جو ٽيپهريءَ کان پوءِ سير ڪرائڻ لاءِ باغ ۾ وٺي ويندو هو. اتان کان پوءِ وري نڪري ويندا هئاسين پري پري تائين پنڌ ڪندا بيدل بيڪس جي مزار ڏانهن ٿيندي پري پري تائين ننڍڙيون ٽڪريون ڏسندا، ٽرين کي سرنگهہ مٿان گذرندي ۽ ننڍڙين سرنگن اندران ويندي ڏسندا هئاسين وري ٻي ٽرئفڪ ۽ ٽانگا وغيره سرنگ جي اندران ايندي ويندي ڏسبا هئا ۽ پوءِ مزي مزي سان سانجهيءَ تائين واپس گهر ايندا هئاسين.

مان پنهنجي بابا سان تڏهن کان وٺي گڏ گهمڻ شروع ڪيو جڏهن شايد اڃان مون کي ڪجهه بہ سمجهه ۾ نہ آيو هو ۽ تيستائين گڏ گڏ گهميس جيستائين مون گڏ گهمڻ چاهيو. بابا سان گڏجي مون پنهنجي شهر جو ذرو ذرو گهميو. بابا پنهنجن دوستن وٽ ويندو هو تہ بہ مان گڏ هوندي هيس. سودو سلف وٺڻ وڃي، يا سبزي مارڪيٽ وڃي، گوشت ۽ مڇي وٺي، يا وري ڪو ٻيو گهر جو سامان، منهنجا ڪتاب ۽ اسٽيشنري وغيره هجي. هر هنڌ، هر جڳهه بابا جن سان گڏوگڏ هوندي هُيس.

افسوس صد افسوس جو اڄ پيارو بابا نہ آهي تہ نہ ئي وري اُهو خوبصورت باغ آهي. شهر، ملڪ ۽ قومون ترقي ڪنديون آهن، پر اسان جي سنڌ سڳوري ڏينهون ڏينهن وڃي پئي پوئتي پوندي هر ڳالهہ ۾.

ننڍڙي هوندي جي يادن ۾ ڪجهه "يادگيري" اچي ٿي تہ بابا جن تقريباً پڙهندا رهندا هئا، ننڍڙي ڪتاب نما بوڪ تي روزانو ڪجهه وقت لکندا بہ هئا. وڏي ٿيڻ کان پوءِ خبر پئي تہ ان "بوڪ" کي "ڊائري" چئبو آهي. اهڙيءَ طرح تمام ننڍڙي هوندي کان وٺي پڙهڻ لکڻ وارو ماحول مليو. مون کي ياد ڪونهي تہ اسڪول ۾ ڪيئن داخل ٿيس. پر پوءِ اهو سڀ ڪجهه ذهن ۾ محفوظ آهي تہ اسڪول ۾ "پهريون ڏينهن" ڪيئن گذريو. مون کي منهنجي ٽيچر "ڪچي پهرين" جي ڪلاس ۾ زمين تي وهاريو ۽ مان سڄو وقت پنهنجن ڪپڙن کي بچائيندي، چنبڙيندي رهيس ۽ مستقل شڪايت ڪيم تہ مون کي مٿي بئنچ تي وهاريو. پر ائين نہ ٿيو ۽ جڏهن گهر موٽيس تہ روئندي مون پنهنجي ڀڦيءَ کي سڀ ڪجهه شڪايت واري انداز ۾ ٻڌايو تہ ڪيئن منهنجو نئون سوٽ ۽ ڪپڙا مٽيءَ ۾ خراب ٿيا آهن. پر ان زماني ۾ اهو اصول نہ هُو تہ ڪو اسڪول جي معاملي ۾ مداخلت ڪئي وڃي. پوءِ آهستي آهستي مون کي ٽيچر ڪجهه ڏينهن بعد "بئنچ" تي ويهاريو. "مائٽ" هرويرو اجائي مداخلت بلڪل بہ نہ ڪندا هئا. حالانڪ اها ٽيچر اسان جي مائٽياڻي پڻ هئي. ٽيچر جنهن کي اُن زماني

۾ اسان 'ادي' ڪري سڏيندا هُئاسين. سان مون شڪايت ڪئي ته ڪپڙا ميرا پيا ٿين پر اُلٽو سخت لفظن ۾ دڙڪا ڪاڏا ۽ روئي چپ ڪري ويئم. تنهن وقت به اسڪولن ۾ فرنيچر جي کوٽ هُئي جيڪا اڄ ڏينهن تائين برقرار آهي.

جيتوڻيڪ اسان گورنمينٽ اسڪول ۾ پڙهائيءَ جي شروعات ڪئي ۽ آخر تائين گورنمينٽ ادارن مان اعليٰ تعليم به ورتي. پر ڪڏهن به ائين نه ٿيو ته ڪو غير ضروري طور تي هرويرو اسڪول بند ڪيا وڃن اسان جي زماني ۾ بهترين قسم جي پڙهائيءَ سان گڏوگڏ تمام بهترين اخلاقي تربيت به ٿيندي هئي. اسڪول ۾ ديني تعليم، درس و تدريس، اسلامي ڳالهيون ۽ ٻيون اهڙيون ڪيتريون ئي "غير نصابي ۽ نصابي" سرگرميون ڪرايون وينديون هيون. جن سان ذهن جي بهترين "نشوونما" ٿيندي هئي. بيشڪ تعليم لاءِ استاد لازمي طور تي بهترين هجڻ لازم آهي، پر گهر جو ماحول ۽ والدين جي توجهه پڻ انتهائي ضروري آهي. الله جي فضل و ڪرم سان مون کي گهر ۾ بهترين علمي ۽ ادبي ماحول ميسر آيو.

هڪ تمام پياري بلڪ انتهائي پياري "ياد" آهي، جيڪا شايد مرڻ گهڙيءَ تائين ياد رهندي ته پهريون پيرو قلم هٿ ۾ ڪٺي سليٽ تي جيڪو مون پهريون زندگيءَ جو لفظ اُچاريو ۽ لکيو سو هو بابا جي هٿ سان پڪڙيل منهنجو هٿ ۽ بابا جا لفظ جيڪي اڄ به ڪنهن سرگوشيءَ وانگر منهنجن ڪنن ۾ ٻُڌجن پيا ته:

"اُيي ليڪ، سڌي ليڪ، سهيل ليڪ، گول، اڌ گول. اُهي هئا اُهي "اُچار" جيڪي الف اک ۽ ب بلا کان اڳ ۾ بابا مون کي هٿ وٺي لکرايا ۽ سمجهايا ته هنن ليڪن منجهان لفظ ڪيئن ٺهندا. اڄ نه اُهي والدين توجهه ڏيڻ وارا رهيا آهن نه ئي وري ڪي اُستاد محنتي جيڪي پيار ۽ شفقت سان سيکاريندا هئا. ۽ نه ئي وري ٻار جيڪي وڏن جو چيو وٺن.

دراصل اڄ جي دور ۾ گذريل وقت سان گڏ، تبديلي نظر اچي رهي آهي. اسان جو ماحول، آس پاس جي فضا، ماحولياتي گدلاڻ، سائنسي ترقيءَ سان گڏوگڏ جتي آسائشون ميسر ٿيون آهن، اتي ڪيترو ئي نقصان پهچائيندڙ ماحول پڻ جڙيو آهي. اسان جي ننڍپڻ ۾ اسان وڏن کي ڪتاب پڙهندي ڏٺو ته شوق جاڳيو ته اسان به پڙهون. ننڍپڻ ۾ برزبان بيت ۽ سبق ياد ڪرڻ سان گڏوگڏ، ڪيتريون ئي آکاڻيون ۽ ٻيا دلچسپ معلوماتي ڪتاب پڙهبا هئا. مون کي باقاعده ياد آهي ته ڇهين درجي ڪلاس ۾ مون پنهنجي اسڪول لائبرري جي الماڙين ۾ سجايل جيترا به ڪتاب موجود هئا تن منجهان اڌ کان وڌيڪ پڙهي ورتا هئا. شايد ان جو هڪ سبب منهنجو مانيٽر هجڻ سان گڏوگڏ انچارج لائبرري هجڻ هو ڇو ته منهنجي شوق جي پيش نظر منهنجي ٽيچر مون کي روزانو هڪ ڪتاب گهر کڻي وڃڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏي هئي، ۽ مان باقاعده بغير ڪنهن ڪوتاهيءَ جي صبح جو باقاعده ياد سان ڪتاب واپس موٽائي آڻي، پنهنجي ٽيچر آپا انور شيخ صاحبه (حال حيات آهن) جي سامهون الماڙي ۾ رکندي هيم. ائين ڪرڻ سان مون کي مطالعي جو وڌيڪ شوق ٿيو ۽ مختلف موضوعن تي ڪتاب پڙهڻ جو موقعو مليو. (مختصر وقت لاءِ ڪتاب جو ملڻ ۽ شوق سان جلدي مختصر وقت ۾ پورو ڪرڻ پوءِ اڳتي هلي، جهڙوڪر منهنجو معمول بڻجي ويو.) اڄ به مان ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڪٺندي

آهيان تہ تمام جلدي ختم ڪري وٺندي آهيان مون لکڻ جو سلسلو ڪلاس نائين کان شروع ڪيو. جيڪو هڪ مضمون نويسيءَ جي مقابلي ۾ حصي وٺڻ سان ابتدا ٿي ۽ انعام ملڻ تي اجا بہ وڌيڪ اُتساهہ مليو ۽ پوءِ اُهو سلسلو ڪاليج ۽ يونيورسٽي تائين جاري رهيو. اسڪول منجهان واپس اچڻ بعد اسان کي ڪڏهن بہ هروڀرو ڪنهن بہ ماڻهو کان ٽيوشن ٽائيپ پڙهڻ جو ڪوبہ خيال ڪڏهن نہ آيو. ڇو تہ اسڪول ۾ ٽيچرز ايڏي محنت سان پڙهائينديون هيون. جو جيڪو هوم ورڪ ملندو هيو. سو بغير ڪنهن جي مدد جي خودبخود مان پاڻ ڪري وٺندي هيس. باقي مشڪلات درپيش ايندي هئي تہ پوءِ بابا ۽ امان کان مدد وٺبي هئي. پڙهڻ جو وقت بہ تمام گهٽو هوندو هو. ڪجهہ راند روند بہ ڪبي هئي. مون پنهنجي ننڍپڻ ۾ سموريون رائج الوقت رانديون کيڏيون جيڪي اج بہ گهڻي ياڳي ياد آهن. جن ۾ خاص طور تي اِيٽي ڏڪر، پنج ڪلا راند جيڪا نندڙن... پٿرن سان ۽ ٻال سان کيڏبي آهي، بلورن سان راند ۽ لِڪ لڪوٽي راند اُهي سڀ منهنجون پسنديده رانديون هُيون. مٿانهين پٿن تي چڙهي، پري تائين ٽپ ڏيڻ ڏاڍو وڻندو هُو.

منهنجي زندگي ۾ ڪوبہ سبجيڪٽ مسئلو نہ بڻيو سواءِ هڪ Maths يعني حسابن جي. نہ ڪڏهن جو ٽڪٽ سولي نموني سمجهہ آئي نہ ئي ڪڏهن جوڙ توڙ ڪرڻ سڪيو. جنهن جو اثر منهنجيءَ زندگيءَ تي بہ پيو.

"حساب" جي مضمون ۾ مان شروع کان ڪمزور هيس. اڳتي هلي بابا ڪجهہ ڀين ٽيچرز کان بہ مدد وٺرائي ڏني. ڪجهہ وقت ٽيوشن لاءِ هڪ استاد پڻ رکيو ويو. پر جاميٽري ۽ الجبرا جي مدد سان بس "حساب" جو مضمون صرف پاس ئي ڪري سگهندي هيس. ان سبب ڪري ئي انٽر ڪلاس ۾ سٺيون مارڪون نہ آيون. صرف هڪ پوائنٽ تان ميڊيڪل ۾ داخلا نہ ٿي سگهي.

اڄ جي دور جي ٻار کي ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ ۽ اهڙي قسم جي Indoor يعني گهر ويٺي وندر ميسر آهي. تنهن ڪري هڪ طرف ٻار مطالعي جي عادت کان پري ٿيندا پيا وڃن تہ ٻي طرف وري Out door يعني ميدانن ۾ گڏجي راند روند وارو خيال بلڪل ختم ٿيندو پيو وڃي. نتيجي طور ٻار ۾ نہ سهپ رهي آهي نہ رواداري، نہ ئي وري ادب ۽ آداب. "تعليم ۽ تربيت" گڏيل طور هڪ لفظ سمجهيو ويندو رهيو آهي. پر اڄ ڪالهہ جي دور ۾ صرف تعليم تي زور ڏنو وڃي ٿو باقي تربيت نالي ڪوبہ لفظ نہ استادن جي لغت ۾ آهي ۽ نہ ئي وري والدين وٽ گهرن ۾ ڪو ڌيان ڏنو وڃي ٿو. دنياوي تعليم شروع ڪرڻ سان گڏوگڏ، ديني تعليم ڏي بہ ڌيان ڏنو ويندو هو. صبح جو سوير اٿڻ جي عادت، سبق ياد ڪرڻ، سليٽ تي لکڻ، ڪاري مس سان پٽيءَ تي لکڻ، لفظ معنيٰ ياد ڪرڻ سان گڏوگڏ، "نماز" کان پوءِ قرآني قاعدو پڻ باقاعدگيءَ سان پڙهيو ويندو هو.

سچي ڳالهہ تہ اُها آهي تہ اسان کي گهر کان علاوه اسڪول ۾ بہ شروع جا بہ پيرڊ ديني تعليم ڏني ويندي هئي. گهر ۾ روزانو باآواز بلند پنهنجي امڙ کي تلاوت ڪندي ٻڌندي هيس. هلڪي آواز ۾ تلاوت ڪيل ڪيتريون ئي ننڍيون وڏيون آيتون صرف ٻڌندي ٻڌندي ياد ٿينديون ويون. سچي ڳالهہ تہ اها آهي تہ اهو هڪ اُتساهہ جو سبب بڻيو جو جڏهن امان منڙي

آواز ۾ تلاوت ختم ڪرڻ کان پوءِ ضرور باقاعده درود تاج ۽ ٻيون ننڍڙيون وڏيون آيتون ۽ ٻيا ڪيترائي درود ۽ دعائون جڏهن آهستي آهستي پڙهندي هئي ته مون کي به رشڪ ٿيندو هو. ۽ پوءِ الله تعاليٰ جي عنايت ٿي ۽ مون "درود تاج" ياد ڪري ورتو ٻڌائڻ جو مقصد صرف هيءُ آهي ته ڪيئن نه گهرن ۾ تربيت جو اهتمام ڪيو ويندو هيو. اخلاقيات جو سبق هميشه گهر کان ملندو آهي. هڪ ٻار جو سلڇڻو ٿيڻ،ڳڻ اوڳڻ سکڻ، وڏي ننڍي جي عزت ڪرڻ، نياز نوڙت سان هلڻ، سهپ ۽ روادري، اهو سڀ ڪجهه "ٻار" پنهنجي گهر منجهان ئي سکي ٿو. جڏهن ته اسڪول اُها جڳهه آهي جتي اُهي سڀ ڳالهيون اُستادن جي زير سايه وڌيڪ کلي سامهون اچن ٿيون ۽ اُستاد وڌيڪ سنواري سينگاري ٻار کي مڪمل شخصيت بڻائڻ ۾ مدد ڪن ٿا.

سرتيون مون ڳالهه پئي ٻڌائي پنهنجي پهرين پڪنڪ، ۽ ڪجهه سير و تفريح جي باري ۾ ۽ ڪجهه پاڇولا تري آيا ذهن تي، اسڪول جي زماني جا. پوءِ هاڻ ڪجهه چٽا عڪس ذهن تي تري آيا آهن ته مون پوءِ وري ٻي پڪنڪ ڪاليج جي طرفان ڪئي. گورنمينٽ گرلس ڪاليج سکر ۾ جڏهن مان انٽر سائنس ۾ پڙهي رهي هيس. اها پڪنڪ رٿيل هئي "ڪوٽڏيجي جو قلعو" جيڪو خيرپور ميرس ۾ آهي ۽ پوءِ وياسين گيسٽ هائوس ۾ ماني کائڻ ۽ ان جي آس پاس جيڪو باغ ۽ گهاٽا وڻ ٽڻ ۽ پرسان وهندڙ واهه جنهن کي "سدا واهه" سڏجي ٿو. (مختصر اهو ته جهڙوڪر گهر ويٺي سڄي شهر جو نظارو ڪري ونبو هو. ڪارا ڪڪر جڏهن پرجي ايندا هئا ۽ وسڻ جا ويس ڪندا هئا ته شاهه صاحب جي بيتن کي جيڪي اسان پنهنجي ڪلاس ۾ پڙهيا هياسين ۽ ياد ڪيا هياسين تن کي تحت الفظ پڙهڻ بيحد وڻندو هو. گڏوگڏ ڪيترائي نظم، بيت ۽ ٻيون ڪيتريون ڪافيون ۽ الميه توڙي طربيه غزل ۽ گانا پنهنجي منهن اڪيلي ۾ ڪاٺ جي ڏاڪڻ تي ويهي جهونگارڻ بيحد وڻندو هو. گڏوگڏ ڪائڻ پيئڻ جو سلسلو هلندو هو ۽ گڏ آندل ڪتابن جو مطالعو پڻ ٿيندو هو.

هر انسان جڏهن شعور جون منزلون طئي ڪري ٿو ته پوءِ لاشعوري طور تي گذريل وقت جا واقعا، ڪجهه منظر ڪجهه خوشگوار نظارن جان عڪس، ڪجهه اٹوٹندڙ ۽ ڏڪوئيندڙ ڳالهيون. سڀ ڪجهه هلڪو هلڪو ڪجهه، چٽو ۽ ڪجهه جهَڪو ضرور دماغ جي يادگيري واري حصي ۾ محفوظ رهي ٿو.

مون کي ڪجهه ڳالهيون ائين ياد آهن، جهڙوڪر ڪالهه گذريون هجن. پر گڏوگڏ باقي سڀ ائين وسري ويل آهي، جو ذهن تي زور ڏيڻ بعد به ياد نٿو ڪري سگهجي. اهڙين يادن منجهان هڪ ياد آهي ته ڪيئن نه اسان سان گڏ رهندڙ منهنجو سؤٽ جيڪو پڙهائي خاطر اسان سان گڏ رهندو هو، سو هروڀرو تنگ ڪرڻ خاطر منهنجون لڪائي رکيل شيون ڪائي چٽ ڪري پوءِ مون کي ٻڌائيندو هو ته مون سڀ ڪجهه ڪائي ڇڏيو آهي، منهنجي گوڙ ۽ شور مچائڻ تي ڌمڪي ڏيندو هو ته مان توکي راند نه کيڏائيندم، گڏيون ڀجي ڇڏيندم ۽ آخري زبردست ڌمڪي ڏيندو هو ته تنهنجا ڪاغذ ڦاڙي اڇلائيندم. مون کي ننڍي هوندي کان شين کي سنڀالي رکڻ جي عادت هئي. ڪاغذن ۾ ساهه هوندو هو. هلڪو عڪس اڀري ٿو ياد ناهي ته ڪهڙي ڪلاس ۾ پڙهندي هيس. پر

پنهنجي ڏاڏيءَ جي خراب طبيعت ۾ پوءِ تمام گھٽي خراب ٿي وڃڻ ۾ بار بار ڊاڪٽر جو اچڻ ۽ ان جو منع ڪرڻ تہ طبيعت جيستائين ٿوري ٺيڪ نہ ٿي ٿئي، توهان مريض کي پاڻي گھٽ پياريو. مون کي ياد آهي تہ وڏا گھر ڀاتي جڏهن سامهون نہ هئا تہ منهنجي ڏاڏيءَ منهنجي سوٽ کي سڏ ڪيو تہ کيس پاڻي آڻي ڏي، جنهن تي هن منع ڪيس. پر پوءِ مون کي چيائين ڪنهن کي نہ ٻڌاءِ چپ چاپ دلي منجهان پاڻي ڪڍي اچي ڏاڏيءَ کي پياريون ٿا. پوءِ تمام وڏو ۽ ڊگھو هڪ گلاس هو جيڪو ڀري اچي پياريوسين. شايد ڏاڏيءَ جو ڪو آخري وقت هو جو پوءِ هن بيحد دعائون پئي ڏنيون تہ هرويرو ڊاڪٽر منع ٿو ڪري ان ڳالهہ تي اسان سخت دڙڪا بہ کاڌا.

مون کي پنهنجي پهرين روزي رکڻ جي عمر بلڪل بہ ياد ناهي، پر چٽيءَ طرح ياد آهي تہ اها سخت گرم ترين موسم هئي. گرمين جا روزا هئا. شايد تڏهن ئي مان بار بار پاڻي جي دلن وٽ چڪر پئي لڳايا. پر امان جي نظرن ڏسي پئي ورتو. گھڻي واضع يادگيري ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي، ان ڪري پڪ پئي ٿئي تہ تمام ننڍيءَ عمر کان روزا رکڻ شروع ڪيا هئا. بقول پنهنجيءَ امڙ جي تہ مان جڏهن بہ ڪنهن کي مُصّلي تي ويٺل ڏسندي هيم تہ پاڻ بہ پرسان ويهي مٿو لوڏي الله هو الله هو شروع ڪري ڏيندي هيم. ڏاڏيءَ جي پرسان اڪثر ويهي ائين ڪرڻ سان شايد هوءِ ڊسٽرب ٿيندي هئي. ۽ منع ڪندي هئي پر مان پنهنجيءَ ڌُن ۾ مگن رهندي هيم.

ٻاروتڻ جون ڪجهہ هلڪيون هلڪيون يادون ذهن تي اُڀرن ٿيون تہ مون کي ياد پوي ٿو تہ ننڍڙي هوندي کان مان پنهنجي ڳالهہ تي پختگيءَ سان قائم رهندڙ ۽ مڃائيندڙ فطرت واري هيم. (اسان ماشاء الله ڪل ڇهہ ڀائر ڀينر آهيون. (اسين ٻہ ڀينر ۽ چار ڀائر آهن) گھر ڏانهن موڪليائون جتي منهنجي ماساتن مون مٿان کِل ۾ مذاق اڏايو). پر ڳالهہ اڃان اتي پوري ٿيندي نظر نہ ٿي اچي شايد مون کي پنهنجي ڳالهہ مڃرائڻ لاءِ "لِڪي" ڪري شامل ٿيڻ هڪ ايڊوينچر طور لڳندو هو. تڏهن تہ مون کي ياد آهي تہ مون زندگيءَ ۾ پهرين فلم جيڪا سکر جي سينيما ۾ ڏٺي هئي، جنهن جو نالو ياد نہ آهي شايد ڪا سنڌي فلم هئي يا وري اردو پر اهو "اولڙو" منهنجي ذهن ۾ محفوظ آهي تہ ڪيئن نہ مغرب بعد امان ۽ ماسيءَ وارن پلان پئي ٺاهيو فلم جو جيڪو مون ٻڌڻ شرط دل ۾ سوچي ورتو تہ مان بہ ضرور "فلم" ڏسندم، ڪو وڃي نہ وڃي مان ضرور ويندم. پوءِ امان جي منع ڪرڻ باوجود ۽ ماسيءَ جي دڙڪن کائڻ ۽ روڪڻ باوجود مان ٽانگي جي پوين سيٽ جي هيٺان تڪڙ ۾ ائين لڪي ويهي رهيم جو جيئن وڏيون سڀ ٽانگي تي چڙهيون تہ ٽانگي هلڻ شروع ڪيو ۽ منهنجي ماسيءَ چيو تہ: شڪر ٿيو جو رشيده گھڻو گوڙ نہ ڪيو ۽ مٿي ڪمري ۾ ٻين ٻارن سان ڪاغذ جي رانديڪن ٺاهڻ ۾ مصروف ٿي وئي. پر تڏهن سندس حيرت منجهان رڙ نڪري وئي، جڏهن ٽانگو سينيما جي ٻاهران بيٺو ۽ مان بہ انهن سيٽني جي پوين ٽپو ڏيئي لهي آيم، تہ ماسيءَ مون کي "چماٽ" هڻي ڪري چيو تہ تون ڪيئن هتي آئي آهين؟ توکي تہ اسان مٿي ڪمري ۾ موڪليو هيوسين. مون کيس چيو تہ: مون سان توهان ڊوڙ ۾ نٿا پڄي سگھو. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ڳالهہ کي مڃرائڻ جي مون کي ننڍي هوندي کان شايد عادت ان ڪري پيل هئي جو مون ڪڏهن بہ اجايو

سجايو گهڻا ضد نه ڪيا، نه ڪا اجائي فرمائش نه ڪو ڪڏهن ڪنهن رانديڪي وٺڻ جي خواهش ۽ نه ئي وري ٻين ٻارن وانگر وڙهڻ، جهيڙو ڪرڻ وغيره گهڻو تڻو مان خاموش رهڻ واري ادب سان ملڻ ۽ فضيلت جو مظاهرو ڪرڻ واري ٻارڙي سڏبي هيس. ان جو گهڻو سبب منهنجي "پڪي" هئي. جيڪا عام حالتن ۾ منهنجي ننڍي وڏي خواهش کي آرام سان پورو ڪري ڇڏيندي هئي ڇو ته مان تنگ ڪندڙ ۽ شرارتي نه هيس. بلڪ ڇيو مجڻ واري صدوري ليکبي هيس. گهر ۾ کائڻ پيئڻ جون شيون هر وقت موجود هونديون هيون، پئسو پائي يعني هٿ ۾ خرچي ملڻ وارو رواج اسان وٽ بلڪل نه هو. نه ئي وري دوڪان تي وڃڻ جي اجازت هوندي هئي. انڪري گهر ۾ هر وقت هر شيءِ ميسر هوندي هئي. منهنجو اسڪول گهر کان صرف ٽن منٽن جي پنڌ تي واقع هو. انڪري رسيس ۾ مان گهر اچي ٻاڻي پيئندي هيس ۽ پڪي ڇوندي هئي ته ٻاهريون شيون مکين ويٺل ۽ خراب هونديون آهن. انڪري بلڪل نه کائڻ کپن.

مون کي ياد آهي ته مون ڪڏهن به گهر ۾ ڪنهن جي به مار نه کاڌي نه ئي ڪنهن سان جهيڙو ڪيو. بابا مون کي بي انتها پيار ڪندو هو ۽ امان ته ڪڏهن به ڪجهه به نه چوندي هئي. امان ان ڪري خوش هوندي هئي جو مان پڙهڻ ۾ تنگ نه ڪندي هيس ۽ نه ئي ٻين ٻارن وانگر گوڙ مچائيندي هيس. بابا جن هميشه سيني جي سامهون منهنجي تعريف ڪندا هئا ته منهنجي ڌيءَ سمجهدار آهي. سيني ۾ وڏي هُئڻ جي حيثيت ڪري ننڍي هوندي کان مان پنهنجي ڀائرن ۽ ڀيڻ جو خيال رکندي هيس. مون کي پنهنجي ڳالهه مڃرائڻ هِڪڙو سبب اهو به نظر ايندو آهي جو مان گهر ۾ سيني ٻارن ۾ وڏي هيس ۽ هر ماڻهو منهنجو چوڻ ضرور وٺندو هُو. جڏهن مان سمجهدار ٿي ويس ۽ شايد ڪلاس پنجين ۾ هيس ته امان سخت بيمار ٿي پئي ۽ بلڪل ائين پئي لڳو ته چاڻ ڪونه ڪو وڏو مسئلو پيش اچي سگهي ٿو ته انهن ڏينهن ۾ به مان ئي پنهنجن ڀائرن ۽ ڀيڻ کي سنڀاليندي هيس. شايد سيني ۾ وڏي هجڻ جي احساس يا وري گهريلو تربيت ۽ والده کي پڻ ٻين جي مدد ڪندي ڏسي، مون پاڻ ۾ اهو احساس محسوس ڪيو ته ننڍن ڀائرن، ڀينرن توڙي ٻين سيني سان سُٺيءَ طرح پيش اچجي ته جيئن ٻيا تعريف ڪن. مون ۾ ننڍپڻ کان اها عادت/ فطرت ۾ شامل هئي ته ڪنهن ٻي کي منهنجي ڪري ڪابه تڪليف درپيش نه اچي، ڪوبه ماڻهو ائين شڪايت نه ڪري ته منهنجي ڪري هن کي ڪو مسئلو پيش آيو. شايد اهو ئي سبب هو جو سواءِ ڪنهن تمام ذاتي اشو جي مون ڪڏهن به ڪنهن کي ڪجهه نه چيو. پنهنجي خلاف گهڻو ڪجهه ٻڌڻ جي باوجود ڪڏهن به ڪنهن سان ڪو جهيڙو نه ڪيو. اهو سڀ ڪجهه اسان سيني ڀائرن ۽ ڀينرن ۾ اسان جي امڙ کان منتقل ٿيل آهي. اسان جا والد پڻ ساڳي طبيعت جا مالڪ هئا پر اُهي وري به غصو ۽ ڪاوڙ ڪندا هئا.

سرتيون، اڄ مان عمر جي جنهن حصي ۾ پهتل آهيان اتي انسان وٽ بيشمار "يادون"، ستارن جي جهرمٽ وانگر، اڻ کٽ سلسلي وانگر دماغ جي پردي تي ڪنهن فلم وانگر هلنديون رهن ٿيون. ڪجهه هلڪا عڪس، ننڍڙا ننڍڙا منظر، اولڙا، پرڇايون ۽ ڪي جوانيءَ جون يادون. ڪلاس نائين کان پوءِ جڏهن عمرِ اڃي پندرهن کن سال ٿئي ٿي ته اها حقيقت ۾ هڪ

اهڙي دور تي مشتمل هجي ٿي، جنهن کي اسان زندگيءَ جو سونهري دور ڪري سڏيون ٿا. منهنجي سڄي عمر جي سالن منجهان پندرهن سالن کان وٺي ايڪويهه سالن تائين وارو عرصو ڏاڍو يادگار رهيو. تمام خوشگوار لمحا به نقش ٿيل آهن. ته زندگيءَ جا بدترين لمحا به ڪڏهن وسري نٿا سگهن. مئٽرڪ ۾ هيم جڏهن مان ائين سمجهندي هيم ته انسان جي زندگي تمام بيحد وڻندڙ آهي، جنهن کي الله تعاليٰ جي اطاعت، بندگي ۽ انسانن جي ڀلائي لاءِ وقف ڪري ڇڏڻ گهرجي. اهڙن جذبن جي اُڀرڻ ڪري منهنجي دل ۽ دماغ ۾ پنهنجي مالڪ جو خوف ۽ ان کان هر ڏک سک ۾ دعا گهرڻ وارو طريقو محفوظ رهيو. سڄو رمضان شريف جو مهينو بنا ڪنهن ظاهري رشتي ناتي ۽ نسبت جي مرحوم و مغفور ذوالفقار علي ڀٽي صاحب لاءِ دعائون گهريون ته هو قيد منجهان نجات حاصل ڪري. شايد هُن جي سحر انگيز شخصيت جو ئي ڪرشمو هو.

سال 1967ع ۽ 1968ع ۾ منهنجي اسڪولي زماني جا بهترين ڏينهن رهيا. بيشمار ڪاميابيون حاصل ٿيون. اسڪول ۾ ٿيندڙ هر قسم جي اڪيڊمڪ توڙي ايڪسٽرا ڪريڪيولر ايڪٽيوٽيز ۾ باقاعده حصو وٺندي هيم.

ميلاد شريف، توڙي تقريري مقابلو هجي، يا وري مضمون نويسي ۽ راندين جو ميدان هجي ٽيبلو ۽ ڊرامن ۾ ڀرپور حصو ورتو. ڪيترا يادگار لمحا تصويرن جي صورت ۾ جڏهن اڄ به ڪڏهن ڪڏهن ڏسندي آهيان ته ائين ئي تصور ۾ موٽي ان زماني ۾ پهچي ويندي آهيان. مون مئٽرڪ جو امتحان ڏنو ته پوءِ پهريون ڀيرو بابا ۽ امان سان گڏجي اسان پنهنجي ماسيءَ ڏانهن گهمڻ لاءِ ڪراچيءَ وياسين. سڄو مهينو خوب انجواءِ ڪيو.

يادگيرين تي مشتمل فلم جي هڪ منظر ۾ اهو به ياد آهي ته اسان انٽر کان پوءِ جڏهن B.Sc ڪرڻ لاءِ اسلاميه ڪاليج سکر ۾ داخلا ورتي ته انهن ڏينهن ۾ اسان گهڻي ڀاڱي ٽرين ذريعي روهڙيءَ کان سکر ايندا ويندا هئاسين. هڪ ڀيري مون کي ياد آهي ته اسين سڀ ڇوڪريون گروپ جي صورت ۾ گڏجي ڪاليج کان سکر اسٽيشن ڏانهن وڃي رهيا هياسين. سخت گرمي جا ڏينهن هئا ۽ ڏينهن جو تقريباً ڏيڍ بجي جو ٽائيم هو. اسان منجهان هر ڇوڪري کي برقعو پاتل هو ۽ پگهرجڻ ڪري ذري گهٽ بيهوش ٿيڻ وارا هئاسين ته ڪنهن طرف هڪ ساهيڙيءَ هٿ کڻي زوردار آواز ۾ دعا گهري ته اي الله اسان جي هنن پنڌن کي سڄايو ڪجانءِ ۽ اسان جي محنت قبول ڪجان ۽ بخت بالا ڪجانءِ بيشڪ رب تعاليٰ ڪڏهن ڪڏهن اندر جي آواز کي قبول ڪرڻ ۾ بلڪل دير نٿو ڪري. پوءِ اسان ٻنهي اڃي چار شورو وسايو. اڄ منهنجي اها ڪلاس فيلو منهنجي پرسان ئي چار شوري ۾ رهي ٿي.

سرتيون، مون توهان سان پنهنجي ٻاروتڻ، ننڍپڻ کي ڪجهه ڪجهه شيئر ڪيو آهي. هاڻي اڃو ته ڪجهه يادگيريون چار شوري جون توهان کي ٻڌائجن. مون يونيورسٽي ۾ داخلا ليٽ ورتي هئي، ڇو ته بابا جن انڪاري هئا ته رهائش وغيره ڪيئن ڪبي. ايڏو پري اڪيلو ڪيئن رهبو. پر پوءِ منهنجي دوست حميره ۽ منهنجي ڀڻيءَ جي تمام گهڻي ايلاز منٿن کان پوءِ بابا جن راضي ٿيا ۽ منهنجي امي جن منهنجي ماسيءَ ۽ وڏي مامي کي پابند بڻايو ته هو هِئي

ڇٽا هر هفتي اچي ملندا ۽ حال احوال پڇندا. بهرحال مان اچي خير سان مارئي هاسٽل ۾ پهتم.

اُتي رهڻ دوران بي انتها مصروفيت وارا ڏينهن ۽ رات گذريا. خير سان پڙهائي دوران ڪنهن قسم جي ڪابہ پريشاني نہ ٿي. اسان جي ڊپارٽمينٽ طرفان پڪنڪ پروگرام رٿيو ويو تہ ڏاڍي شوق سان مان ۽ حميره شريڪ ٿياسين. اها منهنجيءَ زندگي جي ٽين پڪنڪ هُئي. 14 آگسٽ جو ڏينهن ۽ سال هو 1974ع جو موسم هئي جهڙالي ۽ پوءِ ڏسندي ڏسندي ڪارا ڪڪر آيا ۽ تيز بارش پئي. هڪ بارش منهنجي ڪمزوري، ٻيو ڀهرين پيرو ٺٽو ۽ ڪينجهر ڏسڻ جو شوق سو خوب مزو آيو. اسان پنهنجين ٽيچرز سان گڏجي گهميوسين. ڪوئي خاص واقعو تہ پيش نہ آيو پر هڪ يادگار طور گفٽ منهنجي هڪ ڪلاس فيلو جنهن کي اسان بيبي ڪري سڏيندا هئاسين. تنهن وٽي ڏنو ۽ جڏهن کولي ڏٺو تہ هڪ پوني جنهن ۾ بہ ننڍڙيون بدڪون لڳل هيون. ڪيتري عرصي تائين سنڀالي رکيو هيون. هاڻي شايد ڪٿي گم ٿي ويون آهن. اسان جا ڪلاس فيلو ڇوڪرا بيحد خيال رکڻ وارا ۽ عزت ڪرڻ وارا هوندا هئا. مذاق بہ ڪندا هئا تہ اهڙو جيڪو قابل برداشت هوندو هو.

ڪجھ شاگرد منهنجين عادتن مطابق پاڻ ۾ هڪٻئي جا تمثيلي نالا رکندا هئا ۽ ڪجھ وڏيڪ تنگ بہ ڪندا هئا. اسان جي ٽئي گروپ جي هڪ ڪلاس فيلو وٽ ڪئميرا هئي. ان وقت تائين ڪئميرا ايڏي عام جام هر ڪنهن وٽ نہ هوندي هئي، يا تہ فوٽوگرافن وٽ هوندي هئي يا وري ڪنهن اميرزادي وٽ. سو اسان جي بہ ڪجھ ڪلاس فيلوز وٽ ڪئميرا هئي. ڪجھ ڪلاس فيلوز ڇوڪرن جي بي انتها ڪوشش هئي تہ ڪجھ تصويرون ڇوڪرين جون بہ ڪڍون. پر سيني منع پئي ڪيو ۽ پوءِ ائين ٿيو تہ اوچتو ئي اوچتو اچانڪ فليش لائيٽ تي سيني جا ڇرڪ پئي نڪتا ۽ ائين اسان سان بہ ٿيو. مان ۽ منهنجي دوست حميره پاڻي منجھ پير پسائي ويٺا هئاسين جو اوچتو پري کان ڪئميره تي نظر پئي ۽ مون پئي هٿ منهن تي رکي ڇڏيا. تصوير تہ نڪري وئي. پر پوءِ ٻي صبح جو ڊپارٽمينٽ ۾ پهچڻ شرط خبر پئي تہ اسان جي سينئر ٽيچر مئڊم سلمہ دراني ڪاوڙ منجهان منهنجو پڇاڻو پي ڪيو ۽ جيئن مان سندس آڏو حاضر ٿيم تہ خوب دڙڪا پيا ۽ چيائين تہ اها ڪهڙي تميز هئي تنهنجي سزا اها آهي تہ اها تصوير مون نوٽيس بورڊ تي ٻين تصويرن سان گڏ لڳرائي آهي تہ جيئن توکي آئينده لاءِ ايٽيڪيٽس سمجھ ۾ اچي سگهندو. اها تصوير اڄ بہ مون وٽ آهي. هونئن بہ تصويرن کي جمع ڪرڻ جو مون کي بي انتها شوق آهي ۽ شايد هزارن منجھ موجود آهن. پر ائين يادگار لمحن جون ڪيتريون ئي خوبصورت يادگيريون تصويرن جي صورت ۾ جمع آهن ۽ ڪيترين کي تہ مون V.C.R تي ڏسڻ خاطر ڪيسٽ ۾ رڪارڊ ڪرايو آهي. منهنجي Hobby تصويرن کي جمع ڪرڻ آهي تصويرن سان گڏ مليل ننڍيا ننڍيا تحفا. پنهنجين ڪلاس فيلوز کان ورتل آٽوگراف ۽ مليل ٽائيٽل ۽ ٻيون ننڍيون وڏيون شيون سڀ جمع آهن مون کي شين کي سنڀالي رکڻ جي عادت آهي. ننڍي کان ننڍڙو گفٽ بہ سنڀالي رکندي آهيان.

پياريون سرتيون. پنهنجين بهترين "يادگيرين" کي

مون شروع ڪيو آهي پنهنجي "فطري شوق" يعني ته سير ۽ تفريح سان ۽ ان حوالي سان مون ذڪر ڪيو آهي. پنهنجي سڀ کان پهرين "پڪنڪ" جي يادگيري سان. جيڪا منهنجي نندپڻ جي شرارت ۾ هئي. جنهن جو ذڪر مون اڳ ۾ تفصيل سان ڪيو آهي. ٻي طرف ماڳ ۽ مڪان ڏسڻ جو شوق ۽ بيحد تجسّس به هُو. اِهو سير ۽ تفريح مون کي الله تعاليٰ مهيا ڪيو هيو پنهنجي ئي سهڻي شهر روهڙي شهر جي خوبصورتي کي پنهنجين يادن ۾ جمع ڪرڻ سان. جيڪا ابتدا مون شروع ڪئي درياءَ سنڌ ۾ ٻيڙي ۾ چڙهي روهڙي کان سکر وڃڻ ۽ درياءَ جو سير ڪرڻ (هتي اهو ٻڌائيندي هلان ته مون کي درياءَ ۾ ٻيڙي تي چڙهي سير ڪرڻ بيحد وڻندو آهي) ساڌ ٻيلو ٻاهران ڏسڻ. خواجہ خضر جي آستاني وٽان لنگهڻ ۽ گڏوگڏ لئنسڊائون پل جي هيٺان لنگهندي آس پاس کان لئنسڊائون پل پرسان ساڌ ٻيلي جي ديوارن تي ويٺل مختلف پکي ۽ گڏوگڏ مورن کي ٽلندي ڏٺو. نندڙي هوندي کان مون تمام گهڻو سفر ڪيو. روهڙي کان سکر ڏانهن ٻيڙين وسيلي، ٽرين وسيلي ۽ پوءِ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ جڏهن ٻيڙيون عام جام هلڻ بند ٿي ويون ته پوءِ ڪڏهن ٽانگي تي چڙهي وڃبو هو ۽ وري پوءِ آخر ۾ جڏهن جوانيءَ ۾ قدم رکيو ۽ سکر اسلاميہ ڪاليج ۾ داخلا ورتي تڏهن وري پيادل پل کي ڪراس ڪري سکر ڪاليج ڏانهن پنهنجو تعليمي سفر جاري رکيو. پيرن پنڌ گهر کان سکر اِسلاميہ ڪاليج وڃڻ لاءِ روزانو لئنسڊائون پل کي ڪراس ڪرڻو پوندو هُو ۽ اِن دوران پُل ۽ آس پاس جي منظرن کي چڱيءَ طرح ڏسڻ جو موقعو مليو. روهڙيءَ جي پرسان وهندڙ سنڌو ڪناري تي "ستين جو آستان" موجود آهي. جنهن کي اسان ڪڏهن به نه ڏٺو ايستائين جو جڏهن 72_1973ع ۾ سيلاب آيو ۽ تمام وڏي تباهي ٿي. ان زماني ۾ ٻوڏ جي ڪري تمام گهڻي تباهي مچي وئي هئي. ۽ ڪيترن ئي ڳوٺن منجهان لڏپلاڻ ڪندڙ خاندان درياءَ جي مٿانهين واري ايراضيءَ جي آس پاس اچي ويٺا هئا ۽ ان ئي زماني ۾ ڪيترا ماڻهو گڏجي روز شام جو لئنسڊائون پل ۽ درياءَ ڪناري ڏانهن وڃي ڪجهه فلاحي ڪم ڪار ۾ مشغول ٿيندا هئا. ڪافي ڏينهن گذرڻ بعد مان به پنهنجي گهروارن سان گڏجي اوڏانهن وئي هيم ۽ ائين پهريون دفعو پري کان ستين جو آستان ڏٺو هيم. بعد ۾ اسان وٽ ڪجهه مهمان آيل هئا ۽ انهن کي "ستين جو آستان" ڏيکارڻ بهاني اسان به اهو ماڳ ڏسڻ ويا هئاسين. ورنہ عام طور تي بابا جن جي اجازت نه هوندي هئي ته ڪو هرويرو هيڏانهن هوڏانهن وڃجي ۽ منهنجي اها عادت هوندي هئي ته جڏهن بابا جن منع ڪندا هئا ته پڪ سان اهو ڪم نه ڪبو هو. جيستائين پاڻ اجازت ڏين. اسان جي پرائمري اسڪول جي هيڊمسٽريس جنهن جو نالو هو ٻيبي جئيل. ان جو تعلق ڪوٽائي سيدن سان هو. پاڻ بيحد محنتي، ۽ اسڪول جي هر ٻار ۽ استاد جي سار سنڀال لهڻ واري ۽ پردي دار خاتون هئي. جڏهن به اسڪول ۾ انسپيڪشن ٿيندي هئي ته مرد حضرات به خواتين سان گڏ ايندا هئا. ڊائريڪٽر يا وري ٻي ڪنهن عهدي تي فائز انهن مرد حضرات سان پاڻ برقعو پهري پنهنجيءَ ڪرسي تي ويهندي هئي ۽ آفيشيل گفتگو ۾ حصو وٺندي هئي. اسان اسڪول ۾ ڪيس "ادي وڏي" سڏيندا هئاسي. جڏهن ته ٻي نمبر تي فائز ننڍي هيڊمسٽريس کي پڻ "ادي ننڍي" سڏيو

وينندو هو.

سرتيون، ٻاروتڻ هجي، يا ننڍپڻ يا وري جوانيءَ جون ڳالهيون. جڏهن يادن جا عڪس ۽ اولڙا، ذهن جي اسڪرين تي هلڻ شروع ڪندا آهن تہ ائين محسوس ٿيندو آهي، جيئن اجهو سڀ ڪجهہ هينئر ٿي رهيو هجي يا وري ٿيو هجي. جتي ڪجين جو ذڪر اچي ٿو ۽ باغاتن جي ڳالهہ نڪري ٿي تہ ياد اچي ٿو تہ ننڍڙي هوندي، گرمين جي ڏينهن ۾ نيرن تي هميشہ اسان مکڻ، لسيءَ (ڏهي) (ڏونئرو) ۽ ماني سان گڏ مختلف قسمن جون تازيون ڪارڪون پڻ کاڌيون. بيحد ذائقيدار (مٺيون ۽ کاريون.) نالا اڄ بہ ڪيترائي ياد آهن، ۽ ڪجهہ ياد نہ آهن. بابا جن ٻڌائيندا هئا، هيءَ وڻ جي پڪل ڪارڪ آهي، هلڪي مٺي، هيءَ ڪُپڙو ڪارڪ آهي تمام تيز مٺي، هيءَ نمڪين ڪارڪ آهي بيحد لذيذ. ۽ ها هي ڏنگ ڏوڪا آهن، اڌ سخت ۽ اڌ نرم بيحد مزيدار، ڪي ڊگهائي ۾ تہ ڪي ويڪربون ۽ ڪي بيضوي شڪل جون ۽ ڪي وري گولائي مائل، مطلب تہ تمام گهڻي ورائٽي ۽ مختلف قسمن جون، جن جو ذائقو اڄ بہ ياد آهي. گلن ٻوٽن جو ذڪر ڪبو تہ مون کي تمام چٽيءَ طرح ياد آهي تہ باغ جو نالو هو جناح باغ. گيٽ تي وڏن اکرن ۾ لِکيل ۽ ننڍڙو در هر وقت عام ماڻهن لاءِ کليل رهندو هو. سَرِ شام ٽيپهريءَ کان پوءِ اسين سڀ ڀائر ڀينر گڏجي بابا جن سان باغ جو سير ڪرڻ ويندا هئاسين. خوبصورت رنگ برنگي گل، ٻوٽا، وڻ ٽڻ، گهاٽو ۽ ڇُهتيل سائو لان خوبصورت ڳاڙها گلاب جا گل، جن جي خوشبو اڄ بہ منهنجي دماغ ۾ ائين رچيل آهي جڻ تہ ڪو ڪالهہ جي ڳالهہ هجي. لان ۾ قلابازيون ڏيندي ڏيندي ۽ بيدل بيڪس ۽ شاهہ مقصود شاهہ جي ٽڪريءَ تائين واڪ/ پنڌ ڪندي ڪندي، بعد مغرب جي ڪڏهن ڪڏهن ريلوي اسٽيشن جي پل مٿان بيهي هيٺ ايندڙ ويندڙ تيزگام ۽ تيزرو گاڏيون شام جو ڪڏهن وري ٽڪري مٿان اڏيل پاڪستان جي بهترين ويٽنگ روم ڪان سڄي روهڙي شهر جو نظارو ڪندي ڪندي خبر ئي نہ پئي تہ مون ڪهڙي وقت شعور جون منزلون طيءَ ڪيون ۽ جوانيءَ ۾ قدم رکيو.

ريلوي اسٽيشن تي بابا جن سان انتظار ڪندي، جڏهن اسان پنهنجي پڦي کي ملڻ لاءِ اچي بيهندا هئاسين. جڏهن منهنجي پڦي پنهنجي گهرواري سان گڏجي شڪارپور کان ڪراچيءَ ڏانهن ويندي هئي تہ ان وقت مهراڻ ايڪسپريس بيحد پياري لڳندي هئي. ڇو تہ منهنجي پياري پڦي جو ان ۾ سوار هوندي هئي مون کي منهنجي پڦي جو گهروارو يعني پڦڙ اسٽيشن تي واٽر سوڊا جي بوتل پياريندو هو. مون کي ذرو ياد آهي. ۽ پوءِ هي تلخ يادون بہ منهنجي بهترين يادن سان گڏوگڏ مون کي ياد رکٽيون پيون. جڏهن پڦيءَ جي گهرواري جا اختلاف وڌندا ويا ۽ جڏهن ڪراچيءَ ڏانهن ويندو هو. تہ اسٽيشن تي بيٺل ٽرين وٽ مان بہ بابا جن سان گڏجي ساڻن ملڻ ايندي هيم. بابا سمجهائيندو هيس تہ گهر ڏانهن هل، پنهنجي ٻارن سان مل، پر هن تہ پنهنجو اڍائي سالن جو ننڍڙو ڪاڪو بہ نہ ڏٺو هيو. ڇائي ڇمر کان پوءِ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو تان جو هڪ ايڪسيڊنٽ ۾ ڪراچيءَ ۾ وفات ڪري ويو. اُهو سال 1965ع جي تاريخ 22 نومبر هئي ۽ مان شايد ستين درجي ۾ هيم. منهنجي پڦيءَ سان ڇا وهيو واپريو اهو هڪ مڪمل ۽ الڳ حقيقت تي ٻڌل سچ آهي. بس يادن منجهہ يادون موجود

هونديون آهن. اهڙا ڪيترائي واقعا ۽ منظر ذهن ۾ چٽن وانگر چٽيل آهن جو ڪنهن به لمحي ڪا ڳالهه ياد اچي وڃي ته پوءِ ڪنهن فلم وانگر اسڪرين جي پردي تي هلڻ شروع ڪري ڇڏين ٿا. تلخ به ۽ خوشگوار به. 1974ع ۾ يونيورسٽي ۾ اچي چام شوري جي پر لطف ماحول ۾ جڏهن مون پنهنجي پهرين ۽ (هونئن ٿئين) پڪنڪ ڪينجهر ڪناري ۽ ٺٽي جي بادشاهي مسجد ۽ مڪليءَ جي قبرستان سان گڏوگڏ ڪراچي ڪلفٽن ۽ پيراڊائيز پوائنٽ وغيره تي ملهائي ته پوءِ ايندڙ سالن ۾ هر سال پنهنجي ڊپارٽمينٽ طرفان پڪنڪ تي وڃڻ جو موقعو مُيسّر ايندو رهيو. 1976ع ۾ بطور ليڪچرار منهنجي مقرري ڊپارٽمينٽ آف فزيالاجي ۾ ٿي. اُن وقت اسان جي ڊپارٽمنٽ ۾ ليڊي ٽيچرس گهٽ ۽ شاگردياڻين جو انگ شاگردن کان وڌيڪ هجڻ باعث هيڊ آف دي ڊپارٽمينٽ هميشه پڪنڪ تي وڃڻ لاءِ پابند بڻائيندا هئا ۽ مون به ڪڏهن انڪار نه ڪيو. ٻارڙن جي پيدائش بعد مان پنهنجن ٻارڙن سميت هميشه پڪنڪ لاءِ ويندي رهندي هيس. ڪيترائي يادگار لمحا ۽ منظر ياد آهن. سرتيون، هينئر مان توهان کي پنهنجي سروس جي آخري پڪنڪ جيڪا رٽائيمينٽ کان اڳ ملهائي سا هئي رني ڪوٽ ۽ سيوهڻ شريف هونئن ته سيوهڻ شريف اڳ ۾ به ڏٺل هو. پر پنهنجن اُستاد ساٿين ۽ شاگردن سان بحثيت هيڊ آف دي ڊپارٽمينٽ اها منهنجي ڪريئر جي آخري پڪنڪ هئي شروعات جيڪا چام شوري ۾ وسندڙ بارش ۾ اچي (14 آگسٽ 1974ع ۾ هڪ برسات وسندڙ صبح جو) ڪينجهر ڪناري کان

ڪئي هئي تنهن جو دنگ ٿيو وڃي. ڪارونجهر جي جبلن پرپاسي "رني ڪوٽ" تي. تاريخ هئي شايد 28_ مارچ 2013ع هيءَ هڪ تاريخي ۽ قديمي قلعو آهي. جيڪو هڪ وڏي ايراضيءَ تي مشتمل آهي. هيءَ قلعو ڪوٽ ڏيجي قلعي وانگر نه آهي، بلڪ مختلف آهي. ٻنهي ۾ واضع فرق موجود آهي. اڄ جڏهن مان گذريل لمحا قلمبند ڪري رهي آهيان ته لڳي ٿو ته انسان جي زندگي جا خوشگوار لمحا هجن يا غمگين ۽ غمخوار منظر پر ذهن ۾ ته سڀ ڪجهه باقاعده ياد هجي ٿو جيڪو نه ئي وسارڻ سان ڪجهه وساري سگهجي ٿو ۽ نه ئي چاهيندي به سڀ ڪجهه ياد رکي سگهجي ٿو. اهو ئي قدرتي قانون آهي.
اهو ئي سبب آهي جو بحيثيت هڪ ڇوڪريءَ جي جڏهن شادي ذريعي زندگيءَ ۾ "اهم" تبديلي نروار ٿئي ٿي ته اُهي لمحا ۽ پوءِ اڳتي ٻن ساٿين منجهان ڪو هڪ جڏهن رب جي رضا سان موڪلائي وڃي ٿو ته باقي پويان بچيل ساٿي پنهنجي زندگي ڪي ڪيئن گذاري ٿو. گڏ گذاريل "لمحا" ڪيئن ياد رکي ٿو ۽ ڪيئن وسارڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. "آتم ڪٿا" يادگيريون، سوانح حيات، پنهنجي باري ۾ گذريل لمحو لمحو جي ياد نه آهي ته گهڻو ڪجهه ته ياد به آهي. گهڻو ڪجهه ياد آهي. پر هينئر هتي هن موضوع کي ختم ڪجي ٿو. ڪيترائي اهڙا لمحا آهن جن کي وري ڪنهن ٻي دفعي ذڪر ڪبو. ڪنهن ٻي هنڌ تي، ٻي موضوع سان "يادن" کي "ياد" ڪبو.

*

ڊاڪٽر ريحانہ نظير



# خواب ۽ خوشبو

هوءَ ڪا خوشبو هئي يا خواب هئي؟ ڪير هئي يا مرڳو ڪارو جادو هئي. هوءَ جيستائين منهنجي زندگي ۾ رهي تہ نہ منهنجي ٿي ۽ نہ ئي مون کي ڪنهن جو ٿيڻ ڏنائين. هو جيڪا هينئر بہ منهنجي رڳ رڳ ۾ ائين سمايل آهي جو مان نہ چاهيندي بہ هن کان الڳ ٿي نہ ٿي سگهان جيئن پراڻي شراب جو نشو وڌيڪ چڙهندو آهي تيئن هن جي وڃڻ کان پوءِ هن جي ياد جو سحر ايترو ئي وڌيڪ طاري آهي. هن منهنجي زندگيءَ جي محرومين کي ختم ڪيو هو. هوءَ جيتريون گهڙيون مون سان گڏ رهي منهنجي زندگي ۾ مسرت رهي. هوءَ تجسس جيان زندگيءَ ۾ رهي. منهنجي شعور جي وهڪري کي نئين راهہ ڏئي ڪنهن هوا جي جهوٽي جيان منهنجي زندگي کي الوداع چئي هلي وئي ۽ مون کي عمر ڀر جي اڪيلائي ۽ يادن جو تمغو ڏيئي هلي وئي.

هن سان منهنجي ملاقات تڏهن ٿي جڏهن منهنجي بدلي هاءِ اسڪول ۾ ٿي هئي. انهن ڏينهن ۾ هوءَ لنڊن هئي پر هن جو ذڪر ڏاڍي شان سان ڪيو ويندو هو تہ هوءَ تمام امير آهي. هوءَ هر وئڪيشن لنڊن ۾ پيڻ وٽ گذاريندي آهي. هن کي صرف هڪ پٽ آهي ۽ هن جو مڙس گذاري ويو آهي. هوءَ تمام قيمتي ڪپڙا پائيندي آهي. هوءَ قيمتي پرفيوم لڳائيندي آهي. هوءَ ڪنهن کي بہ لفٽ ڪانہ ڪرائيندي آهي. هوءَ ڏاڍي جهيڙيڪار آهي. پر غريبن جي مددگار آهي. ڪيترائي يتيم هن جي خرچ تي گذارو ڪن ٿا وغيره وغيره. هي ڪردار مون کي ٿورو فلمي لڳو جيئن فلم ۾ ڪو ڏاڙيل ڏاڙا هڻي غريبن جي مدد ڪندو آهي. خير نہ چاهيندي بہ منهنجو سمورو ڌيان ان ڏي ڇڪجي ويندو هو. مٿان وري لنڊن جو حوالو بقول خانصاحب "لنڊن سويٽ لنڊن" سو مان بہ هن جي سحر ۾ بنا ڏسڻ جي اچي ويس. هوءَ موٽي اسڪول آئي. سڀجي اسٽاف لاءِ تحفا آندائين سواءِ منهنجي ڇو تہ مان هن جي وڃڻ کان پوءِ آئي هئس. پر هن جي شخصيت منهنجي لاءِ ڪنهن تحفي کان گهٽ ڪانہ هئي. سلڪي وار خوبصورت لباس ۽ پرفيوم جي خوشبو اهڙي جو هن جي اچڻ جو اطلاع اسڪول ۾ داخل ٿيڻ سان ئي ملندو هو. هوءَ واقعي خود سر مغرور قسم جي لڳي. مون کي تہ ٻين ٽيچرس جهلي بہ ڇڏيو تہ هن سان گهڻو فري ناهي ٿيو. پر چوندا آهن تہ *گرتے ہیں شہسوار ہی میدان جنگ میں* سو مان پاڻ ئي ان جي حلقي ۾ هلي ويس. پر پاڻ کي گهٽ ڪري نہ برابر جي بنياد تي. ڪجهہ ڏينهن گذريا تہ مان هن طرف مائل ٿيڻ لڳس. هن جي ڳالهين ۾ ڪو جادو هو جو مون کي هن کان سواءِ ڪنهن جي بہ ڪمپني پسند ڪانہ پئي آئي. البتہ هوءَ سڀني سان هڪ جهڙي هوندي هئي هڪ ڏينهن مون هن کي هڪ

پيِن گفٽ ڪئي جيڪا هن کي ڏاڍي وڻي. ائين ڀهرين وڪ مون ڪنئين. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ منهنجي ڀاءُ جي شادي جي دعوت سڄي اسٽاف کي ڏني. سيني چيو ته هن کي دعوت نه ڏجانءِ هوءَ ڪنهن جي به شادي تي ڪونه ويندي آهي. لفافو ڏئي ڇڏيندي مون تڏهن به هن کي دعوت ڏني پر هوءَ ته چمڪندڙ ڪارو وڳو پائي تيار ٿي فنڪشن ۾ آئي ته مون کي تمام گهڻي خوشي محسوس ٿي ۽ هڪ قسم جي برتري پڻ ته جيڪا ڪنهن جي گهر ڪانه وڃي سان منهنجي گهر آئي آهي. ٻئي ڏينهن تي اسڪول ۾ سڀ سڙيون پيون هيون ته ”وڏي ڳالهه آ ايڏو پري گاڏي ڪري وئي آهي. اسان ڏي پارٽي ۾ ڪڏهن پير پري نه آئي هن ۾ الائي ڪهڙا سرخاب جا پر لڳل آهن جو اسان ۾ ڪونهن“. بهرحال چوندا آهن ته پريپٽ ميرن به جهليون, سو منهن تي ته نه مون کي ۽ نه هن کي ڪو چئي سگهيو باقي اندر سڙئي کان پئي اگڙيون وڏائون.

مان هن جو شڪريو ادا ڪيو ته هن ڪلي چيو پنهنجن سان ڪهڙا ليکا. ادي سعيده, (مان هن کي ان نالي سان سڏيندي هئس چو ته هوءَ عمر ۾ مون کان وڏي هئي.) توکي منهنجا گهر ڀاتي پسند آيا ته هڪ ٽيچر وچ ۾ پوندي چيو ته مون کي تنهنجي نندي پيڻ وڻي ڪيڏي نه سهڻي آهي ته ادي سعيده هڪدم چيو ته مون کي ته سيني پيڻرن ۾ هيءَ سهڻي ٿي لڳي. مون حيران ٿي هن کي نهاريو. حيران ان لاءِ جو مون کي نڌيڻ کان ئي اهو احساس ڏياريو ويو ته تون سهڻي ڪانه آهين.
گڏوگڏ ناسمجهي جو به سرٽيفڪيٽ مون کي مليل هو. جنهن سبب گهر ۾ مان ايٽري ته هيسيل ۽ ڊنل هوندي هئس جو ڪو مهمان ايندو هو ته هڪدم اندر ڪمري ۾ هلي ويندي هئس. ٻيو ته ڇا پر فون جي گهنٽي وڄڻ تي ڏڪي ويندي هئس اٽينڊ ڪرڻ ته پري جي ڳالهه آهي سو هن جي ان بشارت منهنجي زندگي ۾ چوڏهن چنڊ اپاري ڇڏيا. ڪجهه مهينن کان پوءِ هن جي ماءُ گذاري وئي. مان پنهنجي اسٽاف سان گڏ هن سان ملڻ ويس ته هوءَ سيني سان رسمي ملي پر مون کي ڀاڪر پائي روئڻ شروع ڪيو ته مون کي ائين لڳو ڄڻ هوءَ نه مان روئي رهي هئس. هن جي ڀاڪر ۾ محبت سمايل هئي مان به ٽي ڏينهن لاڳيتو سندس گهر ويس پر پوءِ هوءَ به اسڪول اچڻ لڳي اسان روزانو ائين ڀاڪر پائي ملندا هئاسون. ڪير چوندو ته ”وڇڙيل مليون آهن“ ته ڪو چوندو هو ته ”گهڻن سالن کان پوءِ پيون ملن“ مطلب جيترا وات اوتريون ڳالهيون پر اسان انهن سيني کان الڳ صرف هڪ ٻئي سان مخاطب هڪ ٻئي لاءِ ديوانيون نه ڪنهن جو فڪر نه ڪو اونو ڪلندي ڪلندي وڙهڻ وڙهندي وڙهندي پرچڻ اسان جو روز جو معمول هو. ڪنهن جي به غرض ڪانه هوندي هئي. هڪ ڏينهن هوءَ موڪل ڪري وئي منهنجو وقت ڄڻ بيهي ويو هجي. مون کي مٽي کان پيرن تائين باهه وٺي وئي. آخر شارٽ ليو وٺي هن جي بنگلي تي پهتس ڏٺم ته محترمه غزل ٻڌي رهي هئي. مان هن سان ڏاڍو وڙهيس ته جي توکي موڪل ڪرڻي هئي ته مون

ڪي چوڻ پڏائي. تڏهن هن چڙ مان چيو "تون ڪا منهنجي پرنسپال آهين جو توکي اطلاع ڏيان ها" تنهن تي مون کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي مان چپ ڪري ويهي رهيس. تڏهن هن مون کي چانهه ڏني مون اها هن کان نه ورتي. هن جون وڏيون خوبصورت اکيون پاڻيءَ سان پرجي ويون اهو هن جو روپ مون پهريون دفعو ڏٺو هو نه ته هوءَ گبرسنگهه کان گهٽ ڪانه هئي. ان مهل ڪي ٽي اين تي انور حسين وسطڙي جي آواز ۾ گانو *نا قيد کرو ميکوں نا مارو ہتھکڑیاں* هلي رهيو هو. هن پيار مان پڪوڙن جي پليٽ منهنجي سامهون رکي ڳائڻ شروع ڪيو. هن جو آواز ڏاڍو سُريلو هو خير ان مهل ته مان ڪاوڙجي موٽي آيس پر سڪون مون کي به هڪ لمحي جو ڪونه مليو. آخر فون ڪري Sorry ڪئي. ان کان پوءِ اسان هڪ ٻئي کي فون تي پڏائي گڏ موڪل ڪندا هئاسين. ائين فون تي ڳالهائڻ جي عادت پئي. جيئن اسڪول مان گهر پهچندي هيس، تيئن فون تي ڳالهائڻ ٿيندو هو. ننڍي ننڍي ڳالهه تي وڏا بحث ڪندا هئاسين، جڏهن هوءَ لنڊن وڃڻ جي ڳالهه ڪندي هئي ته مان وڙهي پوندي هئي مانس ۽ هوءَ عابده پروين جو گانو *ڈھونڈو گے اگر ملکوں ملکوں ملنے کے نہیں نایاب ہیں ہم* ڳائي منهنجو رت ساڙيندي هئي. آخر هوءَ لنڊن هلي ويئي ۽ سڀ ڪجهه هوندي منهنجي دنيا ويران ٿي وئي. پهريون ڏينهن ته مان روئي گذاريو. ٻئي ڏينهن منهنجي اندر موت جهڙي خاموشي ڇانئجي وئي. هوءَ مون کي فون نمبر ڏئي وئي هئي.

پر لنڊن جي ڪوڊ جي خبر ڪانه هئي. ٽئين ڏينهن تي هن جو فون آيو هوءَ هميشه جيان ٽهڪ ڏئي رهي هئي. پنهنجي خيريت پڏائي I love you جهڙو چڙيل جملو چئي فون رکي ڇڏيائين. ان کان پوءِ ڪجهه ڪلاڪ ته مان ڪاوڙ ۾ گذاريا پر هن جي صحبت ڪاوڙ کي ڪافور ڪري پنهنجي ياد کي منهنجي مٿان حاوي ڪري ڇڏيو وري دل وندرائڻ لاءِ ڪٽي تي وي ڪوليم ته اتفاق سان گانو هليو ته تون ياد ڪرين يا نه ڪرين ياد ڪريان ٿو اکين جا بند پڇي پيا. وڏ ڦڙي مينهن وانگي ڳوڙها ڳلن تان ڳڙڻ لڳا اڪيلي ڇت تي ويٺي پنهنجي ئي لڙڪن ۾ پڳس ته چنڊ پنهنجي پوري جوانيءَ سان چمڪي رهيو هو. پهريون پيرو مون چنڊ کي ڪئين ڏوراپا ڏنا اُتي به چين نه آيم آخر ٿڪجي هيٺ هلي ويس.
ٻئي ڏينهن شام جو 5 بجي دريون کولي ڇڏيم مٿي منهنجو منهن لٽي رهي هئي پر مون کي درد معلوم ڪرڻ ئي نه ڏنو. آخر منهنجي پيڻ آئي مون کي سمجهائڻ لڳي ته ڏس هوءَ ڪيڏي خوش آهي پنهنجن ۾. تو ڪٽي پاڻ کي پريشان ڪيو آهي. اٿي گهر سنڀال. ڪپڙا مٽاءِ ته بازار هلون. نه چاهيندي به مان بازار ويس ته هن جو فون آيو ان وقت مون ميٽرو تان جوتا پئي ورتا. لنڊن جو ڪوڊ ڏسي وٺي ٻاهر پڳس ته مٿان فون ڪٽجي نه وڃي. سڀ ماڻهو مون کي ڏسي رهيا هئا. مون هن کي پنهنجي حالت پئي پڏائي ته "ادي سچو سچو وقت جيڪو توسان گذرندو هو سو اڪيلو ڪيئن گذاريان" ته هڪدم

چيائين تہ ”مان ڇا تہ ڪريان“ پيٽوو ڪاوڙجي ٿو تہ سهيلين سان ايڏو ڳالهائبو آهي ڇا ڪٽي فون سٽيائين. مون بہ پڪو پهہ ڪيو تہ هاڻي هن کي ياد نہ ڪندس، نہ فون ڪندس. اها رات تہ چڙ ۾ گذري ويئي. صبح جو اٿي اديءَ جي گهر ويس ادي سان ڳالهہ ڪريان يا نہ اجا ان اڻ تڻ ۾ ئي هيس. قسم کنيو تہ آئنده ڪڏهن بہ دوستيءَ کي دل لڳي نہ بنائيندس. پنهنجو پاڻ ماني تہ کائڻ ڇڻ وسري وئي هئي. چوٿين ڏينهن ٻارن کي اسڪالرشپ جا پئسا ڏيڻ لاءِ مون کي اسڪول گهرايو ويو اڪيلي ۽ اداس نہ چاهيندي بہ ويس. ساڳيا ماڳ مڪان پر بقول شاهہ سائين تہ:

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين
آديسي اٿي ويا مڙهيون مون مارين
جي جيءَ کي جيارين سي لاهوتي لڏي ويا

واندي ٿي سيني ڪان موڪلايم پر پري پري تائين اها پيار ڀري نهار نظر نہ آئي جيڪا رستا روڪي. چپ چاپ بس ۾ گهر موٽي آيس. هن جي تصوير ڪڍي ان سان وڙهڻ شروع ڪيم. عجيب ڪيفيت طاري هئي مون تي. بيڊ تي شاندار چادر وڇايل ڇڏي جون جهڙي گرم مهيني ۾ AC بند ڪري، پٽ تي رلي وڇائي سمهي، الائي تہ ڪنهن کي سهائي رهي هئس. اتي بہ تہ ادي رموٽ کڻي ٽي وي هلائي. سنڌي گانا هلي رهيا هئا اوچتو نئون گانو آن ايئر ٿيو تہ ”هر جاءِ پرين هر محفل ۾ مون کي تنهنجي ڪمي محسوس ٿي ٿئي“. اوچنگارون ڏيئي ايڏو رنم جو اکيون سڄي ويم. پوءِ ويهي دعا گهريم مالڪ مون کان هيءَ ياد وسار جي نہ تہ يادداشت وسار تہ جيئن مان هن عذاب مان نجات، حاصل ڪري سگهان. ان حالت ۾ ڏهہ ڏينهن گذري ويا تہ هڪ ڏينهن منهنجي ننڍي ڀيڻ مون کان ادي سعيده بابت پڇيو تہ هوءَ ڪيئن آهي؟ مان چيو تہ الائي، فون ئي ڪانہ ڪئي اٿس. تہ ان چيو تون ئي ڳالهائيس مون چيو گهر جي فون تان لنڊن جو نمبر نٿو لڳي. ان چيو تيار ٿيءُ تہ گل سينٽر تان توکي ان سان ڳالهارايان. مان هڪ دم تيار ٿيس گل سينٽر تي پنجن منٽن جي ڪال بک ڪرايم. ڪال هن جي ڀيڻ رسيو ڪئي. رسمي گفتگو کان پوءِ هن سعيده کي جيڪا بقول هن جي تہ گارڊن ۾ ٻوٽن کي پاڻي ڏئي رهي هئي. ٽي منٽ اتي ئي پورا ٿي ويا تہ هي بيگم آئي. ”فون ڇو ڪئي اٿئي؟“ مون کي سڪ لڳي آهي ان ڪري ڇڱو تون فون رک مان واندي ٿي توسان ڳالهايان ٿي. پر هوءَ واندي ڪانہ ٿي.

وئڪيشن بعد اسڪول کليا. پر خبر هئم تہ هوءَ هتي ڪانهي. پوءِ بہ نظر در ڏي هوندي هئي. هر هر دل پرجي ايندي هئي. انڪري ٽيچرس کان لنوائڻ لڳس. ڪلاس ۾ ڪاپيون چيڪ ڪرڻ جي بهاني اڪيلي ويٺي هوندي هئس. هڪ ڏينهن ڪنهن ٽيچر ٻڌايو تہ ادي سعيده جي نوڪر فون ڪئي ڇا هوءَ اچي پئي؟ مان سڄي ٿڌي ٿي ويس، پر ڪا خبر نہ پئي. اڌ ڏينهن کان پوءِ يونيورسٽيءَ ۾ M.Phil جا ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ ويس. پر ڏيان سڄو ان فون واري ڳالهہ ڏي

هو. نيٺ همت ڪري يونيورسٽي جي P.C.O تان نمبر ملايم. پريان آواز هيلو هيلو توهان ڪير؟ ادي سعيده، تون موٽي آئي آهين ۽ مون کي ٻڌايو نہ اٿئي؟ نيٺ مون چڙ مان فون رکي ڇڏي. يونيورسٽي مان رڪشہ ڪري سڌو هن جي گهر آيس. هوءَ ايڏن مهينن کان پوءِ آئي هئي. هن ڪٽي مون کي ڀاڪر وڌو. مون هڪدم ٻانهون ڇڏائي هن سان وڙهڻ شروع ڪيو. پورن ٻن مهينن جي ڪاوڙ هن تي ٻن ڪلاڪن ۾ ڪڍيم. هوءَ چپ چاپ ڪلندي رهي. شايد هن کي ناز هو تہ ڪو ماڻهو هن سان ايڏي شِدت سان پيار ڪري ٿو. نيٺ هن بہ هٽي هنڌ ڪيو ۽ مون کي پرچايائين اڃا مهينو مس گذريو تہ هوءَ پٽ جي شاديءَ لاءِ وري لنڊن هلي وئي. هن دفعي ڀيهر هن جي اسهڻ سو بہ لنڊن. مون کي جهوري ڇڏيو جدائي ۽ فراق جا فٽ مون کي اندر ئي اندر جهوريندا هئا. اهي ڏينهن اهي شينهن نہ تہ چوندس پر اهي ڳڻتيون اهي ڳاراٽا جڻ منهنجو مقدر بنجي ويا. هن جو اچڻ وڃڻ ائين ئي جاري رهيو ۽ مان هجر ۽ فراق جي عادي مجرم بنجي ويس. چو تہ مون لاءِ هوءَ سيني کان الڳ ۽ اهم هئي. وقت الائي ڪڏهن منهنجي هٿن مان واريءَ جيان وهي ويو. هن کي ياد ڪندي ڪندي آخر مون بہ وساري ڇڏيو. پر ياد انهن کي ڪبو آهي جيڪي وسري ويا هجن هي تہ منهنجي روح ۾ رچيل هئي. هن سان گذاريل گهڙيون منهنجي زندگي جو حسين سرمايو هيون. ان وچ ۾ ڏهہ سال گذري ويا هن کي لنڊن ويندي. اڄ مون کي هن جي موت جي خبر سا بہ ڏهہ ڏينهن گذرڻ بعد ملي. ان وقت بلڪل فلمي سين جيان منهنجي هٿن مان چانهہ جو ڪوپ ڪري پيو. مان هڪدم ڪمرو بند ڪري هن کي ياد ڪندي هن جون ڳالهيون ڪندي روئندي رهيس. ڪنهن سان سور سليان ڪنهن کي ميار ڏيان وقت کي وڇوڙي کي يا پنهنجو پاڻ کي. دنيا ڇڻ هن جي وجود سان هئي. سچ چوندي هئي اسان سان ڪچهريون ڪريو دوستو هليا ويندا سين. اوچتو اوچتو. نہ موڪلاڻي، نہ ميار، ڪا تہ گنجائش ڇڏي ها، تو محبت جيان جدائي بہ انوکي ڪئي. ادي چوندا آهن تہ روح رولاڪ ۽ چنچل هوندا آهن جي ائين آهي تہ اچي ڏس مان اڄ بہ صرف توکي ياد ڪيان ٿي. منهنجي ذات جا سڀ ڏانءَ صرف تنهنجي چوڌگرد طواف ڪن ٿا. منهنجي ڪهاڻين جا سمورا ڪردار تنهنجي وجود جو تجلو آهن. منهنجي شاعري جي هر جذبي ۾ تنهنجا پيارا پل وڪريل آهن. اڄ بہ تنهنجي ياد ڪنهن مڌر سنگيت جيان مون کي تاثير ڏيندي آهي تو جيڪو درد پيڙا غم هجر ۽ فراق مون کي ڏنو سو منهنجي لاءِ ڪنهن دولت کان گهٽ نہ آهي. اڄ تنهنجو جنم ڏينهن آهي ۽ مان ساڳي پراڻي وش wish توکي ڏيندس تہ تنهنجي ياد منهنجي دل ۾ هزارين سالن تائين زنده رهندي. پوءِ مان هجان يا نہ هجان...!

❊

انيس هارون

روزينا جوڻيجو



# يادگيريون

پنهنجي ذات جي حوالي سان هميشہ ٻن شين تي الاهي اعتماد رهيو. هڪ پنهنجي يادداشت تي ۽ ٻيو ڳالهائڻ جي سگهہ تي پر هاڻ ايئن لڳي ٿو ڄڻ ڪجھ ڳالهيون ڇهرا ۽ الفاظ ذهن تان وسرندا ٿا وڃن. نالو ياد آهي پر مهاندو ياد ناهي، شڪل سڃاتل آهي پر نالو ياد ئي نہ ٿو اچي. الفاظ زبان تي اچي گم ٿيو وڃن. هاڻ اوهان ڇرين وانگر سوچيندا رهو تہ مان ڇا ٿي چوڻ چاهيان. دڪان تي بيٺي آهيان ادا هي شيءِ ڏيو. هاڻ دڪاندار ويچارو ڇا ڄاڻي تہ ڇا ڏيان. خير اها اهڙي ڪا خاص ڳالهہ بہ ناهي. عمر جي هڪ حصي ۾ تہ اهو بہ ٿيندو آهي. پر مون سان هڪ تجربو نئون آهي ۽ ڪجھ پريشان ڪرڻ وارو. پر هونئن تہ منهنجو مڙس جيڪو پاڻ ڊاڪٽر آهي. چوي ٿو تہ "بي بي هر بيماري جي دوا ناهي هوندي 60 سالن کان پوءِ جيڪو ڪجھ ٿيو ان سان دوستي ڪرڻ گهرجي، تہ مان ڪري ڇڏيندس پر ذهن ۾ بيشمار يادگيريون آهن انهن جو ڇا ٿيندو؟ ڪنهن کي انهن سان ڪو مطلب هجي نہ هجي پر ٻار تہ آهن انهن کي تہ ڄاڻڻ جو حق آهي تہ اسان ڇا ڪيو آهي؟ سڄي زندگيءَ جي ڪمائي آهي ڇو نہ ان کي محفوظ ڪيو وڃي. دماغ بہ تہ ڪمپيوٽر وانگر آهي. ڇو نہ ان کي ڪجھ ڊائون لوڊ ڪيو وڃي. مون اها ڊئون لوڊ جي اصطلاح تہ پنهنجي پنجن سال جي پوٽي کان سکي آهي. هڪ رات مان ان کي ڪهاڻي ٻڌائيندي ڪجھ سوچڻ لڳس تہ هن پنهنجون اکيون ڇنڀيندي چيو "ڏاڏي آر يو ڊائون لوڊنگ؟" مان کلي پيس ان تي مون کي هڪ واقعو ياد آيو تہ نئين نسل جي زبان ڪيتري ڪمپيوٽرائيزڊ ٿي ويئي آهي. هارون مون کي ٻڌايو تہ هڪ نوجوان ڇوڪرو پنهنجي والد کي ان وٽ وٺي آيو جڏهن هن پڇيو تہ ڪهڙي شڪايت آهي تہ ڇوڪري پنهنجي والد طرف اشارو ڪري ٻڌايو تہ "ڊاڪٽر صاحب هي ويئي ويئي "هينگ" ٿي وڃي ٿو. هڪ اسان جو نسل هو جيڪو ريڊيو ۽ ٽيليفون جي علاوه ڪجھ ڄاڻي ئي نٿو. پاڪستان ۾ ٽي وي بہ اسان جواني ۾ ڏٺي. 1967ع کان ڪراچي اسٽيشن شروع ٿي هئي. ان کان پهرين لاهور جي ٽرانسميشن شروع ٿي چڪي هئي. نہ تہ صبح صبح هر گهر ۾ يا تہ امين مياني جا گيت مالا ٻڌائيندي هئي يا وري حامي ميان جهڙا ڪردار ڳالهائيندا هئا.

منهنجي زندگيءَ جا 65 سال ڪٿي گذريا ٻين کي ان سان ڪهڙي دلچسپي ٿي سگهي ٿي. ها اهي تجربا جن کي مون سياست ۽ تحريڪن ۾ جمع ڪيو ڪجھ ڪم جا ٿي سگهن ٿا. اسان 1960ع جو نسل آهيون جيڪو تحريڪن ۾ پلجي وڏا ٿياسين ۽ مڇي جي ٻچن جيان جنهن کي سيکارڻ جي ضرورت نہ هوندي آهي اسان بہ پاڻ ئي هلي انهن تحريڪن جو حصو بنجي وياسين. ڪٿي مان اهو تاثر تہ نہ ڏئي رهي آهيان تہ منهنجي زندگي صرف جدوجهد ۾ رهي نہ ان ۾ ڪا رنگيني هئي نہ چاهتون نہ شو جنون ايئن بہ بلڪل بہ نہ آهي. هڪ عام انسان وانگر محبتون بہ

حاصل ڪيون، ڪاميابيون ۽ مليون ناڪامين جو منهن ۽ ڏنو. دل ڪولي رنو ۽ ۽ دل ڪولي ٽهڪ ۽ ڏنا. غربت، نوابي، ويچارگي، زندگي جا سڀ رنگ ڏٺا ۽ خوب ڏٺا، پنهنجن جي بي رخي ۽ غيرن جي پنهنجائپ. دولت جا انبار ڪٺڻ جي هوس. خالي هٿن جو فڪر ۽ شاهوڪاري. ڪهڙا ڪهڙا تماشا زندگي ڏيکاريا. هڪ دلچسپ ڳالهه جنهن جو مان هتي ذڪر ڪندس اها هيءَ ته جڏهن مان ”نقوش جي آپا بيتي نمبر“ جون 1964ع فراق گورک پوري جي آتم ڪٿا پڙهي، جنهن ۾ هن پنهنجي جذباتي شخصيت تي روشني وڌي آهي. مون کي ائين لڳو جيئن هو پنهنجي نه پر منهنجي باري ۾ ڳالهه ڪري رهيو آهي. پڙهو هو ڇا چئي ٿو ”ٻاراڻي وقت ۾ هي مان پنهنجي پيڻ ڀاءُ کان پاڻ کي مختلف سمجهندو هيس. جيئن مان انهن سڀني کان گهڻو جذباتي هيس. محبت ۽ نفرت جي غير معمولي شدت مان پنهنجي اندر ۾ محسوس ڪندو هيس، مانوس شيون ۽ مون کي حد درجي نامانوس ۽ عجيب محسوس ٿينديون آهن. قدرت جي منظرن کان مان ايترو متاثر ٿيندو هيس جو انهن ۾ گم ٿي ويندو هيس. منهنجي ننڍپڻ جي دوستي ۽ شديد قسم جي ٿيندي هئي، ننڍپڻ جا رانديڪا ۽ رانديون سان ۽ ايترو گهرو لڳاءُ محسوس ڪندو هيس ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته گهر وارا منهنجو مذاق اڏائيندا هئا. شعوري طور تي حسن ۽ خوبصورتيءَ جي احساس مان هئڻ واري جنسيت منهنجي اندر ۾ جواني کان ڪافي پهرين پيدا ٿي چڪي هئي.“

”مان هتي فلمن جو اضافو ڪندس.“ انهن قدرن جي جهلڪ ڏيکاري ٿي وئي ان سان اڪثر منهنجيون اکين ۾ ڳوڙها اچي ويندا هئا. جڏهن ته منهنجي گهر ڀريل هو ۽ مان تمام گهڻو سڀن سان هريل هئس. پوءِ به ننڍپڻ کان پنهنجي اندر هڪ احساس تنهائي محسوس ڪندو هيس.“

شايد مان پنهنجو پاڻ کي اهڙيءَ طرح بيان نه ٿي ڪري سگهان، انڪري جڏهن مون فراق صاحب جي شخصيت ۾ پنهنجو پاڻ کي ڏٺو ته اها پيراگراف اوهان جي نذر ڪري ڇڏي. جهڙيءَ طرح فراق صاحب جي عملي زندگي ۾ اشتراڪيت جي فلسفن توازن پيدا ڪيو ۽ ان کي رومانوي مزاح سان دنيا کي بدلائڻ ۽ بهتر ڪرڻ لاءِ پنهنجو حصو وجهي ڇڏيو. مون سان به ائين ٿيو. ڪاٻي ٻانهن جي سوچ سان گڏ مزاج جي رومانيت به پروان چڙهندي وئي. جڏهن مان پنهنجي زندگيءَ جي باري ۾ سوچيندي آهيان ته هڪ ڳالهه سامهون ايندي آهي ته منهنجي سياسي نظرين هڪ سانچو ٺاهيو آهي، جنهن ۾ منهنجي زندگي سمائجي وئي، سياست سان هم آهنگي مون کي گهر کان ملي. منهنجو والد مرحوم حيدرآباد دکن جي نظام ۾ مخدوم محي الدين سان گڏ پڙهيو هو ۽ ان جو تعلق نواب خاندان سان هو. پر ان ۾ نوابي بلڪل نه هئي پائرن م سڀن کان ننڍو هو منهنجي والده ۽ پراڻيون ملازمائون ان کي انهيءَ نالي سان سڏينديون هيون. دوست به اهو چوندا هئا. ها البت منهنجو نانا ان کي دولهو پاشا (گهوٽ پاشا) چوندو هو ۽ امي پنهنجي ساهرن ۾ ڪنوار پاشا جي نالي سان سڃاتي ويندي هئي ۽ نانا وارا امان کي چاند شهزادي چوندا هئا. مطلب ته گهر ۾ خالص حيدرآبادي ماحول هو. بابا ڊاڪٽر ٿيڻ چاهيو پئي، پر ڏاڏا کي اهو پسند نه هو ته هو روايتي جاگيردارانو پيشو ڇڏي. آخر هو مجبورن برٽش آرمي ۾ ڀرتي ٿي ويو.

جيئن هن جي سيني پاٽرن ڪيو. ڇو ته ان زماني ۾ جاگيردارن جا پار اهو ئي ڪندا هئا. ٻي جنگ عظيم شروع ٿي چڪي هئي. "ڊيره دون" ۾ ٽريننگ کان پوءِ ان کي برما جي محاذ تي موڪليو ويو جنگ ختم ٿي ته واپس اچي شادي ڪئي، مان ان جو پهريون ٻار هيس. چئن سالن کان پوءِ هڪ ڀاءُ سيد اعجاز حسين ڄائو. هن وقت تائين پاڪستان ٺهي ويو هو بلڪ حيدرآباد دکن ۾ پوليس ايڪشن به ٿي چڪو هو. منهنجو والد ۽ ماسڙ جيڪي ڊاڪٽر هئا ٻنهي جي ذهن ۾ پاڪستان اچڻ جو سوال هو سو اسان اچي وياسين. نانو ۽ ناني جن جون ٻه ٿي ڌيئرون هيون. سو سندن جدائي سبب ڏک ۾ بيحال ٿي پنهنجو گهر ۽ سڀ ڪجهه ڇڏي هنن جي پويان پاڪستان اچي ويا. ناني ته هڪ سال ۾ روئي روئي ٽي بي جي مريض بڻجي وئي. گهڻو عرصو زندهه نه رهي ان جو موت منهنجي زندگي جو پهريون ڏک هو وري پنج ڇهه سال مس گذريا هوندا ته وري منهنجو هڪ 6 مهينن جو ڀاءُ الياس گذاري ويو. پر ننڍپڻ به ڇا ته شيءِ آهي. ڪجهه ڏينهن ۾ سڀ ڪجهه وسري ويو. امي پنهنجي ماءُ ۽ ٻار جي ٻي وقتي موت جو تمام گهڻو اثر ورتو. مان اڪثر ان کي روئيندي ڏسندي هيس. پاڪستان اچي ان جي زندگي هڪدم بدلجي ويئي هئي. ڪٿي نازن سان پليل چاند شهزادي ۽ ڪٿي ڪائين جي چلهي تي باهه کي ڦوڪون ڏيندڙ بيگم. هن زندگي ۾ ڪڏهن ڪاڄو نه پچايو هو. عيدن تي ڪاڄو تيار ٿيندي ضرور ڏسندي هئي. پاڻ ٻڌائيندي هئي ته جڏهن پهريون دفعو ڪائيون ساڙي ڪاڄو پچايو ۽ هٿن ۾ ڪارنهن ڏٺي ته زارون زار رنو ته يا الله هي به ڏينهن ڏسڻا هئا.

اسان جو ماسڙ ته ڊاڪٽر هو ان ته پنهنجو دواخانو کوليو جيڪو آهستي آهستي ڄمي ويو. اسان هڪ ئي گهر ۾ نانا سان گڏ رهندا هئاسين. منهنجو والد تمام سادو انسان هئو. ڪافي دفعا واپار شروع ڪيو ڪڏهن "جون" جو ڪارخانو ته ڪڏهن "سائيڪلن" جو دڪان هر جڳهه نقصان ئي نقصان ٿيو. اهو ته مهرباني هئي حيدرآباد ٽرسٽ جي، جو ان ۾ کيس نوڪري ملي ويئي ۽ پنهنجي سائيڪلن جي دڪان مان بچيل هڪ سائيڪل تي فيڪٽري وڃڻ لڳو. ڪٿي ته هو گاڏين جو ايترو شوقين جو الفاروميواسٽن ۽ شڪار ڪرڻ لاءِ جيپ ۾ گهمڻ وارو ۽ هاڻ پاڪستان ۽ مسلمان هئڻ جي خواهش جي مرڪز تائين پهچڻ جي شوق ۾ سائيڪل تي چڙهي ويو! امي ڪافي دفعا ٻڌيو ته ان جا ڪافي ويجها دوست پاڪ فوج ۾ سٺن عهدن تي آهن تون به وڃ پر سندس جواب هو ته مون کي جنگ سان ڪاٻه دلچسپي ناهي. دلچسپي ٿي ته اها ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن سان مون گهر ۾ هميشه ان کي پڙهندي ۽ ڪتابن رسالن تي لڪيرون پائيندي ڏٺو. ڏاڍي سادي زندگي هئي. هجرت ڪري اچڻ وارن کي مملڪت خدا جي رهائش واري جڳهه جو نالو "خداداد ڪالوني" رکيو ويو هو. گهڻو ڪري هندستان جي مختلف علائقن مان اچڻ وارن کي اُتي رهايو ويو هو. سڀ پاڪستاني هئا مهاجر ڪوبه نه هو. هتان جا رهڻ وارا ڪجهه ڊاڪٽر هئا ڪجهه ڊاڪٽري جي تعليم حاصل ڪري رهيا هئا. اسان جي پاڙي ۾ ڊاڪٽر فضل ڪريم، ڊاڪٽر قريشي ۽ ڊاڪٽر فصاحت گهڻو مشهور هئا. سرڪاري آفيسرن ۾ مختلف عهدن تي ڪم ڪرڻ وارا ماڻهو

هئا. هڪ ماڻهو جيڪو سامهون واري گهر ۾ رهندو هو وڏي عهدي تي فائز هو ۽ سڄي پاڙي کي خبر هئي ته ان کي هڪ هزار ماهوار پگهار ملندو آهي. ان جي زال الاهي سمارٽ هئي ۽ ان وٽ هڪ آسٽن گاڏي به هئي. اسان جي گهر جي سامهون هڪ پاڻي جو نلڪو هو جتان حبشي پاڙي جي گهرن ۾ پاڻي ويندو هو. بجلي ۽ گهرن ۾ نل اچڻ تائين هي روز جو معمول هو. پاڙي جا سڀ ٻار هڪ ٻئي کي سڃاڻندا هئا ۽ وڏا به. شام جو اسان ٻاهر کيڏندا هئاسين ۽ مغرب جي بانگ تي سڀ پنهنجي پنهنجي گهر هليا ويندا هئاسين. اسان جي گهر واريءَ گهٽي ۾ هڪ اسڪول هو جيڪو ڊاڪٽر قريشي جي ماسي هلائيندي هئي. ان جون به ڌيئر هيون. هڪ محمدي ۽ ٻي طاهره ۽ ڪجھ ٻيون ٽيچر به هيون. پڙهائي تمام سٺي هئي. مان اتي ويندي هيس وڏي ٿيس ته پوءِ سرڪاري اسڪول وڃڻ لڳس. اسان جي گهٽي ۾ هڪ نقوي صاحب رهندو هو. محرم ۾ باقاعدگيءَ سان ان وٽ مجلس ٿيندي هئي ۽ مان ڊڪي ان جي گهر پهچي ويندي هيس. مون کي هميشه واقعي ڪربلا ۾ عجيب ڪشمڪش محسوس ٿيندي هئي. رزم ۽ مزاحمت سان منهنجو پراڻو رشتو هو. نارٿ ناظم آباد ۾ پنهنجي پاڙيسرياڻي ادي رضيه سان گڏ مجلسن ۾ ويندي هيس ۽ هاڻ به ويندي آهيان. هارون چوندو آهي ته تون فنڪشنل شيعا آهين.

اسان جي پنهنجي گهر ۾ به محرم جو احترام ٿيندو هو. امان ڏهه ئي ڏينهن ڪو به نئون وڳو پائڻ يا موسيقي ٻڌڻ جي اجازت نه ڏيندي هئي. پنجين ڇهين محرم کان نذر نياز شروع ٿي ويندو هو ۽ عاشوري جي ڏينهن عصر جي نماز کان پوءِ ماني ملندي هئي.

منهنجي تعليم جي ذميداري منهنجي ناني ڪنئين هئي ۽ امان به پنهنجي ڪمن مان واندي ٿي مون کي ضرور پڙهائيندي هئي. صبح اسڪول وڃڻ کان پهرين ناني کي اخبار پڙهي ٻڌائڻ منهنجي ذميداري هئي، حالانڪ هو پاڻ پڙهي سگهي پيو منشي هو. ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي به فائز رهي چڪو هو پر اهو ڪم منهنجي سپرد ڪيو ويو هو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو مان ملڪ ۽ دنيا جي حالتن کان واقف ٿيندي ويس. انهن ڏينهن ۾ اسان جي گهر ۾ ”انجام اخبار“ ايندي هئي، جنهن جو ايڊيٽر شايد ابراهيم جليس هو ۽ محموده سلطانه جيڪا ”عامر لياقت جي والده هئي“ ان جو ڪالم ”برق و شرر“ ڇپجندو هو. مسلم ليگ جو هي دور هو سردار عبدالرب. نشتر، نواب صديق علي خان، خواجه ناظم الدين وغيره. اهڙيءَ طرح تمام ننڍي عمر ۾ ئي منهنجي سياست سان دلچسپي ٿيندي وئي. بين الاقوامي منظر نامي تي دنيا ۾ جمال عبدالناصر هيرو بنجي اڀريو هو. عرب قوميت جي نعري کي ”نهر سوئز“ تي برطانيه ۽ فرانس جي حملي مهميز عطا ڪيو. پاڪستان ۾ به شديد رد عمل هو مان انهن ڏينهن ۾ سرڪاري اسڪول ۾ پڙهندي هيس. اها 1956ع جي ڳالھ آهي. ان وقت منهنجي عمر ڏهه سال هوندي. مون کي اهو ڏينهن اڃا به ياد آهي، جيڪو منهنجي ايڪٽوازم جي ابتدا ٿي. اسان ڪلاسن ۾ هئاسين ته اچانڪ گوڙ ۽ نعرن جا آواز اچڻ لڳا. معلوم ٿيو ته اڄ نهر سوئز تي حملي جي خلاف وڏو مظاهرو ٿي رهيو آهي ۽ مقامي ڪاليجن جا شاگرد بسون ڀري اسڪول بند ڪرائڻ آيا آهن. اسان جي موڪل ڪئي وئي، شاگرد يونين... مرده باد

۽ جمال عبدالناصر جي وڏي تصويرون کڻي عرب دنيا جو هيرو زنده باد جا نعرا لڳائي رهيا هئا. مان ۽ منهنجي دوست ناهيد وڏي جوش سان انهن کي ڏسي رهيا هئاسين. ڪنهن منهنجي هٿ ۾ جمال ناصر جو پوسٽر پڪڙائي ڇڏيو ۽ مان ان هجوم سان گڏ هلي وبس، بس ۾ ويهو ڇوڪريون. ڪنهن شاگرد چيو ۽ پوءِ اسان بئي عجيب ڪيفيت سان سرشار بس ۾ چڙهي وياسين ۽ ٿوري ئي دير ۾ انهن جي پرجوش نعرن ۾ اسان جو آواز بہ شامل هو. بسون خبر ناهي ڪٿي ڪٿي گهمنديون هڪ جڳهه اچي رڪيون، سڀ لهڻ لڳا. سامهون هڪ گرائونڊ ۾ جلسي جو انتظام هو. رنگا رنگ پوسٽر جوشيليون تقريرون ۽ نعرن جو منظر هو. اچا ڪوٽ پاتل ميڊيڪل ڪاليج جا شاگرد ۽ شاگرديائيون وڏي تعداد ۾ شامل هئا. هڪ ڇوڪري وڏي دلچسپ تقرير ڪئي.مون کي ڏاڍو سٺو لڳو ۽ مون سوچيو ڪاش مان بہ وڏي ٿي اهڙي تقرير سان ماڻهن ۾ جوش ولولو پيدا ڪري سگهان.ائين لڳي پيو ڄڻ نوجوان بسن ۾ ويهي يا پيدل ئي "سوئز" جي محاذ تي هلي رهيا آهن. هارون چوندو آهي تہ هو بہ ان مظاهري ۾ موجود هو ۽ ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهندو هو ۽ (شايد اُها تقرير ڊاڪٽر شميم زين الدين ڪئي هئي) جيڪو پيپلز پارٽي جي عملي سياست ۾ منهنجو رفيق بنيو. بهرحال جڏهن سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو ۽ ماڻهو واپس وڃڻ لڳا تہ مون هوش سنڀاليو تہ مان ڪٿي آهيان؟ هي شهر ڪهڙو آهي؟ علائقو ڪهڙو آهي؟ مون کي ڪجهه خبر نہ هئي. منهنجي دوست ناهيد ڪڏهن کي وڃي چڪي هئي. شام ٿي وئي هئي ۽ منهنجي دل خوف کان ڌڪي رهي هئي تہ هاڻي گهر ڪيئن وڃان. ڊبي ۾ صرف چار آنا پيا هئا. جيڪي اسڪول کان سوسائٽي آفيس منهنجي گهر تائين پهچڻ لاءِ بس جو ڪرايو هو. شام ٿيڻ واري آهي. گهر وارا پريشان ٿيندا هوندا. ڊپ کان مان هڪ بند عمارت ۾ سيڑهين تي ويهي روئي رهي هيس. اها برٽش ڪائونسل لائبرري هئي. ۽ پوءِ خبر پئي تہ پاڪستاني چوڪ جو علائقو آهي، مون کي روئندو ڏسي هڪ سپاهي مون وٽ آيو ۽ روئڻ جو سبب پڇيو مون پنهنجو داستان ٻڌايو تہ هن چيو تہ اچ مان تو کي سوسائٽي آفيس وٺي هلان ٿو اُتان تو کي پنهنجو گهر ملي ويندو. هن اُتا گذرندڙ خالي رڪشہ کي روڪيو. مون هن کي چيو تہ مون وٽ رڪشا جا پئسا نہ آهن. تون فڪر نہ ڪر اچ مون سان گڏ ويهہ هن چيو ۽ مان اعتماد سان پوليس واري سان گڏ ويهي رهيس. ڪيترا سٺا ڏينهن هئا وردي تان اعتبار نہ کڄيو هو. گهر پهتس تہ امان دروازي تي بيٺي هئي. پهرين تہ پوليس واري سان گڏ ڏسي پريشان ٿي، پر جڏهن سڄو معاملو کليو تہ اندر اچي خوب دڙڪا ڏنائين ۽ گڏ اها ڌمڪي بہ ڏني تہ اچڻ ڏي تنهنجي بابا کي. بابا جي اچڻ سان ئي مون کي ان جي سامهون پيش ڪيو ۽ پنهنجي پريشاني جي تفصيل امان ٻڌائي، ظاهر آهي 2 لڳي گهر پهچڻ واري ڇوڪري جو 7 وڳي تائين نہ آئي تہ ان تي ڇا گذري هوندي! پر بابا سڀ ڪجهه ٻڌي مسڪرايو ۽ مون کان مظاهري جي تفصيل ٻڌڻ لڳو. امان خفا ٿي هلي وئي تہ دڙڪا ڏيڻ بجاءِ ڏيءُ جي همت افزائي پيو ڪري. اهو واقعو مون کان ڪڏهن بہ نہ ٿو وسري. مون کي لڳي پيو تہ ڄڻ مان هڪ مظاهري مان هڪ

آهيان ۽ سڀ نيا آهن. خون جي رشتن جي سڃاڻپ تہ هئي پر هاڻ هڪ نيو رشتو جو نظريات سان جڙيل هو. منهنجي زندگي ۾ پنهنجي جڳهہ ٺاهي چڏي. ڪجهہ عرصو اسان جي رهائش الاهي بخش ڪالوني ۾ بہ ٿي جتي منهنجي ننڍي پڦي جو گهر هو. پاڪستان ۾ ان جي دل نہ لڳي تہ هو واپس حيدرآباد دکن منهنجي ڏاڏيءَ وٽ هلي ويئي. پنهنجي ٻارن تهذيب آپا، جاويد ۽ رفعت کي بہ وٺي ويئي. پر پڦڙ نہ ويو. بابا سان ان جا وڏا علمي بحث مباحثا ٿيندا هئا. اتي "بارون" جو نالو منهنجي ڪن تي پيو. مون پڦڙ کان ان جي نظريہ ارتقا جي باري ۾ ڪجهہ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. پر الاهي ڪنفيوز هو. ننڍپڻ ۾ ڪجهہ ٻڌو هو ۽ هاڻ هڪ نئين ڳالهہ بابت سمجهڻ ۾ وڏو عرصو لڳو. هونئن بہ انهن شين کي سمجهہ ۾ هڪ عمر گهرجي، ناني کان نماز قرآن روزو سڀ ڪجهہ سکيو. اهوئي طرز زندگي رهيو منهنجو والد ڪابي ٻانهن سان پيار رکندو هو پر دهريو نہ هو. مذهب ان جي لاءِ ذاتي معاملو هو. مون هميشہ ڪين پورا روزا رکندي ۽ تلاوت ڪندي ڏٺو ٻارن تي مذهب مسلط نہ ڪندو هو. پر نماز جي تلقين ضرور ڪندو هو.

خير ڳالهہ ڪٿان ڪان ڪٿي پهچي ويئي. مان زندگيءَ جي باري ۾ اول تہ شروع کان سنجيده هيس. پر ٻارن واري شوخي بہ پنهنجي جڳهہ تي هئي. پڑهائي سان منهنجو شوق ڏسي وڏا چوندا هئا. تہ هي ٻار ڪافي مختلف آهي ضرور وڏي ٿي ڪجهہ نہ ڪجهہ بنجندي، خاندان جو نالو روشن ڪندي ۽ اها خواهش منهنجي لاءِ ٻوجهہ بہ هئي. ڪافي دفعا ٻين ٻارن وانگر شرارتون ۽ ٻي جا ضد ڪرڻ تي منهنجي بہ دل چوندي هئي. پر پنهنجو پاڻ کي روڪي چڏيندي هيس. ان جو مطلب هي ناهي تہ مان ٻين ٻارن وانگر گڏين گڏن جي شادي لڪلڪوٽي ۽ ڪوڏين راند نہ ڪئي. اهو سڀ ڪيو پر سنجيده ۽ ٻين کان الڳ ٿلڳ جو لقب جيڪو ملي ويو هو ان کان ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش گهٽي نہ ڪئي. ڳوٽن ۽ لچڪندڙ ڪپڙن ميندي، چوڙيون ڪڏهن بہ منهنجو شوق نہ رهيون. گهر ۾ سيني کان وڏي بہ هيس. منهنجا پائر ۽ پيٽون ماسيءَ جا ٻار سڀ مون کان ننڍا هئا. سيني جي ادي مان هيس. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ پنهنجي ڪلاس ۾ هميشہ سيني کان ننڍي رهيس. دراصل ٽئين ۽ چوٿين ڪلاس کان پوءِ مون گهر تي ٻن استادن کان ٽيوشن پڙهڻ شروع ڪئي منهنجو نانو جنهن منهنجي زندگيءَ تي گهرو اثر چڏيو آهي. منهنجي باري ۾ گهڻو ambitious هو. مون کي پنجاب ميٽرڪ جو امتحان جلد کان جلد ڏيارڻ چاهي پيو. اسڪول ۾ بہ چوٿين ڪلاس کان پوءِ منهنجي ڇهين ڪلاس ۾ داخلا ڪرائي وئي ۽ پوءِ مون پنهنجي زندگيءَ ۾ پهرين تقريري مقابلي ۾ حصو ورتو ۽ پهريون انعام کٽيو.

اقبال منهنجو پسنديده شاعر ۽ پرل اس بڪ جا ڪتاب الاهي سٺا لڳندا هئا. گڏوگڏ رضيہ ٻٽ جا ناول پڙهڻ ۾ بہ مزو ايندو هو. ڏاڍي جذباتي قسم جي ڇوڪري هئس ۽ هاڻي بہ آهيان. انسان ۽ فطرت سان تمام گهڻو لڳاءُ آهي، جيڪو بہ ٿورو پيار ڪري اهو سٺو لڳندو هو ها جمال ناصر پسنديده تہ هو جميلہ الجزائري ۽ ليليٰ خالد بہ دل ۾ سمائجي چڪا هئا. انهن جي تصويرن جا پوسٽر ۽ اخبارن جي ڪٽنگ منهنجي ڪتابن ۽ وهاڻي جي هيٺان هوندي هئي، پيسا جمع ڪري انهن جي تصويرن جا سٺا فريم بہ

ٺهرايا هئا. گهڻا پئسا نہ هوندا هئا پوءِ بہ گرلز گائيڊ جون تصويرون ڏسي هڪ ڊريس ٺهرائي هئم، جنهن کي پائي گهٽيءِ ۾ مارچ ڪرڻ ۾ وڏو مزو ايندو هو. گهر جا حالات گهڻا سٺا نہ هئا، امان تمام گهٽ آمدنيءِ ۾ گذارو ڪندي هئي ۽ اسان ڇئن ٻارن کي پالي رهي هئي. بابا پگهار سندس حوالي ڪري ڇڏيندو هو ۽ بس پنهنجي ڪتابن ۾ گم ٿي ويندو هو. منهنجون ٻہ ڀيون ڀيڻون نفيس ۽ نسرين بہ اچي ويون هيون. جيڪو بہ هوندو هو صبر شڪر سان کائي وٺندا هئاسين. اها عمر ئي اهڙي هئي جو گهٽيءِ پرواهہ نہ هئي. مان پنهنجي دنيا ۾ گم رهندي هيس پائر ۽ ڀيڻون بہ ننڍيون هيون. انهن کي بہ گهڻو احساس نہ هو صرف امان هئي جيڪا ڏکايل رهندي هئي. حيدرآباد دکن جي آرامده زندگي ۽ پنهنجي سهيلين کي ڇڏي اچڻ جو ڪيس ڏک هو ان کي پاڪستان ۾ رهڻ پسند نہ هو ۽ بابا واپس وڃڻ نہ پيو چاهي.

ناني بہ نانيءَ جي انتقال بعد واپسيءَ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو هو. پنهنجي ٻن ڌيئن کي ڇڏي ڪاڏي وڃي. پنهنجو گهر سامان سميت بند ڪري آيو هو. جيڪو هندستان جي حڪومت متروڪ قرار ڏئي قبضي ۾ ڪري ڇڏيو. امي هر رات مون کي روايتي ڪهاڻيون ٻڌائڻ جي بجاءِ حيدرآباد، اورنگ آباد ۽ خبر ناهي ڪهڙن ڪهڙن شهرن جا قصا ٻڌائيندي هئي. هن جي پنهنجي ماسيءَ جي ڌيءَ منيره ماسي سان الاهي قرب هو. هوءَ ان جي عزيز جان سهيلي هئي. اڪثر انهن کي ياد ڪري روئندي هئي. وڏا وڏا خط ايندا ۽ ويندا هئا. ٽيليفون جوا يترو رواج نہ هو. خدا نہ خواستا ڪا وڏي خبر يا ڪنهن جي اچڻ جو اطلاع ڏيڻو آهي تہ تار (ٽيليگرام) ايندو هو. اهو بہ اڪثر آڌي رات جو سيني جون دليون دهلجي وينديون هيون. خير جي خبر هجي.

امي مون کي حيدرآباد جي ماڻهن ۽ چپي چپي کان ايترو تہ مانوس ڪري ڇڏيو جو جڏهن اسان 1958ع ۾ اتي وياسين تہ مون کي سڀ ڪجهہ ڄاتل سڃاتل پيو لڳي. چار مهينا قلعہ، گولگندو، خوبصورت ندي، اورنگ آباد، خلد آباد، ايلورا، اجنتا، گلربگہ، مير جملہ تالاب تي واقع نانيءَ جو گهر ۽ صابر گلشن جهان ۾ امان جي پياري ماسي رهندي هئي، امان مون کي سڀ جڳهيون گهمائي چڪي هئي، هوءَ پاڻ هميشہ ان دنيا ۾ رهندي هئي، جيڪا پوئتي ڇڏي آئي هئي، هجرت بہ ڇا شئي آهي ڪيترو تنها ڪري ڇڏي ٿي. انسان جو کي زمين ۽ ماڻهن کان رشتو ٽٽي وڃي تہ زندگيءَ ۾ ڇا رهجي وڃي ٿو بس ساهہ جون تارون لٽڪنديون رهجي وينديون آهن. ايئن نہ ٿيو تہ انهن زندگيءَ کان رشتو ٽوڙي ڇڏيو ان جو ذڪر مان بعد ۾ ڪندس.

رشتن ٽٽڻ جي ڏک جو احساس اهو ٿي ڪري سگهي ٿو جيڪو پاڻ ان مان گذريو هجي. منهنجي دل چئي ٿي تہ جيڪڏهن حيدرآباد دکن کان هجرت نہ ڪيون ها تہ شايد منهنجي امان اڃا تائين زنده هجي ها. منيره ماسي اڃا حيات آهي. اهي ڳالهيون جنهن طرح کلنديون پيون وڃن ڪٿان کان شروع ٿين ٿيون ۽ ڪٿي ٿيون ختم ٿين. ڪڏهن تہ دائرن ۾ گهمن ٿيون ۽ ڪڏهن پتنگ جي ڏور وانگر الجهي وينديون آهن ۽ ڪڏهن ترين جيئن سڌي پٽڙي تي ڊوڙنديون آهن. پر گهرائي تائين تڏهن پهچنديون. جڏهن ڏک جي سمنڊ سان آشنائي هجي.

*

ڊاڪٽر شجاع احمد مهيسر



# مارگريٽ ٿيچر جون يادگيريون


جڏهن سال 2011ع پڇاڙي ڪرڻ وارو هو تہ مان ان وقت لنڊن ۾ ڪوبورن روڊ Coborn Road تي واقع فليٽ نمبر 94c ۾ رهندو هوس. سرديءَ جي موسم پنهنجي عروج تي هئي. ڊسمبر مهيني کي شروع ٿيندي ٻيو ڏينهن هو ۽ مان پنهنجي ڪمري ۾ گهري ننڊ ۾ ستل هيس تہ صبح جو اچانڪ ڪمري جو ڪڙو ڪڙڪيو تہ جاڳي پيس. ڪمري مان نڪري مک دروازي تي ويس تہ منهنجي نظر پٽ سان لڳل هيٽر جي پر ۾ پيل رائل ميل جي هڪ نوٽيس تي پئي. لنڊن ۾ رهندڙ اڪثر ماڻهو ننڊ مان اٿي پهريون ڪم ٽپال کي جاچڻ جو ڪندا هئا. خط ۽ ضروري ڪاغذ مک دروازي ۾ ٺهيل سوراخ مان داخل ڪيا ويندا هئا تہ جيئن گهر ۾ خط بہ پهچن ۽ ماڻهو جي آرام ۾ خلل بہ نہ پوي. خطن کان علاوه پمفليٽ بہ گهر گهر پهچايا ويندا هئا. بهرحال خطن جي انتظار واري ڪيفيت جو مزو بہ الڳ هوندو هو. مان جڏهن اهو نوٽيس پڙهيو تہ معلوم ٿيو تہ منهنجو پارسل آيو آهي جيڪو 9:00 لڳي وصول ڪرڻو آهي. رائل ميل جي آفيس منهنجي گهر کان ايترو پري نہ هئي، سو مان جلد ئي Fresh ٿي گهر کان نڪتس. رستي ۾ اهو سوچيندو ويس تہ آخر مون ڏي پارسل ڪنهن موڪليو هوندو. هڪڙو خيال اهو آيو تہ شايد اهو پارسل پاڪستان مان ڪنهن دوست يا مٽ مائٽ موڪليو هجي.

بي سوچ وري ڪئمبرج ۾ رهندڙ هڪ دوست جي باري ۾ آئي. پر پوءِ بہ سوچيم جيڪڏهن اهو ڪا شيءِ موڪلي ها تہ مون کي فون تي ضرور اطلاع ڏئي ها. اڃا اهي خيال دل ۾ سوچي ئي رهيو



هئس تہ رائل ميل جي آفيس بہ اچي وئي. آفيس کلڻ ۾ اڌ ڪلاڪ هو سو پارڪ ۾ ويهڻ جو ارادو ڪيم. اهو وقت انتظار ۽ تجسس ۾ گذريو ۽ پارسل بهاني ڪيترن ئي دوستن کي سارڻ جو موقعو مليو. نيٺ انتظار جون گهڙيون ختم ٿيون ۽ پارسل وصول ڪندڙن جي قطار ۾ بيهي رهيس. منهنجي واري اچڻ تي پنهنجي ID يعني شناخت ڏيکاري پارسل وصول ڪري گهر پهتس تہ هڪ دوست چيو يار معاف ڪجانءِ صبح تنهنجي ڪمري جو دروازو مون ناڪ Knock ڪيو هو ڇو تہ تنهنجو پارسل آيو هو. مان هن جو شڪريو ادا ڪيو. دوست پڇيو ”يار ڏي تہ خبر پارسل ۾ ڪهڙي شيءِ آهي؟“ آخر...! دوست پلاسٽڪ جي سرمائي رنگ جي ٿيلهي تي پارسل موڪلڻ واري جي ايڊريس پڙهي مون ڏي غور سان ڏسڻ لڳو. سمجهي ويو تہ هائوس آف لارڊس وارن مون ڏي ڪا قيمتي شيءِ موڪلي آهي. جيئن مون اها ٿيلهي کولي تہ ان مان واقعي ئي هڪ قيمتي سوکڙي نڪتي. اها سوکڙي برطانيہ جي نامور شخصيت طرفان مون ڏي موڪلي وئي هئي.

برطانيہ جي پهرين عورت وزيراعظم ۽ دنيا جي اهم ترين سياسي اڳواڻ طور مشهور ٿيندڙ ان شخصيت جو نالو مارگريٽ ٿيچر هو. هن پنهنجي يادگيرين تي مشتمل ڪتاب پنهنجي هٿ سان صحيح ڪري ان خط جي جواب ۾ موڪليو جيڪو مون هن کي لنڊن يونيورسٽي جي شاگرد طور لکيو هو. اهو خط ئي مارگريٽ ٿيچر سان منهنجو مختصر تعارف هو. ٿيچر جو ڏنل هي ڪتاب مان سمجهان ٿو تہ تاريخ ۽ علم سياست جي هن ننڍي شاگرد لاءِ هڪ وڏو تحفو هو.




ٿيچر سان جيڪو علمي تعلق هڪ خط وسيلي پيدا ٿيو ان کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ ٿيچر هي تحفو موڪلي علم دوستيءَ جو ثبوت ڏنو. هن تحفي کي حاصل ڪرڻ وقت منهنجي دل کي جنهن خوشيءَ جو احساس ٿيو اهو منهنجي زندگيءَ جي نہ وسرندڙ لمحن مان هِڪ آهي. هن جو ڏنل تحفو هميشہ ياد رکبو ۽ سندس ڏنل علم جي خزاني کي لائبريري ۾ رکائبو تہ جيئن شاگردن کي ڀرپور فائدو ٿي سگهي.

جيتوڻيڪ مارگريٽ ٿيچر هي فاني دنيا ڇڏي چڪي آهي، پر سندس زندگي جا تجربا، علمي ڪارناما، ڳالهيون ۽ خيال اڄ بہ هن جي زندہ هجڻ جو ثبوت ڏئي رهيا آهن.

اچو تہ پهريان مار گريٽ ٿيچر جي ابتدائي زندگيءَ تي نظر وجهون ۽ پوءِ هن جي دور حڪومت جو مختصر تجزيو ڪريون.

مارگريٽ ٿيچر ويهين صديءَ جي عظيم سياسي اڳواڻ ٿي گذري آهي. هوءَ گرانٿم لنڪنشائر (Lincolnshire) جي مڊل ڪلاس گهراڻي ۾ آڪٽوبر 1925ع ۾ پيدا ٿي. سندس پيءُ جو نالو الفرڊ رابرٽس هو جيڪو پيشي جي حوالي سان هڪ دڪاندار هو.

رابرٽس راڄوڻي سياست ۾ حصو وٺڻ لڳو ۽ وچي 46-1945ع دوران گرانٿم شهر جو ميئر بڻيو.

مارگريٽ ٿيچر ننڍپڻ کان ئي محنتي ۽ سلڇڻي شاگردياڻي هوندي هئي. هوءَ غير نصابي سرگرمين ۾ پڻ پيڙ هوندي هئي. هن جا مکيہ شغل پيانو وڄائڻ، هاڪي کيڏڻ، شاعري پڙهڻ ۽ سئمنگ ڪرڻ هئا.

هوءَ پنهنجي اسڪول جي مانيٽر پڻ رهي.

اسڪول جي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ هن آڪسفورڊ جي سمر وائيل ڪاليج مان علم ڪيميا ۾ 1947ع تي گريجوئيشن جي ڊگري حاصل ڪئي. ٿيچر 1946ع ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽي جي ڪنزرويٽو ايسوسيئيشن جي صدر پڻ رهي.

اهڙيءَ طرح ٿيچر سياست ۾ پير پاتو. هن باقاعدي 1951ع وارين چونڊن ۾ حصو ورتو. پر شروع ۾ ڪاميابي حاصل نہ ڪري سگهي. هن همٿ نہ هاري ۽ پنهنجي سياسي ۽ پيشوراڻي شعبي کي جاري رکيو. ان دوران هوءَ 1953ع ۾ بيريسٽر پڻ بڻي. آخرڪار هوءَ 1959ع ۾ تمام گهڻي محنت کان پوءِ پارليامينٽ جي ميمبر چونڊجي آئي ۽ ان کان پوءِ سندس ڪاميابين جو دور شروع ٿيو.

هر سياسي اڳواڻ جو خواب هوندو آهي تہ هو پنهنجي

شعبي جي بلندين تائين پهچي. ٿيچر جيئن سياست ۾ پير پاتو تہ سياسي تجزيہ نگارن هن کي مستقبل جي وزيراعظم طور ڏسڻ شروع ڪيو. ڇو تہ هن ۾ هڪ ڪامياب سياسي اڳواڻ جون مڙيئي خوبيون موجود هيون. مثلاً هوءَ تمام گهڻي محنتي، ايماندار، ذميواريءَ سان فرض نڀائڻ واري، بلند حوصلي ۽ مستقل مزاجيءَ جي مالڪ شخصيت هئي.

ان ڪري هن سان گڏ ڪم ڪندڙ سياسي ڪارڪن توڙي سياسي اڳواڻ هن کي مستقبل ۾ ڪئبنٽ ميمبر طور ڏسي رهيا هئا.

1966ع ۾ جڏهن سندس پارٽيءَ جو اهم اجلاس ٿيو تہ هن ليبر حڪومت جي ليبر ٽيڪس وڌائڻ واري پاليسيءَ کي تنقيد جو نشانو بڻايو. بقول ٿيچر جي تہ ٽيڪس وڌائڻ محنت ۽ پورهئي جي حوصلہ شڪني ڪرڻ برابر آهي. ٿيچر جي سياست ۾ ڪاميابين برطانيہ ۾ قائم آمريڪي ايمبئسي کي پڻ متاثر ڪيو ۽ ٿيچر کي دعوت ڏني وئي تہ هوءَ آمريڪا جو دورو ڪري. هوءَ اجان ڪيبنٽ جي ميمبر نہ ٿي هئي پر آمريڪا ۾ سندس تعارف شانائتي انداز ۾ ٿيو ۽ هن کي مستقبل جي ڪيبنٽ ميمبر وارو شانُ ۽ مان مليو.

آمريڪي دوري هن کي مختلف ادارن جي جوڙ-جڪ ۽ انهن جي ڪم ۽ اهميت کان واقف ڪيو. نہ فقط اهو پر هن اتان جي اهم شخصيتن سان ملاقاتون پڻ ڪيون. انهن ملاقاتن سندس سياسي قدبت وڌايو ۽ سندس آمريڪي دوري اڳتي هلي هن کي پرڏيهي معاملن کي سمجهڻ ۾ مدد ڪئي.

1970ع جي عام چونڊن ۾ ڪنزر ويٽو پارٽي ميدان ماريو ۽ ٿيچر آخرڪار تعليم ۽ سائنس جي وزير بڻي. اها مارگريٽ لاءِ فخر جي ڳالهہ هئي تہ جنهن ڪاتي جي هوءَ وزير آهي. ان ئي شعبي جي ڪيس تعليمي ڊگري بہ آهي.

مارگريٽ جڏهن 1979ع ۾ برطانيہ جي وزيراعظم بڻي تہ هن کي ان ڳالهہ تي ايترو فخر نہ هو تہ هوءَ پهرين عورت وزيراعظم بڻي آهي پر هن کي ان ڳالهہ تي خوشي هئي هوءَ پهرين وزيراعظم آهي جيڪا سائنس



گريجوئيٽ آهي. ٿيچر 1975ع کان پنهنجي پارٽيءَ جي سربراهہ چونڊجي 1975ع کان 1977ع تائين هن حزبِ اختلاف جي اڳواڻ طور فرض نڀايا.

جڏهن هوءَ وزيراعظم ٿي تہ برطانيہ جون اقتصادي حالتون غير مستحڪم هيون. انهن جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ بيروزگاري، مهانگائي سڀ کان وڏا مسئلا هئا.

انهن مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ هن هڪ جامع پاليسي مرتب ڪئي. جنهن تحت هن ڪجهہ رياستي ادارن جي نجڪاري ڪئي ۽ واپاري تنظيمن جي اثر رسوخ کي گهٽايو.

اهڙيءَ طرح ٿيچر نااتفاقي ۽ غير يقيني واري صورتحال کي تبديل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي. ۽ هن ماڻهن کي نئين اميد ۽ نئون حوصلو ڏنو سندس ڪامياب پاليسين سبب هن کي هڪ وڏو اعزاز حاصل ٿيو جو هوءَ ٽي دفعا لاڳيتو يونائيٽيڊ ڪنگڊم جي وزيراعظم رهي.

*

ڊاڪٽر ممتاز پنهور



# يادگيريون

گلبدن جو ڇوڙ آهي بلڪ زور آهي تہ پنهنجون يادگيريون لکي ڏيو. هاڻي ذهن ۾ ڇڙوڇڙ يادگيرين کي ڪٿان ڪٿان کان جمع ڪيان. زندگيءَ ۾ آيل طوفانن کي ڪٿان ڪٿان مدهم ڪيان. جڏهن پري پري کان سوچيان ٿي ۽ تصور ٿي ڪيان تہ هڪ گهر تمام وڏو تمام خوبصورت جنهن ۾ چؤطرف وڏيون وڏيون الماريون جن ۾ وڏا وڏا آئينہ لڳل هوندا هئا. خوبصورت دروازا، دريون هوادان، جن مان اونهاري ۾ گرم ۽ سياري ۾ سخت سرد هوا ايندي هئي، گهر جي فرش تي ٽائيل لڳل جتان هلندي پنهنجو عڪس نظر ايندو هو. ماڙين جي اچ وڃ گهٽي. پيڱهن ۾ لڏندڙ بارع آباد بورچيخانو.

امان سان مون کي ڏاڍي محبت هئي. مون کي ڏاڍي وڻندي هئي. هوءَ منهنجي بہ ڏاڍي تعريف ڪندي هئي، "هيءَ منهنجي سدوري ڌيءَ آهي مون کي تنگ نہ ڪندي آهي" ڪٽ تي ويهي ڪنهن سان ڳالهائيندي هئي تہ مان هن کي پنيان پاڪر پائي پنهنجي منهن کي پاسيرو ڪري هن جي پٺيءَ سان لڳائي ويهندي هئس. هن جي ساهہ کڻڻ کي محسوس ڪندي هئس لڳندو هو منهنجي ساهہ جي تند هن جي ساهہ سان ٿي هلي، هوءَ ڪلي مون کي پاڪر پائيندي هئي. دنيا کان بيخبر پاڻرن پيرن ماءُ پيءُ سان زندگي جو ڳاڏو روان دوان هو.

شڪارپور حسن جو شهر آهي. مون سان اسڪول ۾ ڪلاس ۾ پڙهندڙ ڇوڪريون حسين هونديون هيون. ان وقت هتان جا ماڻهو ڏاڍا سوشل هئا. سومرا، شيخ، انصاري ۽ بلوچ. اسان جي اسڪول جي پرنسپال آپا رفيہ بلوچ هئي. خوبصورت ۽ فيشن ايبل هميشہ ساڙهيءَ ۾ سندس هلڻ جي چال نانگڻ جهڙي هئي. شادي نہ ڪيائين. سندس طبيعت ۾ تيزي هوندي هئي. مون کي هن کان ڏاڍو ڊپ ٿيندو هو. ڪلاس جي ٽيسٽ جي رزلٽ اسڪول Prayer ۾ ٻڌائيندي هئي جنهن جون مارڪون گهٽ آيون ان جي ڏاڍي بيعزتي ڪندي هئي. ڊپ جي ڪري آئون ڏينهن رات پڙهندي هئس ۽ هن کي ڪڏهن بہ موقعو نہ ڏنو. ميٿميٽڪس ۾ مان ڏاڍي هوشيار هئس. هڪ دفعي ٽيسٽ دوران منهنجي هڪ ڪلاس فيلو جيڪا اسان کان عمر ۾ وڏي هئي ۽ اسان هن کي ادي سڏيندا هئاسين سو ادي مون کي چيو تہ پنهنجي امتحان واري ڪاپي اهڙي نموني رک جيئن مان ڏسي سگهان ڇاڪاڻ تہ هن کي ميٿيميٽڪس نہ ايندي هئي. مون ائين ڪيو مان بہ دل جي صاف هوندي هئس سوچيو ويچاري فيل نہ ٿئي. جنهن ڏينهن Prayer ۾ آپا رفيہ رزلٽ ٻڌائي تہ هوءَ فرسٽ ڪلاس ۽ مان سيڪنڊ ڪلاس آيس. مون کي ان ڳالهہ جو ڏاڍو ڏک ۽ حيرت ٿي ۽ اڄان تائين اها ڳالهہ ياد آهي. ان وقت اسين ائين ڪلاس ۾ هئاسون. منهنجي دوستيءَ جي دائري ۾ مختيار سومرو، ناهيد سومرو، سلمہ سومرو، فريده سومرو، مسز زهرا، منيره سومرو (مسز عبدالغفار سومرو) جن سان

اج تائين ڪجهه نه ڪجهه واسطو آهي. ييا ڏنڏلا چهرا جهڙوڪ مسرت پيرزادو، قرة العين بدوي، روشن ضمير، صغرا ٿانوري، نور جهان منگي ۽ ڪجهه ٻيون به شامل هيون.

اسڪول ۾ وڏا وڏا فنڪشن ۽ پڪنڪ وغيره ٿينديون هيون. پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ جو ڏينهن قائد اعظم جي ورسي وغيره جا ڏينهن ملهايا ويندا هئا، اڪثرميلاد ۾، نعت ۽ پاڪستان ڊي تي قومي گيت لاءِ اسان جي گروپ کي چونڊيو ويندو هو. نعت *"شاہِ مدینہ، یثرب کے والی"* ۽ قومي گيت *"یوں دی ہمیں آزادی کہ دنیا ہوئی حیران"* پڙهندا هئاسين ۽ آخر ۾ مٺائي ملندي هئي. فڪر کان بيخبر زندگي هلندي رهي.

منهنجو والد جڏهن جوان هو ان وقت پاڪستان جي تحريڪ عروج تي هئي. سنڌ جا ماڻهو آل انڊيا مسلم ليگ کي قبول ڪري چڪا هئا. سنڌ جي سياستدانن جي ٻڌي ۽ اتفاق ۾ ويچو پئجي چڪو هو. قائد اعظم محمد علي جناح کي هنن سنڌ چائو سمجهي سندس حمايت ڪئي. سنڌ اسيمبلي ۾ جهيڙو چوٽ تي چڙهي چڪو هو. سنڌ جي ڪجهه سياستدانن قائد اعظم کي سنڌ اچڻ جي دعوت ڏني. مسلم ليگ کي سنڌ جي هر شهر ۽ ڳوٺ ۾ پذيرائي ملي چڪي هئي. جلد ئي سکر ۾ مسجد منزل گاهه وارو جهيڙو ۽ شڪارپور ۾ شهيد الله بخش سومرو جي شهادت سنڌ جي ماڻهن کي لوڏي ڇڏيو. منهنجي والد جي ذهن تي به انهن ڳالهين اثر ڪيو.

بابا منهنجي ماءُ سان 1943ع ۾ شادي ڪئي. جيڪا هڪ وفادار ۽ سگهڙ زال ثابت ٿي. بابا جي دوستي آغا بدر الدين خان سان هئي جيڪو ڳڙهي ياسين جو زميندار ۽ سياستدان هو. هو سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر به رهيو هو. منهنجو والد دوستيءَ کي عبادت مثل سمجهندو هو. ان وقت ۾ جيڪي به ننڍيون وڏيون تحريڪون هليون انهن ۾ والد صاحب هڙئون وڙئون ڪين گهٽايو. منهنجي امان ٻڌائيندي هئي ته منهنجو گهڻو وقت والد صاحب جي سياسي مهمانن لاءِ رڌ پچاءَ ۾ گذريو. امان رڌپچاءَ ۾ ماهر هوندي هئي، بابا شڪارپور جي سومرن جو سياسي ميدان ۾ به ساٿي رهيو خاص ڪري جڏهن مسٽر احمد ميان سومرو (محمد ميان سومرو اڳوڻو چيئرمن سينيٽ ۽ گورنر آف سنڌ جو والد) جيڪب آباد مان سياست شروع ڪئي. منهنجو والد بزنس جي سلسلي ۾ جيڪب آباد ۾ رهندو هو. بابا سان هن جي دوستي هوندي هئي. اليڪشن دوران ايترو ڪم ڪندو هو جنهن جو ڪو اندازو نه ٿو لڳائي سگهجي. امان ٻڌائيندي هئي ته هوءَ مسز احمد ميان سومرو سان گڏجي ورڪ ڪندي هئي نتيجو اهو نڪرندو هو ته جيڪب آباد ۾ هر طرف سومرن کي ڪاميابي حاصل ٿيندي هئي، هر طرف دهل ۽ شرنايون وڄنديون هيون ۽ فتح جا نعرا لڳايا ويندا هئا. شڪارپور ۾ بابا سومرن جو سياسي مددگار رهيو. پر پوءِ پيپلز پارٽي جي اٿل سيني کي پاڻ ۾ سمائي ڇڏيو.

خانداني لحاظ کان گهر ۾ پٽ ڌيءَ ۾ ڪو فرق نه هو. البت والد زميينداري ۽ بزنس ڪري تمام گهڻو مصروف رهندو هو ۽ والده جي مٿان ٻارن جي پڙهائي ۽ تربيت ۽ گهر سنڀالڻ جي ذميواري هئي.

جيستائين علمي ادبي لاڙي جو تعلق آهي ته اڳئين دور ۾ سنڌ جا ماڻهو ڪنهن اداري جا ڊگري يافته نه هئا، پر علم کان واقف هئا جيئن قصص الانبياءَ،

قرآن پاڪ ۾ نبين جي آيل قصن ڪي برزبان ٻڌائيندا هئا, شاهه لطيف ڀٽائي جي زندگيءَ جو پس منظر ڪلام سر ۾ ٻڌائيندا هئا.

سنڌ جي بزرگن جي زندگيءَ ۽ معجزن کان واقف هئا. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي, شاهه عنايت شهيد متعلق ڪين وڏي ڄاڻ هئي. سنڌ ۾ ارغونن ۽ ترخانن جي ظلم کان واقف هئا. منهنجو ماموڪريم بخش خالد اديب, دانشور, سرڪاري آفيسر ۽ مصنف رهيو آهي. منهنجي والده جو چاچو شير محمد "شيرل" استاد سان گڏ اديب ۽ شاعر به رهيو آهي. هن جي شاعري مون سنڌالاجي جي لائبرري ۾ ڪنهن مئگزين ۾ ڏٺي هئي. منهنجي ناني اسان کي ڪيئي قصا ٻڌائيندي هئي خاص ڪري "بديع الجمال ۽ صيفل الملوڪ" جو قصو جهونگاري ٻڌائيندي هئي. ان وقت ۾ ته اهي ڳالهيون اهم نه لڳنديو هيون, پر پوءِ خبر پئي ته اسان جا وڏڙا ڪيڏا نه ڄاڻو هئا. منهنجي پيءُ ارشاد قمر بهترين ڪهاڻيڪار هئي جنهن ننڍي هوندي کان ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. منهنجو ڀيٽيوو قمر شهباز وڏو شاعر, ڪهاڻيڪار ۽ ڪيترن ڪتابن جو مصنف رهيو آهي.

اسان جو خاندان گهڻو ڪري پڙهيل لکيل جنهن ۾ وڪيل ۽ سرڪاري آفيسر هئا, منهنجي ڏاڏي جي جواني ۾ وفات ٿي. منهنجي ڏاڏي جنهن جي مٿان ٻن پٽن جي ذميواري هئي. نهايت همت واري ۽ بهادر خاتون هئي. پر پڙهائيءَ جي خلاف هئي. سندس قول هوندو هو ته زميندار ٻار ڪي سرڪار جو نوڪر نه ٿيڻ کپي. منهنجي والد کي پڙهائيءَ جو جنون جي حد تائين شوق هو. اسڪول مان ڪجهه تعليم حاصل ڪري لاڙڪاڻي جي مدرسي ۾ داخلا ورتي ته منهنجي ڏاڏي ڪاوڙجي گهر ڇڏي هلي وئي. خاندان وارن وچي بابا کي منٿ ميڙ ڪئي. نيٺ بابا پڙهائيءَ کي خير آباد ڪيو.

بابا کي پوليس ۾ وڃڻ جو شوق هو جيڪو سندس پورو ٿي نه سگهيو. بابا گهڻو ڪري فل سوٽ ۽ ڪيپ ۾ رهندو هو ۽ پوشاڪي مشهور هو. کيس انگريزي ۽ فارسي زبان تي عبور حاصل هو. سعدي جا شعر چوندو هو. سندس هينڊ رائيٽنگ نهايت خوبصورت هوندي هئي. منهنجي ڏاڏي پنهنجي ٻنهي پٽن کي بحري جهاز ذريعي حج ڪرائڻ وٺي ويئي. منهنجو والد رستي تي بيمار ٿي پيو کيس عراق ۾ لاٿو ويو جتان هو ڪربلا معليٰ جي زيارت ڪري موٽيو ۽ ڏاڏي منهنجي چاچي سان حج جي سعادت حاصل ڪري موٽي.

والد صاحب جي اولاد ۾ اسين چار پيٽون ۽ چار ڀائر آهيون انهن جي پڙهائيءَ ڏانهن خاص توجهه ڏنو ويو. اسڪول, ڪاليج ۾ پڙهائي سان گڏ گهر ۾ ٽيوشن ۽ قرآن شريف پڙهائڻ جو انتظام ٽيل هوندو هو. والد صاحب ٻارن کي اخبار پڙهڻ تي به زور ڏيندو هو. ڊان ۽ عبرت اخبار گهرائيندو هو. اسان جو خاندان ڏاڏاڻن توڙي ناناڻن لحاظ کان وڏو هو. گهرن ۾ مٽن مائٽن جو اچڻ وڃڻ هوندو هو. سو ٻارن کي مهمان نوازيءَ جي به تربيت ملندي هئي ته مائٽن سان محبت ۽ لڳاءُ جي به. اسان جي ڳوٺ مان ڪيئي ڇوڪرا پڙهڻ لاءِ ايندا هئا ۽ اسان جي گهر ۾ رهندا هئا. گهر جو هڪ حصو هنن جي حوالي هوندو هو جتي کين هر سهولت ميسر هوندي هئي. ڪيئي ڳوٺ جون ڇوڪريون سنڌي فائنل جو امتحان ڏيڻ لاءِ اچي رهنديون هيون.

بابا ۽ امان خوشيءَ سان هنن جي خدمت ڪندا هئا. خاندان ۾ والد صاحب جو نالو عزت ۽ احترام سان ورتو ويندو هو ان جي هر عمل جو اثر اسان جي زندگيءَ تي بہ پيو. والد صاحب ۽ والده جو خيال هوندو هو تہ جيڪڏهن پڙهائي دوران ڇوڪرين لاءِ ڪو مناسب رشتو اچي تہ پڙهائي ان جي آڙ نہ بڻائجي. اهو ئي سبب هو جو اسان ٽن ڀينرن جي شادي انٽر کان اڳ ۾ ٿي ويئي. صرف ننڍي ڀيڻ جي شادي ايم اي ڪرڻ کان پوءِ ٿي. مون ۽ منهنجي وڏي ڀيڻ پنهنجي تعليم جاري رکي. ادي ارشاد ايم اي هسٽري ۾ ڪئي. منهنجي تہ شادي جهڙوڪ يونيورسٽي ۾ ٿي منهنجو گهروارو تعليم کاتي سان وابستہ هو. منهنجو سهرو مرحوم رضا محمد پٺو سنڌ يونيورسٽي ۾ ڊائريڪٽر فنانس هو. هو علامہ آءِ آءِ قاضي جو پوئلڳ هو. علامہ صاحب کيس پٽ ڪري سمجهندو هو. علامہ آءِ آءِ قاضيءَ ۾ هزارين خوبيون هيون ۽ اها هڪ حقيقت آهي تہ جن ماڻهن علامہ آءِ آءِ قاضي جي صحبت ۾ وقت گذاريو انهن هن عظيم انسان مان گهڻو ڪجهہ پرايو جنهن ۾ سچائي، محبت ۽ نوڙت بہ شامل آهي. منهنجي ساهرن ۾ بہ مٿيون خوبيون هيون. هر عمل ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي جي هر قول کي اڳيان رکندا هئا.

شاديءَ کان پوءِ مون پنهنجي پڙهائي جو سلسلو جاري رکيو. ان وقت باقاعدي پڙهائي ٿيندي هئي. عام نوٽس يا هڪ اڌ ڪتاب تي معاملو نہ هلندو هو. آئون هر پيپر لاءِ چئن کان پنج ڪتاب وٺندي هئس. اڪنامڪس ۽ تاريخ منهنجا پسنديده سبجيڪٽ هئا. مون مسلم هسٽري ۾ ايم اي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. منهنجي پڙهڻ جو ٽائيم رات کان شروع ٿيندو هو عصر تائين آئون پڙهندي هئس ۽ نوٽس ٺاهيندي هئس. منهنجو وَر پريشان ٿي ويندو هو. منهنجي اکين ۾ ڳاڙهيون نسون اڀري ايندڀون هيون تہ هو مون کان ڪتاب کسيندو هو. هن کي ننڊ ۾ ڏسي وري وڃي پڙهائي تي ويهندي هئس. "سلطنت عثمانيہ" ۽ "جديد ترڪي ۽ تاريخ اسپين يعني مسلم رول ان اسپين" کي پڙهندي ان دنيا ۾ گم ٿي ويندي هئس. مسلمانن جا عظيم ڪارناما ۽ عظيم فتوحات کان پوءِ هنن جو زوال مون کي روئاري ڇڏيندو هو يا سنڌ جي تاريخ ۾ جيڪا سنڌ جي ماڻهن جي حڪمراني ۽ ڌارين جي يلغار کان پوءِ سنڌي ماڻهن گهڻو مقابلو ڪيو. سنڌ جي تاريخ انهن ڪارنامن سان ڀريل آهي. بهرحال مون بي اي فرسٽ ڪلاس ۽ ايم اي ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن حاصل ڪئي.

شاگرديءَ جي زماني کان منهنجو لاڙو مضمون نگاري ڏانهن هو. ان کان پوءِ مون تحقيقي مضمون لکڻ شروع ڪيا. جيڪي سنڌي، انگريزي ۽ اردو ۾ لکيل آهن اهي تحقيقي مضمون تاريخ، اسلاميات، ۽ عظيم شخصيتن تي لکيل آهن جيڪي پاڪستان جي مختلف جرنلز ۽ مئگزينز ۾ ڇپيل آهن. جن مان ڪجهہ ڪتابي صورت ۾ تيار آهن. ان کانسواءِ منهنجون ڪجهہ ڪهاڻيون بہ لکيل آهن، جن مان ڪجهہ مختلف رسالن ۾ ڇپيون آهن سفرناما پڻ لکيل آهن. منهنجي پي ايڇ ڊي جي ٿيسز ڪتابي صورت ۾ ڇپيل آهي. رسول خدا حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم وآله جن جي زندگي مبارڪ ۽ سيرت تي لکيل ڪتاب مڪمل ٿيڻ تي آهي ۽ اهو آئون پنهنجي ٿيسز وانگر پنهنجي خرچ تي ڇپرائيندس.

محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت تي مرثيو لکيو هو. جيڪو شاعري طرف پهريون قدم هو. ان ڪانسواءِ چار ڪتاب ڇپيل آهن: باقي منهنجي زندگي مصروف رهي ٿي. بس رات جو ئي لکڻ جو وقت ملي ٿو. منهنجي خواهش آهي تہ مان پاڪستان جي تاريخ 1947ع کان اڄ تائين لکان. مواد بہ ڪنو ڪيو آهي.

سنڌ يونيورسٽي هڪ وڏو ادارو آهي جنهن ۾ نہ صرف سنڌ، پر پاڪستان ۽ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جا ماڻهو آهن استاد جي حيثيت ۾ اهو ئي چوندس تہ مون کي سٺا شاگرد بهترين دوست ۽تعاون ڪندڙ Colleagues مليا. البت چيئرپرسن ۽ ڊين ٿيڻ کان پوءِ اندازو ڪيم تہ Professional Jealsy ڪيترو نہ رنگ ڏيکاري ٿي. بنيادي طور مان محنتي ۽ با همت آهيان محنت ۾ يقين ۽ خوشامد کان پاسو ڪندڙ آهيان. پنهنجي سچائي سان ڪم ڪيو. ڪيترن ئي ماڻهن کي نوڪري ڏياري يعني ڊپارٽمينٽ ۾ نيون پرتيون ٿيون. ڪيترن استادن کي ترقيون ڏياريون. مختلف سيمينار ڪرايا. پهريون دفعو نيشنل سيرت ڪانفرنس ڪرائي جنهن ۾ يونيورسٽيءَ جي ٻين ڪانفرنس جي مقابلي ۾ تمام گهٽ خرچ آيو.

فيڪلٽي جي طرفان ريسرچ جنرل Peace جي نالي سان ڪڍيو جنهن ۾ پنهنجي فيڪلٽي ۽ ٻين ڊپارٽمينٽز جي استادن جا تحقيقي مضمون ڇپيا. ڪيترا اسٽڊي ٽوئر تي استاد موڪليا ۽ ڪي مون سان گڏ هليا. ڊين لاءِ نئين آفيس گاڏي ڊپارٽمينٽ جي مرمت ۽ فرنيچر وغيره حاصل ڪيو. ڊپارٽمينٽ جي ڪيترن استادن کي Ph.D لاءِ همٿايو ۽ ڊگري ڏياري، پر عورت هئڻ جي ناتي طرح طرح جا الزام لڳايا. ڊيڄاريو ۽ ڌمڪايو ويو پر منهنجو ڪير ڪجهہ بہ بگاڙي نہ سگهيو منهنجو يقين الله ۾ آهي. جن تي احسان ڪيو تن جو جڏهن وارو آيو تہ ڪين گهٽايائون. حضرت علي جو قول آهي "جنهن تي احسان ڪيو تنهن جي شر کان بچو." چوندا آهن چور جي ماءُ ڪنڊ وٺي روئي سو هينئر هنن جو کلڻ بہ روئڻ آهي هو اڄ بہ روئندا رهن ٿا. مون پنهنجو دور ڪاميابي سان گذاريو. تعليم جي ميدان ۾ اڄ بہ اڳيان آهيان. هڪ وڏي اداري ۾ ڪم ڪيان پيئي. ڪراچي ۾ ڪيترين ئي سماجي ۽ تعليمي سرگرمين ۾ مصروف رهان ٿي. خدا جو شڪر آهي سڀ عزت ڏين پيا. عزت ڪمائڻ وڏي ڳالهہ آهي باقي پئسي يا عهدي لاءِ پاڻ کي ڪيرائڻ ۾ عزت ناهي.

بنيادي طور آئون محنت ۾ يقين رکان ٿي. منهنجا پنج ٻار آهن جيستائين هنن جو والد زنده هو تہ هو زندگيءَ جي هر شعبي ۾ منهنجو مددگار هو. هن جي انتقال کان پوءِ مون صبر ۽ همت کان ڪم ورتو. منهنجي اڳيان پنج زندگيون هيون، جن کي سماج ۾ هڪ ڪارگر ۽ ڪامياب فرد بڻائڻو هو. مون پنهنجو وقت ڪجهہ اهڙي نموني ورهايو جيئن ڪنهن سان بہ ناانصافي نہ ٿي سگهي. ٻارن بہ مون سان تعاون ڪيو. منهنجا سچا ساٿي ۽ مددگار ثابت ٿيا. پڙهائيءَ ۾ هوشيار رهيا ملنسار ۽ خوش طبع رهيا. گهر جي ڪم جي نگراني تہ بهرحال منهنجي ئي هئي. ڪين صاف کاڌو ڪپڙو وقت تي پڙهائي لاءِ موڪلڻ، سندن پڙهائيءَ تي نظر رهندي هئي. هنن جي دوستن جي خبر هئي ڪين پڙهائي لاءِ دوستن جي گهر وڃڻ جي اجازت نہ هوندي هئي. البت هو اچي هنن سان گڏ اسان جي گهر ۾ پڙهائي ڪندا

هئا، جن جي خدمت چاڪري ڪندي هئس. ڪين چائنيز ڊش ناهي ڪارائيندي هئس.
اسان مارشل لا جا دور ۾ عوامي حڪومت جي چونڊيل عوامي ليڊر کي تخت دار تي چڙهندي ڏٺو لساني فساد ڏٺا آهن. حيدرآباد جا شهري ڏاڍ خلاف سينو ساهي بيهندا آهن. جڏهن به اهڙي قسم جو سڏ آيو ته مان به پوئتي ڪونه رهندي هئس. جلسن جلوسن ۾ شرڪت ڪندي هئس. مختلف سيمينارن ۾ پروگرامن ۾ حصو وٺندي هئس ۽ اڄا تائين وٺندي آهيان. جيستائين سماجي سرگرمين ۾ حصي وٺڻ جو تعلق آهي ته سماجي سرگرميون تڏهن سرگرم ٿين ٿيون. جڏهن معاشري ۾ ناانصافي، پيڙا ۽ حراس پيدا ڪيو وڃي ٿو. تڏهن ڪجهه ماڻهو ان عمل کي روڪڻ لاءِ اڳتي اچن ٿا يا جڏهن قوم کي شعوري طور تي پوئتي ڌڪڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. مان حيدرآباد ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن جي گهڻي وقت کان وٺي سرگرم ميمبر رهي آهيان ۽ جنهن تحت فلاحي ڪمن ۾ حصو ورتو آهي.
مارئي فورم جي برانچ حيدرآباد جي ميمبر ۽ انجمن بهبود خواتين سنڌ يونيورسٽي سوسائٽي اينڊ ڪالوني جي صدر رهي آهيان. جنهن جو مون نئين نموني اجراءَ ڪيو. ان جي سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ جي ختم ٿيل رجسٽريشن نئين سر رجسٽريشن ڪرائي. خواتين ميمبر جو تعداد وڌايو. سينٽر ۾ هڪ ليڊي ڊاڪٽر مقرر ڪئي. ٻارڙين لاءِ مفت قرآن پاڪ پڙهائڻ جو بندوبست ڪيو ۽ بيوٽي پارلر ۽ ٽريننگ سينٽر پڻ کولرايو. جيڪا هتان جي عورتن جي گهُر هئي. عورتن کي پڪنڪ ڪرائي ۽ مختلف فنڪشن ڪرايا ان سينٽر جي مان لائيف ميمبر پڻ آهيان.
ان کان علاوه ادي نذير ناز جي ناري ادبي سنگت جي پيٽرن رهي آهيان ۽ ٻين به ڪيترين ئي سماجي تنظيمن جيئن هيومن رائيٽس ڪميشن جي ميمبر رهي آهيان. جيستائين سياست جو تعلق آهي ته مان هر ان سياستدان جي عزت ڪندس جيڪو سنڌ سان سچو آهي. عوام هاڻي باشعور آهي برساتي ڏيڏرن کي هر ڪو سڃاڻي ٿو. سياست ڪرڻ يا سماجي ڀلائي جو ڪم نيتن تي آهي اهي عمل سچائي ۽ ايمانداريءَ سان ڪرڻ گهرجن. ان عمل ۾ نه صرف سياست ڪندڙن يا سماجي ڪارڪنن کي شعور ملي ٿو پر عوام ۾ به سجاڳي اچي ٿي پر اهي عمل مثبت هئڻ گهرجن.
قدرت پنهنجي بندي کي ڪنهن نه ڪنهن ڪم لاءِ مقرر ڪيو آهي. هونئن به ڪائنات جي هر شئي جي مٿان ڪجهه نه ڪجهه مقرر ٿيل آهي. زندگي مون کي سڀ ڪجهه ڏنو. ماءُ پيءُ خاندان دوست عزيز علم محبت ڪندڙ ور صالح اولاد. مون کي هر ڪو عزت ڏئي ٿو. خاندان وارا منهنجي محنت تي داد ڏين ٿا. منهنجو قدر ڪن ٿا، اولاد مون سان محبت ڪري ٿو.
منهنجو والد صاحب ڇوڪرين جي تعليم جي حمايت ۾ هو ڀيريون Credit منهنجي والدين ڏانهن وڃي ٿو جن اسڪول موڪليو. منهنجي شادي جيئن ته فرسٽ ايئر پڙهڻ دوران ٿي ته اڳتي تعليم حاصل ڪرڻ ۾ همٿائڻ ۾ منهنجي هسبينڊ جو هٿ رهيو نه صرف اهو پر يونيورسٽي ۾ نوڪري ۾ اچڻ کان پوءِ به هن مون کي تمام گهڻو گائيڊ ڪيو هو

جيئن تہ يونيورسٽي سان منسلڪ هئا تنهنڪري هو هتان جي ماڻهن جي طبيعت ۽ نفسيات کان واقف هئا تہ ڪنهن سان ڪيئن هلجي. ان ڪانسواءِ مون تي ان ڳالهہ جو بہ زور رکيائون تہ يونيورسٽي ۾ پروموشن لاءِ ڪجهہ گهرجون آهن يعني مضمون وغيره. هن پنهنجا ٻئي هٿ کولي چيو هو تہ هڪ طرف Requirement پوري ڪر ٻئي طرف پروموشن وٺ. مون ان جي ڳالهہ تي عمل ڪيو جيڪڏهن پنجن آرٽيڪلز جي Requirement هوندي هئي تہ مان ڏهہ آرٽيڪل پيش ڪيا. جيڪڏهن ڏهن جي ضرورت هئي تہ مون ويهہ پيش ڪيا. ان ڪانسواءِ مون Ph.D بہ ان وقت ۾ ڪئي جڏهن اها Requirement ۾ شامل نہ هئي باقي پروموشن جي پيرڊ ۾ فائدو هو.

يونيورسٽي جو ان وقت ۾ ماحول بہ ڪجهہ صحيح هو هرويرو ڪو ڪنهن جو نقصان بہ نہ ڪري سگهندو هو. ڊپارٽمينٽ جي ڪجهہ Colleagues جي طرفان بہ همت افزائي ٿيندي هئي.

مان جيئن تہ تاريخ جي شاگرد آهيان مون ڪيترين ئي اهم سياسي شخصيتن جي زندگي جو مطالعو ڪيو آهي ۽ انهن کان متاثر پڻ ٿي آهيان جيئن ايڪيهين صدي جي دور ۾ جيڪا دنيا آڏو اهم ۽ تاريخي شخصيت ابري آهي اها آهي "محترمہ شهيد بينظير ڀٽو". هوءَ هڪ پڙهيل لکيل عظيم سياستدان هئي، جنهن کي نہ لالچ هئي نہ لوڀ. هوءَ عوام ۽ ملڪ سان محبت ڪندڙ هئي. هن ملڪ کي بلنديون تي آڻڻ پئي چاهيو ۽ غريب عوام کي غربت جي چڪيءَ مان ڪڍڻ پئي چاهيو. هوءَ سچي هئي. انڪري نہ صرف پنهنجي ملڪ، پر دنيا جي ڪيترن ملڪن جون استحصالي قوتون هن خلاف اٿي بيٺيون. هن جون چونديل حڪومتون ڪيرايون ويون. آخر هوءَ دلير خاتون جڏهن جلاوطني جي پيڙا ڀوڳي ملڪ واپس وري تہ شيطاني قوتن کي يقين ٿي ويو تہ هوءَ ملڪ جي ٻڏندڙ ٻيڙي کي اڪاري پار ڪندي، هن کي شهيد ڪيو ويو ۽ سنڌي قوم کي جيئري ماريو ويو. دنيا جو عظيم سرمايو کسيو ويو.

ڏُکيءَ سَندِيُون ڏُونگرَين، پَسوا پِٿُون پَوَنِ،
مُٺَي پُڄاڻا مُنڌَ کي، روجهَہ رُڄَنِ مر رُون،
پُوٽان ايئن چونِ، تہ "مُٺِيءَ" آسان کي ماريو!

هاڻي سنڌ جي نوجوانن تي سنڌ ۽ سنڌين جي بقا جو ذمو آهي ۽ ذمو انهن تي وڌو ويندو آهي جيڪي مضبوط هوندا آهن. مضبوط هئڻ لاءِ ضروري آهي تہ هو پاڻ ۾ اهڙيون خاصيتون پيدا ڪن. اڄ جو دور چٽا پيٽي ۽ ميرٽ جو آهي. اسين ڏسون ٿا تہ هت ڪيئن نہ ماڻهن جي حق تلفي پئي ٿئي، تنهن ڪري سنڌ جو نوجوان سماج جي هر برائي تي اک رکي. ۽ چڱائي کي اڳتي آڻي. اسان جي سماج جي ترقي جو دارومدار سمجهہ، ڏاهپ ۽ علم تي آهي، تنهنڪري نوجوان تعليمي ادارن جي عزت ڪن... هنن کي ڪليل رکن ڪنهن جي بہ هٿان پنهنجو ڪيريئر برباد نہ ڪن. ڪاپي تي نہ ڀاڙين پر محنت ڪن.

ماڊرن ٽيڪنالوجي اسان جي زندگي ۽ انساني رابطي ۾ ڪيئي سهوليتون آنديون آهن انسان جي عقلي دور کان اهڙا تجربات شروع ٿيا اڄان اهي پايہ تڪميل تائين نہ پهتا آهن پر جيڪي بہ ڪارنامہ سرانجام ڏنا ويا آهن انهن دنيا کي هڪ ڪري ڇڏيو آهي ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ، موبائيل، ٽيليويزن وغيره ڪانسواءِ انساني صحت لاءِ مختلف مشينري،

الٽرا سائونڊ، اسڪيننگ، آپريشن لاءِ هينئر ڪيمرا سسٽم بغير ڪٽ جي آپريشن وغيره انساني زندگي ۾ وڏيون سهوليتون آنديون آهن.
گاڏي جي چوري کان بچاءَ لاءِ جيڪو گاڏين لاءِ Tracker System آهي اهو بہ قابل تحسين آهي اگر گاڏي چوري ٿي تہ ان جي هر location اسپيڊ جي خبر پوي ٿي تہ گاڏي ڪهڙي طرف وڃي ٿي سندس اسپيڊ وغيره ڇا آهي وغيره: ان سسٽم تحت گاڏي بند ڪرائي سگهجي ٿي ۽ حاصل ڪري سگهي ٿي.
پر هر شئي جو بيجا استحصال ۽ منفي طريقو انسان لاءِ باعث تڪليف بہ ثابت ٿيو آهي.
خودڪش بم، بيجا هٿيار جو استعمال انسان لاءِ هاجيڪار ثابت ٿيو آهي. ڌاڙا ۽ ڦرون اڪثر موبائيل تان اطلاع تي لڳن ٿا.
اديب/ شاعر معاشري ۾ ٿيندڙ هر ناانصافي يا مختلف دؤرن ڪي ظاهر ڪري ٿو. هو ڏڪايلن جو آواز بڻجي ٿو هو ڪنهن کي چڱي ڪم لاءِ همٿائي ٿو تہ ڪنهن کي بري ڪم کان روڪي ٿو هو ظالم ۽ مظلوم کي ظاهر ڪري ٿو پر ڪي وري درباري ۽ خوشامدي بہ ٿين ٿا جيڪي حقيقت کي لڪائين ٿا. وقت انهن سيني کي ظاهر ڪري ٿو. جيستائين اديب/ شاعر جو سياست ۾ حصو وٺڻ يا سياسي ڪم جو تعلق آهي تہ آئون اهو چوندس تہ هو سياستدانن تي نظر رکن ۽ سماجي ڪمن ۾ ڀرپور حصو وٺن.
سنڌ جي سول سوسائٽي اڃا Early Stage ۾ آهي هن کي همٿائڻ جي ضرورت آهي گڏي سچائي سان ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي سنڌ جا ماڻهو باشعور ۽ سياسي طور بالغ آهن سنڌ جي ماڻهن هميشہ ڏاڍ خلاف آواز اٿاريو آهي مون کي اميد آهي تہ سول سوسائٽي پنهنجو صلاحيتون مڃرائيندي.
سنڌ ۾ قبائلي جهيڙا سنڌ جي ثقافت کي اڌوهي وانگر لڳا آهن اهي جهيڙا سردارن جي ڪمائي جو ذريعو بڻجي چڪا آهن. رياست، پوليس ۽ سماجي ادارا هنن آڏو بيوس پيا لڳن، ڪارو ڪاري، اغوا، جرڳي جي ذريعي پيسن جي ڏي وٺ پيئي هلي غريب ماڻهن جو برين واش ڪري مهانگا هٿيار ڏيئي جهيڙن ۾ ملوث ڪيو ويو آهي. انهن سيني برائين جي خاتمي لاءِ سنڌ جي نوجوانن کي اڳتي اچڻو آهي، سياستدانن کي مثبت ڪردار ادا ڪرڻو آهي سول سوسائٽي ماڻهن ۾ اها جاڳرتا پيدا ڪري تہ هو باڪردار ۽ ايماندار ماڻهن کي اسيمبلي ۾ موڪلين رياست کي سخت قدم کڻڻا پوندا.
ايماندار پوليس آفيسرن کي همٿائڻ جي ضرورت آهي جيڪي عنصر انهن جي رستي ۾ اچن تن کي وائکو ڪرڻ گهرجي ۽ هنن کي بہ ڏوهاري قرار ڏنو وڃي. عدالت ان سلسلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سماجي ادارا ايمانداري سان ڪم ڪن. مذهبي اسڪالر بہ ان برائي جي خاتمي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. قبائلي جهڳڙن سنڌ کي هڪ بدنما داغ ڏنو آهي جنهن کي مٽائڻ هاڻي ضروري آهي.
قدرت جا رنگ خوبصورت آهن پر رنگن ۾ رنگ ملائي جيڪي رنگ بڻايا ويا آهن اهي رنگ بہ عجيب آهن اڪين کي هر وڻندڙ رنگ مون کي پسند آهي خاص ڪري بسنتي، ڪرمچي ۽ گلابي. اهي ئي منهنجي يادن جا سڀ رنگ آهن.

*



زوار ڪلثوم قاضي

# يادگيريون

گذريل ڪافي ڏينهن کان سوچي رهي هئس ته پنهنجون سموريون ياگيريون يا ائين چوان ته وڇڙي ويل اهي پل اهي انمول گهڙيون اهي ڏينهن اهي پرين پيارا جيڪي مون کان هميشه هميشه لاءِ جدايون ڪري الائي ڪهڙي پار هليا ويا جن کي جڏهن سارِيان ٿي ته اندر ۾ ساهه ٻوساتجي ٿو ۽ انهن سان ڪڏهن به نه ملڻ جو ڏک اندر کي چيري اڌ ٿو ڪري. مان جڏهن به پنهنجي اولاد سان ڪچهري ڪندي آهيان ته الائي ڪيئن ۽ ڪيڏيءَ مهل ڳالهيون ڪندي ڪندي پنهنجي گذريل زندگي ۾ هلي ويندي آهيان ۽ پوءِ خبر ڪونه پوندي اٿم ته اکين مان آب جاري ٿي ويندو آهي.

منهنجو ننڍپڻ ايستائين خوبصورت ۽ بهترين گذريو جيستائين منهنجو بابا سائين مون سان گڏ رهيو. ان جي جهان ڇڏي وڃڻ کان پوءِ منهنجو ننڍپڻ به مون کي ڇڏي ويو نه اهي ارڏايون رهيون ۽ نه اهو ضد ۽ لاڏ جيڪو بابا سائين جي موجودگي ۾ هو. هر ٻار پيءُ جي موجودگيءَ ۾ پاڻ کي الائي ڇا سمجهندو آهي اهو وڇوڙي جو درد ان ٻار کان پڇو جنهن کي پيءُ اڪيلو ڪري ويندو آهي ۽ اهو ٻار وائڙن وانگر هر هڪ مان پيءُ جهڙي پيار جي اميد رکندو آهي.

مون کي ياد آهي ته بابا امڙ کي جهليو هو ته منهنجي ڌيءَ جا ڪن نه ٽوپائجانءِ ڇو جو ٻاهر هن کي ڇوڪرو ٿا سمجهن. مان به ته سانورو ٿلهو ٻواءِ ڪٽ وار هوبهو جهڙو ڇوڪرو لڳندي هئس ۽ مٿان وري جو پنهنجي وڏي ڀاءُ ادا انور جا ننڍا سوٽ بشرٽ پايان ته ٻاهر ڪير سڃاڻي ئي نه ته ڪو ڇوڪري آهيان. بابا به هميشه پٽن وانگر رکيو. پاڻ سان گڏ بائيڪ تي اسڪول وٺي وڃڻ. شام جو بازار وٺي وڃڻ ۽ رات جو ڪا سٺي فلم سينيما تي لڳي ته بابا جي سامهون ادا جا ننڍا ڪپڙا پائي اچي ويهان.

شام جو بابا سائين جي ڪٽ آڳر ۾ پوندي هئي ۽ اسان سڀني ٻارن کي سڏ ڪري چوندو هو ته ڪانه ڪا راند ڪيڏو بابا ڏاڍو زنده دل ۽ خوش مزاج هوندو هو. هن کي ٻارن جو لڙ ۽ گوڙ ڏاڍو وڻندو هو. ۽ امان کي وري بابا جي ابتڙ ٻارن جون مشڪريون صفا نه وڻنديون هيون. بابا کي چوندي هئي ته تون به ٻارن سان ٻار ۽ بابا کلندو هو ۽ امان کي موٽ ۾ چوندو هو ته باقي ڪير اٿن جنهن سان مشڪريون ڪندا. واقعي، بابا توهان سچ چيو هو. توهان کان پوءِ ڪير به ڪونه هو ۽ اسان به مشڪريون بند ڪري ڇڏيون. اسان جا پاڻ ۾ ڪل ٽي گهر هوندا هئا هڪ منهنجي نانا جو ۽ ٻيو اسان جي ماٽن جو ۽ ٽيون اسان جو پر خبر ڪونه هوندي هئي ته اسان جو ڪهڙو گهر آهي. لڳندو هو ته ٽئي گهر اسان جا آهن ڇو جو اسان جا وڏا به پاڻ ۾ هر وقت گڏ ويٺا هوندا هئا ۽ اسان ٻار به گڏ هوندا هئاسين. مون کي ياد آهي ته جڏهن بابا خرچي ڏيندو هو ته سڀني ٻارن کي ڏيندو هو سڀ ٻار يعني هڪ منهنجي ماما جو پٽ ٻه ٻار اسان جي ماٽن جا ۽ ٻيا اسان ڀائر ۽ ڀينرون. جڏهن شام ٿيندي هئي ته اسان جو نانا جنهن کي اسان سڀ ٻار

ميڙيم ابا تان جو خبر پئي تہ پڪي پتر اچي ٽپڻ تي تڪاءَ ڪيو سڀ ٻير جهولي مان اڇلائي اچي رڙيون ۽ رانيات ڪيا. ادا انور چئي پيڻ ماٺ ڪر ڪجهہ بہ ڪونہ ٿيو اٿئي. اتي پرسان نانا جو ملازم ڪتر پيو هٽي ان کي ادا انور چيو تہ چاچا قاسم ڏس ڪجهہ بہ ڪونہ ٿيو اٿس نہ. ان ڏسي چيس تہ نہ سائين رت ٿو وهيس مٿي مان اهو ٻڌڻ. ان کان بہ زور سان رڙيون ڪيم. اڃان تائين اهو نشان آهي مٿي ۾. هينئر جڏهن لکڻ ويٺي آهيان تہ هر ڪنڊ کان کانہ ڪا ياد اچي بيٺي آهي پر کهڙيون لکي کهڙيون لکان جڏهن ٻارن کي ٻڌائيندي آهيان تہ لڳندو تہ هينئر جي ڪا ڳالهہ آ.

اهي سڀ منظر اهي شامون اهي راتيون ۽ وڇڙي ويل اهي پرين پيارا جن جو اسان ۾ ساهہ هوندو هو. انهن جو اسان کانسواءِ ڪير ڪونہ هو ۽ اسان جو انهن کان سواءِ ڪير نہ هو. انهن جا اهي محبتن جا ڏڙڪا اهي ڪيسن ۾ شيون اهي پيار پريون سمجهاڻيون جيڪي هو آکاڻين جي صورت ۾ اسان کي ٻڌائيندا هئا جڏهن سمجهہ ۾ اچڻ لڳيون تہ هو جلدي جلدي هڪ هڪ ٿي اسان کان پري ڏور هميشہ هميشہ لاءِ موڪلائيندا ويا ۽ ڇڏي ويا.

خوبصورت يادون ۽ اڻ مٽ پيار جن کي ساري نيڻ پرجي ٿا اچن. مون کي بابا سان شطرنج کيڏندي ڏاڍو مزو ايندو هو. شطرنج راند بابا جي پسند واري راند هوندي هئي ۽ چوندو هو تہ بابا بادشاهن جي راند آهي خاموش ۽ عقل واري راند آهي. بابا مون کي سيکاري ۽ جڏهن مان سکي ويس تہ بابا کي ٿي گهوڙن انن ۽ هاٿين جي چالن ۾ ڦاسائي راند کٽي ويندي هئس ۽ بابا کلي چوندو هو تہ استاد کان شاگرد هوشيار ٿي ويندو آهي. بابا چوندو هو تہ تنهنجو دماغ تيز ۽ سٺو آهي توکي مان ڊاڪٽر ڪندس. پر تون پڙهائي تي صفا توجهہ ڪونہ ٿي ڏين. منهنجو خواب آهي. تون ڊاڪٽر ٿي.

افسوس بابا! توهان ٻاڻ ئي مون کي اڌ ۾ ڇڏي هليا ويا. مان جڏهن نائون ڪلاس پاس ڪيو تہ توهان بہ ٻنان ٻڌائڻ ۽ موڪلائڻ جي فجر ويل هليا ويا! مون کي پنهنجو خواب پورو ڪرڻ جو موقعو بہ نہ ڏنو. پر بابا مان توهان جو خواب پورو ڪيو ۽ توهان جي ڏوهٽي ڪشمالا قاضي کي ڊاڪٽر ڪري توهان جي خواهش پوري ڪئي آهي. بابا جي ان ٿوري وقت جي پيار ۽ لاڏ ڪوڏ مون کي ايڏو تہ ضدي بڻايو جو پلي تڪليف اچي پر مجال جو اهو ضد ڇڏيان. ٻاڻ کي ڇوڪري تہ سمجهان ئي ڪونہ جو ڏجان. لڙائي جهڳڙو هر ڪنهن سان گهر ۾ بابا ۽ امان کانسواءِ ڪير تہ نہ ڪري مون کي ليڊر ٿيڻ جو شوق هوندو هو. ڪاٽي ۾ رئو ٻڌي ناني جي اوطاق ٻاهران ٻاڙي جي ڇوڪرين کي گڏ ڪري "جيئي ڀٽو جيئي" جا نعرا هڻندي هئس. خبر بہ ڪونہ هئي تہ ڀٽو صاحب آهي ڪير؟ تڏهن ضياءَ جو دور هوندو هو. منهنجو نانو اوطاق ۾ شام جو ويهندو هو جڏهن منهنجو آواز ٻڌندو هو تہ اتان ئي هڪل ڪندو هو تہ ماٺ ڪر ضياءَ جا ماڻهو ٻڌي ويندئي. پر مان بہ پنهنجي پر ۾ ليڊر هئس سو ڪنهن کان ڇو ڊڄان. ڀٽو صاحب آهي ڪير. اها بہ خبر ڪونہ صرف ايتري خبر هئم تہ بابا سائين ڀٽو صاحب جون ڳالهيون ڪري ڏڪارو ٿيندو هو ۽ اکيون پرجي ايندريون هئس. سمجهندي هئس تہ هو شايد بابا جو ڪو عزيز يا مائٽ ضرور آهي، جنهن سان ظلم ٿيو آهي ۽ اسان اهي نعرا هڻي ان ظالم کي ٻڌايون ٿا تہ تو غلط ڪيو آهي. مان اهو

ڏينهن ياد ڪري ڪلي تي ڏيان جو منهنجي اسڪول جي استاد جنهن کي اسان دادي چوندا هئاسين جنهن بابا سائين کي نياپو ڪرايو تہ ضروري ڪم آهي توهان اسڪول اچو. بابا سائين جو اسڪول بہ اسان جي اسڪول سان گڏ هوندو هو. بابا سائين انگلش ۽ سائنس جا ٽيچر هئا. بابا نياپي تي تڪڙو آيو ۽ دادي چيس تہ ادا توهان جي لاءِ لک عزتون. پر مان ان لاءِ توهان کي گهرايو آهي تہ مان سرڪاري ملازم آهيان ۽ توهان بہ. توهان کي خبر آهي تہ ڪهڙو دور آهي جيڪڏهن ڪنهن کي خبر پوي تہ هن اسڪول ۾ سياسي سرگرميون ٿين ٿيون تہ منهنجي نوڪري بہ چٽ ٿي ويندي ۽ توهان جي بہ. رسيس ۾ توهان جي ڌيءَ لڪڻ ۾ رئو ٻڌي اسڪول جون ڇوڪريون گڏ ڪري "ڪير جيئي پٽو جيئي، سدا جيئي" جا نعرا ٿي هڻي. پڙهڻ جو صفا شوق ڪونهيس باقي ليڊر ٿيندي سو منهنجي اسڪول مان وٺي وڃينس. هاڻي ان وقت مان پنجين يا ڇهين ڪلاس ۾ هئس. 1983ع يا 84 جو دور هو. هر شريف ماڻهو ڏڄندو هو. مون کي اڄ تائين سمجهہ ۾ نہ آيو آهي تہ ضياءَ کي پٽي مان ڊپ هو يا پٽي صاحب جهڙي هر ان بهادر ۽ ارڏي ماڻهو مان تہ ڪٿي اهو بہ بيورو پ تہ نہ وٺي آيو آهي. پٽي صاحب جو. خير مان انهن ڳالهين کان بي پرواهہ پنهنجي ضد ۽ نهٽ کي بابا جي طرفان پنهنجي طرفداري ٿي سمجهان. بابا جي موجودگيءَ ۾ ڪنهن کان بہ ڊپ ڪونہ لڳندو هو.

هاڻي آهستي آهستي سڀ ڳالهيون ياد اچن پيون. مون کي مکڻ ڏاڍو وڻندو هو ايترو جو مجبور ٿي مکڻ واري ماسي 'نبوءَ ماءُ' سان مون کي تيٽ ڪرڻي پئجي وئي. صبح جو سوير مکڻ وٺي امان کان گرم اوفراتو پچرائي ان تي وجهي. ڪائي ملهہ تي اسڪول هلي وڃان. مکڻ بہ اهڙو وٺي جو وڃي ٿيا خير. هفتو پورو ٿيو تہ مکڻ واري پئسا گهري. هاڻي صبح جي خرچي اسڪول ۾ ختم شام جي خرچي شام جي شيءِ ۾ ختم. هاڻي مکڻ واريءَ کي پئسا ڪٿان ڏيان. مکڻ جو ڏک وارائي ويو تہ جيڪڏهن پئسا نہ ڏنم تہ مکڻ بند. هاڻي ياد آيم تہ بابا جيڪي سڪا منهنجي ننڍي ڀاءِ الطاف جي سنت تي چٽڻ لاءِ گڏ ڪري رکندو ٿو وڃي اهي سڪا منهنجي وڏي ڀيڻ آپا وٽ رکندو هو. اهي پئسا ناسي ڪلر جي رومال ۾ ٻڌندي رکندي ويندي هئي. هاڻي ان ۾ ايترا تہ سڪا گڏ ٿي ويا جو ويچارو رومال ٽپ ٿي ويو. هاڻي مکڻ واري بہ اچي باهہ ٻاري تہ پئسا ڏي نہ تہ مکڻ بند. اهو ڏک تہ مکڻ ڪانسواءِ گذارو ڪيئن ڪبو. بس پوءِ ناسي رومال ياد آيو ۽ وڃي ان جو پاسو ورتم ايترا پئسا جو مکڻ جي تيٽ ڊبل ڪري ورتم. ماسي نبو ماءُ خوش تہ نوان چمڪدار سڪا روز ٽا ملن سو سڏي پئي مکڻ ڏئي. هڪ ڏينهن مون کي ٿي دير سو ماسي سمجهيو تہ الائي تيٽ ٽٽي ڪيئين الائي ڇا. ههڙو پڪو گراهڪ ڪٿان هٿ ايندو. سو بسم الله ڪري پاڻ ئي مکڻ کڻي آئي اچي امڙ کي ڏنائين. امڙ جيڪا صبح جي نيرن تيار پئي ڪري تنهن پڇيس تہ ماسي مکڻ ڪنهن جو آهي تنهن ٿي چيائينس تہ امان گڏل جو آهي. مون کي امڙ ۽ بابا پيار مان گڏي چوندا هئا ۽ گهٽي ترب مان گڏي مان گڏل ڪري چڙيندا هئا. سو ماسي مکڻ واري بہ منهنجا ترا ڪيڏي چڙيا. بس بابا کي امڙ ڪيو زور سان سڏ. مان بہ تڪڙي وڃي جو ڏسان ماسي نبوءَ ماءُ بيٺي هجي ۽ بجاءِ جو ڊڃان چنبڙي وئي مانس تہ ماسي توکي بہ وڏي تڪڙ آهي اچان ڪونہ هان. ابتري ۾ امڙ چيو تہ هيڏي مون ڏي نهار پهرين مون سان ڳالهاءِ. اهو ڪو سچو ڏينهن ئي منهنجو خراب گذرڻو هو. سمورو

گلبدن جاويد مرزا



# اسان جي ياد تي اُڪريل انوکا ڪي فسانا هن

جڏهن سمجهه پري ٿيس تہ پاڻ کي پينرن سؤٽين جي هنجن سؤٽن ۽ پائرن جي ڪلهن تي ڏٺم. منهنجو وڏو پاءُ ڪئپٽن ڊاڪٽر اشرف مون کي ٻڌائيندو آهي تہ "اسان ٻاهر اوطاق تي ويٺا هئاسين تہ ڪنهن ٻار اچي ٻڌايو تہ توهان کي ڀيڻ ڄائي آهي. مان جڏهن گهر آيس تہ "مُهرڪيءَ" ۾ تون سنتل هئينءَ ۽ توکي آڌي مکي سرمو پارائي سمهاريو هئائون. پر جيئن مون توکي ڏٺو تہ "تون ايتري معصوم ڏسڻ ۾ آئينءَ جو مون ان وقت ئي سوچيو تہ هن ڀيڻ جا سڀ لاڏ ڪنندس. پوءِ مون سيني گهرياتين کي ٻڌايو تہ هيءَ ننڍڙي گهڻي معصوم آهي.

ايئن مان ڄمڻ سان ئي گهرياتين جي دلين تي راڄ ڪرڻ لڳس. چار سؤٽيون بہ سؤٽ، ٿي پائر ۽ بہ پينرون چاچو چاچي (امان احسان) امان ڪزبانو بابا، پڦي، ڏاڏو ۽ ناناڻو سڄو ڪٽنب منهنجا انگل ڪندو هو. مون کي ياد ٿو اچي تہ اڪثر سؤٽ حور جي ڪڇ تي چڙهي ٻاهر ويندي هيس. اڃان ٻن سالن جي مس ٿيس تہ منهنجو ڀاءُ نظام الدين دودو ڄائو تہ امان ۽ بابا ان ۾ مصروف ٿي ويا ۽ رات جو مان امان احسان سان سمهندي هيس.

منهنجو ڏاڏاڻو خاندان ۽ ناناڻو خاندان هڪ انوکي طريقي جا انسان رهيا آهن. منهنجو پڙڏاڏو ڏاڏو امام بخش ۽ ڏاڏو محمد اسماعيل، بابو شهيد احمد خان مصراڻي ۽ چاچو عبدالله خان مصراڻي، ڪاڇي توڙي پنهنجي ڳوٺ ۾ تمام گهڻين زمينن جا مالڪ هئا. مال متاع وارا سخي انسان هئڻ سان گڏ طب، علم و ادب ۽ روحاني علم رکندڙ هئا. پر سادا ۽ سباجها انسان هئا.

46_1942ع وارين ڀوڏن ۾ منهنجو ڏاڏو محمد اسماعيل مصراڻي مانيءَ جو ٿهو پچرائي مڪڻ ۽ لسي ڪٽي وڃي جوهي شاخ جي بند تي ويهندو هو اتان جيڪي بہ ڀوڏ ستايل مسافر لنگهندا هئا انهن کي ماني کارائيندو هو. ڏاڏي جي اوطاق بہ سدائين آباد رهي. منهنجي ڏاڏي حوا ۽ امان احسان بہ مسافرن لاءِ خوشيءَ سان ماني تيار ڪنديون هيون.

ٻئي پاسي منهنجو ناناڻو خاندان منهنجو نانو محمد حسين پوليس آفيسر ٻيو نانو عبدالرؤف ماستر ۽ ٽيون نانو محمد بخش شهبازاڻي ڊپٽي ڪليڪٽر هئا ۽ سندن سؤٽ نانو غازي زمينون سنڀاليندو هو. منهنجا ناناڻا ۽ ڏاڏاڻا پاڻ ۾ سؤٽي سؤٽ هئا. خبر ناهي ڇو هڪڙا مصراڻي ۽ ٻيا شهبازاڻي سڏائيندا هئا.

منهنجو نانو محمد حسين ڪنهن خاتون جي عشق ۾ پوليس جي نوڪري ڇڏي عالم بڻجي ويو. نانو ننڍ ۾ اڪثر سُريلي آواز ۾ قرآن شريف جو دور ڪندو هو. گهڻو ڪري پنهنجي ننڍي پاءُ محمد بخش شهبازاڻي جنهن کي نانو خان چوندا هئاسين ان وٽ حيدرآباد ۾ اچي رهندو هو.

ناني کي ٽي ٻار ٿيا، وڏي منهنجي ماسي شهربانو ٻيو نمبر منهنجي ماءُ ڪزبانو ۽ ٽيون نمبر مامو صديق. منهنجي ماءُ بابا ڪان عمر ۾ ننڍي هئي.پر بابا ساڻس شوق مان شادي ڪئي هئي ڇو تہ امان ڪزبانو تمام خوبصورت ۽ سلڇڻي هئي. ساهرن ۽ پيڪن سان گهڻو پيار ۽ سندن احترام ڪندي هئي. امان ۽ بابا جي سنڀاين سبب اسان

ٻارن کي ٻنهي ڪٽنبن ۾ تحفظ ۽ توجهه مليو. منهنجين وڏين ڀنهي ڀينرن سبحان ۽ گلبانو کي ناناڻن پاليو. ٻن وڏن ڀائرن اشرف ۽ شريف ۽ مان، امان احسان ۽ سؤٽن ۽ سؤٽن سان هوندا هئاسين. باقي هڪ ننڍڙو ڀاءُ دودو امان ڪزبانو ۽ بابا سائين جي ٻلي هوندو هو. جيئن ته بابا سيني کي سنڀاليندو هو انڪري ٻنهي گهراڻن جي ڪوشش هوندي هئي ته پنهنجي لکڻ پڙهڻ سان گڏ هو گهڻو وقت پنهنجي زال سان گذاري ڪزبانو ۽ احمد خان آصف (امان بابا) جي جوڙي محبت ۽ ذهني هم آهنگي ڪان مشهور هئي. هر ڪو سندن مثال پيو ڏيندو هو ته واه جو ڀاڻ ۾ قرب اٿن!

بابا ان وقت هڪ ڪامياب استاد عالم فاضل قادر الڪلام شاعر ۽ پنهنجي دور تي ڇانيل شخصيت بڻجي چڪو هو.

اهو 1968ع جو زمانو هو جڏهن امڙ ڪزبانو ٻارڙي کي جنم ڏيڻ دوران وفات ڪري وئي. امان ڪزبانو جي موت وڻن مان واڪا ڪيو ڇڏيا. سڄو ماحول سوڳوار ٿي ويو. ٻچا يتيم، پيڪا ساهرا درد جي پهاڙ هيٺ دٻجي ويا. ان وقت مان ڇئن سالن جي هيس، مون کي ياد آهي ته مان امان احسان جي ڪڇ تي هيس ۽ امان ڪزبانو جي لاش کي چميون ڏئي رهي هيس. ان عمر ۾ به مون کي موت جي المناڪ منظر جي ڇڏيل درديلي اثر جو گهرو احساس هو.

امان جي ٻنهي ڪٽنبن ڪيترن سالن تائين سوڳ رکي. اسان ٻار ته وري به سيني سان هري مري وياسين. پر بابا گهڻو وياڪل ٿي ويو هو.

منهنجي ناني ۽ ڏاڏي بابا جي ٻي شادي ڪرائڻ گهري، پر ٻاڻ صاف صاف انڪار ڪري ڇڏيائين ته مان فقط ڪزبانو جو آهيان ۽ مرڻ دم تائين پنهنجي انهيءَ ڳالهه تي دائم ۽ قائم رهيو. ٻاڻ ڪو به نئون رشتو نه پيو ڳنڍڻ چاهيائين جيڪو سندس ٻارن جي وچ ۾ ديوار بڻجي. پٽن ۽ ڀاٽين کي هڪجهڙو پيار ڏنو سندن لاءِ ڪوئيٽا ۽ سعودي عرب مان ڪپڙا ۽ ٻيو سامان گهرائيندو هو. نهرن ۽ ڏيئرن سان به محبت ۽ شفقت سان هلندو هو سندن ضرورتن جو هميشه خيال ڪيو.

بابا جو فلسفو يا نظريو انسانيت ۽ انسان هو. ٻاڻ چوندو هو انسان کي انسان سمجهي ان سان وهنوار رکو نه ڪي فرشتو ۽ ديوتا سمجهي.

هن پنهنجي شهرت ۽ ڏاهپ جو فائدو وٺندي پنهنجي تر ۾ ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين جا تمام گهڻا اسڪول کولرايا اتي جي تمام مسڪين خاندانن جي نياڻين کي تعليم ڏني ۽ نوڪريون وٺي ڏنيون. اسان جي تر ۾ جيڪي ڇوڪرا فائنل يا مئٽرڪ پاس ڪندا هئا ته انهن لاءِ نانو محمد بخش شهبازاڻي تپيداريءَ جا آرڊر موڪليندو هو. بابا سائين جي تعليم جي لاءِ ڪيل ڪوششن اهڙو رنگ لاتو جو اڄ به اسان وٽ ڇوڪريون ڇوڪرا برابر جي بنياد تي تعليم حاصل ڪري سهڻيون زندگيون گذاري رهيا آهن.

جيئن ته ڳوٺ ۾ گهڻي ۽ سرسبز زمين صرف اسان جي هئي ان ۾ ڪڻڪ، چانور، چانيو سرنهن، مٽر، ڇڻن جي فصل سان گڏ پيهڻ ۽ واڙيءَ به آباد هوندي هئي. انڪري پر وارن ڳوٺن ۽ خاص ڪري مني ڳوٺ جون عورتون ساڳ پلي روز پنڻ ايندڀون هيون ۽ واڙيءَ مان جيڪا به شي ڪپندي هين پٽي ويندڀون هيون. انهن کي بلڪل ائين اختيار هو جڻ انهن جي پنهنجي ٻني هجي!

بابا سائين جن چاهيندا هئا ته تر سڄو خوشحال هجي. سياري جي مند ۾ جابلو علائقن مان بروهي قبيلي جا خاندان اسان جي ڳوٺ جي مٿان ڇڏيل بابي ۽ مامي الله رکئي ناريجي جي زمين تي اچي پڪا اڏيندا هئا. انهن

جي ماين ۽ ڇوڪرين جو اسان جي گهر اچڻ وڃڻ هوندو هو. هر سال ڪانئن تڏا، توريون، ڇليون، ڇپا ۽ ٽپڙيون وڏي تعداد ۾ ٺهرايون ويندريون هيون جن جو ڪين بروقت اُجورو ڏنو ويندو هو.

اهي منجهند جي ماني اڪثر اسان جي گهر اچي ڪائيندريون هيون، جو سياري جي ڏينهن ۾ گهڻا ماڻهون منجهند جي ماني جو خفو ڪونہ ڪندا آهن. پر اسان وٽ باقاعدي مانجهاندو ٿيندو هو. هڪ بروهي ڪٽنب جون چار نياڻيون اسان جي تر جي مختلف ڪٽنبن ۾ پرڻجي آيون. اسان جي ڳوٺ ۾ جيڪي بہ پرديسياڻيون پرڻجي ايندريون هيون انهن جو پيڪاڻو گهر اسان جو گهر هوندو هو. انهن ڏي عيد براد ۽ سوکڙي پاکڙي ضرور موڪلي ويندي هئي. ڏاڏي سائينءَ کي يتيمن پالڻ جو لقب مليل هو ۽ چاچي ۽ بابي بہ اهوئي هلت هليو.

جڏهن ماسي شهناز بروهڻ ۽ ماسي رئيسہ جيڪي پاڻ ۾ ڏيرياڻيون هيون انهن کي سندن مڙسن جي سؤٽ قتل ڪيو. اتي ڪجهہ ماڻهن جو خيال هو تہ انهن کي ڪاريون قرار ڏئي قاتل کي بچايو وڃي. پر ڳوٺ جي مردن وڏي جرئت سان قاتل کي سزا ڏياري جيڪا پوري تر لاءِ مثال هئي.

انهيءَ ٻٽي قتل کان پوءِ بابي پنهنجي اوطاق کي نوجوانن جي تعليم ۽ تربيت جو مرڪز بڻايو. سندس سوين شاگردن هن تر کي امن و سڪون ۽ خوشحال بڻائڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي.

عورت کي انسان ۽ فرد جي حيثيت ڏيارڻ ۾ انهن نوجوانن وڏو ڪردار ادا ڪيو. اسان جي تر ۾ عورت ۽ پار تي هٿ کڻڻ وڏو گناهہ تصور ڪيو ويندو آهي. سڱاوتي ۽ ٻين گهر جي فيصلن ۾ عورت کي گهڻي اهميت ڏني ويندي آهي.

پوڙهن سان شادي ڪرڻ تي پڻ اسان وٽ وڏي مهم هلي تہ جيئن شادي ڪرائڻ وقت عمر ۽ جوڙ جو خيال رکيو وڃي. هر گهر ۾ هڪ بہ نوجوان پنهنجي ڀينرن جي حق ۾ بيهي رهيا تہ پوءِ ڪنهن جي همت ٿيندي جو ڪير نوجوان ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ جي سڌ ڪري

اُتي ڪجهہ شر پسند ماڻهن خونريزي ڪرائڻ پئي چاهي. هڪ ڪٽنب جو نوجوان مارجي ويو. اُن نوجوان جي نندي ڀاءُ ان سازشي ڪردار کي ماري لاش جوهي برانچ ۾ لوڙهي ڇڏيو.

بابا سائين تمام خبرداريءَ سان انهن خونريزي جي منصوبن کي روڪيو. جيڪي نوجوان پڙهيل نہ هئا انهن کي سعودي عرب ۽ دبئي موڪلڻ جي صلاح ڏنائين ۽ اسان جي تر جا سرائڪي ڳالهائيندڙ سوين ڪٽنب جده سعودي عرب ۽ دبئي ۾ آباد آهن ۽ سنڌ ۾ وڏيون ملڪيتون ناهيون اٿن. جدي ۾ تہ بابا جا شاگرد باقاعدي ادبي ويهڪون ۽ مشاعرا ڪندا هئا، جن جي غائبانہ صدارت مصراڻي صاحب ڪندا هئا.

انهن جي لکڻين جي اصلاح خط و ڪتابت ذريعي ڪئي ويندي هئي. شاعريءَ جي طرح بہ مصراڻي صاحب موڪليندا هئا. ان طرح تي شعر لکبا هئا. وري پوسٽ ۾ پيا ايندا ويندا هئا.

هڪ هاڪاري عالم ۽ نيڪ سيرت انسان جي ڌيءَ جي حيثيت ۾ نندي کان ئي گهڻو ڪجهہ حاصل ڪيو. منهنجو هڪ ڀرپور ننڍپڻ گذريو آهي جيڪو منهنجي آتم ڪٿا "اسان جي ياد تي اُڪرل انوکا ڪي فسانا هن" ۾ ڀرپور اظهاريل آهي. هاڻي ذڪر آهي ان دور جو جڏهن منهنجي عمر 24 سال هئي ان عمر ۾ هر ڇوڪري پنهنجي زندگي جا سندر خواب ڏسندي آهي پنهنجو ڏاج ٺاهيندي آهي ۽ گهوٽ چونڊڻ جا سپنا

Magazine 'Sartyoon' - Redg. No: NS-19

